

پاڻ پَسيو پرڏيهه

(مصر جو سفر نامو)

صفيه انصاري

پيڪاڪ

پاڻ پَسيو پرڏيهه
(مصر جو سفر نامو)
صفيه انصاري

205

پيڪاڪ

21/06

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پاڻ پَسيو پرڏيهه

(مصر جو سفر نامو)

صفير انصاري

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

كتاب نمبر 205

كتاب جا حق ۽ واسطا اداري ۽ ليکڪا وٽ محفوظ آهن. پبلشر ۽ ليکڪا جي اجازت کان سواءِ ڪتاب جو ڪوبہ حصو ڪاپي يا شايع نہ ٿو ڪري سگھجي.

ڪتاب: پاڻ پسيو پرڏيھ (مصر جو سفرنامو)
ليکڪا: صفيہ انصاري
ڇاپو پھريون: جون 2021ع
تعداد: 1000 ڪاپيون
لي آئوٽ: اقبال ابڑو
ٽائيٽل: انعم جوٽيجو
قيمت: 800 رُپيا
ڇپيندڙ: ايڇ اينڊ آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ
ڇاپائيندڙ: پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي سنڌ
peacockpublishers@gmail.com

Book: **Pann Pasiyo Perdeh** (Travelogue of Egypt)
Writer : **Safia Ansari**
1st Edition: June 2021
Quantity: 1000 copies
Layout: Iqbal Abro
Title Design: Anum Junejo [anumjunejoo@gmail.com]
Printed by: H&R Printers, Karachi-Sindh
Published by: **Peacock Publishers, Karachi-Sindh**
Price: **Rs. 800**

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

پيڪاڪ ڪتاب گھر

ڪراچي: 404 رفيق سينٽر، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي- سنڌ
قمر آفتاب 0300-2152634، peacockbookhouse@gmail.com
حيدرآباد: دڪان نمبر 07 ويجھو ڪلو پکوڑائي، عبرت پريس واري گھٽي، حيدر چوڪ، رابطي لاءِ: دلشاد گوپانگ فون: 0304-3018400
لاڙڪاڻو: پرڳڙي پلازہ جي سامھون، جرنل پوسٹ آفيس روڊ لاڙڪاڻو، رابطي لاءِ: ڪامران شيخ فون: 0315-3578801
خيرپور: تھذيب نيوز ايجنسي پنج گلہ چونڪ، خيرپور ميرس، رابطي لاءِ: عمران عباس، فون: 0308-3475569

ارپنا

پنهنجي اباڻي ڳوٺ پاڻ شريف ضلعي دادو جي سيني عالمن،
اديبن، پيرن، بزرگن، فقيرن، تعليم يافته شخصيتن، محققن جي نالي
جن جي ڪري هي ڳوٺ تعليمي ميدان ۾ شهرت پاتي ۽ مون
پنهنجو ننڍپڻ اتي ۽ ان تعليمي ماحول ۾ گذاريو ۽ ان سان گڏ
خاص طور تي منهنجي پٽي سردار بيگم انصاري ۽ المعروف نائي برادي، ماءُ (خاوند ڏني)
جيڪا قانون دان **عبدالرسول قاضي** جي ماءُ هئي، جنهن ڳوٺ
جي چوڪرن ۽ چوڪرين کي قرآن پاڪ جي تعليم ڏني، پنهنجي
مامي **پروفيسر اڪرم انصاري**، ڳوٺ جي پهرين عورت جيڪا
ڈاڪٽر ٿي (55-1954ع) **ڈاڪٽر شمشاد مجتبيٰ جوٽيجو** ۽
پهرين سنڌي PhD ڈاڪٽر **سنجيده مقبول مغل** جنهن لنڊن مان
PhD جي ڊگري (1972ع) ۾ حاصل ڪئي.

- صفيہ انصاري

مصر تي هڪ نظر

1.	نالو:	جمهورية مصر العربيه
2.	سربراه رياست:	صدر Head of State
3.	گادي وارو هنڌ:	قاهره Head of Govt
4.	زبان:	عربي
5.	سرڪاري مذهب:	اسلام
6.	ٽوڙل ايراضي:	1,010,408 SQ KM اسڪائر ڪلوميٽر
7.	ڪنڊ:	آفريڪا
8.	آبادي:	98,423,595
9.	قومي پکي/جانور	عقاب (Steppe Eagle)
10.	قومي راند:	فٽ بال
11.	قومي گل:	ڪنول
12.	قومي ڏينهن:	23 جولاءِ
13.	سڪو:	مصري پائونڊ

فهرست

- اداري پاران — ڈاڪٽر آفتاب ابڙو — 9
- هڪ خوبصورت سفر نامو — الطاف شيخ — 14
- Foreword — Manzoor Hussain Kureshi — 21
- پنهنجي پاران — صفيہ انصاري — 24

01 مصر روانگي — 26
02 حضرت يوسف عليه السلام جو قصو — 30
03 قطر ايئرپورٽ — 37
04 مصر — 39
05 فاتح مصر عمر و بن العاص رضہ جو قصو — 41
06 قاهره مصر جو نگينو — 46
07 نيل ندي — 49
08 مصري ميوزيم/ مصر عجائب گهر — 54
- هال، مجسما — 55
- تختيون، تصويرون — 60
- تعويذ — 61
- هي منزل، زيور — 62
- تاج، ٽانو،فرعونن جا لاش — 63
- آثار مقبره توت عنخ آمون — 65

09 اهرام مصر ڏي روانگي — 67
- اهرام چوٽاهيا ويا؟ — 70
- خوفو جو اهرم — 74
- خفري جو اهرام — 79
- منقرع — 80
- داستان قلوپطره ۽ هرمقس — 80

10 ابوالهول — 93
11 گزاجي حسين بازار — 98
12 سائونڊ ۽ لائيٽ شو — 101
13 اسڪندريہ روانگي — 108
- اسڪندريہ جو آباد ٿيڻ — 109
- موٽروي — 111
- حسينہ عالم قلوپطره — 113
- سلطان اشرف قيطي جو قلعو — 117
- اسڪندريہ لائٽ هائوس — 121
- اسڪندريہ لائبريري — 123
- قديم اسڪندريہ — 131
- قصر المنتزه Mantaza Place — 133
- هيلن فلسطين هوٽل — 135
- سالمڪ هوٽل — 136
- مختلف عمارتون — 137
- اسڪندريہ جو ماضي ۽ حال — 140

14 قاهره واپسي — 145
- امام حسين ؓجي مسجد ۽ مقبرو — 146
- قصر عابدين — 148

- مسجد السيدة زينب 150
- قلعو سلطان صلاح الدين ايوبي 152
- ال گوهره پيليس ميوزيم
- ملٹري ميوزيم 157
- قصر الجوهرة 156
- تاريخ پوليس ميوزيم 159
- كيريج ميوزيم 156
- پوليس ميوزيم 161
- الازهرا باغ 163
- جامع الرفائي 174
- سلطان حسن مسجد 170
- ابن طولون 175
- قديم قاهره 178
- قاسي چرچ/معلق چرچ/ الكنيسة المحاقةThe Hanging Church 179
- بن عزرا عبادات خانہ Ben Ezra synagogue 181
- قبطي ميوزيم 186
- پٹر ہ پورٹريٹ (تصويرون) وارو حصو 187
- بار بارا چرچ Saint Barbara Church 190
- جامعہ الازهر 193
- دارالاوبرا المصرية 202
- درياهہ نيل جو سير 197
- خان الخيلي 203
- قاهر ٹاور/برج القاهرة 199
- تحرير چوک Tahrir Square 207

15 اسوان روانگي 209

- اسوان شهر 211
- نامكمل ٹنپ 224
- اسوان ڈيم 217
- اسوان بازار 225
- ايزيس جو مندر 218
- ابو سمبل جا مندر 229
- نيل ميوزيم اسوان 222

16 اسوان كان واپسي 241

17 كوم اومبو مندر 243

18 ادفو مندر 249

19 ديرالبحري مندر/ هت شي پشت 257

- وادي المالک/ بادشاهن جي وادي 264
- K-V-2 270
- KV-18 274
- KV-8 272
- مقبرو ملكہ نفرتري 275
- سيٹي اول 273
- توت عنخ آمون 277
- كرناک مندر لائيٹ ساؤنڈ شو 283
- معبد القصر Luxor Temple 290
- كرناک مندر سج جي روشنيءَ ۾ 284

20 شرم الشيخ روانگي 294

21 شرم الشيخ 296

- جنيٹ سٹي شاپنگ مال 299
- پراڻي بازار ءِ الصحابہ مسجد 314
- نامہ سمندر جو كنارو 300
- سوهو اسكائر/چوک 317
- كوهہ طور/ جبل طور 302
- الف ليلیٰ ماركيٹ 320
- الف ليلیٰ شو 305
- ميدان السلام 320
- رائل سي اسكوپ سنميراٹن 309
- هالي ووڈ 321
- بيدوين كيمپ 309
- شرم الشيخ كان واپسي 321

اداري پاران

سوانحي ادب سان گڏ، سنڌي ادب ۾ سفر نامو به ڪوڙ سارا چپجن پيا. سفر نامن جي سرموڙ ليکڪ سائين الطاف شيخ جا ويجهر ۾ اسان چار سفر نامو شايع ڪيا آهن. ان کان علاوه سائين عبدالحئي پليجي صاحب ۽ قاضي محمد سليمان صاحب جا به ٻه ٽي سفرنامو شايع ڪيا ائٽون.

هاڻي اسان مانواري پروفيسر صفيه انصاري جي 65 ملڪن تي مشتمل نرالي انداز ۾ لکيل سفر نامن جي هڪ سيريز شايع ڪري رهيا آهيون: "پاڻ پسيو پرڏيهه" ان جو پهريون ڪتاب تاريخي شهر "مصر" بابت آهي.

مصر جو ذڪر اچي ٿو ته چاڪ چڪي ٿا پون. اسان جي "سنڌو تهذيب" جي همعصر تهذيب- مصر! چا ته اتان جي ماڻهن مصر جي تاريخي آثارن خاص طور 'اهرامن' کي ترقي ونڀائي آهي، جو اڄ اتي سالياني ڏيڍ ڪروڙ سياح اچن ٿا. ان جي پيٽ ۾ موهن جي دڙي تي ڪي هزار ماڻهو مس اچن ٿا! انهن آثارن ڪري مصر جي ملڪي ناٿي (GDP) ۾ اضافي سان گڏ هزارين ماڻهو روزگار سان لڳل آهن. اهرامن لڳ ڪاڏن جي انتظام بابت انصاري صاحبه لکي ٿي ته "گيٽ کان جيئن ٻاهر نڪتاسين ته اتي ڪاڏي جي هر شيءِ موجود هئي. مصري ڪاڏن جا ريسٽورنٽ ۽ ٻيون انٽرنيشنل چينس مثلاً ڪي ايف سي، ميڪڊونلڊ، مسٽر برگر، پيزا هٽ وغيره. ان جي پيٽ ۾ اسان وٽ 'موهن جي دڙي'، 'پنيور'، 'مڪلي' وغيره تي سڪٽا پکوڙا ۽ چانهن به نٿي ملي. جيڪڏهن سنڌ حڪومت گهري ته چا نه ٿي ڪري سگهي! هزارين ماڻهن کي روزگار ملي سگهي ٿو. اسان جي قديم تهذيب ڏيهان ڏيهه مشهور ٿي سگهي ٿي.

وري جو اسان جي مانائتي پيٽ اتي وڃي آثارن جي باري ۾ تفصيل سان لکيو آهي، تنهن من موهي وڏو آهي. دل چئي ٿي ته پَر هجن ته اڏامي اهرامن تي لهجي ۽ ليکڪ پاران چٽيل نقش ڏسجن. اهرامن جي قدامت سان گڏ، اتي چا چا رکيل آهي. اهرامن جي پکيڙ، اوچائي بابت پڻ انگ اکر ڏنا ويا آهن. اهرامن سان لاڳاپيل جيڪي مصري، يوناني، عربي، يورپي، روايتون آهن، انهن کي به مختصر انداز ۾ لکيو آهي ته جيئن پڙهندڙ لاءِ سڀ راهون کليل هجن! اهرامن کانپوءِ ڪهڙي مقام تي وڃڻ گهرجي. ان جي به وضاحت ڪئي ائٽائين. ان کانپوءِ 'اسڪندريه' جو نهايت تفصيل سان ذڪر ڪيل آهي. اسڪندريه جو

آباد ٹيڻ- اسڪندريہ جي لائبريري- اسڪندريہ جو ماضي- حال.

- امام حسين عليہ السلام جي مسجد ۽ مقبرو- ان جي تاريخ ۽ موجوده حالت- قصر عابدين.
- مسجد بيبي زينب عليہ السلام

پروفيسر صفيہ انصاري صاحبہ، سياسيات (Pol. Science) جي رواجي معلمہ رهي آهي. پر سندس لکڻين مان لڳي ٿو تہ کيس تاريخ سان وڌيڪ دلچسپي رهي آهي، تاريخ جو ذڪر ڪندي، مصر جي قديم آثارن جا ڪيترائي اهم پهلو اجاگر ڪندي وئي آهي، مثلاً لکي ٿي تہ "هڪ روايت ٻڌڻ ۾ آئي تہ هفتي ۾ ڪن خاص ڏينهن تي بيبي زينب" جو روح عالم بالا (عرش) کان پنهنجي مزار جي طرف موٽي ايندو آهي. ان خاص ڏينهن کي 'حضره' چوندا آهن. انهن ڏينهن ۾ تمام گهٽي رش ٿيندي آهي. وڏي انگ ۾ زيارتي اچي حاضر ٿيندا آهن ۽ من جون مرادون پوريون ٿيڻ لاءِ روضي آڏو رئندا آهن، دعائون گهرندا آهن.

مصر جي قديم تاريخ ۾، اهرامن، فرعونن، ابوالهول، قلوپطره جي قصين کي مٿاهون مقام حاصل آهي. ڪوبہ سياح انهن جي تفصيل ٻڌڻ/ڏسڻ کان سواءِ مطمئن نہ ٿيندو. انهن جي ذڪر کانسواءِ مصر جي تاريخ نامڪمل آهي، سو ان ڏس ۾ پروفيسر انصاري صاحبہ وڏي جاکوڙ کان ڪم ورتو آهي. ذڪر ڪيل اسمن بابت نهايت تفصيل ۽ گهرائي سان انهن جو ذڪر ڪيو آهي. سندس انداز نرالو ۽ دلچسپ آهي، جو پڙهندي، بوريت نہ ٿي ٿئي ۽ دل پئي چئي تہ اهو قصو ختم ٿئي تہ اڳيون مقام ڏسان. جو هڪ قصو هلندي، ادي ڪمال انداز ۾ ايندڙ آثار جو ذڪر چيڙي ڇڏيندي آهي. لکت جو اهو اسلوب سندس ئي مرڪ آهي، ٻين جي وس جي ڳالهہ نہ آهي.

تاريخ ۾ سندس گهرائي جو اندازو لڳائڻ لاءِ ڪتاب مان ٻہ ٽي مثال پيش ڪجن ٿا:

"وچ ۾ فرعون رعميس ان جي پيءُ ۽ پٽن جا لاش هيا. اهو ئي رعميس هو، جنهن حضرت موسيٰ عليہ السلام سان ٽڪر کاڌو هو. ۽ نجومين جي پيشن گوئي جي ڪري بني اسرائيل جي چوڪرن کي قتل ڪرائڻ شروع ڪيو هو. جنهن جي محل ۾ حضرت موسيٰ پليو ۽ هيءُ ئي اهو بادشاهہ هو، جنهن جي ممي کي سينور لڳو هو. ان جي ڪري علاج جي لاءِ لاش کي فرانس موڪليو ويو هو. ۽ اهو دنيا جو پهريون مثال هو تہ لاش جو پاسپورٽ ٺهيو هو ۽ کيس فرانس ايئرپورٽ تي 21 توپن جي سلامي ڏني وئي هئي، ڇاڪاڻ تہ اهو بادشاهہ هو. اهو انهيءَ جو شان هو."

نيپولين جڏهن مصر ۾ هو تہ انهيءَ تخمينو لڳايو هو تہ، "جيڪڏهن

اهرامن جي پٽرن جي سرن کي هڪ ڦت جي حساب سان ڪَٽجي ٿو پوءِ اهي ننڍا بلاڪ پوري دنيا جي چوڌاري هڪ زنجير ناهڻ جي لاءِ ڪافي آهن."

"هڪ پروفيسر چيو آهي ته: "ياد رکو، اهرام خوفو جي اندر ايتري وسعت آهي جو ان ۾ روم، ميلان ۽ فلورينس جا تمام گرجا سمائجي سگهجن ٿا ۽ پوءِ به ايتري گنجائش باقي رهي ٿي جو نيويارڪ جي ايمپائراسٽيٽ بلڊنگ، ويسٽ منسٽر جي سينيٽ پال ڪيٿڊرل ۽ انگلش هائوس آف پارليامينٽ جون عمارتون به انهيءَ ۾ اچي سگهن ٿيون. ان اهرام ۾ استعمال ٿيل تعميراتي سامان حضرت عيسيٰ جي پيدائش کان وٺي اڄ ڏينهن تائين انگلينڊ ۾ تعمير ڪيو ويندڙ سڀني گرجا گهرن ۾ استعمال ڪيل تعميراتي سامان جي برابر آهي. سڄي دنيا جون تمام مشينون (Locomotives) به ان اهرام کي پنهنجي جڳهه تان چوري نه ٿيون سگهن چو ته اهو ناقابل يقين حد تائين ڳورو يعني ساڌا ڇهه (6) ملين ٽن وزني آهي."

"هڪ روايت اها به آهي سڀ کان پهريائين دنيا ۾ حضرت ادريس عليه السلام اهرامن جو بنياد رکيو. هيءَ واقعو ائين آهي ته جڏهن ادريس عليه السلام نبي مقرر ٿيو ته ان پنهنجي ساڻين سان گڏجي 100 شهرن جو بنياد رکيو. انهن کي آباد ڪيو ۽ سنواريو. انهن جي تعميري ڪمن ۾ اهرام مصر جي تعمير کي وڏي اهميت حاصل آهي. هي هن وقت دنيا جي ستن اهم تعميرن ۾ شمار ٿين ٿا. حضرت ادريس کي علم نبوت مليل هو ۽ ڪيس ابن ڏاڏن کان اها خبر هئي ته حضرت نوح جي دور ۾، اهڙو طوفان ايندو جو سڄي دنيا غرق ٿي ويندي، پي کابه شيءِ زمين تي محفوظ نه رهندي، انهيءَ ڪري حضرت ادريس عليه السلام ذخائر علم ۽ حڪمت ۽ خزاني، طب ۽ هيئت کي بچائڻ جي لاءِ اهرام تعمير ڪرايا."

"ديوتائن جي پراسرار تعميرات، ممين ۽ فرعونن جي سرزمين مصر جي خزاني جو ذڪر صدين کان زبان زد عام آهي. محققن جي هزارن تحقيقي مقالن جي ورق گرداني کان پوءِ به هيءَ راز اڄ ڏينهن تائين ظاهر نه ٿيو ته اهرامن ۾ هيرا جواهر ۽ ڪي خزانه لڪايا ويا آهن يا علمن جي آگاهي جو خزانو؟ نپولين جي فوجي معمارن چيو هو، "ته اهرام ۾ استعمال ٿيڻ وارپٽرن سان سڄي فرانس جي چوڌاري اوچي پٽ تعمير ڪري سگهجي ٿي."

ڪتاب جو انتساب ماڻواري ميڊم صفيه انصاري صاحبه پنهنجي جنم پومي "پاٽ شهر" ۽ اتان جي عالمن، استادن، بزرگن کي ڪيو آهي. اهو هڪ سلو ۽ انتهائي ساراهه جوڳو عمل آهي. پنهنجن شهرن/ڳوٺن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ هر ساڃهه وند جو فرض آهي.

پاٽ! تہ اسان سيني سنڌين جو فخر لائق شهر آهي، ڪاش ڪو پاٽ شهر جي تاريخ، علم، ادب، سان گڏ، عالمن اديبن، مشاهيرن، بزرگ بابت تفصيل سان لکي، يا وري ڪنهن لائق شاگرد کي پي ايڇ ڊي ڪرڻ لاءِ موضوع ڏنو وڃي. پاٽ بابت ايڪڙ ٻيڪڙ تہ ڪوڙ سارا مضمون مقالا لکيا پکڙيا پيا آهن.

- پاٽ شهر جنهن صديقي، قاضي، انصاري، جوٽيجا وغيره جي ڪٽنبن جي عالمن ۽ فاضلن کي جنم ڏنو. اتي سنڌ جي علم، فضل جي ممتاز عالم علامہ آءِ آءِ قاضي کي پڻ جنم ڏنو.
- هن ئي شهر ۾ حميده بيگم ۽ همايون مغل بادشاهہ جو نڪاح (1541ع) بکر جي حاڪم ابوالقاسم نمڪين پڙهايو. جوڙو جڏهن لشڪر سوڌ واپس دهلي وڃي رهيو تہ مائي حميده عمرڪوٽ لڳ هٽ پير لڌا ۽ ڪيس ننڍي ڪنڌ جو مشهور بادشاهہ اڪبر پيدا ٿيو. جيڪو اڳتي هلي 'اڪبر اعظم' (Akbar the Great) جي لقب سان مشهور ٿيو.
- ارغونن- ترخانن جي قبضي (1520ع) وقت، جڏهن سنڌ جي عالمن، فقيهن، سرندي وارن کي ستايو ويو، ڪائنس مال اسباب ڦري ڪنگال ڪري، سندن لاءِ زمين سوڙهي ڪئي وئي. تہ ڪٿي، بکر، سيوهڻ سان گڏ پاٽ مان بہ ڪيترائي خاندان لڏي هندستان هليا ويا. ڪي ڪچ، ٻڇ، جيسلمير تہ ڪي 'برهان پور' ويا سنڌي ادبي بورڊ جو ڪتاب آهي "برهان پور ڪي سنڌي اولياءَ" پڙهي ڏسو، ڳوڙها روڪي نہ سگهندا. ان ڪتاب ۾ هڪ بزرگ جي حوالي سان لکيل آهي تہ "ہم پاٹر شہر سے مجبوراً ہجرت کرکے یہاں آئے ہیں." ٻئي طرف انهن بزرگن جو اهو مقام هو، جو مغل بادشاهہ سندن سلامي لاءِ هوندا هئا. ڏکئي وقت ڪائنس دعا ونڊڻ ايندا هئا.
- ان دور ۾، پاٽ شهر جي پرسان ٻوڪ شهر آباد هو. اتان جي هڪ عالم جعفر ٻوڪائي ڪيترائي ڪتاب عربي ۽ فارسي ۾ لکيا. جن کي عالمي شهرت حاصل هئي. بزرگ جو هڪ مشهور ڪتاب آهي. "نهج التعليم" ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو چوڻ آهي تہ ايشيا ۾ اهو تعليم ۽ تدريس بابت پهريون ڪتاب آهي.
- انگريزن جي دور ۾، پاٽ شهر جو تعليمي تناسب پوري ننڍي ڪنڌ ۾ مٿاهون 9.98 سيڪڙو هوندو هو ۽ ان جا مثال ڏنا ويندا هئا.

اڄو تہ قديم تاريخ سان گڏ جديد تاريخ تي بہ نظر رکندا هلون، ڇاڪاڻ تہ سماج جي ترقي ۾ تاريخ ۽ تاريخي ڪردار مثالي ڪردار ادا ڪن ٿا.

آخر ۾، اسان سڀ ساڪ رکندڙ زال-مڙس ادي صفيہ ۽ سائين رفيع جوٽيجي کي سلام پيش ڪيون ٿا. جن زندگي ۾ علم ۽ فضيلت ڦهلائڻ سان

گڏ، جمع ڪيل پونجي کي حڪم رباني مطابق "ڪل سيرو في الارض" ۾ منهنجي جوڙيل جهان جو سير ڪيو ۽ اسرارن مان عجب حاصل ڪيو. دنيا جي سير سفر تي خرچ ڪيو. هن وقت تائين هنن دنيا جا 65 ملڪ گهمي ورتا آهن. (ڪتاب جي مهڙ ۾، انهن مان مکيه ملڪن جي فهرست ڏني وئي آهي.) ظاهر آهي 65 ملڪ وات ۾ ٽا اچن! انهن ملڪن ۾ هنن ڇا ڇا ڏٺو، ٻڌو، پڙهيو، پرکيو، اهو هنن گهرائي سان ۽ تفصيل سان لکيو آهي.

سندن لکڻ جو مکيه مقصد دنيا جي تعليم، ٽيڪنالاجي ۽ ترقي کان سنڌو واسين خاص طور نوجوان کي نسل کي آگاهه ڪرڻ آهي، ته جيئن منجهن جذبو جاڳي هو به ان انداز ۾ سوچين/عمل ڪن، جيئن دنيا ۾ ٿئي پيو.

جن کي ملڪ گهمي ڏٺا آهن، اهي اندازو لڳائي سگهن ٿا، ته ڪيترن ملڪن جي معلومات ٻين ملڪن جي سير تفريح ۾ ڪيتري مددگار ثابت ٿئي ٿي. ساڳئي وقت لاڳاپيل هڪ ملڪ جي معلومات، ٻئي ملڪ لاءِ ڪافي ڪارگر ثابت ٿئي ٿي.

جيئن شروع ۾ عرض ڪيو اٿم ته سيريز جو هي٩ پهريون ڪتاب آهي. سلسلي سان ٻين ملڪن جا سفر نامه به وقت سان پڙهندڙن آڏو پيش ڪنداسين.

ڪتاب ۾ ڪيتري نئين معلومات ڏنل آهي. اڳ شايع ٿيل ڪتابن جي پيٽ ۾ هن ۾، ڪهڙي نواڻ آهي. اهو فيصلو پڙهندڙن پاڻ ڪندا. باقي ڪتاب کي معلوماتي (Informative) ۽ جامع بنائڻ ۾ مانواري پيٽ صفيه انصاري وسان نه گهٽايو آهي. اسان کي خاطري آهي ته مواد، معلومات، تصويرن، ۽ نئين اسلوب سبب ڪتاب مارڪيٽ ۾ پاڻ جاءِ پيدا ڪندو ۽ سفرنامن پڙهندڙ شوقينن سان گڏ، نوجوان نسل ۾ اتساهه جو سبب بڻبو.

ڊاڪٽر آفتاب ابڙو

چيئرمين

پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي

هڪ خوبصورت سفر نامو

وڏي عرصي کانپوءِ هڪ اهڙي سفرنامي تي نظر پئي آهي، جيڪو نہ فقط عام پڙهندڙن لاءِ دلچسپ آهي، پر سفر جي شوقينن لاءِ بهترين گائيڊ ۽ اسان جي نوجوانن لاءِ عام معلومات، تاريخ ۽ جاگرافيءَ جو علمي ڪتاب پڻ آهي.

"پاڻ پسيو پرڏيهه" سلسلي جو هيءُ پهريون سفرنامو جيڪو سنڌ جي ادبي ۽ تعليمي خاندان سان واسطو رکندڙ پروفيسر صفيہ انصاريءَ جو لکيل آهي، مصر جي سفر متعلق آهي. هن سفرنامي کي ملڪ جو هڪ بهترين ادارو پيڪاڪ پبلشر ڇاپي رهيو آهي.

ساڳي ساڳي ملڪ جا سفرنامہ تہ ڪيترائي ايندا رهن ٿا پر هو ڇا چوندا آهن تہ سرمون هرڪا پائي، پر اک اک جو ڦير. سو مصر بابت هي سفرنامو سيني کان مختلف ۽ پرپور ڇاڪ جو سفرنامو آهي، جنهن جي ادبي توڙي معلوماتي دنيا ۾ بيحد نمايان حيثيت رهندي.

ڪيترا اهڙا ٻہ مسافر آهن، جيڪي ٻہ ٻہ ٽي ٽي ملڪ گهمي ايندا ۽ جڏهن ڪائنس سندن سفر جو احوال ونبو تہ اهو ٽي ٻڌائيندا تہ سائين ولايت ۾ واهہ جون هوٽلون آهن، اسان ويهہ ماڙ واري هوٽل ۾ رهياسين، جنهن جي ڪمرن جا پڙدا مخمل جا هئا ۽ غاليچن جي هر ٻہ انچ هئي. پير رکڻ سان ڇڻ اسپنج تي پير ٽي آيو. ڪمري جي مسواڙ ۾ نيرن ٻہ شامل هئي، جنهن ۾ ويهہ ڪن مختلف طعام رکيا ويا ٽي. ايئرڪنڈيشننگ سسٽم اهڙو سٺو هو، جو دل چوندي هئي تہ سجو ڏينهن ننڊون ڪجن...

گذريل دفعي ڪراچيءَ کان پهريون دفعو هوائي جهاز رستي ڊبئي وڃڻ ٿيو، مسافرن ۾ ڪيترائي پنهنجي پاسي جا سياستدان، وڏيرا، زميندار ويندي سرڪاري ڪامورا نظر آيا. هڪ ٻن کان سندن سفر جو ڪارڻ پڇيم تہ اهو ٽي جواب ڏنائون تہ "مڙيئي ڪڏهن ڪڏهن ويڪ اينڊ گذارڻ ۽ گهمڻ لاءِ ڊبئي جو رخ ڪندا آهيون".

ڊبئيءَ جي ايئرپورٽ مان نڪرڻ وقت مون ڏٺو تہ هنن همراهن مان ڪيترا ٽئڪسيءَ ۾ وهڻ بدران هڪ طرف موجود ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾ داخل ٽي رهيا هئا. آئون ٻہ انهن پٽيان گهڙيس تہ خبر پئي تہ اهو هڪ ڊيوٽي فري شاپ آهي، يعني اتي هر شيءِ سستي اگهہ تي ملي ٽي ۽ اسان جي 50 سيڪڙو

مسلمانن جو مارو ٻيئر ۾ وسڪيءَ تي هو - جنهن جي خريداريءَ بعد هو ٽئڪسي ڪري هوٽل ڏي روانا ٿيا ٿي. پڇڻ تي هڪ ٻڌايو ته "هوٽل وارا مهانگو ٿا ڏين. ان ڪري فالتو اسٽاڪ هتان ورتو اٿم. جيئن دبئيءَ ۾ رهائش وارا ٿي ڏينهن عيش ڪريان".

"ٺهيو!"، مون دل ئي دل ۾ سوچيو. "تنهنجي معنيٰ ته هنن لاءِ دبئي جو مطلب سستو شراب ۽ آزادي - جنهن سان هو سڪون سان ڏوگهي سگهن." آزادي ان ڪري ضروري آهي، جو پنهنجي ملڪ، پنهنجي علائقي ۽ پنهنجي ماڻهن جي وچ ۾ ته هو هر وقت جاڻ سڃاڻ وارن جي نظرن جي قيد ۽ شرافت جي جامي ۾ رهن ٿا. اتي ته هنن پنهنجو پاڻ کي ٻين جي نظرن ۾ پاڪ دامنيءَ جو مجسمو بنائي رکيو آهي! بهرحال اهڙا ماڻهو پنهنجي سفر جون کهڙيون خبرون ٻڌائيندا - سواءِ ان جي ته دبئيءَ ۾ شراب سستو آهي يا بئنڪاڪ ۾ مساج گهر آهن.

پروفيسر صفيہ انصاري جي سفرنامي جو ٻڌي مون کي خوشي ٿي ته گهٽ ۾ گهٽ هي هڪ ٽيڪ ٽاڪ ۽ سانڊيڻ جهڙو سفرنامو هوندو... ۽ واقعي جيڪي مون سوچيو، هي سفرناموان کان به بهتر لڳو.

ظاهر آهي هوءَ پوليٽيڪل سائنس جي شاگرد رهي آهي. ان کان سواءِ بقول هن جي ننڍپڻ ۾ هن جڏهن "نهروءَ جا اندرا ڏي خط"، ڪتاب پڙهيو ته هن کي تاريخ ۽ جاگرافيءَ سان به دلچسپي ٿي وئي. سو صفيہ جي سفرنامي مان هن جي تاريخ، جاگرافي، مذهب، سياست جي معلومات جو پڻ اظهار ٿئي ٿو.

گذريل 50 سالن کان جڏهن کان سفر جون سهولتون عام ۽ بهتر ٿيون آهن، گهٽي کان گهٽا ماڻهو سفر ڪرڻ لڳا آهن - ويندي اسان جا سنڌي مسلمان، جيڪي ان معاملي ۾ سست ۽ Immobilized سمجهيا ويا ٿي، اهي به تعليم، گهمڻ ڦرڻ، نوڪري ۽ بزنيس خاطر ٻاهر نڪرڻ شروع ٿي ويا آهن - مرد توڙي عورتون پڻ. انهن مان ڪجهہ جا لکيل، خاص ڪري مردن جا، سفرناما ڇپجي به چڪا آهن. ان ۾ ڪوشڪ ناهي ته اسان وٽ مرد حضرات ئي گهڻو گهمن ڦرن ٿا - شايد ان ڪري به جو ڪمائڻ وارا اهي آهن ۽ اسان وٽ هر ڀاڱي مرد جي ئي هلي ٿي. پر به عورتون اهڙيون آهن، جن منهنجي خيال ۾ سڀ کان گهڻو سفر ڪيو آهي. هڪ اسان جي موري جي پاسي جي دوست احمر نديم ميمڻ صاحب جي گهر واري ادي فريده ميمڻ ۽ ٻي پروفيسر صفيہ انصاري - اسان جي دوست ۽ گهر جي ياتيءَ برابر رفيع الدين جوٽيجو جي گهر واري. هنن ٻنهي محترمائن ايڏو ته سفر ڪيو آهي، جو ڪو سوچي به نٿو سگهي. هنن کان جڏهن مون سفر بابت پڇيو ته هنن کي Travelجو شوق

ڪيئن ٿيو؟ ته پنهنجي خواتين اهو ئي ٻڌايو ته هنن کي منهنجا سفرنامه پڙهي دنيا ڏسڻ جو شوق ٿيو.

اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي - جنهن جي آئون خوشي ضرور محسوس ڪريان ٿو، پر سچي ڳالهه اها آهي ته اسان کي جي پيٽيندائو ته هنن کي سفر لاءِ وڌيڪ ڪريڊٽ ڏيندائو ۽ هنن جي همت ۽ شوق کي وڌيڪ داد ڏيندائو.

اسان جهاز تي نوڪري ڪرڻ وارن جا سفر ته نارمل روٽين ۾ ئي ٿيندا رهن ٿا... نه پاسپورٽ ۽ نه ان تي ويزا لڳرائڻ جا چڪر... نه ٽڪيٽون خريد ڪرڻ جو خرچ، نه ولايت ۾ ڪاڏي پيٽي جي پريشاني... ۽ نه وري هوٽلن ۾ ڪمرا بڪ ڪرائڻ جا مسئلا. اهو ئي جهاز هلندو رهي ٿو جڏ گهر ۾ وينا آهيون، پر ادي صفيه انصاري ۽ ادي فريده ميمڻ جن کي ته هنن سفرن لاءِ ڪيترين ئي پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو هوندو... سو ڏٺو وڃي ته هنن عورتون ٿي ڪري صحيح معنيٰ ۾ سفر ڪيو آهي... سنڌيءَ جو به ته انگريزي جو به Suffer.

محترمه فريده پنج سال انگلنڈ ۾ رهڻ بعد 1985ع ڪانپوءِ هاڻ تائين ڪئناڈا ۾ ئي گذاري ٿي ۽ هر سال هوءَ ڪئناڈا کان هڪ ٻن ملڪن جي سياحت لاءِ نڪري ٿي. ادي صفيه انصاري ۽ سندس گهر واري جي نوڪري ڪراچيءَ ۾ ئي آهي. ان ڪري هوءَ پنهنجي مڙس رفيع جوٽيجي سان گڏ ڪراچيءَ کان ڪنهن ٻئي ملڪ ڏي روانی ٿئي ٿي. پنهنجي تمام گهٽو سفر ڪيو آهي پر منجهن مختلف ڳالهه اها آهي ته ادي فريده ميمڻ نه فقط انهن ملڪن ۽ بندرگاهن جو رخ ڪيو آهي، جتي جتي آئون ويندو رهيس، پر هن ڪيترن هنڌن تي پهچڻ لاءِ هوائي جهاز بدران پاڻيءَ جي جهاز ۾ سفر ڪيو آهي. هن کي انگلنڈ ۽ يورپ جي ملڪن جي سياحت لاءِ ڪيترائي دفعا پاڻيءَ جي جهازن ۾ اٽلانٽڪ سمنڊ اُڪرٽو پيو يا ڏُور اوپر جي ملڪن ۾ پهچڻ لاءِ پئسفڪ سمنڊ يا ٻئي پاسي هندي وڏو سمنڊ لتاڙڻو پيو.

ادي صفيه انصاريءَ سمنڊ جو به لطف ورتو آهي ۽ ڪيترن ئي فيرين ۽ ڪروزو(Cruise ships) جهازن ۾ سفر ڪيو آهي، پر هن گهٽو سفر هوائي جهازن ۽ ريل گاڏين ۾ ڪيو آهي. ۽ جي ملڪ ڇڏجن ته هن اسان سيني کان گهٽا گهميا آهن! ايتري قدر جو ارجنٽائن ۽ آئسلنڈ جهڙن ملڪن ۾ منهنجو به وڃڻ نه ٿي سگهيو آهي.

ٻين پاڪستانين وانگر منهنجي ساٽن ولايت ۾ ته ملاقات ٿيندي رهي ٿي، پر گهٽو ٿڻو ڪراچيءَ ۾ گذجاڻي ٿي ٿي. پروفيسر صفيه جو گهر وارو پنهنجن ٻين جوٽيجن وانگر تمام گهٽو سوشل ماڻهو آهي ۽ هن جي سال ۾ هڪ ته تمام وڏي ڊنر، جنهن ۾ جتي هن جا سڀ مائٽ - جوٽيجا، انصاري ۽ قاضي

اچي گڏيا ٿي، اتي هڪ ٻہ مون جھڙو 'نان-جوٽيجو' ۽ 'نان-انصاري' ٻہ هوندو آهي ... شايد ان ڪري جو منهنجو جتي ڪٽي دادو پاسي جي جوٽيجن ۽ انصارين سان واسطو رهندو اچي - پيٽارين ائسوسيئيشن هجي يا مرچنٽ نيوي، ادبي دنيا هجي، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ يا ٻاهر جا تعليمي ادارا هجن يا اسپتالون ۽ انجنيرنگ ادارا - ڪو نہ ڪو جوٽيجو، انصاري يا قاضي گڏ رهيو ٿي. هن وقت 80 سالن جي لڳ ڀڳ پوڙهو ٿيڻ جي باوجود - يعني اها يادداشت نہ رهڻ جي باوجود، ادي صفيہ انصاري ۽ رفيع جوٽيجي جي خاندان جي ڪيترن ئي ماڻهن جا نالا ۽ جن جي آسان ڪوڙي (table) وانگر مون کي ياد هوندا... جيئن تہ سائين غياث الدين جوٽيجو، صفيہ جو چاچو عبدالعليم انصاري، پروفيسر تنوير جوٽيجو... ادا غياث جوٽيجو پهريون آهي، جنهن سان مون کي منهنجي ڪٽنبٽ ڪاليج پيٽارو جي ڪلاس ميٽ شوڪت جماٽيءَ اڄ ڪان 61 سال اڳ سندس شهر خيرپور ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي گهر ۾ ملايو هو، جڏهن اسان مئٽرڪ ۾ هئاسين. انهن ڏينهن ۾ سندس شادي ڊاڪٽر شفقت جوٽيجو سان ٽيٽي هئي يا شايد ٿي رهي هئي ۽ چرچي طور ادا غياث پاڻ يا ڊاڪٽر تنوير هڪ شعر ٺاهيو هو، جنهن جي هڪ سٽ هن وقت ٻہ ياد اٿم: "توکي وٽي ٿي سرجري مون کي وٽي ٿي شاعري"... غياث جوٽيجو ۽ پروفيسر تنوير جوٽيجو اسان جي ليکڪا صفيہ انصاريءَ جي گهر واري رفيع الدين جوٽيجو جا ودّا ياءُ پيءُ آهن. ان کان سواءِ وسيع الدين (جنهن سان آڇر بازارين ۽ ڪاوش جي آڇر مئگزين ۾ ملاقات ٿيندي آهي)، رٽائرڊ پاڪستاني سفارتڪار مسرور جوٽيجو ۽ ڊاڪٽر تبسم ٻہ رفيع جا ياءُ پيءُ دادو جي وڪيل سائين صدر الدين جوٽيجو جا ٻار آهن... ان کان سواءِ دماغ تي تري ايندڙ نالا آهن: اسان جو پيٽارو جو ساٿي شفيق انصاري، شهير جوٽيجو، مئرين اڪيڊميءَ جو ساٿي واجد جوٽيجو ۽ ان جا ياءُ پيءُ ڊاڪٽر نسرين جوٽيجو، عابد ۽ زاهد جوٽيجو جن سان ملاقات اڪثر انگلنڊ، روس ۽ يورپ جي ملڪن ۾ يا رفيع جي دعوت ۾ ٿيندي رهي آهي... پر انهن کان اڳ سندن والدين ڊاڪٽر مجتبيٰ جوٽيجو ۽ ڊاڪٽر شمشاد جوٽيجو سان ان وقت ملاقات ٿي، جڏهن ڊاڪٽر نسرين نائين يا ڏهين ڪلاس ۾ هئي... ڊاڪٽر شاڪرا جوٽيجو، ڊاڪٽر نازيہ جوٽيجو، آپا شميم انصاري، فرزانہ انصاري، ڊاڪٽر طاهره انصاري، سائين عبدالغفور انصاري (سنڌي ادبي سنگت جو شايد پهريون سيڪريٽري)، پروفيسر اڪرم انصاري (ليکڪا جو مامو) ... ويندي انعم جوٽيجو (وسيع جي ننڍي ڌيءُ) جنهن هن ڪتاب جو ٽائيٽل ٺاهيو آهي. پيٽارين شفيق انصاريءَ کي هميشہ چوندو آهيان تہ هيڊو ٽلهو متارو آهين، سڄي دنيا جا چڪر ٿو

هٽين، پر کو سفر نامو نٽو لکين؟ پر هاڻ ٻيو گهٽ ۾ گهٽ هن جي سوٽ (چاچا عبدالرئوف جي ڏيءَ) صفيہ انصاريءَ هي ٽلهو متارو سفر نامو "پاڻ پسيو پرڏيهہ" لکي پنهنجي ادبي خاندان جو نالو مٿاهون کيو آهي.

مون کي جڏهن خبر پيئي تہ پروفيسر صفيہ انصاريءَ پنهنجي سفرن جو احوال لکيو آهي تہ آئون اهو ئي سوچيندو رهيس تہ هن جو ايترن تہ ملکن ۾ وڃڻ ٿيو آهي جو هوءَ رڳو هر ملک ۾ پنهنجي پهچڻ ۽ روانگيءَ جون تاريخون ۽ هر هک تي ٻہ ٻہ صفحا لکندي تہ ٻہ گهٽ ۾ گهٽ 300 صفحن جو ڪتاب ٿي پوندو، پر ان مرتہ کا ٻہ دلچسپي نہ رهندي. پر پوءِ ڪتاب جو مسودو ڏسڻ سان خوشي ٿي تہ هن ائين سڀ ملک ڪٽڻ بدران فقط هک ملک مصر کٽي، ان جو تفصيلي احوال لکيو آهي... ۽ تفصيل ٻہ تمام محنت سان - علم ۽ ڄاڻ سان پرپور لکيو آهي.

پروفيسر صفيہ ٻڌايو تہ هوءَ اهڙي طرح ٻين ملکن جا سفرنامہ پڻ لکي رهي آهي، جن مان "اسپين" جو سفرنامو تقريبن مڪمل ٿي چڪو آهي. منهنجي خيال ۾ اها پڙهندڙن لاءِ خوش نصيبي آهي، جو هنن کي سنڌيءَ ۾ اهڙا سفرنامہ ملي ويندا، جنهن مان کين گهمڻ ڦرڻ جي رهنمائيءَ سان گڏ مختلف ملکن جي تاريخ، جاگرافي ۽ سياسي توڙي سماجي حالتن جي ڄاڻ پڻ حاصل ٿي سگهندي - جيئن هن ۾ ليکڪا مصر بابت تفصيل سان حال احوال کيو آهي.

منهنجي خيال ۾ اهي ماڻهو جيڪي مصر گهمڻ جي تيارين ۾ آهن، توڙي اهي ماڻهو جن جون مالي حالتون اهڙيون آهن جو هو وڃي نٿا سگهن - ٻنهي کي پروفيسر صفيہ انصاريءَ جي "پاڻ پسيو پرڏيهہ" سلسلي جو ڪتاب "مصر جو سفرنامو" ضرور پڙهڻ کپي. هن جي پڙهڻ سان هنن جو سفر آسان رهندو ۽ گهمڻ ۽ ڏسڻ لاءِ شين بابت رهنمائي ٿي سگهندي. هنن کي هک هک ڳالهہ جي ڄاڻ رهندي. اهي جيڪي مصر نٿا وڃي سگهن، اهي هي سفرنامو پڙهي گهر ويٺي مصر جو سير ڪري سگهن ٿا.

هوءَ ادي صفيہ انصاري کي شاباش هجي جو هن پنهنجي سفر جو احوال وڏي محنت سان لکيو آهي ۽ ماڻ ميڙ ۾. سچ پچو تہ مون اهو ئي سوچيو هو تہ هي زال مڙس جو ايڏو سفر ڪن ٿا سو سفرنامو لکندا ضرور - پوءِ ادي صفيہ کٽي نہ لکي پر ان جو گهر وارو رفيع جوٽيجو تہ ضرور لکندو. ان تان پڙهندڙن کي اهو چرچو ٻڌائيندو هلان تہ گذريل سال سراج ميمڻ صاحب جي ياد ۾ ملهايل فنڪشن ۾ ادي نور الهدیٰ شاهہ جي پر سان ويهي فوٽوگرافر کي چيم تہ منهنجو هن ليکڪا سان فوٽو ڪڍ. فوٽو ڪيرائي اٽيس تہ پوئين قطار ۾ رفيع جوٽيجو

۽ سندس زال صفيہ انصاري ويٺي هئي. مون هن اخباري فوٽو گرافر کي وري سڏ ڪيو ته منهنجو هن شخص رفيع سان به ٻه ٽي فوٽو ڪڍ. فوٽو بعد فوٽوگرافر جنهن کي ادیبن سان گڏ فوٽو ڪيرائڻ لاءِ ولي آيو هوس تنهن مونکي رفيع لاءِ آهستي چيو ته "سائين توهان کان پُل ٽي آهي. هي ليکڪ نہ پر بئنڪر آهي". مون کيس چيو ته مونکي خبر آهي پر عنقريب هن جو ايندڙ سفرنامو هن کي ادبي دنيا ۾ مشهور بڻائي ڇڏيندو. ان ڪري هن سان اڳوات فوٽو ڪيرائڻ ضروري سمجهان ٿو ... ۽ هاڻ جڏهن ڪجهہ ڏينهن اڳ رفيع فون ڪري مون کي سفرنامي لاءِ "پيش لفظ" لکڻ لاءِ چيو ته مون يڪدم چيو: "ويري گڊ! ڏس، مون ته اڳهين چيو ته تنهنجو سفرنامو آيو ڪي آيو."

جواب ۾ هن پنهنجي روايتي ڪِل بعد چيو: "نہ ادا، مون نہ پر صفيہ لکيو آهي."

ظاهر آهي ان تي مون چيو، "ڪمال آهي! هي چا؟ اهڙي خبر هجي ها ته گذريل سال واري فنڪشن ۾ آئون نور الهدیٰ کان سواءِ صفيہ سان فوٽو ڪيرايان ها. مون اجايو توسان فوٽو ڪيرايا."

بهرحال زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته وڏا ڪم اهي ڪري ويندا آهن، جن لاءِ وهم گمان ۾ به نہ هوندو آهي... هو خاموشيءَ سان پنهنجو ڪم جاري رکندا آهن ۽ مشن مڪمل ڪندا آهن. هونءَ جيتوڻيڪ اهو چوندا آهن تہ عورتون ڪڏهن بہ سفرنامو لکي نٿيون سگهن. اهو ان ڪري جو عورتون هر ملڪ ۾ گهمڻ ڦرڻ ۽ دنيا جا رنگ پسڻ بدران رڳو خريداريءَ جون بازاريون ۽ دڪان ڏسن ٿيون. پر هن سفرنامي جي ليکڪا صفيہ انصاري لڳي ٿو ته جتي بہ وئي آهي، اتي هن چوڌاري هر شيءَ تي ڳوڙهي نظر رکي آهي - بلڪ هن گهران نڪرڻ کان اڳ ان ملڪ جي تاريخ، جاگرافي ۽ حالتن جي چڱيءَ طرح ڄاڻ ورتي آهي. ان بعد ئي هن سفر شروع ڪيو آهي ۽ وطن ورڻ تي، سفرنامو لکڻ کان اڳ هن هڪ دفعو وري ان ملڪ سان واسطو رکندڙ ڪتابن ۽ مضمونن جو مطالعو ڪيو آهي. منهنجو مطلب آهي ته هن هي سفرنامو لکڻ تي وڏي محنت ڪئي آهي ۽ جنهن بہ ملڪ ۾ وئي آهي، هن پڙهندڙن لاءِ ڪوزي ۾ درياه بند ڪيو آهي.

مصر ۾ اسان جهاز وارن جو تمام گهٽو ويجهہ ٿيو ٿي. جو يورپ ويندي يا موٽندي - بحر احمر ۽ پونڇ سمنڊ لاءِ اسان کي سئيز ڪنال مان لنگهڻو پيو ٿي. جهاز لاءِ تيل خريد ڪرڻ لاءِ يا جهاز جي مرمت لاءِ مصر جي بندرگاهن ۾ ڪيترائي ڏينهن ترسڻو پيو ٿي. پر افسوس جو مصر بابت اسان صفيہ جهڙو سفرنامو نہ لکي سگهياسين. تاريخ، ثقافت، ڪلچر کان اڻ واقف هجڻ ڪري

اسان جهاز وارن جو سڄو زور مصر جي چوڪرين جي تعريف ڪرڻ تي هوندو هو. يا بيلي ناچ ڏسڻ تي. ظاهر آهي اسان جي جهوڻن (جهاز وارن) کي انهن ئي ڳالهين بابت ڄاڻ هئي ۽ اسان انهن کي ئي فالو ڪيو ٿي. اهي ڳالهيون ٿيون سوچجن ته ادي صفيہ جو مصر بابت هي سفرنامو هڪ محنت ۽ ڳوڙهي اپياس جو نچوڙ آهي، جيڪو هن کي ننڍ پڻ کان جاگرافي ۽ تواريخ سان دلچسپيءَ ڪري پيدا ٿيو. پروفيسر صفيہ کي پڪ هن قسم جو هي دلچسپ ۽ معلوماتي سفرنامو لکڻ لاءِ PhD جي ٿيسز لکڻ برابر محنت ڪرڻي پئي هوندي ۽ مون کي پڪ آهي ته پڙهندڙن جو قدر ڪندا ۽ ان مان چگيءَ طرح لاڀ حاصل ڪندا.

اسان جي ليکڪا کي آئون اها بہ صلاح ڏينندس ته هوءَ پنهنجي هن سفرنامي کي قسطوار ڪنهن اخبار ۾ بہ ڏئي. جيئن گهٽي کان گهٽا ماڻهو پڙهي سگهن ۽ ساڳئي وقت فرصت ملڻ تي هن سفرنامي جو اردو ترجمو پڻ ڪري ڇپرائي، جو مصر بابت هن جهڙو بهترين سفرنامو مون کي اڙدو ۾ بہ نظر نہ آيو آهي.

بهرحال پروفيسر صفيہ انصاريءَ جي هئي سفرنامي اچڻ تائين گڊ باءِ ۽ گڊ لڪ....

الطاف شيخ
9 مئي 2021ع
ڪراچي

FOREWORD

Mr. Rafiuddin Junejo, a dear friend, and his erudite wife Professor Safia Ansari have initially started travelling within Pakistan since 1985. Thereafter, they fixed their gaze beyond to explore the planet. From 1993 onwards, the itinerant duo has so far travelled 65 countries of the world and has still plans to add more travels to their itinerary. Surprisingly, it is not the husband, who happens to be a professional banker but his better half, an educationist, who has taken upon herself to take notes during the journey.

When Rafiuddin Junejo, handed me over manuscript of a travelogue in Sindhi, *'Pann Pasiyo Perdeh'*, the Travels of Egypt, which both husband and wife undertook; for writing its preface, I was under the impression that like most of the travelogues it would be a narrative regarding sightseeing and visit of some known cities of Egypt such as Cairo, Alexandrian and Sharm El Sheikh etc.

While browsing the manuscript I become more cognizant and attentive as this travelogue was not the run of the mill narrative but it can be described as the history of Egyptian civilization. The scribe's deep interest in the history is reflective from the preamble, as even before putting foot on the land Pharos, she has covered almost every aspect of Egyptian past and present. Especially, placing the story of Prophet Yousuf AS at the beginning of travelogue definitely arouse curiosity and interest of the reader. Similarly, she has discussed quickly Muslim conquest, spread of Islam towards West, creation of Fatimid Caliphate and thereafter its fall at the hands of Sultan Salahuddin Ayubi, take over by Mameluke Sultans, rule by the Ottomans, short interlude of Napoleon's conquest which ended with the dynasty of Kadieve Muhammad Ali Pasha, colonizing period when the Great Britain on the one hand introduced modern education and infrastructure but on the other looted the resources of the country, the independence and restoration of Kadieve dynasty and finally coup d'états; beginning with

coup of General Najib and Col Jamal Abdul Nasir. In fact for a student of history this travelogue is a 'journey through history'.

Landing at Cairo, the city founded by a Muslim general Amr ibn al-As, initially as Fustat, and after the conquest by Fatimid General al-Qahir was re-named as Cairo, the duo immediately started exploring past and the present of the metropolis. They visited places of historical significance such as famous Al Azhar, one of the world's oldest Universities, founded by the Fatimids, the Mameluke forts, fort of Sultan Salahuddin Ayubi and other monuments the city is rich of, and the Mosque where Imam Husain's head, which was brought during the period of Fatimid Caliph Al-Hakam from Damascus, is now buried. Ibn Jubayer, Governor of Grenada, Andalusia while going to Mecca for performing Hajj in the year 1402 AD, also mentioned in his travelogue about visit of the above mosque. According to the writer, the Egypt's Museums where world's artifacts of antiquity specially the Mummies of Pharos are kept are not less significant than the British Museum. Here, I would like to add that British Museums has no comparison with the Egyptian Museums as most of the artifacts kept in former were looted from the colonies whereas in latter case it is the Egypt's heritage. The most fascinating is the treasure trove discovered from the Pharaoh Tutankhamen's Tomb. This was the only Tomb which remained secure from the hands of plunderers as at the time of discovery its seal was still intact. The visit of Coptic Museum is also no less insignificant as after separation from the Roman Church around 313 AD, the Coptic's flourished in Egypt where they remained in peace and tranquility after the Muslim conquest.

While visiting Pyramids, the writer, as her wont has gone into elaborate details regarding ruling dynasties; such as Pharos, Ptolemy, which came into existence following Alexander's conquest, and the Romans. On the River Nile she has vividly discussed about the countries and their culture through which the river traverse. The River Nile (4132 miles) has mainly two sources; White Nile w!ich originates from Lake Victoria and Blue Nile along with other tributaries which draws their source from the Ethiopia's mountain. These rivers after satiating the quench of number of countries converge at Khartoum (meeting

place) and finally enter into the Egypt at Lake Nasser.

The couple's travel of Alexandria carries one to the period of Ptolemy-I the Great (282 BC-367 BC), his proverbial contributions and achievements in the field of science. Discussion on the famous of Queen Cleopatra-VII (69 BC-30 BC, entry of Gaius Julius Caesar (100 BC-44 BC) followed by Mark Antony (83 BC-30 BC). The burning of great Library, established in Alexandria since the times of Ptolemy-I the Great. The assassination of Caesar, defeat of Cleopatra and finally war between Mark Antony and the Augusts which led to suicide by both the lovers Mark Antony and Cleopatra. The account of newly restored Library of Alexandria is not less enticing for the bibliophiles.

The narrative regarding travels towards culturally rich South of Egypt where fabulous remains of Memphis, Abu Simbal Temple, Valley of Kings and Queens, Luxor Temple, Karnak Temple and many other monuments is not less tempting for a reader of the history. They also stayed at Aswan the city where the Aswan Dam is located.

In the last leg of trip, the couple visited Sharm al Sheikh a modern city developed over last two decades at the tip of Sinai desert on the coastal strip of Red Sea. According to scribe the city's roads, infrastructure and cleanliness, are unlike rest of Egypt, where dirt and foul smell was felt everywhere. The metropolis of Sharm al Sheikh which is developed as tourists resort is more like any city of Japan. It is alluring for the divers as diverse marine life and hundreds of Red Sea coral reef sites make Sharm El Sheikh a magnet for eco-tourists. Regrettably, the writer and her husband could not visit the holy site of Koh-e -Toor, as due to latest terrorist attacks the journey was not safe.

While concluding the write up, I myself being a student of history, is highly impressed with the travelogue. I also hope that the couple would not deprive the readers from their rich memories of remaining journeys.

Manzoor Hussain Kureshi
Bath Island Karachi
9th June, 2021

پنهنجي پاران

ڳوٺ پاٽ شريف ضلعي دادو جي هڪ ادبي، تعليمي ۽ مذهبي گهراڻي ۾ منهنجو جنم 1954ع ۾ ٿيو ۽ ابتدائي ۽ مذهبي تعليم اتان ئي حاصل ڪئي.

مون سنڌ يونيورسٽيءَ مان سال 1977ع ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ ان کان پوءِ تعليم کاتي ۾ ليڪچرر جي پوسٽ تي 1981ع ۾ فائز ٿيس. ننڍپڻ کان پوءِ ڪافي عرصو دادو شهر ۽ حيدرآباد ۾ گذاريو. 1985ع ۾ منهنجي شادي منهنجي ماسات رفيع الدين جوٽيجي سان ٿي ۽ ان کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي. ڪراچي ۾ ئي پنهنجي سروس گورنمينٽ گرلس پي. ايي. سي. ايچ ايس ڪاليج ۾ جاري رهي. جتان 2014ع ۾ بحيثيت پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿيس.

سير ۽ سپاٽي جو ابتدائي شوق 1985ع کان ئي شروع ڪيوسين ۽ پاڪستان جي وڻن شهرن ۽ اترين علائقن ۽ آزاد ڪشمير جي خوبصورت سياحتي علائقن جي سياحت کان پوءِ پرڏيهه سياحت ۽ سفر 1993ع کان شروع ڪيو. اسان پهريون سفر ترڪي ۽ برطانيه کان شروع ڪيو ۽ سال 2019ع تائين هيٺين ملڪن جا سفر ڪيا.

(1) انڊورا (Andorra)
(2) ارجنٽينا (Argentina)
(3) آسٽريليا (Australia)
(4) آسٽريا (Austria)
(5) آذربائيجان (Azerbaijan)
(6) بحرين (Bahrain)
(7) بيلجيم (Belgium)
(8) سائپرس (Cyprus)
(9) بوسنيا ۽ هرزيگووينا (Bosnia and Herzegovina)
(10) برازيل (Brazil)
(11) بلغاريه (Bulgaria)
(12) ڪينيڊا (Canada)
(13) چائنا (China)
(14) ڪروشيه (Croatia)
(15) چيڪ ريپبلڪ (Czech Republic)
(16) ڊينمارڪ (Denmark)
(17) مصر (Egypt)
(18) ايسٽونيا (Estonia)
(19) فنلينڊ (Finland)
(20) فرانس (France)
(21) جارجيه (Georgia)
(22) جرمني (Germany)
(23) يونان (Greece)
(24) هانگ ڪانگ (Hong Kong)
(25) هنگري (Hungary)

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

(26) آئيسلينڊ (Iceland)
(27) انڊونيشيا (Indonesia)
(28) اٽلي (Italy)
(29) جاپان (Japan)
(30) اردن (Jordan)
(31) قازقستان (Kazakhstan)
(32) ليٽويا (Latvia)
(33) ليٿونيا (Lithuania)
(34) مڪائو (Macau)
(35) ملائيشيا (Malaysia)
(36) مالٽا (Malta)
(37) ميسيڊونيه (Macedonia)
(38) ميڪسيڪو (Mexico)
(39) موناڪو (Monaco)
(40) مراڪش (Morocco)
(41) نيدرلينڊ (Netherlands)
(42) نيوزيلينڊ (New Zealand)
(43) ناروي (Norway)
(44) فلپائن (Philippines)
(45) پولينڊ (Poland)
(46) پورچوگال (Portugal)
(47) روس (Russia)
(48) سعودي عربيا (Saudi Arabia)
(49) سنگاپور (Singapore)
(50) سلووينيا (Slovenia)
(51) سلوويڪيه (Slovakia)
(52) سربيا (Serbia)
(53) ڏکڻ آفريڪا (South Africa)
(54) ڏکڻ ڪوريا (South Korea)
(55) اسپين (Spain)
(56) سوئيڊن (Sweden)
(57) سوئٹزرلينڊ (Switzerland)
(58) ٿائيلينڊ (Thailand)
(59) ترڪي (Turkey)
(60) متحده عرب امارات (United Arab Emirates)
(61) آمريڪا (United States)
(62) ازبڪستان (Uzbekistan)
(63) ويٽيڪن سٽي (Vatican City)
(64) ويٽنام (Vietnam)
(65) ناردرن سائپرس (Turkish Republic Northern Cypress)

2020ع جي مارچ ۾ يوڪرين جي سفر جو مڪمل پروگرام ٺاهيو مگر ڪووڊ-19 جي وبا جي ڪري وڃي نه سگهياسين.

سفر نامي لکڻ جو ارادو شروع کان ئي هو ان ڪري پنهنجي ڊائريءَ تي سفر جا تفصيل لکندي رهيس. هاڻي رٽائرمينٽ ۾ گهر ٽهرائڻ کان پوءِ سفر نامي لکڻ جي شروعات ڪئي اٿم ۽ هي منهنجي پهرئين ڪوشش آهي جيڪا اوهان جي هٿن ۾ آهي. ان ڪوشش ۾ مون کي اتساهه ڏيارڻ وارو منهنجو ماسات وسيع الدين جوٽيجو آهي، جنهن مونکي هر ڏکئي وقت ۾ منهنجو ساٿ ڏنو ۽ منهنجي رهنمائي ڪئي. پڙهندڙن کي اها گذارش آهي ته جيڪي غلطيون يا ڪوتاهيون ان لکڻ ۾ ٿي ويون هجن ته اهي معاف ڪندا.

صفيه انصاري
safiaraf iuddinjunejo@gmail.com

مصر روانگي

مصر جي زمين هڪ اهڙي زمين آهي، جتي قدم قدم تي پراڻي تاريخ دفن ٿيل آهي. ان کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ لاءِ وري وري دل چوي ٿي

خُود رو، باغن جي نزاکت ۽ نفاست
مصر جا جنگلي جانور زراف، زيبرا
مصر ۽ حبش جا عجائبات
هتان جي صحرا ۾ ريگ (واري) جي پٽ
نخلستان ۾ کجين جي وڻن جا جهڱٽا
خالي بي عيب آسمان
تارن سان پريل چمڪدار راتيون
خوشنما جهوپڙيون
چون چون ڪرڻ وارا نار
عظيم الشان اهرام
منقوش ۽ سجايل مقبره
ملڪ فرعون جا دلڪش منظر
خوشبودار مٽي، حسين قدرتي نظارا
اسڪندريه جا باغات، سبززار، حد فاصل نظر ۾ فريب
سمنڊ جون ٺڏيون هوائون
قلوپطره جي حسن جي ڪشش، جنگي داستانَ، دل فريب آواز ۽ اطوار
شرم الشيخ جي خوشگوار موسم، دلڪش فضا، سمندري نظارا
ابو سبيل ۽ لگزر جا خوبصورت مندر
اسوان جو مشهور ڊيم
درياهه نيل جو خلاصو پيٽ
گلن سان پريل باغ، اتي فضائن ۾ اڏامندڙ پکي
حضرت موسيٰ عليه السلام جا يادگار

جبل طور جتي حضرت موسيٰ عليه السلام الله تعالي سان مخاطب ٿيا هئا. ان جي سيني ۾ تاريخ جا اِڪل راز، حضرت موسيٰ عليه السلام جا مذهبي قصا، انهن سان تعلق رکڻ واري زمين تي قدم رکڻ سان مون کي عجيب خوشي

محسوس پئي ٿي. خبر ناهي ڇو؟ مان ان ديس ۾، فرعونن جي جنگي داستانن کي ڇاڻڻ جي کوشش ڪيان ٿي، تڏهن منهنجون سوچون ڪيتريون ئي صديون پوئتي هليون وڃن ٿيون. جڏهن مسلمانن ان سرزمين کي فتح ڪيو ۽ اسلامي جهنڊو لهرايو. قانون جي بالادستي، عدالتون، اسپتالون، رستا، ڪتب خانا، مسجدون، درس گاهه، تجربن ۽ مشاهدن وغيره جا مرڪز قائم ڪيا. شهر جي قديم علائقن ۾ گهٽو سڪون محسوس ٿئي پيو. مون کي جبل طور جي خاڪ سان محبت آهي. پر هاڻي هي مسلم ملڪ آهي. اسان ته پرديسي آهيون اسان مصر جي سياحت جي لاءِ ٻي چين هئاسين.

صبح جا اٺ ٿي رهيا هئا جو گهران ايئرپورٽ لاءِ روانا ٿياسين ۽ تقريباً 8-30 وڳي پهتاسين. اهو چنچر جو ڏينهن هو. رستي تي رش تمام گهٽ هئي. سو آرام سان ايئرپورٽ پهچي وياسين. قطر ايئرلائين جي ٽڪيٽ بڪ ڪرائي هئي. سو وايا قطر مصر وڃڻو هو. 10-30 وڳي بورڊنگ شروع ٿي ۽ اڇي جهاز ۾ پهتاسين. اسان جي سيٽ نمبر J-22 ۽ k-22 هئي. جهاز صاف ستڙو هو، جنهن ۾ سليٽي رنگ جو استعمال گهڻو هو. پر سيٽون ميرون رنگ جون هيون. ماڻهن آهستي آهستي اچڻ شروع ڪيو. اسان جي ڪوشش هوندي آهي ته پهريائين جهاز ۾ پهچون، جيئن سامان رکڻ جي جاءِ صحيح ملي ۽ سامان اسان جي نظرن ۾ هجي. هڪ مسافر جي اسان جي اڳيان واري سيٽ هئي، پر سامان رکڻ مهل اتي پرسان جيڪي سيٽون هيون انهن جي مسافرن کان پڇيائين ته مان پنهنجي بيگ توهان جي بيگن سان رکان ٿو. ڇا؟ توهان جي بيگ ۾ ڪو ٽڪڻ وارو سامان ته رکيل نه آهي. انهن جڏهن چيو ته نه پوءِ پنهنجي بيگ رکيائين، شايد اهڙن ماڻهن جي ڪري هيءَ دنيا قائم آهي. پر انسان ذات ته دنيا کي تباهه ڪرڻ ۾ ڪاب کسر نه ڇڏي آهي. اتي ايئرهوسٽس کي مسڪرائيندڙ چهري سان گڏ ميرون رنگ جي ٽوپي، پوني ۽ پينٽ آف وائيٽ ٽاپس ۽ قميص آف وائيٽ رنگ جي هئي جنهن تي قطر ايئرلائين جو مونوگرام پرنٽ ٿيل هو. شرٽ تي بيج لڳل هو، جنهن تي ان جو نالو تحرير ٿيل هو. Sutilux ايئرهوسٽس آڏر پاءُ ڪري رهي هئي. اسان جي سيٽ جي اڳيان پويان بوهري ويٺل هئا. جن جو آواز سڄي جهاز ۾ گونجي رهيو هو، ۽ ماڻهن جي منهن تي تقريباً بيزاري جا تاثرات ٻه هئا. اچڻ سان ئي وي ڪي کولڻ ۽ ان سان چيڙ چاڙ شروع ڪيائون، هڪ ٻئي کان پڇن پيا، ته ڪهڙيون فلمون آهن ۽ اسان جون ڪهڙيون ڪهڙيون ڏنل آهن؟ بهرحال گوڙ ڏاڍو پئي ڪيائون. پر انهيءَ جي جاءِ تي جيڪڏهن يورپين سفر ڪندا آهن ته ايترو آهستي ڳالهائيندا آهن جو ڪنهن ٻئي کي تڪليف نه ٿيندي آهي. پاڪستان

کان ڪنهن بہ ملڪ ڏانهن وڃڻ مهل يا موٽڻ مهل جنهن بہ ملڪ وڃبو يا اچبو آهي تہ جهاز جو ماحول مڇي مارڪيٽ کان گهٽ نہ هوندو آهي. قطر جي جهاز ۾ اسان ڪيترائي دفعا سفر ڪيو آهي پر پهريون دفعو جڏهن اسان ABC (ارجنٽينا، برازيل، چلي) جي ملڪن ڏانهن سفر ڪيوسين تہ هيءَ ايئرلائين استعمال ڪئي هئي سين، پر هن ايئرلائين جو تجربو هر لحاظ کان سٺو رهيو. چا انهن جي صفائي، چا سروس؟ مطلب تہ هر شيءِ پنهنجي جاءِ تي V.I.P هئي. مان دريءَ وٽ ويهي فوراً باهر جي منظر ۾ گم ٿي ويس. چاڪاڻ تہ مختلف ملڪن جا جهاز ڪي ايندا آهن تہ ڪي ويندا آهن تہ اهو منظر بہ شاندار هوندو آهي ۽ انهيءَ مهل سعودي عرب جو جهاز لينڊ ڪري رهيو هو. ائين آهستي آهستي گهٽ رفتار سان اچي گيٽ تي لڳڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو تہ اوڏي مهل منهنجي ڪنن ۾ ايئرهوسٽيس جو آواز پهتو. ميلبم هوءَ Refreshing Towel کڻي آئي هئي جنهن جو رنگ بہ سليٽي هو. ايجان انهيءَ لاءِ هٽ وڌايو تہ ڪيپٽن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جنهن ۾ هن اعلان ڪيو تہ حفاظتي بيلٽ ٻڌو چاڪاڻ تہ اسان ٽيڪ آف ڪرڻ وارا آهيون. اهڙي طرح ان پياري وطن جي روشنين واري شهر ڪراچي جي قائداعظم ايئرپورٽ تان جهاز آهستي آهستي چرڻ شروع ڪيو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾، شينهن وانگر گجگوڙ ڪندو ڪڪرن مان گذرندو آسمان جي طرف رخ ڪيو ۽ شهر جي هڪڙي پاسي مان گذرندو بسيط فضائن ۾ پرواز ڪرڻ لڳو. اسان پنهنجي منزل ملڪ قطر ۽ پوءِ مصر ڏانهن سفر ۾ محو ٿي وياسين. اهو مصر جنهن ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ فرعون جا عجب سان لبريز زبردست واقعن جا سلسلا، جتي حضرت يوسف عليه السلام جا دل پذير داستان ۽ زليخان جا محبت جا افسانہ پيش آيا. اها سرزمين مصر جنهن دنيا جي اولين تهذيب جو درجو حاصل ڪيو. جنهن ۾ ابوالهول ۽ اهرامن تي هر سال لکن جي تعداد ۾ تحيرُ ۽ تحسين جي جذبات پچائي ڪن ٿا. اهو مصر جنهن کي ڪنهن هڪ نظر ڏٺو تہ پوءِ پوري زندگي دام طلسم جو اسير رهيو ۽ انهيءَ کي وري وري ڏسڻ جي خواهش ٿئي ٿي.

جيئن جهاز پنهنجي پورين بلندين تي پهچي ويو تہ ايئرهوسٽيس اعلان ڪيو تہ جنهن کي سيءُ لڳي تہ ڪمبل ڏيون، سو ڪجهہ ماڻهو ڪمبل ورتو جنهن ۾ مان بہ شامل هيس چاڪاڻ تہ مون کي سيءُ تمام گهٽو لڳندو آهي. ڪمبل جو رنگ بہ گهرو سليٽي هو. اهڙي طرح سڀ ماڻهو پنهنجين ٽي وين ڏي متوجہ ٿيا، انهن ۾ چُر پُر شروع ٿي وئي. هر ڪو پنهنجي پسند جو پروگرام کولي انهيءَ ۾ مصروف ٿي ويو. جنهن کان پوءِ ميزبانن پنهنجو مينيو (Manu) ڪارڊ مسافرن جي آڏو پيش ڪيو.

جنهن ۾ لکيل هو ته:

Main meal: Seasonal salad, Chicken tikka masala
Cumin pulao & spinach
Corn masala, Mango kheer

Beverages: Wine, Red wine & white wine

Spirits: Cangnac, Beef, Ealer Gin Johnine, Read label whisky, Smirnoff Red, Vodka.

Beer: Heinken and Foster's Larger

Cold Beverages: Coca Cola, Diet coca Cola, sprite diet, Sprite and Fanta orange, Gingers Ale, Soda water & Tonic Water. Orange, apple, mango, tomato and Pine apple

Tea or Coffee.

Please accept our apologies if your choice is not available.
All dishes are prepared according to Islamic Principles.

هڪڙي پاسي انگريزي ۾ ته ٻئي پاسي عربي ۾ لکيل هو. ايئرهوسٽس کي ب شايد سردي پئي لڳي چاڪاڻ ته انهن ب ڪاري رنگ جا ڪوٽ پاتا هئا. تقريباً 11 وڳي هنن کاڏو ڏيڻ شروع ڪيو. جيئن ته مون ذڪر ڪيو ته ايئرهوسٽس جو نالو Sutilux هو. جنهن سڪرائيندڙ ڇهري سان کاڏو ڏيڻ شروع ڪيو. اسان 12 وڳي تائين کاڏو کائي فارغ ٿي وياسين. مون دريءَ کان باهر ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪٿي پهاڙ، ڪٿي سمنڊ، ته ڪٿي ريگستان پئي نظر آيو. دٻئي کان پوءِ ته جهاز سمنڊ جي مٿان پئي هليو. جڏهن سمنڊ جي مٿان جهاز هلندو آهي ته مون کي خوف محسوس ٿيندو آهي ۽ مختلف خيال ذهن ۾ گردش ڪندا رهندا آهن. انهيءَ ڪري مون انهن خيالن مان ذهن هٽائڻ لاءِ جهاز جي اندر جي ماحول ۾ پاڻ کي مصروف رکڻ جي ڪوشش ڪئي. مون پنهنجي ڀائري ڪيي پنهنجي سفر جو حال احوال لکڻ شروع ڪيو ته فوراً منهنجو ذهن حضرت يوسف عليه السلام جي طرف متوجه ٿيو ۽ ان جو قصو ياد اچڻ لڳو جيڪو ننڍپڻ ۾ پنهنجي والد کان ٻڌل هو. چوتڪ هو پنهنجي اولاد کي نبين ۽ رسولن جا قصا ڪهاڻيون ٻڌائڻ پسند ڪندا هئا. ته جيئن منهنجا ٻار صحيح راهه تي هلن، سو قصو ائين ٻڌايو هئائين.

حضرت يوسف عليه السلام جو قصو

حضرت يوسف عليه السلام حضرت يعقوب عليه السلام جو پٽ هو. پاڻ جڏهن 12 سالن جا ٿيا تہ هڪ خواب ڏٺائون تہ: "11 ستارا، سج ۽ چنڊ کي سجدو ڪري رهيا هئا." صبح جو اٿندي ئي حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي خواب جو ذڪر پنهنجي والد حضرت يعقوب عليه السلام سان ڪيو. حضرت يعقوب عليه السلام ان خواب جي تعبير ٻڌائي ۽ انهيءَ سان گڏ اهو بہ تاڪيد ڪيائينس تہ: "ڏس خبردار ان خواب جو ذڪر پنهنجي پائرن سان نہ ڪجان، چاڪاڻ تہ اهي حسد ۾ اچي توکي قتل ڪري ڇڏيندا."

حضرت يوسف عليه السلام حضرت يعقوب عليه السلام جو پٽ هو. پاڻ ننڍپڻ ۾ هڪ خواب ڏٺائون تہ يارهن (11) ستارا سج ۽ چنڊ هن کي سجدو ڪري رهيا هئا. صبح جو اٿندي ئي حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي هن خواب جو ذڪر پنهنجي والد حضرت يعقوب عليه السلام سان ڪيو. حضرت يعقوب عليه السلام ان کي ان خواب جي تعبير ٻڌائي تہ سج سان والد جي تعبير آهي. چنڊ سان والده جي ۽ ستارن سان پائرن جي تعبير آهي. حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجي پٽ يوسف عليه السلام کي تاڪيد ڪيو تہ ان خواب جو ذڪر پنهنجي پائرن سان نہ ڪجان چاڪاڻ تہ اهي توکي حسد ۾ اچي قتل ڪري ڇڏيندا. جڏهن ان خواب جي تعبير جي خبر پائرن کي پئي تہ حضرت يوسف عليه السلام جي پائرن محسوس ڪيو تہ حضرت يوسف عليه السلام ۽ سندس سڳو ڀاءُ بنيامين اسان جي پيءُ کي اسان کان وڌيڪ پيارا آهن ۽ انهن پاڻ ۾ فيصلو ڪيو تہ حضرت يوسف عليه السلام کي قتل ڪيو وڃي يا ڪنهن ملڪ ۾ ڦٽي ڪري اڇون. ان مان هڪ ڀاءُ چيو تہ حضرت يوسف عليه السلام کي نہ ماريو ۽ کيس ڪنهن کوهہ جي تري ۾ اڇلايو تہ ڪو واٽهڙو کيس کڄي ڪٽي ويندو سيني کي اهو مشورو پسند آيو. سڀني والد وٽ حاضر ٿيا ۽ چيائون تہ حضرت يوسف عليه السلام کي اسان سان گڏ صحرا هلڻ جي موڪل ڏي ۽ هو جڏهن مال چارينڊو ۽ کيڏندو تہ اسان ان جي حفاظت ڪنداسين. پر حضرت يعقوب عليه اسلام کين جواب ڏنو تہ مون کي خوف ٿو ٿئي تہ توهان جي غفلت جي ڪري هن کي بگهڙ کائي ويندا. پر انهن يقين ڏياريو تہ ائين نہ ٿيندو ۽ والد مطمئن ٿي ويو. اهڙي طرح هنن حضرت يوسف

عليه السلام کي وٺي سنسان ميداني علائقي ۾پهچي مارڻ شروع ڪيو. هُنن حضرت يوسف عليه السلام کي اڌ مٽو ڪري ڇڏيو. يوسف عليه السلام جي قميص لاهي، هٿ ٻڌي کيس کوهه ۾ اڇلي ڇڏيو. پر الله تعالىٰ جي قدرت سان کوهه اندر هڪ پٿر ٻاهر نڪتل هو. جتي حضرت يوسف عليه السلام پهچي رڪجي ويو. ان وقت حضرت يوسف عليه السلام تي الله تعالىٰ وحي نازل فرمائي ته، "هڪ ڏينهن اهڙو به ايندو جو تون انهن کان انهن جي ڪرتوتن جي خبر ونڊندين ۽ تنهنجو مرتبو ايترو وڏي ويندو جو هو توکي نه سڃاڻيندا ته تون حضرت يوسف عليه السلام آهين."

ٻائر هڪڙي ٻڪريءَ کي ذبح ڪري، ان جو خون قميص کي لڳائي روندا والد وٽ پهتا ۽ کيس ٻڌايائون ته حضرت يوسف کي بگهڙ کائي ويا. اها ڳالهه جڏهن حضرت يعقوب ٻڌي ته هو بيهوش ٿي ويو. جڏهن هوش ۾ آيو تڏهن ڏاڍو رنو. حضرت يوسف عليه السلام تي ڏينهن انهيءَ کوهه ۾ رهيو. چوٿين ڏينهن هڪ قافلو جيڪو مصر وڃي رهيو هو تنهن کوهه جي ويجهو پهچي ٻن ماڻهن کي، جن جا نالا مالڪ بن زعر ۽ بشرا هئا، پاڻي آڻڻ لاءِ موڪليو. انهن کوهه ۾ ڏول وڌو ته حضرت يوسف عليه السلام انهيءَ ڏول ۾ رسي کي پڪڙيو ۽ کوهه مان ٻاهر نڪري آيو. اهي ٻئي ڄڻا حضرت يوسف عليه السلام کي قافلي جي امير وٽ وٺي آيا، اهو ڏاڍو خوش ٿيو. پر اتي اتفاق سان "يهودا" پهچي ويو ۽ ان سڃي ماجرا پنهنجي ٻاڻرن کي ٻڌائي. اهي سڀ گڏجي انهن وٽ آيا ۽ چوڻ لڳا ته اهو ته اسان جو غلام آهي، چار ڏينهن ٿيا هئا ته پڇي ويو هو. اهڙي طرح حضرت يوسف عليه السلام ٻپ ۾ ڪجهه به نه چيو ۽ سندس ٻاڻرن تقريباً 40 درهمن جي عيوض کيس وڪٽي ڇڏيو ۽ هو واپس گهر اچي ويا. حضرت يوسف عليه السلام قافلي سان گڏ مصر پهچي ويو. مالڪ بن زعر ابن عيفا بن مدين جنهن ان کي خريد ڪيو هو سو حضرت يوسف عليه السلام کي وهنجاري تيار ڪري بازار ۾ وٺي آيو. اتي اطفير بن رحيب ياقوط فير، جيڪو فرعون مصر جو وزير هو ۽ "عزيز مصر" جي لقب سان مشهور هو، خريد ڪيو. هُنَ حضرت يوسف عليه السلام کي پنهنجي گهر آڻي پنهنجي زال زليخان يا راحيل کي چيو ته هن کي آرام ۽ عزت سان رکجو، شايد مستقبل ۾ اسان کي فائدو پهچائي يا اسان هن کي پنهنجو پٽ ڪري ڇڏيون. پر جڏهن هو تقريباً 30 سالن جو ٿيو ته زليخا مٿس عاشق ٿي پئي، ۽ سندس حسن جي تعريف ڪرڻ لڳي، پر حضرت يوسف عليه السلام زليخان جي طرف ڪڏهن به مائل نه ٿيو. پاڻ بلڪل پاڪ رهيو. هڪ دفعي زليخا حضرت يوسف عليه السلام کي پڪڙڻ جي به ڪوشش ڪئي ۽ ان ڇڪتاڻ ۾ حضرت يوسف عليه

السلام جي قميص به ڦاڙي پئي. اتفاق سان جڏهن دروازو کليو ته انهيءَ وقت زليخا جو مڙس اطفير زليخان جي سؤٽ سان ڳالهين ۾ مصروف هو. هُو انهن کي ڏسي پريشان ٿي ويو. حضرت يوسف عليه السلام سوچي ئي رهيو هو ته ڇا کيان ته ايتري ۾ زليخا چيو ته جيڪو تنهنجي خاندان سان ائين ڪري انهيءَ کي قيد ۽ عذاب ۾ وڌو وڃي. اتي حضرت يوسف عليه السلام جواب ڏنو ته هِنَ پاڻ مون کي مصيبت ۾ وجهڻ پئي چاهيو. مان بي گناهه آهيان. اتي انهيءَ جي سؤٽ چيو ته هن جي سچائي جي تحقيق ڏاڍي آسان آهي، اهو ائين ته جيڪڏهن حضرت يوسف عليه السلام جي قميص آڏو کان ڦاٽل آهي ته زليخان جي دعويٰ سچ آهي. جيڪڏهن قميص جو پويون حصو ڦاٽل آهي ته اها کوڙي آهي. تحقيق ڪرڻ سان حضرت يوسف عليه السلام سچو نڪتو ۽ زليخان شرمائجي وئي. عزيز مصر يوسف کي راز لڪائڻ لاءِ چيو ۽ زليخا کي توبهه زاريءَ لاءِ چيو ويو.

ان وقت کان پوءِ زليخان حضرت يوسف عليه السلام کي وري پنهنجي خواهش پوري ڪرڻ جي التجا ڪئي ۽ اها ڌمڪي به ڏنائينس ته، "جيڪڏهن منهنجي حڪم جي تعميل نه ڪندين ته مان توکي قيد خاني ۾ موڪلي سخت ذليل ڪندس."

حضرت يوسف عليه السلام قيد خاني ۾ وڃڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏني. اهڙي طرح کيس قيد خاني موڪليو ويو. هُو 7 سال قيد خاني ۾ رهيو. جڏهن اٺون سال شروع ٿيس ته مصر جي فرعون هڪ رات خواب ۾ ڏٺو:

"ست ٿلهيون ڳئون هڪ نهر مان نڪتيون، وري ست ٻيون سنهيون ڳئون انهن جي پويان نڪتيون، جن پهرئين ٿلهين ڳئن کي کائي ڇڏيو ۽ هُنَ اهو به ڏٺو ته ڪڪ جا ست سنگ سرسبز ۽ داڻن سان پريل هٽا. ان مٿان ست سڪا سنگ جيڪي هيٺا ۽ خالي هٽا سي انهن تي غالب اچي ويا."

صبح جو فرعون ان جو تعبير سڀني حاڪمن ۽ نجومين کان پڇيو، پر ڪير به ٻڌائي نه سگهيو. ان وقت حضرت يوسف عليه السلام عزيز مصر کي ياد آيو. ان کان تعبير پڇي وئي ته انهيءَ ٻڌايو ته، "ستن سالن تائين دستور جي مطابق توهان جا ماڻهو ڪاشتڪاري ڪندا، فصل سلو ٿيندو، پيدائش گهٽي ٿيندي هيءَ تعبير ٿلهين ڳئن جي آهي. ان کان پوءِ ست سالَ قحط جا ايڏا ڏکيا گذاريندئو، جنهن ۾ توهان پنهنجو اهو ذخيرو کائي ويندئو. هيءَ تعبير سنهين ستن ڳئن جي آهي جن ست ٿلهين ڳئن کي کائي ڇڏيو. پوءِ انهن سالن کان پوءِ اهڙا سال ايندا جن مان توهان جا ماڻهو فائدو حاصل ڪندا. ساقي تعبير ٻڌي واپس فرعون وٽ آيو ۽ پوري ماجرا ٻڌائي. اهڙي طرح فرعون حضرت يوسف

عليه السلام جو مشتاق ٿيو ۽ ساڻي کي موڪلي گهرائڻ لاءِ چيو. ساڻي جڏهن حضرت يوسف عليه السلام وٽ پهتو تہ حضرت يوسف عليه السلام ان کي چيو تہ: "تون پنهنجي مالڪ وٽ واپس وڃ ۽ انهيءَ کان پڇ تہ مون کي ڪهڙي جرم ۽ قيد جي سزا ڏني وئي آهي؟ مون تي جيڪو الزام لڳايو ويو آهي، انهي جي ڪري مان مصيبت ۾ آهيان. جڏهن ساڻي اهو پيغام فرعون کي وڃي ٻڌايو تہ انهيءَ وقت فرعون انهن عورتن کي ۽ ان سان گڏ زليخان کي ب گهرايو. جڏهن انهن عورتن کان پڇا ڳاڇا ٿي تہ انهن پنهنجي ڪنن تي هٿ رکي چيو تہ اسان هينئر تائين حضرت يوسف عليه السلام جي ڪنهن ب برائي کان آگاهہ نہ آهيون. فرعون مصر پوءِ زليخان جي طرف ڏٺو. زليخان چيو تہ مون پاڻ حضرت يوسف عليه السلام جي خواهش ڪئي هئي، بيشڪ هو واقعي سچو آهي. انهيءَ کان پوءِ فرعون ان کي قيد خاني مان گهرايو ۽ عزيز مصر کان حضرت يوسف عليه السلام کي خريد ڪري کيس آزاد ڪرائي ڇڏيائين ۽ پوءِ حضرت يوسف عليه السلام کي فرعون امين مقرر ڪيو ۽ اڇڻ وارن ستن سالن جي قحط جو انتظام سندس حوالي ڪيو. وري هن سالن کان پوءِ عزيز مصر جو انتقال ٿي ويو. فرعون ان جڳهہ تي حضرت يوسف عليه السلام کي مقرر ڪيو.

اهڙي طرح خوشحالي جا ست سال ختم ٿي ويا ۽ قحط جا سال اچي ويا. پهريون سال گذري ويو. ٻئي سال پورو عالم قحط جي ڪري مرڻ لڳو. اهڙي طرح ماڻهو اناج وٺڻ لاءِ اچڻ لڳا. حضرت يعقوب عليه السلام جا پٽ ب مصر مان اناج وٺڻ لاءِ آيا. حضرت يوسف عليه السلام انهن کي سڃاڻي ورتو. پر انهن حضرت يوسف عليه السلام کي نہ سڃاتو. ڇاڪاڻ تہ حضرت يوسف عليه السلام جو نہ اهو لباس هو نہ ئي صورت، پر هڪڙي ٻي حالت پيدا ٿي وئي هئي. حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي پائرن کان پنهنجي باري ۾ پڇيو هُو پهريائين تہ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا پر حضرت يوسف اعتبار نہ ڪيو تہ انهن هيءَ ڳالهہ بيان ڪئي تہ:

"اي عزيز مصر! در اصل اسان پنهنجي والد جا 12 پٽ هئاسين. هڪ ڏينهن اسان پنهنجي پاڻ سان ننڍي ڀاءُ کي ب چراگاهہ وٺي ويا هئاسين، جنهن کي اسان جو والد تمام عزيز رکندو هو. اتفاق سان ان کي بگهيڙ کائي ويا. شمعون اچي ويو ۽ شمعون اڳتي ڪجهہ چوڻ چاهيو تہ حضرت يوسف عليه السلام فوراً پڇيو تہ "پوءِ بعد ۾ تنهنجي پيءُ کي سڪون ڪنهن مان مليو؟" تہ شمعون جواب ڏنو. "جيڪو انهيءَ کان ننڍو اسان جو ڀاءُ هو."

حضرت يوسف عليه السلام ٿوري دير خاموش رهيو انهيءَ کان پوءِ ڪنڈ مٿي ڪري چيائين: تہ "آئينده جڏهن توهان اسان وٽ اچو تہ ان کي پاڻ سان

گڏ ضرور آڻجو. نہ تہ توهان کي هتي ڪجهہ بہ نہ ملندو."

شمعون چيو تہ شايد اسان جو والد هُنَ جي جدائي کي گوارا نہ ڪري. انهيءَ جي لاءِ اسان حتمي فيصلو نٿا ڪري سگهون.

حضرت يوسف عليه السلام فرمايو تہ: "بهتر اٿين ٿيندو تہ توهان مان ڪوئي اسان وٽ رهجي وڃي."

ان ڳالهہ تي اهي سڀ خاموش ٿي ويا. حضرت يوسف عليه السلام واپسي جي وقت ان جو قيمتون بہ سندن سامان ۾ رکائي ڇڏيون. انهيءَ خيال سان تہ انهن جي امانت داريءَ ۾ ديانتداريءَ ۾ هيءَ پونجي واپس ڪرڻ تي مجبور ڪندي ۽ بيو دفعو انهن جي اچڻ جو سبب بڻجندو.

اهڙي طرح جڏهن حضرت يوسف عليه السلام جا ڀائر حضرت يعقوب عليه السلام وٽ پهتا تہ عزيز مصر (حضرت يوسف عليه السلام) جي تعريف ڪئي ۽ چيو تہ عزيز مصر چيو آهي تہ: "جيڪڏهن توهان پنهنجي ننڍي ڀاءُ بن يامين کي آئينده گڏ نہ آڻيندو، جنهن کي والد عزيز رکي ٿو تہ توهان کي هتان ڪجهہ بہ نہ ملندو."

حضرت يعقوب عليه السلام چيو تہ ڇا توهان انهيءَ جي، حضرت يوسف عليه السلام وانگر حفاظت ڪندئو؟ ڀائر اهو ٻڌي خاموش ٿي ويا. جڏهن سامان کوليائون تہ ان ۾ ڏنل رقم ڏسي سڀ ڳالهائڻ ۾ شروع ٿي ويا. تہ عزيز مصر ڪيڏي وڏي رعايت ۽ عزت ڪئي آهي. اسان جا پئسا بہ واپس ڪيا اٿين. هاڻي توهان ڀاءُ سان اسان کي موڪليو تہ ٻيو اناج بہ وٺي اچون. آخرڪار حضرت يعقوب عليه السلام راضي ٿيو ۽ بنيامين کي بہ انهن سان روانو ڪيائين. هُو جڏهن حضرت يوسف عليه السلام وٽ پهتو تہ هُنَ پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي سڃاڻي ورتو ۽ انهن کي عزت ڏنائين ۽ پاڻ وٽ رهايائين. ماني کائڻ وقت بہ بہ ڀائر هڪڙي ئي دستر خوان تي ويهاريائين. جڏهن بنيامين اڪيلو رهجي ويو تہ هُنَ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا تہ جيڪڏهن منهنجو ڀاءُ زندهہ هجي ها تہ مان انهيءَ سان گڏ هجان ها. حضرت يوسف عليه السلام هُنَ کي روئندو ڏسي پاڻ سان گڏ ويهاريو ۽ چيو تہ: "مان تنهنجو ڀاءُ آهيان."

رات جو ڳالهين ئي ڳالهين ۾ حضرت يوسف عليه السلام بنيامين کي چيو تہ: "چا تون انهيءَ ڳالهہ کي پسند ڪرين ٿو تہ مان تنهنجي انهيءَ ڀاءُ جو، جيڪو گم ٿي ويو، انهيءَ جو قائم مقام ٿي وڃان."

بنيامين جواب ڏنو تہ: "واقعي توهان کان وڌيڪ ڀاءُ ٻيو کهڙو سلوڪ ڪندو. پر فرق صرف اهو آهي تہ توهان حضرت يعقوب عليه السلام ۽ حضرت راحيل مان پيدا ٿيل نہ آهيو."

-حضرت يوسف عليه السلام جي دل پهريائين ٿي پريل هئي. هُو بنيامين جي زبان مان اهي لفظ ٻڌي روئڻ لڳو ۽ هُن کي پاکر پائي ٻڌائي ڇڏيو ته مان ئي يوسف آهيان، پر پائرن کي اها ڳالهه نه ٻڌائجان. پئي ڏينهن صبح جو جڏهن پائرن کي اناج ڏيڻ لڳو ته پيمانو بنيامين جي سامان ۾ رکي ڇڏيائين، ٿوري دير کان پوءِ هو رخصت ٿيڻ لڳا. ته هڪ منادي آواز ڏنو ته توهان بيهو چوتہ توهان چور آهيو. حضرت يعقوب جي پٽن جواب ڏنو ته اسان چور ناهيون ۽ نه ئي هتي فساد کرڻ آيا آهيون. خدام چيو ته جيڪڏهن ائين هوندو ته انهيءَ جي سزا ڇا ٿيندي. انهن جواب ڏنو ته جنهن جي سامان ۾ پيمانو هوندو. انهيءَ کي چوريءَ جي جرم ۾ گرفتار ڪيو ويندو. حضرت يوسف عليه السلام تفتيش شروع ڪئي، سڀني جي تلاشي ورتي وئي. بنيامين جو وارو آيو ته انهيءَ جي سامان مان پيمانو نڪري آيو ۽ انهيءَ کي ئي روڪيو ويو.

حضرت يعقوب جي پٽن ڏاڍو گوڙ ڪيو ۽ چيو ته بنيامين جي بدران کنهن ٻئي ياءُ کي روڪي ڇڏيو. پر حضرت يوسف عليه السلام هڪ به نه ٻڌي ۽ بنيامين کي انهيءَ ڀهاڻي سان روڪي ڇڏيائين. ۽ شمعون اهو چئي مصر ۾ رکجي ويو ته توهان وساري وينا آهيو ته توهان پنهنجي والد سان واعدو ڪري آيا هئا ته هن کي حفاظت سان واپس آڻيندا سين. مان ته هتان حرڪت نه ڪندس، جيستائين منهنجو والد مون کي حڪم ڏئي يا الله حڪم ڏي. توهان پلي هليا وڃون ۽ سڄو قصو وڃي بابا کي ٻڌايو. حضرت يعقوب عليه السلام اهو قصو ٻڌي ڏاڍو غمگين ٿي ويو ۽ ڪيس ايترو صدمو ٿيو ۽ رنو جو اکين جي روشني به ختم ٿي ويس. انهيءَ سان گڏ ڪمزور به ٿي ويو. ڪجهه عرصي کان پوءِ حضرت يعقوب وري پنهنجن پٽن کي مصر ڏانهن روانو ڪيو. اهي جڏهن مصر پهتا ته عزيز مصر کي چوڻ لڳا ته اسان جي گهر وارن کي ڏڪار تباهه ڪري ڇڏيو آهي، اسان تمام گهٽ پئسو کڻي آيا آهيون. اها ڳالهه ٻڌي حضرت يوسف عليه السلام جي دل پرجي آئي اکين ۾ ڳوڙها وهي آيس ۽ چوڻ لڳو ته توهان کي ياد آهي ته توهان يوسف سان ڇا ڪيو؟ حضرت يوسف عليه السلام جي پائرن غور سان ڏٺو ته هو پنهنجي ياءُ کي سڃاڻي ويا ۽ چيائون ته واقعي تون ئي يوسف آهين. حضرت يوسف عليه السلام چيو مان ئي يوسف عليه السلام آهيان ۽ بنيامين منهنجو ياءُ آهي. ۽ پوءِ چيائين ته توهان دل ۾ ڪجهه به نه سوچجو، الله تعاليٰ خطائن کي معاف ڪندڙ آهي. اها الله تعاليٰ جي مرضي هئي. جيڪو ڪجهه به ٿيو، الله تعاليٰ مون تي وڏو احسان ڪيو. اهو الله تعاليٰ جي احسانن جو ئي ڦل آهي جو مان ان بلند مرتبي تي پهچي ويو آهيان.

حضرت يوسف جي پائرن کي پاڻ مٿان گهٽي ندامت ٿي. پر حضرت

يوسف جي تسلي ڏيڻ تي انهن ۾ اناج فهمي ختم ٿي وئي پوءِ حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي پائرن کان والد جو حال احوال معلوم ڪيو ۽ روانگيءَ جي وقت اناج ڏنو. پنهنجي والد لاءِ قميص ڏني ۽ کين هدايت ڪئي ته اتي پهچڻ سان اها والد جي چهري تي وجهي چڏجو ته سندس بينائي واپس ٿي ويندي ۽ پوءِ توهان سڀ اهل عيال سان گڏ مصر اچي وڃجو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ قافلو ڪنعان ۾ داخل ٿي ويو يهودا حضرت يوسف عليه السلام جي قميص کڻي والد جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. حضرت يعقوب عليه السلام ڏاڍو خوش ٿيو. سندس اکيون روشن ٿي ويون، سڄو رنج ۽ غم ختم ٿي ويس. ان کان پوءِ پاڻ يهودا کان پڇيائين ته، "توهان يوسف عليه السلام کي ڪهڙي حال ۾ ڇڏي آيا آهيو؟" يهودا چيو ته "ان کي مصر ۾ حڪومت ڪندي ڏسي ڇڏي آيا آهيون" حضرت يعقوب عليه السلام چيو ته: "مون کي شاهيءَ سان کا غرض ناهي، مون کي ٻڌايو ته انهيءَ کي ڪهڙي مذهب ۾ ڇڏي آيا آهيو؟"

يهودا جواب ڏنو ته: "مذهب اسلام جي پابند جي حيثيت سان ڇڏي آيا آهيون."

حضرت يعقوب عليه السلام ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. اهڙيءَ طرح حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجن پٽن ۽ سامان سان گڏ مصر جي ويجهو پهتو حضرت يوسف عليه السلام عما دين سان گڏ انهن جو استقبال ڪرڻ لاءِ مصر کان ٻاهر آيو. حضرت يعقوب عليه السلام شاهي جلوس ڏسي حضرت يوسف عليه السلام کي نه سڃاڻي سگهيو. يهودا کان پڇيائين ته: "ڇا هي فرعون مصر آهي؟"

يهودا چيو ته: "نه هيءَ توهان جو پٽ حضرت يوسف عليه السلام آهي."

حضرت يعقوب عليه السلام اڳتي وڌي چيو ته: "مذهب الاحزان (اي رنج ۽ الم کي دور ڪرڻ وارا توتي خدا جي رحمت ٿئي)."

حضرت يوسف عليه السلام جواب ڏئي پنهنجي پيءُ سان چمبڙي ويو پوءِ حضرت يوسف خطاب ڪري چيو ته: "توهان مصر هلو، انشاءَ الله ڏُکار ۽، بک کان محفوظ رهندئو." ۽ والد کي عزت سان رهائڻ لڳو.

هيءَ قصو ان جي ڪري ياد آيو جو ته هن جو تعلق به مصر سان هو ۽ خوشي محسوس ٿي رهي هئي ته اسان به انهيءَ شهر ۾ گهمڻ لاءِ وڃي رهيا آهيون، جتي حضرت يعقوب عليه السلام ۽ حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي زندگي گذاري ۽ اسلام جي تبليغ ڪندا رهيا ۽ فرعوني دور ۾ به اعليٰ عهدن تي فائز هئا. شان ۽ شوڪت جي زندگي گذاري رهيا هئا ۽ پنهنجي مذهب تي به قائم رهيا.

قطر ايئرپورٽ

اسان پاڪستان جي ٽائيم مطابق تقريباً هڪ ڀر ڏهن منٽن تي قطر ايئرپورٽ پهتاسين ۽ انهيءَ وقت قطر جي گهڙيال ۾ اڃان 11 ڀر ڏهه منٽ ٿيا هٿا يعني پاڪستان ۽ قطر جي وچ ۾ هڪ ڪلاڪ جو فرق هو. ايئرپورٽ ڪافي وڏو هو. پهريائين جڏهن اسان A, B, C ملڪن ڏي ويا هٿاسين تہ ان وقت قطر ايئرپورٽ تمام ننڍو هو. پر هاڻي نئون ايئرپورٽ ڪافي سهڻو ۽ ڪشادو ٺهيل هو. اندر پهچي Maha لائونج ۾ وڃي ويٺاسين. اتان جون ڪرسيون آرامده هيون. هڪڙي ڪمري ۾ وڏا صوفا به رکيل هٿا. جنهن تي توهان آرام سان سمهي به سگهيا پئي سو اتي ويٺاسين. ڪاڏو هر قسم جو رکيل هو. جوسن کان وٺي سلاد، مين ڪورس، ڪولڊ ڊرنڪ، مطلب تہ هر قسم جو کاڏو هو. جنهن وٽ به ماسٽر ڪمپني جو ڪارڊ موجود هو، اهو اتي اچي سگهي پيو. پر اسان رڳو پيٽو جو سوپ ۽ سلاد کاڏا ڇاڪاڻ تہ جهاز ۾ کاڏو ايڏو سٺو هو جو پيٽ ڀري کاڏو هئوسين. انهي جي ڪري مزيد کاڏي جي گنجائش ئي ڪونہ هئي. اتان فارغ ٿي اسان ٽنگن کان ڪم وٺڻ شروع ڪيو ۽ گيٽ سي-1 جي طرف روانا ٿياسين. اندر داخل ٿياسين اسان جي ٽڪيٽ تي Zoon-1 لکيل هو. سو انهن ڪرسين تي اچي ويٺاسين جنهن تي Zoon-1 لکيل هو. ٽوٽل زون ٿي هٿا. هتان اسان جو جهاز 20-2 تي روانو ٿيڻو هو. سو ٻن ۾ 10 منٽن تي بورڊنگ جو اعلان ڪيائون. اسان جهاز ۾ پهچي پنهنجي سيٽ نمبر J-38 ۽ K-38 تي ويٺاسين. جيڪي جهاز ۾ ڪافي پويان هيون. پويان سيٽون جڏهن به اسان کي مليون آهن تہ جهاز ۾ جهاڪا گهٽا ايندا آهن، پر هي "سپ گالهيون برداشت ڪرٽيون پونديون آهن. جهاز ۾ قطر ايئرلائين (Qatar Airways) جون ميگزين (Duty Free Magazine) به رکيل هيون. هن جهاز جون سيٽون به سليٽي رنگ جون هيون. جهاز تقريباً اڌ ڪلاڪ گڏڻ کان پوءِ روانو ٿيو. مان ٻنهي ميگزينن جو جائزو وٺڻ لڳس ۽ انهيءَ ۾ ايترو محو ٿي ويس جو جهاز پنهنجي اوچائي تي پهچي ويو، مون کي خبر ئي نہ پئي. پوءِ رفيع کان پڇيم تہ ڪا خاص گالهہ تہ اناؤنسمينٽ ۾ نہ ڪئي وئي؟ چا چيو ويو؟ موسم تہ خراب نہ آهي جيڪو مون کي اڪثر فڪر هوندو آهي. پر رفيع مذاق جي موڊ ۾ هو ، ان چيو تہ اڄ

انائونسمينٽ تمام گهٽي عجيب طريقي سان ڪئي وئي. مون پڇيو ته چو ڇا ٿيو؟ ته انهيءَ وراڻي ڏني.

جهاز جي ميزبان ايئرهوسٽيس نچي نچي ٻڌايو. جيئن هدايت نه پر جڻ ڪو نغمو هجي جهونگاري رهي هجي ۽ ان سان گڏ ناچ به ڪري رهي هجي ۽ چيائين ته: "اي مسافرو! جيڪڏهن جهاز کي ڪجهه ٿي وڃي ته به خوبصورت دروازه سامهون آهن. انهن جي طرف پنهنجي نازڪ آڱرين سان اشارو ڪيائين پوءِ ائين به چيائين ته به دروازا پويان به آهن. ويجهو کان ويجهو دروازي کان فرار ٿي وڃجو. خيال رکجو جهاز سطح سمنڊ يا زمين تي هجي. جهاز جي پرواز جي درميان ٽپو نه ڏجو. چو ته ڏک لڳڻ جو امڪان آهي. ۽ اها به هدايت ڪيائين ته جيڪڏهن هوائي جهاز مان ڦوڪ يا هوا نڪري وڃي ته توهان جي سامهون آڪسيجن جا ماسڪ لٽڪندا. سڀ کان پهريائين پاڻ پائجو ۽ انهيءَ کان پوءِ توهان سان گڏ جيڪو ويٺو هجي يا ويٺي هجي نامحرم جو خيال ڪرڻ کان بغير ان کي پائڻ ۾ مدد ڪجو."

مون رفيع کان پڇيو ته اسان جي پرسان ويٺل کي پهريائين ماسڪ چو نه پايون. پهريائين پنهنجي پاڻ کي چو پايون؟ اها ته خود غرضي آهي!... ته رفيع چيوتہ: "پهريائين پنهنجو پاڻ پائڻ ۾ اها حڪمت آهي ته جڏهن توهان جو هوش بحال هوندو ته تڏهن توهان ٻين جي مدد ڪري سگهندئو. بيهوشيءَ جي حالت ۾ اسان ٻئي جي مدد ڪيئن ڪري سگهنداسين."

"هُونءَ به پنهنجي پاڻ کي وساري ٻين جو خيال رکندي اسان اهو ايثار ڪري رهيا آهيون. اها ڪا ڳالهه ناهي پر ٻنهي جو نقصان ٿيندو. اسان ٻين جو خيال تڏهن رکي سگهندا آهيون، جڏهن اسان پاڻ پرسکون هونداسين. پنهنجي پاڻ سان جڏهن محبت ڪندئو تڏهن ته ٻين جو خيال رکي سگهندئو. انهن کي خزانو ڏئي سگهندئو.

"اهو به آهي ته جيستائين اهو پنهنجي پاڻ کي ٻڏڻ کان بچائڻ جي ڪوشش نه ڪندو ته ٻين کي ڪيئن بچائيندو. ائين ته ٻئي ٻڏي ويندا. اهڙا ڪيترا ئي مثال موجود آهن. انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي ته سڀ کان پهريائين پنهنجي زندگيءَ جي معيار کي وڌائي پنهنجي مٿان رحم ڪري، پنهنجو پاڻ سان محبت ڪري، پاڻ کي پرسکون رکون، ٻين جو نمبر پوءِ اچڻ گهرجي."

بهرحال اهو مذاق جڏهن ختم ٿيو ته پوءِ مصر ڏانهن ڏيان ويو ڇاڪاڻ ته جهاز ۾ ٿي وي تي مصر پهچڻ کان پهريائين اتان جون اهم جڳهون ڏيکاري رهيا هئا.

مصر

مصر جا تاريخي، جاگرافي، سياسي، صنعتي، زراعتي، ۽ معدنياتي وغيره حالات ڪهڙا آهن، مان سوچڻ تي مجبور ٿي وبس. مصر جي مشرق ۾ اسرائيل، بحيره احمر ۽ خليج عقبه آهن. جنوب ۾ سوڊان، مغرب ۾ ليبيا ۽ شمال ۾ بحيره روم. مصر جيتوڻيڪ علاقائي طور تي پاڪستان کان وڏو آهي پر صرف وادي نيل جو ڊيلٽا ۽ نخلستان ئي آباد آهن ۽ پوڪ ڪئي ويندي آهي. ان علاقي جو رقبو صرف 13500 چورس ميل آهي. هين لفظن ۾ پاڪستان جي صوبي سرحد جو تقريباً اڌ. وادي هڪ ڊگهي پٽي آهي جيڪا هن کان وٺي 15 ميلن تائين ويڪري آهي، حلفه وادي، جتان درياهه نيل مصر ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ قاهره تائين جتان کان اهو راميتا روسيتا شاخن ۾ تقسيم ٿي وڃي ٿو. جن ۾ ڊيلٽا واقع آهي سڀ کان وڏا شهر ڊيلٽا ۾ آهن. سواءِ ٽن جي جيڪي شهر سويز جي ڪناري واقع آهن.

مصر هڪ زرعي ملڪ آهي. گهٽو ڪري زراعت جو دارومدار آب پاشي تي آهي. آب پاشيءَ لاءِ ڪافي منصوبه ٺاهيا ويا آهن. جنهن ۾ اسوان ڊيم جو منصوبو شامل آهي. هيءَ 1971ع ۾ مڪمل ٿيو. هتي ڪڻڪ، چانور ۽ جو وغيره جي پيداوار ٿيندي آهي. گرمي جي موسم ۾ وڏا فصل ڪپهه، چانور، مڪئي ٿيندا آهن ۽ سردي جي موسم ۾ ڪڻڪ ٿيندي آهي. مصر ۾ صنعتي شعبي ۾ 17 فيصد آمدني پيدا ٿئي ٿي. جيڪا ڪنهن به مشرقي ملڪ کان گهٽي آهي. تقريباً سڀ ماڻهو صنعت مان روزگار حاصل ڪن ٿا.

مصر دراصل هڪ ريگستاني علاقو آهي. 90 فيصد خطو، ريگستان تي ٻڌل آهي. انهيءَ جي ڪري هن کي "گاڙهي سرزمين" به چوندا آهن ۽ مصر کي درياهه نيل جو "تحفو" به چوندا آهن. جو ته جيڪڏهن اهو درياهه نه هجي ها ته مصر هلي ئي نه سگهي ها. قديم مصر جي عظيم سلطنت انهيءَ درياهه جي ٽورائتي آهي. نيل جو پاڻي مصر جي لاءِ آب بقا آهي. جو ته هن خطي ۾ بارش نه ٿيندي آهي. تنهنڪري ماڻهن جي زندگيءَ جو دارو مدار ان تي آهي. ان جو پاڻي به پيئندا آهن ۽ زمين به درياهه جي پاڻي سان زرخيز ٿيندي آهي. تاريخدان مصر کي وادي نيل جي تهذيب جي نالي سان ياد ڪندا آهن.

مصر انهن چند ملڪن مان آهي جنهن جي تاريخ زنده آهي ۽ واحد

ملڪ آهي جيڪو ايشيا ۾ به آهي ۽ آفريڪا ۾ به. سينائي جو علائقو، جيڪو مصر جي ڪل رقبي جو ڇهون حصو آهي، سو ايشيا ۾ واقع آهي. باقي حصو آفريڪا ۾ آٿس. ان جي ڪري مصر جا اثر رهڻ وچ اوپر ۾ مضبوط نه آهن پر ان کان به وڌيڪ آفريڪا تي به آهن اهڙي طرح ايراني، يوناني، رومي، عربي، فرانسيسي ۽ انگريزي تهذيبن جا اثر به مصر ۾ موجود آهن ۽ مصر جا اثر انهن تمام تهذيبن تي به آهن ۽ اها حالت ڪنهن ٻئي معاشري ۾ نه آهي. قديم مصر کي جديد مصر کان الڳ ٻڌ ڪري سگهجي.

332 قبل مسيح ۾ سڪندر اعظم مصر کي فتح ڪيو ۽ ائين ئي اتي يوناني نسل بطليموسي خاندان جي حڪومت قائم ٿي. تاريخدانن انهن کي مصر جو 21 خاندان قرار ڏنو. قلوپطره انهيءَ يوناني خاندان جي آخري ملڪ هئي. ان زماني ۾ مصر روم (اٽلي) جي قبضي ۾ هليو ويو هو. رومين کان پوءِ حضرت عمر فاروق اعظم رضي الله عنه جي دور ۾ مسلمانن جي حڪومت قائم ٿي.

فاتح مصر عمرو بن العاص رضہ جو قصو

روايت آهي تہ حضرت عمرو بن العاص رضہ تجارت جي سلسلي ۾ شام ۽ فلسطين ويندو رهندو هو. هتي ئي تقدير هڪڙي عجب بهاني سان سڪندريہ جي تاجر شماس سان مليو. اهو ائين جو شماس يوناني تجارت جي سلسلي ۾ فلسطين ۽ بيت المقدس ويل هو تہ صحرا ۾ پلجي ويو. اتي آس پاس ڪٽي ۽ پاڻي موجود نہ هو. جنهن جي ڪري هُو بيهوش ٿي ويو. ان وقت حضرت عمرو بن العاص رضہ هن جي لاءِ رحمت جو فرشتو بڻجي نمودار ٿيو. اهو ۽ مڪ معظمہ مان تجارت جي لاءِ بيت المقدس آيل هو ۽ ويجهو ئي پنهنجا اٺ چاري رهيو هو. ان هڪ باوقار ماڻهو کي بيهوش ڏٺو تہ پاڻيءَ جا ڦڙا سندس منهن تي هنيائين هُن کي هوش اچي ويو تہ کيس پاڻيءَ پيارايائين ۽ کاڏو کارايائين. شماس ٽڪيل هو سو انهيءَ کي ننڊ کڻي وئي. ٿوري دير کان پوءِ ابن العاص ڏٺو تہ اتي هڪ ڪڏو هو ۽ انهيءَ مان هڪ نانگ نڪتو جيڪو ڦڻ گهمائي شماس ڏي وڌي رهيو هو. ابن العاص تير جو ماهر هو. انهيءَ جلدي تير ڪمان ۾ چاڙهيو ۽ چڪي نانگ کي نشانو بڻايو ۽ نانگ کي ماري ڇڏيائين. ان آواز تي شماس جي اک کلي وئي ان هيءَ واقعو ڏٺو تہ ابن العاص جي مٿي تي چمي ڏني ۽ چيائينس.

"عمرو بن العاص! منهنجا دوست، منهنجا محسن! تو ۽ ڏڦا منهنجي جان بچائي آهي. توهان وٽ هڪ ماڻهو جي خون بها هڪ سو اٺ آهن، جنهن جي قيمت هزار دينار هوندي آهي. تون مون سان اسڪندريا هل مان خدا کي گواهہ بڻائي چوان ٿو تہ مان توکي ۽ سو اُٺن جي قيمت جي برابر سامان ڏيندس. پوءِ ۽ تنهنجو احسان مند رهندس. ائين قدرت پاران ڏهن، ٻارهن سالن کان پوءِ جنهن ملڪ مصر کي اسلام جي جهولي ۾ آڻڻو هو تنهن لاءِ غيب کان رستو کلي ويو ۽ ۽ حضرت ابن العاص اسڪندريہ ۽ مصر جو سفر اختيار ڪيو. اهڙي طرح ۽ اٺ تہ چا مصر جي سفر مان اها دولت ملي... جنهن جي معني آهي رياست ۽ حڪومت.

حضرت عمرو بن العاص هو، جنهن جي حوصلہ مندي، مهم جوئي، بهادري ۽ دور انديشيءَ قديم ترين تمدن جي گهواري يعني مصر کي اسلامي دنيا ۾ شامل ڪيو. قصو ائين آهي تہ: اسڪندريہ جي وسيع ۽ نهايت شاندار شهر ۾ سالانہ جشن هو. ماڻهن کي بي شمار قسمن ۽ قومن جا زرق برق، رنگ ۽ رنگي ۽ مختلف ڍنگ جا لباس پاتل هئا. اُهي هزارن جي تعداد ۾ اُنَ ميدان ڏانهن وڃي

رهيا هئا. جنهن ۾ رقص، موسيقي ۽ جشن جو شاهي پروگرام هو. ان ۾ مقامي مصرين کان گهٽو تعداد غير قومن سان تعلق رکڻ وارن جو هو. اسڪندريہ پنهنجي علم، فضل، تجارت ۽ حڪومت جي ڪري صدين تائين هڪ بين الاقوامي شهر رهيو. جنهن ۾ يوناني، رومي، هندي، فينيقي قومن کان علاوہ يهودي ۽ نصراني بہ ڪافي تعداد ۾ هئا ۽ ڪيترن ئي نسلن کان هتي آباد هئا. اسڪندريہ ڪيترا ئي سال مصر جو دارالحڪومت رهيو. سندس عالي شان عمارتن، تاريخي يادگارن، معروف بندرگاهن، تجارتي مرڪزن ۽ بين الاقوامي آمد رفت هن شهر کي مهذب دنيا جي مندي ٺاهي ڇڏيو.

جشن جي وسيع ميدان جي اتر طرف حڪمرانن ۽ عوام جي لاءِ چمڪندڙ رنگن وارا سون ۽ پٽ سان اٽيل ڪپڙي جا شاميانہ لڳل هئا. ان هن جي بلڪل وچ ۾ وسيع شاهي نشست هئي جنهن تي سونهري بادشاهي ڇت چانو ڪيون بيلو هو. ان جي ڪاهي پاسي تقريباً آخر ۾ لڳل ڪاٺ جي بينچن تي اسڪندريا جو هڪ مالدار تاجر شماس ويٺل هو. جنهن سان گڏ هڪ عرب مهمان بہ هو. شماس انهيءَ کي ريشمي ڪپڙا پارايا هئا، پر سندس چهري ۽ نقش ٻڌائي رهيا هئا، تہ هو صحرائي ۽ عربي باشندو آهي. گهٽن راندين ۽ تماشن کان پوءِ امراءَ جي راند شروع ٿي، اهي هڪ هلڪي ۽ سنهي سونهري بال کي هڪ ٻئي ڏانهن اڇلائي رهيا هئا. ۽ ان کي هوا ۾ تمام گهٽو مٿي اڇلڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. شماس حضرت عمر رضہ ابن العاص کي ٻڌايو تہ: "توهان هن سونهري بال کي ڏسي رهيا آهيو نہ، ان جي باري ۾ هتي هڪ روايت مشهور آهي تہ جيڪڏهن هيءَ بال ڪنهن تماشائي جي جهولي ۾ اهڙي طرح ڪري جو اڳ تي نہ وڃي ۽ اتي ئي رکجي وڃي تہ اهو ماڻهو هتان جو بادشاهہ ضرور ٿيندو."

حضرت عمر رضہ بن العاص چيو تہ: "اسان اهڙين روايتن کي، جنهن جو ڪوئي عقلي دليل نہ هجي، وهم سمجهون ٿا. پلا ڪنهن جي هنج ۾ بال ڪرڻ سان ان جي بادشاهہ ٿيڻ جو ڪهڙو تعلق ٿي سگهي ٿو."

شماس چيو تہ:

"مون توهان کي هڪ دلچسپ روايت ٻڌائي آهي، ضروري ناهي تہ هيءَ صحيح هجي، پر ٻہ ٽي دفعا صحيح ٿي چڪي آهي. انهيءَ جي ڪري ماڻهن ۾ اها ڳالهہ مشهور ٿي چڪي آهي ۽ جيئن ئي جشن جي هيءَ آخري راند شروع ٿيندي آهي تہ ماڻهو پاڻ ۾ چوڻ لڳندا آهن تہ ڏسون تہ اڄ هيءَ بال ڪنهن جي جهوليءَ ۾ ڪري ٿو؟ ان مهل وچ ۾ شاهي نشستن تي ويٺل شاهي خاندان جا ڪيترا شهزاده دل ۾ دعا گهرندا رهندا آهن تہ آسمان انهن تي مهربان ٿي

وڃي ۽ بال انهيءَ جي جهولي ۾ اڇي ڪري."

جڏهن بال هوا ۾ گهٽو مٿي ويندو آهي تہ ماڻهو تاڙيون وڄائيندا آهن ۽ نعرا لڳائيندا آهن پر جڏهن بال هيٺ ويڙل ماڻهن جي طرف ڪرندو آهي تہ پورو مجموعو بي قرار ٿي پنهنجين نشستن تان اٿي بيهندا آهن ۽ بال کي ڏسندا رهندا آهن. پوءِ عجيب ڳالهہ ٿي ڪنهن راندیگر ان بال کي مٿي اڇلايو. هوا جي تيزي ان بال جو طرف تبديل ڪري ڇڏيو. بال هيٺ ايندي اتر جي طرف رخ ڪيو. مهمانن ڏي آيو ۽ اڇي عرب صحرائي جي جهولي‌ءَ ۾ ڪريو ۽ اتي ئي بيهي ويو. هزارن ماڻهن کي انهيءَ لمحي جو انتظار هو. گوڙ ٿي ويو. شماس پنهنجي جڳهہ تان اٿي بيٺو. انهيءَ خوشيءَ سان ٻانهون کوليون. عرب مهمان کي گلي لڳايو. ماڻهن جو گوڙ آهستي آهستي گهٽ ٿيندو رهيو. ماڻهن کي احساس ٿيو تہ بال هڪ پرديسي جي جهولي ۾ ڪريو آهي. اهو مصري يا يوناني ڪونهي، اهو هڪ عرب صحرا نشين آهي. ماڻهن ۾ گوڙ مچي ويو ۽ چوڻ لڳا تہ بال اسان کي ڏوکو ڏنو آهي، ائين پهريون دفعو ٿيو آهي، پلا هيءَ عرب بدو اسان جو بادشاهہ ڪيئن ٿي سگهندو؟

پر حقيقت اها ئي ٿي تہ عرب صحرا نشين ٽوڙن سالن کان پوءِ ان بي دليل روايت جي مطابق مصر جو حاڪم ٻڌيو. ان مصر کي فتح ڪيو ۽ اسلام جي دامن عافيت ۾ ڏئي ڇڏيو ۽ اهو عرب حضرت عمر بن العاص رضہ هو.

اهڙي طرح مصر جي رهاڪن نہ صرف مذهب اسلام قبول ڪيو پر ثقافت ۽ زبان تي بہ عمل ڪيو. دين کي وڏائڻ ۽ عسڪري عظمت جا نشان قائم ڪرڻ ۾ بہ مصر جو وڏو هٿ آهي. جنهن غازي اسلام صلاح الدين ايوبي جو مثال بہ قائم ڪيو.

حضرت ابراهيم عليه السلام جي ٻي زال حضرت حاجره جو تعلق بہ مصر سان هو. جيڪا اتان جي شهزادي هئي. اهو ئي سوچيندي دريءَ کان هيٺ نظر پئي. زمين ۽ آبادين سان گڏ نهرون بہ نظر اچڻ لڳيون. چو تہ درياهہ نيل کي ستن نهرن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي ۽ اهي شاخون اسان جي نهرن وانگر ماڻهن جون ضرورتون پوريون ڪنديون آهن ۽ سمنڊ ۾ داخل ٿي ويندیون آهن. اسان جو جهاز قاهره جي هوائي اڈي جي مٿان چڪر لڳائيندو رهيو. آخر هيٺ لهڻ شروع ڪيائين. هيءَ ايئرپورٽ شهر جي مرڪزي ميدان التحرير کان ٽن ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي آهي. جهاز جا ٽيٽا زمين سان ٽڪرائي هلڻ لڳا. پهريائين تيز رفتار پوءِ آهستي آهستي رفتار بہ گهٽ ٿي وٽي ۽ بريڪ لڳڻ جي آواز آيو. جهاز گيٽ سان لڳي ويو. جيستائين دروازو کلي، مسافرن پنهنجو سامان کڻڻ شروع ڪيو ۽ لائين ناهي بيهي رهيا. ٿوري دير کان پوءِ لائين ۾ ٿوري

چر پر شروع ٿي ۽ ماڻهن هلڻ شروع ڪيو. اتان جي ٽائيم مطابق پوٽي پنجين وڳي اسان پنهنجا قدم قاهره جي سرزمين تي رکيا ۽ هلڻ شروع ڪيوسين. امیگریشن کان ٻاهر نڪتاسين ته سامهون ايمبيسيڊر جو موڪليل نمائندو اسان جي نالي جو ڪارڊ کڻي بيٺو هو. ان آڏر پاءُ (Welcome) ڪيو. اسان جو ٻڌل هو ته هتي امیگریشن ۾ ڪنٽر وارا ڏاڍو تنگ ڪندا آهن، پر هتي اهڙو ڪجهه به نظر نه آيو. ڪسٽم وارن سان به نمائندي پنهنجي زبان ۾ ڪجهه ڳالهايو. انهن ڪجهه چوڻ کان بغير ئي ٻاهر وڃڻ جو اشارو ڪيو. ٻاهر نڪتاسين ته ڊرائيور موجود هو، جنهن اسان کان سامان ورتو ۽ گاڏيءَ ۾رکي ڇڏيو. دروازو کولي اسان کي ويهڻ جو اشارو ڪيائين. اسان گاڏيءَ ۾ ويهي رهياسين. گاڏي هلڻ شروع ڪيو. انهن پاڻيءَ جو بوتلون ۽ ڪولڊ ڊرنڪ به ڏنيون. شهر ۾ ٽريفڪ گهڻي هئي، نمائندو رستي تي جيڪا به اهم جڳهه هئي، ان جي وضاحت ڪندو هليو. اهڙي طرح 40 منٽن کان پوءِ هوٽل Hilton جي گيٽ تي گاڏي بيٺي. ويٽر سامان کڻڻ لاءِ اچي ويا. رسيپشن جي ڪائونٽر تي به گهڻي رش نه هئي، صرف هڪ سياح اسان جي آڏو بيٺل هو. پوءِ اسان جي وارو اچي ويو. اسان فارم پريو ڪمري جي چابي حاصل ڪري ڪمري جي طرف روانا ٿياسين، نمائندو به گڏ هو چو ته رستي ۾ اسان ان سان ٿورو ذڪر ڪيو هو ته اسان جيڪڏهن اسڪندريه وڃون ته اسان جي لاءِ ڪهڙي سواري بهتر رهندي. هُنَ جواب ۾ چيو ته هوٽل پهچي مان توهان کي تفصيل سان سمجهائيندس ته توهان کي چا ڪرڻ گهرجي؟ سو هُو ڪمري ۾ اسان سان گڏ آيو. اسان انهيءَ کي چيو سياڻي ته اسان هتي قاهره ۾ ئي گهمنداسين. پوءِ ان جي ٻڌي ڏينهن اوڏانهن وڃڻ جو ارادو رکون ٿا. ان چيو ته توهان جي لاءِ ٽيڪسي بهتر رهندي ڊرائيور منهنجو سڃاڻڻ وارو آهي، جيڪڏهن هوٽل کان گاڏي ونڊئو ته اها توهان کي مهانگي پوندي. اهڙي طرح هُنَ ڊرائيور سان ڳالهه ڪئي، پوءِ اسان جو پروگرام سيٽ ڪرائي واپس روانو ٿيو. اسان ان وقت تڪ محسوس ڪري رهيا هئاسين. انهيءَ ڪري سوچيوسين ته پهريائين ٻاهر نڪري ماني کائي اچون، پوءِ اچي آرام ڪيون. ٻاهر نڪتاسين ته هڪ شاپنگ مال هو. هي به پاڪستان ۾ خبر پئي هئي ته هوٽل جي پرسان شاپنگ مال آهي. هيءَ شاپنگ مال ڪراچيءَ واري شاپنگ مال پارڪ ٽاور جيترو هو يا انهي کان ٿورو وڏو هو. شاپنگ مال گهمي فوڊ ڪورٽ ڳولڻ شروع ڪيوسين پر خبر پئي ته هتي جدا جدا ريسٽورينٽ آهن پر فوڊ ڪورٽ ڪونه هو. پوءِ جڏهن هن جي ٻي منزل تي پهتاسين ته اتي ميڪڊونلڊ هو. اتي هليا وياسين. اسان کوشش ڪري ميڪڊونلڊ تي نه ويندا آهيون، چو ته اها آمريڪن چين آهي

جن جون برانچون پوري دنيا ۾ پکڙيل آهن. اسان کي آئسلينڊ ۾ انهيءَ ڳالهه جو تجربو ٿيو ته اتي ميڪڊونلڊ کائڻ جي اتان جي عوام کي اجازت نه هئي. اتي انهن جا پنهنجا برگر هٽا. اسان سوچڻ شروع ڪيو ته آمريڪا وارا انهيءَ مان گهٽا پئسا ڪمائي رهيا آهن جنهن پئسن سان اسلحو خريد ڪري اسلامي ملڪن تي استعمال ٿيندو آهي. پر انهيءَ وقت ٽڪل ڏاڍا هٽاسين ۽ جلدي واندا ٿيڻ چاهيون پيا تنهنڪري اتان کائي وري ٽورو شاپنگ مال جو چڪر لڳايوسين، چاڪاڻ ته اهو اندازو لڳائڻ چاهيون پيا ته هتي ڪيتري مهنگائي آهي، پر هتي ڪافي سستائي هئي. ائين لڳي رهيو هو ته پاڪستان کان به سستو آهي. بهرحال ونڊو شاپنگ کان پوءِ واپس هوٽل ۾ آياسين، پر اتي احساس ٿيو ته هتي صفائي جو رجحان بلڪل ڪونه هو. پاڪستان کان به برو حال هو. جيتوڻيڪ اسان فائيو اسٽار هوٽل ۾ هٽاسين پر صفائي نه هئڻ جي برابر هئي.

قاهره مصر جو نگينو

قاهره بيشڪ مصر جو نگينو. مصر جي گاديءَ جو هنڌ ۽ آفريڪا جو سڀ کان وڏو شهر آهي. ان جو بنياد منصوريا جي نالي سان گڏ 969 ۾ رکيو ويو. شهر جو وڏو حصو درياهه نيل جي مشرقي ڪناري تي آباد ٿيو. اهو ئي حصو مصر جي جديد ثقافتي رجحانات جو آئينه دار ۽ قومي معيشيت ۾ غالب ڪردار رکي ٿو. تاريخي عمارتون جديد طرز تعمير جي فلڪ بوس عمارتن سان خلط ملط ٿي چڪيون آهن. نين عمارتن ۾ پلازه ۽ هوٽل آهن، جن جي ڪمرن جو رخ درياهه نيل جي چوليون هٽندڙ ڪنارن ڏي آهي. دنيا جي قديم عجائبات مان هڪ يعني غزه جي عظيم اهرامن جي پاڇي ۾ آباد قاهره جو پاڙيسري ميمفس نالي علائقو آهي جنهن جي تاريخ غزه وانگر پنج هزار قبل مسيح جي زماني سان تعلق رکي ٿي.

شهر کي "پکونما" چيو ويجي ٿو ڇاڪاڻ تہ انهيءَ جي شڪل ۽ صورت ئي ڪجهه اهڙي آهي. هيءَ ڏکڻ ۾ سُسِي ويجي ٿي، چو تہ صحرا جي واري ان جي پکڙجڻ کي روڪي ٿي. جڏهن تہ اتر ۾ انهيءَ جي جسامت پکڙجي ويجي ٿي. ان طرف درياهه نيل جي ڊيلٽا جي زمين هر سال زرخيز ٿي ويجي ٿي. قاهره جي قديم ڪوٽ وارو حصو وڏين وڏين بازارن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ سون، ڪپڙن، مصالن، عنبر ۽ چمڙي جون منڊيون آهن. شهر جو اندروني حصو ٻن قديم ترين ۽ گنجان ترين علائقن مان هڪ آهي. اتي اولهه ۾ بولاق ۽ ڏکڻ ۾ مصر العظيمه سان گڏ شهر جو اندروني حصو پيرسي طريقي جي جديد شهر کي الگ ڪري ٿو. جيڪو درياهه نيل جي مشرقي ڪناري تي موجود آهي. جديد شهر جي برعڪس قديم شهر ۾ تنگ گهٽيون، محرابن واري مسجد، چار منزل پڪين سرن جا گهر، جن جي مردانه ۽ زنانه حصن کي الگ ڪرڻ واري اگٽن ۾ ٿوهارا خوبصورت آرائشي ڪم سان گڏ قرون وسطي جا نقش ۽ نگار آهن. وڏيڪ اوپر ۾ صحراءِ عرب جي چائنڪ ۽ سرخ ڏنڊن جي ترن ۾ جهنگلن واري سرزمين جا خوبصورت منظر آهن. قاهره جي جديد حصن جي ڏکڻ ۾ شهر خاموشان يا قبرستان آهي، هتي خوشنما مزار ۽ مقبرا اولين مذهبي رهنمائن کي خراج عقيدت پيش ڪندي نظر اچن ٿا. شهر خاموشان جي اتر ۽ جديد قاهره جي جنوبي ڪنڊ کي مصر العظيمه چوندا آهن. هيءَ دراصل پراڻو قاهره



مصر جو نقشو



قاهرہ، قصرالنیل پُل تان نیل ندی، جو منظر



قاهرہ، قصرالنیل پُل تي




قاهره، مصر جي عجائب گهر جو باهريون ڏيک



قاهره، مصر جي عجائب گهر جي اندر



قاهره، مصر جي عجائب گهر جي اندر



قاهرہ، مصر جي عجائب گھر ہ




قاهرہ، مصر جي عجائب گھر جي اندر




قاهرہ، مصر جي عجائب گھر جي ہي منزل



غيزا، اهرام مصر (خوفوجو اهرام)



غيزا، خوفوجو اهرام وت



غيزا، خوفوجو اهرام




غيزه، خوفو جي اهرام جي سامهون



غيزا، خوفو جي اهرام جي سامهون



غيزا، دنيا جا پراسرار قديم اهرام مصر جي سامهون



غيزا، ابوالهول جي مجسمي جي اگيان



غيزا، ابوالهول جي مجسمي جي سامهون




اسڪندريه، ڪارنيش تي



اسكندريه، كارنيش



اسكندريه، سلطان اشرف قطبي قلعي جي اگ ر




اسكندريه، سلطان اشرف قطبي قلعي جي اندر



اسڪندريہ، سلطان اشرف قطبي قلعي ۾ اسڪول جي شاگردن سان گڏ



اسڪندريہ، لئبرري جو اندروني منظر



اسڪندريہ، لئبرري جو اندروني منظر



اسكندريه، لئبرري جواندروني منظر



اسكندريه، قصر المنتزه جو محل



اسكندريه، قصر المنتزه محل جي در تي



اسکندریہ، قصر المنتزہ جي باغ ہ



اسکندریہ، قصر المنتزہ محل جي باغ جو هڪ حصو



قاهره، حضرت امام حسين عليه السلام مسجد جي اڳيان



قاهره، حضرت امام حسين رضي الله عنه مسجد جي اندر



قاهره، حضرت امام حسين رضي الله عنه مسجد جي مقبري وٽ



قاهره، حضرت امام حسين رضي الله عنه مسجد جي مقبري وٽ



قاهره، قصر عابدين محل جي اندر



قاهره، قصر عابدين محل ۾ ڪاليج جي شاگردياڻين سان گڏ



قاهره، مسجد ۽ مقبره السيدة زينب رضي الله عنها



قاهره. مسجد ع مقبره السيدة زينب ﷺ



قاهره. قلعي سلطان صلاح الدين ايوبي جي مسجد جي سامهون



قاهره. قلعي سلطان صلاح الدين ايوبي جي مسجد جواگن




قاهره، قلعي سلطان صلاح الدين ايوبي جي مسجد



قاهره، قلعي سلطان صلاح الدين ايوبي جي مسجد جو اندريون منظر




قاهره، الازهرا باغ جو اندروني نظارو



قاهره، قلعي سلطان حسن مسجد جو أندروني حصو




قاهره، الرفائي مسجد جوباهربون ڈيک



قاهره، الرفائي مسجد جي اندر



قاهره، الرفائي مسجد پر شاهِ ايران رضا پهلوي جي قبر



قديم قاهره پر هڪ چرچ



قاهره، ڪويڪ عجائب گهر

آهي. هيءَ رومن دور جي شهر پناهه جي اندر واقع آهي. هتي اڃان تائين قبطي گرجا موجود آهن.

قاهره مملوڪن جي دور ۾ تيرهوين صدي عيسوي ۾ پنهنجي عروج تي هو. جيتوڻيڪ هيءَ شهر مشرق ۽ مغرب جي وچ ۾ گرم مسالن جي تجارت جي لاءِ گيٽ وي هجڻ سان گڏ ان سلطنت جي گاديءَ جو هنڌ به هو. 1516ع تائين مملوڪ مصر تي حڪمران رهيا. انهيءَ جي ڪري هتي دولت جي ريل پيل رهي ۽ 1340ع ۾ ان جي آبادي پنج لکن تائين پهچي وئي.

1348ع جي "ڪاري موت" شهر جي آبادي کي محدود ڪري ڇڏيو. گرم مسالن جي تجارت تي قائم اجاره داري واسڪوڊي گاما جو پرتگال مان هندستان جي بحري سفر ختم ڪري ڇڏيو. قاهره تي زوال اچي ويو جو قاهره کي ترڪن 1517ع ۾ پنهنجي فتح کان پوءِ صوبائي گادي جي هنڌ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ ان جي بين الاقوامي حيثيت ختم ٿي وئي.

19صديءَ ۾ محمد عليءَ نئين خانداني حڪومت جو بنياد رکيو، جنهن 1805ع کان 1952 تائين مصر تي راڄ ڪيو. ويهين 20 صدي ۾ قاهره جي آبادي ۾ هڪ دفعو وري ڪافي اضافو ٿي ويو. 1890ع ۾ ان جي آبادي 3 لک 75 هزار ٿي جيڪا 1990ع ۾ 6 لک 50 هزار ماٺهن تائين پهچي وئي. شهر جو رقبو 269 مربع ڪلو ميٽر هو.

قاهره جي عظيم الشان يونيورسٽين ۾ الازهر يونيورسٽي، قاهره يونيورسٽي ۽ عين شمس يونيورسٽي مشهور آهن. شهر ۾ ڪيئي ميوزيم به آهن جنهن ۾ مصر ميوزيم دنيا ۾ مشهور آهي. ايتريون هيناهيون مٽانهيون ڏسڻ کان پوءِ به هن شهر کي وڏي عظمت ۽ شان حاصل آهي. جديد قاهره مغرب ۾ اهرام جي گريبان تائين ۽ مشرق ۾ پهاڙ مقطم جي دامن تائين پهچي چڪو آهي. انهيءَ وسعت جي ڪري ان کي "ام الدهر" به چيو ويو آهي قديم زماني ۾ اتي رومي قلعو ۽ آبادي هئي، جنهن جو نالو بابل هو. اتي رومي شهنشاهه آگسٽس پنهنجي چانوٽي ناهي هئي. اڄ ڪلهه اتي قبطي محلو آهي، مصر جي قديم ترين تاريخ مطابق ان جي قديم ديوتائن هورس سيت جي وچ ۾ انهيءَ جڳهه تي ميدان ڪارزار ٿيو. اتي وڙهي ٻئي ختم ٿي ويا.

حضرت عمر فاروق اعظم رضه جي دور ۾ عظيم الشان مسلمان فاتح عمرو بن العاص 640ع ۾ انهيءَ جڳهه تي خيمازن ٿيو هو. جڏهن لشڪر اسڪندريه کي فتح ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو هو تڏهن هُنَ ڏٺو ته هڪ جهرڪيءَ انهيءَ خيمي ۾ ڇپا ڏنا آهن ۽ هُنَ انهيءَ جي ڪري خيمي کي اتان هٽائڻ نه ڏنو. پوءِ ان خيمي (فسطاط) جي چئني پاسن چاوٽي ۽ شهر ٿيو. ان آبادي جو نالو ئي فسطاط

پٽجي ويو جنهن مقام تي حضرت عمرو بن العاص خيما لڳايا هئا. هاڻي انهيءَ جي نالي تي مسجد ٺهي آهي، جيڪا مصر جي پهرين مسجد هئي. مصر ۾ آفريڪا ۾ ان کي (City of the Tents) به چيو ويندو هو.

چون ٿا ته قاهره جي نالي رکڻ جي وڏي دلچسپ آکاڻي آهي. جنهن ڏينهن قاهره جو بنياد رکيو ويو، ان ڏينهن خليفه معزالدين جي غلام مصر جي هڪ معروف ماهر نجوم کي هڪ بلند جڳهه تي بيهاريو ۽ سنگ بنياد تي رسيون ٻڌي ان ۾ گهنٽيون ٻڌي ڇڏيون ته جڏهن نجوميءَ جي تجويز ڏيڻ جو وقت اچي ته فوري طور تي رسيءَ کي لڏايو وڃي ۽ گهنٽين جو آواز بلند ٿيندي ئي شهر جو سنگ بنياد رکيو وڃي. اتفاق سان هڪ ڪانو اتي اچي نڪتو ۽ اها رسي ڏاڍي منجهي وئي ۽ ڪانو جي ڦاسڻ جي ڪري گهنٽيون پاڻهي وڄڻ لڳيون. ان وقت مريخ سيارو جنهن کي قاهره به چون ٿا بلڪل سامهون اچي ويو ۽ نجومي ان کي ڏسي رڙيون ڪرڻ لڳو. القاهر، القاهر يعني مريخ سامهون آهي. بنياد ڇو ٿا رکو؟ هاڻي ڇا پيو ٿي سگهي ۽ اهڙي طرح القاهر ئي قاهره جو نالو ٿيو ۽ انهيءَ نالي سان سڏيو وڃي ٿو پر اها به حقيقت آهي هن تاريخي شهر جو محل وقوع ماضي ۾ ڪيترا دفعا تبديل ٿي چڪو آهي.

اڄ اپريل جي 9 تاريخ آهي، صبح جو جلدي اٿي وياسين. ڇوته رات جو جلدي سمهي پيا هئاسين. جيئن ئي اٿياسين هانگ جو آواز ڪن تي پيو. اسان نماز جي تياري ڪري پنهنجو فرض پورو ڪيو. پوءِ تيار ٿي ناشتي جي لاءِ Break fast روم ڏي وياسين. اتي انهن جو ناشتو ڏسي حيران ٿي وياسين ڇو ته اهڙو ناشتو اسان ڪڏهن به نه ڏٺو هو. مختلف ميون جا جوسز ، ميون جا ڪيئي قسم ۽ کجور جي قسمن جي ته حد هئي تقريباً 15-20 کجورن جون جنسون موجود هيون. بسڪيٽ ، مٺايون ۽ ڪيڪ وغيره تمام گهڻا هئا. مين ڊشز ۾ به تمام گهڻا ڪاڏا هئا. ڪاڏو ڏسي فيصلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو ته چا کائجي چا ڇڏجي؟ اڄ ڊشن سان انصاف ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو . چانهن، قهوه، سيئريل، کير، ڪسترڊ ۽ پڊنگ وغيره کنهن جو ذڪر ڪري کنهن جو ڪجي. جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ ذڪر ڪجي ته پورو ڪتاب لکي سگهجي ٿو. کائڻ جي معاملي ۾ عرب مشهور هوندا آهن. هيءَ به عرب آهن، پرهنن ته سيني کي مات ڏئي ڇڏي. بهرحال اسان کاڏي جو جائزو وٺڻ کان پوءِ هڪ ٽيبل جنهن جي پرسان به ڪرسيون هجن انهيءَ کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئيسين، ڇو ته چار ڪرسين واري ٽيبل تي ويهڻ بداخلاقي هئي. نيٺ اسان کي هن ڪرسين واري ٽيبل ملي وئي.

نيل ندي

اسان جي سامهون نيل ندي هئي. جنهن جي ٻنهي ڪنارن تي خوبصورت ريسٽورينٽ ٺهيل هئا. ننڍيون وڏيون ٻيڙيون ۽ فيريون هلي رهيون هيون. تمام گهٽو خوبصورت نظارو هو. منهنجون نظرون نيل ندي ۾ ڪپي ويون. مان ڪائي دير تائين ڏسندي رهيس پوءِ رفيع سان ڳالهائڻ لاءِ ڪنڊ انهي ڏي ڪيم ته اهو به .انهي کي ڏسڻ ۾ محو هو. اهو به شايد ڳالهائڻ نه پيو چاهي ۽ انهيءَ کي پوري ڏيان سان ڏسڻ پيو چاهي تنهنڪري مان رندڪ نه وجهڻ چاهي. پر آخرڪار خاموشي ٽوڙي رفيع کي چيم ته: "ندي ڏسڻ سان گڏوگڏ اسان کي ڪاڏو به ڪاٿو آهي، اهو به سوچي سمجهي دماغ استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي ته ڇا ڪائون ڇا ڇڏيون." رفيع ڪلندي اٿيو ۽ پوءِ اسان ڪاڏو ڪٿي آياسين ۽ گڏوگڏ ندي جي حسن جو مزو ونندا رهياسين ۽ ان جي تعريف به ڪندا رهياسين. پراڻي زماني جا حالات ۽ ندي جي ماضيءَ بابت سوچيندا رهياسين.

ان وقت مون کي سفرنامه ناصر خسرو ياد اچي ويو. جنهن ۾ هن ذڪر ڪيو هو ته:

درياهه نيل ۾ جڏهن چاڑهه ايندو هو، ته شهر يورماه (سيپٽمبر) جي ڏهين تاريخ کان مهيني آبا (نومبر) جي (20) ويهين تاريخ تائين پاڻي جي طغياني (18) ارڙهن گز تائين هوندي هئي. (ان مقدار سان جو معمولي موسم سرما ۾ ٿيندي هئي) انهيءَ وقت تائين سڄي ملڪ جي واهن جا منهن بند رهندا هئا. ان کان پوءِ هيءَ نهر جنهن کي خليج چوندا هئا ۽ جيڪا مصر قديم جي سامهون کان شروع ٿي قاهره تائين وڃي ٿي. (نهر شاهي آهي) ان جي افتتاح جي لاءِ خليفو محل مان سوار ٿي ايندو هو. ۽ نهر جو دروازو کوليندو هو. ان رسم کان پوءِ ملڪ جي سڀني خليجن ۽ نهرن جو پاڻي کولي ڇڏيندا هئا. اِهو سڀ کان وڏي جشن جو ڏينهن هوندو هو ۽ ان تقريب جو نالو "ركوب افتتاح الخليج" هو.

جڏهن شاهي سواري جي نڪرڻ جو وقت ويجهو ٿيندو آهي ته نهرن جي ڪناري هڪ نهايت ئي شاندار شاميانو خليفي جي لاءِ لڳايو ويندو آهي. جيڪو ديبائي رومي جو هوندو آهي ۽ ان تي زر دوزي جو ڪم ڪيو ويندو آهي ۽ جواهرات سان سجايو ويندو آهي ۽ هڪ سو سوار ان شامياني جي ڇانو ۾ بيهي سگهندا آهن. پوءِ ان وسيع ريت جي سامهون هڪ بوقلموني خيمو لڳائي

ٻي دربار سجائيندا آهن.

اصلي جلوس نڪرڻ کان ٿي ڏينهن پهريائين اصطبل ۾ دهل، نغارا ۽ شرناءِ وڄائيندا آهن ته جيئن گهوڙا انهن جي آوازن کان مانوس ٿي وڃن. جنهن ڏينهن خليفي جي سواري نڪرندي آهي ته ان ۾ ڏهه هزار گهوڙا شامل هوندا آهن، جن جي پٺي جا سنج ۽ ڇڇيءَ ۾ پيل سنهري رنگ جا زيور ۽ واڳ جي ڏوريءَ جواهرن سان جڙيل هوندي آهي. زين جا نمدو ديبا رومي رنگ ۽ رنگي هوندا آهن. اهي سڀ هڪ خاص سرڪاري ڪارخاني ۾ تيار ٿيندا هٿا. جنهن ۾ نه سلائي ٿيندي هئي ۽ نه ئي ڪنهن جڳهه تي ڳنڍ هوندو هو ۽ ڪنارن تي خيلفي جو نالو ڪڙهائي ڪري لڳايو ويندو هو. هر ڪڻنتل گهوڙي تي فولادي زنجيرن مان ٺهيل ڪڙتو ۽ هانهن ۾ ٻڌل ڇهه پاتل هوندو آهي. زين جي اپريل حصي تي سامهون واري پاسي کان هڪ خود رکيل هوندو آهي. يا اهڙي قسم جا ٻيا هٿيار رکيل هوندا آهن، اهڙي طرح اٺ ڪجاون سان ۽ خچر پالکي سان سينگاريل ۽ هيري جواهرن سان سجيل هوندا آهن. هن جلوس سان شاهي لشڪر گڏ هوندو آهي ۽ هر فوج الڳ الڳ هوندي آهي. انهيءَ طرح فوج جا نالا به الڳ هوندا آهن مثلاً ڪتاميه باطليان، پياده فوج مصامده، مشارقه، زنوج ۽ عبيد الثر استادان وغيره انهيءَ کان علاوه ٻين ملڪن جا شهزاده، جيئن يمن، مغرب، روم، صقلاب نوبيا، حبش، گرجستان، ديالمه، خاقان، ترڪستان وغيره ان کان علاوه ڪثرت ۾ فاضل، اديب، شاعر، فقيه وغيره به هوندا هٿا.

جنهن ڏينهن صبح جو خليفه خليج جي افتتاح لاءِ نڪرندو هو ته انهيءَ ڏينهن هزارين مزدور اجرت تي مقرر ڪيا ويندا آهن. جنهن ۾ مزدور هڪ هڪ ڪڻنتل گهوڙي کي وٺي هلندا آهن ۽ سؤ سؤ جي قطار ۾ هلندا آهن. انهن جي آڏو نقارا، دهل شهنائي وڄائيندا هلندا آهن، فوج جو هڪ حصو ان جي پويان هوندو آهي ۽ گهوڙن جي پويان اٺ هلن ٿا. پوءِ خچرن جو وارو آيو، اهڙي طرح فوجن ۽ ڪڻنتل گهوڙن جي جلوس کان پوءِ پري کان امير المومنين جي سواري نظر آئي، جيڪو پوري قد جو خوبصورت نوجوان آهي. امير المومنين حسين بن علي بن ابي طالب صلوات الله عليهم جي اولاد مان آهي. سندس مٿي جا وار ڪٽيل ۽ هُو خچر تي سوار هو. جنهن جو زين ۽ لگام بلڪل سادو هو. يعني سون يا چانديءَ جو ڪوبه ڪم ٽيل نه هوس. سندس پورو لباس اڇو هو ۽ چيلهه تي هڪ سندور ٻڌل هوس، جيئن عربن جو دستور آهي ۽ جنهن کي فارس وارا ڏُراعه چوندا آهن. ان لباس جو نالو دوبيقي آهي. جنهن جي قيمت ڏهه هزار دينار آهي، ڪيس انهيءَ رنگ جو عمامه به هو. انهيءَ رنگ جي پڳ به هئي ۽ هٿ ۾ هڪ مهانگو ڪوڙو به هو. خليفي جي سواري جڏهن سامهون ٿي ته ان ۾ ٿي

هزار ديلمي پيادا بہ هئا، جن جو لباس ڪيمخواب رومي جو هو. اهو چيلهه وٽان سوڙهو ۽ ٻاهون ڊگهيون هيون. جيئن مصر وارن جو دستور آهي، هي، سڀ پيادا جن جي هٿن ۾ ننڍا ننڍا نيزا ۽ تير هئا ۽ پائتابہ بہ پاتل هئا. هڪ چٽي بردار گهوڙي تي سوار ٿي خليفي سان گڏوگڏ هلندو رهيو، جنهن جي مٿي تي سونو هيرن جواهران جو دستار هوندو اٿس. لباس هڪ ئي ڪپڙي جو هو. ۽ جيڪا چٽي ان خادم جي هٿ ۾ هوندي آهي اها بہ هيرن ۽ سون سان ٺهيل آهي، انهيءَ چٽيءَ واري خادم کا علاوه ٻيو ڪوبہ خليفي جي پرسان نہ آهي. خليفي جي اڳيان ديلمي هوندا آهن، کاڀي ساڄي خادم انگيٺيون ڪٽي هلن پيا جنهن ۾ عود عنبر ٻرندا، خوشبو ڪيندا پيا وڃن. جڏهن اميرالمومنين جي سواري گذري پئي تہ ملڪي دستور جي مطابق قديم مصري رعايا سجدو پئي ڪيو ۽ دعائون پئي ڏنائون. انهيءَ کان پوءِ وزير جي سواري اچي ٿي. جنهن جي جلوس ۾ قاضي القضاة، ارباب علم، ۽ ارڪان سلطنت ڪثير تعداد ۾ هئا. خليفي جي سواري مقرر جڳهه تائين يعني درياهه جي چوڙ ڪرڻ واري هنڌ تي وڃي بيٺي، ٽوري گهڙيءَ کان پوءِ هڪ نوڪدار هٿيار درياءَ جي بند تي مارڻ لاءِ ڏنو. انهيءَ اشاري سان بينڊ تماشائي تيزيءَ سان بند کي ڪٽي چڏيندا آهن، اهڙي طرح اهو پاڻي هيٺ ڪرندو آهي ۽ خليج ۾ هليو ويندو آهي. ان ڏينهن تي مصر قديم ۽ قاهره جي تمام مخلوق افتتاح خليج جو نظارو ڏسڻ ايندا آهن ۽ اُن ڏينهن مختلف راندين ۽ تماشا بہ ٿيندا آهن.

اهڙي طرح خليج ۾ جيڪا سڀ کان پهريائين ٻيڙي وڏي ويندي هئي، اها اخرسون جي هوندي هئي ۽ اهي ماڻهو گنگ دلال چوراٽيندا هئا (گونگا، ٻوڙا، مسڪين) انهن کي سوار ڪرايو ويندو هو. اها کارروائي طور فادل (شگون) جي هوندي هئي ۽ خليفو انهن ماڻهن جو صدقو ڏيندو هو.

ايڪويهه (21) ٻيڙيون شاهي آهن، جيڪي مهل جي ويجهو تالاب ۾ بينڊ رهندڙيون آهن جنهن جي وسعت ٻن ٽن ميدانن جي برابر آهي، ان ۾ هر هڪ ٻيڙيءَ جي پڪيڙ 50 وال ۽ ويڪر ويهه وال آهي ۽ سڀئي ٻيڙيون سون ۽ چانديءَ جي ڪم مان سينگاريل هيون جن تي ديبا مڑهيل هئا ۽ جواهرات جڙيل هئا جيڪڏهن مان ان جي تعريف ڪيان تہ هڪ دفتر ٿي ويندو. ڪيئي دفعا اهي ٻيڙيون تالاب ۾ اهڙي ترتيب ۽ سليقي سان رکيون ويندڙيون آهن، جيئن اصطبل ۾ خچر ٻڌا ويندا آهن. شهر کان ٻن ميلن جي فاصلي تي عين الشمس نالي هڪ شاهي باغ آهي، هتي هڪ خوبصورت چشمو بہ آهي ۽ باغ بہ انهيءَ چشمي جي نالي سان آهي. بيان ڪيو ويو وڃي ٿو تہ هيءَ باغ فرعون جو هو. ان باغ جي ويجهو مون هڪ پراڻي عمارت ڏٺي، جنهن ۾ وڏا پٿر لڳل هئا ۽ مينار

وانگر هئا. ان جي بلندي ٽيهه (30) وار هئي ۽ ان جي مٿن کان پاڻيءَ جون بوندون ٽپڪن پيون ۽ کنهن کي به ان جو علم نه هو ته هيءَ چا آهي.

درياهه نيل جي رفتار ۽ پاڻيءَ جي کيفيت معلوم ڪرڻ جي لاءِ مصري ماڻهو هڪ پيمانو ٻڌائيندا هئا. درياهه جي ڪناري تي هڪ ڪمرو ٺهيل هوندوهو. ان کي نيرو ميٽر چوندا هئا. ان ۾ هڪ سرنگ جي ذريعي پاڻي ايندو رهندو هو. ان پيماني سان پاڻيءَ جي حرارت، رنگ ۽ ڪيفيت جي خبر پوندي هئي. ان جو پورو سال رڪارڊ رکيو ويندو هو. انهيءَ رڪارڊ مان خبر پوندي هئي ته هوڏ ايندي يا نه، جيڪڏهن ايندي تہ ان جا اثر چا هوندا. فصلن جي لاءِ سٺي هوندي يا نقصان پهچائيندي؟

جڏهن هيءَ درياهه سوڊان ۾ داخل ٿيندو آهي ته انهيءَ جي رفتار ڏاڍي سست ٿي ويندي آهي، چوته درياهه هڪ خطرناڪ دلدل مان گذرندو آهي. اِها دلدل دنيا ۾ سيني کان وڏي دلدل آهي جيڪا 700 ڪلو ميٽر ڊگهي آهي. هتي هڪ قسم جو گاهه پاپائرس پيدا ٿيندو آهي جيڪو پوري دلدل ۾ پکڙجي ويندو آهي، اهو اهڙو گهاٽو ۽ مضبوط هوندو آهي، جو انتي جيڪڏهن هاٿي بيهاري چڙجي ته هو هيٺ ويندو ۽ سڏو ئي بيٺل هوندو. درياهه جو پاڻي گاهه کان هيٺان وهندو آهي، خبر ئي نه پوندي آهي ته پاڻي ڪٿي آهي.

انگريزن جو لفظ پيپر پاپائرس مان ورتل آهي. انهيءَ گاهه مان ئي ڪاغذ ٺاهيو ويندو هو.

درياهه نيل جا سڀ مددگار درياهه حبشه، جنهن کي هاٿي اٿيوپيا چون ٿا، جي پهاڙن مان گذري هن ۾ شامل ٿيندا آهن، انهن ۾ سڀ کان وڏو ۽ اهم درياهه حبشه جي ڍنڍ تانا مان نڪرندو آهي ۽ فوراً آبشار جي صورت ۾ هڪ گهري کڈ ۾ ڪرندو آهي ۽ اڳتي وهندو خرطوم جي مقام وٽ درياهه نيل ۾ ملي وڃي ٿو. خرطوم کان پوءِ اتباءَ جي مقام تي اتبار نالي هڪ ٻيو درياهه اچي نيل ۾ شامل ٿئي ٿو. هيءَ به حبشه جي پهاڙن مان تانا ڍنڍ جي پرسان نڪرندو آهي.

هيٺ ناشتو ڪندي روڊ جي رونق ۽ نظر اچي رهي هئي. ماڻهن جي گهما گهمي هئي. ماڻهو آفيسن ڏانهن ۽ شاگردن جي ڪچي ۾ بيگ هئا. اهي شايد پنهنجي درسگاهن ڏانهن وڃي رهيا هئا. نظارو سڀ هو پر هوٽل جي پٽ جي اندر هوٽل جو پڳل ٽٽل سامان پيو هو. جنهن کي ڏسي ٿورو سڀ نه پئي لڳو. اسان نيرن ڪرڻ کان پوءِ ٿورو ٻاهر جو جائزو ورتوسين چاڪاڻ ته اسان کي اتان سمر ونڊي هئي، اها وٺي هوٽل ۾ پهتاسين. رسيپشن تي آياسين انهن کان ٽيڪسي جي معلومات حاصل ڪئي سين، چاڪاڻ ته اهرامن ڏانهن وڃڻو هو. انهن چيو ته اسان جون هتان بسون ۽ ويگنون به ويندیون آهن. پر هاڻي دير ٿي

وئي آهي ان وقت ڏهه (10) ٽيا هئا. اسان انهن سان ڳالهايو ۽ کين چيو ته اسان کي اهرامن ڏانهن وڃڻو آهي، انهن جو سائونڊ ۽ لائيٽ شو جيڪو شام جو ٿيندو آهي، اهو به ڏسڻو آهي. پوءِ انهن صلاح ڏني ته توهان هتان 2 وڳي نڪري وڃو ۽ پيرامڊ ڏسي پوءِ اتان جي سهڻي بازار جيڪا پڻ ڏسڻ وٽان آهي، اها گهمي تنهن کان پوءِ شو ڏسو جيڪو 7 وڳي شروع ٿيندو آهي. ڪلاڪ جو شو آهي، اهو ڏسي پوءِ واپس ورجو. اسان کي اها ڳالهه مناسب لڳي. هنن کي اسان ڪار جو ڪرايو ۽ ٽڪيٽون جيڪي تقريباً هنن جي ڪرنسي ۾ 1400 مصري پائونڊن ۾ پيا، جيڪي اسان جي ڪرنسيءَ مطابق 8500 اٺ هزار ۽ پنج سؤ ٿيا. هنن جي حوالي ڪياسين. پوءِ هنن مشورو ڏنو ته تيستائين هتان پنجن منٽن جي پنڌ تي Egypt Museum آهي. اهو ڏسي اچو. اسان بکنگ ڪرائڻ کان پوءِ هوٽل مان نڪري آياسين. مصري ميوزيم ڏانهن هلڻ شروع ڪيوسين هوٽل مان نڪري مين روڊ ڪراس ڪيوسين ته آڏو بس اسٽاپ نظر آيو. اتان پوري شهر ڏانهن بسون وڃي رهيون هيون. انهيءَ مان گذري نڪتاسين ته ميوزيم جي پٺ نظر آئي. انهيءَ جي پاسي کان لنگهندا ان جي مين گيٽ ڏانهن رخ ڪيوسين ته ميدان التحرير تي وڃي پهتاسين. قاهره جي تاريخي شهر جي بلڪل مرڪز ۾ التحرير ميدان واقع آهي، جيڪو شهر جي پوري آبادي جو تجارتي، ثقافتي ۽ مواصلاتي مرڪز آهي. انهيءَ جي هڪڙي پاسي مصري عجائب گهر آهي جيتوڻيڪ مصر ۾ ڏهه (10) ڪن عجائب گهر آهن، جن ۾ فرعوني، قبطي، اسلامي، تعليمي، زراعت، ريل، جسم انساني وغيره عجائب گهر مشهور آهن.

مصري ميوزيم/ مصر عجائب گھر

مصري ميوزيم تمام سلو آهي، جيڪڏهن انهيءَ ميوزيم جو لنڊن جي برٽش ميوزيم سان مقابلو ڪجي تہ انهي کان گهٽ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو سياح صحيح طريقي سان گهمڻ چاهي تہ انهيءَ کي ڏسڻ ۾ سمجهڻ لاءِ ٻہ ٽي ڏينهن کپندا، پر جيئن تہ اسان انهيءَ کي تفصيل سان ڏسڻ نہ پيا چاهيون تہ پوءِ اهو رڳو ٽن چئن ڪلاڪن ۾ گهمي ورتوسين. هر سياح جڏهن مصر ۾ داخل ٿيندو آهي تہ انهيءَ کي ڏسڻ لاءِ بيتاب هوندو آهي. هيءَ اسان جي هوٽل کان تقريباً 30 ميٽرن جي فاصلي تي هو. التحرير ميدان تي نظر وجهڻ کان پوءِ ميوزيم ۾ داخل ٿياسين، جتي سياحت ڪرڻ وارا ڪثير تعداد ۾ موجود هئا. جيڪي گهڻو ڪري عرب ملڪن جا هئا ۽ ان ۾ يورپين بہ شامل هئا. مين گيٽ لوهہ جو ٺهيل هو. اسان انهيءَ مان اندر داخل ٿياسين تہ سامهون ٽلهي تي ابوالهول جو بوتو ٺهيل هو. هيءَ هڪ خيالي جانور هو جنهن جو منهن عورت جهڙو ۽ جسم شينهن جهڙو آهي. انهيءَ ميوزيم جو رنگ بيج يا گلابي رنگ لڳي رهيو هو. ان جي آڏو لان هئي جنهن جي وچ ۾ حوض بہ ٺهيل هو. لان ۾ ڪجهہ وڏا مضبوط پٿر بہ رکيل هئا. جن تي قديم زبان ۾ ڪجهہ تحرير ٿيل هو. ان کان علاوه ڪجور جا ڍڳها ڍڳها وڻ، شيشي جون وڏيون وڏيون دريون ۽ وچ تي اندر داخل ٿيڻ لاءِ مين دروازو هو. جنهن جي ٻنهي پاسن کان جهنڊا ڦڙڪي رهيا هئا. انهيءَ گيٽ جي ٻنهي پاسن کان فرعونن جا مجسما هئا. دروازي جي مٿان ٻنهي طرفن کان جديد بت تراشي جو نمونو يعني ديويون ۽ وڇائي بيٺل هيون. اڳتي وڌي ٽڪيٽ آفيس مان 75 مصري پائونڊن ۾ ٽڪيٽ ورتي سين، وري ڪيميرا جي ٽڪيٽ الڳ هئي، جنهن جي قيمت 50 مصري پائونڊ هئي، چاڪاڻ تہ فوٽوگرافيءَ جا الڳ پئسا ڏيڻا پوندا آهن.

هيءَ ٻہ منزلا عاليشان عجائب گهر اسماعيل پاشا خديو جي زماني ۾ تعمير ٿيو. پوءِ وريءَ وقت سان گڏ انهيءَ ۾ اضافو ٿيندو رهيو. توفيق پاشا ان جو 1890ع ۾ افتتاح ڪيو. هيءَ عجائب گهر پوري دنيا ۾ ممتاز ۽ قيمتي آهي. هن ۾ دريافت ٿيڻ وارا 5 هزار سال دورجا پراڻا آثار يا نوادرات جمع ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ پيل بت، پٿر جون تختيون، تصويرون، تعويذ، بردي ڪاغذ، زيور، شاهي تحريرون انهيءَ کان علاوه ڪيئي شيون سياحن کي حيرت ۾ وجهي

چڏن ٿيون. اسان اندر داخل ٿياسين تہ ڏٺوسين تہ ڪاپي ۾ ساڃي پاسي تي چوڌاري گيلريون آهن، جيڪي وڏي هال جي پاسي ۾ هيون، جنهن ۾ نادر سامان رکيل هو. آڏو وڌياسين تہ تقريباً ٻارهن (12) ڊاڪٽيون لهي انهن جي هال ۾ پهتاسين.

هال

هال چگو وڏو هو. تقريباً 60 فٽ ويڪرو ۽ هڪ سئو فٽ ڊگهو، جنهن ۾ تمام وڏا مجسما، تابوت ۽ ٻيون شيون رکيل هيون. ڏسڻ سان ائين پئي محسوس ٿيو تہ مصر جا بادشاهہ، راڻيون ۽ انهن جا پالتو جانور، ديوتا ۽ بادشاهن ۾ زوسر کان وٺي آخري ملڪ قلوپطره تائين سون جي تعداد ۾ هتي آيا هئا. ۽ ائين پيو لڳي تہ هتي داخل ٿيندي ئي اهي ۽ انهن جا ديوتا ۽ جانور وغيره سڀ پٿر جا بڻجي مستقبل جي لاءِ پنهنجي جڳهہ حاصل ڪندا ويا. اتي ٻيٽل سياح هر شئي ۾ دلچسپي وٺي رهيا هئا ۽ غور غور سان انهن کي ڏسي رهيا هئا. انهن جي چهرن تي حيرت جا تاثر ۽ نظر اچي رهيا هئا. اتي ائين پئي محسوس ٿيو، جڻ تہ دربار لڳي وئي هجي ۽ سمورا فرعون هتي جمع ٿي ويا هجن ۽ انهن سڀ فرعونن پاڻ ۾ مشورو ڪري هڪ ملي جلي وڏي دربار لڳائي آهي. يا انهن پاڻ ۾ هڪ وڏو اجلاس گهرايو آهي ۽ اهو اندازو لڳائڻ ويٺا آهن تہ پنهنجي دور ۾ اسان کهڙا ڪم ڪيا ۽ ٻئي دور ۾ جڏهن اسان زنده ٿينداسين تہ اسان کي ڇا ڪرڻو آهي، عوام سان کهڙو رويو رکڻ گهرجي پهريائين کهڙيون غلطيون ٿيون ۽ هاڻي اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

مجسما

انهيءَ هال جي سامهون پٽ سان گڏ جديد ترين دريافتون رکيل هيون. مٿي هڪڙو وڏو گنبد هو. بلڪل ان جي هيٺان سامهون واري پٽ سان ٽيڪ لڳائي امنونس سوم، ان جي ملڪ تي اي ۽ انهن جي وچ ۾ ان جي ٽن پٽن جا عظيم الجثہ بت آهن. هي هڪ ئي سخت پٿريلي چٽان مان تراشيو ويو آهي. ان پنجن فٽن جي ڊگهي مجسمي ۾ ايٿن پئي لڳو. جڻ تہ هن وقت ۾ هيءَ شاهي خاندان شان ۽ دٻدٻي سان جلوه افروز آهي.

انهيءَ وقت رفيع راڻي نفرتيتي (Nefertiti) ڏانهن اشارو ڪيو، جيڪا هڪ عظيم شاهي ۽ چيف بادشاهہ جي زال هئي. هيءَ اصطلاح قديم مصر جا فرعون پنهنجي زالن جي لاءِ استعمال ڪندا هئا. هن جي حوالي ڪئي سرڪاري ڪم هوندا هئا جيڪي هُوءَ سَر انجام ڏيندي هئي. قديم مصر جي

پراسرار ۽ طاقتور عورت هئي، ان جو پورو نالو (Neferneferuaten) هو. ان جي پوري نالي جي معنيٰ هئي (Beautiful are the beauties of Aten a beautiful women has come) ان جي خوبصورت نيمر وا اکين ۾ عجيب ڪشش ۽ سرور هو. اسان هن جي حسن کي ڏسي ڪجهه ايترو گم ٿي وياسين جو اهو وساري ويٺاسين ته هيءَ حقيقي حسن جي راڻي نه پر پٿر جي ڪاريگر جي ناهيل مورتي آهي. هيءَ اخناتون (Akhenaten) جي ملڪ جو مجسمو پنهنجي پوري حسن سان گڏ پوري مصر جي علامت آهي. مصر ۾ ٽپال جي ٽڪلين ۽ سياحت جي بروشر تي به انهيءَ جو چاپو آهي. ملڪ جو ڪنڊ صراحي نما هو. مختلف داستان چوڻ وارا چپ هئا. جن تي ڪڏهن اخناتون جي شاعري جا ٻول ۽ آتن جا پڄن هوندا هئا. اکيون حسين، نڪ ڏگهو جيڪو اڃان تائين به خوبصورتيءَ جو نشان سمجهيو ويندو آهي، لباس تمام گهٽو شاندار هڪ ڏگهي ريشمي لباس ۾ ملبوس حسن جي راڻي سڏي اسان جي سامهون بيٺل هئي. هن ملڪ کي ڪيترن ئي لقبن سان پڪاريو ويندو هو. ان پنهنجي مڙس جي، سورج خدا آتن جي تصور کي پختو ڪرڻ ۾ تمام گهڻي مدد ڪئي. ان فرعون جو مجسمو به انهيءَ سان گڏ ٺهيل هو. هيءَ فرعون 11 سالن جي عمر ۾ تخت نشين ٿيو. ان وقت مصر جا خواص صرف هڪ ديوتا يعني سج جي پوجا پسند ڪندا هئا. پر مصر جو عوام ۽ خواص جو هيءَ اختلاف ملڪ ۾ خرابي پيدا ڪندو هو. اخناتون يا اخناتن تمام گهٽو ذهين هو، ايتري ننڍي عمر ۾ به سمجهه جو اهو حال هو جو فرعون بڻجندي ئي هن هڪ لقب اهو قرار ڏنو ته، "اهو جيڪو سچائي ۾ رهي ٿو." مصريات جو مشهور عالم سر فلنڈر پيٽرڪ بلڪل صحيح چيو هو ته: "هار اخناتون جو هيءَ لقب زيب به ڏئي ٿو. چوته پنهنجي قول ۽ فعل ۾ هو هميشه سچو رهيو. هُنَ ڪڏهن به ڪوڙ يا بغاوت سان ڪوبه ڪم به نه ڪيو."

فرعونن جو دستور هو ته پنهنجيون تصويرون ۽ اسٽيچو گهڻي کان گهٽا شاندار ۽ خوبصورت ٺهرائيندا هئا. چاهي پاڻ ڪيترائي ڪمزور يا بدصورت چونہ هجن. هُو پنهنجي رنج جي تصوير ڪڏهن به نه ڏيکارينداهئا، چو ته ڏڃندا هئا ته متان عام ماڻهن ۾ بيقدرنہ ٿي وڃون. پر اخناتون اها رياڪاري ختم ڪري ڇڏي. هُو جهڙو هو اهڙو ئي پنهنجي تصوير يا اسٽيچو ۾ پاڻ کي ظاهر ڪندو هو. چو ته هو بغاوت ۽ ڪوڙ کي سلو نہ سمجهندو هو. هو جهڙو هو اهڙوئي پنهنجي عوام جي سامهون ايندو هو. اها ڪا معمولي ڳالهہ نہ هئي پر هُو وڏي دل گڙدي وارو ماڻهو اها ڳالهہ ڪري سگهي ٿو. بادشاهن جي لاءِ اهو وڏيڪ مشڪل آهي. انهيءَ ڳالهہ مان ظاهر ٿئي ٿو ته هيءَ هڪ رحم دل، نيڪ، ۽ انسانيت نواز خيرخواهہ هو. اخناتون تمام گهٽو سنهو ماڻهو هو. آخر تائين ايٿن

ئي رهيو ٽيهن سالن جي عمر ۾ ڏاڙهي ۽ مڇون بہ ڪتائي ڇڏيائين، اها ئي ڳالهہ آهي جو هو پنهنجين تصويرن ۾ بہ= سواءِ ولوي جي=. زنانو ڏسڻ ۾ ايندو هو. هو سادگي چاهيندو هو. هُو پروهتن مهنتن جي اقتدار جو مخالف هو. رڳو پنهنجو اقتدار چاهيندو هو. امن ديوتا جا مهنت تمام گهٽا طاقتور ٿي رهيا هٿا ۽ فرعون انهن زور گهٽائڻ چاهيندو هو.

اخناتون جو مذهبي انقلاب هيءُ هو تہ هن سڀني ديوتائن جي پوڄا بند ڪري ڇڏي هئي. امن سڀ کان وڏو ديوتا نٿي ويو هو. انهيءَ جي لاءِ ان جي پوڄا ڪرڻ جرم قرار ڏنو هو. جتي بہ ان ديوتا جو فرمان لکيل هوندو هو. انهيءَ کي مٽرائي ڇڏيندو هو. هَنَ هڪ اڪيلي سڄ جي پوڄا ضروري قرار ڏني.

مصري زبان ۾ "را" سج آهي. ۽ اهڙو سج جنهن سان ڪابہ صفت نہ هجي. اخناتون پنهنجي ديوتا جو نالو را نہ "اتون" رکيو. هيءَ لفظ صدين کان مصر ۾ ڳالهايو ويندو هو ۽ ان جي معنيٰ مصري زبان ۾ هيءَ هئي تہ اهڙو سج جيڪو ڏسي سگهجي ٿو. اتون يا سج جا ڪيئي نالا بہ هٿا. پر اخناتون صرف ,اتون" نالو ئي رکيو تہ جيئن گهٽن نالن جي ڪري ماڻهو ڏوکو کائي ڪٽي ديوتا نہ سمجهن. هو چاهيندو هو تہ سيئي ڪيس صرف هڪ "اتون" سمجهي سڄ جي پوڄا ڪن. اخناتون "امن هو تپ" چهارم جي نالي سان تخت تي ويٺو. ۽ پنهنجي بادشاهت جي ڇهين سال هُنَ "امن" ديوتا کي بلڪل ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجو نالو تبديل ڪري "اخن اتون" رکيو يعني "اتون جو سعادت مند" انهيءَ سان گڏ پنهنجو مذهبي انقلاب بہ جاري رکيو.

هُنَ اخناتون جي نالي سان هڪ شهر بہ ٺهرايو. يعني اتون جي "افق" رکيو. انهيءَ کي پنهنجو تخت گاهہ بہ قرار ڏنو. گڏ "اتون" جي لاءِ تمام گهٽو عاليشان مندر بہ ٺهرايو ۽ پاڻ ان ديوتا جو سڀ کان وڏو مهنت ٻڌجي ويو. هُنَ پنهنجي ديوتا جي مندرن ۾ پنهنجي ۽ پنهنجي ملڪ نيفرتري اهو گڏ لکٿو آهي جون تصويرون بہ ٺهرايون ۽ ديوتا سان گڏ انهن ديوتائن جي پوڄا بہ ضروري قرار ڏني. اهو انهيءَ جي ڪري تہ اخناتون پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي ملڪ کي اتون جي سڳي اولاد سمجهندو هو. "مون کي منهنجي ملڪ کي اتون ان لاءِ پيدا ڪيو تہ ان جي نالي سان اسان ٻئي سڄي دنيا تي حڪومت ڪيون." تہ اهڙي طرح ان مذهبي پوزيشن حاصل ڪري ڇڏي ۽ اتون کان پوءِ اهو ئي سڀ کان وڌيڪ مقدس سمجهو ويندو هو. اهڙي طرح هن پنهنجي پاڻ کي اوچو ڪري ڇڏيو. هن جي اوچائي ڪيترين ئي تحريرن مان ظاهر ٿئي ٿي. مثلاً: هڪ درباري اخناتون کي مخاطب ٿي چيو تہ: "تون منهنجي زندگي آهين، تنهنجي ڏسڻ سان ئي منهنجي تندرستي ٿئي ٿي ۽ تون ئي مون کي پلاين سان

مالا مال ڪرين ٿو."

هڪ ٻئي درباريءَ چيو تہ: "تون نيل آهين، جنهن جي حڪم سان ماڻهو مالا مال ٿي ويندو آهي ۽ سڀ حاڪم! تو ئي مون کي ٺاهيو. مون کي پاليو آهي ۽ مون کي شهزادن وانگر رکيو آهي. جيتوڻيڪ مان ڪجهہ بہ نہ هئس! اي خدا! تنهنجو هي نور ڏسي مان جيئان ٿو."

اخناتون جي مذهب جي عمر بس ايتري ئي هئي جيتري خود ان فرعون جي هئي. هو مري ويو تہ هن جو مذهب بہ مري ويو. ان جون تصويرون ۽ مجسما بہ ٽوڙي ڇڏيا ويا. ان جي پاڻ تخت کي نيست نابود ڪري ڇڏيو ويو ۽ اخناتون جو نالو وٺڻ بہ جرم سمجهيو ويندو هو. اهڙي ئي طريقي سان "امن را" ۽ ٻين ديوتائن جي پوڄا کي زنده ڪيو ويو. اهي سڀ مذهبي پيشوا ۽ سڀ عهديدار، عوام ۽ ان جي پنهنجي ٻانهين ان مذهب کي نقصان پهچايو، ان بادشاهہ جو ماسڪ ان جي اهرام مان مليو.

ان ميوزيم ۾ هڪ دلچسپ اسٽيچو بہ آهي جيڪو تقريباً 77 ميٽر ڊگهو 70 ميٽر ويڪرو هو. ان ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ هڪ ماڻهو هڪ پولڙي کي وٽي وڄي رهيو آهي ۽ هڪ ٻيو ماڻهو ان کي تنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي تہ پولڙو مڙي ان تي غصي جو اظهار ڪري ڏند ڏيکاري رهيو آهي. انهيءَ جي ٽنگ کي چڪ پائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. بندر واري جي هٿ ۾ هڪڙي ٻي بہ رسي آهي جنهن ۾ هڪ پولڙي بہ ٻڌل آهي ۽ پولڙيءَ جي پيٽ ۾ ان جو ٻچو لڙڪيل آهي. اهو مصري فن جو هڪ نمونو آهي، مون کي ڏسي ڏاڍو مزو آيو ڇاڪاڻ تہ پولڙي کي ڏسي مون کي خوشي ٿيندي آهي. مونکي تہ هر جانور جون حرڪتون سڀيون لڳنديون آهن، پر پولڙي جو حرڪتون وڌيڪ مزو ڏيندڙ آهن.

اڄڪلهہ وڌياسين تہ اتي راهت ۽ ان جي زال نفرت جو مليل بت هو، ان بت ۾ مصري ڪاريگر وڏو ڪمال ڏيکاريو هو. ان اهڙيون بہ شخصيتون پيش ڪيون آهن جن جي ملڪ ۾ وڏي حيثيت هئي ۽ اهي فرعون جا ساڻي هئا. ان ۾ ڪاريگر پنهنجي هر ڪوشش ڪئي آهي. اهو معزز درباري بہ هو. هيلو پوليس جي پجارين جو سردار بہ هو ۽ فرعون جو سپهہ سالار بہ هو. فن جي ماهر ان جي شڪل خاص طور تي ائين ٺاهي آهي تہ: "ڏسڻ وارو بہ ساڻ چوي تہ هن شخص جو اخلاق بلڪل پست هو. ان ۾ ڪابہ صلاحيت نہ هئي. ان جي زال نفرت شاهي خاندان مان هئي جيڪا نهايت ئي حسين ۽ باوقار هئي. ڪاريگر انهيءَ جي بت کي شاندار ۽ پُرعزم ڏيکاريو آهي. منهن بلڪل سنجيده ۽ گهاٽا وار جيڪي سهڻي طريقي سان سنواريل آهن. ان جو لباس ريت رسم جي

مطابق هو. جنهن مان انهيءَ جي جواني ظاهر ٿي رهي هئي. ڳچي ۾ هار، جسم ملائم ۽ حرڪت سان گڏ چستي به نظر اچي رهي هئي.

واقعي به هيءَ بت مصر جي فن جو هڪ بهترين نمونو آهي، جنهن کي ڏسي لڳي پيوتہ مصري ان فن ۾ ماهر آهن ۽ ترقي جي راهہ تي گامزن آهن.

فرعون خضرع جو مجسمو 1859ع ۾ خضرع جي حرم جي مندر مان مليو آهي. مجسمي جي پويان هڪ باز ڏيکاريو ويو آهي جيکو پنهنجا ٻئي پَر کولي فرعون جي حفاظت ڪري رهيو آهي. باز اصل ۾ ديوتا هورس جو نشان هو. فن جي ماهر هيءَ باز ٺاهي حيرت انگيز ڪم جو مظاهرو ڪيو آهي. علامہ مالبرداس (يامابسرداس) هن بت جي باري ۾ لکيو آهي.

"جيڪڏهن هن تي لکيل تمام تحريرون متجي وڃن پوءِ به هر ماڻهو چوندو تہ هيءَ ڪنهن بادشاهہ جو بت آهي. ۽ هڪ اهڙي ماڻهوءَ جو آهي جيکو ننڊپڙ کان وٺي پنهنجي پاڻ کي زبردست ۽ قوت وارو سمجهندو آهي."

قديم دور ۾ جيئن تہ فوٽو گرافي ايجاد نہ ٿي هئي. تنهن ڪري فنڪار فوٽو جي بدران مجسمہ ٺاهيندا هئا. ان دور ۾ هڪ مجسمو 60 فٽ بلند هوندو هو. جنهن جو مقصد هيءَ هوندو هو تہ بادشاهہ جي عزت، وقار، رعب، دٻدٻو وغيره قائم رهي. مان حيرانيءَ سان بت کي ڏسي رهي هئس تہ رفيع جو آواز آيو، هُنَ چيو تہ: "انهن کي ڏسي ڪجهہ عبرت حاصل ڪيئي يا نہ؟"

ڪيتري نہ شان شوڪت وارا بادشاهہ هاڻي.ڪيئن پٿر جي شڪل ۾ موجود آهن. هاڻي تہ هو پنهنجي مرضي سان چري به نٿا سگهن." رفيع چيو تہ ڪيئن ڪتابن مان پڙهي مون کي ٻڌائيندي هئين تہ "فرعون پنهنجي آفريڪا جي براعظم مان شيدي غلام ۽ پنهنجن ڪرمين سان ڪهڙو حشر ڪندا هئا. حضرت موسيٰ عليه السلام به انهيءَ ظلم کان باغي ٿي آواز اٺاريو هو. بني اسرائيل جا سڀ قصا ياد اچن پيا. هاڻي ماڻهوان جي ملڪ کي ڪيئن گهوري گهوري ڏسن پيا." مون رفيع جي ڳالهہ ٻڌي مون هن کان پڇيو تہ "تون ٻڌاءِ تنهنجون نظرون ڪهڙي طرف آهن ڪنهن کي گهوري رهيو آهين؟" جواب ڏنو تہ: "ڪلوپطره کي."

مون چيوتہ: "ان جو مجسمو به اتي آهي چا؟"

تہ هو کلڻ لڳو مون به هُنَ جي اکين سان ڏسڻ شروع ڪيو تہ هڪ حسين چوڪري اسان جي آڏو بيلي هئي. نازڪ جسم، تراشيل چپ، دل فريب وڏيون وڏيون اکيون، نفيس ابرو، معمولي وزن، باوقار هئي. "تہ توهان انهيءَ ڪلوپطره ۾ گم آهيو."

هن ميوزيم ۾ هاڻور جو مڪمل ۽ قابل تعريف مجسمو به نظر آيو يعني

ڳئون جو، مصري هندن وانگر ڳئون جي پوڄا ڪندا هئا. مصري ان کي هاٿور ديوتا جو مظهر سمجهندا هئا. هيءَ به حسين ۽ فني مجسمو آهي، اڄ جي ترقي يافته دور کي ڇڏي ڪنهن به جانور جو اسٽيچو مون ڪڏهن به نه ڏٺو البته جديد دور ۾ ته عرب يا يورپين ملڪن ۾ ڳئن جا اهڙا خوبصورت مجسما نظر ايندا آهن، جنهن جو مقابلو گهٽ آهي. هن ڳئون جي مجسمي جون اکيون اهڙيون نظر اچي رهيون جڙ ته ڳئون کي خواب ڏسي رهي هجي. ان جون مشڪوڪ، بي پرواهه نظرون ڪمال جو نمونو آهن. ايتري قديم دور ۾ به ان کي ڪيئن تراشيون ويو. ڳئون جي منهن جي هيئان هڪ بادشاهه بيلل ڏيکاريو ويو هو. هيءَ اصل ۾، ٿوٿموسس سوئم جو مجسمو هو، پر انهيءَ جي پٺ امنوفيس دوم ڳئون جي مٿي جي پويان پنهنجو نالو اُڪرايو ته جيئن هيءَ خوبصورت اسٽيچو ان جي نالي سان منسوب ٿي وڃي. پر اها دغابازي هلي نه سگهي چو ته ان جو قطعي ثبوت موجود نه هو ته جيڪو ماڻهو ڳئون جي مُنهن جي هيئان آهي اهو ٿوٿموسس سوم آهي.

تختيون

ان کان علاوه هن عجائب گهر ۾ ڪيتريون ئي تختيون هيون جيڪي تاريخي اهميت رکن ٿيون. جيئن هڪڙيءَ تختي تي فرعون اخناتون چمڪندڙ سج جي پوڄا وڏيءَ نوڙت ۽ عاجزي سان ڪري رهيو هو. هڪ تختي سفاره، پراڻن مقبرن مان ملي هئي، جنهن تختي تي فرعون جو نالو موجود آهي. هڪ نيري رنگ جي تختي پر ان کي وڏي چپ چٽجي، ان ۾ جيڪا شيءَ سڀ کان گهٽي اهم آهي سا آهي قوم اسرائيل جو ذڪر آهي. پراڻي مصر جي ڪنهن موجوده يادگار ۾ به اسرائيلن جو ڪٿي نالو نٿو ملي. ان جي ڪري يورپ ۽ آمريڪا جي ملحدن طئي ڪري ڇڏيو هو ته اسرائيل جو پورو قصو بلڪل بي بنياد آهي. پر هن تختيءَ انهن ملحدن جا منهن بند ڪري ڇڏيا آهن. هن اهم تختي ۾ اهو ٻڌايو ويو ته پراڻي زماني ۾ بادشاهه ڪيئن منتخب ڪيا ويندا هئا. جڏهن ڪيئي بادشاهه دعويدار ٿي ويندا هئا. انهيءَ حساب سان ڪيتريون ئي تختيون رکيل هيون.

تصويرون

مصري عجائب گهر ۾ تمام گهڻيون قديم تصويرون به هيون. هڪ تصوير پٿر جي هڪ ظرف تي ٺهيل هئي، اصل ۾ هيءَ تصوير هڪ ڪارٽون جي هئي. ان ۾ هڪ عورت ڏيکاري وئي آهي، جيڪا جهڪيل آهي، ان جون وڏيون

وڏيون چاتيون لڙڪيل آهن ۽ پيٽ ۽ وڏو پکڙيل اٿس.

هڪ فرضي جانور جي تصوير هئي، جنهن جي باري ۾ مصرين جو عقيدو آهي ته اهو ريگستان ۾ رهندو آهي. ان جو مٿو عورت جي مٿي وانگر ٺهيل آهي ۽ ان جو نالو عريفون هو.

هڪ ٻي تصوير ۾ هڪ پکڙ ٺهيل هو، جنهن کي پيلي رنگ سان رنگيو ويو هو. انهيءَ تي ڳاڙهي رنگ جون لڪيرون پيل آهن. پوءِ دروازا ڏيکاريل آهن جن تي قبر جي علامت آهي ۽ لکيل آهي ته هيءَ قبر هڪ عورت ردامن اقرنخي جي آهي. هيءَ عورت جهڪيل آهي. وار کليل، روئي پٽي پئي، عورت جي پويان هڪ ننڍو باغ ٺهيل آهي، جنهن جو مطلب اهو هو ته روح اچي ۽ باغ مان لطف وٺي ٿو. ان تختي جي مٿاهين حصي ۾ اها ئي ديوتا حور محي کان دعا گهري رهي آهي ته ان جا مائٽ جيڪي قربانيون پيش ڪن سي انهن جي روح تائين پهچي وڃن.

تعويذ

پراڻي مصر ۾ تعويذن جو به گهڻو رواج هو. تعويذن ڪيترن ئي قسمن جا هوندا هئا. انهن جا فائدا به طرح طرح جا مڃيا ويندا هئا. زنده ماڻهو به تعويذ پائيندا هئا ۽ مردن سان گڏ به تعويذ رکيا ويندا هئا. ان جي ڪري مصري عجائب گهر ۾ تعويذن جو تمام گهڻو تعداد موجود هئو. سون جي تختين تي ڪيترن ئي قسمن جا تعويذ ٺهيل هئا. هيءَ تعويذ ممي ڪرڻ کان پوءِ لاش سان رکيا ويندا هئا. پوءِ لاش کي ڪپڙو ويڙهيو ويندو هو. انهن تعويذن ۾ گهڻو ڪري هڪڙي شڪل جي گهڙائي هئي، چون پيا ته ان شڪل جو مطلب اوج آهي. نانگن ۽ عقاب جي شڪل جا تعويذ هئا، جنهن جي باري ۾ مصرين جو اهو عقيدو هو ته اهي تعويذ مرڻ کان پوءِ پنهنجي پناهه ۾ رکن ٿا. هڪ تعويذ کي منابت چون پيا ۽ انهن جي خيال ۾ هن تعويذ جي برڪت سان شيطان پڄي وڃي ٿو. ديوي هاٿور جي مٿي جي شڪل جا به تعويذ هئا. انهن جي چوڻ مطابق اِهي تعويذ استعمال ڪرڻ سان انسان خوش نصيب ٿي ويندو آهي.

هڪ ڪٻٽ ۾ اهڙا تعويذ هئا، جن جي تاريخ مان معلوم ٿيو ته هي تعويذ مردي جي دل جي جڳهه تي رکيا ويندا هئا ڇو ته ممي ڪرڻ وقت ان جي دل ڪڍي ويندي هئي، ڇاڪاڻ ته انهن جي خيالن مطابق حساب جي موقعي تي اهي ئي گواهي ڏيندا ۽ ائين ئي مردي جي نجات ٿيندي.

هڪ ڪٻٽ ۾ پکين، جانورن ۽ ڏيڏر وغيره جا تعويذ هئا. اهڙي طرح ٻيا ڪيترائي تعويذ هئا، جن مان اندازو پئي ٿيو ته مصري تعويذن ۾ ڏاڍو يقين

رکندا هئا ۽ اهي ڪافي حد تائين مقبول هئا.

پراڻيون قبرون انهيءَ کان علاوه ٻيون به ڪيتريون ئي ٽرالين شيون رکيل هيون. جنهن ۾ هر هڪ نادر شيءِ جي پنهنجي تاريخ پاڻ هئي. جنهن جو تفصيلي ذڪر ڪرڻ مشڪل آهي.

بي منزل

اسان پهرين منزل ڏسي بي منزل تي پهتاسين. هتي فرعونن جون مزارون ۽ موت کان پوءِ واري زندگي جي باري ۾ نظريو پڌرو ڪيل آهي. گيزه، سقاره ۽ الاقصر جي شاهي قبرستان جي قبرن مان جيڪي شيون مليون، انهن کي هن فلور تي سجايو ويو آهي. تمام وڏا وڏا تابوت رکيل هئا، جن ۾ حنوط شده لاش رکيا ويندا هيا. تابوتن تي به تمام گهڻا خوبصورت نقش نگار چٽيل آهن جيڪي زمين تي رکيل هئا. ان هن سان گڏ پٿرن جون اهي قبرون به هيون جن ۾ انهن تابوتن کي رکي اهرامن ۾ خفيه رستن جي ذريعي رکيو ويندو هو. اهي سيئي هڪ ئي پٿر جون ٺهيل هيون. تعجب پئي لڳو ته انهن پٿرن جي ڪٽائي ڪيئن ٿي ۽ نقش نگار ۾ ڪيتري محنت ٿي هوندي!؟

شايد اهي قبرون وڏن ماڻهن مطلب ته شاهي خاندان، وزيرن ۽ رئيسن جون ئي هونديون ۽ ميت کي انهن قبرن ۾ رکڻ کان پوءِ انهن جي مٿان ڍڪڻ به هئا ۽ انهن ٽلهن ڍڪڻن تي به نقش نگاري به ڪيل هئي ۽ اهي ڍڪڻا به ڏاڍا ڳورا هئا.

زيور

هتي قيمتي زيور ۽ جواهرات به جمع ڪيل هئا ۽ يوناني زماني کان وٺي تاريخ کان پهريائين جي دور جا زيور به هئا. انهن کي ڏسي تعجب لڳو ته هو ڪيترا نفيس زيور ٺاهيندا هئا. جيڪي آهستي آهستي اتفاق سان ملندا رهيا. انهن زيورن کي ڏسي اها حيرت ٿي ته هزارين سال پهريائين به مصري سونارا پنهنجي فن ۾ ڪيترا نه ماهر هئا. اتي جيڪي ڪمزور زيور هئا اهي سڀ مڙدن جا هئا چاڪاڻ ته اهي زيور پائڻ جي لائق نه هئا. انهيءَ جي ڪري مڙدن جي لاءِ هميشه ڪمزور زيور ٺاهيندا هئا. باقي عام پائڻ وارا زيور مضبوط هوندا هئا. جيڪي زنده ماڻهن لاءِ استعمال ڪيا ويندا هئا. مون ايترو سون زندگيءَ ۾ ڪڏهن به نه ڏٺو. وڏا وڏا هار خوبصورت منڊيون، چوڙيون، سون جا گلاس، ڪائڻ جون پليٽون سون جا جوتا وغيره چا چا نه هو.

تاج

رفيع کي چيمر هي ڏسو تاج بہ رکيل آهن. اهي بہ قابل ديد هئا. هڪ تاج گلاب جي گلن کي ملائي ٺاهيو ويو آهي. سڀ گل خاص سون جا هئا. خنجر بہ سون جا ٺهيل ۽ حسين هئا. انهن ۾ ڪاريگر جي ڪمال جا عجب نمونہ ظاهر ٿي رهيا آهن. سڪن جا بہ ڪٿي نمونا موجود هئا پر اسان کي اهي سڪا ڏسي خوشي محسوس ٿي، جيڪي سڪا شاهہ ديو فلسيان يا دفيانوس جا هئا. جيڪي اصحاب ڪهف جي ملڪ جي بادشاهہ جا هئا. يعني اهي سڪا انهيءَ زماني جا هئا.

ٽانو

مصري ٽانون ۾ ڪا شيءِ رکندا هئا تہ ان کي ڍڪڻ سان بند ڪري پوءِ آلي مٽيءَ جو موٽو تهہ ڍڪڻ تي چاڙهي چڏيندا هئا. پوءِ انهيءَ جي مٿان مهر لڳائي چڏيندا هئا. جيڪي فرعون يا فرعون جي درباريءَ جي مهر هوندي هئي. اتي ڪيترن ئي قسمن جا ٽانو بہ رکيل هئا. جيڪي هاڻي بہ جديد دور ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا مثلاً : ٽالهيون، ونڊ، گلاس، پيالا، ديگڙا، ۽ ٽال وغيره.

انهن ۾ اناج بہ رکيل هئو. قابل ذڪر ۽ تعجب جي ڳالهہ اها آهي تہ هزارين سال گذرڻ کان پوءِ بہ انهن جي خوشبو برقرار هئي. اصل ۾ اناج کي عطر لڳائي لاش سان گڏ مقبري ۾ رکيا ويندا هئا.

فرعونن جا لاش

ميوزيم ۾ انهيءَ منزل تي هڪ ڪمري ۾ فرعونن جا لاش بہ رکيل هيا. جنهن جي ٽڪيٽ الگ رکيل هئي. جيڪا 100 مصري پائونڊ هئي. مهانگي ٽڪيٽ هئي پر جيڪڏهن اسان مصر ۾ اچون ۽ بادشاهن جون ممين نہ ڏسون تہ اهو مناسب نہ هو. جيتوڻيڪ ڪپڙن ۾ ويڙيل ممين اسان برٽش ميوزيم ۾ بہ ڏٺيون هيون. پر هتي ڪپڙي ۾ ويڙهيل نہ هيون، جيڪڏهن ڪپڙو هو بہ تہ ٿورو استعمال ڪيل هو. بهرحال ٽڪيٽ حاصل ڪري اوڏانهن هلي پياسين. ٿوري حيرت بہ ٿي تہ فرعون جيڪي بادشاهہ بہ هئا سي مرڻ کانپوءِ بہ نہ صرف پنهنجن ماڻهن کي نہ پر پوري دنيا جي ماڻهن کي ايجان تائين ڦري رهيا آهن. موت کان پوءِ واري زندگي ۾ بہ ڪمائي رهيا آهن، چو تہ اهي بادشاهہ هئا ڪي عام ماڻهو تہ ڪونہ هئا جو ايرا غيرا بغير نڏراني جي انهن کي ڏسي سگهن. پر ياد آيو تہ جڏهن اسان چين ۽ روس ويا هئاسين تہ اتي بہ مائوزيٽنگ ۽ لينن کي ڏسڻ لاءِ ٽڪيٽ رکيل هئي. پوءِ مصر جا بادشاهہ پوئتي چو پون. اهو حال

بادشاهن جو آهي جو زندگيءَ ۾ به مقابلا پر مرڻ کان پوءِ مقابلي کان باز نٿا اچن. اهڙي طرح اسان اندر داخل ٿياسين هڪ عام کمرو هو. کمري ۾ خاموشي چانيل هئي. کوبه سياح ڳالهائي نه پيو. جيڪڏهن ڳالهائن به پيا ته سرڀاٽ کري. اهي صحيح لاش نه هيا صرف ڏانچا هئا. جن جي کل نظر پئي آئي. الله جي قدرت اربن روپين جي ملکيتن جا مالڪ پوري رياست جا بادشاهه هن کمري ۾ پيا هئا. جيڪي ماڻهو کڏهن تماشاءِ عالم ڏسندا هئا سي اڄ پاڻ هڪ عالم جي لاءِ تماشو بڻيل آهن. جيڪي کڏهن جهان پناهه ۽ عالم پناهه هئا. انهن کي اڄ هڪ ننڍڙي کمري ۾ پناهه مليل آهي. جن جي اردگرد کڏهن خادم، کنيزون ۽ راڻيون هونديون هيون. عيش آرام، رقص، سرور، عشق جا داستان، ملاقات ۽ ميلاپ جون راتيون هونديون هيون. ميلا، مذهبي تقريبون ۽ جشن هوندا هئا. انهن جي وزيرن، اميرن، عالمن ۽ فاضلن جون درٻارون هونديون هيون. ٻين ملکن جا سفير ايندا هئا ۽ جهڪي بجا آڻي حڪم جي تعميل کندا هئا. جيڪي تخت نشين ٿيندا هئا. تاج پائيندا هئا. هر کنهن جي نظر انهن تي هوندي هئي، هينئر به هر کنهن جي نظر انهن تي هئي پر بي وس هئا. انهن جو هر لفظ قانون جي حيثيت رکندو هو. انهن جي لاءِ اهرام تعمير ٿيندا هئا. اهي ديوتا ۽ اوتار سمجهيا ويندا هئا. پر هاڻي؟

پهرين ممي فرعون بادشاهه سقن رع تاعال ثاني جي هئي، جنهن ڇهه سال حڪومت ڪئي. اهو 16 صدي جو دور هو. سندس قد وڏو هو. محسوس ائين ٿي رهيو هو ته هي کنهن مرد جو نه پر آفريڪا جي عورت جو لاش آهي. ان سان گڏ آمن هوتپ اول I– Amenhotep جو لاش هيو. جنهن تي گل به رکيل هئا. ان جي ميت کان پوءِ ٿوٿموسس (پنجم) هو. گهٽن لاشن جا ڏند اڇي رنگ جا ۽ ٻاهر نڪتل نظر پئي آيا. کنهن جي شڪل تي سڪون هو. پر گهٽو ڪري لاشن جي شڪل تي سخت عذاب جا آثار نظر پئي آيا. ان کمري ۾ چٽني طرفن ڏي لاش رکيا هيا.

ٻوچ ۾ فرعون رعميس ان جي پيءُ ۽ پٽن جا لاش هيا. اهو ئي رعميس جنهن حضرت موسيٰ عليه السلام سان ٽڪر کاڌو هو. ۽ نجومين جي پيشن گوئي جي ڪري بني اسرائيل جي چوڪرن کي قتل ڪرائڻ شروع ڪيو هو. جنهن جي محل ۾ حضرت موسيٰ پليو ۽ هيءُ ئي اهو بادشاهه هو. جنهن جي ممي کي سينور لڳو هو. ان جي ڪري علاج جي لاءِ لاش کي فرانس موڪليو ويو هو. ۽ اهو دنيا جو پهريون مثال هو ته لاش جو پاسپورٽ ٺهيو هو ۽ کيس فرانس ايئرپورٽ تي 21 توپن جي سلامي ڏني وئي هئي چاکاڻ ته اهو بادشاهه هو. اهو انهيءَ جو شان هو. پر پوري دنيا ۾ ان کي مشهور ڪيو ويو جيڪو نه

ڏسي سگهي، اهو به عبرت حاصل ڪري. اهو ئي بادشاهه جيڪو مصر جي وڏي علائقي تي حڪومت ڪندو هو. وڏي شان ۽ شوڪت وارو وڏي. نڪ وارو هاٿي سندس نڪ زماني جي نظر ٿي ويو. ان جو ڪنڌ جُهڪيل هو ۽ سندس ڳچيءَ جون رڳون واضح نظر اچي رهيون هيون. ٿورا وار مٿي تي هئس پر گهٽو ڪري گنجو هو. سندس ڏند به نظر اچي رهيا هئا." ان سان گڏ سندس پٽ جو لاش هيو. جنهن رعميس کان پوءِ حڪومت ڪئي. ان جي مٿان کدر جي چادر هئي. تاريخ ۾ اهو به ذڪر آهي ته ان حضرت موسيٰ عليه السلام سان جنگ شروع ڪئي هئي ۽ پوءِ سمنڊ ۾ هڏي غرق ٿي ويو هو. پر جڏهن الاقصر جي جبلن جي کوٽائي ڪئي وئي ته اتان ان جو لاش مليو هو. الله تعالىٰ جي قدرت ته تڪبر ڪرڻ واري فرعون جو لاش دنيا لاءِ عبرت جي طور تي محفوظ آهي ۽ اڄ به اسان ان کي ڏسي عبرت حاصل ڪري رهيا آهيون. جيتوڻيڪ ڪتابن ۾ اڄ ڪلهه جي جديد دور ۾ ته ميڊيا جي ذريعي هي قصا ڪهاڻيون پڙهيل آهن، پر سامهون ڏسي جيڪا حيرت ٿي هئي اها ڳالهه ئي ٻي آهي. انهيءَ ڪري ئي اسلام ۾ به سياحت ۽ سفر تي زور ڏنو ويو آهي.

آثار مقبره توت عنخ آمون

اتان جڏهن ٻاهر نڪتاسين ته سامهون هڪ هال هو. جنهن ۾ فرعون بادشاهه توت عنخ آمون جي مقبري مان نڪتل شين جي نمائش ڪيل هئي. هيءَ واحد بادشاهه هو، جنهن جي مقبري کي ڪوبه لٽي نه سگهيو. انهيءَ مقبري مان نڪتل سڀ نادر شيون هتي رکيل هيون. مخصوص مٽيءَ جا ٽانو ۽ ٽانون ۾ ڪجهه شيون به رکيل هيون. ڪرسيون به هيون. جن جي ٻانهن تي شينهن ٺهيل هئا، جن جو وات کليل هو. جيئن اڪثر محلاتن ۽ ميوزيمن ۾ نظر ايندڙ آهن. پويان بادشاهه ۽ ملڪ جي تصوير جن کي ڪرسيءَ تي ويهاريل ڏيکاريو ويو آهي. هڪ پلنگ به هو، ان پلنگ جي هينان به شينهن لڳل هئا، ۽ پلنگ انهن شينهن جي پٺيءَ تي رکيل هو. بادشاهه جا ڪپڙا ۽ هار ۽ جوتن تي به نقش نگاري ڪيل هئي. انگور ۽ ٻيا ميوا به رکيل هئا. ۽ ڪي مانيون ۽ اناج به هئا. هڪڙو لڪڻ به رکيل هو، جيڪو پڙ سهٽو هو. بادشاهه جي استعمال جي لاءِ ته جيئن ٻي زندگيءَ ۾ به جڏهن هو جيئرو ٿئي، ته ان جو سهارو وٺي سگهي. ٻيڙين جا ماڊل به موجود هئا. ڇو ته قديم مصرين جو خيال هو ته انهن جي مرڻ کان پوءِ ٻئي جهان ۾ وڃڻ لاءِ سواري جي ضرورت پوندي ۽ اها ڪشتي ٿي ئي سگهي ٿي. پر انهن ته هزارن جي تعداد ۾ معبود ٺاهي رکيا هئا. جن ۾ جانور، سج، هورس جو مٿو، عقاب، انوبس، سخ مت، نوت ۽ هاٿور وغيره شامل هيا،

اتي هڪ تابوت رکيل هو جنهن ۾ بادشاهه جو لاش رکيو ويو هو. ان تي به سون جا نقش نگار هئا. ان سان گڏ ماسڪ به هو، جيڪو حنوط ڪرڻ کان پوءِ منهن تي لڳائيندا هئا. چيتي جي کل وڏي پيتي به هئي.

اسان تقريباً ٽي چار ڪلاڪ ميوزيم ۾ گهمياسين. جنهن کي ڏسي اندازو ٿيو ته مصر جي فرعونن جي رسم، رواج، لباس، کاڌائڻ، پيئڻ، طرز حڪومت، مذهب، موت ۽ موت کان پوءِ واري زندگي وغيره جي پوري معلومات ملي وڃي ۽ اهو احساس به ٿيو ته ڪنهن به تهذيب جا آثار اهڙا نه ڏٺا جيترا انهن جي تهذيب جا آثار موجود آهن.

هي، عجائب گهر ڏسڻ سان فرعونن جي ظلم جو داستان به سمجهه ۾ اچي ويو. ڪيترائي نمونا ڪاشت ڪاري، زمين ۾ فصل پوکڻ جا طريقا، ڏاند ۽ ان سان گڏ ڏيکاريل ڪڙمي، مڻيءَ جا گهر، مڻي جا ٽانو، ان جي تصويرن مان اندازو ٿيو ته انهن جي ڳوٺن جي زندگي اسان جهڙي هئي.

عجائب گهر ۾ فرعون جون رکيل شيون ڏسي اهو به اندازو ٿيو ته اهي شرابي ۽ عيش پرست هئا. پنهنجي پاڻ کي ٻين ماڻهن کان الڳ رکڻ جي لاءِ پنهنجي ئي خاندان جي ماڻهن سان شادي ڪندا هئا. يعني ماءُ، پيءُ، ڏيئرن، پوٽن ۽ ڏهٽن وغيره سان شادي ڪندا هئا ته جيئن شاهي خون سندن گهر ۾ ئي رهي، ٻاهر جو خراب خون شامل نه ٿئي. بادشاهن جي لاءِ جيڪي اهرام ٺاهيندا هئا، انهن ۾ به سندن رتبي جو خيال رکيو ويندو هو.

انهيءَ ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ وسري ويم ته ميوزيم ۾ ناچ ڪرڻ وارن جا اسٽيچو به هئا. چاڪاڻ ته هنن جي ثقافت ۾ ناچ ۽ گانا گهڻا هوندا هئا. پر اڄ ڪالهه انهن شين تي ڪنٽرول ڪري رهيا آهن، چو ته جڏهن اسان ويا هئاسين تڏهن ناچ جي شو تي پابندي هئي. صرف شرم الشيخ ۾ اها شئي موجود هئي.

ميوزيم کان ٻاهر نڪتاسين ته ماڻهن جو هجوم هو. سڀ ڪوٽو گرافي ۾ مصروف هئا. پر جيئن ته اسان به ڇٽا هئاسين تنهنڪري ڪنهن هڪڙي جو ڪوٽو ئي نڪري سگهي ٿيو، پر اتي هڪڙي سياح چيو ته جيڪڏهن توهان گڏ ڪوٽو ڪيرائڻ ٿا چاهيو ته مان ڪيان. اسان راضي ٿي وياسين پوءِ هُن اسان جا ڪيترائي ڪوٽا ڪڍيا. انهيءَ کان پوءِ هن چيو ته اسان به ٻه ڇٽا آهيون، اسان جا ڪوٽو به ڪڍو اسان حامي پري انهن جا ڪوٽا ڪڍي وري واپس هوٽل ۾ آياسين چو ته اسان کي 2 وڳي اهرام ڏانهن وڃڻو هو.

اهرام مصر روانگي

ميوزيم مان واپس اچڻ کان پوءِ هوٽل جي ڪمري ۾ آياسين. اهو سوچي ته ٿورو آرام ڪري پوءِ اهرام جي طرف وڃون ته جيئن اتي آرام سان گهمي سگهون. پر اهرامن جي شوق اسان کي آرام ڪرڻ نه ڏنو ۽ اسان جلدي هيٽ ڪائونٽر تي اچي وياسين. جيتوڻيڪ ٻه (2) وڄڻ ۾ ايڪ وقت هو. انهن چيو ته توهان جو ڊرائيور ۽ گاڏي ٻه پهچي وئي آهي ۽ ٽوئر گائيڊ ٻه سامهون بيٺو آهي. اهي اهرام گزا ۾ آهن. گزه قاهره جي مغرب ۾ واقع آهي. پر آبادي وڌڻ جي ڪري اڄ ڪلهه قاهره شهر جي حصي جي طور تي سڃاتو وڃي ٿو. ٽوئر گائيڊ اچي سلام ڪيو ۽ پنهنجو تعارف ڪرايائين. پوءِ اسان گاڏيءَ ۾ سوار ٿي وياسين. پهريائين گاڏي شهر جي اندر هلندي رهي. ٽريفڪ تمام گهٽي هئي. انهيءَ کان پوءِ گاڏي رنگ روڊ تي هلڻ شروع ڪيو. چو ته قاهره شهر جي چوڌاري رنگ روڊ ٺهيل آهي. انهيءَ روڊ تي هلي رهيا هئاسين ته ٿوري دير ۾اهرام پري کان نظر اچڻ شروع ٿيا. انهن عجائبات تي جڏهن پهرين نظر پئي ته خوشيءَ ۾ دل بهار بهار ٿيڻ لڳي. دل جي ڪيفيت کان رفيع کي آگاهه ڪيم ته محسوس ٿيو ته انهيءَ جو به ساڳيو ئي حال هو. اسان ٻئي انهيءَ وقت ڏاڍا خوش هئاسين. بلڪل انهيءَ ڏينهن وانگر جڏهن اسان آئيسلينڊ جي سياحت تي ويا هئاسين. اتي آئيس برگ ڏسڻ جو شوق ٿيو. اتي وڃڻ لاءِ ٽوئر ورتوسين. ٽوئل ٽوئر اچڻ ۾ وڃڻ جو 14 ڪلاڪن جو سفر هو. جڏهن سفر ختم ٿيڻ وارو هو ته اوچتو منهنجي نظر آئيس برگ تي پئي ته خوشيءَ جي ڪري مون کان رڙ نڪري وئي ۽ رفيع کي اڇا اشارو ڪري ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪيم ته انهيءَ وقت فوراً جبل وچ ۾ اچي ويا. اهڙي طرح انهيءَ کي نه ڏيکاري سگهي هئيس، پر تنهن جي باوجود به هن جي چهري تي خوشيءَ جا آثار نظر آيا ۽ خوش ٿي پڇيائين ته واقعي اسان اُتي پهچي ويا آهيون. اهڙي طرح چند گهڙين کان پوءِ وري نظر اچڻ شروع ٿي ويا هٿا ۽ پهرئين نظر ۾ جيڪو منظر نظر آيو اهو تمام گهٽو خوبصورت هو. اها انسان جي فطرت هوندي آهي ته هو جنهن به شيءِ يا جڳهه کي ڏسڻ لاءِ نڪرندو آهي ته اها جڏهن انهيءَ کي حاصل ٿيندي آهي، تڏهن انهيءَ وقت انهيءَ جي خوشيءَ جي انتها هوندي آهي. اهڙي طرح اهرامن جي به جڏهن پهرين جهلڪ نظر آئي ته اسان ٻنهي جي چهري جي رونق وڌي

وئي ۽ چهرو چمڪي اٿيو. پوءِ گاڏي رنگ روڊ کان انهيءَ روڊ تي هلائي جيڪو اهرامن ڏي وڃي رهيو هو. سائين بورڊ به نظر آيو. جنهن تي لکيل هو ته اهرامن تائين فاصلو صرف ٽي ڪلوميٽر آهي. اهڙي طرح ڊرائيور گاڏي کي شاهراه اهرام تي موڙي چڙيو ڪجهه فاصلي تي وري ساڄي مڙي ٽوري اونچائيءَ کان پوءِ گاڏي گيٽ تي رڪجي وئي. هيءَ ٽڪيٽ آفيس هئي. اسان کي ٽڪيٽ ونڊي کانه هئي ڇاڪاڻ ته اسان ٽڪيٽ اڳ ۾ هوٽل تان خريد ڪري چڪا هئاسين. مصر ۾ اچڻ کان پهريائين منهنجي ذهن ۾ اها ڳالهه هئي ته هيءَ اهرام شهر کان ڪافي پري صحرا ۾ هوندا. پر منهنجي اها سوچ بلڪل غلط نڪتي. اهي قاهره شهر جي ويجهو ئي هئا. اسان اڃ ڪلاڪ جي اندر اتي پهچي وياسين. اتي گاڏيءَ تان لٿاسين ته اسان جي سامهون ڪاروان سراءِ هو. هتي گهوڙن ۽ اٺن جو اصطبل هو. اتي انهن جي مالڪن کي سياحن جي پويان ڊنوسين جيڪي انهن کي پڪڙي زبردستي ڪري رهيا هئا ته گهوڙي يا اٺ تي سوار ٿي وڃو. اسان توهان کي اهرامن تائين وٺي وينداسين. جيتوٽيڪ اهو فاصلو ايترو وڏو نه هو. پيدل ڪري سگهجي پيو پر اسان پيدل هلڻ شروع ڪيو. رستي تي ڪيترائي سياح نظر آيا. ڪجهه وڏي عمر جا (ضعيف) سياح گهوڙن ۽ اٺن تي سوار هئا. مون کي تعجب لڳو ته هي پوڙها خاص طور تي اٺن تي ڪيئن سوار ٿيا آهن؟ چو ته اٺ تي ويهڻ کان پوءِ جڏهن هوائي ٽوٽ ته سوار کي اهڙو جهٽڪو لڳي ٿو جيڪو ان جي پيٽ کان وٺي متي تائين وڏي خطرناڪ طريقي سان پهچندو آهي. اسان ته انهيءَ تي ويهڻ جو سوچي به نٿا سگهون ۽ جڏهن هو پنهنجو پهريون قدم کڻندو آهي ته هر قدم سان گڏ جهٽڪو لڳندو آهي. هڪ جهٽڪو ختم ئي نه ٿيندو آهي ته ٻيو شروع ٿي ويندو آهي. جيئن آسمان تي ڪنوڻ گجگوڙ ٿيندو آهي ته ڪنوڻ جي هڪڙي روشني ۽ گجگوڙ جو هڪ آواز ئي ختم نه ٿيندو آهي ته ٻيو شروع ٿي ويندو آهي ۽ اسان جي اکين جي سامهون روشنيءَ جا انبار هوندا آهن يا جيئن سمنڊ جون لهرون. هڪ مان ئي پاڻ کي سنڀالي نه سگهبو آهي ته ٻي اچي ويندي آهي ۽ اها ٻي لوڏي چڙيندي آهي. شايد ڪجهه جهٽڪن کان پوءِ انساني جسم ان کي قبول ڪري وٺندو آهي، پر سياحن جي شڪلين مان به محسوس ٿي رهيو هو ته اهي ان مان به مزو وٺي رهيا هئا.

اسان جيئن جيئن اهرام ڏانهن وڌندا وياسين، ائين ائين هر اهرام جي عظمت واضح ٿيندي وئي جيئن جيئن ويجهو ٿيندا وياسين ان جي جسامت ۾ اضافو ٿيندو ويو ۽ انهيءَ جي هيبت به محسوس ٿيڻ لڳي. اسان انهي جي احاطي ۾ بيهي رهياسين. گائيڊن اتي بيهي ٽوري تاريخ جي وضاحت ڪئي پوءِ

پچيائون ته توهان جو چا خيال آهي اندر هلڻ چاهيو ٿا يا نه؟ اسان معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته اندر چا آهي ته انهيءَ چيو ته اتي بس هڪ هال آهي جنهن جي اندر پينٽنگس آهن ۽ ڪجهه قبرن جي جاءِ وغيره آهي، پر اسان جي اندر هلڻ لاءِ ڪا خاص حوصلہ افزائي نہ ڪيائين. وڌيڪ چيائين ته توهان کي سامان مثلاً پرس ۽ ڪيمرا وغيره هتي ئي جمع ڪرائڻو پوندو ۽ اندر وڃڻ بہ ٿورو مشڪل آهي، تنگ ۽ تاريڪ رستو آهي، ڏاڪا ڪافي سوڙها ۽ اونچا آهن. اسان ٿورو سوچ ۾ پئجي وياسين ته چا ڪرڻ گهرجي؟ ان اهو بہ ٻڌايو ته اندر فوٽو گرافيءَ جي بہ منع آهي. انهيءَ وقت ٽوئر گائيڊ اهرامن ڏانهن هلڻ بہ شروع ڪيو رستو پڳل ٽنل سرن سان ٺهيل هو. ڪٽان سرون مٽي ته ڪٽي هيٺ هيون. اجنبي جڳهه، زمين تي نظر وجهون ته اهرام ڪيئن ڏسون؟ اهرامن ڏي ڏسڻ لاءِ جيڪڏهن نظر ڪنُ ته ٽوڪر ڪائي ڪرڻ جو خدشو هو. اهڙي طرح سنپالي سنپالي قدم رکندا پيا پون، هوڏانهن گائيڊ بہ ڊوڙ لڳائڻ ۾ مصروف هو. لڳي پيو ته هيءَ اسان کي ريس لڳائڻ لاءِ ولي آيو آهي.

الله الله ڪندا، ٽوڪرون ڪائيندا ڪهڙي نہ ڪهڙي طرح اهرام جي ڏاڪڻين وٽ پهتاسين ته گائيڊ فرمائش ڪئي ته هاڻي ڏاڪڻيون چڙهي مٽي هلٽو آهي. ڏاڪڻيون چڙهياسين، ڪافي ڳهڻيون ۽ ٽوريون اونچيون بہ پڻ. جن تي نيٽ چڙهي اتي پهتاسين ساهہ منجهڻ لڳو آخرڪار اهي سڀ مرحلا طئي ڪري مٽي قدم رکيوسين ۽ هاڻي نظرون چوڌاري ڦيرائڻ شروع ڪيوسين ته اهرامن وڃڻ لاءِ ڏگهيون ڏگهيون قطارون نظر آيون. مٽي بہ ڪافي رش هئي اتي ڪجهه بورڊ بہ لڳل هئا. جن تي لکيل هو ته بلڊ پريشر ، شگر، دل جي بيمارين ۽ ساهہ جي بيمارين وغيره جا ماڻهو اندر نہ وڃڻ ته بهتر آهي، چو ته سوڙهي هئڻ ۽ اونداهن رستن ۾ آڪسيجن جي ڪمي بہ آهي.

اندر جهاتي پاتي ته محسوس ٿيو ته سوڙهي سرنگ وانگر رستو آهي. انڌيرو بہ پئي لڳو ته سوچ ۾ پئجي ويس ته ڪڏهن فرعون بہ هتان گذريا هوندا پراهي وري ڪڏهن واپس نہ اچي سگهيا ۽ اتي ئي دفن ڪيا ويا. مون کي بہ حضرت عزرائيل نظر آيو. پوءِ گڏ ئي حضرت خضر عليه السلام جو خيال ذهن سان ٽڪرايو ته بيشڪ مارڻ واري کان بچائڻ وارو وڏو آهي. اهو سوچيندي رهيس ته رفيع جو آواز آيو. اهو مون کان پڇي رهيو هو ته اندر جو چا ارادو آهي هلٽو آهي؟ مان اڃان بہ سوچن ۾ گم هئس ته رفيع وري چيو ته چا پئي سوچين؟ مون چيو ته وڃڻ لاءِ دل ته چئي پئي، تجسس آهي ته اندر چا آهي؟ پر گائيڊ ٿورو ڊڄاري ڇڏيو آهي. سوچيان ٿي ته ڪجهه ٿي ويو ته باهر ڪيئن ڪيندا؟ مون وڃڻ کان منع ڪئي ته رفيع جي چهري تي بہ خوشيءَ جا آثار نظر آيا.

اسان وري بہ ٿوري دير جي لاءِ اتي رکجي ويا سين تہ ڏٺوسين تہ ٻيا سياح بہ پڏتر ۾ هٿا تہ وڃون؟ يا نہ وڃون. تہ اتي هڪ سياح رڙ ڪئي تہ ڏاڙ جي ڪابہ ڳالھ ناهي، پوڙها جيڪي بہ ڏسي آيا آهن اهي بہ تہ زنده واپس آيا آهن ۽ خوش آهن. اسان بہ جيڪڏهن ويندا سين تہ فرعونن جا روحَ اسانکي تنگ ڪونہ ڪندا. فرعون جي نالي خوفو جو مطلب اهو ناهي تہ هو اسان کي خوفزده ڪندو يا ڪا هورر فلم ڏيکارينڊو. يا نانگ اچلي اسان کي ڏيڀارينڊو. ڇو تہ اهي جادوگريءَ جو علم بہ رکندا هٿا. پر پوءِ بہ اسان آهستي آهستي ڏاڪڻين لهڻ شروع ڪيون ۽ واپس اچي اهرامن جي پرسان ميدان ۾ بيهي اهرامن جو جائزو ونڻ شروع ڪيوسين. اهرام ايترو وڏو هو جو انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ پئي آيو. واقعي بہ هيءَ اهرام انساني ڪاريگري ۽ عظمت جو همالیا آهي. جنهن جي مثل اڃان تائين ڪجهہ بہ نہ ٺهيو آهي. اسان انساني هٿن سان ٺاهيل ان عظيم جبل جي سامهون بيٺا هٿاسين. جيڪو تيرهن ايڪڙ کان گهٽي جڳهہ والاري بيٺو هو. هيءَ اهرام خوفو جو هو. ان جي پويان منقرع خفري جا اهرام آهن. ان کان علاوه ملڪائن جا ننڍا اهرام بہ آهن. پر اهرام خوفو سيني تي چانيل آهي. جيڪو دنيا جي ستن عجوبن ۾ شمار ٿئي ٿو. چون ٻيا تہ ننڍا اهرام مصر ۾ ڪيترائي آهن. پر سياح صرف اهرام اعظم کي ڏسي هليا ويندا آهن. ڇو تعمير ۽ جسامت جي لحاظ کان هيءَ ئي سيني کان وڏو آهي.

بيضوي زمين تي ٽن ڪنڊن جي تعميرات انساني تاريخ جو قديم ترين عجوبو آهن اهرام مصر. جن پنهنجي اسراريت سان هزارن صدين کان کربين انسانن کي حيرت ۾ وڌو آهي.

اهرام ڇو ٺاهيا ويا؟

هي عمارت ڪنهن ۽ ڇو ٺاهي هئي؟ ان جي باري ۾ تاريخي روايتون ايتري قدر مختلف آهن جو انهن جي بنياد تي ڪوبہ فيصلو ڪرڻ مشڪل آهي. مصر جو مشهور تاريخدان علامہ مقريزي رحہ لکي ٿو تہ: "ماڻهن جي هٿان اهرام جي تعمير، ان جي باني جو نالو ۽ تعمير جي باري ۾ اختلاف آهن ۽ ان سلسلي ۾ متضاد قول آهن جنهن ۾ اڪثر صحيح ناهن."

هاڻي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ هي اهرام ڇو ٺاهيا ويا؟ تاريخ جا قديم مورخ اهو چوندا رهيا آهن تہ مصر جا اهرام حقيقت ۾ عظيم الشان مقبرا آهن ۽ اهو تہ انهن جي اندر لاش پيل مليا آهن. جڏهن پهريون دفعو انهن کي کوليو ويو لٽڻ يا چوري جي لاءِ يا تحقيقات جي لاءِ. اصل ۾ اهرام مصر جي تعمير جو مقصد اهو سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ فرعون مصر پنهنجن بادشاهن کي دفن ڪرڻ لاءِ

ٺهرايا هئا. ڇيو وڃي ٿو تہ بادشاهہ مينس (Menes) متحده مصر جو بنياد رکيو دارالحڪومت قاهره کان 15 ميل پري ممفيس قائم ڪيو. انهيءَ خاندان مان زوسر بادشاهہ جڏهن حڪومت سنڀالي تہ ان امهوتب نالي واري آرڪيٽيڪ کي حڪم ڏنو تہ انهيءَ جي لاءِ اهرام تيار ڪري اهو دنيا جو پهريون اهرام هو جيڪي هاڻي بہ سقاره ۾ موجود آهي.

انهن جو خيال هو تہ دفن ٿيڻ کان پوءِ هڪ خاص وقت کان پوءِ اهي وري زنده ٿيندا ۽ جڏهن اهي زنده ٿيندا تہ انهن جي ضرورت جون سڀ شيون اتي موجود هجڻ گهرجن. مصر ۾، جڏهن ڪنهن فرعون کي موت ايندو هو تہ ان جي بادي کي حُنوط ڪري اهرامن ۾ دفن ڪيو ويندو هو ۽ انهن جي زنده زالن ڪنيزن ۽ غلامن کي بہ قيد ڪيو ويندو هو. ڪاڏي پيتي سان گڏ فرعونن جا پورا خزانا بہ انهن سان گڏ رکيا ويندا هئا ۽ انهن ماڻهن جو خيال هو تہ مرڻ کانپوءِ ٻيو دفعو انهن کي زنده اٿاريو ويندو. پر فرعون جي لاءِ اهو بہ عقيدو هوندو هو اهي عام انسان نہ آهن پر ديوتا آهن. ڇو تہ ان زماني جي فرعونن ۾ خدا جي دعويٰ ڪرڻ وارن جي ڪمي بہ نہ هئي. حضرت موسيٰ عليہ السلام جو واسطو جنهن فرعون سان هو، ان بہ خدائي جي دعويٰ ڪئي هئي، پر هُو پنهنجي لشڪر سان گڏ سمنڊ ۾ هميشہ جي لاءِ غرق ٿي ويو هو. اهڙي طرح فرعون هڪ طويل عرصي تائين هڪ محفوظ مقام تي دفن رهيا. اهرام مصر جي تعمير جي پويان جيڪو مقصد نظر اچي ٿو، جنهن جو گهٽو ڪري خيال ڪيو ويندو آهي اِهو اهو ئي آهي تہ انهن جا بادشاهہ طويل عرصي تائين پرسڪون ننڊ ڪندا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي تہ جڏهن قبرن کي دريافت ڪيو ويو تہ انهن تي مختلف عبارتون لکيل هيون. جن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ جيڪڏهن ڪير بہ انهن جي ننڊ خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو تہ ان جا نتيجا تمام خراب نڪرندا. انهن جي پنهنجي زبان ۾ ڏهمڪيون لکيل هيون.

بغير چٽ جي اهرام ٺاهڻ ۾ ڪهڙي حڪمت لڪل آهي؟ پٽيون انهيءَ لاءِ تعمير ڪيون ويندين آهن تہ ان تي چٽ جو چپر رکي سگهجي، تہ پوءِ هيءَ بي چٽ جا اهرام ڪهڙي مقصد جي لاءِ تعمير ڪيا ويا؟ ان راز جي تلاش انسان صدين کان سرزمين مصر جي بازارن، پراسرار تعميراتن ۽ غنوده شيده جي وچ ۾ ڪندا رهيا آهن اڄ بہ فطرت جي رازن کي جاڻڻ جا شوقين ۽ علم جا متوالا دنيا جي انوکي ترين تعمير اهرام مصر کي ڇُهي حيرت سان تڪي رهيا آهيان ۽ هزار سال اڳ تعمير ٿيڻ وارا اهرام اڄ جي ترقي يافته دنيا کي دعوت ڏئي رهيا آهن تہ جيڪڏهن توهان اسان کان وڌيڪ جاڻو ٿا تہ اسان کي هوبهو نقل تہ ٺاهي ڏيکاريو.

هڪ متب ذکر چوي ٿو تہ اهرامن کي تعمير ڪرائڻ جو مقصد سرزمين مصر جي بيش بها خزانن کي لڪائڻ هو. جيڪڏهن ان نظريي تي يقين ڪيو ويو تہ پوءِ اهو خزانو صديون گذرڻ کان پوءِ بہ ايڏا تائين انسانن جي هٿ چوڻ لڳو؟ ڇا اهرامن ۾ ڪو خزانو ڇپيل آهي؟

ديوتائن جي پراسرار تعميرات. ممين ۽ فرعونن جي سرزمين مصر جي خزاني جو ذڪر صدين کان زبان زدِ عام آهي. محققن جي هزارن تحقيقي مقالن جي ورق گرداني کان پوءِ بہ هيءَ راز اڄ ڏينهن تائين ظاهر نہ ٿيو تہ اهرامن ۾ هيرا خزانہ لڪايا ويا آهن يا علمن جي آگاهي جو خزانو؟ نپولين جي فوجي معمارن چيو هو. "تہ اهرام ۾ استعمال ٿيڻ وار پٿرن سان سڄي فرانس جي چوڌاري اوچي پٽ تعمير ڪري سگهجي ٿي."

تاريخ فرعون خواجہ حسن نظامي دهلوي ۾ ذڪر آهي تہ:

مشهور عرب تاريخدان ابو محمد بن عبدالرحيم خوفو جي اهرام جي باري ۾ پنهنجي ڪتاب "تحفہ الاباب" ۾ لکي ٿو تہ (مامون الرشيد) چيو تہ هو وڏو تخت جي مقابل موجود آهي. مان ان اهرام جي اندر داخل ٿيس مون قبو ڏٺو جيڪو هيلان تہ مربع هو مٿي گول هو. هيءَ قبو وڏو آهي. ان جي وچ ۾ هڪ کوهہ آهي، کوهہ بہ مربع آهي. جڏهن هيٺ لهجي ٿو تہ ان مربع کوهہ جي هر طرف هڪ دروازو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هر دروازو هڪ وڏي ڪمري ۾ پهچائي ٿو. جتي مردن جا مردا رکيل آهن ۽ انهن ۾ هر هڪ گهٽن ڪفنن ۾ ويڙهيل آهي. هر مردي تي سؤ (100) ٽانن کان وڌيڪ ڪپڙو ويڙهيل آهي. (ضرور ممين جا ڪپڙا مراد آهن) هيءَ سڀ ڪارا ٿي چڪا آهن. هيءَ انهيءَ جي ڪري ڪارا ٿي ويا آهن جو انهن تي ڪو مسالو لڳايو ويو آهي. مردن جا جسم اسان جي جسمن جهڙا آهن. اهي اسان کان گهٽو ڏگها ناهن. ماٿهو جيڪڏهن انهن لاشن کي غور سان ڏسي تہ ان ۾ خرابي انهن کي نظر نہ ايندي. بلڪل انهيءَ حالت ۾ آهن جو وار بہ نہ ڪريا اٽن. ان لاشن ۾ ڪنهن پوڙهي جو لاش نہ آهي، سڀ جوان آهن سيني جا وار ڪارا آهن، سيني جا جسم طاقتور لڳن ٿا. جيتوڻيڪ پراڻا هٿ جي ڪري انهن کي راک جو ڊير سمجهڻ گهرجي.

هڪ ٻيو عرب تاريخدان لکي ٿو تہ: "جڏهن مامون کي ناقابل بيان مشقتن کان پوءِ وڏي اهرام جون ڏاڪڻيون ڏسڻ ۾ آيون جن ۾ وڃڻ ۾ جن تي چڙهڻ تمام گهٽو مشڪل هو. اندر هڪ گهر نظر آيو. فرعونن جو تابوت ڪمرو مراد آهي ان گهر جي وچ ۾ رخام جو زبردست تابوت مليو. تابوت جو ڍڪڻ کوليو ويو تہ اندر هڪ سڙيل ڳريل لاش نظر آيو. ان تي مامون وڌيڪ کوٽائي روڪرائي چڏي."

اهڙي طرح عرب تاريخدان اهرامن کي مقبره سمجهندا هئا ۽ حقيقت ۾

اهائي لڳي ٿي. پر ڪجھ يورپين مثلاً: گاب، گوھر، ٽايلر ۽ پروفيسر اسمٿ وغيره عقيدو ٻڌائي ڇڏيو ته وڏو اهرام مقبرو نه آهي. پر هڪ حيرت انگيز مٽرولوجي (مقياسي) يادگار آهي. ۽ هو چون ٿا ته وڏو اهرام 40 صديون پھريائين انهيءَ جي لاءِ ٺاهيو ويو هو ته ان جي اندر اهڙيون شيون محفوظ رهن، جنهن جي ذريعي انسان هميشه لمبائي، ٻوجھ، وزن ۽ قد جو اندازو ڪري سگھن. ايتري قدر نه پر اهي عالم وڏي اهرام کي وحي الاهي جي پيداوار سمجھن ٿا.

وڏي اهرام جي شاهي ڪمري يا قبر جي ڪمري ۾ جيڪو سنگي تابوت موجود آهي ان جي باري ۾ تايئر ۽ سمٿ چون ٿا ته اهو انهيءَ لاءِ گھڙي ائين رکيو ويو آهي ته جيئن پوري دنيا جي لاءِ پيمائش جو ڪم ڏئي ۽ دليل اهو ڏين ٿا ته پراڻي زماني جي يوناني، رسمن ۽ موجوده يورپين قومن جي پيمائش جا اصول انهيءَ تابوت مان ورتا ويا آهن. انهيءَ سان گڏ هنن جي دعويٰ آهي ته وڏي اهرام جو بنياد اهڙي قسر جي ماپ جو آهي جنهن جو تعلق براه راست زمين جي محور سان آهي. چند ماهرن جو خيال آهي ته: "سڀ اهرام انهيءَ لاءِ ٺاهيا ويا هئا ته شمسي ڪلاڪ جو ڪم ڏين ۽ انهيءَ جي ذريعي پوڪون مقرر ڪري سگھجن." پروفيسر پروڪٽر فرمائي ٿو ته: "سڀ اهرام هيئت جي اصول تي ٺاهيا ويا آهن ۽ ان تعمير ۾ فلڪيات سان تعلق رکن ٿا."

فرانسيسي ماهر مسوسيني جو نظريو هو ته "اهرام انهيءَ جي لاءِ ٺاهيا ويا هئا ته درياهه نيل کي وادي جي طوفان کان بچايو وڃي."

اهي قول سراسر بي معنيٰ لڳن ٿا ڇو ته اهرامن جي اندر وڃڻ سان ۽ هيرو گليفي تحريرن پڙهڻ کان بغير ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي معلوم ٿي وڃي ٿو ته اهرام ان کان سواءِ ڪجھ به نه آهن ته اهي مقبرا آهن. اهي اهرام عظيم الشان مهر شدھ مقبرا آهن، انهن ۾ وڃڻ جا سڀ رستا وڏي مضبوطيءَ سان بند ڪيا ويا آهن. هيءَ اهڙا مقبرا آهن جنهن ۾ نه دروازو، نه دري، نه روشن دان، نه سوراخ، تمام اڻيون عمارتون آهن، جن ۾ مڙده ستل آهن. سڀ کان وڏي ڳالھ اها آهي ته سڀ اهرام قبرستان ۾ واقع آهن ۽ اهو ان جو قطعي ثبوت آهي ته خود اهرام به مقبرا آهن.

اهرامن جي اندر وڃڻ جا سڀ رستا ۽ دروازا وڏي حڪمت سان بند ڪيا ويا آهن، ڇو ته پراڻي مصرين جو دستور اهو هو ته پنهنجا مقبرا چوري ۽ لٽ مار کان بچايا وڃن ۽ اصلي قبر تائين ڪوبه پهچي نه سگھي.

مامون الرشيد کي انهيءَ جي ڪري وڏو اهرام کولڻ ۾ نهايت ئي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. ڪٿي به اهڙو نشان موجود نه هو، جنهن مان معلوم ٿي سگھي ته اصلي دروازو ڪھڙي جڳھ تي آهي. مامون الرشيد اهرام ۾

جيڪو سوراخ ڪيو هو. اهو اصل دروازي کان پري محض اتفاق سان هڪ سرنگ ۾ ڦوٽ پيو. مامون اتر جي طرف سرنگ ۾ سوراخ ڇو ڪيو؟ انهيءَ جو ڪارڻ به اهو ئي هو ته عرب ٻڌي چڪا هئا ته پراڻا مصري پنهنجي مقبرن جا دروازا اتر جي طرف رکندا آهن.

بهرحال خليفي مامون الرشيد عباسي جي دور ۾ ان بند اهرام جي ڳجهي راز کي ڄاڻڻ جي لاءِ منظم ڪوشش ڪئي وئي. انهن پٿرن کي ٽوڙڻ ته تمام گهٽو مشڪل هو. پوءِ به ماڻهو مشڪل سان چند پٿرن کي ٽوڙي گيلري تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهيا هئا، جيڪا اڳتي وري بند هئي. انگريز مصنفين انهيءَ واقعي کي گهمائي ڦيرائي بيان ڪرڻ جي لاءِ ضرور موقعو ڪڍي ونندا آهن ۽ خزاني جي لالچي عربن جي حرص بي انصافائي جو ذڪر ڪري مسلمانن جي خلاف پنهنجي تعصب جي باهه کي ٽڏو ڪري ڇڏيندا آهن، پر چند مفڪرن جي راءِ آهي ته جڏهن فرانسيسي مصر آيا ته ان جا فوجي اهرام ۽ ابوالهول تي گولا باري ڪندا رهيا ته جيئن اندر وڃڻ جو رستو ملي وڃي، جڏهن هيءَ ماڻهو اندر ويا ته اهو ڏسي حيران ٿي ويا ته اهرام جي اندر ڪابه ميت نه هئي ۽ نه ئي خزانو هو.

اهي اهرام مختلف وقتن تي مرمت جي لاءِ به کوليا ويا، پوءِ وري ايراني ۽ روماني زماني ۾ به کولڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، چوته عام چرچو هو ته اهرامن ۾ تمام گهٽو خزانو رکيل آهي.

خوفو جو اهرام

گزه ۾ انهن ٽن اهرامن ۾ سڀ کان وڏو اهرام خوفو، چوٿين خاندان جي پهريون فرعون 2900 ق م ۾ تعمير ڪيو هو. ان اهرام جي هر پهلو جي ڊيگهه 35/23 ميٽر آهي. اهرام جي اونچائي 59/149 ميٽر هئي (هاڻي 19/137 ميٽر رهجي وئي آهي) ۽ پوري عمارت پنجويهه (25) لک 21 هزار چورس ميٽر آهي. اهرام جي پوري عمارت ۾ تقريباً 33 لک وڏا ويڪرا پٿر لڳل آهن. ۽ هر پٿر 1510 چورس ميٽر آهي. ڪجهه پٿر خود صحرا مان حاصل ڪيا ويا آهن، پر گهٽو ڪري پٿر طره جي جبل کي ڪٽي آندا ويا آهن. جيڪو درياهه نيل جي ٻئي ڪناري تي واقع آهي. پر اهو نفيس پٿر جنهن مان فرعون جو تابوت ۽ قبر جو ڪمرو ٺاهيو ويو هو اهي اسوان جي پهاڙن مان گهرايا ويا هئا.

اهرام ۾ داخل هڻڻ وارو دروازو زمين کان پندرهن (15) ميٽر اوچو آهي. دروازي سان ملي هڪ سرنگ آهي، جيڪا هيٺ ڏهجي انهيءَ رستي سان ملي وئي آهي. هيءَ ڪمرو عمارت بلڪل وچ ۾ آهي. هر سرنگ جي ٻئي پاسي ۾

هڪ رستو يا ايوان آهي جنهن جي لمبائي 17 ميٽر آهي. ۽ اوچائي 50-9 ميٽر آهي. هيءَ ايوان پالش ڪيل پٿرن سان اهڙي ڪمال سان ٺاهيو ويو آهي جو بقول تاريخدان عبداللطيف جي ته: "انهن پٿرن جي وچ ۾ نه سئي وڃي سگهي ٿي نه ئي وار وڃڻ جيتري ڪٽي وٽي آهي."

هن ايوان مان ماٺهو هڪ ننڍي ڪمري ۾ پهچي ٿو. پهريائين ان ڪمري ۾ پنج پٿر هٽا ۽ اڳتي وڌڻ جو رستو روڪيندا هٽا. ان ڪمري مان گذري ماٺهو ان ڪمري ۾ پهچندو آهي جنهن ۾ اڄ به فرعون جو تابوت رکيل آهي. هيءَ ڪمرو 43-10ميٽر ڊگهو 20-5 ميٽر چوڙو ۽ 91-5 ميٽر بلند آهي، سندس چت 9 پٿرن سان ٺاهي وئي آهي، جنهن ۾ هر پٿر 5.16 ميٽر ڊگهو آهي ان ڪمري تي عظيم الشان عمارت جو ناقابل تصور بوجھ گهٽ ڪرڻ جي لاءِ اهو ڪيو ويو آهي. ته ان ڪمري جي مٿان پنج ننڍا ننڍا ڪمرا ٺاهيا ويا آهن، جيڪي سڀ کان مٿي ڪمري جي چت اهڙي طرح ٺاهي وئي جيئن بوجھ ٻنهي طرف ورهائجي وڃي.

اهرام جي اندر کان ٻه سوراخ شروع ٿين ٿا ۽ ٻاهر تائين هليا ايندا آهن ان سوراخن جو مطلب اهو آهي ته جيئن فرعون جو روح پنهنجي قبر جي اندر جڏهن چاهي هليو وڃي ۽ جڏهن چاهي ٻاهر نڪري وڃي. مصرين جي عقيدي جي مطابق هر هڪ مقبري ۾ روح جي اچڻ وڃڻ جو رستو رکڻ ضروري هو.

تاريخدان هيروت لکي ٿوته: "فرعون ريمسي نيٽس (Rampsinitus) جي زماني تائين مصر ۾ انصاف ۽ خوشحالي جو دور رهيو، پر ان فرعون جي جانشين يعني خوفوءَ برائين تي ڪمر ٻڌي. هُنَ سڀ کان پهريائين مندر بند ڪري ڇڏيا، قربانيون روڪي ڇڏيائين. پوءِ تمام مصرين کان بيگار ۾ ڪم وٺڻ لڳو. هُنَ انهن کي پٿر ڪٽڻ ۽ ڍوئڻ جي ڪم سان لڳائي ڇڏيو. هر ٽئين مهيني ۾هڪ لک ماٺهو هيءَ بيگار ڪندا هٽا. سڀ کان پهريائين پٿر ڍوئڻ لاءِ هڪ رستو ٺاهيو ويو. ان جي تياري ۾ 10 سال لڳي ويا.

هيءَ رستو به پنهنجو مثال پاڻ هو. اهرام کان ڪنهن به حال ۾ گهٽ نه هيو. اهو 925 ميٽر لمبو هو 19 ميٽر چوڙو هو ۽ وڌ ۾ وڌ 10 ميٽر اوچو هئو پورو روڊ پالش ڪيل پٿرن سان ٺهيو هو. ان کي به جانورن جي تصويرن سان سنواريو ويو هو.

اهرام کي ٺاهڻ ۾ به 20 سال لڳا هٽا. اهرام جي شڪل چوڪنڊي آهي، ان جو هر پاسو 250 ميٽر چوڙو آهي. گهٽو ڪري عمارت هر چورس پٿرن سان ٺهي آهي، ۽ سڀ پٿر تمام گهٽي مضبوطي سان جڙيل آهن. هر پٿر جي لمبائي 30 فٽن کان گهٽ ناهي.

تاريخدان مصري زبان ۾ لکي ٿو ته: "ان جي ٺاهڻ وارن مزدورن کي موري،

بصر، ۾ ٿوم جو جيڪو راشن ملندو هو. ان تي ڪيتري رقم خرچ ٿي آهي. صرف موري، بصر ۾ ٿوم تي هڪ هزار ڇهه سو چاندي جا سڪا خرچ ٿيا آهن. يعني ٽي لک ويهه هزار مصري پائونڊ. جيڪڏهن هي بيان ٺيڪ آهي ته سوچڻ گهرجي ته پوري اهرام جي تعمير تي ڪيترا بيشمار روپيه خرچ ٿيو هوندو.

سپ کان وڌيڪ عجيب ڳالهه اها آهي ته اهرام ريت واري زمين تي بيٺل آهي ۽ ان سرزمين تي ڪابه اهڙي علامت ناهي جنهن مان سمجهيو وڃي ته هي ڪا ٻوس زمين آهي ۽ ڪا اهڙي شيءِ به موجود ناهي، جنهن سان سمجهيو وڃي ته پٿر هن جڳهه تان ڪٽيا ويا آهن. يا هن جڳهه تي چلي ٺيڪ ڪيا ويا آهن. بس ائين معلوم ٿئي ٿو ته پورو جبل ڪٽي هن ريتلي زمين تي ڪنهن ديوتا پنهنجي قدرت سان بيهاريو آهي، جڏهن ته هن کي ماڻهن جي هٿن آهستي آهستي ٺاهيو آهي. چيو وڃي ٿو ته هي اهرام ٽي لک 60 هزار مزدورن جي محنت سان ٺهيو، ان جي تياري ۾ 20 سال لڳي ويا.

هڪ شام جي تاريخدان لکيو آهي ته: "اسان مصر جا اهرام ڏٺا جن کي سراءِ لاهوتي ڳائيندا آهن پر هي عمارتون حضرت يوسف عليه السلام جون اهي ڪوٺيون نه آهن، جنهن ۾ قحط کان بچاءِ جي لاءِ اناج پريل هو. پرهيءِ پراڻن فرعونن جا عظيم الشان مقبره آهن."

چند ماڻهن جي راءِ آهي ته فرعونن ظلم ڪري غلامن کان هي اهرام تعمير ڪرايا آهن، پر اها هڪ حقيقت آهي ته بيگار جو ڪم معياري نه ٿيندو آهي، جڏهن ته هن ۾ اعليٰ ترين ٽيڪنڪ استعمال ڪئي وئي آهي، اهڙي اعليٰ تخليق هڪ اعليٰ ذهن جي انسان ۾ آزاد فضا ۾ ئي پرورش پائي سگهي ٿي.

مصري اسڪالر شعيب چوي ٿو ته: "اهرام کي تعمير ڪرڻ وارن جي کوج لڳائڻ جي لاءِ اسان کي تاريخ جو جائزو وٺڻ گهرجي. ۽ ايترا هزار سال قبل اهرام ٺاهڻ وارا ماڻهو غلام نه هئا. پر درياهه نيل جي ڪناري تي آباد قديم مصري ماڻهو هئا. نيل ۾هر سال سيلاب ايندو هو ۽ ڳوٺن ۾ رهڻ وارا ماڻهو پنهنجي گهرن ۽ مال اسباب کان محروم ٿي ويندا هئا. مشڪل جي انهيءَ گهڙي ۾ بادشاهه سان پنهنجي عقيدت جو اظهار هو. بادشاهه انهن جي لاءِ ديوتا جو درجو رکندو هو. تاريخ اهو به ٻڌائي ٿي ته اهرام جي تعمير ٽورو گهٽو 20 سالن تي ڦهليل آهي، انهن کي هڪدم نه ٺاهيو ويو. اهو هڪ قسم جو موسمي نوعيت جو ڪم هو. ۽ مصري مزدور موسم بهتر ٿيڻ کان پوءِ پنهنجين ڳوٺن ڏانهن واپس وري ويندا هئا ۽ اڳئين سال سيلاب جي ڪري وري اهرام جي تعميرجي لاءِ ايندا هئا.

نيپولين جڏهن مصر ۾ هو ته انهيءَ تخمينو لڳايو هو ته، "جيڪڏهن انهن

پٿرن جي سرن کي هڪ ڦٽ جي حساب سان ڪڍجي تہ پوءِ اهي ننڍا بلاڪ پوري دنيا جي چوڌاري هڪ زنجير ٺاهڻ جي لاءِ ڪافي آهن."

ڪجهہ روايت اها بہ آهي سڀ کان پهريائين دنيا ۾ حضرت ادريس عليه السلام اهرامن جو بنياد رکيو. هيءَ واقعو ائين آهي تہ جڏهن ادريس نبي مقرر ٿيو تہ انهن 100 شهرن جو بنياد رکيو انهن کي آباد ڪيو ۽ سنواريو. انهن جي تعميري ڪمن ۾ اهرام مصر جي تعمير کي وڏي اهميت حاصل آهي هي هن وقت دنيا جي ستن اهم تعميرن ۾ شمار ٿين ٿا. حضرت ادريس کي علم نبوت مليل هو ۽ ڪيس ابن ڏاڏن کان اها خبر هئي تہ حضرت نوح جي دور ۾، اهڙو طوفان ايندو جو سڄي دنيا غرق ٿي ويندي، هي ڪابہ شيءِ زمين تي محفوظ نہ رهندي. انهيءَ ڪري حضرت ادريس ذخائر علم ۽ حڪمت ۽ خزاني، طب ۽ هيئت کي بچائڻ جي لاءِ اهرام تعمير ڪرايا. هيءَ اهرام مصر جي اولهہ جي طرف ٺاهيا ويا آهن ۽ انهن جو ڪجهہ تعداد حضرت ادريس عليه السلام جي دور ۾ بہ هئي، حضرت نوح عليه السلام جي طوفان کان ڪافي عرصي کان پوءِ جڏهن زمين تي ٻيو دفعو آبادي ٿي تہ مصر جي فرعون انهن جا ٻيا نقل بہ ٺهرايا جن جو مجموعي تعداد 18 هئو. حضرت ادريس اهرامن کي 6 مهينن ۾ تعمير ڪرائي مٿن عبارت لکرائي، جيڪا عبراني زبان ۾ هئي. ان جو ترجمو هو تہ: "ان شخص کي چئو جيڪو ان کي ڪيرائڻ چاهي ٿو تہ اهو ان کي 6 سالن ۾ بہ ڪيرائي نٿو سگهي. جيتوڻيڪ هيءَ 6 مهينن ۾ ٺهرايا ويا آهن ۽ ڪيرائڻ ٺاهڻ کان وڌيڪ آسان آهي."

حقيقت ۾ اڄ جي هن ترقي يافتہ دور ۾ هڪ بہ تعميراتي ڪمپني اهڙي ڪانہ آهي جيڪا اهرام ٺاهي سگهي.

هڪ پروفيسر چيو آهي تہ: "ياد رکو، اهرام خوفو جي اندر ايتري وسعت آهي جو ان ۾ روم، ميلان ۽ فلورينس جا تمام گرجا سمائجي سگهجن ٿا ۽ پوءِ بہ ايتري گنجائش باقي رهي ٿي جو نيويارڪ جي ايمپائراسٽيٽ بلڊنگ، ويسٽ منسٽر جي سينيٽ پال ڪيٿڊرل ۽ انگلش هائوس آف پارليامينٽ جون عمارتون بہ انهيءَ ۾ اچي سگهن ٿيون. ان اهرام ۾ استعمال ٿيل تعميراتي سامان حضرت عيسيٰ جي پيدائش کان وٺي اڄ ڏينهن تائين انگلينڈ ۾ تعمير ڪيو ويندڙ سڀني گرجا گهرن ۾ استعمال ڪيل تعميراتي سامان جي برابر آهي. سڄي دنيا جون تمام مشينون (Locomotives) بہ ان اهرام کي پنهنجي جڳهہ تان چوري نہ ٿيون سگهن چو تہ اهو ناقابل يقين حد تائين ڳورو يعني ساڌا ڇهہ (6) ملين ٽن وزني آهي." راہ دارين، تدفيني؟ ۽ دريافت نہ ٿيل مڪانن، پوشيده ڪمرن کان علاوه هي اهرام مڪمل طور تي ٽوس پٿرن جو ٺهيل آهي.

اسان خوفو جي اهرام وٽ بيٺا هئاسين تہ انهيءَ مهل اسان جي سامهون صرف اهو ئي هو، ٻيا نظر نہ پئي آيا ۽ اتي ڏسڻ ۾ مزو تہ آيو پئي پر جڏهن ٻيا اهرام ڏسڻ ۾ نہ پئي آيا تہ ان وقت ايترو مزو به نہ پئي آيو. خير پوءِ جنهن رستي تان اوڏانهن ويا هئاسين، انهيءَ تان واپس آياسين، پر جڏهن اسان اتي پهتاسين جتي گهوڙي ٽانگي وارا بيٺا هئا تہ انهيءَ وقت انهن اڇي گهيرو ڪيوتہ توهان ٽانگي تي چڙهو تہ توهان کي پويان هلي سڀ اهرام ڏيکاريون ان جي لاءِ انهن ۾ جڳهيون ٻڌايون تہ هڪ جڳهہ تي پهچڻ لاءِ 15 منٽ لڳندا. اتي توهان کي اهرام نظر ايندا ۽ هي جڳهہ هتان کان اڌ ڪلاڪ جي فاصلي تي آهي ۽ اتي ٽورو جبل آهي جتي پهچي توهان کي سڀ اهرام باقاعدي نظر ايندا. ٽوٽل 9 اهرام آهن، تي وڏا ۽ ٻيا ننڍا فرعونن جي هارن ۽ زالن جا آهن. پوءِ اسان کي به ٽورو سمجهہ ۾ آيو تہ ٻيا اهرام جيڪڏهن اسان پنڌ هلي ڏسنداسين تہ الاهي هلڻو پوندو جيڪو ممڪن ناهي، چاڪاڻ تہ مان بيان ڪري چڪي آهيان تہ خوفو جو اهرام ڪيتري ويڪر ۾ پکڙيل آهي. تنهن کان پوءِ ٽانگي هلائڻ واري سان قيمت طئي ڪري پوءِ ان تي چڙهڻ جو فيصلو ڪيوسين. رفيع تہ آرام سان ٽپو ڏئي سوار ٿي ويهي رهيو پر مان ٽورو سوچ ۾ پئجي ويس تہ انهيءَ تي چڙهان ڪيئن؟ چو تہ انهن جا ٽانگا اسان جي ٽانگن وانگر نہ هئا جو آڏو ۽ ماٿهو ويهي سگهن ۽ پويان ۽ ماٿهو ۽ پويان تہ چڙهڻ سولو هوندو آهي جو پويان چڙهڻ لاءِ جتي پير رکي چڙهبو آهي اهو ڪافي هيٺ هوندو آهي ۽ آساڻيءَ سان ويهي رهبو آهي پر آڏو چڙهڻ لاءِ هن جي ٽانگي تي پير رکڻ واري جاءِ ايتري مٿي هئي جو تقريباً 3 يا ساڍا 3 فوٽ هوندي، انهيءَ تي چڙهڻ منهنجي لاءِ ڏاڍو مشڪل هو. پهريائين سوچيم تہ مان رفيع کي چوان تہ تون ٿي اڇ، مان هتي ٿي ٻيلي آهيان پر وري سوچيم تہ هُنَ جو مزو ختم ٿي ويندو هو ۽ آرام سان نہ ڏسي سگهندو، انهيءَ هڏ ٻڌ ۾ هئس تہ گائيڊ سمجهي ويو ۽ ٽانگي واري کي اشارو ڪيائين. هن سمجهيو تہ شايد هيءَ مون کي ڪڇ ۾ ڪٽي مٿي چاڙهي ۽ هُو جيئن ٿي منهنجي ويجهو آيو تہ رفيع چيس تہ هيءَ پاڻهي چڙهندي. پر آرام سان چڙهندي پوءِ مون به ماشاءَالله ڪري پير رکيو پر ٽانگي واري ائين ڪيو جو هڪ هٽ ان اسٽينڈ کان هيٺ رکي مون کي پنهنجي زبان ۾ چيائين تہ پهريائين پير منهنجي هٽ تي رکي ۽ پوءِ ٻيو ٽانگي جي اسٽينڊ تي رکي، ائين چڙهي وڃ. مون ائين ٿي ڪيو وري گائيڊ به ٽورو سهارو ڏنو ۽ ائين مان ٽانگي تي چڙهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس پوءِ هو اتي وٺي ويو. اتي پڪو روڊ ٺهيل هو. الاهي ٽانگا ۽ گاڏيون اهو ٿي رستو وٺي انهيءَ پوائنٽ تائين پهچن ٿيا. موسم به سٺي هئي اوڏي مهل هلڪي ڪڪي بوندا باندي به ٿي رهي. مشڪل سان ڪو هڪ ٻ

ڪڪر آسمان تي هئا، جن مان برسات ٿي رهي هئي. ائين هلندي هلندي منهنجي پهرين نظر خفري جي اهرام تي پئي، پهريائين ته رڳو خوفو جو اهرام ڏٺو هئوسين.

خفري جو اهرام

گڙ پ پهيو اهرام خفري جو 2960 ق م پ ٺاهيو ويو هو. ۽ ان جو نالو "آذر" رکيو ويو هو. پري کان هي، خفرع اهرام خوفو جي اهرام کان اوچو لڳي رهيو هو. پر حقيقت ۾ اوچو ناهي. اهو اوچو انهيءَ جي ڪري نظر اچي رهيو هو جو پهرئين اهرام جي زمين کان هن جي زمين اوچي آهي.

خفري جي اهرام جي موجوده اوچائي 136.4 ميٽر هئي، هن اهرام جي تعمير ۾ انجنيئر جو اهو ڪمال نظر نٿو اچي، جيڪو خوفو جي اهرام ۾ صاف ظاهر آهي. ٽوئر گائيڊ ٻڌايو ته هيءَ اندر ان تقريباً خوفو جي اهرام وانگر آهي. هن اهرام جي چوڻيءَ تي ايجان تائين چوني جي مضبوط لپائي موجود آهي، سندس هيٺين لپائي غائب آهي. ان کي ڏسي اهو احساس ٿيو ته آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ هر شيءِ فنا ٿي وڃي ٿي پر تاريخ زنده رهي ٿي. جڏهن مان ان کي ڏسي رهي هيس ته ذهن ۾ بار بار اهو سوال ايندو رهيو ته هزار سال پهريائين جڏهن انسان جو علم ۽ وسائل محدود هئا. تڏهن صحرا ۾ ايترا عظيم مقبره انسان ڪيئن تعمير ڪيا؟

انهن مقبرن جو بنياد چورس شڪل جو آهي، انهن کي ڏسي تمام گهڻو تعجب ٿيو ته ان دور ۾ نه سائنس ايڏي ترقي ڪئي هئي، نه ڪي اهڙا اوزار هئا ۽ نه ئي علم ۽ فنون ترقيءَ ڪئي هئي. قديم مصرين ڪهڙي طرح اهڙيون پٿيون بيهاريون، جن جي پيمائش ۾ معمولي فرق به نه آهي. جيئن جيئن عمارت بلند ٿئي ٿي ان جي ويڪرائي هڪ ترتيب سان گڏ گهٽ ٿيندي وڃي ٿي ۽ تمام آخري بلندي تي پهچي عمارت جون چارئي ڪنڊون هڪ نقطي تي مرڪوز ٿي وڃن ٿيون. عمارت جي هر ڪنڊ قطب نما جي چئني طرفن يعني اتر، ڏکڻ، اوپر ۽ اولهه تي پوري طرح هڪ ڪري ٿي وڃي ٿي. انهن اهرامن جي تعمير جي باري ۾ به مختلف نظريا آهن. ماهر آثار قديم چيو آهي ته ان کي يهودي غلامن ٺاهيو هو. ان نظريي کي عام ڪرڻ مهل يهودين چيو ته هن عظيم تاريخي ورثي جا اصلي وارث اسان آهيون. پر ڪجهه ماهرين جي راءِ آهي ته اها تعمير قديم مصرين جي هٿان سرانجام ڏني وئي هئي. ڊاڪٽر شعيب جو چوڻ آهي ته: "اهرام ٺاهڻ وارا ماڻهو غلام نه هئا، پر درياهه نيل جي ڪناري تي آباد ٿيل قديم مصري ماڻهو هئا. نيل ۾هر سال سيلاب ايندو هو. ۽ واهڻ ۾ رهڻ

وارن ماڻهن پنهنجي گهرن ۾ مال اسباب کان محروم ٿيندا هئا. مشڪل جي انهيءَ گهڙي ۾ بادشاهه انهن کي خوراڪ، رهائش ۽ زندگي جي ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪندا هئا. اهرام جي تعمير هر طرح کان بادشاهه سان پنهنجي عقيدت جو اظهار هو. بادشاهه انهن جي لاءِ ديوتا جو درجو رکندو هو."

پوءِ اڇتي گهوڙو هلندو رهيو ۽ آخرڪار جبل تي چڙهڻ شروع ڪيائين ۽ پوءِ ٽانگي واري گهوڙي کي گول گهمائي اهرام جي طرف منهن ڪري بيهاريو. اتان نو (9) ئي اهرام نظر پيا اچن. يعني ٽي وڏا يعني خوفو، خفري ۽ منقرع جا انهيءَ کان علاوه ڇهه ننڍا هئا. جيڪي انهن جي هارن ۽ زالن جا هڏايا وڃن پيا. اهي اتان ڏسڻ ۾ سڀ پيا اچن پر هتان ڏاڍا شاندار پئي نظر آيا.

منقرع

گڙه جو ٽيو اهرام فرعون منقرع ٺاهيو هو. ان اهرام جو نالو "حر" هو. 1937ع Howordmyoe هن اهرام جي اندر لٿو. هُنَ ۾ تابوت ڏٺا. هڪ ڪائيءَ جو هو ۽ ٻيو قيمتي پٿر جو هو. ڪائيءَ جو برطانوي ۽عجائب خاني ۾ محفوظ آهي پر پٿر وارو تابوت جڏهن يورپ کڻي وڃڻ لڳا ته اسپين جي ساموندي ڪناري جي ويجهو سمنڊ ۾ هڏي ويو. هيءَ ڳالهه اسان کي گائيڊ ٻڌائي. اهو مسلسل تاريخ ٻڌائي رهيو هو ۽ چوي پيو ته هن اهرام جي آرائش پوري نه ٿي سگهي هئي چاڪاڻ ته هن اهرام جو باني فرعون جلدي مري ويو هو. هن اهرام جي بلندي 62 ميٽر آهي. جڏهن گائيد ان جي تاريخ ٻڌائي رهيو هو ته منهنجيون نظرون مسلسل اوڏانهن هيون ۽ انهيءَ وقت منهنجي ذهن ۾ هڪ ياد پيوست هئي اها ياد هئي عظيم داستان قلوپطره ۽ هرمقس جي عشق يا قلوپطره جي دغا بازيءَ جي، اهو داستان اٿين هئو.

داستان قلوپطره ۽ هرمقس

"وقت جي وهندڙ ۾هڪرن ۾ آخرڪار اهو زمانو اچي پهتو جڏهن اليطس بطليموس جي شاهي قصر ۾ ان جي لاڏلي ملڪه ٽروسيا جي پيٽ مان شهزادي قلوپطره ۽ ٻئي طرف مصر جي فرعونن جي آخري نشاني هرمقس سڀني جي خانقاه ۾ ايمنٽ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. ان دربدر فرعون خاندان جي هٿن مان مصر جي حڪومت نڪرندي صديون گذري چڪيون هيون. پر هيءَ خاندان اڃ به باقاعده هڪ فرعون جي مرڻ کان پوءِ ٻيون فرعون مقرر ڪندا هئا ۽ پنهنجي تعين سان پنهنجي دلين کي تسلي ڏيندا رهندا هئا ته هڪ نه هڪ ڏينهن هنن جا ڏينهن ضرور ڦرندا ۽ هن خاندان جو نامزد ڪيل ڪو فرعون مصر جي تخت

۽ تاج جو مالڪ ٿيندو. سندس ماءُ تمام گهٽي ڪمزور عورت هئي، تخليق جو هي، عمل ان جي لاءِ بيحد تڪليف ڏيڻ وارو ۽ اذيت ناڪ ثابت ٿيو هو. پر اها محض انهيءَ جي ڪري هر تڪليف خاموشي تحمل سان برداشت ڪري رهي هئي چو ته هو جاڻيندي هئي ته ان جي بدن ۾ مصر جو اڳيون فرعون پرورش پائي رهيو آهي.

هُنَ جي مڙس ڪاهن ايمنٽ پنهنجي علم سان اها ڳالهه سمجهي چڪي هئي ته دنيا ۾ اچڻ وارو هي، ٻار فرعونن جي حڪمراني جي وسايل شمع کي وري روشن ڪرڻ وارو ۽ آخري فرعون ثابت ٿيندو. جيڪڏهن هيءَ ٻار ان خواب کي تعبير نه ڏئي سگهيو ته پوءِ هي، خواب هميشه جي لاءِ تعبير کان وانجهيل رهجي ويندو. ان جي ڪري ايمنٽ ۽ انهيءَ جي زال ازطونيا ٻه ان ٻار جي لاءِ بيحد دعاگو هئي. دنيا ۾ اچڻ وارو هي، ٻار ئي انهن جي اميدن کي پورو ڪرڻ وارو آخري انسان ثابت ٿيڻ وارو آهي.

ان وقت جڏهن هرمقس پيدا ٿيو هو ته ان جو پيءُ عبادت ۾ مصروف هو ۽ پٽ جي ولادت جو ٻڌندي ئي زال جي ڪمري ۾ هلي آيو ۽ زال کي چيائين: "پٽ مبارڪ هجئي" هُنَ مسرت پرئي لهجي ۾ زال کي مبارڪ ڏني "۽ توهان کي سلطنت مصر جو اصل حقدار مبارڪ هجي ان جي زال وراڻي ڏني."

"مان چاهيان ٿو ته اسان ٻئي مصر تي ان جي حڪومت پنهنجي اکين سان ڏسون." ايمنٽ ازطونيه کي انهيءَ سرگوشي ۾ جواب ڏنو "شايد هي، خوشي منهنجي مقدر ۾ ناهي."

ازطونيه هيٺائي سان اکيون بند ڪندي هلڪي آواز ۾ چيو. "ڪاش مان زندگي جي انهيءَ آخري لمحي ۾ پنهنجي پاءُ سيفا سان ملي سگهان."

"توکي خبر آهي تنهنجو پاءُ سيفا، هتان سوين ميل پري آهي ۽ اتي تنهنجي هن ٻار جي حڪومت جي قيام لاءِ منصوبو ٺاهڻ ۾ مصروف آهي، اسان هڪ ڏينهن ان ٻار کي ان وٽ موڪلي چڏيندا سين ۽ هو پنهنجي علم ۽ فضل سان اسان جي هن پٽ کي مصر جو فرعون ٿيڻ جي قابل بڻائي چڏيندو.

"ها، ديوي اسيس چاهيو ته هڪ ڏينهن ائين ضرور ٿيندو." ازطونيه پوري يقين سان چيو: "هڪ ڏينهن منهنجي هن پٽ جي ڪشادي ۽ چمڪندڙ پيشاني تي فرعون مصر جو اهو چمڪندڙ تاج ضرور سجايو ويندو، جنهن کي اسان نسل در نسل حفاظت سان سنياليندا آيا آهيون."

"پر منهنجي زندگي اُن وقت تائين مون کي مهلت نه ڏئي..." "آطوا" جيڪا ان جي دائي هئي ازطونيه ان کي گهرايو ۽ چيو ته تون ورهن کان مون سان گڏ آهين. تو هڪ سڄي وفادار ۽ خدمت گذار عورت آهين. مان توکي بيحد پسند

کیان ٿي، ان کري مان چاهيان ٿي ته مان توکي هڪ راز ۾ شامل کيان. پر توکي مون سان وعدو کرڻو پوندو. ته تون پنهنجي زندگيءَ ۾ڪنهن کي به ان راز ۾ شامل نه کجانءِ ۽ ننڍي هرمقس جي حفاظت جي لاءِ کجهه به کرڻو پيو ته ڪندينءَ." هن وعدو کيو، پوءِ انکي پورو راز ٻڌايو ويو ته هي ٻار مستقبل جو فرعوني بادشاهه آهي.

اهڙي طرح هرمقس وڏو ٿيو ۽ کيس سندس مامي وٽ موڪليو ويو. جنهن ان کي علم سان مالا مال کري ڇڏيو ۽ هرمقس کي اتر، ڏکڻ مصر جو خفيه طور تي فرعون مقرر کيو ويو ۽ تاج پوشي ٿي ۽ ان ۾ ڪيئي ڪاهن شامل ٿيا. پوءِ سڀني ماڻهن اطاعت جو حلف کنيو ۽ مبارڪ باد پيش ڪئي. هيءَ اهو دور هو جڏهن قلوپطره، سيزر جيڪو سندس مڙس هو تنهن جي مرڻ کان پوءِ واپس اسڪندريه آئي ۽ ان بروٽس ۽ ليٽس جي حملي کي پسپا کري ڇڏيو هو ۽ اهڙي طرح پنهنجي ملڪ ۽ عوام تي رعب تاب ويهاري ڇڏيو ۽ انهيءَ وقت هُوءَ پنهنجي مملڪت جي لاءِ سڀ کجهه کرڻ چاهي پئي. ان احساس قلوپطره کي اڳ کان گهڻو هوشيار ۽ بيدار مغز بڻائي ڇڏيو هو. هن کي ڪنهن طرح معلوم ٿي ويو ته قديم مصري سندس تختو اونڌو کري، فرعون خاندان جي ڪنهن شخص کي فرعون مصر بڻائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن، تنهنڪري هن پوري ملڪ ۾ جاسوسن جو جار وڇائي ڇڏيو. جيڪي هر اچڻ واري ئي گهري نظر رکندا هئا.

هوڏانهن قلوپطره پنهنجي تخت تاج کي بچائڻ لاءِ اهي تدبيرون کري رهي هئي ۽ هوڏانهن هتي هرمقس کي اهو تخت تاج کي حاصل کرڻ جي لائق جي ڪوشش ڪئي پئي وئي.

تاج پوشيءَ جي چند هفتن کان پوءِ هرمقس سفر جي تياري ڪئي. ان جا سڀ امتحان، عبادتون ۽ رياضتون ختم ٿي چڪيو هيون ۽ هُو عملي طور تي مصر جي تخت ۽ تاج جي لاءِ ميدان ۾ لهڻو هو. ۽ کيس اها منزل حاصل کرڻي هئي. اها منزل اسڪندريه هئي، جتي قلوپطره مصر جي تخت تاج تي قبضو کيون ويٺي هئي.

هرمقس اسڪندريه پهچي ويو ۽ سيفا جي گهر رهڻ لڳو. ان ڏينهن ملڪ قلوپطره جي پيدائش جو ڏينهن به آيو. شاندار جلوس نڪتو، جنهن جلوس ۾ هن ۽ ان جي مامي به شرڪت ڪئي. انهن ڏينهن ۾ئي هرمقس جي پيدائش جو به ڏينهن هو. ڇاڪاڻ ته اهي ٻئي هڪ ئي ڏينهن تي پيدا ٿيا هئا ۽ هڪڙي هي گهڙي ۾ پيدا ٿيا هئا. پر هنهي جا ستارا پاڻ ۾ ٽڪرائي رهيا هئا. ان جلوس ۾ وڃڻ جو مقصد صرف هيءَ هو ته هو ڪنهن به طرح ملڪ جي نظرن ۾ اچي ۽

ان جو قرب حاصل ڪري سگھي. هلڻ وقت سندس مامي هُنَ جي هٿ ۾ هڪ زيتون جو ڏندو ڏنو ۽ چيو ته خدانخواسته خراب وقت آيو ته تون ان کي هٿيار جي طور تي استعمال ڪري سگھين ٿو. جلوس جو انتظار ڪرڻ لڳا آخر ڪافي انتظار کان پوءِ ملڪ جي آمد جا آثار ظاهر ٿيا. ملڪ جي سواري جيئن ئي اڳتي وڌي، نوبيا جو سياح فام غلام عشق پيچان جو تاج لڳائي ۽ هٿ ۾ ٽلهو ڏندو ڪٽي ماٿهن کي ماري ماري رستي کان پري ڪرڻ لاءِ ڏڪا ڏئي رهيو هو. هرمقس جتي ٻيلو هو، ان سان گڏ ئي هڪ عورت پنهنجي شير خوار ٻار کي جهليون ٻيني هئي. اهو حبشي غلامن جو سردار ابد هڪ بد مزاج ماٿهو هو. هو پنهنجو رعب ڏيکارڻ لاءِ هر وير و ماٿهن کي ڏاڍا هٽي رهيو هو.

اوچتو اهو هرمقس جي طرف وڌيو ۽ هن انهيءَ جي ويجهو ٻيل عورت جي مٿي تي زور سان ڏندو هنيو ته اها غريب فرش تي ڪري بيهوش ٿي وئي ۽ ان جو ٻار زور زور سان روئڻ لڳو. سڀ ماٿهو جيڪي اتي موجود هئا خاموش هئا سي ڪنهن ۾ ٻه ايتري همت نه هئي جو انهيءَ ظالم جي خلاف آواز اُٺاري. هرمقس اهو ڏسي غصي ۾ اچي ويو ۽ ان بغير ڪنهن سوچ سمجهه جي جيڪو ڏندو هُنَ جي هٿ ۾ هو اهو گهمائي ابدا جي مٿي تي هنيو. ڏندو لڳڻ سان ئي هو ڦيري ڪائي ڪري پيو پر وري پنهنجو پاڻ کي سنڀالي هرمقس جي طرف وڌيو. جهگڙو شروع ٿي ويو ۽ هرمقس ان جو گلو دٻائي ان کي مارڻ چاهيو پر سندس مامي ان کي روڪي ڇڏيو. ان وقت ماٿهو هرمقس جي بهادري جا نعرہ بلند ڪرڻ لڳا. بلڪل انهيءَ وقت ملڪ قلوپطره جو سونو رٿ هرمقس جي ويجهو اچي رڪجي ويو. هرمقس نظر کٽي رٿ ڏي ڏنو ته ڪيس ائين محسوس ٿيو ته ان جون نظرون چمڪندڙ سج سان ٽڪرائجي جڻ ته حيرت ۾ قائي ويون.

هو قلوپطره جي مُنهن ڏي تڪيندو رهيو. هيءَ ئي اهو چهرو هو جنهن پرعظمت جو ليس سيزر کي سحر ۾ جڪڙي ڪري ڇڏيو هو. ان شڪل کي ڏسي مارڪ انطوني کان پنهنجو پاڻ وسري ويندو هو ۽ اڄ انهيءَ شڪل هرمقس کي حيران ڪري ڇڏيو هو. ان جي شڪل تي بي عيب نقش، تراشيل لب، نازڪ نڪ، ڪشادي پيشاني، سڀ جي سانچي ۾ ڊليل نڪ ۽ ڪن، جن ۾ سچا موتي لٽڪيل جهومي رهيا هئا. سرخي مائل سنهري زلف جيڪي سج جي روشني ۾ چمڪندڙ سوني بادل جو منظر پيش ڪري رهيا هيا ۽ گهاٽن پلڪن سان سجيل اکيون...!

گهٽو گوڙهڻي قلوپطره رٿ ۾ وينو وينو ٽورو جهڪي سامهون ڏٺو. تڏهن ئي هن جون نظرون هرمقس جي نظرن سان ٽڪرايون، جيڪو انهيءَ ڏي ڏسي رهيو هو ۽ پاڻ ٻه هرمقس جي جادو ڪرڻ وارين اکين ۾ جهاتيون پائڻ لڳي، پر

هُوءَ هڪدم هوش ۾ اچي وئي.

ملڪ هرمقس غور سان ڏسندي ڪاوڙ ۾چيو "اي شخص تون ڪير آهين؟"

هرمقس سنپالي جواب ڏنو:

"منهنجو نالو هرمقس آهي، مان ابوطيس جي خانقاه جي ڪاهن جو پٽ آهيان. مان علم نجوم جو ماهر آهيان ۽ اسڪندريه ۾ ان لاءِ آيو آهيان ته پنهنجي علم سان ڪسب معاش ڪري سگهان."

وري ملڪ سوال ڪيو ته:

"اهو ٻڌاءِ ته تون منهنجي پهريدار سان چو الجهين؟" هرمقس سڄو قصو بيان ڪيو. ملڪ جي حڪم سان حبشي غلام پيش ڪيو ويو. جڏهن ان کي حقيقت معلوم ٿي ته ملڪ ان کي سزا ڏني.

سيفا هرمقس کي واپس گهر ولي آيو ٿوري دير کان پوءِ نوڪرياڻي اچي اطلاع ڏنو ته: "شارميان ملاقات جي منتظر آهي" ان کي گهرايو ويو ۽ انکي ٻڌايو ويو ته هيءَ اسان جو آقا هرمقس آهي، اسان جي اميدن جو آخري سهارو. چوڪريءَ حيرت ۽ مسرت وچان هرمقس ڏي ڏٺو. هرمقس ان کي جلدي سيڃاڻي ورتو. هيءَ اها ئي چوڪري هئي جيڪا قلوپطره جي پويان بيهي ان کي پکي جي ذريعي هوا پهچائي رهي هئي. شارميان جو آواز بيحد شيرين ۽ لهجو نرم ۽ دلنشين هو. هو سورهن، سترهن سالن جي بيحد حسين چوڪري هئي. ان سيفا کي چيو ته ،توهان جنهن ڪم لاءِ مون کي محل ۾ موڪليو آهي مان دل سان انهيءَ ڪم ۾ مصروف آهيان مون ملڪ جي دل اهڙي طرح ڪٽي ورتي آهي جو مون کان بغير هڪ گرهه به نٿي ٽوڙي. پر سيفا شارميان کان پڇيو ته: "توهان ڀلا چا ترڪيب سوچي آهي."

ان جواب ڏنو ته:

"منهنجا آقا! مون سوچيو آهي ته جڏهن شهزادو هرمقس محل ۾ داخل ٿي ملڪ جو اعتماد حاصل ڪري ته ان کي مان هڪ ڏينهن محل جي ان حصي ۾ پهچائي ڇڏيندس جتي قلوپطره منجهند جي مانيءَ کان پوءِ شام تائين آرام ڪندي آهي. ان وقت ان جي ويجهو ڪوبه نه هوندو آهي. بس شهزادو هرمقس ان وقت پنهنجي خنجر سان قلوپطره جو ڪم تمام ڪري ڇڏي. پوءِ مان ان وقت قصر جا سڀ دروازه کولائي، پنهنجن جيالن کي، جيڪي محل جي ٻاهران موجود هوندا، اندر گهرائي ڇڏيندس. اهي محل ۾ موجود يوناني ۽ رومي خادمن ۽ سپاهين کي ڳولي ڳولي قتل ڪري ڇڏيندا پوءِ توهان شهزادي کي مصر جي تخت تي ويهاري ڇڏجو ۽ ائين بطليموس جي ٽي سئو سالا حڪومت جو جنازو

نکري ويندو."

هرمقس کي ان نازڪ ۽ نو عمر شارميان جي ذهانت ۽ عقلمندي تي تعجب لڳو ۽ ان چيو. "شارميان! تنهنجو منصوبو قابل تعريف آهي پر پهريائين سڀ کان وڏو مسئلو اهو آهي ته مان شاهي محل ۾ داخل ٿي وڃان."

"ان مسئلي جو حل به مون سوچي ڇڏيو آهي. شهزادا" سيفا چيو: هر مقس پڇيو. "هاڻي مون کي اهو ٻڌاءِ ته اهو کهڙو منصوبو آهي."

ان چيو ته:

"سپاٽي بن پهرن جو توهان شهزادي کي محل جي اتر وارن دروازي تي موڪلي ڇڏجو."

شارميان پر اعتماد لهجي ۾ جواب ڏنو ته: "پهريدار کي ٻڌايو ويندو ته مون سان ملڻ آيو آهي ملڪ مون تي ايتري قدر مهربان آهي جو خادم خادمائون منهنجي خوشامند ۾ لڳل هوندیون آهن. اهي منهنجو نالو ٻڌندي ئي شهزادي کي نه صرف محل ۾ داخل ٿيڻ ڏيندا پر مون کي به فوراً ان جي اچڻ جو اطلاع ملي ويندو. مون کي خبر آهي منهنجا آقا" شارميان پر عزم لهجي ۾ جواب ڏنو.

مون کي پنهنجي ديوتائن مان اميد آهي ته هو مون کي ۽ شهزادي کي ضرور پنهنجي نعمتن ۽ عنايتن سان نوازيندا. اهڙي طرح منصوبي مطابق هرمقس محل ۾ داخل ٿي ويو. شارميان هرمقس کي ولي اڳتي وڌي ۽ قلوپطره جي عاليشان خوابگاه جو دروازو کولي اندر داخل ٿي وئي. ڪمري کي ڏسندي ئي هرمقس حيران ٿي ويو ۽ حسن جي هن زنده مجسمي کي ڏسي پاڻ به پٿر بڻجي ويو ۽ ان کي محسوس ٿيو ته هورنگ ۽ نور جي سمنڊ ۾ ٻڏي ويو آهي.

ان وقت ملڪ کو خواب ڏسي رهي هئي ۽ خوفزده ٿي اٿي ويٺي ۽ پاڻ سنيالي هرمقس سان مخاطب ٿي. "تون اهو ئي آهين." "جي ها. هي، اهوئي منجم هرمقس آهي جنهن کي توهان ياد فرمايو هو. اي ملڪ مصر!" هرمقس عزت ۽ ادب واري لهجي ۾ جواب ڏنو."

"آسماني ديوتائن مون کي توهان وٽ صحيح وقت تي موڪليو آهي انهيءَ جي ڪري ته مون علم نجوم ۽ خوابن جي تعبير جي نه صرف تعليم حاصل ڪئي آهي، پر انهن علمن تي عبور به رکان ٿو."

"۽ ان خواب جي تعبير ٻڌاءِ."

ملڪ خوش ٿي چيوته

"مون تنهنجو شعبده پسند ڪيو."

"توکي اڄ کان پنهنجو درباري منجم مقرر ڪيو ۽ محل جي اندر توکي حصو ڏنو ويو آهي."

قلو پطره ان جي صلاحيتن کان نہ رڳو متاثر هئي پر کجهه خوفزده به هئي. انهيءَ جي ڪري هوءَ هرمقس سان بيحد دوستانه لاڳاپن جي خواهش مند هئي. خود هرمقس کي پنهنجي ڪم جي تڪميل لاءِ قلوپطره جي گهٽي کان گهٽي قربت درڪار هئي.

ملڪ قلوپطره انهن ڏينهن ۾ هڪ عجيب ذهني خلفشار جو شڪار هئي. اها پريشاني دراصل سلطنت روم جي خانه جنگي جي ڪري هئس. قلو پطره جي همیشه کان اها خواهش رهي هئي ته روم تي ڪا اهڙي طاقت برسراقتدار اچي جيڪا سنڊس پٽ سيزرين کي شهنشاهه روم تسليم ڪري، پر ايجا تائين ڪا اهڙي صورت پيدا نہ ٿي سگهي هئي.

ان وقت روم ۾ ٻه گروهه بڻجي ويا هئا. هڪ بروٽس ۽ ڪيٿس جو گروهه جيڪي سنڊس مڙس جا قاتل هئا ۽ ٻيو گروهه مارڪ انطوني جو هو. جنهن قلو پطره سان سيزرين جو حق ولي ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو. پر هن انهيءَ جي بدران سيزر جي پائڻي سان صلح ڪري سلطنت روم کي پاڻ ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو. انهيءَ جي ڪري قلوپطره انطوني سان به ناراض هئي.

ان وقت مصري حڪومت سلطنت روم جي ماتحت هئي ۽ خانه جنگي ۾ جيڪو گروهه روم جو مالڪ ٿيندو، اهو ئي مصر جو شهنشاهه ٿيندو. ان جي ڪري قلوپطره ڪيٿس کي طاقتور سمجهي ان جو ساٿ ڏنو. پر ان جنگ ۾ انطوني ڪامياب ٿيو. تنهن ڪري قلوپطره پريشان هئي ته هاڻي انطوني بدلو ضرور ونڊندو.

ٻئي طرف شارميان هرمقس کي بيحد پسند ڪرڻ لڳي. انهيءَ ڏينهن منجهند جو هرمقس پنهنجي مامي ۽ پنج جانبازن سان مليو. جيڪي سنڊس مدد جي لاءِ هر وقت تيار هئا. فيصلو ٿيو ته ايندڙ رات هرمقس موقعو ولي قلوپطره کي سيني ۾ پنهنجو خنجر هڻندو. قلوپطره جي قتل جي خبر ملندي ئي هيءَ پنج سو جيالا قصر ۾ داخل ٿي ويندا ۽ قبضو ڪري ونڊندا.

پر انهيءَ رات هرمقس غمگين نظر اچي رهيو هو جو ته ان کي دنيا جي حسين ترين عورت کي موت جي گمنام وادين ۾ لاهڻو پوندو ۽ اها ڪا سٹي ڀالهه نہ آهي.

آخر ڪار هرمقس شارميان کان پڇي ورتو ته ٻڌاءِ سياڻي رات جو مون کي هيءَ ناگوار ڪم ڪيئن ڪرڻو آهي؟ هُنَ ان جواب ڏنو ته: "سياڻي اڌ رات کان ٿي ڪلاڪ پهريائين جڏهن ستارو زهره آسمان تي بلند ٿئي ته توهان ان وقت قلوپطره کي تارن جون چالون انهيءَ انداز سان ٻڌائيندا جيئن هوءَ چاهيندي هجي. هوءَ اڄ ڪلهه رومين جي خانه جنگي کان پريشان آهي. هن جي سمجهه

پر نڻو اچي تہ ڪنهن جو سات ڏئي. بس توهان انهيءَ جي مرضيءَ مطابق ڳالهه ڪندي ان کي هنڌ ڏي وٺي ويجو يا جيئن ٿي هوءَ هنڌ تي ويهي. توهان پنهنجو خنجر هُنَ جي سيني ۾ لڳائي چڏجو."

ان وقت ڏاڪڻين تي ڪجهه آواز آيا شارمينا پريشان ٿي وئي. ان ڏسي هرمقس کي آگاهه ڪيو تہ قلوپطره هيڏي ان ڪمري ۾ اچي رهي آهي، جتي هو رهندو هو. ان شارميان کي پڏي جي پويان لڪائي چڏيو يا ملڪ عاليه ان جي ڪمري ۾ داخل ٿي وئي يا ساهه کڻڻ کان پوءِ ان چيو، هنن رومين جي خاندان جنگين مون کي پريشان ڪري چڏيو آهي. مون کي ننڊ نه پئي اچي. ان ڪري مان تو وٽ آئي آهيان توکي خراب تہ نہ لڳو." قلوپطره هُنَ جي پرسان ويهي رهي. "تون ڄاڻي ٿو تہ هرمقس مان بلڪل اڪيلي آهيان مون کان برداشت نڻو ٿئي."

قلوپطره پيار ۾ريل نظرن سان هرمقس کي ڏٺو: "مون کي هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي تلاش آهي، جنهن کي مان پنهنجي اڪيلائي ۾ حصيدار ڪري سگهان، مون وٽ عاشقن، خدمت گارن يا درٻارين جي ڪمي ناهي پر ان ۾ هڪ به اهڙو ناهي جنهن کي مان پنهنجو غمخوار يا دوست قرار ڏئي سگهان."

هرمقس حيرت سان ان کي ڏسڻ لڳو يا ڪيس هڪدم پنهنجي دل ۾ هن لاءِ همدرديءَ جو سيلاب اٿندي محسوس ٿيو. قلوپطره جي باريڪ پوشاڪ جي اندران چمڪندڙ ملائم جسم يا اٿندڙ جادو ۾ريل خوشبو هرمقس جي دل يا دماغ کي مدهوش ڪري رهي هئي. اهڙي طرح ملڪ پنهنجي مٿي کي ان جي مضبوط ٻانهن تي رکي چڏيو. وري اٿي يا چيائين تہ "هاڻي گهڻي دير ٿي وئي آهي" يا چيائين تہ: "سياڻي رات تون ستارن جو مشاهدو ڪرڻ کان پوءِ مون وٽ اچجان تہ اسان انهن مامرن تي گهٽو ڪلي ڳالهائينداسين." هوءَ اهو چئي هلي وئي يا جڏهن هرمقس کي هوش آيو تڏهن سندس سامهون شارميان بيٺل هئي، جيڪا تمام گهڻي ڪاوڙ ۾رئي انداز ۾ ان ڏي ڏسي رهي هئي. پنهنجي محبت ۾ ورهاست ڪابه عورت برداشت نہ ڪندي، چاهي اها هڪ معمولي خادمہ ئي چو نہ هجي. آخرڪار ان چئي ڏنو تہ پڇڻ چاهيان ٿي تہ هُنَ جي سرگوشي ۾ آخر اهڙو ڇا آهي جو تون پنهنجي سالن جي رياضت، تربيت يا عبادت وساري ان جي وجود ۾ گم ٿي ويو آهين.

هي رات اچي وئي جيڪا بيحد اهم هئي، مصري تخت يا تاج جو خواب ڏسڻ وارو، عظيم ڪاهن ايمنٽ جو پٽ يا قابل فخر استاد سيفا جو پاڻيجو يا شاگرد هرمقس، جنهن جي عظمت يا رياضت جي هيءَ آخري رات هئي.

اڄ رات ان کي قلو پطره کي قتل ڪري پنهنجي لاءِ تخت يا تاج يا مصرين جي لاءِ آزادي يا نجات حاصل ڪرٽي هئي. هو شارميان جي اچڻ جو

بي چيني سان انتظار ڪري رهيو هو ۽ اها اچي وئي. ان هرمقس کان پڇيو، "منهنجو خواب چا رڳو هڪ خواب ئي آهي يا توهان وٽ ان جي ڪا تعبير به آهي؟" شارميان هرمقس کي دل ڏئي ويٺي هئي پر هرمقس جواب ڏنو ته: "منهنجو ۽ تنهنجو اهڙو ڪوبه رشتو جُڙي نٿو سگهي. تون منهنجي لاءِ هڪ خادم ۽ مددگار کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهين."

پوءِ هُوءَ بي ساخته مسڪرائڻ لڳي. ان جي مسڪراهٽ ۾ ڪڙڪندڙ ڪنوڙ واري ڪيفيت هئي. هرمقس ڊڄي ويو ۽ چوڙ لڳو. شارميان! مون کي توتي شڪ ٿيڻ لڳو آهي." شارميان جواب ڏنو.

"منهنجا آقا هرمقس! اطمينان رک، مان قابل اعتبار ۽ وفادار آهيان. توهان مون سان گڏ تشريف کڻي هلو. قلوپطره توهان جي راهه تڪي رهي هوندي." اهڙي طرح هُو قلوپطره جي خواب گاهه ۾ پهچي ويو.

"شڪر آ جو تون اچي وئين..." ان تي نظر پوندي ئي قلوپطره تڙپندي لهجي ۾ چيو. ان سامهون پيل ڪرسيءَ جي طرف اشارو ڪيو ۽ هرمقس دل جي بي قراري سان گڏ ويهي رهيو. ان جي لباس ۾ زهر سان ٻريل خنجر موجود هو. جڏهن ته گڏ ستارن جو نقشو به. "اي شاهي منجم!" قلوپطره نقشي ڏي ڏسي ناز ٻريل انداز ۾ چيو ته: "ٻڌاءِ اڄ تنهنجا ستارا چا چون ٿا؟"

هرمقس جلديءَ جواب ڏنو.

"اي ملڪ عالم! مون تمام گهٽي توجهه ۽ محنت سان ستارن جا نقشا تيار ڪيا آهن."

ايترو چئي هرمقس ڪرسي تان اٿڻ چاهيو، پر قلوپطره دلنشين انداز ۾ مسڪرائيندي دهيمي لهجي ۾ چيس.

"هرمقس! نه، توکي انهيءَ ڪرسيءَ سان اٿڻ جي ضرورت ناهي."

پوءِ هُوءَ پاڻ اٿي انهيءَ جي طرف جهڪي ۽ چيو.

"اڄ تون مون کي اڳي کان گهٽو سٺو لڳي رهيو آهين ان ڪري مان نٿي چاهيان ته تون هڪ لمحي جي لاءِ به منهنجي نظر کان پري ٿين. انهن نقشن کي پٽ سان گڏ رکي ڇڏ. هن وقت منهنجن اکين ۾ ڏسي ٻڌاءِ ته ستارا چا چئي رهيا آهن. ۽ اجوکي رات ڪيڏن آهي؟"

"اڄ ستارا تمام گهٽو نيڪ آهن" هرمقس بي خودي واري لهجي ۾ جواب ڏنو "ملڪ اڄ رات مبارڪ هجي."

"او هرمقس! تو ته مونکي خوش ڪري ڇڏيو." پوءِ هوءَ پيمانو هٿ ۾رجهلي هرمقس ڏي وڌي.

"هي جام صحت تنهنجي لاءِ آهي." هُنَ هرمقس کي خمار آلود نگاهن

سان ڏسندي چيو. "منهنجي ويجهو اچ تہ جيئن مان پنهنجي هٿن سان هڻان جام پياري سگهان."

قلوپطره جام هُنَ جي چپن سان لڳايو ۽ هو پورو پي ويو. لڳي رهيو هو تہ هو تمام گهڻو پياسو هو. ۽ پوءِ هرمقس جو دماغ سن ٿيندو ويو ۽ هُنَ لڪيل خنجر ٻاهر ڪڍي چڏيو ۽ قلوپطره فاتحانہ نظرن سان ڪيس تڪيندي رهجي وئي.

شارميان قتل جي ان راز کي ڊوٿس جي ذريعي قلوپطره جي سامهون ظاهر ڪيو ۽ انهيءَ رات قصر جي اوپر واري دروازي تي موجود هرمقس جي ماما سيفا کي گرفتار ڪري قصر جي تهہ خاني واري انڊي کوهہ ۾ اڇلي چڏيو ويو. هرمقس جي پيءُ کي 32 معتبر ساٿين سميت موت جي حوالي ڪيو ويو. هاڻي قديم مصري فرعون خاندان جي ماڻهن مان سواءِ هرمقس جي ڪوبہ موجود نہ هو. شارميان هاڻي بہ قلوپطره جي معتبر ترين خادمہ ۽ رازدار ساهيڙي هئي. اها هرمقس جي سامهون بظاهر عزت سان پيش ايندي هئي پر هُنَ جي لاءِ ٿورڙي رتيءَ برابر بہ عزت ۽ محبت نہ هئي. چو تہ هن هر خواب چڪنا چور ڪري چڏيو هو. هو يقينن نفرت جي قابل هو. هوڏانهن روم ۾ انطوني جي فتح جون خبرون ٻڌي قلوپطره تمام گهڻي خوفزده ٿي چو تہ جڏهن انطوني ۽ ڪيٽس جي وچ ۾ جنگ ٿي هئي تڏهن قلوپطره اهو سوچيندي تہ ڪيٽس کٽندو انهيءَ ان هن جو ساٿ ڏنو هو ۽ انطوني کي اهو غصو هو تہ مون قلوپطره جي لاءِ چا نہ ڪيو؟ ڪيتريون قربانيون ڏنيون ۽ هُو بہ ان کي پسند ڪندو هو. پر ڊيلڪس انطوني کي ٽڏو ڪيو ۽ چيو تہ:

"مان هڪ مشير ٿي ڪري توهان کي ملڪ کان انتقام جو مشورو نٿو ڏيان پر هڪ دوست ٿي ڪري اڏ ڪهاڻي کي مڪمل انجام تائين پهچائڻ جي گذارش ڪندس."

پر جڏهن انطوني احتجاج ڪرڻ چاهيو تہ ڊيلڪس ڪيس چيو سڀ ڪجهہ وساري چڏ صرف هُنَ سان محبت ڪر، ان کي معاف ڪري چڏ. انطوني متاثر بہ ٿيو ۽ پوءِ متفق بہ ٿيو.

اهڙي طرح ملڪ تخت تي تشريف کڻي آئي ۽ روم جي حڪمران محترمہ انطوني جي سفير کي عزت ۽ احترام سان گڏ گهرايو ويو. جڏهن هو اندر داخل ٿيو ۽ هُنَ جي نظر قلوپطره تي پئي تہ هن جون اکيون ڪليون جو ڪليون ئي رهجي ويون. قلوپطره ڊيلڪس جي حيراني مان دل ئي دل ۾ لطف اندوز ٿي بظاهر باوقار لهجي ۾ هُنَ کي مخاطب ڪيو. "مان ملڪ مصر گذارش ڪيان ٿي تہ تون پنهنجي تشريف آوري جو مقصد بيان ڪر." هن چيو تہ "مان توهان جي بي پناهہ مثل حسن جي سامهون گونگو ٿي ويس. چو تہ توهان جي حسن

کان ڪوبہ متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي. مشهور آهي تہ سچ کي ڏسڻ کان پوءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو آهي اهوئي حال منهنجو بہ آهي."

بهرحال ڊيلڪس جو سخت پيغام هڏي هُوءَ پريشان ٿي وئي ۽ اها صفائي پيش ڪرڻ لڳي تہ اهي الزام حقيقت کان پري آهن. پر جيئن تہ هيءَ مسئلو سنگين آهي ان جي ڪري ان جو جواب اسان ٿورن ڏينهن ۾ ڏينداسين.

ملڪ فوري طور تي پنهنجي اتاليق طوطيا ڪليدس سان رابطو ڪيو ۽ ان کي هرمقس جي غلامي جي بہ خبر پئي.

طوطيہ قلوپطره کي چيو تہ مون کي حيرت آهي تہ هن دشمن هرمقس تي اعتبار ڇو ڪيو آهي. ان جو جواب شاطرا نہ انداز ۾ ڏيندي چيائين تہ مصر جو خزانو خالي آهي. انطوني جو سخت پيغام موصول ٿيو آهي ۽ اسان کي لشڪر، ٻيڙي کي وري تيار ڪرڻو آهي. منهنجي خيال ۾ هڪ مصري فرعون خاندان جي فرد هٿ جي ناتي هرمقس کي خزاني جو علم ضرور هوندو. قلوپطره جو اهو جواب ٻڌي طوطيہ بہ فخر واري انداز ۾ مسڪرايو.

قلوپطره جو غمگين چهرو ڏسي هرمقس تڙپي اٿيو. ان جي شڪل ڏسي قلوپطره بہ ڳالهايو.

"مونکي هن قصر جي در ۽ ديوار تباهہ ٿيندي محسوس ٿي رهيا آهن، هرمقس! مان انهيءَ جي باري ۾ سوچي خوفزده ٿي رهي آهيان تہ جڏهن انطوني جون فوجون هَن عاليشان محل ۽ تخت کي تباهہ ڪري ڇڏيندا.

هرمقس پنهنجي پيءُ ۽ ماما جي قتل کي بہ وساري ويٺو هو. هن جي دل ۽ دماغ ۾ اعصابن مٿان رڳو قلوپطره سوار هئي. "پيارا هرمقس! ها جيڪڏهن مون وٽ دولت هجي ها تہ مان پنهنجي سلطنت جي حفاظت ڪري سگهان ها ۽ سوال اهو آهي تہ دولت ڪٿان اچي؟" اهو چئي قلوپطره ۽ اميد نظرن سان هرمقس ڏي ڏٺو ۽ چيوتہ: "منهنجا همدم هرمقس! تون انهن اهرامن جو موروثي ڪاهن آهين. تون ڪنهن نہ ڪنهن خزاني جي باري ۾ ڄاڻندو هوندين!" هُنَ جواب ڏنو:

"هان ڄاڻان ٿو". "اوه!" قلوپطره بي تابي سان چيو. "مون کي جلدي ٻڌاءِ تہ خزانو ڪٿي آهي ۽ ڪهڙي طرح حاصل ڪري سگهجي ٿو." انهيءَ وڌيڪ چيو تہ "مون کي ديوتائن ئي ۽ توتي بيحد اعتبار آهي ۽ مون کي اميد آهي تہ اهو خزانو تون مون کي ڏئي ڇڏيندين ۽ پوءِ مان انطونيءَ کي منهن ٽوڙ جواب ڏيندس." هرمقس حيران ٿي ويو تہ شاديءَ جي ڳالهہ بہ ڪري رهي آهي ۽ تخت مصر تي ويهارڻ جي بہ ڳالهہ ڪري رهي آهي ايتري وڏي انعام جي بہ ڳالهہ ڪري ٿي.

بهرحال منصوبي مطابق ٻي رات اهي ٻئي عام مصري ڪڙمين جي لباس ۾ چند معتبر غلامن سان گڏ ٻيڙي ۾ سوار ٿي درياهه نيل ۾ مصر جي فرعونن جي اهرام منقرع تائين پهتا. اهڙي طرح اهي اهرام جي پوشيده رستن مان گذري تابوت تائين پهتا منقرع جي ڪفن تائين پهتا جنهن کي قلوپطره لمحن ۾ برآمد ڪري ورتو. ياقوت زمرد، گوهر آب دار ۽ طلائي سڪا هڪ ڊير جي شڪل ۾ سامهون پيا هٿا. قلوپطره هيرا جواهرات کڻي ورتا ۽ باقي بچيل خزانو هرمقس پنهنجي لباس ۾ لڪائي ڇڏيو. تابوت تي خوفناڪ عذاب جي تنبيهه ۽ لکيل هئي پر بي خوف قلوپطره شاهي ممي جو سينو کولي خزانو ڪڍي وئي. اهڙي طرح ۱۱ ڏينهن کان پوءِ قلوپطره دربار ۾ تشريف کڻي آئي ۽ چوڻ لڳي.

"اي معزز ڊيليس! اسان عالي قدر انطوني سان جنگ جي باري ۾ سوچي ۽ نٿا سگهون. اسان جا انهيءَ سان پراڻا رشتا آهن هُونءَ ۽ مصر جو منشور امن پسند آهي. پنهنجي آقا انطوني کي چئي ڇڏجان ته تارسيس جي ڪناري تي اسان جو انتظار ڪري. هاڻي اسان ان کي گهٽو انتظار نه ڪرائينداسين." قلوپطره جي ڳالهه ٻڌي ڊيليس جو چهرو خوشي وچان روشن ٿي ويو. ان کي اندازو ٿي ويو ته انطوني جي لڳن هڪ طرفي ناهي. ان وقت هرمقس تڙپي اٿيو ۽ چيائين:

"اي قلوپطره! اهڙي طرح ائين کلي عام وعده خلافي ۽ بي وفائي جي توقع نه هئي ڪونئو وعدو ڪرڻ کان پهريائين پنهنجو پراڻو وعدو "فراموش نه ڪر". ان تي قلوپطره نهايت غصي ۾ جواب ڏنو. "اي غلام؟ خاموش رهه. توکي ڪنهن اجازت ڏني ته اسان جي معاملات ۾ دخل اندازي ڪر. تون صرف ستارن سان راهه ۽ رسم رک ۽ امور سلطنت جي واڳ ارباب حڪومت جي هٿن ۾ رهڻ ڏي."

هڪ ئي جهٽڪي ۾ هرمقس جي اميدن جو محل زمين بوس ٿي ويو. اهڙي طرح دربار برخاست ختم ٿيندي ئي هرمقس کي گرفتار ڪري ان کي زندان ۾ وڌو ويو ۽ پوءِ قتل ڪيو ويو. اهڙي طرح قلوپطره انطوني سان شادي ڪري ڇڏي.

اهڙي طرح هُنَ اهرام لٽي، خزانو ته ختم ڪري ڇڏيو پر قلوپطره جي حسن جو داستان ايڏا تائين به دنيا ۾ قائم آهي. اهرام مٽي ٿي ويا پر منقرع سان منسلڪ داستان ايان تائين به جاري آهي. ان وقت به اهرامن کي ڏسندي رهيس ۽ نه وسرڻ واري ڪهاڻي ياد ڪندي رهيس. اتي مون رفيع کي چيو ته ڪاش اسان ان وقت ۾ پيدا ٿيون ها ته ڪڏهن به هتي اچڻ ۾ دير نه ڪيون ها. ته رفيع جواب ڏنو. ها پر تنهنجو ڇا خيال آهي؟ اسان پنهنجي پوري زندگي به نه گذاريون ها.

اتان کان پوءِ هلندي، زندگيءَ جو لطف ولندي اڳتي وڌندا وياسين. ان

وقت تمام گھٹا سياح موجود هئا. جنهن ۾ يهودي، يورپين، مسلم ملڪن جا ماڻهو خاص ڪري عربن جو تعداد گھڻو هو. ڪجھ ته سرسري نظر وجهي ڏسن پيا پر ڪافي ماڻهن جي هٿن ۾ ڊائريون هيون ۽ علم جي آگهي جي لاءِ بيتاب نظر اچي رهيا هئا. انهيءَ وقت ياد آيو ته حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو هو ته، "علم جي لاءِ جيڪڏهن توهان کي چين ۾ وڃڻو پوي ته ضرور وڃجو." اسان قرآن جي آيتن ۾ به دنيا ۾ قدم قدم تي حسن ۽ حڪمت ڏسي، آيتن جي مطابق انهن گهراين کي سمجهي ۽ دل جي گهراين سان اعتراف ڪريون ٿا. هيءَ سياحت جو ئي نتيجو آهي جو فقہ، حديث ۽ ٻيون ديني ۽ دنياوي علمي پهلو ۽ مختلف ملڪن ۾ لائبريرين قائم ٿيون ۽ اسلامي علمن ۾ اضافو ٿيو.

ابوالهول

اهرامن جي پر مان نڪري ان شاهي قبرستان جي علائقي، جنهن کي هو نيڪرو پولس چوندا آهن، جتي ابوالهول جو مجسمو بہ هو انهيءَ طرف هلي پياسين. اتي بہ سياحن جي رش هئي جيڪي معمول مطابق فوٽوگرافي ۾ مصروف هئا. پهريون دفعو جڏهن ان شينهن تي نظر پئي تہ ڪتابن ۾ پڙهيل سڀ شيون ياد اچي ويون. اهو بہ تہ جڏهن اسان انڊونيشيا جي سياحت لاءِ ويا هئاسين تہ اتي ٽري ڊي سينيما ۾ مصر جي ڊاڪيومينٽري فلم ڏٺي هئي، جنهن ۾ قديم مصر جون تهڏيبي عمارتون ڏيکاريون ويون هيون ۽ گڏ تاريخ بہ ٻڌائيندا پئي هليا. ان ۾ ابوالهول کي بہ ڏيکاريو ويو هو. تڏهن کان وٺي منهنجي دل ۾ ان کي ڏسڻ جو شوق پيدا ٿيو هو. چون ٿا جڏهن کا فري بادشاهہ پنهنجي والد خوفو جي پر ۾ اهرام تعمير ڪرايو تہ ان کي علائقي ۾ هڪ اهڙي عبادت گاهہ جي ضرورت محسوس ٿي، جيڪا فرعونن جي شايان شان هجي. اهڙي طرح ابوالهول نامي جيڪو عالم ۾ مشهور مجسمو آهي، سو ايجاد ڪيو ويو. هيءَ دراصل درمياني جي باني خيفري جو مجسمو هو. جيڪو ان پاڻ پنهنجي مرضي سان ٺهرايو. هو ان جو قديم نالو "بيابيت" هو. عربن ان جو نالو ابوالهول رکيو ۽ هاڻي ڪافي صدين کان ابوالهول چورائي ٿو. ابوالهول ڇا آهي؟ لازوال زندگي ۽ بي رحم زماني کي دائمي شڪست ڏيڻ جو هڪ مظاهرو آهي. هن مجسمي کي هڪ جبل ڪٽي ٺاهيو ويو آهي. ان جو پورو جسم زمين جي اندر آهي، مٿو ۽ ڪنڌ ۽ ٻئي هٿ کليل اٽس ۽ چهري تي ڪنهن قسم جو ڳاڙهو روغن مليل اٽس ان جي رونق اڃا تائين برقرار آهي، ان جو قد تقريباً 60 گز جي برابر آهي ۽ چهرو 20 فٽ ويڪرو آهي سندس هر ڪن 37/1 ميٽر جو آهي نڪ 70/1 ميٽر ۽ منهن 32/1 ميٽر جو آهي. پورو بت هڪ ميٽر جو آهي، پر ڪٽي ڪٽي معمولي جوڙ آهي. ان جا سڀ عضوا نڪ، ڪن وغيره اهڙي ترتيب ۽ مناسبت سان ٺهيل هئا سندس باهمي تناسب ۾ وار جي برابر بہ فرق نہ هو. عبداللطيف بغدادي ڪان ڪنهن پڇيو تہ توهان دنيا ۾ سڀ کان عجيب ڇا ڏٺو تہ ان جواب ڏنوتہ: "ابوالهول جي عضون جو تناسب ڇو، تہ عالم قدرت ۾ ڪنهن بہ شيءَ جو نمونو موجود ناهي ان ۾ تناسب قائم رکڻ ماڻهوءَ جو ڪم ناهي."

واقعي ۾ ايترو وڏو مجسمو ان ۾ ايتري ترتيب جيڪا ڪٿان بہ ناهموار نہ

هو. ڪمال جي ڳالهه هئي ننڍا مجسما تہ ٺاهڻ سولا آهن، پر ايڏو وڏو مجسمو هزارين سال گذرڻ کان پوءِ هو پنهنجو نڪ ۽ ڏاڙهي تہ ٽوڙائي چڪو آهي. مقريزي رحہ لکيو آهي تہ:

"اسان جي زماني ۾ هڪ صوفي بزرگ شيخ محمد ﷺ هو. ان تمام گهڻن منڪرات جي ازالي جي لاءِ هڪ مهم شروع ڪئي. ان مهم دوران انهن ابوالهول جي چهري کي اهڙي طرح خراب ڪيو جو جيئن چهري جا نقش نظر نہ اچن. ٻي روايت اها آهي تہ دور مملوڪ ۾ انهن جا سپاهين ابوالهول جي نڪ کي نشانہ بازيءَ لاءِ استعمال ڪندا هئا. جنهن ڪري اهو حصو ٽٽي پيو آهي.

گائيڊ چيو تہ انهيءَ کي ٺهرائڻ لاءِ ٻيو دفعو ڪوشش ڪئي وئي هئي پر بي سود ثابت ٿي. ڇو تہ اڇڪلهه جي مصري ڪاريگرن کان اها شيءِ ٺهي نہ سگهي جيڪا پهريائين ٺاهي وئي.

اسان تقريباً سادي 3 وڳي اتي پهتاسين. آسمان تي ڪڪر چانيل هئا. انهيءَ جي ڪري سج جي تپش بلڪل نہ هئي. موسم جي حساب سان مجسمو خوبصورت نظر اچي رهيو هو. پر اهو بہ محسوس ٿي رهيو هو تہ مصر جي ماڻهن ان جي رونق کي ڪافي نقصان پهچايو آهي.

ابوالهول عربيءَ جو لفظ آهي جنهن جو مطلب آهي "خوف جو پيءُ". جيئن تہ مان اڳ ئي ذڪر ڪري چڪي آهيان تہ ان کي تعمير ڪرڻ وارو بادشاهہ ڪافري هو. ممڪن آهي تہ فرعونن ان کي ايجاد ڪري عبادت جي قابل ناهيو تہ پادرين ان جي عقيدت کي ڪجهہ اهڙي طرح وڌائي بيان ڪيو جو فرعونن جو اثر گهٽ ٿي ويو ۽ فرعونن جي طاقت پادرين ڏانهن منتقل ٿيڻ لڳي تہ فرعونن ابوالهول کي خوف جو پيءُ قرار ڏيڻ شروع ڪيو. اسان گهمي ڦري ابوالهول جو مجسمو ڏٺو. ان جي ويجهو عبادت گاهہ بہ موجود هئا اهي بہ اهرام وانگر وڏي شان سان اسان جي آڏو بيلل هيا. اتي بہ اهو ئي محسوس ٿي رهيو هو تہ خبر ناهي تہ ڪيتري پري کان مزدور هي پٿر مشڪلن سان آندا هوندا ۽ عبادت گاهہ تعمير ڪيو هوندو.

ابوالهول جو چهرو بارعب آهي، ان ۾ مردانہ سوڀيا ۽ شاهي دٻدٻو عيان آهي. سندس اکيون ڪليل، ڪشاديون آهن پيشاني تي مصري روحانيت اٽس جنهن ۾ لڪيرون ۽ ڪنارا بہ آهن. هيءَ رومال ٻنهي ڪنن جي پويان ڪيائي تائين پکيڙيل آهي ائين لڳي ٿو جڙ تہ هاٿي جا وڏا ڪن. ڪنڌ ۽ چاتي تائين انسان جهڙو آهي باقي سڄوجسم شينهن وانگر اٽس.

ابوالهول ڪجهہ اهڙي طرح ٺهيل آهي جو تہ صبح جي سج جو پهريون ڪرڻو ان تي پوندو آهي تہ جيئن سج جو پهريون ڪرڻو اهوئي ڏسي. ڇو تہ اهل

مصري ۽ کجھ مذهبن وانگر سج جي پوڄا ڪندا هئا. انهيءَ لحاظ کان ابوالهول هڪ اهڙي عبادت گاھ جي حيثيت رکندو هو، جو مصر ۾ ماڻهو اتي جمع ٿيڻ کي پنهنجي خوش قسمتي ۽ سمجهندا هئا. شاهي هستين کي ۽ پهريائين هتي آندو ويندو هو. ۽ اتي ئي ميت جون آخري رسمون سرانجام ڏنيون ويندیون هيون، جنهن کان پوءِ مذهبي پيشوا ميت کي پنهنجي تحويل ۾ ڪئي اهرام ۾ خفيہ مقام وڃي ۾ دفن ڪندا هئا.

فرعون جي حڪمراني واري دور ۾ درياءِ نيل ابوالهول جي سامهون وهندو هو. هتي هڪ مصنوعي ٻيٽ ۽ ٺاهي وئي هئي. هيءَ ٻيٽ ٻيڙن کي درياھ جي ڪناري بيھارڻ ۽ شاهي جلوس جي استقبال جي لاءِ استعمال ٿيندي هئي. ڇو ته هيءَ علائقو فرعونن جو شاهي قبرستان هو. اهڙيءَ طرح جڏهن شاهي خاندان جو ڪوبہ فرد فوت ٿي ويندو هو ته حنوط کان پوءِ ميت کي شاهي قبرستان ڏي هڪ جلوس جي شڪل ۾ درياءِ نيل جي ذريعي آندو ويندو هو. ان ڪري ئي انهن جون عبادت گاهون درياءِ نيل جي ڪناري گهٽيون آهن، جتان گذرندي مذهبي رسمون ادا ڪندا جلوس اڳتي وڌندو هو ۽ ابوالهول جي سامهون اچي بيھندو هو، پوءِ باقي رسمون اتي ادا ڪرڻ کان پوءِ اڳتي اهرام جي طرف روانا ٿي ويندا هئا.

اسان ابوالهول جي چئني پاسن کان چڪر لڳائيندا رهياسين، اتي ننڍيون ننڍيون پٽيون ۽ ٺهيل هيون جتي ۽ سياح موجود هئا. شتربان پنهنجن گهوڙن ۽ اٺن کي خوب رنگ برنگي شين سان سجايو هو ۽ سياحن جي مٿي تي هڪ عقال رکي ڇڏيو هو. ۽ انهن وٽ پنهنجي ثقافت جون ڪيتريون ئي شيون موجود هيون جيڪي ڪرائي تي سياحن کي ڏيکاري رهيا هئا، ۽ سياح اهي وٺي اٺن تي تصويرون ڪيرائن پيا. انهن ۾ رنگ ۽ رنگي عربي رومالن جو تعداد گهٽو هو . ۽ جڏهن سياح اٺ تي ويهن پيا ته اٺ اٿي پيو ته انهيءَ جي جهٽڪن لڳڻ سان خوشيءَ جو اظهار ڪن پيا ۽ نعره بازي ۽ ڪن پيا، گڏ ٻيلن سياح ائين تاڙيون وجائن پيا جيئن جڏهن جهاز لينڊ ڪندو آهي ته مسافر خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهن ته پائلٽ ايڏو هوشيار هو جو اسان کي صحيح سلامت زمين تي پهچايو اٿئين، وڏي ڪمال جو ڪم سرانجام ڏنو اٿئين هتي ۽ اها ئي صورتحال هئي. سياح ۽ ائين ئي خوش ٿي رهيا هئا. ۽ سياح جڏهن اٺ تي ويهن پيا ته ائين پيو لڳي ته جڻ ڪوئي قديم مصري فرعون پنهنجي لباس ۾ اٺ يا گهوڙي تي سوار آهي. اهڙي طرح صديون پراڻو زمانو اکين جي آڏو گردش ڪندي ڏسي رهيا هئاسين. اتي واري ۽ ڏاڍي هئي، اهڙي طرح ابوالهول سان منسوب ڪيل ڪهاڻيون ۽ ياد اچڻ لڳيون. ماڻهن جو چوڻ آهي ته انهن کي يقين آهي ته ان جي پويان خفيہ ڪيميرائون لڳيل آهن، پر اسان کي اهڙو

کجھ بہ نظر نہ آیو. ھک ہي کھاڻي جيڪا گائيڊ ٻڌائي تہ، "ھک ھو شھزادو، ولي عھد تہ نہ ھو پر شاھي خاندان جو فرد ھو ھو وڏو مھم جو، ھمت وارو، خطرن سان کيڏڻ وارو ۽ ھرڻ جو شڪار ڪندو ھو. ھک ڀيري شڪار ڪندي ھرڻ جي پويان لڳو پر ھرڻ ڀڄي ويو. ھو گڙه جي صحرائن ۾ رستو ٽپڪي ويو ۽ ٽڪجي اچي ابوالھول جي چھري جي ڇانو ۾ سمھي پيو . ھتي واري تمام گھٽي ھئي جيڪا قاھره جي وادي جي طوفانن جي ڪري جمع ٿي ھئي. ۽ ابوالھول سجو واريءَ جي دلدل ۾ ڦاسي چڪو ھو. صرف منڊي وٽان مٿي ٿورو واريءَ کان بچيل ھو. ان شھزادي ننڊ ۾ خواب ڏٺو. جنھن ۾ ھن منفرع فرعون کي ڏٺو ھو. ان سان مخاطب ٿيو تہ پيارا شھزادا تون پاڻ ڏسين ٿو تہ واريءَ جي ڪري منھنجي ڳچيءَ تي دٻاءُ پيو پوي ۽ مون کي تڪليف پئي ٿئي. مون کي ان تڪليف مان نجات ڏيار مان توکي مٽاھين ۽ ھيٺاھين مصر جو حڪمران بٽائي چڏيندس وغيره. ابوالھول خوش ٿيو. زمانو بدليو ۽ شھزادو واقعي بہ فرعون بڻجي ويو. تجتمس چوٿين. ان جي نالي جي تختي ابوالھول جي پيرن کان ھيٺ اڃان بہ لڳل ھئي. پر وري واري اچي وئي ھئي اسان سيني اھرامن ۾ ڪافي پيدل گھمياسين تہ ٽڪاوٽ نہ ٿي پر ھتي واريءَ ۾ ھلڻ جي ڪري ھک قدم جيڪڏھن اڳتي کڻون پيا تہ ٻہ قدم واپس، جڙ پير موڙي پئي ويو، اتي گھمڻ ۾ ڪافي وقت لڳو.

جڏھن ابوالھول تيار ٿيو تہ ان زماني ۾ درياھ نيل ھتان ويجھو کان گذرندو ھو. فرعون کي اھو فڪر رھندو ھئو تہ جيڪڏھن نيل اسان کان ناراض ٿي ويو تہ پوءِ اھل مصر بکيا ۽ اڃارا مري ويندا. ان جي ڪري ھو درياھ نيل جي خوشامند ڪندا رھندا ھئا تہ جيئن اھو خشڪ نہ ٿئي ۽ وھندو رھي ۽ فرعونن جو اھو بہ نظريو ھو تہ ابوالھول درياھ تي نظر رکندو، ان کي ڏسندو رھندو تہ پاڻي وھندو رھندو.

مصري عجائب گھر جي گائيڊ ۾ لکيل آھي تہ مصرين جي عقيدي ۾ ابوالھول کو فرضي وجود نہ ھو. جنھن جو مٿو ماڻھوءَ جھڙو ۽ ڌڙ شينھن جھڙو ھو، پر اھي ڪيس ھک حقيقي مخلوق سمجھندا ھئا. ايستائين جو يونان ۽ روم جي علماء جو بہ بيان آھي تہ ابوالھول سچ پچ ھک حيوان ھو جيڪو لبيا ۽ ايٿوپيا جي صحرائن ۾ ڪڏھن ڪڏھن نظر ايندو ھو. ان حيوان ۾ انسان جھڙي ذھانت ۽ شينھن جھڙي طاقت ھئي. تنھنڪري ان کي خوفناڪ سمجھيو ويندو ھو. انھيءَ خوف جي ڪري مصرين ابوالھول کي پنھنجو ديوتا بڻايو ھو ۽ ان جو نالو حرمخور تي رکيو ھو. يعني اٿڻ ۽ ھلڻ وارو سج. چو تہ مصري پنھنجي فرعون کي بہ ديوتا سمجھندا ھئا، ان جي ڪري ابوالھول جي شڪل مان فرعون

ئي مراد سمجهي، ان جون مورتون مندر ۾ رکڻ لڳا تہ جيئن حفاظت ڪندا رهن. پر جديد تحقيقات سان اها ڳالهہ غلط ثابت ٿي آهي. نئين تحقيقات جي مطابق ابوالهول اصل ۾ فرعون خضرع/جو منفرد مجسمو آهي. هو خوفو جهڙو اهرام تہ نہ ٺهرائي سگهيو، پر ابوالهول ٺاهي دنيا جي آرٽ ۾ جليل قدر اضافو ڪيو ۽ واقعي ٻہ دنيا ۾ ان کان وڏو عظيم الشان بت ڪوبہ نہ آهي. ماسپرو سچ چيو آهي تہ:

"جنهن فنڪار اهڙي ٺوس جبل مان هيءَ اسٽيچو ڪٽيو آهي، بلاشڪ ڪامل آهي. اهڙي قوت تي پورو اعتبار رکي ٿو ۽ خود پنهنجو ئي آقا آهي."

ان وقت مون پيار پرين نظرن سان رفيع کي ڏٺو تہ واقعي ٻہ هُن جي هٿن جون آڱريون سندس ڏندن ۾ هيون يا محض اتفاق هو. هو ٻہ مون ڏي ڏسي ڪلڻ لڳو ۽ چيائين، "چون ٿا تہ ابوالهول جو مطلب آهي هيبت ناڪ، خطرناڪ، دهشتناڪ پر ڏس تہ سهي هن جو نڪ ئي ناهي."

گائيڊ اهو ٻہ ٻڌايو تہ ابوالهول ڪٽي صدين کان سج جي تپش، طوفان ۽ بارشن جو مقابلو ڪندو رهيو تہ انهيءَ جو ڪجهہ ٻہ نہ بگڙيو. پر جديد ٽيڪنالاجي دور ۾ قاهره جي ڪارخانن جي ڌڙ ان کي نقصان پهچائڻ شروع ڪيو آهي. تہ رفيع رڙ ڪئي، "اهو وري ڪيئن؟ ان کي پهريائين ايترو نقصان پهچايو ويو جو ويچاري جو نڪ ئي سلامت نہ رهيو. هاڻي وري جديد ٽيڪنالاجي تي ڏوهہ چو پيو ڏنو وڃي." گائيڊ اهو ٻہ ٻڌايو تہ هڪ خيال اهو ٻہ آهي تہ ابوالهول مصرين جي سج ديوتا حورس جو يادگار ٻہ آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جي چنبي جي هيٺان ديوتا جي هڪ ننڍي قربان گاهہ ٻہ هئي.

بهرحال اتان کان اهرام هڪ الڳ انداز ۾ نظر اچي رهيا هٿ ۽ اهرام ان جي پويان نظر اچي رهيا هٿا. پوءِ اتان جي فوٽو گرافي ٻہ اسان هٿن مان وڃڻ نہ ڏيون ۽ اتي ٿوري دير لاءِ مصروف ٿي وياسين. ان وقت تقريباً 5 وڄي رهيا هٿا. ذهن ۾ هلچل متل هئي ۽ اها حالت پيٽ جي ٻہ هئي، اسان منجهند جي ماني ڪونہ کاڌي هئي. اهي تہ سڀ مهربانيون صبح جي نرالي ناشتي جون هيون پر هاڻ اهو ٻہ اختتام تائين پهچي چڪو هو. واپس اهرامن مان نڪري ٻاهر شهر ۾ ريسٽورينٽ جو جائزو وٺڻ شروع ڪيوسين، گيٽ کان جيئن ئي ٻاهر نڪتاسين تہ اتي کاڌي جي هر شيءِ موجود هئي. مصري کاڌن جا ريسٽورينٽ ۽ ٻيون انٽرنيشنل چينس مثلاً: ڪي ايف سي، ميڪڊونلڊ، مسٽر برگر، پيزا هٽ وغيره ٻہ هٿا. اسان مصري ريسٽورينٽ ۾ ماني کاڌي، چو تہ اتي حرام جو خوف ذهن تي تاري نہ هو. هر طرف مسلم ملڪ هڻڻ جي ڪري حلال ئي حلال هو. کاڌو اسان ٻہ کاڌو ۽ اسان سان گڏ جيڪو گائيڊ ۽ ڊرائيور هو، ان ٻہ کاڌو.

گزاجي حَسين بازار

ڪاڏو ڪائڻ ڪان پوءِ جڏهن فارغ ٿياسين تہ گائيڊ اسان کي گڙهه جي بازار گهمائڻ لاءِ وٺي ويو. چو تہ شو (Show) شروع ٿيڻ ۾ ايجان ٽائيم هو. ۽ اهو ٽائيم بہ اسان صحيح گذارڻ چاهيون پيا. بازار جو بہ هڪڙو شان هو. خوبصورت دڪان ۽ مختلف قسم جون رنگ بہ رنگي شيون موجود هيون. جن بازار جي حسن ۾ اضافو ڪري ڇڏيو هو. گائيڊ چيو تہ اسان جي بازار ڏاڍي حسين آهي. بهرحال انهيءَ سان گڏ اهو بہ احساس ٿي رهيو هو تہ بازار کي سڏو ٻڌائڻ جو مقصد، سياحن کي لٽڻ جو پروگرام آهي. پهريائين هڪ دڪان ۾ داخل ٿياسين، اهو فرنيچر جو دڪان هو جنهن ۾ چوڪورڻ گول ڪرسيون ۽ ميزون رکيل هيون. جن تي شاندار ڪم ڪيل هو، جيڪو نهايت ئي نفيس ڪم هو. ڪائي جي اندر ننڍا استون پيل هئا. پٽ تي مختلف قسم جا فريم سجيل هئا ۽ ڊيڪوريشن پيس بہ موجود هئا. جنهن جي قيمت بہ گهٽي نہ هئي. پر هيءَ حقيقت آهي تہ سياحن کي ٻيٽي ٽيٽي قيمت ٻڌائي رهيا هئا ۽ جنهن قيمت تي هو راضي ٿين پيا تہ اها شيءِ خريد ڪن پيا، پر وري بہ مصر ۾ ٻين ملڪن جي مقابلي ۾ سستائي هئي. اسان سامان نہ خريد ڪري سگهياسين. چاڪاڻ تہ اتان اسان کي ٻين ملڪن ۾ سياحت لاءِ وڃڻو هو. وري سوچيوسين تہ اهو سامان ڪٽي ڪٽي سنپالينڊا ڦرنداسين، پر جيڪڏهن اسان کي سڏو پاڪستان اچڻو هجي هان تہ ضرور شيون خريد ڪيون ها ۽ سڀون شيون موجود هيون ۽ قيمت بہ مناسب هئي.

اتان پوءِ گائيڊ ٻئي دڪان تي وٺي آيو. جتي عطر ۽ پرفيوم ۽ تيل جون خوبصورت بوتلون سجيل هيون. اتي سيلر تمام گهٽا هئا ۽ باقاعده پنهنجي ڏنڏي تجارت جا ماهر هئا. انهن جو ڪوبہ هڪڙو سيلر چند ماڻهن کي ويهاري گروپ جي شڪل ۾، پهريائين انهن کي عطر ۽ پرفيوم جي لسٽ ڏئي پيو انهيءَ لسٽ ۾ ڪيئي قسم جا خوشبودار عطر ۽ پرفيوم هئا. پوءِ باقاعده انهن جي نمبر وار وضاحت بہ ڪندو ويو. انهيءَ جي پوري تاريخ ۽ خصوصيات بہ ٻڌايائين ۽ اها بہ وضاحت ڪندو ويو تہ قديم زماني ۾، عطر، پرفيوم، گلن، ڪائين ۽ مصالحن مثلاً: دالچيني، ڦوتا، لونگ، صندل، عنبر ۽ مشڪ وغيره مان ٺاهيا ويندا هئا. گلن جو عرق ڪڍي خوشبودار تيل ۽ رس يا ست ڪڍيو ويندو هو. ۽

ان ٻڌايو تہ عطر ۽ پرفيوم جي تاريخ تمام گهٽي پراڻي آهي. عطر ٺاهڻ جي ابتدا مذهبي تقريبات ۾ خوشبوءِ جي لاءِ مختلف ٻوٽيون ٻارڻ سان ٿي. پرفيوم لاطيني لفظ پرفيومم مان ورتو ويو. جنهن جو مطلب آهي دونهين سان گڏ. مصر ۾ چوٽين صدي قبل مسيح ۾ عطر جي استعمال جا آثار مليا آهن. جتي سوسن (Lilly) جي گلن جو عرق ڪڍڻ ڏيکاريو ويو هو. ۽ ان ٻڌايو تہ عطر جو شروعاتي رڪارڊ به مصر مان مليو آهي، جڏهن فرعون توت عنخ آمون جي قبر کولي وئي تہ ان مان عطر جا 3 هزار پريل جار (مرتبان) مليا. جن مان 30 صدين کان پوءِ به خوشبوءِ اچي رهي هئي. عبراني نسل جا ماڻهو سينگار ۽ طبي مقصدن کان علاوه تدفين جي وقت ڏپ ۽ جراثيم کي ختم ڪرڻ لاءِ خوشبوءِ وارا تيل استعمال ڪندا هئا. انهن جو چوڻ هو تہ اسرائيلي گهرن ۾ ڪنهن مهمانن جي پيرن جي ترين تي خوشبودار تيل سان مالش ڪرڻ مهمان نوازي سمجهي ويندي هئي. قلوپطره جي حسن ۾ خوشبوءِ جو وڏو هٿ هو. پورو گروپ تمام گهٽي غور سان ان جي ڳالهه ٻڌي رهيو هو. بلڪل خاموشي هئي. رفيع انهيءَ خاموشيءَ کي ٽوڙيو ۽ چيو تہ توهان کي خبر آهي تہ جهانگير جي راڻي نورجهان سپ کان پهريائين گلاب جو عطر ايجاد ڪيو هو. اهو ائين جو نورجهان هڪ حوض ۾ گلاب جا گل وجهي پاڻيءَ ۾ غسل ڪري رهي هئي تہ پوءِ ان ڏٺو تہ پاڻيءَ جي سطح تي تيل جون بوندون تري رهيون آهن. هُنَ انهن بوندن کي جمع ڪيو. جنهن ۾ گلاب جي خوشبوءِ هئي. هنن پنهنجين شين ڪمائڻ جي چڪر ۾ رفيع کي خوش ڪرڻ لاءِ رفيع جي تعريف ڪئي ۽ برصغير ۾ گلاب جي عطر جي ايجاد تي خوشي ۽ عجب جو اظهار به ڪيو.

پوءِ وري مون سوچيو تہ مان به پنتي ڇو رهان مون وچ ۾ دخل اندازي ڪئي تہ توهان کي خبر آهي تہ ڪينز ۽ مونٽي ڪارلو جي ويجهو، گراس جي نالي سان هڪ علاقو آهي. 5 صدي ۾ جڏهن مسلمانن جي حڪومت هئي تہ هنن چنبيلي جي گلن جو بيج ان علاقي ۾ آندو هو. اهڙي طرح انهن گلن کي اتي پوکيو ويو. انهن گلن کي سڪايو ۽ پوءِ اهي ٻوٽين ۾ بند ڪري مختلف ملڪن ۾ وڪڻڻ لاءِ موڪليندا هئا. پوءِ انهن کي جڏهن خبر پئي تہ ماڻهو انهيءَ جو عرق ڪڍن ٿا ۽ انهيءَ مان صابڻ ۽ عطر ٺاهن ٿا تہ انهن جو تجسس وڌيو ۽ پوءِ اُهي عرق ڪڍڻ جي فن سکڻ لاءِ مصر آيا هئا. اتي هاڻي به ان علاقي ۾ عطر جو فيڪٽريون لڳل آهن. اڄ ڪلهه تہ ڪروڙن ۾ به پرفيوم ملي ٿو. جنهن جي بوتلن کي هيرن جواهرن ۽ سون سان سينگاريون ويجي ٿو.

بهرحال وري ان تيل جي قسمن جي لسٽ اسان جي هٿن ۾ ڏني ۽ ٻڌايو تہ اسان وٽ هر سور لاءِ تيل موجود آهي، مثلاً مٿي جو سور، چيلهه جو سور، پٺن جو

سور، زڪام ۽ ڪنن جي سور وغيره لاءِ به موجود آهي ۽ هو اسان کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا ته توهان جو سور ۽ تڪليف چند منٽن ۾ ختم ٿي ويندي ۽ توهان کي سڪون ملندو. اسان ٻنهي به انهن کي ٻڌايو ته اسان جي ملڪ ۾ به اهڙي قسم جا تيل جتي ڪٿي موجود هوندا آهن. اتان به ڪجهه خريد ڪرڻ کان بغير اسان دڪان مان ٻاهر نڪتاسين، چاڪاڻ ته اڄ ڪلهه هونءَ به مختلف ملڪن ۾ مختلف شين آڻڻ جي منع آهي. خاص ڪري تيل سان واسطو رکندڙ شيون. اتان نڪرڻ کان پوءِ گائيڊ اسان کي هڪڙي پينٽنگ جي دڪان تي وٺي آيو. سهڻيون پينٽنگ هيون، اتي ننڍي فيڪٽريءَ وانگر شيون رکيل هيون جتي هو سياحن کي تفصيل ٻڌائي رهيا هئا ته پينٽنگ جو پيپر جنهن کي هو پاپٽرس (Papyrus) نالو وٺي رهيا هئا، اهو ڪيئن ٺهي ٿو؟ انهن پاپٽرس کي پهريائين چليوان جي اندران گودو ڪڍيو، ان کي زور ڏئي سڏو ڪيو، پوءِ ان کي ملائي ٻن تختن جي وچ ۾ رکيو. پوءِ ان ٻڌايو ته ان کي اهڙي طرح 6 ڏينهن جي لاءِ رکي ڇڏيندا آهن، پوءِ اهو پيپر ٺهي ويندو آهي ۽ پينٽنگ جي لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. اتي ڪيئي پينٽنگس موجود هيون.

هڪ پينٽنگ ائين به هئي جنهن کي روشنيءَ ۾ پيو رکجي ته هڪڙي پينٽنگ نظر اچي رهي هئي پر اوندهه ۾ رکڻ سان اهائي پينٽنگ ٻي نظر اچي رهي هئي. انهن ٽن دڪانن کي ڏيکارڻ کان پوءِ گائيڊ چيو ته هاڻي باقي سڄي بازار توهان پنهنجي مرضيءَ سان گهمي اچو اسان توهان جو انتظار هتي ڪيون ٿا.

سائونڊ ۽ لائيٽ شو

اهو مارڪيٽ پورو گهمڻ کان پوءِ اسان ابوالهول جو لائيٽ ۽ سائونڊ شو جو پروگرام ڏسڻ لاءِ روانا ٿياسين. اڄ رات اسان ابوالهول جي آکاڻي انهيءَ جي زباني ٻڌڻ لاءِ ٽيڪٽون خريد ڪيون هيون. اندر داخل ٿيڻ کان اڳ هزار جي تعداد ۾ ڪرسيون رکيل هيون. انهيءَ وقت سج لهڻ وارو ٽائيم هو. ٿوري ٿوري روشني هئي، اسان پيدل انهن ڪرسين ڏانهن روانا ٿياسين ۽ پنهنجي ٽڪيٽ جي مطابق ڪرسين تي ويٺاسين. ويهڻ کان پوءِ احساس ٿيو ته ڪرسين ۾ ٿورو فرق ضرور آهي. پڇڻ کان پوءِ معلوم ٿيو ته هڪڙيون V.I.P ڪرسيون آهن ۽ ٻيون نارمل آهن. اسٽاف کان معلوم ڪيو ته انهن ٻڌايو ته توهان جون ٽڪيٽون V.I.P نه آهن، پوءِ رفيع پچيو ته انهيءَ جي لاءِ اسان کي چا ڪرڻو پوندو ته انهن ٻڌايو ته توهان کي هر ٽڪيٽ تي 75 مصري پائونڊ وڌيڪ ڏيڻا پوندا. اسان ٻن ٽڪيٽ جي حساب سان 150 پائونڊ انهن جي حوالي ڪيا ۽ پوءِ اڳين سيٽن تي ويهي رهياسين ڇو ته ان وقت ايجان ماڻهو ڪونہ پهتا هئا، سو آرام سان اڳئين سيٽ ملي وئي. ٿوري دير کان پوءِ مينيجمينٽ جي هڪ چوڪري آئي اسان کي ڪمبل ڏئي وئي. اسان ٿورا حيران ٿياسين ته ڪمبل ڇو؟ پر ٿوريءَ دير ۾ مان ماضي ۾ پهچي ويس، ان وقت پاڪستان جو ٽوئر ياد اچي ويو. هڪ دفعو هنزا کان خنجراپ ٽاپ تي ويا هئاسين، جيڪو چائنہ ۽ پاڪستان جو بارڊر هو ته هنزا ۾ هوٽل وارن اسان جي جيپ ۾ ڪمبل رکي ڇڏيا هئا. اسان پچيو ته انهن جي ڪهڙي ضرورت آهي. چوته اسان وٽ پنهنجا سوئيٽر، ڪوٽ، شالون آهن ته هنن مسڪرائيندي جواب ڏنو هو ته انهن جي ڪهڙي ضرورت آهي اهو توهان کي اتي پهچي پوءِ خبر پوندي. اسان جڏهن خنجراپ ٽاپ تي پهتاسين ته اهي سڀ شيون جيڪي اسان وٽ موجود هيون مثلاً سوئيٽر ڪوٽ، شالون وغيره اهي اسان جي ضرورت پوري نہ ڪري سگهيون.

ڪمبل پائڻ کان پوءِ به اسان اتي مشڪل سان پنج منٽ ئي رکي سگهياسين. پوءِ جلدي واپس سست اچي وياسين جتي اچي اسان پهريائين ڪافي پيتي هئي، پوءِ ڪاڏي جو آرڊر ڏنو هو. جيتوڻيڪ اسان منجهند جو ڪاڏو هنزا مان تيار ڪرائي نڪتا هئاسين پر اهو سڄو فريز ٿي ويو هو. اهڙي طرح هتي به ٿوري دير ۾ احساس ٿي ويو. چاڪاڻ ته زور سان هوائون هلي رهيون

هيون ۾ انهن هوائن جو آواز به ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو. فلمن وانگر خوفناڪ آواز هو. هڪ ٽ سامهون اهرام به ٻڌي نظر آيا، جن کي ڏسي هونئن مدفن، قبر جي تاريڪ، خاموشي ۽ موت جو تصور ذهن ۾ ٻڌي آيو ۽ ان سان گڏ قوال امجد صابري جي آخري نعت:

جب قبر اندھیری میں جاؤں گا تنہا۔۔۔

انهيءَ وقت تائيم به اهو هو جيڪو اڪثر چيو ويندو آهي ٽ مرڻ مهل نظر ايندو آهي، يه ٻڌي سڄ لهڻ وارو، ٿورو ٿورو دل ۾ خوف به محسوس ٿي رهيو هو. هڪ ٽ پري پري تائين صحرا، ڪنڊرات، اهرامن جا مقبرا ۽ ارد گرد قبرستان، جنهن کان ائين ئي خوف ٿيندو آهي، پر شڪر هو جو سامهون ابوالهول کي ڏسي انساني چهري جي تازگي ۽ چمڪيلي شينهن جو آواز، دٻدٻو ۽ ٿوري همت جو احساس به ٿي رهيو هو. يعني زندگي ۽ موت لازم ۽ ملزوم آهن وري شير کي ڏسي لڳي پيو ٽ جڻ شڪار لاءِ اسان ڏانهن چتائي سان ڏسي رهيو آهي ٽ ڪنهن کي شڪار ڪيان، ڪنهن متاري کي پڪڙڻ مان فائدو ٿيندو؟ وري خوف طاري ٿيڻ لڳو، پر رفيع مطمئن هو. هن جو چوڻ هو ٽ اسان جي شڪار مان انهيءَ کي ڪهڙو فائدو ٿيندو. ان جون نظرون ڪنهن موٽي مصري ڏي آهن. ٿوري دير کان پوءِ اوندهه ٿي وئي ٽ اهرامن جون سرچ لائيٽون کلي ويون، اهي تقريباً سائي، نيري ۽ پيلي رنگ جون ڪرسٽل نما خوبصورت چوڪرين جي روپ وانگر نظر پئي آيون. وري انهن جا رنگ تبديل به پئي ٿيا. ائين لڳو پئي جڻ ٽ رنگ به رنگي روشنيون آسمان تائين ڦهليل آهن يا ستن رنگن واري انڊلٽ زمين کان آسمان ڏانهن سفر ڪري رهي آهي. اهڙو پر فريب نظارو هو جيڪو ايڏا تائين اڪين جي آڏو ڦرندو رهندو آهي ۽ انهيءَ کي شايد زندگي پر وساري نه سگهجي.

وري ٿوري ٿي وقت جي اندر جيڪي اسان جي گرد روشنيون هيون اهي بند ٿي ويون ۽ گهپ اونده ٿي وئي. مون کي ننڊپڻ جي ياد اچي وئي. جڏهن مان بتيون بند ڪري اوندهه ۾ پائرن سان لڪ لڪوٽي کيڏندي هيس ۽ هڪ پئي کي پڪڙڻ ۽ ڳولڻ جي راند کيڏندا هئاسين. انهيءَ وقت ويئل ايڊن سياحن جي چر پر ۽ ڳالهائڻ جو آواز به نه هو ۽ نه ئي ڪو روشنيءَ جو ڪرٽو نظر اچي رهيو هو. پر رڳو وٽن جي پٽن جي لڏڻ جو آواز اسان جي ڪنن ۾ گونجي رهيو هو. البته آسمان تي ستارن جي جهرمر نظر پئي آئي.

جڏهن اوندهه ۽ خاموشيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو ٽ ٿوري هلڪي روشني آهستي آهستي فضا ۾ نظر اچڻ لڳي، جيئن فجر جو وقت هوندو آهي پوءِ اوچتو وچ مان تيز روشنيءَ جي چٽن ڪرٽن مختلف طرفن کان نڪرڻ شروع ڪيو.

ان جو مرڪز خوفو جي اهرام جي پويان هو. اهڙي طرح ٽن ڪنڊن واري جبل جهڙي جسم جو نظارو نظر اچڻ لڳو ۽ لڳي پيو ته جڏهن اهرام بلڪل اسان جي ويجهو اچي ويو آهي. اهڙي طرح ٻئي ۽ ٽئين اهرام جي پويان به روشنين جا تجلا نظر اچڻ لڳا. جيڪي آسمان تائين اڏامي رهيا هئا. ايجان ان وقت ابوالهول اوندهه ۾ ٻڏل هو. تقريبا پنج-ڇهه لائوڊ اسپيڪر لڳل هئا. جن مان آهستي آهستي هلڪي ڌيمي آواز ۾ موسيقيءَ جو آواز شروع ٿيو. اهرام جي پويان نيري رنگ جي روشني ڳاڙهي رنگ ۾ تبديل ٿيندي وئي ۽ شعائون تعداد ۾ به گهٽيون ٿيڻ لڳيون ۽ موسيقيءَ جو آواز به تيز ٿيڻ لڳو.

پراڻي مصر ۾ موسيقي ڏاڍي ترقي ڪئي هئي. ان وقت موسيقي جي فن جي گهڻي عزت هئي. وڏا وڏا ڪاهن ۽ شهزادا به ان فن ۾ ڪمال پيدا ڪندا هئا. موسيقي جو مصرين وٽ ايترو قدر هوندو هو جو فرعون اخناتون پنهنجي محل وٽ پنهنجي گوين جي لاءِ به ماڙ گهر ٺهرايو هو. ان گهر ۾ پنج ڪمرا هئا ۽ هڪ هال به هو. هال ۾ موسيقي جي مشق به ڪئي ويندي هئي ۽ ڪمرن ۾ موسيقي جا استاد شاهي خرچ سان آرام سان رهندا هئا.

موسيقي جي باقاعده تعليم هوندي هئي. وڏن شهر ۾ ان لاءِ وڏا وڏا مدرسه هوندا هئا. اهو انهيءَ جي ڪري ته موسيقي مصرين جي تمدني زندگي جو لازمي حصو هئي. امير گهراڻن ۾ رواج هوندو هو ته جڏهن صاحب خانه ڪاڏي تي ويهندا هئا ته موسيقي گانو بجائو ضرور هوندو هو. شاهي محل ۾ به طائفه هوندا هئا. تڪميل العمارته ۾ هڪ شاهي طائفه جو ذڪر موجود آهي، ان ۾ اٺ عورتون هيون، جن جو ڪم فرعون جي سامهون گانا گائڻ هو. گائڻ وڄائڻ جا ڪجهه وقت به مقرر ڪيا ويا هئا.

ڪاڏي ڪائڻ جي وقت گاني ۾ هن قسم جي ترتيب ڏني ويندي هئي ته موت کان پهريائين ته ماڻهوءَ کي عيش ڪرڻ گهرجي.

برٽش ميوزيم ۾ هڪ پراڻو ڪاغذ محفوظ آهي. هي فرعون انتفا جي قبر مان ڪڍيو ويو هو. ان ۾ هڪ گانو لکيل آهي، جيڪو دعوتن ۾ مهمانن جي سامهون ڳايو ويندو هئو. جڏهن هو ڪاڏي تي ويهي رهندا هئا. (ترجمو: تاريخ فرعون خواجه حسن نظامي دهلوي.) هزارن سالن کان اهو ٿي ٿي رهيو آهي ته اڳيان هليا وڃن ٿا ۽ پويان باقي رهن ٿا.

زبردست بادشاهه جيڪي ڪڏهن حڪمراني ڪندا هئا پنهنجن اهرامن ۾ ستا پيا آهن.

علماء ۽ عظماء به پنهنجي قبرن ۾ دفن آهن.

جيڪي گهر ۽ محل اهي ناهي ويا، انهن جا ناهن.

تون ڏسين ٿو انهن جو چا حشر ٿيو.
انهن جون ديوارون ڪري پيون.
ڀ هو پاڻ ائين ٿي ويا جڙ ته هڻا ئي ڪونہ
انهن وٽ ڪير بہ نٿو اچي. اسان کي ٻڌايو انهن تي چا گذرندي.
انهيءَ جي ڪري تون پنهنجي دل خوش رک ڀ گهٽي کان گهٽو عيش ڪر.
ها خوشي پيو ملهائيندو رهہ، جيستائين تون زمين تي آهين.
آخر اهو ڏينهن بہ ايندو جيڪو اچڻ وارو آهي. ان ڏينهن زيرس نہ تنهنجي فرياد ٻڌندو نہ توتي ترس کائيندو.
پوءِ چو نہ عيش ڪر.
توسان گڏ دنيا جي ڪابہ شيءِ نہ ويندي.

اهڙي طرح وري تن تارڻ، دل روشن ڪرڻ لاءِ دهل، نقاره، شهنايون، توتاريون وغيره وڄڻ لڳيون جڏ ته شاهي خاندان اچي رهيو آهي ڀ ان جو جلوس گذري رهيو هجي جڏ ته نيل نديءَ جو افتتاح ٿي رهيو هجي. ڀ اسان شامياني جي هيٺيان ويهي جلوس جو نظارو پنهنجي اکين سان ڪري رهيا آهيون.

ابوالهول جي پاسي ان وقت ڪابہ روشني نہ هئي. اتي گهپ انڌيرو هو پر ٿوري دير پر ابوالهول تي بہ روشنين کي رحم آيو. ڀ ان کي بہ روشن ڪيو ويو. ان پر بہ جڏ ته جان پئجي وئي. ان بہ شينهن وانگر پنهنجا پنجا جمايا. رعب دار وڏو چهرو، جنهن جا چپ بہ ہ ميٽر ڊگها هئا. تاج پاتل دنيا جو نادر، قديم مجسمو جنهن جي ڳالهائڻ جو وارو بہ اچي ويو. ان کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏيڻ واري جديد ٽيڪنالاجي جي ترقي جي دور ان کي چپ کولڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي، جيڪو صدين تائين خاموش هو ڀ هاڻي انهيءَ کي چيو ويو تہ.

بول، بول، بول کہ لب آزاد ہیں تیری

چمڪندڙ نوراني سمدي ابوالهول جو گونجندڙ خوفناڪ آواز شروع ٿيو. ان بہ پنهنجي تاريخ بيان ڪئي، ان جي چهري تي سنهري روشنيءَ جو استعمال ڪيو ويو هو. جنهن جي ڪري لڳي پيو تہ اسان جي آڏو هڪ حقيقي شڪل ڳالهائي رهي آهي ڀ اهرامن جو آڪاڻيون ڀ قصہ ٻڌائي رهي آهي.

اسان جي سامهون دنيا جي وڏي اسٽيج جيڪا ہن ڪلو ميٽرن تي مشتمل هئي. اسٽيج تي اداڪاري جا فن، ادب جو هڪ حصو آهن. مدتن تائين تاريخدانن جو اتفاق رهيو تہ ان فن جي ابتدا يونان کان ٿي پر هاڻي تقريباً مڃيو ويو آهي تہ سڀ کان پهريائين مصر پر ئي هيءَ فن ظاهر ٿيو هو.

هيرو ڊوٽس ڀ پلوٽارڪ صدين اڳ اهو واقعو پنهنجي ڪتابن پر لکيو هو. پر مورخ ان کي صحيح تسليم نہ ڪندا هئا. ايتري قدر جو پوئين صدي

جي آخر ۾ فرانسيسي علامہ ايران کي ڪجھ مصري ڪتبا مليا. 1928ع ۾ جرمن علامہ ڪورت سيت بروي ڪاغذن مان معلومات حاصل ڪئي پوءِ وري 1937ع ۾ مصري محقق پروفيسر سليم حسن ڪجھ پراڻيون تصويرون دريافت ڪيون. انهن سڀني مان ثابت ٿي ويو. تہ حضرت مسيح جي پيدائش کان 19 سئو سال پهريائين به مصر ۾ ڊرامہ لکيا ويا هئا. جنهن تي ايڪٽ به ڪيو ويو. اڪثر ڊراما اوزيرس جي موت ۽ ٻي زندگي تي لکيا ويا ۽ انهن کي مندرن ۾ اسٽيج تي ڏيکاريو ويندو هو.

هن اسٽيج تي به مصر جي عظمت جا گيت ڳائڻ جو آواز اچي پيو. ڪنهن وقت مصر جي فرعونن جي ظلم جا داستان، ڪڏهن عورتن ۽ ٻارن جا آواز، سازن جا آواز، جيئن مختلف قسمن جون روشنيون چمڪي رهيون هيون، اهڙي طرح آواز به ڪيترن ئي روپن ۾ ڀڻڻ ۾ پئي آيا.

هي پروگرام ذهن تي نہ وساريندڙ نقش قائم ڪندو ويو. پروگرام مختلف زبانن ۾ هلايو ويندو آهي مثلاً: فرانسيسي، انگريزي، عربي وغيره پر اڄ اسان جو پاڻ سئو هو جو انگريزي زبان ۾ هلي رهيو هو.

اهڙي طرح اڌ پروگرام کان پوءِ وقفي جي واري اچي وئي، شو جون روشنيون ختم ٿي ويون. اهو ئي ماحول وري واپس اچي ويو، جيڪو شو شروع ٿيڻ کان پهريائين هو.

اسان جي پويان هڪ خاندان ويٺل هو، ان کي به سردي لڳڻ شروع ٿي. ان خاندان ۾ ننڍا ٻار به هئا، انهن اسان سان رابطو ڪيو ۽ پڇيو تہ توهان هيءَ ڪمبل ڪٿان آندا؟ اسان انهن کي ٻڌايو تہ هيءَ عنايت V.I.P ڪرسين جي ڪري نصيب ٿي آهي. پر ٻيا ماڻهو 10 مصري پائونڊ ڏئي وٺي آيا آهن. اهي به وٺڻ لاءِ اٽيا، تہ خبر پيين تہ سرديءَ جي ڪري ڪمبل ختم ٿي ويا آهن. اسان کي ٻارڙن تي رحم اچي ويو، اسان پنهنجو هڪ ڪمبل انهن کي ڏنو. پر اهو به ٻارن لاءِ ڪافي نہ هيو. پوءِ هڪڙي ننڍيءَ کي سڏي اسان انهيءَ کي پنهنجي پرسان ويهاريو. تقريباً 10 منٽن جي وقفي کان پوءِ صحرا ۾ هڪ بادشاهي بگل جو آواز گونجڻ لڳو.

عام لائيٽون وري بند ٿي ويون ۽ فرعونن جي تاج پوشيءَ جو منظر ڏيکاريو ويو. درياهہ نيل جي ڪناري ماڻهن جو هجوم، شاهي بگيون گهوڙن جي ٽاپن ۽ هينگڻ جا آواز فرعون ۽ شهزادن جو جلوس، ان جي پويان امير فوجي آفيسر سجيل ٻيڙيون، جلوس جي ماڻهن جا نعرا شروع ٿي ويا. جهڙڪين ۽ ٻين پڪين جون لاتيون لنوڻ، ميون هوليون وغيره، سڀ انهيءَ ڊرامي ۾ موجود هئا ۽ اهو هڪ ڪلاڪ جو جادو ٻريل ڊرامو آخرڪار پنهنجي اختتام تي پهتو. مدهر

آواز مدھم ٹيڻ لڳا. روشني ۽ ڏيئي جي لاٽ وانگر، جيئن ان جو تيل ختم ٿيندو ويندو آهي تہ آخر روشني آهستي آهستي ختم ٿيندي ويندي آهي، ختم ٿي وئي ۽ ابوالهول ۽ اونداهي ۾ گم ٿي ويو. آسمان جي تارن کان سواءِ ڪجهہ ۽ نظر پئي آيو.

وري اهي روشنيون واپس اچي ويون، جيڪي پروگرام شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ پنهنجي روشنيءَ سان اسان کي واٽ ڏيکاري رهيون هيون. اسان انهن بتين جي آڌار تي واپس اچي پنهنجي گاڏي وٽ پهتاسين. ڊرائيور ۽ گيٽ تي انتظار ڪري رهيو هو. گاڏي هلڻ شروع ڪيو. شهر جي لائيٽنگ ۽ خوبصورت هئي هر طرف روشني ئي روشني هئي. (By night) جي نظاري جو شوق ۽ پورو ٿيو. پر ڪنن ۾ اڃان تائين ابوالهول جا اثر ڪندڙ آواز گونجي رهيا هيا.

"مان تاريخ جي گهراين مان توهان سان مخاطب آهيان، توهان هن ڊرامي ۾ آواز ٻڌا. نرم ۽ نازڪ عورتن جا، ڪير پاڪ معصوم ٻارن جا عام انسانن جا، يونان ۽ روم جي تهذيبن جي آمد جا، نيپولين جي فوجين جا، مسلم فاتح آيا، سياٽي وري سج اپرندو پهرين ڪرن وري منهنجي مٽي کي چمندي. اهڙي طرح هزارين سج اپرندا ۽ اسان جو تمدن دنيا جو عظيم تمدن رهندو. درياهہ نيل ائين ئي وهندو رهندو. اهرام مصر جا جبل اڃان صدين تائين قائم رهندا. سياحن جا انبوهہ ايندا رهندا." گاڏيءَ ۾ ڪافي فاصلي تائين اهرامن جي لائيٽنگ نظر پئي آئي. ائين ئي اڌ ڪلاڪ جي اندر هوٽل تائين پهچي وياسين ڪمري جي طرف وياسين، پوءِ موبائيل ۽ ڪيميرا چارجنگ تي لڳائي پاڻ کي ٻہ ٽورو فريش ڪيوسين. هوٽل ۾ ائين فلور تي رات جو ڪاڏو ڪائڻ لاءِ وياسين، چاڪاڻ تہ ٽڪيل تمام گهٽو هئاسين. باهر وڃي ڪاڏي ڪائڻ جي همت نہ رهي هئي ۽ ڪاڏو ۽ اندين ريسٽورينٽ جي ڪري پنهنجي ٽيسٽ جو مليو ۽ مهانگو ۽ نہ هو. سوپ هوڙ ماني، برياني سڀ جو آڊر ڏنوسين. آخر ۾ لسيءَ جو گلاس ٻ. ان جو پورو بل 2000 پائونڊ نڪتو. يعني پر هيڊ 1000 جيڪو گهٽو مهانگو نہ هو پر مناسب هو. اسان جيڪڏهن مينو ڪارڊ ۾ لسي ڏسندا آهيون تہ ضرور وٺندا آهيون، چو تہ جڏهن اسان نئڊپٺ ۾ عيد ڪرڻ ڳوٺ ويندا هئاسين تہ صبح جو اک کولڻ مهل ڪنن ۾ ڏڏ ولوڙڻ جا وٽندڙ آواز ايندا هئا. ان ڏينهن ۾ چانهن خاص طور تي گرمين ۾ استعمال نہ ٿيندي هئي. لسيءَ جو رواج عام هوندو هو. عورتن ۾ سليقو هوندو هو. مينهن مان ڪير ڪڍڻ، انهيءَ کي جمائڻ، ان مان مکڻ ۽ ڏڏ ڌاهڻ، مکڻ مان سچو گيهہ ڌاهڻ، جيڪو ڪاڏي ۾ استعمال ڪيو ويندو هو مانيءَ سان گڏ مکڻ، ڏهي، لسي وغيرہ سڀ ڪائيندا هئا ۽ گهريلو شيون ملاوٽ کان پاڪ هڻڻ جي ڪري ماڻهو صحت مند هوندا هئا. لسي کي لوڻ

واري تہ ڪوئي ڪنڌ واري ملي پيئندو هو. اڄڪلهه جديد دور ۾ مڪڙ ڪيڙ ۽ لسي ناهڻ جون مشينون به اچي چڪيون آهن. پر جا لسٿ سادي لسي ۾ هوندي هئي، اها هاڻي ناهي پر غور ڪيو وڃي تہ اڄڪلهه چانهن جو رواج زورن تي آهي. پر اسان ان کي گهڻو پسند نہ ڪندا آهيون. اسان لسي گهڻي پسند ڪندا آهيون، رات پي سمهي پئو تہ ننڊ سٺي ايندي آهي. چانهن تہ رات جو پيئڻ سان جسم ايترو چست ٿي ويندو آهي، جو ننڊ ئي غائب ٿي ويندي آهي. ماضيءَ جي انسان، جي خبر ناهي ڪيترا عڪس روشن ڪري ڇڏيا. ڪو زمانو هوندو هو جو هر ڪم سادي طريقي سان ٿيندو هو. پر هاڻي انهيءَ جڳهه تي مشينون اچي ويون آهن. هاڻي ظاهر آهي تہ مشينون واپس نہ ويندیون، پر ڪاش اهي محبت جا رنگ جيڪي اسان ہالڪپڻ ۾ ڏٺا، اهي واپس اچي وڃن.

اسڪندريہ روانگي

اڄ اسڪندريہ وڃڻو هو. جلدي ننڊ مان اٿي پهريائين نماز ادا ڪئي، تيار ٿياسين. ڪمرو ڇڏي ناشتي جي لاءِ روانا ٿياسين. ناشتي مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ هيٽ لاڻنج ۾ آياسين. اسان ٻئي وقت جي معاملي ۾ پابند هوندا آهيون. اسان ڪوشش ڪري پنهنجي منزل تي وقت تي پهچي ويندا آهيون. اهڙي طرح اڄ به پوٽي ائين وڳي اتي پهچي وياسين. گاڏيءَ جو پچيوسين ته مينيجر چيو ته رستي ۾ آهي، باقي پنجن منٽن ۾ پهچي ويندي. اهڙيءَ طرح اٽن ۾ اڌ ڪلاڪ هٿ ته ان اشارو ڪيو. مون کي نه پر رفيع کي اشارو ڪيائين ته توهان جو ڊرائيور اچي ويو آهي. تعارف ٿيو ۽ پوءِ سڀ گاڏي جي طرف هلي پياسين، جيڪا پارڪنگ ۾ بيٺل هئي. اهڙي طرح ڊرائيور هوٽل مان نڪري گاڏيءَ جو رخ شهر جي طرف ڪيو. ان وقت روڊ تي ڪافي گاڏين جي رش هئي، ڇاڪاڻ ته اهو وقت آفيسن ڏي وڃڻ جو هو. تقريباً 20 منٽن ۾ اسان شهر کان ٻاهر نڪري آياسين ته ڊرائيور اشارو ڪري ٻڌايو ته هي، شهر جيڪو سامون نظر اچي رهيو آهي، اهو پرا مڊ جو آهي، جنهن کي گزه چوندا آهن. اسان ان کي ٻڌايو ته اسان ڪالهه هتي آيا هئاسين. پوءِ هن وضاحت ڪئي ته قاهره کان اسڪندريہ ۽ رستا ويندا آهن ۽ هيءَ رستو مغربي صحرا مان گذري ٿو. هيءَ اصل ۾ بين القوامي هاءِ وي آهي. هتان ماٺهو قطر ۽ U.A.E. ۾ ويندا آهن. اسان جنهن روڊ تي هلي رهيا آهيون، اهو ڊزرٽ هاءِ وي چورائيندو آهي، پر هڪ ڪلاڪ جي فاصلي تائين ساوڪ ئي ساوڪ هئي ۽ جيستائين اسان جي نظر پوي پئي، ائين پئي محسوس ٿيو جڙ ته سائي رنگ جو غاليچو وڇايل آهي. بلڪل پاڪستان وارو حال هو. جڏهن اسان حيدرآباد کان نوابشاهه يا سکر ويندا آهيون ته روڊ سان گڏوگڏ ڪڪ ۽ ڪمند جا فصل ۽ نظر ايندا آهن. ڳوٺن جي پرسان هلو ته پاڇين جو فصل، ڪجين جا وڻ، ڪيلن، نارنگين، مالٽن ۽ زيتونن جا باغات ۽ پيا نظر ايندا آهن. اهڙي طرح ننڍا ننڍا گهر ۽ ميرن ڪپڙن ۾ ڪڙمي ۽ انهن جا خاندان نظر ايندا رهندا آهن. ڪٿي گڏهه گاڏين تي سامان نظر اچي رهيو هو ته ڪٿي وري بيل گاڏين ۾، ڪٿي گهوڙا چرندي نظر اچن پيا. گهرن جي مٿان ڪبوترن جا ڪاٽ جا ٽهيل گهر جتي ٻار انهن سان کيڏي رهيا هٿا ۽ انهن کي

کارائڻ پيارڻ ۾ مصروف هئا. رفيع چيو ته اڙي اسان ته اسڪندريہ وڃون پيا هيءَ وري سکر جي رستي تي ڪيئن پهچي وياسين؟ مون چيو ته ڏس سکر جا به لفظ ته اسڪندريہ ۾ به آهن. ته جڏهن به لفظ اتان ورتا ويا آهن ته ڪجهہ رستي ۾ به هڪجهڙائي هئڻ گهرجي نہ. ائين لڳي رهي هو جڙ ته اسان پنهنجي ئي ملڪ ۾ گهمي رهيا آهيون. ڪوئٽ سان گڏ ڪٽي ڪٽي شهر به هئا. روڊ چار لائينن وارو هو. اڇڻ جون چار لائينون ۽ وڃڻ لاءِ به چار لائينون هيون ۽ ڪجهہ ڪجهہ فاصلي کان پوءِ سائيڊن کان به روڊ هئا. جيڪي مختلف شهرن ۽ ڪوئٽ ڏانهن وڃي رهيا هئا. پر ٽريفڪ تمام گهٽ هئي. هيءَ شهر بحيره روم جي نيل ڊيلٽا جي مغربي ڪناري تي قاهره کان 129 ميل جي فاصلي تي هو. ان شهر کي سڪندر اعظم 332 ق م ۾ آباد ڪيو هو.

اسڪندريہ جو آباد ٿيڻ

هي بطليموس جي گاديءَ جو هنڌ (304-30 ق م) به رهيو. هيءَ شهر قديم دور ۾ مصر جو دارالسلطنت هو. پر هيءَ حقيقت آهي ته ان جا تجارتي، سياسي، تهذيبي، تعلقات مصر سان نہ پر بحيره روم جي ملڪن سان هئا. جاگرافي جي مطابق باقي مصر سان ان جو ايترو ئي تعلق هو جيڪو تعلق سترهين صدي ۾ بمبي جو هندوستان سان هو. اهڙي طرح اسڪندريہ پنهنجي تهذيب ۽ معاشرت جي اعتبار سان مصر کان بلڪل مختلف هو. اسڪندريہ آباد ڪرڻ وقت سڪندر ان محل وقع کي انهيءَ جي ڪري پسند ڪيو هو ته جيئن هيءَ باقي ملڪ کان الڳ هجي هيءَ شهر هڪ طرف ماروٽڪ ڏنڊ ۽ ٻئي طرف بحيره روم سان گهيريل آهي. سڪندر چاهيندو هو ته هن شهر کي خالص يوناني نو آبادي ٺاهي، جتي يوناني تجارت جو سامان جهازن کان لاهي اندرون مصر پهچايو وڃي ۽ وادي نيل جي بي انداز پيداوار کٽي يونان موڪلي وڃي. درياءِ ڊيلٽا کان پري نويڪلي ڪنڊ ۾ شهر آباد ڪرڻ جو مقصد اهو هو ته گاديءَ جو هنڌ سڄي ملڪ جي ڪنجي هئڻ جي باوجود ملڪ کان الڳ محفوظ رهي.

اسڪندريہ ميڊيٽرين (پوئنچ) سمنڊ ۾ اهڙي جڳهہ تي بندرگاهہ آهي جو ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ ڪنڊ جي لاءِ جهاز راني ۽ مسافرن جي سهولت ڏيڻ کان علاوه اصل ۾ تجارت کي وڌائي ٿو. سئيز ڪينال ۾ داخل ٿيڻ وقت يا ٻاهر نڪرڻ مهل اهو بندرگاهہ نظر اچي ٿو. تاريخ ۾ هن بندرگاهہ جي وڏيڪ اهميت آهي، چوته هيءَ اهو بندر گاهہ آهي جنهن جو بنياد حضرت عيسيٰ عليه السلام جي پيدا ٿيڻ کان ٻه سو صديون اڳ سڪندراعظم رکيو هيو. هتي قلوپطره جو

عروج جو زمانو گذريو ۽ ايران جي آخري بادشاھ محمد رضا شاھ پھلويءَ جي پھرين زال بہ ھتي جنم ورتو ھو ۽ زندگيءَ جا آخري سال بہ ھتي گذاريا ھئائين.

اسڪندريہ جي آبھوا جنوبي مصر کان بلڪل مختلف آھي. اسڪندريہ ۾ گرميءَ جي موسم خوشگوار ۽ انھيءَ کان سواءِ سرد بہ ٿئي ٿي. بھار ۾ تہ ھتان جي فضا ايتري دلکش ٿئي ٿي جو سڄي دنيا ان جو جواب پيش ڪرڻ کان قاصر آھي. موسم صاف رھي ٿي ۽ آسمان ۾ گردو غبار نہ ھوندو آھي ۽ صبح واريون ٽڏي ھيرون روان ھونديون آھن. راتيون بہ ٽڏيون ٽيندیون آھن. آگسٽ ۽ سيپٽمبر ۾ آبھوا پنل ٿي وڃي ٿي. فضا ڪجھ ائين رھندي آھي. جيئن جنوبي يورپ جي سردين ۾ ساحلي علائقہ سرد رھندا آھن. بارشون ٽيندیون آھن. موسم تکڙي بدلجندي آھي. بارشون ٿي وڏنديون آھن. ماڻھو ٽلھا اوني ڪپڑا پائڻ شروع ڪندا آھن. ھتان جي برعڪس اھرامن جا علائقہ گرم رھندا آھن اسڪندريہ انھن ڏينھن ۾ بادباران جي طوفان ۾ گھيريل ھوندو آھي. سمندر جي نمڪين ۽ ھوا جا واڇوڙا سون سون ڪندا ايند رھندا آھن ۽ مسافرن جي منھن تي ٽپڑ ھٽندا. گذري ويندا آھن. گرمين ۾ انگريز افسرباقي مصر جي ھولناڪ گرميءَ کان جان بچائڻ جي لاءِ اسڪندريہ جو رخ ڪندا آھن. اسڪندريہ ۾ خوشگوار تبديلي محسوس ٿيندي آھي. ھتي اونداھي تھ خاني ۾ پگھر ۾ ڳڙڻ جي ضرورت ئي نہ آھي. جنوبي مصر ۾ پچرڻ واري گرمي، جيڪا راتين جون ننڊون حرام ڪري ڇڏي. اھا ھتي ناھي. ھتي ڪپڑا لاھي پوءِ سمھڻ يا ليٽڻ ۽ڪباب جي شيخن وانگر پاسن ورائڻ جي ضرورت ناھي. ھتي گدن واري ھنڌ تي ليٽي ڪمبل ويڑھڻ ۽ خوابن جي پرسڪون ننڊ ماڻڻ واري موسم ھوندي آھي.

انگريز سڄو سال اسڪندريہ ۾ رھندا آھن. ھتان اونھاري جو موسم انھن کي پسند آھي. قاھره ۾ صرف اھي ئي يورپين خاندان زندگي گذارينداآھن جيڪي اتي رھڻ لاءِ مجبور آھن. اسڪندريہ ۾ رھڻ وارا پنھنجي جنوبي ھم وطنن کي نفرت جي نگاھ سان ڏسندا آھن. جنوبي مصر جا ماڻھو بہ اسڪندريہ وارن کان ايتري ئي نفرت ڪندا آھن. اسڪندريہ انھن لاءِ بدترين گار آھي اسڪندريہ وارا جنوبي مصر جي ماڻھن کي ڪارا ڪلوٽا چوندا آھن ۽ ذرو برابر بہ نہ سوچيندا آھن تہ اسان سڀ ھڪ ئي ٽالھيءَ ۾ ڪائڻ وارا آھيون. جيئن اسان جي پاڪستان ۾ مختلف مذھب ۽ نسل، زبانن ۽ علائقن جا ماڻھو ھڪ ٻئي کان نفرت ڪندا آھن ۽ اھو سمجھڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪن تہ اتحاد ۾ ئي طاقت آھي. نفرت تہ قومن کي تباھ ڪري ڇڏيندي آھي. مان ھن ڳالھ تي بہ غور ڪرڻ لڳس تہ سڪندراعظم ڪيترن ئي ملڪن تي حملہ ڪيا جنھن ۾

اسان جي ملڪ جا ڪجھ حصا مثلاً سنڌ ۽ ملتان به شامل آھن. پر مصر جھڙي ملڪ کي ايتري ترجيح ڇو ڏني؟ ھن پنھنجي نالي مطابق ھي شھر ڇو اڏايو؟ ڇو ته مصر ته اھڙو سنو ملڪ ناھي، پر ان جو وڏو حصو آفريڪا جو صحرا ھو. پوءِ ڇا ڳالھ ھئي جو ھن جي ذھن تي ايترا جادوئي اثرات ٿيا. ھتي ھن شھر ۽ بندرگاھ ڇو ٺاھيو؟ جيڪو اڄا تائين اعليٰ حيثيت رکي ٿو. ان جو سبب شايد اھو ھو ته اسڪندريه شھر ميڊيٽرينن سمندر جي ڪناري تي آھي، جيڪو سڪندراعظم جي وطن يونان جي ويجھو ھو. ان وقت ۾ ڪارون، موٽرون، ريل گاڏيون ۽ جھاز وغيره ته ڪونه ھئا ۽ خشڪي جا سفر ته رڳو گڏھ، خچر، گھوڙي ۽ اٺ جي ذريعي ٿيندا ھئا.. پر آسان طريقو ٻيڙيون ٿي ھيون. جيڪي درياھ، ڍنڍ ۽ سمنڊ جي ڪنارن ڪان سفر ڪنديون ھيون، ڇو ته ان وقت ۾ ايترا طاقتور ٻيڙا يا شپ نه ھوندا ھئا، جيڪي وچ سمنڊ ۾ ھلي سگھن. اڄي مصر ۾ نيل ندي به وھي ٿي، جيتوڻيڪ پورو مصر غير آباد آھي، پر نيل ندي ۽ جي ڪري شروع ڪان ئي مصر ۾ زندگي، رونق ۽ خوشحالي رھي آھي. پر ايجان به توھان ڏسندو ته پراڻي زماني وانگر نيل ندي ۽ ان جي شاخن جا ٻئي ڪنارا آبادين ۽ ساوڪ وارا نظر ايندا آھن.

يونچ سمنڊ جي چئني طرف ڪيترائي يوناني، ترڪي، اٽلي، فرانس ۽ اسپين جا ڪنارا آھن، پر مصر ۾ اسڪندريه جو علائقو اھڙو آھي جتان نيل ندي جي ذريعي ٻين ملڪن ۾ به وڃي سگھون ٿا. پوءِ خشڪي جي رستي تمام وڏي ڳاڙھي سمنڊ ذريعي عرب، ايران ۽ ايشيا وغيره جي ملڪن ۾ وڃي سگھون ٿا. خاص طور تي مصر جي ڪپھ، ڪڪ ۽ ڏاتن جي تجارت اسڪندريه جي ذريعي يونان ۽ يورپ جي ٻين ملڪن سان ھلي سگھي ٿي. انھيءَ جي ڪري ھيءَ شھر آباد ڪيو ويو ۽ انھيءَ جي ڪري اڄ به اتي يورپين، ايشين ۽ عرب رھندا آھن. ۽ اڄ ڏينھن تائين سمنڊ جي ذريعي يونان به مصر کي ويجھو آھي.

بھرحال سرسبز علائقي مان جڏھن ٻاھر نڪتاسين ته صحرا جي برپٽ اسان جو استقبال ڪيو. صحرا ۾ سفر ڪرڻ جو منھنجو پھريون تجربو ھو. ان کان اڳ جڏھن پھريون دفعو اسان ڏٻئي جي سياحت تي ويا ھئاسين ته اتي ڊزرٽ سفاري جو ٽوئر ورتو ھئوسين. پر اھي ته ريت جا جبل ھئا، جنھن ۾ جيپ ھيٺ ڪان مٽي چڪر ڏيارا ھئا. پر ھتي صحرا جي وچ ۾ موٽر وي تي سفر ڪري رھيا ھئاسين.

موٽروي

اسان جڏھن موٽر وي تي پھتاسين ته اتي ٽيڪس به ڏنيسين، پر اھا

ڊرائيور ڏني چاڪاڻ ته گاڏيءَ جي پاڙي سان گڏ اها به وصول ڪئي وئي هئي. موٽر وي تي حد رفتار هڪ سئو ڪلو ميٽر في ڪلاڪ هئي. سفر دوران ٽوري ٽوري دير کان پوءِ نخلستان به نظر ايندا رهيا. جتي چند گهرن کان سواءِ ريت مٽان مٽي وجهي زمين تيار ڪئي وئي هئي. جتي ٻني پاري سان گڏ باغات ۽ ڪٽي ڪٽي گهر به نظر پئي آيا. اهڙي طرح اسان صحرائن جي وچ ۾ هڪ خوبصورت موٽر وي تي سفر ڪري رهيا هئاسين ۽ اسڪندريه جي طرف روان دوان هئاسين. موٽر وي خوبصورت به هو ۽ ٻنهي طرفن کان روشنيءَ جي لاءِ بتيون به هيون، جيئن اڪثر ترقي يافته ملڪن ۾ هوندو آهي. هيءَ ترقي يافته ملڪ ته نه چوائيندو آهي پر ان جا روڊ ڏسي اهو محسوس ٿي رهيو هو. پر انهيءَ ۾ به ڪو شڪ ناهي ته پوءِ به هن کي ترقي يافته ملڪن ۾ شامل نٿو ڪري سگهجي. مختلف ڪمپنين جا اشتهارات به لڳل هٿا. جيئن اسان جي ملڪ ۾ شهر جي لائٽ جي پولن تي لڳل بتين جي وچ ۾ لٽڪيل هوندا آهن ان کي چوندا آهن هڪ ڏڪ سان ۽ شڪار يعني بجلي به ملي ۽ ڪمپنين جي مشهوري به ٿئي.

جيئن جئين اسان اسڪندريه جي ويجهو پهچندا وياسين، صحرا جي فوقيت گهٽبي وئي. پوءِ وري سرسبز زمينن جو سلسلو شروع ٿيندو ويو. اسان جي کاهي طرف مصر جو سپ کان زرخيز ڊيلٽا هيو. ساڄي طرف مغربي صحرا هو. ٻنين ۾ مڪئي جي پوک سان گڏوگڏ جانور ۽ مال جو گاهه ۽ انسانن جي لاءِ پاڇيون به موجود هيون.

درياهه نيل جڏهن ڊيلٽا جي علائقي ۾ پهچندو آهي ته مختلف شاخن ۾ تقسيم ٿي بحيره روم ۾ وڃي ملندو آهي. ان علائقي ۾ نيل جن شاخون ۽ پوءِ ان مان ڪيترا نهر جي پاڻيءَ سان آبادگارن پنهنجي زمينن کي تازگي بخشيندا آهن ۽ اناج پيدا ڪندا آهن. جيڪو پوري مصر جي غذائي ضروريات کي پورو ڪندو آهي. قلوپطره جي دور حڪومت ۾ به اڃوڪي زماني جي پيٽ ۾ گهٽو اناج پيدا ٿيندو هو ۽ اناج جي تجارت کانسواءِ ڪيترن ئي قسمن جي شين جو تجارتي مرڪز هو. ان وقت هيءَ وڏي تجارتي منڊي هئي، جنهن جي بازارن ۾ اوپر ۽ اولهه جي شين جي گپا گيهه رهندي هئي. ان دور ۾ تاجرن جو نظرون اسڪندريه تي ڇميل هونديون هيون، ڇو ته هيءَ يورپ ۽ هندوستان جي ٻَون تجارتي رستن جو سنگم هو. جتان بيش بها قيمتي سامان تجارت جي لاءِ مدتن کان گذرندو رهندو هو. مصر جو هيءَ ساحلي شهر قاهره کان 220 ڪلو ميٽر پري آهي. قاهره کان پوءِ هيءَ مصر جو ٻيو نمبر وڏو شهر آهي. هتي يوناني به ڪافي تعداد ۾ آباد آهن. هن شهر جي مغرب ۾ Marryat نالي ڍنڍ به آهي. قاهره

جي پاسي کان شهر ۾ داخل ٿيڻ وقت پري کان شهر نظر اچي رهيو هو. ڏنڊ ميريت ۽ آبپاشي جي لاءِ کوٽيل نهرن جي ڪري انسان شهر ۾ سڌو داخل ٿيڻ جي بجاءِ ٽورو سفر ڏنڊ سان گڏوگڏ طئي ڪندا آهن. اسان جڏهن جهيل جي مشرقي ڪناري پهتاسين تہ اتان ساڄي پاسي شهر ۾ داخل ٿياسين. اهڙي طرح اسان حسينہ عالم قلوپطره جي آبائي شهر اسڪندريہ پهچي وياسين.

حسينہ عالم قلوپطره

سڪندراعظم جي فتحن ۽ قلوپطره جي حسن گڏجي، هن شهر کي شهرت ڏني. انهيءَ ڪري ئي سياح هن شهر ۾ اچن ٿا. حسن پرست ماڻهو هن ديس جي جهلڪ ڏسڻ لاءِ ترسندا آهن. جتي حسن عالم قلوپطره زندگيءَ جا حسين لمحا گذاريا هئا. ان جي حسين هئڻ ۽ نہ هئڻ تي بہ اختلاف آهن. عام خيال اهو آهي تہ هوءَ نازڪ اندام هئي. موزون قد، عقابي اپريل نڪ، سندس نڪ جي ناس اعليٰ خاندان جي طرف اشارو ڪري ٿئي. مختصر سهڻي ڏيکاءَ وارو منهن، تراشيل چپ، دلفريب وڏيون وڏيون اکيون، سهڻا نازڪ ابرو، ڳل، چاڙي جي لائين ۾ هم آهنگي، چمڪندار شوخي جي ڪري حسين نقشن ۾ ملائمت پيدا ٿي وئي هئي. مطلب تہ نزاڪت جي باوجود سندس خدوخال ۾ شوخي صاف محسوس ٿيندي هئي.

پلو ٽارڪ جو بيان آهي تہ هُنَ جو حسن بي مثال ۽ دلفريب هو. ان کان وڌيڪ حسين آڪٽيويا هئي، جيڪا بعد ۾ انطوني جي رفيق حيات بڻي، پر بين مورخن وانگر پلو ٽارڪ بہ تسليم ڪندو هو تہ هُنَ ۾ هڪ ناقابل ڪشش هئي. ڊوين ڪيشيس لکي ٿو تہ، "هُنَ جي تقرير جي لذت ۽ حسن جي ڪشش بي پناهہ هئي، نوجوان هن کي ڏسي هڪ بڪ ٿي ويندا هيا. ۽ پوڙها جن جون دليون برف جي چپ وانگر بي حس ٿي ويندیون هيون. اهي بہ جڏهن ان جي سامهون ايندا هئا تہ سحر زده ۽ مدهوش ٿي ويندا هئا. اهو بہ خيال آهي تہ سندس قد مختصر هو. ان جو اندازو انهي لحاظ سان لڳايو ويو تہ جڏهن سيزر مصر ۾ فوج ڪشي ڪئي ۽ محل تي قبضو ڪيو تہ هُنَ شاهي محل ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اها ترڪيب اختيار ڪئي تہ ڪنهن خادم قلوپطرا هنڊ ۾ ويڙهي چڏيو هو ۽ هنڊ کي ڪلهي تي کڻي شاهي محل ۾ داخل ٿيو هو. جنهن مان اندازو لڳايو وڃي ٿو تہ جو وزن معمولي هو انهن تمام اشارن مان اندازو ٿئي ٿو تہ هيءَ ننڍي قد جي بدن واري، باوقار، سياهہ چشم، سياهہ گيسو، حسينا هئي ۽ اهو بہ تہ حسن بي پناهہ يا عالم فريب هو. آواز بہ دل فريب هيس. بانسري جهڙي پرسوز آواز جي هن جي سپ کان وڌيڪ ڪامياب اڪل هئي، جنهن سان هوءَ دلين

کي موهي وجهندي هئي. چون تا تہ هُنَ سان هم ڪلام ٿيندي ئي انسان سحر زده ٿي ويندو هو. ڪيٽيس بہ لکي ٿو تہ:

"هُنَ جي تقرير ايتري دلفريب هئي جو ٻڌڻ وارو بي اختيار انهي ڏانهن چڪجي ويندا هئا."

هُوءَ حاضرين کي مدهوش ڪرڻ جو فن بہ ڄاڻيندي هئي. هوءَ طبيعت ۾ جذباتي هئي ۽ غرور کان پوءِ وري نرمي بہ اختيار ڪري وٺندي هئي. هوءَ زندگيءَ مان پورو لطف وٺڻ چاهيندي هئي ۽ مسرت ۽ راحت جي شراب جو آخري قطرو تائين پيئڻ جي قائل هئي. ان جي سادي معصوم دل هڪ لمحي ۾ خوش ۽ ٻئي لمحي ۾ مخمور ٿي ويندي هئي. مسرت ۽ مصيبت سندس دل ۾ مستقل نہ رهي سگهندي هئي. هوءَ ننڍين ننڍين نازڪ هٿن سان الجهيل حالتن جي مونجهارن کي آسانيءَ سان سلجهائيندي هئي. هوءَ فطرتن حاضر جواب خوش طبع، ۽ ستن زبانن جي ڄاڻ رکندڙ هئي. هن کي ڪيترين ئي هوليون ايندين هيون. هو ڪنهن بہ ترجمان جي محتاج گهٽ ٿيندي هئي. هوءَ عرب، يهودي، شامي، ايراني، افريڪي ۽ ترڪ ماڻهن سان پاڻ ڳالهائيندي هئي. يعني ڪيئي زبانن جي ماهر هئي. هوءَ پنهنجي خاندان جي عزت ۽ آزادي جي لاءِ جان توڙ ڪوشش ڪندي هئي. هر شخص کان شاهاڻن آدابن جي پوري پابندي جو مطالبو ڪندي هئي. دلير بہ هئي هوءَ حد درجہ جي هئي تہ وري بلند نظر ۽ فضول خرچ بہ هئي. هوءَ چئن ڀارن سان بي حد محبت ڪرڻ واري ماءُ هئي. مذهبي اعتبار سان هُوءَ، دادِي راسخ العقيده هئي. قلوپطره جي اخلاق ۽ عادتن جو مطالعو ڪرڻ وقت اسان کي ياد رکڻ گهرجي تہ هوءَ سر زمين مصر جي دختر نہ هئي. قلوپطره جا ابا ڏاڏا سڪندر سان گڏ مصر مان آيا هئا. ان جو اباڻو وطن ميسيڊونيہ (Macedonian) هو. سڪندر مصر فتح ڪري، حڪومت هڪ جرنيل (Ptolemy) ٽولمي بطليموس جي حوالي ڪئي هئي، پوءِ پاڻ برصغير ڏانهن هليو ويو هو. قلوپطره انهيءَ خاندان جي هڪ انمول مڪڙي هئي. ان بحيره روم جي انمول موتيءَ جو خطاب حاصل ڪيو هو. سندس رڳن ۾ خالص مقدوني (ميسيڊونيہ) خون موجزن هو. انهيءَ خاندان مصر تي 323 ق م کان 31 ق.م تائين حڪومت ڪئي هئي.

مصري بادشاهت ۾ هڪ پراڻي رسم هئي تہ پيءُ جي مرڻ کان پوءِ سڀ کان وڏي ڌيءُ تخت تاج جي وارث ٿيندي هئي. پٽ ان حق کان محروم هوندو هو. جيڪڏهن ڪو پٽ موجود هوندو هو تہ اهو ان وقت حڪومت ۾ شريڪ ٿيندو هو. جڏهن هو حڪمران شهرزادي سان شادي ڪري ۽ انهيءَ جي نالي تي ڪاروبار حڪومت سنڀالي. سلطنت مصر ۾ پيڙ پائر جي شادي ڪو خراب

ڪم نہ سمجھيو ويندو هو. قلوپطره جي پيدائش جي وقت سنڊس پيءُ، جيڪو مصر جو شاهہ اليطس بطاليموس چيو تہ: "هيءُ هارڙي آسمان تي چمڪندڙ ماهہ ڪامل کان بہ گهٽو حسين آهي. ان جي لاءِ مون سوچيو آهي تہ هن هارڙيءَ جو نالو قلوپطره رکان، قديم مصري زبان ۾ ان جو مطلب آهي.

"چوڏهين جي چنڊ کان وڌيڪ حسين چهرو"

ڀ پوءِ هن هارڙيءَ جي تعليم ۽ تربيت بلڪ حسن ۽ رعنائي جي حفاظت جي ذميداري طوطيا ڪاهنا تي وڌي وئي. ڪاهنا جادو ٽوٽي ۽ سفلي علم، (اهو جادو جنهن ۾ بد روحن کان مدد ورتي وڃي) ان کان علاوه جڙي ٻوٽين ۽ نباتات جي علم ۾ بہ ماهر هئي. حسن ۽ شادابي جي حفاظت ۽ ديرتائين قائم رکڻ وارن ٽوٽڪن جي سلسلي ۾ طوطيا ڪاهنا کي ڪا وڏي مهارت حاصل هئي. ان کي علم ۽ اهليت جي ڪري بي حد عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. ڪوبہ ماڻهو عظيم ڪاهنا طوطيا جي فيصلي کان سرتابي ۽ انحراف جي باري ۾ سوچي بہ نہ سگهندو هو. اليطس بطاليموس ان خاندان جو 13 تيرهون حڪمران هو ۽ ان وقت اهي هن خاندان چوڏهين حڪمران جي پيدائش تي بي حد خوش هئا. ڪيتري نہ عجيب ڳالهہ آهي تہ هُوءَ چوڏهين جي چنڊ کان بہ سهڻي ۽ چوڏهين حڪمران هئي.

قلوپطره جڏهن ٽن سالن جي ٿي هئي تہ سنڊس ماءُ ملڪ ٽروسيا هڪ پٽ کي جنم ڏنو. جنهن جو نالو فيطس بطليموس رکيو ويو ۽ پوءِ ان جي ٻيڪ ٽن سالن کان پوءِ هُنَ هڪ ننڍي شهزادي آرمينور کي جنم ڏنو. جنهن کان پوءِ ماءُ جي طبيعت خراب رهڻ لڳي ۽ آخرڪار فوت ٿي وئي. زال جي موت جو اثر بطليموس تي تمام گهٽو پيو. هو بہ بيمار رهڻ لڳو ۽ ڪجهہ سالن کان پوءِ جهان فاني مان ڪوچ ڪري ويو. وصيعت جي مطابق قلوپطره جي تاج پوشيءَ جي رسم ادا ڪئي وئي ۽ قلوپطره خاندان بطليموس جي چوڏهين حڪمران جي حيثيت سان تخت مصر تي براجمان ٿي. فيطلس بطليموس جي چهري تي بيزاري ۽ ناگواري جا تاثرات هئا. ان سان گڏ هُنَ جي شاديءَ جون تياريون بہ ٿي رهيون هيون ۽ شادي بہ مڪمل ٿي وئي ۽ حڪومت هنهي جي حصي ۾ آئي. حڪومت سان گڏوگڏ قلوپطره جي حسن جي شمع روشن ٿيندي ٿي اردگرد پروانا جمع ٿيڻ لڳا. قلوپطره جو لازوال حسن محدود رهڻ جي حق ۾ نہ هو. اقتدار ۾ شريف ياءُ مڙس هن کي خوشيون ۽ سکون نہ ڏئي سگهيو. جنهن جي ڪري هنهي ۾ چڪتاڻ رهندي هئي. قلوپطره کي خوف بہ محسوس ٿيندو هو تہ ان جو پاءُ هن کي قتل نہ ڪرائي ڇڏي. اهڙي طرح ناچاڪيون وڌنديون رهيون ۽ آخرڪار شهزادي بغاوت ڪري ڇڏي. هن کي انهيءَ سان ڪابہ دلچسپي نہ

هئي ته پيڙ قتل ڪئي ٿي وڃي يا فرار ٿي وڃي ٿي هن دربار ۾ محل تي قبضو ڪرڻ چاهيو. باهر وراندي ۾ ماڻهن جي قدمن جا آواز اچڻ لڳا. قلوپطره گهبرائجي انهيءَ وقت ڪاري چادر ۾ پاڻ کي چگيءَ طرح لڪائي، ملڪ شام ڏي محو سفر ٿي وئي. ان دوران رومين حڪمران جولیس سيزر جي قيادت هيٺ مصر تي حملو ڪري چڙهيو (چيو وڃي ٿو ته جيولس سيزر دنيا جو پهريون ٻار هو جنهن کي ڊاڪٽرن آپريشن ڪري ڪڍيو هو. ۽ ظاهر آهي ته آپريشن لاءِ سيزر (ڪينچي) جو استعمال ضروري هو ان ڪري هن جو نالو به اهو ئي رکيو ويو). مصر تي قابض ٿيڻ کان پوءِ قلوپطره جيڪا ڪمبل ۾ ويڙهجي انهيءَ وٽ اچي وئي. جنهن جو ذڪر مان پهريائين ۾ ڪري چڪي آهيان. سيزر هن کي پيءُ جي وصيعت جي مطابق تخت تي ويهاري چڙهيو ۽ پاڻ جنگ ڪندي قتل ٿي ويو. ڪجهه عرصي کانپوءِ سلطنت روم ۽ سلطنت مصر يڪجا ٿي ويون، سيزر ان جي حسن جو خود فائدو وٺندو رهيو. ان راند ۾ قلوپطره کي سيزر جي پٽ جي ماءُ ٿيڻو پيو. اهڙي طرح هُو قلوپطره کي روم ۾ وٺي ويو. ڪجهه عرصي کان پوءِ سيزر ۾ قتل ڪيو ويو پوءِ هيو جنرل انطوني ۾ قلوپطره جي حسن جو شڪار ٿيو ۽ اها حقيقت هئي ته قلوپطره جو رشتو سيزر سان ضرورت وارو هو. هرمقس سان مجبوري وارو هو ۽ انطوني سان دل جو رشتو هوس. پر قلوپطره انطوني سان شادي ڪرڻ لاءِ شرط رکيو جيڪو اهو هئو ته هو آڪٽوين جي پيڻ ايروڪ کي طلاق ڏئي جنهن تي آڪٽوين انطوني کي صاف چئي چڏيو ته جيڪڏهن هُن قلوپطره سان شادي ڪئي ته پوءِ هو پنهنجي ۽ انطوني جي علاقن جو الحاق ختم ڪري چڏيندو ۽ پنهنجي پيڻ کي ۾ طلاق ڏياري وٺي ويندو. پر ان وقت انطوني ايران تي حملي ڪرڻ جي تيارين ۾ مصروف هو ان ڪري آڪٽوين جي ناراضگي کي منهن ڏيڻ جي حيثيت ۾ نه هو. قلوپطره کيس اها لشڪر ڪشي کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پر انطوني چيو ته مان ۾ سيزر وانگر فتوحات جا جهنڊا کوڙڻ چاهيان ٿو. ايران جي فتح منهنجو پراڻو خواب آهي. جنهن کي مون کي پورو ڪرڻو آهي. انطوني ايران روانو ٿي ويو ۽ هوءَ اسڪندره هلي وئي. پر ايران تي لشڪر ڪشي انطوني جي لاءِ تباهه ڪن ثابت ٿي. قلوپطره هر طرح سان انطونيءَ جو ساٿ ڏنو. ٻئي طرف آڪٽوين روم تي قبضو ڪري ورتو ۽ انطوني جي واپسي تي هن جي راهه روڪي چڏي. پوءِ انطوني اسڪندريه جي طرف وڌيو ۽ آڪٽوين هن جي پويان هو. انطوني هڪ بحري جهاز تي سوار ٿي قلوپطره جي بحري ٻيڑي تائين وڃي پهتو. آڪٽوين قلوپطره جي ٻيڑي تي حملو ڪيو. انطوني ۽ قلوپطره جا بحري جهاز گڏوگڏ هلي رهيا هئا. اهي آڪٽوين جي جهازن سان مقابلو ڪندي گهٽو اندر پهچي ويا

هئا. ان وقت قلوپطره کي اوچتو احساس ٿيو ته سندس پيڙو ڪافي پويان رهجي ويو آهي هُن کي ڊپ لڳو ته ڪٿي کيس گرفتار نه ڪيو وڃي. ان ڊپ جي ڪري انطونيءَ سان رابطو ڪرڻ کان سواءِ واپس ٿي وئي اهو ڏسي انطوني حيرت زده ٿي ويو. ان کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ان جهاز ۾ سندس زال ايورس به موجود هئي، ان انطونيءَ کي چيو:

"ته ڏٺو تو پنهنجي معشوقہ ۽ زال جي فرق کي؟ طنز تي انطوني کي غصو اچي ويو ۽ ان چيو ته جيستائين پنهنجي تلوار قلوپطره جي سيني ۾ نه لاهيندس، چين سان نه ويهندس. اهو چئي هو پنهنجو جهاز وٺي اسڪندريہ طرف روانو ٿي ويو.

قلوپطره خوف جي ڪري نڪري ته آئي پر جلدي ئي هن کي پنهنجي غلطي جو احساس ٿي ويو. انطوني به شاهي محل ۾ پهچي ويو قلوپطره گهبرائجي وئي ڇو ته اها انطوني جي غصي ۽ جوش ۽ انتقام کان واقف هئي. هُنَ پنهنجي خادمہ شارميان کي انطوني ڏي موڪليو ۽ چيو ته هن کي وڃي ٻڌاءِ ته مان مري چڪي آهيان ۽ ها ان کي اهو ضرور ٻڌائجان ته مرڻ وقت هُن جي لبن تي تنهنجو ئي نالو هو ۽ هوءَ چوندي وڃي پئي ته انطوني مون کان عظيم غلطي ٿي وئي آهي. هُن پاڻ کي نانگ کان ڏنگرائي ڇڏيو. انطوني جي دل تي ان ڪهاڻيءَ جو ايترو اثر ٿيو جو هُن قلوپطره جو نالو ولي، خود پنهنجي تلوار پنهنجي ٿي پيٽ ۾ گهيڙي ڇڏي. انطوني جي موت قلوپطره کي ديوانو ڪري ڇڏيو هن جائي ٻہ نانگ جي ذريعي پاڻ کي ڏنگائي خودڪشي ڪري ڇڏي.

ائين پيار ۽ محبت جي هن ديوي جي پيار جي هڪ لازوال داستان جنم ورتو. جڏهن اسان مصر وياسين ته اسان جي دل ٻہ اسان کي مجبور ڪيو ته جنهن سمنڊ کي قلوپطره روز ڏسندي هئي ۽ انهيءَ جي ذريعي سيزر ۽ انطونيءَ سان ملي ۽ جنگين ۾ گڏ رهي تنهن کي اسان ٻہ ڏسون. اسان کي مشورو ڏنو ويو ته اسڪندريہ جي سياحت هڪ ڏينهن ۾ ٿي سگهي ٿي، پر جيڪڏهن توهان هڪ رات اتي رهندئو ته سمنڊ جا شيدائي سياح ڪافي تعداد ۾ هتي ايندا آهن، انهن جو ميلو ۽ رات جي روشنين جو مزو ٻہ ڏسي سگهندئو پر اسان جي پروگرام اهو ٿي هو ته هتي صبح جو وڃي رات جو واپس موٽي اچون ڇو ته اسان وٽ وقت گهٽ هو.

سلطان اشرف قطبي قلعو

ڊرائيور انگريزي ڳالهائي رهيو هو. ان پڇيو ته توهان پهريائين ڪٿي وڃڻ پسند ڪندئو؟ رفيع چيوته پهريائين اسان تاريخي مقامات ڏسڻ چاهيون ٿا. انهيءَ جي ڪري هو سڀ کان پهريائين اسان کي سلطان اشرف قطبي جي

قلعي تي وڏي ويو ۽ اسان کي اُتي لاڻائين. جتي ان جي ڪناري تي ڪافي فاصلي تائين ننڍا ننڍا دڪان ۽ مانڊڻيون هيون. جن ۾ مصر جي ثقافت ۽ تاريخ جي مطابق ڊيڪوريشن پيس، رومال، چوڑيون ۽ زيور وغيره رکيل هئا. اسان جيئن ئي لٿاسين تہ دڪاندارن جي ماڻهن اسان کي گهيري ورتو ۽ پويان پڄي ويا تہ اسان انهن جي دڪان تان ڪجهہ نہ ڪجهہ خريد ڪيون. انهن کي ٿڌل ٿڌل انگريزي ۾ اچي پئي. پيٽ پالڻ جي لاءِ اهي سڀ انسان جون مجبوريون ٻڌجي وڃن ٿيون. پر ڪجهہ مجبوريون اسان لاءِ بهتر ثابت ٿين ٿيون. اُهي پنهنجي مقصد لاءِ هڪ بين الاقوامي هولي ڳالهائڻ جي ڪوشش تہ ڪن پيا. خير اسان انهن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ قلعوگهمڻ کان پوءِ هتي ايندا سين ۽ پوءِ خريداري ڪندا سين. بازار ۾ اهڙي ئي هئي، جهڙي طرح اسان جي بزرگن جي مزارن تي هوندي آهي. جهڙي لال قلندر جي ٻاهران بازار هوندي آهي ۽ لاهور ۾ صوفين جي مزارن وٽ هوندي آهي. انهن کان جان چڏرائي اسان قلعي ڏي روانا ٿياسين، پهريائين مين گيٽ جي اندر داخل ٿياسين تہ سامهون هڪ وڏو ميدان هو، جنهن ۾ لان ۽ مختلف قسم جا گل لڳل هئا ۽ ڪجهہ ڊگها وڻ ۽ ٻڌ هئا. هيءَ پيلي رنگ جو محل هو. هيءَ قلعو اسڪندريہ جي ساحل جي هڪ ڪنڊ تي هو. جنهن جو هڪ حصو خشڪي تي باقي ٿئي حصا سمنڊ جي پاڻي منجهہ هئا. هيءَ قلعو 15 صدي ۾ 1477ع ۾ سلطان ال- اشرف سيف- الدين قطبي Al-Ashraf Sayt-Al Din Qutiby پونچ سمنڊ وٽ حفاظت جي لاءِ ٺاهيو هو. ان جي اندر هڪ مسجد بہ ٺهرائي هئائين. قطبي آرٽ ۽ فن تعمير جو شوقين هو. 1805ع ۾ محمد علي پاشا ان جي ٻيو دفعو مرمت ڪرائي، ان کان پوءِ 1984ع ۾ وري ان کي صحيح ڪيو ويو. 5 صدي ۾ هن قلعي کي اهم دفاعي محافظن مان هڪ سمجهيو ويندو هو. قلعي ۾ گهٽو ڪري مملوڪ Mameluke دور، عثماني دور ۽ جديد دور ۾ ڪم جاري رکيو ويو. پر 1882ع ۾ اسڪندريہ شهر تي برطانيہ، گولابار ي ڪئي پوءِ 20 صدي تائين ان کي نظر انداز ڪيو ويو. بعد ۾ مصر سپريم ڪونسل آف آرٽ جي ذريعي بحال ڪيو ويو.

عثمانين جڏهن مصر فتح ڪيو تہ انهن بہ هن منفرد قلعي جي حفاظت ڪئي هُو انهيءَ کي پنهنجي پناهہ گاهہ ۽ فوجي ڳڙهہ طور تي ڪم آڻيندا رهيا. ڊرائيور ٻڌايو تہ هتي شام جي وقت ڏاڍي رونق ٿيندي آهي. پر ان وقت بہ رونق جي ڪمي نہ هئي. دنيا جي ڪيترن ملڪن مان سياح آيل هئا جنهن ۾ هر گروپ سان گڏ ٽوئر گائيڊ بہ موجود هو. اتي هيٺ قلعو گهمڻ کان پوءِ ڇت جو نظارو ڪرڻ لاءِ ڏاڪڻ چڙهي مٿي پهتاسين تہ اسڪول جي ٻارن جو گروپ مليو، جنهن ۾ چوڪرا ۽ چوڪريون ٻئي شامل هئا. هڪ مرد ۽ هڪ عورت

استاد بہ انھن سان گڏ ھئا. بي فکر شاگرد تمام گھٹا خوش ۽ پرجوش نظر اچي رھيا ھئا. انھن کي ڏسي ٿوري دير لاءِ اسان پر بہ موج مستي آئي ۽ اسان پنھنجو وقت ياد ڪري پاڻ کي بہ انھن جو ھم عمر سمجھي رھيا ھئاسين. اسان بہ انھن سان رلي ملي ويٺاسين. اسان کان انھن پڇيو تہ ڪٽان آيا آھيو؟ تہ اسان جواب ڏنو تہ پاڪستان مان. جڏھن پاڪستان جو نالو ورتوسين تہ انھن برادر برادر جو نعرو بلند ڪيو ۽ پوءِ ملڻ لڳا. پوءِ انھن چيو تہ اسان سان گڏ فوٽو ڪيرائيندو؟ اسان حامي ڀري، پوءِ تہ انھن ھارڙن جي خوشي جي انتها نہ رھي جيڪي ٿورو پري بيٺل ھئا. اھي ڊوڙندا آيا ۽ موبائيل ڪيبون ۽ فوٽا ڪيرايا. انھن جي استادن سان بہ ڳالھ ٻولھ ٿي، پوءِ مٽان سمنڊ جو نظارو ڪيوسين. ھر جڳھ تي فيري ۽ ننڍيون ٻيڙيون ڏسڻ ۾ اچي رھيون ھيون جيڪي رنگ بہ رنگي ھيون. پري کان احساس ٿي رھيو ھو تہ جڻ تہ ڪو بسنت جو موسم ھجي. رنگ بہ رنگي گل سمنڊ ۾ جھومي رھيا آھن. نرم ۽ لطيف ھلکي خنکي ھوا سمنڊ جي سطح کي پيار سان چمي رھي ھئي، ھوا جي ڪري سمنڊ ۾ لھرون بہ تيز ھيون ۽ تيزي سان قلعي سان ٽڪرائي رھيون ھيون ۽ ايتريون بلند ھيون جو اسان جيڪي قلعي جي چت تي بيٺا ھئاسين پوءِ بہ اسان تائين پھچي ڪپڙا آلا ڪري پيون چڏن. ھارن ڏنو تہ اھي بہ اتي اچي ٻيھي رھيا تہ جيئن اسان بہ پاڻيءَ جو مزو وٺون. اسان اتان ھٽي ويٺاسين تہ جيئن ھار بہ مزو ماڻي سگھن ۽ ھار ڪافي دير تائين بيٺا رھيا پر ايڏي وڏي چولي نہ آئي جيڪا انھن سان ٽڪرائي. ھار اسان جي طرف ڏسي ڏک جو اظھار ڪري رھيا ھئا. اسان انھن کي چيو تہ اسان مھمان آھيون انھيءَ جي ڪري سمنڊ اسان جو خوشي سان آدر ياءِ ڪيو آھي. توھان فکر نہ ڪيو توھان تہ ايندا رھندئو پوءِ ڪڈھن مزو وٺجو. ان وقت سج جي ڪرڻن جي ڪري سمنڊ بہ پنھنجي پوري شباب تي ھو ۽ ڪنھن وقت ھوا ھلکي ٽٽي پٽي وٽي تہ تري جي واري، جبل ۽ جاندار شيون يعني مڇيءَ جا ڪيترا ئي قسم ۽ جبلن تي عجيب رنگ جي گاھ ۽ ٻيا ٻوٽا نظر اچي رھيا ھئا. سمنڊ جا تري وارا نرم ٻوٽا پاڻيءَ جي موج ۽ وھکري سان گڏ ھيڏي ھوڏي وھندا صاف نظر اچي رھيا ھئا. ڊرائيور ٻڌايو تہ ھتي ڪنھن زماني ۾ ڊولفن مڇيون لڳاتار غوطہ لڳائيندیون ھيون ۽ ٻاھر نڪرڻ مھل نظر ايندیون ھيون. پر ھن وقت ٻاھر رڳو ڪاربون نيريون، پيليون، ڳاڙھيون ٻيڙيون لباس پاتل تري رھيون ھيون جڻ تہ جل پريون ھجن ۽ اتي ھڪ گائيڊ پنھنجي گروپ کي ٻڌائي رھيو ھو تہ جمال ناصر شاھ فاروق کي ھن ڪناري تي بيٺل ھڪ ٻيڙي (yacht) (وڏي ٻيڙي انجن سان ھلڻ واري سير ۽ تفريح جي لاءِ موزون) تي ويھاري اٽليءَ موڪلي چڏيو ھو. جتي ھن معزولي جي زندگي گذاري. اتي

اها ڳالهه ٻه مشهور هئي هن قلعي جي پٽ، جنهن سان پاڻي ٽڪرائي رهيو هو .
ان پاڻيءَ ۾ تقريباً 20 فٽن جي گهرائي ۾ ملڪ حسن قلوپطره ۽ انطوني دفن آهن. ان زماني ۾ هيءَ جڳهه خشڪ هئي پر جيئن ته سمنڊ پنهنجو رخ تبديل ڪندو رهندو آهي، تنهنڪري بعد ۾ ان هن جڳهه کي پنهنجي آغوش ۾ ولي ڇڏيو. هيءَ قلوپطره جي پسنديده جڳهه هئي. هوءَ هتي ويهي بحيره روم جو نظارو ڪندي هئي. منهنجي دماغ ۾، انهيءَ وقت اها ڳالهه آئي ته وقت سان گڏ حالات ٻه تيزيءَ سان بدلجي ويڃن ٿا. ڪڏهن قلوپطره جي قدمن هيٺان ڪيترا محلات، حڪومت ۽ ان جو عوام هو. اڄ اها پاڻ ماڻهن جي قدمن هيٺان آهي ۽ جنهن جي قبر جو نشان ٻه موجود ناهي. ۽ قلوپطره جو نالو ايجان تائين ٻه دنيا ۾ ڳايو وڃي ٿو، ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان، جيئن هاڻي راڻي قلوپطره جي استعمال هيٺ رهندڙ 2 هزار سال قديم پرفيوم (پرفريوم) ٻيهر تيار ڪيو ويو آهي. جديد ماهرن پرفيومز جا نالا دريافت ڪرڻ ڪانپوءِ عطريات جي ماهرن جي مدد سان ٻيهر پرفيوم تيار ڪري ورتيون آهن. ڏار ڏار خوشبوءِ رکندڙ پرفيومز کي نيشنل جيوگرافڪ ميوزيم ۾ نمائش لاءِ رکيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته 51 قبل مسيح کان 30 قبل مسيح تائين، قديم مصر تي حڪمراني ڪندڙ مشهور راڻي قلوپطره سان حسن، عاشقي، بي وفائي ۽ بي حيائيءَ کان سواءِ نفاست ۽ نزاڪت جون ڪهاڻيون ٻه واڳيل آهن هن مان خبر پوي ٿي ته قلوپطره کي پرفيوم سان ٻه غير معمولي چاهه هو. هُوءَ ڪجهه مخصوص خوشبوءِ کي وڌيڪ پسند ڪندي هئي. هاڻي يونيورسٽي آف هوائي جي آثار قديمه جي ماهرن اڄ کان ٻه هزار سال اڳ ملڪ قلوپطره جي استعمال هيٺ رهندڙ پرفيوم جا فارمولا دريافت ڪرڻ کان پوءِ انهن کي عطريات جي ماهرن جي مدد سان ٻيهر تيار ٻه ڪري ورتو آهي. انهن پرفيوم کي امريڪا جي نيشنل جيوگرافڪ ميوزيم ۾ "ڪوئينز آف ايجپٽ" (مصر جون راڻيون)، جي عنوان سان جاري نمائش ۾ رکيو ويو هو. جيڪا واشنگ ڊي سي ۾ 15 سيپٽمبر 2019ع تائين جاري رهي. مصر ۽ يونان جي قديم خطن ۾ راڻي قلوپطره جي استعمال هيٺ ٻه خوشبوئن (هينڊيشيئن ۽ هيٽوپيئن)، ۽ انهن اهم شين جو ذڪر خاص طور تي ۽ ڪيترا ڀيرا ملي ٿو. قدرتي شين ۽ خوشبودار تيل کانسواءِ انهن ٻنهي خوشبوئن ۾ "مر" چورائيندڙ هڪ جزو ٻه شامل آهي. جنهن کي آفريڪا ۽ ايشيا ۾ ڦٽندڙ ڪجهه گلن مان حاصل ڪيو ويندو آهي. هينڊيشيئن خوشبو هلڪي ۽ خوشگوار احساس ڏيندڙ آهي. جڏهن ته هيٽوپيئن وڌي حد تائين مشڪ عنبر سان هڪجهڙائي رکي ٿي، پر وڌيڪ تيز خوشبوءِ رکي ٿي. واضح رهي ته مصر سميت دنيا جي اڪثر قديم تهذيبن ۾ عطر جو مقصد رڳو خوشبوءِ

وکيرڻ نہ هو پر خوشبوئن کي زندگي، موت ۽ مرڻ کانپوءِ شروع ٿيندڙ حياتي تائين جي تشريح ۾ استعمال ڪيو ويندو هو ۽ ٻئي پاسي خوشبوئن جي استعمال کي شان ۽ شوڪت جي اظهار جو هڪ ذريعو به تصور ڪيو ويندو هو.

فاروز جو روشني مينار/ اسڪندريہ لائٽ هائوس

قلعي مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ ڊرائيور کي چيوسين تہ هاڻي اسان کي اسڪندريہ جو لائٽ هائوس ڏسڻو آهي، پر هُنَ جواب ڏنو تہ هاڻي اهو تباهہ ٿي چڪو آهي. پري کان گاڏيءَ ۾ ويٺي هن اشارو ڪيو تہ هن جڳهہ تي هو. هيءَ قلعو انهيءَ جي ويجهو هو ۽ جيڪڏهن پري بہ هو تہ ايترو فاصلو نہ هو ۽ اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ لائيٽ هائوس جا پٿر ڪٿي هن قلعي ۾ استعمال بہ ڪيا ويا هئا. ۽ اهو عجائبات عالم ۾ شمار ٿيندڙ دنيا جو ستون عجوبو اسڪندريہ لائٽ هائوس هو. دنيا جو هيءَ عجوبو اهرام مصر کان پوءِ بلند ترين عمارت قرار ڏنو ويو هو. هيءَ عجوبو سمنڊ جي ڪناري تي اچڻ وارن جهازن جي رهنمائي جي لاءِ ٺاهيو هو.

هيءَ روشني جو مينار هو. هيءَ مينار چيو وڃي ٿو تہ عظيم اسڪندريہ جي سر جو تاج هو. قديم دنيا جو هيءَ واحد عجوبو آهي، جيڪو پنهنجي تعميراتي دبدبي سان گڏ ڪيتري عرصي تائين انساني استعمال ۾ بہ رهيو. هيءَ فاروز جي جزيري تي تعمير ڪيو ويو. جيڪو هاڻي سڪندريہ ۾ شامل آهي. لائيٽ هائوس پنهنجي وقت جي عظيم بندر گاهہ تي تعمير ڪيو ويو هو. ان جي تعمير جو واحد محرڪ اهو هو تہ گهري سمنڊ کان بندرگاهہ تائين ملاحن ۽ جهازن جي حفاظت سان واپسي ٿئي. پٽولمي جيڪو سڪندر اعظم جو جانشين هو. ان هن جي تعمير جو آغاز ڪيو هو. اسڪندريہ جي لائيٽ هائوس ۾ سياستدانن جي لاءِ جيڪا شئي دلچسپي جو سبب بڻيل هئي. اهو ان ۾ لڳل طلسماتي آئينو هو. جنهن جو عڪس سمنڊ جي ڪناري کان 50 ڪلو ميٽر (35 ميل) جي فاصلي تائين ڏسي سگهجي ٿيو.

سڪندر اعظم تمام گهڻو ذهين هو. هو هر هنڌ کي شهر يا ڪا ٻي عمارت ٺهرائيندو هو تہ پهريائين انهيءَ تي غور ڪندو هو. پوءِ ٺهرائڻ جي تياري ڪندو هو. اسڪندريہ آباد ڪرڻ لاءِ هن تمام گهڻو سوچيو هو تہ شهر نيل جي ڊيلٽا تي آباد ڪرڻ جي بجاءِ مغرب جي پاسي 20 ميلن جي فاصلي تي آباد ڪيو وڃي. ان جڳهہ تي نئون شهر آباد ڪرڻ جي صورت ۾ درياهہ کان اچڻ واري ريت ۽ مٽي سان شهر جو رستو بند نہ ٿيندو.

اسڪندريہ سڪندراعظم جي زماني ۾ مڪمل نہ ٿيو هو. ان کي پٽولمي۽

مڪمل ڪيو هو. شهر اسڪندريه ۾ جزيري فاروز جي وچ ۾ سوگز ڊگهو هڪ متيءَ جو ڊير هو. جنهن بندرگاهه کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو هو. متي جي ڊير جي وچ ۾ هڪ سنگ بست يعني آبي گذرگاهه تان جنهن جي ڪري ٻئي حصا پاڻ ۾ ملي ويا هئا. ان متيءَ جي بندرگاهه کان مغرب جي پاسي بندرگاهه جي مغربي حصي کي "فرورگاهه فيروزي" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. مشرقي حصي جو منارو روشني جي هيڻان راس لوچياس سان ڳنڍيل هو. وڏي بندرگاهه چورائيندو هو. هيءَ بندرگاهه خطرناڪ سمجهيو ويندو هو. ڇو ته هتي پاڻيءَ جو سنهو رستو جيڪو خشڪيءَ جي ٻن وڏن حصن کي جدا ڪري پيو ۾ پاڻيءَ جي ٻن حصن کي گڏي پيو سو تنگ هو ۾ ان ۾ هر هنڌ جبل هئا. جنهن سان بحيره روم جون غضبناڪ لهرون، تيز هوائن سان زور پريل مسلسل ٽڪرائيندڙيون هيون. پوءِ جيڪو جهاز ان طرف داخل ٿيڻ چاهيندو هو تہ اهو روشني مينار جي پرسان گذري جنهن جي هيڻان جبلن سان لهرون ٽڪرائي اڇي رنگ گجي اڏائيندي رهندي هئي. ۾ بند کي ساڄي هٿ تي رکي پوءِ وڃي بندرگاهه ۾ لنگر انداز ٿيندو هو.

لائيٽ هائوس کي تعمير ڪرائڻ جو مقصد هيءَ هو تہ جهازن کي حادثن کان بچايو وڃي. ان منصوبي تي ڪر جو آغاز 290 ق م شروع ٿيو. پر هيءَ منصوبو پٽولمي جي زندگي ۾ مڪمل نہ ٿيو. ان کي ناهڻ ۾ 20 سال لڳي ويا ۾ ان جي تڪميل 270 ق م پٽولمي فلاڊيفنس جي دور حڪومت ۾ ٿيو.

مورخين تحريرن ۾ ٽاور ۾ نصب طلسماتي آئينن جي باري ۾ معلومات فراهم ڪئي آهي، جن جو چوڻ آهي تہ ڪيترن ئي ڪلوميٽرن تائين شعاعن جو اولڙو پوندو هو.

ان لائيٽ هائوس جو ڊزائينر سوسٽريٽس هو. جيڪو نيدوس جو رهائشي هو. ان جي خواهش هئي تہ ان تي سندس نالو بطور معمار ڪنده ڪيو وڃي، جنهن کي بادشاهه رد ڪري ڇڏيو. هو هڪ هوشيار ماڻهو هو ۾ هن نهايت ئي هوشياري سان چبوتري تي چيٽي جي مدد سان تحرير ڪنده ڪئي.

"نجات دهنده ديوتائن جي حضور، تمام جهاز رانن جي طرف کان سوسٽريٽس ويد ڪسي فين ويئل نيدوس" ۾ پوءِ بعد ۾ هُنَ پلاسٽر سان ان تحرير کي لکائي ڇڏيو ۾ ان پلاسٽر تي بادشاهه پٽولمي ٻئي جونالو ڪنده ڪيو. ڪجهه سالن کان پوءِ پلاسٽر لهي ويو ۾ ان جو نالو سامهون اڇي ويو. لائيٽ هائوس جي بلندي 384 فٽ هئي. هيءَ لائيٽ هائوس جهازن سان گڏ سياحن جي دلچسپي جو مقام به ٻڌجي ويو.

هڪ عرب سياح ابوالحاج الاندلسي معلومات ڏني تہ لائيٽ هائوس

تعميراتي اعتبار کان ٽن حصن تي مشتمل هو. لائيٽ هائوس جي اندران منّي وغيره کٽي وڃڻ جي لاءِ هڪ رستو به ٺهيل هو. ڏينهن جي وقت سج جون شعاعون اولڙو ڪري جهاز رانن جي رهنمائي ڪندو هو. جڏهن ته رات جي وقت باهه ٻاري ويندي هئي. جيئن اڪثر مينارن ۾ گنجائش رکي ويندي هئي ۽ ماڻهن جي لاءِ سمنڊ جو نظارو ڪرڻ لاءِ جڳهه به ٺاهي وئي هئي. لائيٽ هائوس جزيره فاروز ۾ اچڻ وارن زلزلن جي ڪري تباهه ٿي ويو هو. پر 1500 ورهن تائين اسڪندريه جي ڪنارن تي اچڻ وارن جي رهنمائي ڪندو هو. چون ٿا ته 1349ع ۾ جڏهن ابن بطوطه اسڪندريه ويو ته ان وقت ان به ملبي جو ڍير ئي ڏسي سگهيو هو.

اڄ ڪالهه اسڪندريه کان قاهره ۽ ڊڪڙ مصر تائين ريل جو ڄار وڇايل آهي، پر ان جي باوجود به اڄا تائين گهٽو ڪري شهر وارا احرام مصر جي زيارت کان محروم آهن. پراڻي دور وانگر اڄ به هتي يوناني رومي ۽ يهودي آبادي رهندي آهي پر اهي به اڄا تائين اندروني مصر وڃڻ کان گهبرائيندا آهن. جيتوڻيڪ هي، ملڪ آفيسرن ۽ سياحن جي لاءِ جنت نگاهه آهي. مصر جي اها دلڪشي، جيڪا سياحن ۽ مصرين کي جان کان پياري آهي پر اها اسڪندريه جي ماڻهن کي مائل نه ڪري سگهي آهي. ملڪ فرعون جا دلڪش نظارا انهن جي پنهنجي طرف مائل ڪرڻ ۾ ناڪام رهندا آهن. شايد ان جي لاءِ انهن فرعون کان اقتدار ڦريو ۽ اهي انهن جا دشمن هئا. يا هو وادي نيل جا پٽ ناهن، پر بحيره روم جا فرزند آهن. وادي نيل جي شهرن يا دارالحڪومت قاهرن سان انهن جي ڪابه نسبت ناهي. قدرتي نظاره، ميوه، گل، وڻ غرض هر شيءِ ۾ اسڪندريه جنوبي مصر کان مختلف آهي، وادي نيل جي باغات جو حسن غير فطري معلوم ٿئي ٿو. هتي خودرو گل بلڪل ناهن، سبزا زار تمام گهٽ آهن. گل ٻاهران گهرائي لڳايا ويندا آهن هتي گرميءَ جي ڪري اس گاهه کي ساڙي چڏيندي آهي. پر اسڪندريه 12 مهينا گل گلزار رهندو آهي. بهار ۾ مضافات يونان جي گلن سان ڀرجي ويندا آهن، ولايت جا گل قدم قدم تي نظر ايندا آهن.

اسڪندريه لائبريري

جڏهن اسان قلعه ڏسڻ کان پوءِ گاڏيءَ ۾ سوار ٿي باقي جڳهن کي ڏسڻ لاءِ نڪتاسين ته ڊرائيور پنهنجي گاڏي سمنڊ جي ڪناري واري روڊ تي هلائڻ شروع ڪئي. قلعي کان وٺي بادشاهه فاروق جي محل تائين باقاعدي ڪناري جي روڊ تي Cornich ٺهل نظر آيو، جتي ڪيترائي سياح چهل قدمي ڪندي نظر آيا ۽ ان جي ڪارنيش سان گڏ به روڊ به هلي رهيا هئا. هڪ اچڻ لاءِ ته ٻيو

وڃڻ لاءِ ڪافي ويڪرا روڊ هٿا. جنهن تي اسان جي گاڏي هلي رهي هئي. ڪجھ فاصلي ڪان پوءِ ڊرائيور گاڏي کي اندر شهر جي روڊ ڏي موڙيو هُو ان وقت اسان کي اتان جي مشهور لائبريريءَ ڏيکارڻ چاهي پيو. سمنڊ جي ڪناري ڪان ٿورو اندر ڊرائيور هليو تہ لائبريري جي مين گيٽ تي پهچي ويو. اتان اندر ويٺاسين. گيٽ تي باقاعده اسڪرين گيٽ لڳل هٿا ۽ تمام گهٽي ذمہ داري سان تلاش وٺڻ ڪان پوءِ اندر داخل ٿيڻ ڏين پيا.

اهڙي طرح هن قومي ڪتب خاني يا لائبريري ۾ داخل ٿي ويٺاسين. اصل ۾ قومي لائبريري ان کي چيو ويندو آهي جنهن کي حڪومت پنهنجي ملڪ جي جملہ معلومات محفوظ رکڻ جي لاءِ قائم ڪندي آهي انهن. ڪتب خانن ۾ ملڪ بابت سموري علمي، فڪري، تاريخي، جاگرافيائي ۽ سياسي معلومات پهچائي ويندي آهي ۽ ان کي محفوظ رکڻ جو اهتمام ڪيو ويندو آهي. عموماً اها معلومات Legal Deposit قانون جي ذريعي حاصل ڪئي ويندي آهي. ان قانون هيٺ مصنف ۽ ناشر نون ڪتابن جو هڪ يا گهٽا نسخہ قومي ڪتب ۾ جمع ڪرڻ جا پابند هوندا آهن.

قومي ڪتب خانا عوامي ڪتب خانن جي پيٽ ۾ تمام گهٽ ڪتاب ڪٽي وڃڻ جي اجازت ڏيندا آهن. انهن قومي ڪتب خانن ۾ تازو شايع ٿيندڙ ڪتابن ۽ رسالن سان گڏوگڏ، تمام گهٽا قيمتي ڪتاب ۽ ڪيئي نادر مخطوطن سميت اهم تصنيفون بہ موجود هوندیون آهن. عام طور تي انهن ڪتب خانن ۾ ڪتابن جو گهٽو تعداد موجود هوندو آهي انهيءَ جي ڪري اهي ڪتابن جا وڏا ۽ اهم مرڪز سمجهيا ويندا آهن. جيئن تہ هيءَ ڪتب خانا ڪنهن بہ ملڪ جي تهذيبي ثقافتي، علمي، ادب ۽ تاريخي معلومات ميراث جا مرڪز هوندا آهن. ان لاءِ حڪومتون ان جي قيام ۽ بقا کي قومي فرض سمجهنديون آهن. ڪٿي حڪومتون جن جي اقتصادي حالتون ڪنهن قومي ڪتب خانن قائم ڪرڻ جي لائق نہ هونديون آهن اُتي ملڪ ۾ موجود ڪنهن وڏي ڪتب خاني کي قومي ڪتب خاني جون ذمہ داريون حوالي ڪري ڇڏينديون آهن. قومي لائبريري جون ڪيئي ذميداريون هونديون آهن مثلاً ملڪ جي اندر ۽ باهر شايع ٿيڻ واريون مطبوعات کي جمع ۽ محفوظ رکڻ، ۽ ڪتب خاني جي خدمتن تي مشتمل رهنما ڪتابچہ تيار ڪرڻ، پنهنجي ملڪ جي متعلق دنيا جي مختلف زبانن ۾ شايع ٿيڻ وارين سموري مواد کي جمع ڪري ان جي تنظيم ۽ حفاظت ڪرڻ قديم ساڻئي دور جي مخطوطن ۽ دستاويزن جي حفاظت ڪرڻ.

ڪابہ قومي لائبريري پنهنجي ملڪ جو خزانو ٿيندي آهي جتي متعلقہ

ملڪ جي جملہ معلومات گڏ ڪئي ويندي آهي. انهيءَ طرز جا ڪتب خانہ عوامي ڪتب خانن کان مختلف هوندا آهن. هتان ڪتاب ۽ ٻيون شيون مستعار حاصل نہ ڪري سگهبيون آهن. انهن ڪتب خانن ۾ انتهائي نادر ۽ نايابَ ڪتاب ۽ تصنيفات بہ موجود هونديون آهن. ان جي ڪري پوري دنيا جا قومي ڪتب خانہ تمام گهڻي اهميت وارا سمجهيا ويندا آهن. حڪومتون انهن کي قائم ڪرڻ ۾ انهن کي باقي رکڻ جي لاءِ تمام گهڻيون حساس هونديون آهن.

ڪتب خانہ اسڪندريہ جو بنياد بطليموسي فرمانروا سوتر اول اسڪندريہ جي شهر ۾ رکي پر ان جي پٽ فيلاڈ لفس Philadelphus جي علم پروري ۽ ڪتابن سان دلچسپي ڪتب خاني اسڪندريہ کي جلد ئي ان قابل بڻايو جو ايٿنز جي علمي ۽ ثقافتي مرڪزيت اتي گڏ ٿي وئي. اصحاب علم و فضل پري پري کان ان علمي مرڪز ڏانهن ٽولن جي صورت ۾ ڇڪجي، اينداهٺا.

ڪتب خانہ اسڪندريہ جو قيام بہ نينوا Nainawa (تاريخ بابل ۽ نينوا) جي ڪتب خاني وانگر شاهي سرپرستي ۾ عمل ۾ آيو. جيتوڻيڪ ٻنهي ڪتب خانن جي قيام جو درمياني وقفو چار صدين تي محيط آهي، پر انهن ٻنهي ڪتب خانن ۾ ڪجهہ مامرن ۾ ڪافي حد تائين هڪجهڙائي هوندي آهي. انهيءَ جي باوجود مطالعاتي مواد ۾ اختلاف (نينوا جوڪتب خانو جو ڪتب خانہ اشور بني پال جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو ان ۾ الواح سفالي يعني مٽي جي تختن تي لکيو ويندو هو. ۽ اسڪندريہ جي ڪتب خاني ۾ قرطاس مصرپيپر) جي ماهرن مطابق انهن ٻنهي کي اندروني تنظيم، مواد جي درجہ بندي ۽ ڪتابن جي طريقہ ڪار جي پيداوار جي طريقہ ڪار ۾ ڪافي حد تائين مطابقت موجود آهي. هيءَ ڪتب خانو هڪ ڪثير مقصد لاءِ عجائب گهر ۾ قائم ڪيو ويو هو. جيڪو رصدگاهہ، اداره علم الابدان، اداره نشر ۽ اشاعت ۽ ڪتب خانہ جي عمارت تي مشتمل هو. مورخن جي نظر ۾ ان علمي اداري کي دنيا جي سڀ کان پهرين جامعہ يا سائنسي اڪيڊمي هئڻ جو اعزاز حاصل آهي.

ڪتب خانہ اسڪندريہ ۾ ڪتابن جو ذخيرو گهڻو ڪري پيپرس ۽ جهلي جي رولن يا بنڊلن تي مشتمل هو. جيئن تہ مصري ماڻهو پهريان ئي پيپرس (قرطاس مصرپيپر) کي بطور تحريري مواد دريافت ڪري چڪا هٺا. جن جي دريافت حضرت مسيح عليہ السلام کان تقريباً چار هزار برس پهريائين عام ٿي چڪي هئي. ان تي لکيل نوشتا رول يا بنڊل جي شڪل ۾ هوندا هٺا ۽ ٻنهي ڪنارن تي ہ گول ڪاٺيءَ جا ٽڪڑا لڳايا ويندا هٺا، جن تي انهن کي ويڙهيو ويندو هو.

يوناني دور جي ڪتب خانن جو هڪ اهم پهلو هيءَ بہ رهيو آهي تہ ان

جي ذخيره علمي ۽ غير ملڪي ڪتاب به موجود هيا. جنهن ۾ زرتشت (پارسي مذهب جو باني) جون تحريرون ۽ ڪجهه سنسڪرت جي ڪتابن جي موجودگي جو به پتو پوي ٿو. ڪتب خانن ۾ ڪتابن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ ڪيئي اقدام کيا ويا هئا. يوناني جالينوس لکي ٿو ته:

"بادشاهه بطليموس سوم جي حڪم مطابق جيئن ئي ڪو جهاز بندرگاهه ۾ داخل ٿيندو هو ته سياحن ۽ مسافرن جي تلاشي ورتي ويندي هئي، جيڪڏهن انهن وٽ ڪتابن جو ڪو ذخيرو هوندو هو. ته سرڪاري حڪم مطابق اهو ضبط ڪري ڪتب خاني جي زينت بڻايو ويندو هو ۽ ڪتاب جا نقل تيار ڪرائي مالڪن کي متبادل ۾ فراهم ڪيو ويندو هئو."

ان کان علاوه ايٿنز ۾ قحط سالي جي دوران يونان کي اناج ان شرط تي موڪليو ويندو هو ته اتان ايسڪيو سوفاڪليز ۽ يوري پائيڊز جا ڪتاب سڪندريه جي ڪتب خاني کي من گهري قيمت تي فروخت ڪندا هئا. پر ان ۾ سيني کان گهٽو اضافو ان وقت ٿيو جڏهن بطليموس سوم 286 ق م ۾ ارسطو ۽ ٿيوفريسٽس جي ڪتب خاني جو وڏو حصو حاصل ڪري، ان ۾ ملائي ڇڏيو ويو.

ڪتب خاني ۾ ڪتابن جي تعداد ۾ جيتوٽيڪ اختلاف آهي تڏهن به مورخ ان ڳالهه تي متفق آهن ته ان زماني ۾ هن عظيم ڪتب خاني کان وڌيڪ ڪوئي ٻيو علمي سرمايو موجود نه هو. ڪجهه مورخن ڪتب خاني ۾ مسودن جو تعداد 2 لک ۽ ڪجهه 5 لک تائين بيان ڪيو آهي جڏهن ته ڪن جي خيال ۾ تعداد ست لک هو. ڪيلي ماڪس جي بيان جي مطابق ان ڪتب خاني جا ٻه حصا هئا. باهرين حصي ۾ 42 هزار ۽ اندروني حصي ۾ 4 لک 90 هزار ڪتاب هيا جيڪي مصري، عبراني، لاطيني ۽ ٻين زبانن ۾ لکيا ويا هيا. 50 ق م ۾ هن عظيم ڪتب خاني ۾ ست لک ڪتاب موجود هيا ان ڪتب خاني جا اڌ ڪتاب 47 ق. م ۾ جوليس سيزر جي لشکر باهه ڏئي خاڪسر ڪري ڇڏيا هيا.

هن عظيم ڪتب خاني جي ترتيت ۽ تنظيم جي باري ۾ خيال آهي ته ان کي ڪيئي شعبن ۾ تقسيم ڪيو ويو هو. جن ۾ دارالاثار (عجائب گهر) دارالترجمو، شعبه نشر اشاعت ۽ دارالمطالعه قابل ذڪر آهن. ڪيلي ماڪس جي ذمي، جيڪو هن ڪتب خاني جي سربراهه جو ساڃو هٿ هو، ڪتابن جي مضمون وار تقسيم ۽ ڪيٽلاگ سازي جو ڪم هو. ڪتابن جو اندراج ڪرڻ وقت عنوان، مصنف جو علمي منصب، علمي استعداد ۽ مصنف جي ٻين تصنيفن جي باري ۾ ضروري معلومات وغيره تائين شامل ڪئي ويندي هئي. ڪيلي ماڪس کي قومي ڪتاب مرتب ڪرڻ جي پوري ذمه داري سونپي وئي.

اصل ۾ اسڪندريه جي لائبريري جي تاريخ بنيادي طور تي عظيم

اسڪندر سان گڏ جڙيل آهي. چو ته هيءَ مشهور فاتح ۽ سائنس سان تعلق رکندو هو ۽ انهيءَ ئي هي علائقو لائبريري جي لاءِ منتخب ڪيو هو. ۽ سندس ڪوششن سان لائبريري جي لاءِ سرمايو جمع ڪيو ويو. پر جڏهن سڪندراعظم جي وفات ٿي ته Ptolemy I Soter پٽوليمي اول سوٽر مصر جو حڪمران بڻيو. ان ۾ همیشہ مفيد اور بيشمار معلومات کي ذخيره ڪرڻ جي لاءِ حوصلہ افزائي ڪئي. هڪ ارسطو جي مصروف طالب علم جنهن جونالو Demetrius of Patron هو، ان کي پنهنجو مشير مقرر ڪيو ۽ ان جي ذمي هيءَ ڪم سونپيو ويو ته هو عظيم لائبريري جي بهتر طريقي سان تعمير ۽ تربيت ڪري. هُنَ اهڙي طرح ان ميزباني جو ڪم سرانجام ڏنو ۽ ڪتابن جو هڪ وڏو مجموعو جمع ڪيو. اهڙي طرح بطليموس حڪمرانن جي خاندان لائبريري کي عروج تي پهچائڻ جي لاءِ سخت محنت ڪئي ۽ ڪتاب پوري دنيا مان خاص طور تي ايٿنس Athens ۽ فڊس Phodes کان گهٽا خريد ڪيا ويا. جتي عاليشان يوناني مارڪيٽ مان موٽي جلد وارا ڪتاب گهرايا ويا. جنهن ۾ Euripides & Sophocles جون لکتون ۽ شامل هيون.

لائبريري کي غير معمولي ناهيو ويو. ان ۾ ادب ۽ گهٽين ئي مختلف زبانن، ماڻهن ۽ خطن جو ادب موجود هو. يوناني، مصري، عبراني ۽ تاريخ، شعر، مزاحيہ، سوانحي، سائنس، رياضي، طب، ادب، راند ۽ حسب معمول جو خير مقدم ڪيو ويو. عظيم شيون وڌنديون ۽ آهن ۽ عظيم شيون ڪِري پونديون آهن Great things must rise and great things must fall ان جي ڪري چيو ويندو آهي ته: "حد ڪماليت آغاز زواليت"

اهڙي طرح اسڪندريہ جي لائبريري جو ۽ آخرڪار زوال اچي ويو. ڪيئن؟ اهو ۽ هڪ گرم موضوع آهي ته اصل ۾ هن عظيم لائبريري سان ڇا ٿيو؟ ۽ انجي تباهي جو ذميدار ڪير آهي؟ هيءَ رڪارڊ ناقص آهي ۽ تمام گهٽيون متضاد روايتون آهن. ڪن جو خيال آهي ته هيءَ سڀ ڪجهہ جوليس سيزر Jules Caesar جي ڪري ٿيو جيڪو 48 ق.م ڪليوپطره ۽ پوٽلمي Ptolemy جي وچ ۾ سول جنگ وڙهي رهيو هو ۽ ان وقت باهہ لڳي وئي. جنهن لائبريري کي تباهہ ڪري ڇڏيو. هڪ ٻيو واقعو جنهن ۾ اسڪندريہ جي لائبريري جي تباهي جي متعلق ٻڌايو وڃي ٿو ته 391 ۾ هيءَ واقعو ٿيو. جڏهن شهنشاهہ ٿيوڊوسيوس Theodosius غير قانوني طور تي اعلان ڪيو ته ان کي تباهہ ڪرڻ جي ضرورت آهي، اسڪندريہ جي Patriarch Theophilus خود ان حڪم تي عمل ڪندي مندر کي باهہ ڏئي ڇڏي، جتي مسيح جي عبادت نہ ٿيندي هئي. بشمول Serapeum ۽ ان مندر کي جتي هيءَ لائبريري هئي، اهڙي طرح هيءَ لائبريري ۽

باهه جي ليپٽ ۾ اچي وئي.

AD 642 جو ذڪر آهي ته جڏهن Amribnal-As اسڪندريه تي قبضو ڪيو. جيتوڻيڪ ان سال يا سالن کان ان جو رڪارڊ نه آهي، ان کان پوءِ اسڪندريه لائبريري جو ذڪر ڪيو ويو هو. تقريباً 13 صدي جي ڪهاڻين مان ڪهڙي طرح عمرو بن العاص عظيم لائبريري ناهي. ڪوبه نٽو ڇاڻي ته اهو ڪتان آيو ۽ ڇو؟ پر اهي صليبي جنگين جا ڏينهن هئا ۽ ڪجهه منفي پروپيگينڊه ڪئيوئي. جڏهن مسلمانن مصر تي قبضو ڪيو ته اسلام دشمني ۾ ڏکڻ جي دنيا اهو مشهور ڪري ڇڏيو ته اسڪندريه جي لائبريري کي مسلمانن تباهه ڪيو هو. جڏهن ته سچ اهو آهي ته مسلمانن جي آمد کان چار سو سال پهريائين عيسائين پنهنجن پراڻن عقيدن کي منظر عام تان هٽائڻ جي خاطر لائبريري کي باهه ڏئي هزارن ڪتابن کي خاڪ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. اسلام دشمن هميشه مسلمانن کي صفحه هستي تان مٽائڻ لاءِ مصروف آهن ۽ مختلف وقتن ۾ مسلمانن تي ڪيئي الزام لڳائي چڪا آهن. پر افسوس ان ڳالهه جو آهي ته آهي ته اسان جا پويان آهن پر ان کان علاوه مسلمانن جي ايمان جي قوت جو هي، حال آهي ته مسلمان مسلمان جو دشمن آهي. سال جي دوران زياده کان زياده رڪاوٽن ۾ ظاهر ٿئي ٿو ته اسڪندريه مان ڪتابن جو ڪيترو زبردست مجموعو ورتو ويو آهي. يا پوري مصر ۾ فروخت ۽ تجارت ڪئي وڃي ٿي. پر اهو هڏائڻ ناممڪن آهي ته هي، ضخيم ڪتاب اسڪندريه جي لائبريري مان مليا آهن.

جن ڳالهين مان هي، اصول ثابت ٿئي ٿو ته لائبريري هڪ واحد واقعي يا هڪ ئي ڏينهن تباهه نه ٿي هئي. هي، پڪي ڳالهه آهي ته مصر جي خوش قسمتين سان گڏ اسڪندريه جي لائبريري مرڪزن ۾ پنهنجو رستو ناهيو ۽ هين عظيم هالن ۾ آباد ٿيا اسان صرف اها اميد ڪري سگهون ٿا ته ائين ئي هو.

قديم لائبريري وري بحال ڪرڻ جي تجويز 1972ع ۾ اليڪشن الاسلامي اسڪندريه يونيورسٽي جي پروفيسر پيش ڪئي. مصري حڪومت ان کي اسپانسر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ يونيسڪو جي ذريعي بين الاقوامي اشاعت ۽ حمايت حاصل ڪئي. پراڻي لائبريري کي بحال ڪرڻ جو خيال 1974ع تائين جڏهن اڪيڊمشيا يونيورسٽي پاران قائم ڪيل هڪ ڪميٽي هن نئين لائبريري کي ڪيمپس ۽ سمندري دور جي درميان منتخب ڪيو. جتي قديم لائبريري کي هڪ دفعو وري قيمتي قديم لائبريري ناهڻ ۾ صرف ماڻهن ۽ ايجنسين دلچسپي نه ورتي پر ان ۾ مصري سياستدانن مان منصوبي جو هڪ اهم حامي، سابق مصري صدر حسني مبارڪ هو. هڪ آرڪيٽيڪچرل ڊزائن

مقابلو منعقد ڪيو ويو هو. جنهن ۾ يونيسڪو 1988ع ۾ ان سائٽ ۽ ان جي ورثي جي قابل ڏزائين کي منتخب ڪيو. ان مقابلي ۾ ناروي جي آرڪيٽيڪچرل آف آفس سنوهتا Snohetta 1400 کان وڌيڪ ملڪ ڏزائينن ۾ مقابلو ڪيو. 1990ع ۾ اسوان ۾ منعقد هڪ ڪانفرنس ۾ پهريون وعدو ڪيو ويو. اهڙي طرح تعميراتي ڪم 1995ع ۾ شروع ٿيو ۽ 220 ڪروڙ آمريڪي ڊالر خرچ ڪرڻ کان پوءِ لائبريري جو افتتاح 16 آڪٽوبر 2002ع ڪيو ويو.

Bibliotheca Alexandrina مثالي زبان آهي، جيڪا ڪلاسيڪل عربي، انگريزي ۽ فرانسسي زبان ۾ ڪتابن تي مشتمل آهي. 2010 ۾ نيشنل لائبريري فرانس لائبريري کان 500,000 ڪتابن کي بطور عطيہ جي حاصل ڪيو.

ان جو ڏزائين اهڙو ٺاهيو ويو آهي جڏ تہ سج سمنڊ ۾ ٽٻي رهيو آهي. بحيرہ روم جي عين ڪناري تي واقع ان عمارت جي بيروني ساخت ڏي ڪافي دلچسپ آهي جڏ تہ هڪ تمام وڏي گول ٽالهي پاڻيءَ ۾ ٽيڏي رکيل آهي.

تعميراتي نقطہ نگاهہ کان اسڪندريہ جي 11 (يارهين) ماڙ نئين لائبريري سياحن کي پنهنجي طرف متوجہ ڪرڻ واري عمارت آهي. عمارت جي ڇت تي شيشي جي وڏين چادرين جو ڪم ڪيل آهي، جيڪو هڪ وڏي گنبد وانگر نظر اچي ٿو. جنهن کان قطر 160 ميٽر آهي. اهو گنبد لائبريري جي مکيہ حال مٿان 32 ميٽر جي اوچائيءَ تي واقع آهي. پتيون سرمئي رنگ جي اسوان گرينائيٽ سان تعمير ڪيون ويون آهن، جن تي 120 قسمن جي سنگ تراشي ڪيل آهي. مطلب اهو تہ اسڪندريہ جي لائبريري کي لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي.

لائبريري ۾ اٽ لک ڪتابن جي لاءِ شيلف ٺاهيا ويا آهن. اهم پڙهائي وارن ڪمرن سان گڏ، جنهن حصي کي 220,000,squar foot ترتيب سان گڏ شيشي جي پليٽن سان ڪور ڪري رکيو ويو آهي، اتي هڪ ڪانفرنس سينٽر بہ آهي. لائبريري جي خصوصيتن ۾ هيءَ ڳالهہ بہ شامل آهي تہ هتي نقشو، Multimedia ۽ انڊن جي پڙهڻ جو انتظام بہ ڪيو ويو آهي. نوجوانن ۽ ٻارن جي لاءِ خاص جڳهہ جي گنجائش آهي. چار ميوزيم، چار آرٽ گيلريون عارضي نمائش جي لاءِ ۽ هڪ سياره گاهہ Planetarium جو ڪمرو ۽ مخطوطن جي بحاليءَ جي لاءِ بہ لائبريري موجود آهي. خاص پڙهائي وارو ڪمرو 32 ميٽر شيشي جي گلاس جي هيڪان آهي، جيڪو سمنڊ جي ڏي جهڪيل آهي جتان اس اچي ٿي.

هن لائبريري ۾ ٻيون بہ بي نظير شيون بہ آهن جيئن اصلي هٿ جا لکيل ڪتاب، چپيل شروعاتي ڪتاب، نقشا، قديم سڪا وغيرہ.

عام طور تي ڪنهن سياح جي لاءِ لائبريري ڪا خاص دلچسپي نٿي

رکي. جڏهن ڊرائيور مين گيٽ تي گاڏي روڪي تہ اسان کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي ۽ سلو بہ نہ لڳو پر جڏهن اندر داخل ٿياسين تہ پوءِ احساس ٿيو تہ لائبريري ڏسڻ کان سواءِ اسڪندريہ جي سياحت نامڪمل هجي ها. ۽ هيءَ تہ مصر جي فخر جو هڪ وڏو ذريعو آهي. وڏي ڳالهہ اها آهي تہ بين الڦوامي طور تي تعليمي اٽارٿي جي طور تي بہ تسليم ڪئي وئي آهي ۽ هن ڳالهہ انهيءَ تي بہ ڪو تعجب نہ هئڻ گهرجي تہ لائبريري ۾ بہ "گهرڻ تي پرنٽ ڪتاب" جون سهوليتون بہ فراهم ڪيون ويون آهن.

اسڪندريہ لائبريري جي مرڪزي داخلي کي عمارت جي پليان رکيو ويو آهي. اندر داخل ٿيندي ئي اسان هال جي طرف وڌي وياسين ۽ مرڪزي هال ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ پهرين ئي نظر اسان کي حيران ڪري ڇڏيو. ڪتابن جي نفاست، ترتيب سان گڏ ايتري خاموشي هئي جو پنهنجي قدمن جو آواز بہ گناهہ لڳي رهيو هو. وسيع پڪڙيل ڪنڊائتي ڇت جي ڊزائين سان گڏ سج جي روشني تہ پوري اندر اچي پئي پر ڪرٽا براهہ راست اندر نہ پهچي رهيا هئا، ان ۾ فائدو اهو ٿي رهيو هو تہ ڪتابن کي نقصان پهچڻ جو ڪوبہ خدشو نہ هو.

هال کان ٻاهر نڪتاسين تہ گڏ ئي عجائب گهر هو. جنهن ۾ سڄي دنيا مان جمع ڪيل تمام پراڻا نسخا، سمنڊ جي تحقيق جي دوران جمع ڪيل قيمتي نواردات رکيل هئا. ڪانفرنس هال ۽ ٿيٽر ۾ اڪثر ثقافتي ۽ تعليمي پروگرام منعقد ٿيندا رهندا آهن، جنهن کي ڏسي سياح ڏاڍا خوش پيا ٿين ۽ جڏ تہ اسان جي مزي جي انتها نہ رهي.

هتي ڊرائيور اسان کي گهمڻ جي لاءِ هن ڪلاڪن جو وقت ڏنو هو، پر اتان نڪرڻ تي اسان ٻئي خوش نہ هئاسين، ايان بہ وڏيڪ رڪجڻ ۽ ڏسڻ چاهيون پيا. پر اسان وٽ وقت بہ گهٽ هو نيٺ اهڙي طرح ان طلسماتي ماحول جو اثر ولي آهستي آهستي ٻاهر نڪري آياسين. پر خبر ناهي تہ اها کهڙي مقناطيسي طاقت هئي جيڪا اسان کي چڪي رهي هئي ۽ واپس وڃڻ تي دل چئي رهي هئي ۽ مان توهان کي بہ مشورو ضرور ڏيندس تہ جڏهن بہ توهان سياحت جي لاءِ اسڪندريہ وجو تہ لائبريري کي ڏسڻ نہ وسارجو، اتي ضرور وڃجو. ان کي ڏسڻ کان بغير ڪڏهن بہ واپس نہ اچجو. پوءِ اسان گاڏيءَ تي سوار ٿياسين ۽ پوءِ انهيءَ روڊ تي واپس اچي وياسين جتان لائبريري جي لاءِ اندر ويا هئاسين. ٻاهران کان لائبريري جي بلڊنگ ايان بہ وڏيڪ خوبصورت نظر اچي رهي هئي. بحيرہ روم جي بلڪل ڪناري تي واقع هن عمارت جي ٻاهرين بناوٽ بہ ڪافي حسين هئي. جيئن وڏي گول پليٽ پاٽي ۾ ٽيڊي رکيل هوندي آهي ۽ ان پاٽيءَ ۾ اسڪندريہ جي لائبريري جي بلڊنگ ائين جڳمگ ڪري رهي هئي

جيئن تارا چمڪندا هجن، ائين نظر اچي رهي هئي ۽ ان شفاف پاڻيءَ ۾ ان جو دل فريب عڪس ڏاڍو حسين منظر پيش ڪري رهيو هو. پر افسوس اهو منظر اسان جي اکين جي سامهون جلدي غائب ٿي ويو چو ته اسان گاڏيءَ ۾ سوار هئاسين ۽ گاڏي پنهنجي اڳئين منزل ڏي هلندي رهي. سمنڊ جي ڪناري اسڪولن ۽ ڪالیجن جا ٻار هوا خوري ڪندي نظر اچي رهيا هئا. شايد پڙهڻ کان پوءِ پنهنجي ڏهن تازو ڪرڻ جي لاءِ، پر وڏي عمر جي ماڻهن جي گهٽتائي ۽ نه هئي. ان جو ڪارڻ سمندر ۽ هو پر اتان کان پورو اسڪندريه جو منظر ۽ نظر اچي رهيو هو.

قديم اسڪندريه

اسان ۽ هن شهر جي تعريف ٻڌي هئي. جڏهن اسان ان سمنڊ سان گڏ واري روڊ تي سفر ڪري رهيا هئاسين تہ ۽ پاڻ کي توقعات کان بهتر منظر نظر آيا.

قديم اسڪندريه جو ذڪر ڪندي سٽرابو لکي ٿو تہ:

"اسڪندريه جا باغات، سبزه زار حد درجہ نظر پر فريب هيا، هر ڊنگ جون شاندار عمارتون ڪثرت سان هيون، سڄي شهر ۾ چوپڙ جا رستا هئا. ايترا ويڪرا هئا جو هن جانورن واريون ڪيئي گاڏيون آسانيءَ سان گذري سگهن پيون. ٽي وڏا رستا جيڪي باب قنو فص، سيرا پيم مندر ۽ ڊنڊ واري بندرگاهہ ڏي وڃن پيا اهي ويڪرا کان علاوه ٻيگهہ جي ڪري ۽ مشهور هئا. انهن رستن جي ٻيگهہ ضرب المثل هئي. بطليموسي بادشاهن ڏن صدين تائين هن شهر جي آرائش ۽ زيبائش تي دولت کي پاڻيءَ وانگر وهايو هو ۽ اها حقيقت هئي تہ پوري دنيا جي زمين تي جيڪڏهن ان حسين شهر جو جواب هو تہ اهو روم هو.

ايچي لس ٽاشيس جيڪو مشهور رومي ناول نگار هو، تنهن ڪيترين صدين کان پوءِ هن شهر کي ڏٺو. ان وقت تائين بطليموس بادشاهن جون اڪثر عمارتون خاڪ ۾ ملي چڪيون هيون. ان جي جڳهہ رومي عمارتن وٺي چڏي هئي. جيڪي ايترين دلڪش نہ هيون، پر وري ۽ جڏهن هو شهر ۾ داخل ٿيو تہ بي اختيار سندس وات مان دانهن نڪري وئي.

"خدا جو قسم، منهنجي دل چورائجي وئي."

اسان هر طرح کان پروسو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون تہ هن جا لفظ مبالغي کان خالي هئا. شهر جون سرڪاري عمارتون ۽ شاندار محلات هڪ طرف، صاف موسم چمڪندڙ اس ۾ ۽ ٻئي طرف سمنڊ جو نيرو شفاف پاڻي ان جو دلفريب حسين منظر پيش ڪري رهيو هو. تڏهن تہ سياح جي نگاهہ واڙي ۽ دل محصور ٿي وڃي ٿي.

پر اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته هن بهشت منظر شهر جا رهڻ وارا ان جي شايان شان نه هئا. مختلف قومن جي مليل جليل کچڑي جيڪا اڄ نظر اچي پئي، سا هزار سال اڳ ٻه. جيڪا تاريخ ۾ پڙهي وئي هئي اها ئي هئي. پر اڄ ڪالهه فرق نرالو آهي ته اسڪندريه جا مقامي ماڻهو يورپ جي ماڻهن کان الڳ سڃاتا وڃن ٿا، هيءَ مسلمان آهن ۽ ٻين قومن يعني عيسائين سان شادي نٿا ڪن. بطليموس دور ۾ سيٽي قومون پاڻ ۾ شادي ڪنديون هيون پر، يهودي پنهنجي نسل کي جيئن ته خالص رکڻ چاهن پيا ۽ مذهبي فرق سمجهن پيا، اهي ٻين ۾ شاديون نه ڪندا هئا. ان زماني ۾ ميسڊونيه جا ماڻهو هتي اڪثريت ۾ رهندا هئا اهي ماڻهو مصري ماڻهن سان شادي ڪندا هئا. ڪجهه مقدوني سپاهي ۽ افسر، جيڪي سڪندر اعظم سان گڏ آيا هئا، اهي باهمي ازدواج کان محفوظ هئا. اهڙي طرح امير جو ڪافي تعداد خالص مقدوني هئا، جن کي پنهنجي نسلي برتري تي غرور ٻه هو. اهڙي طرح ڪافي خالص مصري خاندان ٻه هئا. جيڪي پنهنجي نسل کي خالص رکڻ تي نازان ٻه هئا. اڪثر پڙهيل لکيل مصري پئي زبانون يوناني ۽ مصري ڄاڻيندا هئا. عدالتي فيصلا ٻه ٻنهي زبانن ۾ ٿيندا هئا. يونانين کان علاوه بي شمار شخصيتون ٻيون ٻه هيون، جيڪي اٽلي، قبرص، آرمينيا، ايران ۽ عرب جا ماڻهو هئا. انهن غير ملڪين ۾ ڪجهه ته تاجر ۽ ڪجهه ملاح هئا، جن کي بحري قزاق چوڻ گهٽو موزون آهي. ڪجهه فرار ٿيل غلام ۽ ڏوهاري هئا. جن کي فوجي خدمت جي شرط تي اسڪندريه ۾ داخل هئڻ جي اجازت ٻه ملي هئي. حفاظتي فوج جا سپاهي، جيڪي جرمن ۽ فرانس جا سپاهي هئا، اهي ٻه اسڪندريه ۾ رهائش پذير هئا.

امير جي طبقي ۾ هر ملڪ ۽ قوم جون شخصيتون شامل هيون. جنهن ۾ رومي، يوناني، مصري، يهودي، شامي ۽ ڪي ولائتي شامل هئا. مصري ۽ يوناني پاڻ ۾ ملي جلي ويا هئا. انهن ۾ اختلاف نه هو. مذهبي لحاظ کان ٻه مصر ۽ يونان جا ديوتا تقريباً هڪ ئي هئا. تهذيب ۽ فنون ۾ ٻه اختلاف نه هو. ٻئي قومون محنتي ۽ دولت ڪمائڻ جون عاشق هيون. ۽ اها ٻه ڳالهه ٻنهي ۾ مشترڪ هئي ته جتي تفريح جو ڪو موقعو هٿ آيو اُتي ڪم ڪار ڇڏي، خوش باش ٿي، مصروف ٿي ويندا هئا. اسڪندريه جا ماڻهو تفريح جا شوقين ۽ ٿيٽر جا عاشق هئا. ڊوين ڪروسو سسٽم لکي ٿو ته:

"شهر جو هر هڪ انسان من موجي آهي ۽ خوش وقتي جو ديوانو. جنهن ڏينهن هتي مقدس نيل جو جلوس نڪرندو آهي، هر شخص گهوڙي جي ڊڪ ڊوڙ رنگ رلين ۾ محو ٿي وڃي ٿو. هيءَ ماڻهو جيستائين پنهنجي روز مره ڪاروبار ۾ لڳل هوندا آهن ڏاڍا چڱا لڳندا آهن، پر جيئن ئي ڳائڻ وڄائڻ يا

گھوڙي جي ريس جي پٽڪ انهن جي ڪن تي پئي تيئن ئي جوش ۾ ديوانہ ٿي ويندا آهن. هو پنهنجي روز بہ روز جي مشغلن ۾ فرضن کي انجام ڏيڻ وقت بلڪل سنجيده ۽ عقل مند هوندا آهن، پر ٽيٽر يا گھوڙي جي ريس جي ميدان ۾، داخل ٿيڻ سان ئي مست ۽ مدهوش ٿي ويندا آهن. انهن کي رتي پر بہ خيال نہ رهندو آهي تہ اسان چا پيا ڪيون."

قديم اسڪندريہ جا نوجوان هنگامي واقعن کي ڪلائيندڙ نظم لکڻ ۾ مشهور هوندا هئا. صديون کان پوءِ هڪ مورخ ان اُفتاد طبع جو حوالو ڏيندي ڪٿي لکيو آهي تہ، "هتان جا نوجوان پنهنجي بادشاهن جي خلاف ڪِل جوڳا ۽ دلخراش نظم لکڻ ۾ ماهر هئا."

اِهي نظم گھٽي تيزي سان اسڪندريہ کان روم پهچي ويندا هيا ۽ اتان جي گلين ۾ ڳايا ويندا هئا. تاريخ شاهد آهي تہ اسڪندريہ جا مسخرا روم ايندا هئا ۽ هتان جي ماڻهن کي ڪلائي ڪلائي بي حال ڪري ڇڏيندا هئا.

اسان اهڙين پراڻين يادن کي ياد ڪري رهيا هئاسين تہ پيٽ بہ مشڪري ڪرڻ شروع ڪري ڏني تہ هاڻي مون کي بہ ڪجهہ کائڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. ڪيستائين توهان حسين نظارن ۽ يادن ۾ گم ٿيل هوندئو؟ پوءِ مون رفيع کي چيو تہ گاڏيءَ جو رخ ريسٽورينٽ جي طرف هڻڻ گھرجي. ان پڇيو تہ توهان چا کائڻ پسند ڪندئو؟ کائڻ تہ ڪجهہ وڌيڪ کائڻ چاهيون پيا، پر وقت جي ڪمي هئي، چو تہ اسان کي ايجا ٻين جڳهين تي وڃڻو هو. سو اسان جي سامهون هڪ K.F.C نظر آيو. اسان گاڏي اتي روڪرائي. رش بہ نہ هئي چو تہ لنچ جو وقت بہ گذري چڪو هو. جلدي اسان ٽنهين لنچ ڪئي ۽ اڳتي روانا ٿي وياسين ۽ اڳئين منزل اسان جي قصر المنتزه هئي.

قصر المنتزه Mantaza Place

اهو ئي رستو جيڪو سمنڊ سان گڏ هلي رهيو هو. جنهن جي هڪ طرف Citadel of qaitbay قلعہ تعطبي هو تہ ٻئي طرف آخر ۾ قصرالمنتشره هو. اسان جي گاڏي بلڪل محل جي گيٽ جي آڏو ٻيٺي. اتي سياحن جي بس بہ بيٺل هئي. جيئن تہ وقت ڪافي گذري چڪو هو. ان ڪري ايتري رش نہ هئي جيتري هڻڻ گھرجي. اسان گاڏي تان لهي محل جي طرف هلي پياسين، پر محل جي گيٽ تي گارڊ بيٺو هو. ان اسان کي روڪيو ۽ اندر وڃڻ نہ ڏنو. اسان سبب معلوم ڪيو تہ جواب مليو تہ وقت ختم ٿي چڪو آهي، هاڻي توهان اندر نٿا وڃي سگھو. افسوس تہ گھڻو ٿيو، پر رفيع چيو تہ ڪا ڳالهہ ڪونهي، ڏس هر ڪوئي ماڻهو راکيٽ تي چڙهي چند تہ نہ ڏسي سگھندو آهي اسان بہ هيءَ محل

نہ ڏنو تہ کا ڳالھہ ناھي پر اھو ٻڌل ھو تہ توھان جڏھن محل ۾ داخل ٿيندو تہ توھان کي محسوس ٿيندو تہ شاھہ فاروق جي زندگي کيڏي نہ عيش ۽ عشرت سان گذري ھئي کيترا اھم تحفہ ان کي مختلف ملڪن مان مليا ھٿا؟ ان وقت ھي۽ محل کيئن مختلف رياستن مان اچڻ وارن مھمانن لاءِ سجايو ويندو ھو ۽ ھر وقت انھيءَ محل ۾ کيتري رونق ھوندي ھئي ۽ خزانن سان ڀريل محل ھو.

مون تازڪمپليڪس مصر جي شمال ساحل تي اسڪندريہ جي مشرقي ڪناري تي واقع آھي، ان جي سائيز تقريباً 360 ايڪڙ آھي. بيروني ملڪن ۾ ھن کي Al Mantaza خليج چيو وڃي ٿو. سئيمنگ Swimming جي لاءِ پنج ڪنارا موجود آھن. ادا (Ada)، ڪليوپطره (Cleopatra)، وينيسا (Vanessa)، سيميرا مس (Samurais) ۽ ھيلنان (Helnan). فلسطيني ھوٽل جو نجي ساحل سمندر آھي ان سمنڊ ۾ ھر قسم جون مشغوليات ٿي سگھن ٿيون. مثلاً Snorkeling, living, watersking وغيره ٿي سگھن ٿيون.

سال 1892ع ۾ عباس ھيلمي (پيو) جو مصر ۾ سودان جيڪو آخري خديو (ھي۽ حڪمران جو لقب ھو) ھو. ھو اڪثر پنھنجي دوستن سان گڏ گھوڙن يا گڏھن تي سوار ٿي سفر ڪندو ھو. ان پنھنجو سفر سعدي بشره (Sidi Bishera) کان شروع ڪيو، جتي ھاڻي اسڪندريہ آھي. ھن ميڊيٽرينين Mediterranean سمنڊ جي ڪناري سان گڏ مختلف جڳھين تي تمام گھڻا سفر ڪيا. اھڙي ريت ھڪ سياري جي رات جو ھيليمي۽ پنھنجي ماڻھن کي حڪم ڏنو تہ سواريءَ جي لاءِ 80 گڏھ تيار ڪيا وڃن ۽ ان سان گڏ خديو ميوزڪ بينڊ 48 موسيقار ۽ ان جا آلات جيڪي موسيقي جي لاءِ ضروري ھٿا، شامل ڪيا وڃن. اھي جڏھن اتان ھلندي ڪري سعدي بشره پھتا تہ اتي جڏھن بدوئن ميوزڪ جو آواز ٻڌو تہ ھو اتي پھچي ويا ۽ جڏھن انھن ماڻھن کي خبر پئي تہ ھي گڏھن تي سوار ٿي ھتي آيا آھن تہ انھن اسلام قبول ڪيو ۽ انھن تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو.

. ھيلي ھن علائقي جا مناظر وري وري ڏٺا اھا جڳھہ ان کي گھڻي پرسڪون محسوس ٿي ۽ ھُن جي ھن علائقي سان دلچسپي وڌندي وئي ۽ آخرڪار ان اُتر طرف ھڪ ننڍو جزيرو ڳولي لڌو ۽ اُتي محل ۽ ڪجھہ باغات جي تعمير جي فيصلو ڪيو، جنھن محل جو نالو ان Haramlek رکيو. اتي ريزورٽ کي وسيع ڪرڻ جي لاءِ اتان رھڻ وارن کان مزيد زمين خريد ڪئي ۽ ن محلن جي تعمير کان پوءِ مونٽار يا باغ ٺھرايو جنھن جو اھو نالو رکڻ لاءِ مصر ۾ ترڪي ديوان جي سربراھہ محمود شاڪري پاشا تجويز پيش ڪئي ھئي. ان جي حفاظت جي لاءِ ان جي مٿان توپون بہ لڳرايون. عباس ھيلمي جي موت کان بعد شاھي خاندان

مصر جي آخري بادشاهه جي دور تائين مونٽازا ڪمپليڪس جي سنڀال جاري رکي پوءِ 1952ع ۾ مصري انقلاب شروع ٿيو ۽ محل حڪومت جي ملڪيت ٿي ويو. جنهن کي عوام لاءِ ڪوليو ويو ۽ هڪ ميوزيم ۾ تبديل ڪيو ويو.

تنهن کان پوءِ اسان مونٽازا باغ گهمڻ شروع ڪيو. هيءُ اهو باغ هو جڏهن شاهه فاروق جو دور هو تہ هتي پکي کي بہ پر مارڻ جي اجازت نہ هئي. هاڻي هيءُ سيني ماڻهن جي لاءِ سيرگاهه آهي. پوءِ اسان باغ گهمڻ شروع ڪيو. باغ ڏاڍو خوبصورت هو. جيڪو 3000 ميٽر تي مشتمل هو. اتي ڪئي نايابہ ٻوٽا ۽ وڻ لڳل هئا. هيءُ صفا پراڻا ٻوٽا ۽ وڻ هئا. پر ايڪا تائين سڀني حالت ۾ نظر اچي رهيا هئا جيئن ڪٽيانيا Carlota, Zamia Huge Booter ۽ ڪئي Palms جا خاص قسم بہ شامل هئا. ۽ ان سان گڏ وڏي سائيز وارا ٻوٽا Anthodium, Gopilia, victoria, Hraliaceae & Hokiry وغيره بہ هيا. هن باغ کي ڏسي اها حقيقت بہ سامهون اچي وئي تہ قديم زماني ۾ اسڪندريہ کي باغات جو شهر چوچيو ويندو هو. باغ جو گيٽ بہ ڏاڍو شاندار ناهيل هو لڳي پيو جڻ تہ فنڪارن تمام حسين طريقي سان تعمير ڪيو هو. ڊرائيور چيو تہ جيڪڏهن توهان پيڙيءَ تي سوار ٿي باغ جو سير ڪيو تہ اهو منظر ان کان بہ گهڻو خوبصورت آهي، پر اسان وٽ تائيم نہ هو. صرف گهمي باغ جي ڦوٽوگرافي ڪئي سين ۽ گهمي بہ ورتوسين.

هيلن فلسطين هوٽل

هيءُ هوٽل شاهي محل جي اندر تعمير ڪئي وئي آهي. هيءُ 1952ع ۾ مصري انقلاب کان پوءِ حڪومت کي منتقل ڪئي وئي هئي. هيءُ هوٽل مصر جي سابق صدر جمال ناصر جي حڪم تي ناهي وئي هئي. جنهن پهرين اسلامي سربراهي اجلاس جي ميزباني ڪئي هئي، جنهن ۾ سڀ عرب صدر ۽ ان وقت جي بادشاهن شرڪت ڪئي. ان کان پوءِ هوٽل گهڻو ڪري بادشاهن، صدرن ۽ مصر جو دورو ڪرڻ وارن اهم ماڻهن جي رهائش گاهه بڻجي وئي. جڏهن اسڪندريہ جي نئين لائبريري جو افتتاح ٿيو هو، تہ ان تقريب ۾ آيل سياحن جي ميزبانيءَ بہ هن هوٽل ڪئي هئي. هتي معروف فنڪار ۽ مصنف بہ رهندا آهن. هوٽل ۾ 233 ڪمرا موجود آهن، ان جي ويجهو شاندار باغ ۽ سمنڊ موجود آهي. ان ۾ 20 سوئيٽ، بہ شاهي سوئيٽ ۽ هڪ ولا Villa آهي، جيڪو هوٽل جي ڇهين منزل جي پوري جڳهه تي ناهيو ويو آهي جيڪو وڏن خاندانن جي مناسبت سان خصوصي بورچيخاني ۽ هڪ وڏي استقباليہ هال تي مشتمل آهي. هتي ڪيئي مزيدار ريسٽورينٽ بہ آهن. ان جو Eshacozaريسٽوران براه راست سمنڊ تي واقع آهي، جيئن اسان وٽ ڪراچي ۾ ڪي ريسٽورانٽ ۽

ڪلب سمنڊ تي ٺاهيا ويا آهن. هن ريسٽورينٽ ۾ سمنڊ جا تازا ڀڃ ڪائڻ لاءِ پيش ڪيا ويندا آهن. جيڪو مشهور seafood Platter آهي. اتي اسڪندريہ ريسٽورينٽ بہ آهي. جيڪو بين الاقوامي ڀڃ تيار ڪندو آهي. هر روز اتي Buffet dinner ٿيندي آهي. ايشيائي ۽ اطالوي ريسٽورينٽ سان گڏوگڏ خصوصي ڀڃ ٿيندا آهن هڪ Zodiac ريسٽورينٽ بہ آهي جيڪو Hot & soft مشروبات ۽ ذائقيدار Desert فراهم ڪري ٿو. هيءَ اسڪندريہ جي سڀ کان شاندار هوٽل آهي ۽ عمارت بہ خوبصورت آهي.

سالمڪ هوٽل

هيءَ هوٽل اصل ۾ عباس هيلمي شڪار لائونج ۽ پنهنجي Austrian زال جي لاءِ ٺهرائي هئي. پنهنجي شاديءَ کان پوءِ ان هن جو نالو تبديل ڪري Haramlek رکي چڏيو. ترڪش زبان ۾ Haramlek جو مطلب آهي اهڙي جڳهہ جتي مڙدن جي ميٽنگ ٿئي ٿي. Haramlek ضد آهي Salamlak ، جنهن جي معنيٰ آهي جتي عورتون رهن ٿيون. هي محل شاهہ فاروق جي دور ۾ پنهنجي مخصوص دفتر ۽ ميٽنگ هال جي طور تي استعمال ڪيو ويو هو.

هيءَ محل يوناني آرڪيٽيڪ Dmitri Febersious تعمير ڪرايو. ان وقت اهو مشهور معمارن مان هو. ۽ ان جي ڊزائين يا سجاوٽ تي گهڻو خرچ ٿيو هو. جنگ عظيم ۾ هڪ فوجي اسپتال جي طور بہ استعمال ڪيو ويو هو. جتي گهڻو ڪري برطانوي فوجي ايندا هئا.

1952ع جي انقلاب کان پوءِ ان محل کي هوٽل ۾ تبديل ڪيو ويو هو. جنهن کي Sphinix Tourism Company منظم ڪيو. ان هوٽل کي Giovanni ڪمپني جي حوالي ڪيو ويو. هيءَ هوٽل بہ تمام وڏي هئي. جنهن کي سوئٽ، ڪمرا ۽ مخصوص باغات بہ آهن.

هن هوٽل ۾ سڀ کان گهڻو دلچسپ سوئٽ ڪرسٽل سوئٽ يا ملڪ رائل سوئٽ آهي. هيءَ نالو انهيءَ ڪري آهي جو تہ هتي سڀ شيون نيري شيشي ۽ ڪرسٽل مان ٺهيل آهن. هيءَ محل گوٿڪ، ڪلاسيڪل ۽ يقينن اسلامي فن تعمير جو نمونو آهي. هيءَ محل فرانسيسي آثار قديم تي مشتمل آهي. هيءَ Baroque ۽Rococo استائيل ۾ سجايو ويو آهي، جنهن ۾ هوٽن ۽ نامياتي ڊيزائين جا حيرت انگيز زيور شامل آهن.

بادشاهہ فاروق جي دور ۾ محل جي نئين سري سان مرمت ڪئي وئي هئي. ۽ هُو هڪ Crypt يعني اندر کوٽائي ڪري رستو ٺاهڻ چاهيندو هو تہ جيئن حملي جي وقت اهو رستو براهہ راست سمنڊ ڏانهن وڃي، پر ڪامياب نہ ٿي

سگهيو. بهرحال اڄ ڪالهه هيءَ پورو مونٽازا ڪمپليڪس پڪنڪ جي لاءِ به استعمال ڪيو ويندو آهي. هتي ماڻهو پورو پورو ڏينهن گذارينداآهن.

انهيءَ ڪان پوءِ شهر جي طرف واپس آياسين ۽ اتان جي مشهور اسڪائر El Gundy El Maghool Squares تي پهتاسين. اتي ٽريفڪ ڏاڍي هئي. پر ڊرائيور کي اسان چيو ته هن جي فوٽوگرافي ڪرڻي آهي. پر هن کي اسان کي اتي لاهڻ لاءِ ئي ڪافي چڪر ڪاٽڻا پيا. آخرڪار هڪ جڳهه تي لاٿئين، پر اسڪائر تائين پيدل پهچڻ ۾ به مشڪل ٿي، فوٽوگرافي به مشڪل سان ڪري سگهياسين. اتي ان جي پويان نيشنل ڪورٽ به هئي ۽ پويان سڄو مارڪيٽ هو. اسان مارڪيٽ ڏسي وري واپسي جي تياري ڪئي، پر رستي ۾ هڪ ريسٽورينٽ وٽ ترسي چانهن پيتي سين. چاڪاڻ ته اسان کي به پنهنجي ٽڪاوٽ ختم ڪرڻي هئي. ۽ ڊرائيور کي به چست ۽ تازو توانو ڪرڻو هو. ته جيئن واپسي ۾ ڊرائيونگ ڪري سگهي. چانهن پيئڻ ڪان پوءِ ڊرائيور اسان کي چيو ته اسان اڃان هڪ ڪلاڪ تائين گهمي ڦري سگهون ٿا. ايترو وقت ته ناهي جو اسان لهي ڏسي سگهون. پر گاڏيءَ ۾ ويٺي ويٺي ڪجهه شين جو مان توهان کي سير ڪرائي سگهان ٿو. اسان به حامي ڀري. سڪندريه اصل ۾ صحيح معنيٰ ۾ سياحن جي لاءِ گهمڻ جو شهر آهي. هن شهر ۾ 500 جي لڳ پڳ ته هوٽلون موجود هيون. ڊرائيور ٻڌايو ته هتي وڏي ڪان وڏي استار ڪان وٺي ننڍي ڪان ننڍي هوٽل موجود آهي ۽ هن جو چوڻ هو ته هوٽل وارا ناهڻ وقت ان ڳالهه جو ضرور خيال رکندا آهن ته هوٽل جون دريون يا گيلريون سمنڊ جي طرف ڪلن ته جيئن سياح ڪمري ۾ ويهي به حسن ۽ خوبصورتي جو نظارو ڏسي سگهن.

مختلف عمارتون

ان ڪان پوءِ ڊرائيور اتان جي مشهور مسجد "جامع ابوالعباس المرسي" جيڪا اسڪندريه جي اعليٰ مسجدن ۾ شمار ٿئي ٿي ڏي وٺي هليو. ان مسجد جو نالو پڙهي مان سوچيندي رهيس ته ڪو اصحابي هوندو، جنهن جو تعلق مڪي يا مديني سان هوندو ته انهيءَ وقت رفيع ٻڌايو ته لڳي ٿو ته هن نالي جي مطابق بزرگ جو تعلق يورپ سان آهي، ته مان حيران ٿي ويس ۽ ذهن ۾ اها ڳالهه اٽڪيل هئي ته يورپ ۾ سڀ غير مسلم هوندا آهن مسلمان صرف مسلم ملڪن ۾ هوندا آهن. اصل ۾ ائين به ناهي، ڪٿي يورپ ملڪن ۾ مسلمان نظر ايندا آهن. بلڪ اهي قول ۽ فعل مان پڪا مسلمان هوندا آهن. رفيع به اهو ئي جملو ڳالهايو ته مسلمان يورپ، آمريڪا ۽ ايشيا جي غير مسلم ملڪن ۾ نه

رهندا آهن چا؟ پر باهر رهڻ وارا مسلمان مذهب تي گهڻو عمل ڪندا آهن. پوءِ رفيع پنهنجي ڳالهه اڳتي وڌائيندي چيو ته "ابوالعباس المرسي" هيءَ المرسي جيڪو لکيل آهي اهو اسپين جي شهر Murcia جو نالو آهي. ان وقت مان به سمجهي وٺي هيس. جڏهن اسان غرناطه، قرطبه، اشبيليا، توليد ۽ ميدرڊ ويا هئاسين ته ان وقت جڏهن اسپين جي شهرن تاريخ جو مطالعو ڪيون پيا ته ان وقت هن شهر جو به ذڪر ٿيو هو. ٽائيم نه هڻڻ جي ڪري اسان صرف باهران ڏٺو. هيءَ مسجد اسڪندريه شهر جي پراڻي علاقي الانفوش alnfonshi ۾ آهي، ان کان علاوه رستي ۾ ڪيترين ئي مسجدون خوبصورت نديون وڏيون نظر آيون. مسجدن جو تعداد گهڻو هو. انهيءَ جي ڪري شايد اسڪندريه کي باغن جي شهر سان گڏ "مسجدن جو شهر" به چون پيا.

پوءِ نبي دانيال گهٽي (اسٽريٽ) جي طرف پنهنجي گاڏيءَ جو رخ ڪيائين، جتي يهودين جي عبادت گاهه Eliyahu Hanavi آهي. هيءَ اسڪندريه جي يهودي دور ۾ ڪميونٽي يا پوءِ ٻين جڳهين کان اچڻ وارن جو، اسڪندريه ۾ رهڻ وارن جو مندر هو، جن کي سناگوگ Synagogue جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. جيڪو 1354ع ۾ ٺهي مڪمل ٿيو هو. پر اتان جا ماڻهو ان عبادت گاهه کي ڪنيس النبي اليا هو" چون پيا. ڪنيس دراصل synagogue جي لاءِ عربي ۾ فارسي لفظ آهي اهو ڏسڻ کان پوءِ هڪ چرچ ڏيکاريئين، جنهن جو نالو Coptic Orthodox Church هو، ڏاڍو وڏو چرچ هو. اهو ڏسڻ جهڙو به هو پر وقت گهٽ هو. چرچ به ڪافي نظر آيا پئي. ۽ رستي ۾ هر قسم جا عبادت گاهه، مثلاً: پگوڏا، هندن جا ٺڪاڻا ۽ مندر، آتش پرستن جا مندر ڏسڻ ۾ پئي آيا. جيئن ٻين ملڪن ۾ سڀ مذهب سان تعلق رکڻ وارا عبادت گاهه موجود هوندا آهن. ڊرائيور ٻڌايو ته سکن جو گرونانڪ به آيو هو ۽ اهو هڪ صوفي مسجد ۾ رهيو هو. بهرحال نئين شهر ۽ پراڻي شهر جو نظارو ڪرائيندو وري سمنڊ ڪناري جي طرف آيو. مان سوچي رهي هئس ته سڪندر اعظم جي وقت ۾ موٽر ڪار ته ڇا پر موٽر سائيڪل يا سائيڪل به ايجاد نه ٿي هئي. ان زماني ۾ جانورن کي سفر لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو، جنهن ۾ ڪيترا ڏينهن گذرڻ کان پوءِ منزل تائين پهچندا هئا.

پر اسڪندر اعظم سمنڊ جو رستو گهڻو استعمال ڪيو هو. ايڏا به اهو چوڻ گهرجي ته ماڻهو هڪ ملڪ مان ٻئي ملڪ وڃڻ لاءِ درياهه يا سمنڊ جا رستا بهتر سمجهندا هئا، ماڻهو انهن ئي جڳهين تي ويندا هئا. جيڪي درياهه يا سمنڊ جي ڪناري تي آباد هئا. پر اڄ ڪلهه جي دور ۾ ته ماڻهو ڪارن، ريل گاڏين ۽ جيڪڏهن ڪو پئسي وارو آهي ته جهازن جو سفر گهڻو پسند ڪن ٿا.

پر هن وقت بہ دلچسپ ڳالھ اها آهي تہ يونان مصر کان سمنڊ جي رستي کان کو گھٽو پري ناهي.

سڪندراعظم جي حڪم تي تعمير ڪيل هي، شهر ڪيئي دورن مان گذريو. ڪڏهن مصر جي شهر قاهره جي بعد ٻئي نمبر تي ترقي يافتہ چورائيندو هو. هن شهر جي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ڪافي تيزي سان ترقي ڪئي ۽ ٻين ملڪن جي وڏن شهرن کي پوئتي ڇڏي آيو. اهڙيءَ طرح ان وقت اسڪندريہ کي مصر جو نہ پر يونان جو بندرگاھ سمجهيو ويندو هو.

اسڪندريہ ۾ جنگيون ۽ فسادات بہ ٿيندا رهيا. شهر ۾ رهڻ وارن عيسائين ۽ يهودين ۾ بہ جهڳڙا ٿيندا رهيا. زلزلن ۽ سونامين بہ هن شهر کي تباھ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيا.

اهڙي طرح اسڪندريہ شهر تي بہ ڪيئي دور آيا. هي، شهر مختلف سلطنت جو دارالحڪومت بہ رهيو. هڪ بازنطيني سلطنت جو حاڪم 610ع کان 641ع تائين رهيو. جنهن جو نالو المقوقس هو. جنهن کي حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن اسلام قبول ڪرڻ لاءِ خط بہ لکيا ۽ زيد بن حارث جهڙي اصحابي کي بہ موڪليو ويو ۽ المقوقس ان جي بدلي ۾ تحفا بہ موڪليا. هن شهر ۾ پهچي مون کي تاريخ بہ ياد اچي پئي ۽ دل خوشيءَ سان باغ بهار بہ ٿي رهي هئي. هن شهر جو تہ چون پيا تہ اهو حال آهي تہ جتي بہ عمارت جي بنياد رکڻ لاءِ کوٽائي ڪئي وڃي ٿي تہ احساس ٿيندو آهي تہ زمين جي هيٺان ڪنهن دور جا آثار نہ نڪري پون. ڪيتريون تهذيبون هتي آيون ۽ ختم ٿي ويون. سمنڊ جي ڪناري هلندي عمارتن جو عڪس بہ سمنڊ ۾ نظر پئي آيو ۽ چو تہ اونڌائي بہ ٿيڻ شروع ٿي هئي تہ لائيٽ بہ برڻ شروع ٿيون هيون تہ ان وقت بحيره روم ۾ پورو شهر چمڪندي نظر اچي رهيو هو. پوءِ واپسيءَ جو سفر ٿيو. اهڙي طرح اڌائي ڏن ڪلاڪن ۾ قاهره جي هوٽل ۾ پهچي ويا سين. الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيو رستو بہ شاندار هو. ڪوبہ ڪڏو نہ مليو ۽ نہ ڪو اسپيڊ بريڪر. نهايت تيزيءَ سان گاڏي روان دوان هئي. پر اها سوچ ضرور آئي تہ رستي ناهڻ وارو ٽيڪيدار ايماندار آهي، پاڪستان وانگر نہ آهي تہ جيڪا قيمت مخصوص ٿئي ان مان واسطيدار اڌ کان وڌيڪ کڄي ڇڏن ٿا ۽ جنهن قيمت ۾ رستو تيار ٿيندو آهي اهو 20-25 فيصد هوندو آهي. ان جي ڪري صورتحال اها هوندي آهي تہ پهرين بارش ۾ ئي رستو جبلن جي صورت اختيار ڪري وٺندو آهي جيڪڏهن بارش نہ بہ ٿي گٽر اُٽلي پوڻ تہ لازمي هوندو آهي، ايئن رستو تباھ ٿي ويندو آهي پر مرمت جي سلسلن کي سڄي زندگي ڏسندي گذرندي آهي. انسان ختم ٿي ويندو آهي پر رستي جي صورتحال اها هوندي آهي.

اسڪندريہ جو ماضي ۽ حال

چون ٿا تہ سڪندراعظم ان مقام کي ڪيئن منتخب ڪيو ان جي باري ۾ ٻہ داستان مشهور آهن. هڪ اهو داستان بيان ڪيو ويو آهي تہ هن سيوا ۾ آمون ديوتا جي عبادت گاهہ ۾ دعا گهري تہ مون کي شهر باد ڪرڻ لاءِ رهنمائي ڪئي وڃي، جتي مان مثالي شهر تعمير ڪرائي سگهان. ٻيو داستان اهو آهي تہ سڪندر اعظم فار جي طور تي يونان جي مشهور شاعر هومر جو رزميہ نظم اوڊيسي کوليو تہ کيس ان ڳالهہ جو اشارو مليو تہ جزيرہ فرعون وٽ نئون شهر تعمير ڪيو وڃي. يوناني مورخ پلوٽارڪ لکيو آهي تہ ان کان پوءِ هو جزيرہ فرعون ويو ۽ ڏسندي ئي هن کي سمجهہ ۾ اچي ويو تہ واقعي ۾ هيءَ جڳهہ تمام گهڻي مناسب آهي ۽ هن هتي شهر آباد ڪرائڻ جو پڪو ارادو ڪيو. اهڙي طرح يوناني ماهر جهاز راڻن کان مشورو ڪري پوءِ ماهر تعميرات وينوڪراٽس کي پلان لاءِ چيو ۽ هن جڏهن پلان تيار ڪيو تہ انهيءَ کي منظوري ۾ ڏئي ڇڏيائين.

اهڙي طرح شهر جو نقشو ٺاهي ان جي تعميرات جو ڪم شروع ڪيو ويو. ان کي تعمير ڪرڻ کان پوءِ مصر جو دارالحڪومت ٻہ ٺاهيو ويو. ۽ انکي يوناني طرز جي شهري رياست جي حيثيت ڏني وئي. جنهن جو مطلب اهو هو تہ شهر جي پنهنجي حڪومت ۽ پنهنجو نظام هلندو هو. اهڙي طرح اڳتي هلي آهستي آهستي اسڪندريہ عالمي شهر جي صورت اختيار ڪري ورتي. شروع ۾ هتي اسڪندريہ جي فوج جا ماڻهو ۽ مصر جي ڪجهہ شهرن ۽ آس پاس جا ماڻهو اچي آباد ٿيا.

بطليموس اول هتي روشنيءَ جو مينار ٻہ ٺهرايو. ٻہ مندر ۽ سڪندراعظم جو مقبرو ٻہ ٺهرايو. ان کان پوءِ هڪ لائبريري ۽ تحقيقي مرڪز ٺهيا. هيءَ علائقو شاهي محلات جي ويجهو ٻہ هو. ان کان پوءِ بطليموس دوم ٿيٽر، چڙيا گهر ۽ هڪ جمنازيم شهر ۾ ٺهرايو. بطليموس سوم مصرين جي محلي ۾ هڪ عبادتگاهہ جنهن انهيءَ لائبريري جي هڪ شاخ ٻہ ٺهرائي تنهنڪري انهيءَ کي "دختر لائبريري" چيو ويو.

اهڙي طرح اڳتي هلي بين ملڪن مان ٻہ ماڻهو ايندا رهيا، جو تہ جتي پورٽ ٺهندو آهي اتي ويجهڙائي وارن علائقن جا ماڻهو ضرور اچي آباد ٿيندا آهن، پر هتي پري پري جي ملڪن جا ماڻهو ٻہ اچي آباد ٿيا. جو تہ هڪڙو تہ پورٽ جي ڪري تجارت ڪندڙ ماڻهو ۽ ٻيا دارالحڪومت جي ڪري سفارت خانہ ٻہ قائم ٿيا. جنهن ۾ مشهور راجا اشوڪ جو سفارت خانو هو. جنهن جي ڪري ٻڌ مذهب جا راهب ٻہ اچڻ لڳا. اهڙي طرح اسڪندريہ جي آبادي گڏيل سڏيل ٿي وئي. جهڙي طرح ڪراچي ۾ ٻہ مختلف مذهبن، نسل، ملڪن، ٻولين

وغيره سان تعلق رکندڙ ماڻهو اچي آباد ٿي ويا آهن. اهڙي طرح اسڪندريہ ۾ به ائين ٿي ٿيو. مٿي مان انهن قومن جو ذڪر ٻ ڪري آئي آهيان جيڪي هتي آباد هيون.

بطليموس اول پنهنجي دور حڪومت ۾ مصري ۽ يوناني پنڊتن جي مدد سان سيرالپس ديوتا جي پوڄا جو رواج وڌو. ان جي انساني شڪل ناهي مندرن ۾ ٻ رکيو وئي. ان زماني ۾ سڪندراعظم جي پوڄا ٻ ڪئي ويندي هئي ۽ قلوپطره جي دور ۾ سيزرن جي ٻ پوڄا ٿيندي هئي.

30 ق.م ۾ رومي بادشاهن پنهنجي سلطنت قائم ڪئي. اهڙي طرح جوليس سيزر ۽ پوءِ آگسٽس سيزر بطور فاتح هتي داخل ٿيو ان دور ۾ ٻ اسڪندريہ ترقي ڪئي ۽ خوشحال شهرن ۾ شامل ٿيو. جهڙي طرح قلوپطره جي زماني ۾ سڪندريہ وڏو تجارتي مرڪز هو. اهڙي طرح رومين جي دور ۾ ٻ رومي، هندوستاني ۽ چيني تاجر ٻ ايندا هئا. هتي شيشا سازي، ڪاغذ ۽ ڪپڙن ناهڻ جا ڪارخانہ هئا، جن جي ٻ تجارت ٿيندي هئي.

مذهب جي معاملي ۾ هو پنهنجي ديوتائن جي پوڄا ڪندا هئا. هتان جا ماڻهو عيسائي مذهب سان نفرت ڪندا هئا. پر ڪجهہ وقت ڪان پوءِ حالات بدلجي ويا ۽ عيسائيت کي غلبو حاصل ٿي ويو. اهڙي طرح عيسائي مذهب جي مرڪز جي لحاظ ڪان اسڪندريہ کي ايڏا ٻ وڏيڪ اهميت ملي.

642ع ۾ مسلمانن مصر کي فتح ڪري ورتو تہ ان وقت اسڪندريہ پنهنجي پهرين حيثيت وڃائي ويٺو هو. ڇا توهان اهو سمجهو ٿا تہ اسڪندريہ جو سنهري دور اسلامي فتح جي ڪري ختم ٿيو هو؟ بلڪل نہ، حقيقت اها هئي تہ ان وقت يوناني ۽ رومي دور زوال پذير ٿي چڪو هو ۽ اهو ٻ هو تہ ان دور ۾ مصر جا رابطا يورپ جي ملڪن مثلاً يونان، روم ۽ قسطنطنيہ وغيره سان هئا. اسلامي دور ۾ اهي رابطا تبديل ٿي ويا. ان جو رخ ايشيا ۽ ان جي مشهور شهرن دمشق ۽ بغداد جي طرف مڙي ويو. مسلمانن اسڪندريہ کي دارالحڪومت نہ بڻايو. فسطاطا، معسڪر ۽ قطائع ڪان پوءِ قاهره کي گاديءَ جو هنڌ بڻايو. ايتري تبديلي ڪرڻ جي باوجود ٻ مسلمانن اسڪندريہ کي نہ ڇڏيو. 14هين صديءَ تائين هتي رونق قائم رهي.

1817ع ۾ ترڪن مصر کي فتح ڪري ورتو. ان وقت يورپ جون نوآبادياتي طاقتون آفريڪا ۽ ايشيا ۾ پنهنجون نوآباديون قائم ڪري رهيون هيون. ترڪن مغربي طاقتن سان ان جي لاءِ تجارت نہ ڪئي جو تجارت جي بهاني هو قبضو نہ ڪري ڇڏن. جيئن برصغير جو مثال ٻ موجود آهي تہ انگريزين تجارت جي بهاني سان اتي پنهنجي طاقت وڌائي ۽ آخرڪار قابض

ٽي ويهي رهيا. جڏهن ايشيا ۾ مشرق بعيد ۾ يورپ نوآبادياتي ڪالونيون قائم ڪري چڏيون تہ انهيءَ کان پوءِ پاڻ ۾ جنگيون شروع ڪري چڏيون. جزائر غرب الهند ۾ فرانس جون نوآباديون ڦرجي ويون تہ انهن مصر تي قبضي جو سوچيو 1798ع ۾ مصر تي حملو ڪيو. 1801ع ۾ جڏهن فرانسيسي اتان نڪتا تہ برطانيہ پنهنجيون نظرون مصر تي جمائڻ شروع ڪري چڏيون ۽ فرانس ان کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ان جي ڪري تجارت ۾ مندي اچي وئي. طاعون جي ويا بہ شهر کي وڏيڪ تباهہ ڪيو.

ان کان پوءِ مصر تي قبضو ڪرڻ وارا ٽي دعويدار هئا. عثماني، انگريز ۽ مملوڪ. مملوڪ انگريزن سان ملي ويا. مارچ 1804ع ۾ مصري ليڊر محمد علي جي مصر تي حڪمرانيءَ جي تصديق ڪري چڏي. 1803ع ۾ انگريزي فوج بہ اسڪندريہ مان نڪري وئي، پر مصر هڪ سوني جهڙي هئي، اها وسرڻ جي نہ هئي. اهڙي طرح انگريزن وري اسڪندريہ تي حملو ڪيو ۽ محمد علي کي شڪست ملي. پوءِ ڪجهہ طاقتن جي دباءَ تي 1807ع ۾ انگريزن اسڪندريہ چڏي ڏنو ۽ محمد علي پهريون دفعو اسڪندريہ ۾ فاتحانہ انداز ۾ داخل ٿيو. جو تہ انهيءَ کان اڳ اسڪندريہ خصوصي طور تي صرف ترڪي جي شاهہ جي ماتحت هو. محمد علي جي اچڻ جي ڪري هڪ دفعو وري اسڪندريہ جي اهميت وڌي وئي ۽ وري ان شهر جي ساک برقرار رهي. اهڙي طرح مصر جي پيداوار وڌائڻ جي لاءِ هڪ نهر ٺاهڻ جو حڪم ڏنو ويو. 1820ع ۾ هيءَ نهر مڪمل ٿي وئي ۽ ترڪيءَ جي سلطان محمد دوم جي نالي تي هن نهر جو نالو محمديہ رکيو ويو.

محمد علي اسڪندريہ کي محفوظ بندرگاهہ ٺاهڻ چاهي پيو ۽ نهر مڪمل ٿيڻ کان پوءِ درآمد ۽ برآمد وڌي وئي ڪيترين ئي ڪمپنيون قائم ٿيون. محمد علي جو پوٽو عباس اول ان کان پوءِ تخت نشين ٿيو. جنهن اسڪندريہ کان سويز تائين ريلوي لائين وڇائي چڏي. ان کانپوءِ محمد علي پاشا آيو ۽ ان نهر کي وسيع ڪرايو ۽ اسڪندريہ کي ريل ۽ ٽيلي گراف جي ذريعي قاهرہ سان ملائي چڏيو.

1863ع ۾ اسماعيل پاشا برسر اقتدار آيو تہ انهن ڏينهن ۾اسڪندريہ تمام گهٽي ترقي ڪئي ۽ انهيءَ جي دور ۾ محمدي نهر جي پاڻيءَ کي صاف ڪري پائيپن جي ذريعي شهر ۾ پهچايو ويو. بندرگاهہ تي بہ ڪيترا ئي ترقياتي ڪم ٿيا ۽ روشني جا ڪيئي مينار ٺهرايا.

1882ع ۾ پاشا جي ظلم ۽ بيروني ڪنٽرول جي خلاف انقلاب شروع ٿي ويو. انگريز ۽ فرانس پاشا جي خلاف ٿي ويا ۽ ايئن ٻنهي ملڪن جا ٻيڙا

حرڪت ۾ اچي ويا ۽ بندر گاهه تي بمباري ڪئي وئي ۽ شهر جون عمارتون تباهه ٿي ويون. پوئتي هٽڻ وقت انگريزي فوجن جي پيش قدمي روڪڻ جي لاءِ انهن شهر کي باهه لڳائي ڇڏي. هڪ ڏينهن تائين اسڪندريه سڙندو رهيو ۽ ان کان پوءِ انگريزن اسڪندريه تي قبضو ڪري ورتو. برطانيه جي مصر تي حڪمراني وادي پوري دور ۾ اسڪندريه ۾ ان جو بحري ٻيڙو موجود رهيو. جنگ عظيم اول ۽ دوم، ٻنهي جنگين جي دوران اسڪندريه فعال بحري اڈي جو ڪردار ادا ڪيو.

1936ع ۾ مصر ۽ برطانيا جي وچ ۾ اتحاد جو هڪ معاهدو ٿيو. مصر تي برطانيا جو قبضو ختم ٿيو. اهڙي طرح 1954ع جي معاهدي جي مطابق پوري برطانوي فوج مصر مان نڪري وئي. اسڪندريه 1807ع ۾ محمد علي جي آمد ڏني ۽ 147 سال کان پوءِ ان خاندان جي آخري حڪمران کي الوداع چيو.

انهن حالتن جي باوجود به ترقي ۽ تعمير جا ڪجهه ڪم به ٿيندا رهيا. 1934ع ۾ ساحل سان گڏ 20 ڪلو ميٽر وسيع رستو تعمير ٿيو. جنهن کي ڪارنيش چوندا هئا. هاڻي هي ڪارنيش ۽ ڪناري تي تفريح جي بين جڳهن اسڪندريه جي حسن کي ٻيڻو ڪري ڇڏيو آهي.

المنتزه محل پهريائين شاهي خاندان جي استعمال ۾ رهندو هو. ان جي چوڌاري وڏا وڏا باغات ۽ مصنوعي جنگل واقع آهن. ان محل کي انقلاب کان پوءِ ماڻهن جي تفريح لاءِ وقف ڪيو ويو آهي. هڪ ٻئي نندي محل تي سياحن جي لاءِ هوٽل ٺاهيو ويو آهي. ان جو ذڪر پهريائين ٻ ڪري چڪي آهيان ڪناري تي تماشاين جي لاءِ ڪيفي ٽيريا ۽ ريسٽورينٽ ٺاهيا ويا آهن.

اسڪندريه ۾ ڪٿي پارڪ ۽ اسڪوائر ٻ آهن تمام وڏي بندرگاهه ٻ آهي. محمد علي جي دور ۾ جڏهن شپ يارڊ تعمير ٿيو هو بعد ۾ ان ۾ اضافو ڪري کيس جديد بڻايو ويو آهي.

اسڪندريه مصر جو ٻيو نمبر وڏو شهر آهي. ثقافتي لحاظ سان ان جي وڏي اهميت آهي. ان ۾ تاريخي لحاظ سان ميوزيم، آرٽ گيلريون، مسجدون، گرجا ۽ يونيورسٽيون ٺاهيون ويون آهن. مصري زبان ۾ يونيورسٽي کي "زندگيءَ جو گهر" چوندا هئا. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته مصري علم حڪمت جا ڪيترا نه قدردان هئا. جيتوڻيڪ مصر، ميسوپوٽاميا، شام، يونان ۽ روم، هر جڳهه لائبريريون قائم آهن، پر اسڪندريه جي لائبريري شاندار آهي. لائبريري سان گڏهتي تحقيقي مرڪز ٻ آهن. انهيءَ جي لاءِ اسڪندريه کي "علم ۽ دانش" جو مرڪز چيو وڃي ٿو. هتي ڪيترا ئي ڪتاب آهن، ڪتابن کان علاوه وڏن وڏن عالمن کي ٻ هتي جمع ڪيو ويو هو، رياضيءَ جو پيءُ "اقليدس" ٻ هتي رهيو.

طب جي ميدان ۾ ٻ بقراط کي غلبو حاصل هو. چيو وڃي ٿو ته جالينوس ٻ

طبي علم اسڪندريہ مان حاصل ڪيو هو.

اسڪندريہ ۾ لادييني خيال جا عالم بہ هٿا ۾ عيسائي عالم بہ ۾ انهن ۾ بحث مباحثو بہ ٿيندو رهندو هو. علم جي هر شاخ جا وڏا استاد بہ هوندا هٿا.

اسڪندريہ جا ماڻهو مجموعي طور تي ملنسار آهن محبت جو اظهار ڪندا آهن. پر هڪ ڳالهہ آهي تہ هو ٽپ زبردستي وٺن ٿا. اهڙو مزاج برطانيہ جي ٽيڪسي ڊرائيورن جو بہ آهي. هڪ دفعي اسان لنڊن جي الپرٽن مارڪيٽ ۾ بيٺا هٿاسين. هڪ ٽيڪسي ڪي خالي سمجهي اسان ڊرائيور کي هلڻ جي لاءِ چيو تہ ٽيڪسي ڊرائيور چيو تہ مون وٽ سواري آهي. پوءِ هن پويان سيٽ ڏانهن اشارو ڪيو تہ اتي هڪڙو ماڻهو ستل ڏٺوسين. ڊرائيور کان ماجرا معلوم ٿيو تہ هن ماڻهوءَ شراب پيتو آهي. هن کي هوش ڪونهي. سو ڪيڏي مهل ڪاڏي هلڻ لاءِ پيو چوي تہ ڪيڏي مهل ڪاڏي. سو پورو ڏينهن ٿي ويو آهي تہ هن سان گڏ آهيان. رفيع چيو تہ پوءِ هي گهر ڪيئن پهچندو تہ ڊرائيو چيوتہ جڏهن هن کي هوش ايندو تہ گهر جو پتو ٻڌائيندو. رفيع پڇيو تہ توکي ڊپ نٿو ٿئي تہ واٽ تي ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿو. تہ هن جواب ڏنو تہ اسان عادي آهيون هتي ائين ٿيندو رهندو آهي. پر فائدو اهو ٿيندو آهي تہ هي پوري ڏينهن جو ڪرايو تہ ڏيندا آهن پر هنن کان اسان جيتري ٽپ گهرندا آهيون تہ اها بہ ڏئي ڇڏيندا آهن. پوءِ پلي اها سو پائونڊن ۾ چوند هجي. امريڪا ۾ بہ اسان سان ائين ئي ٿيو هو. لاس ويگاس ۾ هڪ ريسٽورينٽ ۾ بوفي ڊنر هئي. جڏهن ماني کائڻ کان پوءِ آخر ۾ بل ڏنوسين تہ انهيءَ کي ڏهہ ڊالر ٽپ بہ ڏنيسين پر ٿوري دير کان پوءِ هڪ ويٽر واپس آيو ان چيو تہ ٽپ گهٽ آهي. پي بہ ڏيو. پوءِ تہ رفيع انهن ماڻهن کي ڏاڍي ٻڌائي ۽ وڌيڪ ٽپ نہ ڏني. هڪ دفعي فلوريڊا ۾ بہ ائين ٿيو. بل ۾ انهن ٽپ بہ شامل ڪري ڇڏي. ان حساب سان اسان پنسا ڏئي ڇڏيا. پر وري بہ ويٽر آيو تہ توهان ٽپ نہ ڏني آهي. اها ڏيو. رفيع ويٽر کي بل آڻڻ لاءِ چيو. پوءِ انهيءَ کي ڏيکاريائين تہ سروس چارجز توهان پهريائين بل ۾ لڳائي چڪا آهيو. پوءِ چو پيو گهرين؟ تہ پوءِ اهو شرمندو ٿي ويو. هتي مصر ۾ ڪجهہ ماڻهن ائين بہ ڪيو. جيتري ٽپ ڏني سين اها ولي هليا ويا. پر اهڙن جو تعداد گهٽ هئو. پر جيئن تہ برطانيہ مصر تي بہ قابض رهيو آهي ٿي سگهي ٿو اهو رواج انهن کان هتي منتقل ٿيو هجي.

قاهره واپسي

انهيءَ ۾ ڪا بہ ٻيائي ناهي تہ خوراڪ، صحت ۽ توهان جي پرڪشش نظر اچڻ ۾ تمام گهڻو اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. توهان جيتريقدر صحت مند غذائون کائيندئو، اوترو ئي گهڻو توهان جي رنگ روپ ۾ جلوو نظر ايندو. انهيءَ جي لاءِ چوندا آهن تہ جيڪو توهان کائيندا آهيو، اهو ئي ڏيکائي ڏيندو آهي. سڀي کاڌي جو آغاز ڏينهن جي شروعات کان ئي ٿيڻ گهرجي. شايد توهان نٿا چاهيو تہ سڀو پرپور ناشتو نہ صرف توهان جي صحت کي برقرار رکندو آهي پر توهان جي خوبصورتي ۾ بہ اضافو ڪندو آهي. ان ڪري اسان عبادت کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ پهريائين ناشتي جي لاءِ Breakfast Room ۾ ويا سين. هونءَ بہ مان ذڪر ڪري چڪي آهين تہ هتي هوٽل ۾ ناشتو تمام سڀو رڪيل هو. مان پهريائين ميون جي ميز ڏانهن متوجہ ٿيس، سامهون صوف نظر آيو. مون سوچيو تہ پهريائين صوف کٽان چو تہ اها چوٽي مشهور هوندي آهي تہ: "روز صوف کائڻ، ڊاڪٽر کان پري رهڻ آهي."

پر صوف وڏو هو، جيڪڏهن اهو کٽان هان تہ باقي ايترن طعامن سان ناانصافي ٿئي ها. ٻي ڳالهہ تہ چڊيو پر خود منهنجو نفس جو منهنجي اندر ۾ لڪو ويٺو هو، سو مڪر ۽ ڪيني ۾ ٻين سڀني انسانن کان بهتر آهي. ان مون کي اجازت نہ ڏني ۽ مان پنهنجو ارادو تبديل ڪري، پليٽ ۾ ڪجهہ پيٽي جا ڪٽيل گترا وڌم. چو تہ اڇڪلهہ صوف جي جڳهہ تي ان جي راءِ ڏني وڃي ٿي تہ اهو بہ بهتر آهي. ان سان گڏ ڪتل بہ ڪنئين ۽ اڌ گلاس جوس جو ڪٽي ناشتي جي شروعات ڪئي. انهيءَ اميد سان گڏ تہ هاضمي جي ڪم کي صحيح ڪندو. ان کان پوءِ مين ڪورس مان ڪجهہ کاڌا ڪنيا، انهن مان فارغ ٿيس تہ چانهہ جو ڪوپ پيتو، پر گهڻو ڪري ملڪن ۾ ماٹهو ناشتي کان پهريائين چانهن پيئندا آهن. ويٽر اچي پڇندو آهي، پر اسان ان کي چوندا آهيون تہ کاڌي کان پوءِ ۽ انهيءَ کان جڊهن چانهن گهرائيندا آهيون تہ انگلش چانهن ۽ ان سان گڏ گرم ڪير چانهن گهڻو ڪري ويٽر ٽيبل تي پيش ڪندو آهي. پر ڪجهہ ملڪن ۾ سيلف سروس بہ ٿيندي آهي، يعني ٽيبل تي سڀ شيون ڪوپ ساسر، چانهن ڪير، گرم پاڻي ڪنڊ وغيره موجود هوندو آهي ۽ اتي وڃي ناهي کٽي اچبو آهي. پر پوءِ بہ ويٽر کي جيڪڏهن چئبو آهي تہ آٽي ڏيندوآهي

اتان چانهن جو چسڪو وٺي اسان لائونج ۾ اچي ويٺاسين. اتي ڊرائيور اسان جو انتظار ڪري رهيو هو. هتي اڄ جيڪي به اهم عمارتون ڏسڻيون هيون، ان جي لاءِ ٽيڪسي ڪئي هئي. ٽيڪسي ۾ سوار ٿياسين ۽ پهريائين اسان ان کي چيو ته امام حسين عليه السلام جي مسجد ۽ مقبرو ڏسڻو آهي.

امام حسين عليه السلام جي مسجد ۽ مقبرو

هيءَ مسجد قاهره جي هڪ قديم مسجد آهي، جيڪا 549هـ (1154ع) ۾ تعمير ٿي. اُن مسجد کي ڪيترن کي نالن سان سڏيو ويڄي ٿو. مثلاً مسجد الحسين، مسجد سيدناالحسين، مسجد حسين، مسجد راس الحسين وغيره تحقيق مطابق هيءَ مسجد فاطمي خلفاءَ جي هڪ قبرستان جي زمين تي تعمير ڪئي وئي. هي تبرڪات جي ڪري مشهور آهي. مثلاً حضرت محمد صلي الله عليه واله وسلم جي ڏاڑهي جا ڪجهه وار، ڪجهه ڪپڙا، ۽ هڪ قديم ترين قرآن جو مڪمل مخطوطو، جنهن جو تعلق حضرت عثمان رضه جي دور سان آهي ۽ جيڪو حضرت عثمان رضه ۽ حضرت علي ڪرم الله وجه جي هٿ جو لکيل هو. ان کان علاوه هتي مشهورآهي ته امام حسين عليه السلام جو سر مبارڪ جيڪو پهريائين دمشق شام دفنايو ويو هو سو بعد ۾ هتي آڻي دفنايو ويو. پر گهٽو ڪري روايتون اهي آهن ته هيءَ سراقدس واپس ڪربلا عراق ڪٽي وڃي دفنايو ويو هو.

خير اهڙي طرح گاڏي انهيءَ طرف هلڻ شروع ڪيو. رستي ۾ ڏاڍي ٽريفڪ هئي، اها الازهر يونيورسٽيءَ جي ويجهو هئي. ٽورو جابلو علائقو هو. سامهون يونيورسٽيءَ جو بورڊ نظر اچي رهيو هو. چڑهائي پوري ڪري جڏهن مٿي پهتاسين ته مسجد اسان کي سامهون نظر آئي. اتي پارڪنگ ڪانه هئي. پر اتي ٽورڙي جڳهه هئي جتي گارڊ بيٺو هو. اسان اتي لٿاسين ته ڊرائيور چيو ته توهان هتي هڪ ڪلاڪ لاءِ گهمي ڦري سگهو ٿا. پوءِ هن ئي جڳهه تي اچي بيهجو، مان اتي ئي پهچي ويندس. پر خوش قسمتيءَ سان اتي ڊرائيور کي پارڪنگ ملي وئي ۽ پوءِ هو به اسان سان گڏ شامل ٿي ويو. اسان مشڪل سان ڪجهه قدم اڳتي وڌياسين ته هڪڙي سائي رنگ جي لوهه جي گرل نظر آئي، جنهن جي وچ ۾ هڪ جيتري فاصلي تي ننڍا ننڍا پلر به ٺهيل هئا ۽ انهيءَ جي پرسان بازار خان الخليلي به هئي. گرل جو هڪ ننڍو دروازو به هو. ڪولي اندر داخل ٿيون پيا ته ڊرائيور اشاري سان ٻڌايو ته هي هن طرف وڃڻ جو رستو عورتن جي لاءِ آهي ۽ هتي طرف رفيع کي اشارو ڪيائين ته هيءَ رستو مردن جي لاءِ آهي. منهنجو مٿو اڃا ڏکيل نه هو. پينٽ شرٽ پاتل هئي. ڊرائيور وري چيو ته

ميلہ توهان کي مٿو ڏکڻو پوندو ۽ جوتو لاهي پوءِ اندر داخل ٿجو. پر مٿي جي لاءِ کاڻڻ تان ضرور کجهہ ونجو مثلاً اسکاف يا چادر. جڏهن ان اها گالهہ وري وري وراٿي تہ مون پرس مان چادر ڪڍي مسلمانن وانگر پائي ڏيکاري ۽ چيو مانس تون پريشان نہ ٿي، الحمدالله اسان مسلمان آهيون تہ پوءِ ڏاڍو خوش ٿيو. امڙي طرح مان عورتن واري دروازي کان داخل ٿيس ۽ رفيع مردن واري پاسي کان ويو. گرل جي اندر وڏو ميدان هو پوءِ وڏو سهڻو پراٿي طريقي جو دروازو هو. ان جي سامهون شوڪيس هو. جتي هڪ ماڻهو ٻيٺو هو. جيڪو عورتن کان جوتو ۽ پئسا ٻہ گهري رهيو هو. کجهہ عورتون ان کي پئسا ڏئي رهيون هيون. پر کجهہ پئسا ڏيڻ کان منع ٻہ ڪري رهيون هيون. جڏهن هن مون کان جوتو گهريو تہ مون وٽ ڪليل پئسا ڪونہ هئا. مون پنجن جو نوٽ هن جي هٿ تي رکيو تہ ڏاڍو خوش ٿيو. اندر پهريائين مسجد جو وراندو هو. پوءِ کاهي پاسي هڪڙو ٻيو خوبصورت وڏو دروازو هو. ان جي اندر داخل ٿيس تہ مزار شريف وٽ پهچي ويس پوءِ ڪنڌ وٺي اتي قل پڙهڻ شروع ڪيم تہ اتي رفيع جو آواز آيو. ٿوري دير لاءِ مان حيران ٿي ويس تہ ان جورستو تہ ٻئي طرف هو. پر مون ڏنو تہ هو بلڪل منهنجي پرسان ٻيٺو هو. ۽ مون کي چيائين تہ تون هيڏي ڏس تہ ماں تنهنجو فوٽو ڪڍي ونان. پوءِ اسان قل پڙهي ۽ تبرڪات ڏسي واپس نڪرڻ شروع ڪيو. مان جڏهن باهر اچي رهي هئس تہ ڪاؤنٽر تي ٻيٺل شخص منهنجي جتي جلدي ڪڍي مون کي ڏني ۽ خوشي وچان پچڑ لڳو تہ ڪٿان آئي آهين؟ مون ٻڌايو تہ پاڪستان مان تہ هو ڏاڍو خوش ٿيو.مسلم برادر چئي الله حافظ چيائين. مان باهر نڪري آيس پر رفيع ايجا ڪونہ پهتو هو. مان گرل سان گڏ ٿوري ديوار تي ٽيڪ لڳائي بيهي رهيس تہ اتي جيڪا پوليس ٻيٺي هئي، ان مون کي اتي ويهڻ کان منع ڪئي. مون ان کي چيو No، عربي ويچارو خاموش ٿي ويو. پر مان ٻہ ويٺس نہ، بيهي ئي رهيس پر پوءِ ان اشارو ڪيو تہ ٽيڪ آ ويهي رهو. مون هن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ ٻيٺي ئي رهيس. شايد هو اهو چوڻ چاهيندو هوندو تہ عورتن جي ويهڻ جي جڳهہ هوڏانهن پري آهي پر مان پري وڃڻ نہ پئي چاهيان چو تہ رفيع بس اچڻ وارو هو ۽ هُو جلدي اچي ويو ۽ اسان ٽيڪسي ۾ وري سوار ٿياسين، رفيع ٻڌايو تہ مان نفل ٻہ پڙهي ورتا. ان ٻڌايو تہ هتي هڪڙي ماڻهوءَ تفصيل سان تاريخ ٻہ ٻڌائي تہ هتي حضرت حسين عليہ السلام جو سر مبارڪ دفن آهي. خبر ناهي تہ هيءَ روايت ڪيتري صحيح آهي، پر هتان جا ماڻهو انهيءَ روايت جي ڪري مسجد جو احترام وڌيڪ ڪندا آهن. حڪومت جي پاران ٻہ انهيءَ جي لاءِ وڏو اهتمام آهي. شاندار وسيع ۽ خوبصورت مسجد آهي ۽ پر تڪلف ساز و سامان انهيءَ جي رونق ايجا

بہ وڏائي چڏي آهي. پوري مسجد ۾ قالين وڇايل هئا. اصل ۾ هيءَ روايت آهي تہ مسجد الحسين 549 هـ (1154ع) ۾ حضرت محمد ﷺ جي ڏهٽي امام حسين عليه السلام جي نالي سان تعمير ٿي. پوءِ وري مسجد ۾ اها جڳهہ شامل ڪئي وئي، جتي مشهور روايت جي مطابق امام حسين عليه السلام جو سر مبارڪ دفن هو. مسجد تي موجود اُڪريل، تحريرن جي مطابق 634 هـ (1237ع) ۾ هڪ مينار تعمير ڪيو ويو ۽ مسجد ۾ ٽنهين جو اضافو ڪيو ويو. پوءِ (1175-62-1761) ۾ مينار جي مٿان واري حصي ۽ گنبد جي تعمير ٿي. 1279هـ (1863ع) ۾ خديو اسماعيل مسجد کي وسيع ڪيو. هڪ نئون مينار بہ 1295هـ (1878ع) تائين جاري رهيو. هاڻي مسجد ۾ 45 ٽنيا آهن، جيڪي سنگِ مَر مَر جا ٺهيل آهن ۽ اندروني حصي جي ڇت تي سني ڪاٺ جو ڪم ٿيل آهي. مسجد ۾ زبردست خطاطي ۽نقاشي نظر اچي رهي هئي، جنهن مان ڪجهہ تمام قديم هئي.

هيءَ علائقو سياحن جو مرڪز بہ هو. ان جي مذهبي اهميت ۽ ان جي قديم ورثي جي ڪري هن مسجد ۾ اڪثر غير ملڪي معززين ۽ دنيا ۾ جا ٻيا مسلمان حجاج ڪرام ايندا هئا. هن مسجد جي هڪ ٻي دلڪش خصوصيت اها آهي تہ عمارت جي سامهون واري حصي ۾ وڏيون وڏيون سجاوٽي ڇٽيون نظر اچي رهيون هيون، شايد مسجد جي ٻاهر نماز پڙهڻ وارن ماڻهن لاءِ ضرورت محل ڇانوَ ڪرڻ لاءِ يا تيز بارش جي دوران بارش کان ڪجهہ پناهہ فراهم ڪرڻ لاءِ لڳايون ويون هيون ۽ انهن ڇٽن کي اليڪٽرانڪ طريقي سان کوليو ويندو آهي، جيئن مسجد نبوي ۾ لڳل هوندیون آهن تہ جڏهن ضرورت پوندي آهي ۽ جماعتي وڏي ويندا آهن تہ تڏهن کولیندا هوندا.

سفر نامہ ابن بطوطہ ۾ لکيل آهي تہ هيءَ عمارت نهايت حيرت انگيز ۽ پاڪيزه آهي، ان جي دروازن جون زنجيرون، ڪنڌا ۽ ڪڙا سڀ چانديءَ جا آهن ۽ ائين بہ آهي تہ هيءَ مقام هر طرح سان احترام ۽ عزت جي لائق آهي.

قصر عابدين

قصر عابدين قاهره جيڪو هڪ تاريخي محل آهي ۽ هڪ سرڪاري رهائش گاهہ ۽ صدر مملڪت جو صدر مقام ۽ اهو مقام آهي جيڪو مشرقي شهر قاهره، مصر جي الينل گهٽي ۾ واقع آهي ۽ اهو اسڪائر انهيءَ جي نالي سان منسوب هو. اسان چوراهي تي پهچي هڪ گهٽيءَ ۾ داخل ٿياسين تہ محل جو دروازو اچي ويو. جيئن ئي اندر داخل ٿياسين تہ پهريائين ٽڪيٽ گهر مان ٽڪيٽ خريد ڪئيسين. اندر سامهون وڏو باغ هو. جنهن ۾ پامير جا وڏا وڏا وڻ لڳل هئا. تمام گهٽي ايراضي ۾ لان هو. جنهن جي وچ ۾ چهن ڪنڊن وارين

پکين سرن جو فرش لڳل هو. ٽوري ٽوري فاصلي تي تويون لڳل هيون ۽ لان جي ڪنارن تي رنگ برنگي گل لڳل هئا. ۽ وچ ۾ ننڍا ننڍا وڻ جن جي ڪٽنگ ٽيل هئي ۽ لوهه جون ٽهيل بينچون به هيون ۽ ننڍا ننڍا ٿوهارا. تويون سان ان جا گولا به رکيل هئا جن جو رنگ سائو هو. محل آف وائيٽ رنگ جو هو. باقي انهيءَ جا دروازا ۽ دريون به ساڳي سائي رنگ جون هيون. جيڪو تويون ۽ گولن جو رنگ هو. پهريائين پوري باغ جو چڪر لڳايوسين. هڪ طرف هڪ آرچ به ٽهيل هو. ان جي ڊزائين به ڏاڍي حسين هئي. اتي فوٽوگرافي ڪئي سين ۽ اتي ئي بينا هٽاسين ته هڪ اسڪول جا ٻار به اتي اچي پهتا. انهن به اسرار ڪيو ته اسان سان تصوير ڪڍرايو. اسان ٻارڙ جي مرضي پوري ڪري پوءِ اندر وڃڻ شروع ڪيوسين ته دروازي تي ميوزيم جي اسٽاف جي هڪ ليڈي ملي. ان پڇيو ته جي توهان صحيح طرح سان ڏسڻ چاهيو ٿا ته مان توهان کي گائيڊ ڪيان. پر اسان وٽ وقت جي ڪوٽ هئي. انهيءَ ڪري ان کي چيوسين ته اسان کي جلدي ۾ صرف سرسري طور تي ڏسڻو آهي.

اصل ۾ هيءَ محل اڇڪلهه هڪ عجائب گهر آهي. جيڪو عابدين جي ضلع. قاهره ۾ واقع آهي. مٿاهين منزل (شاهي خاندان جو اڳوٽو رهائشي حلقو) غير ملڪي معززين جي دوري جي لاءِ مخصوص آهي. هيٺين منزل تي سلور ميوزيم. اسلحه ميوزيم. رائل فيملي ميوزيم ۽ صدارتي تحفن جو ميوزيم آهي هڪ نئون تاريخي دستاويزات ميوزيم جنوري 2005ع ۾ کوليو ويو. جين دستاويزان سان گڏ ان ۾ امپيريل عثماني فرمان موجود هئا. جنهن ۾ ڪي محمد علي ۽ ان جي اهل خانه جي حڪمراني جي دور جا آهن. اهو نئون اضافو آهي. هن محل کي دنيا جو سڀ کان وڏ سهڻن محلن مان هڪ سمجهيو ويندو آهي. ان جي زينت. رنگ سازي ۽ ڪهليل گهڙيون جو هڪ وڏو تعداد ۽ پرن کي. جن کي تمام خالص سون سان سجايا ويا آهن. هيءَ محل خديو اسماعيل تعمير ڪرايو هو. هن قلعي قاهره جي عيوض طور سرڪاري صدر مقام نامڻ جي لاءِ ان جي تعميرات جو آغاز 1863ع ۾ ڪيو. جيڪو ڏهن سالن تائين جاري رهيو ۽ ان جو باضابطه افتتاح 1874ع ۾ ٿيو. ان محل جي ڊزائين فرانسيسي معمار لون روس تيار ڪئي هئي. ان کي وڏي تعداد ۾ مصري. فرانسيسي. اطالوي ۽ ترڪيءَ واري سجاوٽ ڪري تيار ڪيو ويو. پر محل جو باغ 1921ع ۾ سلطان فواد اول 20 فيبن (ناپڻ جو هڪڙو مصري پيمانو جيڪو هڪڙي ايڪڙ کان گهٽو ٿيندو آهي) جو علائقو شامل ڪيو هو. محل جي تبديلي. تحفظ ۽ ڏسڻ وائسڻ جي حالت تي به مسلسل حڪمرانن وڏيڪ رقم خرچ ڪئي. هن ميوزيم جي اها خصوصيت آهي ته ان ۾ هٿيارن ميڊل. Medals Weapons

چاکن Knives، بندوقن Guns ۽ توپن Cannons جو تعداد گھٹو آهي جيڪڏهن توهان اتي وڃو تہ توهان جي پهريائين توجهه جو مستحق اهو آهي. ان جي هر شيءِ افضل آهي. باقاعده سڻي حالت ۾ محفوظ آهي، ان جڳهه جي تمام وڏي تاريخ آهي ۽ مصر جي حڪمرانن جو تمام وسيع مواد موجود آهي. هتي ڪافي شيون ڏسڻ لاءِ مليون خوبصورت باغ تمام گهٹا هٿيار ۽ ايوارڊ 17 صدي کان 21 سينچري تائين موجود هٿا.

مسجد السيدة زينب

قصر عابدين کان پوءِ وري گاڏيءَ ۾ سوار ٿياسين ۽ گاڏي گنجان علائقي ۾، جتي ماڻهن جا هجوم هٿا، ٽريفڪ تمام گهٹي هٿي هوري هوري هلي رهي هئي. ٻيڻهريءَ جو وقت هو، ٻارن کي اسڪولن ۽ ڪاليجن مان به موڪل ملي چڪي هئي. ان جي ڪري ٽريفڪ جو حشر بلڪل ائين هو جيئن ڪراچيءَ ۾ ٻيڻهري ۾ ٽريفڪ ڦاسي ڦاسي پوندي آهي. اهو ئي عالم هو پر بيبي زينب جو علائقو تہ بلڪل ڪراچي جي صدر واري حالتن جي عڪاسي ڪري رهيو هو. سڀ سواريون گڏهه گاڏا، موٽر سائيڪل، ٽيلهي ۽ ماڻهو سائيڪل تي تمام وڏو ٽري يا ٽالهه ڪنيو، جنهن ۾ تقريباً 200 جي تعداد ۾ نان رکيل هيا ۽ هتان کان هتي وڃي رهيا هٿا. مصر ۾ نان هيڏانهن کان هوڏانهن ڪٽي ويندڙ ڏاڍا ڏٺا. بهرحال اسان دارالسلام جي علائقي ۾ محلہ زينبيہ وڃي رهيا هٿاسين ۽ آخرڪار بيبي زينب جي مسجد وٽ اچي ڊرائيور گاڏيءَ کي بريڪ لڳائي ۽ انهيءَ سان گڏ اها به وضاحت ڪندي هلان تہ مسلمانن جي عبادت گاهه، جنهن کي مسجد چوندا آهن عموماً ان کي نماز لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، پر تاريخي طور ڪيترن ئي حوالن سان اهم آهن مثلاً عبادت ڪرڻ جي لاءِ، مسلمانن جي اجتماع جي لاءِ، تعليمي مقصدن جي لاءِ، جيتوڻيڪ مسلمانن جي ابتدائي زماني ۾ مسجد نبوي کي غير ملڪن مان اچڻ وارن وفدن سان ملاقات ۽ خيالن جي ڏي وٺ جي لاءِ به استعمال ڪيو ويندو هو. مسجدن مان مسلمانن جي اولين جامعات يعني يونيورسٽين به جنم ورتو. ان کان علاوه اسلامي طرز تعمير کي به بنيادي طور تي مسجدن کان ئي فروغ مليو. لفظ مسجد جو لغوي مطلب آهي "سجدو ڪرڻ جي جڳهه". سڀ کان پهريائين مسجد ڪعبہ هئي. ڪعبة الله جي چوڌاري مسجد الحرام جي تعمير. فن خطاطي هڪ فن خط تحرير آهي. هيءَ فن دنيا جي هر حصي ۾ ۽ هر زبان ۾ هوندو آهي. هيءَ فن خوش خطي جي لاءِ آهي ۽ رومن، لاطيني، عربي زبانن ۾ اهو فن خطاطي ڪافي مقبول آهي.

بهرحال گاڏيءَ مان لٿاسين اندر مزار جي طرف روانا ٿياسين مقامي ماڻهن

جي دعويٰ آهي تہ هتي امام حسين رضہ جي پيٽ، حضرت زينب رضہ ۽ حضرت نفيسہ دفن ٿيل آهن. مزار تي اهل تشيع حضرات جي اڪثريت هئي. ان وقت ٻيهريءَ (ظهر) جي نماز جو وقت ٿي چڪو هو. هتي بہ مردن جي نماز پڙهڻ جي جڳهہ الڳ هئي ۽ عورتن جي لاءِ الڳ حصو هو. پويان ڪجهہ ڪرسيون بہ پيون هيون، جن تي بہ عورتون نماز پڙهڻ لاءِ تيار ويٺيون هيون. مان بيهي رهيس هيڏانهن هوڏانهن نهاريم تہ من ڪٿي ڪرسي نظر اچي وڃي تہ اتي هڪڙي عورت استاف جي هئي ان مونکي فرش تي ويهڻ لاءِ چيو. مون ان کي اشاري سان سمجهايو تہ مان هيٺ نٿي ويهي سگهان. ان کي رحم اچي ويو ۽ ڪرسي آٿي ڏنائين ۽ دروازي تي رکي ڏنائين. ڇاڪاڻ تہ رش ايتري هئي جو اندر جڳهہ ئي ڪانہ هئي. اهڙي طرح نماز پڙهي پوءِ مون ٽورا فوٽا ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي. مشڪل سان بہ ٽي فوٽا ڪڍيا هوندا تہ اها عورت جنهن مون کي ڪرسي آٿي ڏني فوٽوگرافيءَ کان منع ڪئي تہ هتي فوٽو ناهي ڪيڻو. پوءِ اتي بيهڻ جو ڪو سبب بہ نہ هو. مان ٻاهر نڪتس، انهيءَ نماز جي ڪمري جي پرسان ئي حضرت زينب جو مقبرو هو. اتي بہ ڏاڍي رش هئي. ايتري جيئن اسان جي پيرن جي قبرن تي هوندي آهي. مثلاً: لال قلندر، شاهہ عبداللطيف ٻٽائي، داتا گنج بخش وغيره. اتي بہ عورتون باقاعدي سان قبر جي جهنگلي کي چميون ڏئي رهيون هيون ۽ چمبڙي روئي رهيون هيون ۽ پنهنجي دل جو مرادون پوريون ڪرڻ لاءِ دعائون گهري رهيون هيون. اتي اها روايت پڌرڻ ۾ آئي تہ هفتي ۾ ڪجهہ خاص ڏينهن تي بيبي زينب جو روح عالم بالا (عرش) کان پنهنجي مزار جي طرف موٽي ايندو آهي، ان خاص ڏينهن کي "حضرة" چوندا آهن. انهيءَ ڏينهن تمام گهٽي رش ٿيندي آهي. اڪثريت ماڻهن جي زيارت لاءِ اتي ايندي آهي ۽ قبر کي چمي پنهنجيون حاجتون ۽ مرادون گهرندا آهن. ان وقت بہ عورتن جي اها ئي حالت هئي. جيتوڻيڪ اهو چيو ويندو آهي تہ اها بت پرستي آهي. پر اهي حالتون اسان جنهن بہ ملڪ جي مزارن تي ويندا آهيون، اُتي ساڳيون ڏسندا آهيون مثلاً: ترڪيءَ ۾ حضرت ايوب انصاري جي مزار ۽ ازبڪستان ۾ امام بخاري جي مزار، آذر بائي جان ۾ بيبي هيبت جي مزار يا سائپرس ۾ حضرت محمد ﷺ جي پڳيءَ جي مزار تي وياسين. هر جڳهہ تي هڪڙو ئي حال نظر آيو. سيده زينب جي مزار جي مٿان گلابي رنگ جاريءَ وارو ڪپڙو لڳل هو، جنهن سان سجي مزار ڍڪيل هئي. تمام گهٽو خوبصورت رنگ هو ۽ ان وقت قبر ڏاڍي حسين نظر اچي رهي هئي . اتان ٻاهر نڪتس تہ سامهون رفيع بہ منهنجو گيٽ تي انتظار ڪري رهيو هو. مقام حضرت زينب جو تعلق قاهره جي جنوبي علاقي ۾ السائيده، زينب محلہ سان آهي، جيڪا قاهره

جي هڪ قديم ترين ۽ تمام گھٽو هجوم واري جڳھ جي طور تي سچاتي ويندي آهي. حضرت زينب جي مقام معظم جي ويجھو هڪ گھٽي هئي. جنھن کي زين العابدين چئي رهيا هئا. ان جڳھ تي هڪ چوڪ هو جيڪو حضرت بيبي زينب جي نالي سان مشهور هو.

ڪجھ تاريخدانن جو خيال آهي ته سيده زينب کي جنگ ڪربلا جي ڪجھ مهينن کان پوءِ مصر جلاوطن ڪيو ويو هو. جتي هوءَ پنھنجي موت کان نو مهينا اڳ قيام پذير هئي ۽ ان کي هن جڳھ تي دفن ڪيو ويو هو. اهڙي طرح هن مقام کي اسلامي تاريخ جي سڀ کان قابل ذڪر مقامات، سنين ۽ اسماعيلن جي وچ ۾ سچاٽ وارن سينې کان مشهور مقبرن مان هڪ سمجھيو ويندو آهي ۽ بنيادي طور تي گھٽي تعداد ۾ شيعن جو خيال آهي ته سيده زينب کي Syria دمشق شام ۾ دفن ڪيو ويو هو. جتي اڄ سيده زينب مسجد واقع آهي.

ان باري ۾ اڃان تائين ڪوبہ صحيح رڪارڊ موجود نہ آهي ته مسجد سيده زينب جي قبر هتي ڪڏهن ناهي وئي. ۽ هن وقت ڪوبہ تاريخي حوالو موجود ناهي سواءِ ان جي ته عثماني علي پاشا جي ڏنل آرائش واري 1547ع ۾ حڪم کان علاوه ۽ انهيءَ کان پوءِ بہ اتي ٻي آرائش بہ ٿي هئي. جنھن کان پوءِ عامر عبدالرحمٰن 1768ع ۾ هن مسجد جي مرمت ڪرائي هئي ۽ 1940ع ۾ وزارت اوقاف، جنھن پراڻي عمارت کي مڪمل طور تي ڍاهي ۽ مسجد اسلامي تاريخ جي نموني جي طور تي نہ هئي. ان وقت جي مسجد ۾ ستن ڪاريڊورز تي مشتمل هئي، جنھن جي برابر قبلہ ديوار سان گڏ هڪ چوڪنڊو ڍش هو جنھن ۾ گنبد هو. قبلہ ديوار جي ابتي پاسي سيده زينب جو مقبرو آهي، جنھن جي چئني طرف پتل جو لوڙهو لڳل آهي ۽ ڏکھي گنبد جي مٿان 1969ع ۾ وزارت اوقاف مسجد جي ايراضيءَ کي ٻيٽو ڪري ڇڏيو.

قلعو سلطان صلاح الدين ايوبي

مسجد السيدة زينب کان هلي قلعہ صلاح الدين ايوبي جي طرف وڃياسين قلعو مٿي جبل تي هو. ڊرائيور اسان کي هيٺ لاٿو ۽ چيائين تہ 30-1 وڳي تي مان هتي موجود هوندس، تيستائين توهان آرام سان گھمي سگھو ٿا. اسان قلعي ڏي هلڻ شروع ڪيو. تمام گھٽي چڙهائي تي اها آهستي آهستي چڙهندا اڳتي وڃياسين ۽ ٽڪيٽ گھر وٽ پهچي وياسين ۽ ٽڪيٽ خريد ڪري قلعي ۾ داخل ٿي وياسين.

هن کي صلاح الدين ايوبي جو قلعو چوندا آهن ۽ ان سان گڏ ڪيس قاهره جي قلعي جي نالي سان بہ ياد ڪيو ويندو آهي. مصر ۾ قرون وسطي جو اسلامي

قلعو آهي جنهن کي صلاح الدين ايوبيءَ تعمير ڪرايو هو. جيڪو تقريباً ستن سالن تائين مصر جي شاهي حڪمرانن جي سرڪاري رهائش گاهه رهيو. قاهره جي مرڪز ۾ واقع موڪٽم Mokattam جبلن جي هڪ مقام تي جيڪو نوجي لحاظ کان پوري شهر تي نظرڪندو هو. هيءَ پنهنجي دور جو سڀ کان گهٽو متاثر ڪندڙ ۽ پرعزم نوجي قلعو هو. پر هاڻي هيءَ هڪ محفوظ تاريخي مقام آهي، جنهن ۾ مسجدون ۽عجائب گهر شامل آهن.

صلاح الدين جي ذريعي شروع ٿيڻ واري هن قلعي مملوڪ سلطنت جي دور ۾ گهڻي ترقي ڪئي، جنهن جو اختتام 14 هين صدي ۾ سلطان الناصر محمد جي تعميراتي منصوبن سان گڏ ٿيو. 19 صدي جي پهرئين اڌ ۾ محمد اسماعيل پاشا کافي پراڻين عمارتن کي ڍهرائي چڏيو ۽ ان جڳهه تي نوان محلات ۽ يادگار تعمير ڪيا. جنهن ۾ قلعي کي موجوده شڪل جو گهڻو حصو ملي ويو. 20 صدي عيسوي ۾ ان تي برطانوي فوجن قبضو ڪيو ته محافظ فوج اتي تعينات ڪئي وئي. اهڙي طرح هن قلعي کي چوڪيءَ جي طور تي استعمال ڪيو ويو. پوءِ جڏهن مصري فوج قابض ٿي ته ان ۾ فوجي طور تي استعمال ڪيو پوءِ ۾ 1983ع ۾ عوام جي لاءِ کوليو ويو.

يونيسڪو جي عالمي ثقافتي ورثه واري اداري تاريخي قاهره جي حصي جي طور تي ان جو اعلان ڪيو. جيڪو اسلامي دنيا جو نئون مرڪز هو ۽ 14 هين صدي ۾ پنهنجي سنهري دور ۾ پهتو هو. بهرحال هن قلعي، جيڪو 1179ع ۾ تعمير ٿيو هو، بيشمار انقلاب، قتل عام ۽ ڪيترن ئي شاهي خاندانن جو عروج ۽ زوال ڏٺو.

هن قلعي ۾ هڪ ڪوهه ۾ نظر آيو، جنهن جي مشابهت حضرت يوسف عليه السلام سان ملائي چڏي وئي آهي پر انهيءَ ۾ ڪابه سچائي نه هئي لڳي. پيو ته هيءَ ڪوهه قلعي ۾ شاهي خاندان کي پاڻي پهچائڻ لاءِ ڪٽيو ويو هوندو.

پر سفرنامه شبلي نعماني ۾ بيان ٿيل آهي ته مسجد جي ويجهو هڪ عجيب و غريب ڪوهه هو، جنهن کي عوام چاهه يوسف ۽ زندان يوسف مشهور ڪري چڏيو آهي ۽ ماڻهو ان جي زيارت لاءِ وڃن ٿا. چو ته سلطان صلاح الدين جو اصل نالو يوسف هو، انهيءَ جي ڪري مجاورن کي ماڻهن کي دوکي ڏيڻ جو سلو ذريعو هٿ آيو. اهي مونکي ڏوکو ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. هيءَ ڪوهه حقيقت ۾ عجيب آهي، ان جي گهرائيءَ جو اندازو هن مان ٿي سگهي ٿو ته 300 ڏاڪڻيون لهي اتي پهچي سگهجي ٿو. ۽ اونده ايتري آهي جو شمع کان بغير ڏسڻ مشڪل آهي. جڏهن مان ڪوهه جي چوڌاري ڏنل ننڍڙي پٽ وٽ پهتس ۽ مون پٽر اڇليو ته دير کان پوءِ ان جي آواز آيو، جنهن جي ڪري خبر پئي ته

پاڻي اچان ٻه گهرائي ۾ آهي. پر اسان جڏهن اتي پهتاسين تہ اهو بند هو. پر مسجد اکين جي آڏو نظر اچڻ لڳي، جنهن کي نهايت جا نفشاني سان قلعي جي سپ کان اونچي مقام تي تعمير ڪيو ويو هو جيڪا مسجد محمد علي چوڻائيندي آهي. نپولين جي حملي کان پوءِ اهو ڏهين قائد برسراقتدار آيو ۽ حڪومت جا اختيارات سنڀالينديءِ ئي هُنَ عظيم الشان مسجد تعمير ڪرائي هئي. داڻري جي هڪ ڪنڊ ۾ محمد علي پاشا جي قبر ٻه هئي ۽ اهو مصر جديد جو باني چورائڻ جو اعزاز ٻه رکي ٿو ۽ هُنَ انصاف سان حڪومت ڪئي ۽ مصر کي ترقي ڏياري. پر وقت سان گڏوگڏ شاهي حڪمرانن ۾ برايون اچڻ شروع ٿي ويون ۽ آخرڪار زوال شروع ٿيو اهڙي طرح 1952ع ۾ انقلاب آيو ۽ هن خاندان جي آخري بادشاهہ شاهہ فاروق کي جلاوطن ڪيو ويو.

مسجد انتهائي وسيع ۽ ڪشادي آهي. مسجد محمد علي جا ٻہ مينار تمام گهٽا بلند آهن ۽ ترڪي جي مسجد جي مينارن سان ملندڙ جلندڙ آهن. مضبوط مسجد سنگ مرمر سان ٺهيل آهي. مسجد جو اڱڻ نہ هڻڻ جي برابر آهي. باقي اندريون هال ڪافي وڏو اٿس. ستڊيون صفون ۽ خوبصورت قالين وڇايل آهن. منبر ۽ محراب فرش کان ڏهہ ميٽر بلند اٿس. جنهن تي ويهي امام خطبو پڙهندو آهي جيئن سڀني مسجدن ۾ هوندو آهي. پٽين تي چوڏاري طرفن کان نقش نگاري ٿيل هئي، قرآن جون آيتون لکيل هيون جنهن کي ڏسڻ سان اکين ۾ جهر مرمحسوس پئي ٿي. ان جو حسن ۽ جمال ۽ ڪاريگري ڏسي مان ڪجهہ وقت جي لاءِ حيراني ۾ مبتلا ٿي ويس. جڏهن نظرون اتان هٽيون تہ پٽ کان ٽيندين چٽ تي پهتيون ۽ اهڙي طرح رکجي ويون جو اتان هٽڻ جو نالو ئي نہ پيون وٺن. چاڪاڻ تہ اتي تمام وڏو گنبد آهي جيڪو فن تعمير جو هڪ عجوبو هو ۽ ايڏو وڏو گنبد جنهن پوري هال کي ڍڪي ڇڏيو هو. اهو ئي تعمير جو ڪمال هو. جنهن وقت تعمير ۾ سيمنٽ، لوهہ يا ٻيون جديد شيون استعمال نہ ٿينديون هيون تنهن دور ۾ ايڏو وسيع ۽ ڦهليل گنبد ٺاهڻ ڪافي مشڪل نہ پر ناممڪن ڪم هو. هي تمام وڏو ۽ خوبصورت گنبد آهي. اندروني حصي ۾ اعليٰ قسم جي نقش نگاري هئس. پوءِ سمجهہ ۾ آيو تہ هتي جيڪي ٻہ سياح ٻيٺا آهن انهن جون اکيون هتي ڇاڏسي رهيون آهن؟ ان وقت نماز جو وقت نہ هو. ان ڪري سياح هال جي اندر ٻيٺا هٿا. انهن کي مٿي ۽ جسم کي ڍڪڻ لاءِ خصوصي لباس ڏنو ويو هو. اسان تہ بس جڏهن قرآني آيات ڏسندا آهيون تہ تڪيندا ئي رهجي ويندا آهيون. ان جو معمار بوشناف boushnaf نالي هڪ ترڪ شخص هو. جيڪو 1805ع کان 1849ع تائين مصر جي حڪمران محمد علي جي لاءِ هن عظيم مسجد جي تعمير لاءِ استنبول مان آيو هو. پر انهيءَ جي زندگي ۾ اهوڪر

ختم نہ ٿيو هو. بعد ۾ انهيءَ جي جانشينن ان کي مڪمل ڪرايو هو.

1899ع ۾ مسجد ۾ شگاف پوڻ جا آثار نظر آيا. مرمت ڪرڻ سان فائدو نہ ٿيو تنهنڪري 1931ع ۾ شاهہ فواد اول جي دور ۾ هڪ ڪميٽي تشڪيل ڏني وئي. جنهن ۾ عظيم معمار شامل هئا. جن آخرڪار هڪ وڏي تبديليءَ جي سفارش ڪئي. انهن جي مرضي هئي تہ مسجد کي مسمار ڪيو وڃي پوءِ ان جي تشڪيل نو ڪئي وڃي. 1931ع ۽ 1939ع جي وچ ۾ان منصوبي کي مسمار ڪرڻ، عمارت سازي ۽ تعميرنو، پينٽنگ ۽ سون جو پاڻي لڳائڻ سميت شروع ڪيو ويو. ان ۾ مرڪزي مواد چونو ۽ پٿر هو. پر مسجد جي هيٺين حصن ۽ ساحلي پٽي کي سفيد سنگِ مَر مَر سان سنواريو ويو. مسجد مستطيل شڪل جي ٺهيل آهي ۽ ٻن حصن تي مشتمل آهي. اولهہ واري حصي کي اڳڻ چيو وڃي ٿو ۽ اوپر واري حصي کي "ايوان نماز" چيو وڃي ٿو. اوپر وارو حصو اهو حصو آهي جيڪو دعا جي لاءِ وقف آهي. هيءَ شڪل ۾ چورس آهي، جنهن جي هر طرف کان پيمائش 41 ميٽر آهي. ان ۾ هڪ ڇت آهي جنهن ۾ مرڪزي گنبد آهي. وڏي وسطي گنبد جي چئني طرفن کان چار اڌ گنبد آهن ۽ ڪنڊن وٽ چار ٻيا ننڍا گنبد آهن.

مسجد اندران ڏسڻ کان پوءِ اڳڻ ۾ آياسين، اتي قلعي جي ڪجهہ حصي ۾ تالا لڳل هئا. پوءِ انهن جي چئني پاسن کان جائزو وٺڻ شروع ڪيوسين. مسجد جي ڪاهي پاسي کان پورو قاهره اسان جي قدمن جي هيٺان نظر آيو. جتي اسان بيٺا هئاسين اتان اسان کي مسجد حسن ۽ رفاعي مسجد آمهون سامهون نظر اچي رهيون هيون. سامهون پورو شهر قاهره نظر اچي رهيو هو. جنهن ۾ گهر، فليٽون، ميوزيم، ٽاور ۽ الازهر يونيورسٽي، امام حسين عليه السلام ۽ بيبي زينب رضہ جو مقبرو وغيره انهيءَ کان علاوه پنهنجي موج ۾ وهندڙ دريا نيل جيڪو خاموشيءَ سان وهي رهيو هو انهيءَ جي مٿان ٺهيل پليون، مطلب تہ هڪ نظر ۾ پوري قاهره جو ديدار ٿي ويو. درياهہ نيل جي ٻنهي پاسن کان سٽيون سٽيون عمارتون ٺهيل هيون ڪٿي ائين بہ آبادي هئي جو ان جو چوڌاري درياهہ وهي رهيو هو ۽ اهو علائقو جزيري وانگر محسوس ٿي رهيو هو. ان کان علاوه اهرام مصر بہ اکين جي سامهون شان سان بيٺل هئا. مٿاهين کان جيڪڏهن ڪابہ جڳهہ ڏسڻ ۾ ايندي آهي تہ اهو نظارو ئي ڪجهہ ٻيو هوندو آهي. هر شيءَ ننڍي نظر ايندي آهي پر هتان ائين پيو لڳي تہ اسان سڄي شهر قاهره جو ماڊل ڏسي رهيا آهيون ۽ سڀ سمجهہ ۾ اچي پيو تہ ڪهڙي جڳهہ ڪهڙي طرف آهي؟ پر جيڪڏهن اتان مسجد ڏي ڏسجي پيو تہ اها تاج محل جهڙومثال پيش ڪري رهي هئي ۽ تمام گهٽي حسين ۽ خوبصورت نظر پئي آئي پوءِ اتان جبل تان

هيڪ لهڻ شروع ڪيوسين ڇوتہ اتي ڪجهہ ميوزيم انهيءَ چار ديواري جي اندر موجود هئا.

ال گوهره پليس ميوزيم قصر الجوهرة

هن ميوزيم کي بيجو محل جي نالي سان بہ سڃاتو وڃي ٿو. هيءَ هڪ محل هو، جيڪو اڃڪلهہ ميوزيم بڻجي ويو آهي، جنهن جو آغاز محمد علي پاشا 1814ع ۾ ڪيو هو. ان محل جي تعمير ۾ ڪيترن ئي ملڪن جي ماهر ڪاريگرن حصو ورتو هو. هن محل جي هڪ طرف اڳڻ هو ۽ اندر داخل ٿي ٻئي پاسي ڏانوسين تہ اهرام مصر ۽ نيل ندي بہ نظر پئي آيا. هيءَ محل بہ دفعا تباہ ٿي چڪو هو. هڪ دفعو 1822ع ۾ باهہ محل جي ڪاڻي ساڙي تباهہ ڪري ڇڏي. اها باهہ هن ڏينهن تائين جاري رهي ۽ پوءِ محمد علي ان کي تعمير ڪرايو.

ٻيو دفعو بارودي ڏماڪن جي ڪري باهہ لڳي وئي هئس. پوءِ وري انهيءَ جي تعمير نو ڪئي وئي ۽ ان کي وسيع بہ ڪيو ويو. ان جون دريون مغربي نموني جون ٺهيل هيون. هتي پاشا مختلف ملڪن مان آيل مهمانن جو استقبال ڪندو هو. اتي لڳل هڪڙو خوبصورت فانوس هو. جيڪو فرانس جي لوئس فلپ اول ان کي تحفي ۾ ڏنو هو. هڪ تخت بہ رکيل هو جيڪو انليءَ جي بادشاهہ جو ڏنل تحفو هو ۽ ٻيون بہ ڪيتريون شيون رکيل هيون.

ڪيريج ميوزيم

1983ع ۾ هن ميوزيم جو افتتاح ڪيو ويو. ان ۾ خديو اسماعيل جي دور کان وٺي بادشاهہ فاروق جي دور تائين مختلف قسم جون گاڏيون (مختلف) رنگن ۽ مختلف طريقن جون ٺهيل موجود هيون. ان کان علاوه گاڏين جي متعلق ٻيون نادر نوادرات بہ موجود هيون. هن ميوزيم ۾ محمد علي جي شاهي خاندان جون گاڏيون بہ آهن، هتي تقريباً 78 گاڏيون آهن. جن مان ڪجهہ تحفي ۾ ڏنل گاڏيون بہ آهن. جيڪي اسماعيل جي دور کان وٺي فاروق جي دور تائين يورپ جي بادشاهن جي پاران تحفن ۾ پيش ڪيو ويون آهن. هيءَ عمارت سرن جي ٺهيل آهي، جنهن ۾ مستطيل دريون ڪافي تعداد ۾ موجود هيون. هر دريءَ جي مٿان گهوڙي جو هڪ مٿو ٺهيل هو. ائين لڳي ٿو جڻ تہ اهي خير مقدم ڪري رهيا هجن. هن ميوزيم ۾ ڏاڍو مزو آيو ڇو تہ مختلف رنگن جون گاڏيون ۽ پورو ڪمرو بہ رنگ بہ رنگي محسوس ٿي رهيو هو. دل چوي پئي تہ هر گاڏيءَ جو فوٽو ڪڍون. ۽ جنهن دروازي مان داخل ٿياسين، اتي بورڊ لڳل هو جنهن ۾ ڪيمرا جي نشان کي ڪٽيو ويو هو. جنهن جو مطلب هوندو آهي تہ فوٽ نٿا ڪڍي

سگهو. چاڪاڻ ته ڪجهه جڳهن ئي فوٽو ڪڍڻ جي منع هوندي آهي. ڇو ته انهن جو چوڻ هوندو آهي ته فليش جي لائيٽ جي ڪري انهن رنگن تي اثر پوندو آهي ۽ اهي اونداهاڻي ويندا آهن. ان وقت مون کي هڪ ڳالهه ياد اچي وئي ته اسان ڪنهن ملڪ جي ميوزيم ۾ وياسين. اتي به اهڙي طرح لکيل هو. اسان کان پهريائين هڪ گروپ چائينز جو موجود هو. اهي مسلسل تصويرون ڪڍي رهيا هئا. اسان حيران ٿي وياسين ۽ همت ڪري گارڊ کان پڇيو ته اسان تصوير ڪڍي سگهون ٿا. ته هن انڪاري انداز ۾ ڪنڌ لوڏيو. اسان سمجهيو ته ڪو اهم گروپ هو. جنهن کي اجازت آهي. اسان اتي ڏسي ئي رهيا هئاسين ته گروپ باهر نڪتو ۽ گارڊ جي هٿ تي پئسا رکيائين. پوءِ اسان کي پوري ماجرا سمجهه ۾ اچي وئي. پوءِ اسان به اهو ئي طريقو اختيار ڪيو ۽ اسان کي به تصوير ڪڍڻ جي اجازت ملي وئي.

سو هتي به اسان معلومات حاصل ڪئي ته تصوير اسان ڪيئن ڪڍي سگهون ٿا. ته انهن چيو توهان کي باقاعدي سرڪار کان اجازت ونڊي پوندي ۽ پوءِ انهن آفيسرن جي مرضي آهي ته هو اجازت ڏين يا نه ڏين. ان ۾ ته تمام گهٽي وقت جي ضرورت هڻي جيڪو اسان نه پڻي ڏئي سگهياسين. اتي هڪ تمام وڏي گاڏي به هئي، جيڪا خديو اسماعيل جي دور ۾ بادشاهن ۽ ملڪائن جي لاءِ استعمال ٿيندي هئي. هڪ سنهري گاڏي هئي، جيڪا نيپولين iii (سوم) خديو کي تحفي ۾ ڏني هئي.

ڪجهه گاڏين تي هلائڻ واري ماڻهوءَ جو ماڊل به ٺهيل هو. جيڪو گاڏي ۾ هلائڻ واري انداز ۾ ويٺل هو. ڪجهه گاڏين جي پرسان ماڊل بيٺا هئا. گاڏين ۾ اندر ۽ باهر باقاعده لائيٽ جو به انتظام ٿيل هو. جيئن اڄ ڪلهه به اڪثر بادشاهن کي بگي ۾ ويٺل تي وي ۾ ڏيکاريو ويندو آهي مثلاً ملڪ ايلزبيٿ يا سئيڊن وغيره جي بادشاهن کي اهم موقعن تي ڏيکاريو ويندو آهي. ايئن لڳي پيو ته اڄ ڪلهه جديد دور ۾ جڏهن روڊن تي موٽر گاڏين جي اڇ وڇ آهي ته هتي پراڻي دور جون به گاڏيون اڃان تائين استعمال ٿيندڙيون رهن ٿيون ۽ انهن جي به پنهنجي اهميت آهي.

ملٽري ميوزيم

مصر پنهنجي دور ۾ ڪيترن فسادن ۽ جنگين مان گذريو آهي. فرعون کان وٺي جديد دور تائين مصر ۾ ڪيترين ئي جنگيون ٿيون. اهڙي طرح جنگ مصري تاريخ ۾ هميشه اهم ڪردار ادا ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو مصري حڪمرانن جنگي هٿيارن تي هر وقت توجهه ڏنو ۽ ماڻهن جي طرز زندگي به

تبديل ڪئي. صليبي جنگيون ۽ وڙهيون ويون. ان لاءِ هن ملٽري ميوزيمن جو دورو ڪرڻ ضروري هو. ان وقت شام جا تقريباً ٽي وڳا هئا. رش ۽ گهٽو هو. پهريائين جڏهن اسان داخل ٿي رهيا هئاسين تہ داخلي دروازي جي طور تي استعمال ٿيڻ وارو هڪ وڏو ۽ پراڻو گيٽ هو. جيڪو شايد ان دور ۾ دشمنن جي خلاف دفاع جي طور تي استعمال ٿيندو هو. ان ۾ ننڍيون دريون ۽ هيون. جنهن طرح مورچن ۾ دريون هونديون آهن، جتان فوجي فائر ڪندا آهن. گيٽ وٽ ڪاري توپ ۽ رکيل هئي. ميوزيم ۾ داخل ٿياسين تہ ڏاڍا پراڻا هٿيار رکيل هئا.

راهداري ۾ ابراهيم پاشا جو هڪ وڏو مجسمو آهي، جيڪو گهوڙي تي سوار هو. جيڪو جنگ تي وڃڻ لاءِ بندوق جهلي بيٺو آهي. هيءَ مصر جو گورنر ۽ رهي چڪو هو ۽ عثمانيہ دور جو هڪ مصري جنرل ۽ هو.

ميوزيم جي اندر ئي جنگ عظيم ۾استعمال ڪيل هٿيار ۽ شامل هئا ۽ اهم شخصيتن جا ڪجهہ مجسما ۽ موجود هئا. مثلاً: مينيس (Menes)، احموس ۽ رميسس II (ٻيو) وغيره.


ميوزيم جي مرڪزي حصي ۾ جڏهن داخل ٿياسين تہ جديد مصر جي جنگ جا سڀ کان اهم مناظر نظر آيا. اِهي 1973ع جي جنگ ۾ ڪجهہ مصري فوجين جون تصويرون هيون، جيڪي نهر پار ڪندي ڏيکاريا ويا هئا.

ان کان پوءِ ٻيو حصو فوجين جي مجسمن تي مشتمل هو. جيڪي مختلف وردين ۽ لباس پهريل نظر آيا. هتي ڏسي اهو احساس ضرور ٿي رهيو هو تہ وقت سان گڏ فوجين جي پائڻ واري وردي ڪيتري حد تائين تبديل ٿي چڪي آهي ۽ موسم جي حساب سان ۽ فوجين کي مختلف وردين پاتل ڏيکاريو ويو آهي. هيلمٽ جا ۽ مختلف قسم پاتل هئن. جنهن ۾ قديم ۽ جديد دور جا ۽ ڏيکاريا ويا هئا. ۽ پوءِ مصر ۾ وقتي طور تي استعمال ٿيڻ وارين تمام ٽوپين جو هڪ تمام وڏو پينوراما موجود آهي ۽ واقعي دلچسپ نمائش هئي، جيڪي ظاهر ڪري پئي تہ هيءَ هٿيار ڪهڙي طرح تيار ٿيا ۽ انهن جنگن ۾ ڪيئن اهم ڪردار ادا ڪيو. ڪافي تلوارون ۽ موجود هيون، جيڪي قديم دور ۾ فوجين جو اصل هٿيار هئا. ان کان علاوه ايجان ۽ قديم هٿيار خنجر ۽ ڪهاڑيون ۽ موجود هيون.

منهنجي راءِ مطابق ان حصي جو سڀ کان دلچسپ حصو محمد علي نمائش هئي، جنهن ۾ اصل ۾ مصر جي عثماني دور جي پوري نمائش شامل هئي. جيئن تہ محمد علي کي مصر ۾ جديد دور جو باني جو سهرو ملهيل هو. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان جي دور ۾ مصري زندگي اسلحي ۽ ان کان علاوه ٻين شين ۾ ڪهڙي طرح ترقي ڪئي. محمد علي ۽ ان جي جانشينن جا متعدد




قديم قاهر، بيبيلون قلعو



قديم قاهره جو هنگ چرچ



قديم قاهره جو ميوزيم



قدیم قاهره میوزیم



قدیم قاهره جي هڪ چرچ



قدیم قاهره سینٹ میري چرچ/هینگنگ چرچ



قديم قاهره سينت ميري چرچ/هينگنگ چرچ



قديم قاهره پركوپتک ميوزيم



قديم قاهره پركوپتک ميوزيم



قاهره، جامعة الازهره



قاهره، الازهره مسجد جي اندر



قاهره، تاوروت



قاهره تاور



قاهر تاور كان شهر قاهره جو منظر



قاهره تاور جي چت تي



قاهره، اوبيرا هاتوس وت



قاهره، خان الفيلي بازار جوذيک



قاهره، خان الفيلي
بازار جوذيک




قاهره، خان الخلي بازار وٽ ريسٽورينٽ



قاهره، امام حسين عليه السلام جي مسجد ۽ خان الخيلي بازار وٽ ريسٽورينٽ



قاهره، تحرير اسڪائر وٽ، قاهره قديم عجائب گهر جي سامهون



قاهره، تحرير چوڪ تي



اسوان هاءِ ڊيم تي




اسوان هاءِ ڊيم تي سياحن سان گڏ



اسوان هاءِ ډيم
وڻ روس ۽ مصر
دوستيءَ جو يادگار



اسوان هاءِ ڊيم جو روس ۽ مصر جي دوستيءَ جي يادگار تي



فلائي، ايزيس مندر ڏي ٻيڙيءَ ۾ روانگي




فلاني، ايزيس متدر جي اندر



فلاني، ايزيس متدر جي اندر



فلاني، ايزيس متدر جي اندر



فلائي، ايزيس مندر جي اندر



فلائي، ايزيس مندر جي اندر




نيل ندي ميوزيم جو مين گيٽ




نيل ندي ميوزيم جو باهريون ڏيک



نيل ندي ميوزيم جو باهريون ڏيک



نيل ندي ميوزيم جو باهريون ڏيک



ابو سمبل، Ramsses پئي جي مندر جي سامهون



ابو سمبل، Ramsses پئي جي مندر جي سامهون




ابو سمبل، نيفرتري مندر جي سامهون



کوم اومبو Kom Ombo مندر ۾



کوم اومبو Kom Ombo مندر وٽ ريسٽورينٽ ۾ نيل نديءَ جو نظارو




کوم اومبو Kom Ombo مندر وٽ ريسٽورينٽ ۾ نيل نديءَ جو نظارو



هورس جو Edfu ادفو مندر جي اگيان



هت شي پشت Hatshepsut دير البحري مندر جي سامهون



هت شي پشت Hatshepsut دير البحري مندر جي اندر



هت شي پشت Hatshepsut دير البحري مندر وت سياحن سان گڈ



هت شي پشت Hatshepsut وير البحري مندر جي سامهون



هت شي پشت Hatshepsut دير البحري مندر جي اندر

مجسما موجود آهن ۽ محمد علي۽ کي جيڪو سنهرو تاج پاتل هو، اهو گهٽو دلچسپ هو. سوڊاني حصو بہ هو. چاڪاڻ تہ مصر جي تاريخ سوڊان سان بہ وابستہ رهي آهي. چو تہ نيل ندي، مشترڪ سرحد ۽ مشترڪ ورثو وغيرہ جي ڪري هو هڪ ٻئي جي ويجهو رهيا آهن. ٻئي حصي ۾ انقلاب کان اڳ واري نمائش شامل آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ مصري ڪهڙي طرح برطانوي جنگ ۾ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ وڙهيا آهن. فوجي آفيسر آزاديءَ جي لاءِ مصري انقلاب جي منصوبہ بندي ڪري رهيا آهن. ان فوجي دستن جي هڪ گروپ ۾ جمال عبدالناصر جيڪو، جديد مصر جو پهريون صدر بڻيو، اهو بہ شامل آهي ۽ ان دور جا بہ هٿيار هٿا.

ان کان پوءِ هڪ حصو اهڙو هو، جنهن ۾ 1973ع ۾ اسرائيل سان جنگ جي نمائش هئي. ان ۾ اهڙيون تصويرون هيون جيڪي مصرين جي بهادري جو اظهار ڪري رهيون هيون.

تاريخ پوليس ميوزيم

آرمي ميوزيم گهمڻ کان پوءِ بس هڪ ٻي ميوزيم رهجي ويو. جيڪو پوليس ميوزيم هو. جيتوڻيڪ تمام گهٽن ماڻهن جو خيال آهي تہ مصر ۾ پوليس جو نظام 19 هين صدي جي آغاز ۾ محمد علي۽ قائم ڪيو هو. (جڏهن ان مملوڪن جو قتل عام ڪيو هو. ان پوري ملڪ جو ڪنٽرول سنڀاليو هو ۽ جديد مصر جو بنياد رکيو هو) پر تاريخ مان اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ مصري پوليس کيترين صدين اڳ موجود هئي. فرعوني دور جي پراڻي سلطنت جي آغاز کان وٺي مصر ۾ پوليس نظام جي ڪجهہ شڪل موجود هئي. جڏهن بادشاهہ مينيس کي شمالي ۽ جنوبي مصر کي متحد ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي تڏهن درياهہ نيل جي پاڻي۽ کي مصر جي ڪڙمين ۾ تقسيم ڪرڻ واري عمل کي منظم ڪرڻ جي لاءِ هڪ نظام جي ضرورت پيش آئي. پراڻي بادشاهت ۾ پوليس نظام جي سربراهہ جي حيثيت ايتري قدر نازڪ هئي جو بادشاهہ يا فرعون جي حفاظت جي ذمہ داري ان کي سونپي وئي. وقت گذرڻ سان پوليس ۾ سرڪاري ادارن جي حفاظت، ملازمن ۽ عهديدارن جي پيروي ۽ حڪومت جي لاءِ ڪم ڪرڻ وارن کي ۽ ڪنهن بہ بدعنوان ثابت ڪرڻ وارن کي برخاست ڪرڻ ۽ فرعون جي حفاظت جهڙا اهڙا ٻيا بہ ڪيترائي ڪم. پوليس جي حوالي ڪيل هوندا هئا. آخرڪار اهو پوليس جي سربراهہ جي حيثيت سان قديم مصر ۾ هڪ اهم ترين عهدي تي فائز ٿي ويو ۽ انهيءَ کي هميشہ بادشاهہ خصوصي نگهداشت سان گڏ منتخب ڪيو.

قديم مصري پوليس جي اهم ڪمن ۾ شاهي خاندان ۽ بادشاهه جي مقبرن ۽ تدفين جي جڳهين جي حفاظت ڪرڻ به شامل هو. مصري پوليس ۽ مصري عوام جي وچ ۾ تعلقات هميشه دوستن جهڙا هئا، ڇو ته ماڻهن سمجهن پيا ته پوليس اهلڪار انهن جي حفاظت جي لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن.

قديم زماني جي سڀ ۽ دوستي وارن لاڳاپن جي باوجود پوليس سان لاڳاپا پٽوليمڪ دور ۾ خراب ٿيندا ويا. اهي پوليس اهلڪار جيڪي هميشه مصر مان منتخب ڪيا ويندا هئا. سي يوناني ٿيندا ويا ۽ مصري انهن کي غير ملڪي سمجهندا هئا. انهنجو اصل مقصد گهٽي کان گهٽي رقم جمع ڪرڻ هو. پر پٽو ليمڪ دور جي ختم ٿيڻ وقت حالات بدلبا ويا. جن رومين پٽوليمز کي تسلي ڏني ۽ پوءِ رومين ڪجهه مصرين کي پوليس جي حيثيت سان پرتي ڪيو ۽ ان عمل پوليس نظام کي عام طور تي بهتر انداز ۾ ڪم ڪرڻ ۾ مدد ملي، جيتوڻيڪ پوليس جي قيادت رومن جي ماتحت رهي.

جڏهن مسلمان سن 641ع ۾ مصر ۾ داخل ٿيا ته پوليس نظام جي تصور ۾ هڪ بنيادي تبديلي ڏني. پوليس جي ڪم جي باري ۾ عربن جو پنهنجو نظريو هو. جيڪي عمر ابن الخطاب جي دور ۾ نائيٽ واچرس The night watchers جي نالي سان نمودار ٿيا. حضرت محمد ص جي وفات کان پوءِ عرب دنيا تي حڪمراني ڪرڻ واري خليفن مان هڪ حضرت علي ابن ابي طالب عليه السلام حڪومت جي دور ۾ نبي اڪرم محمد صلي الله عليه واله واسلام جي وقت کان هليو ايندڙ پوليس جون سرگرميون وڌيڪ منظم هيون. پوري نظام کي پوليس جو مالڪ چيو ويندو هو ۽ اهو ان اعليٰ طبقي مان منتخب ڪيو ويو هو.

مصر ۾ اسلامي دور ۾ پوليس جو سربراهه هڪ انتهائي اهم عهدي تي فائز هو. ۽ ان کي خود خليفي جو نائب به سمجهيو ويندو هو.

مصر ۾ اسلامي دور کان پوءِ پوليس سسٽم ۾ ڪا خاص تبديلي نه آئي سواءِ ان وقت جڏهن پوليس کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو هو. هڪ قاهره جي ماڻهن جي حفاظت جي لاءِ ۽ ٻي الوسط جي ماڻهن جي لاءِ. فاطمين جي حڪومت جي دوران مصر ۾ هيءَ نظام ان وقت تائين قائم رهيو، جيستائين عثمانين 1516ع ۾ مصر تي قبضو نه ڪيو ۽ جڏهن عام طور تي لاقانونيت پوري مصر ۾ ڦهلجي وئي. خصوصاً عثمانين ۽ مملڪن جي وچ ۾ ٿيڻ وارن جهڳڙن ۾، جنهن جي ڪري نپولين بونا پارٽ کي مصر تي حملو ڪرڻ ۾ آساني ٿي. پوءِ لاقانونيت جو خاتمو 1805ع ۾ تڏهن ٿيو، جڏهن محمد علي مصر تي حڪومت قائم ڪئي.

محمد علي پوليس نظام کي باقاعده ناهڻ شروع ڪيو ۽ ان دور ۾ پوليس

جا فرائض بہ وڌي ويا ۽ ان جديد پوليس جي شڪل اختيار ڪرڻ شروع ڪئي. جيڪا اڄ اسان ڄاڻيون ٿا. عوامي عمارتن ۽ انجمن جي تحفظ کان علاوه پوليس نظام ۾ نوان محڪما ۽ مشن شامل ڪيا ويا. هن ۾ ڪسٽم پوليس ۽ خفيہ پوليس بہ شامل هئي. جن جو مشن گل فروشون جي لباس ۾ ويس بدلائڻ،محمد علي ۽ ان جي شاهي خاندان جي حڪومت جي مخالفت ڪرڻ وارن دولت مندن جي نقل حرڪت تي نظر رکڻ ۽ حڪومت جي اعليٰ حڪام کي رپورٽ موڪلڻ شامل هو.

پوليس اهلڪارن کي مصر جي عوام تي تشدد جي استعمال کان روڪڻ جي لاءِ جيڪو پهريون حڪم نامو هو. جڏهن 1863ع ۾ خديو اسماعيل برسراقتدار آيو تہ ان ہن الطالوي آفيسرن کي گهرايو ۽ پوليس جو نظام تشڪيل ڏنو ۽ اهو پهريون موقعو هو جڏهن مصر ۾ لفظ "پوليس" ظاهر ٿيو. هيءَ لفظ دراصل لاطيني آهي ۽ ان جي ڪجهہ يوناني ابتدا ٿي ۽ ان جو مطلب تهذيب ۽ شهريت آهي .

پوليس ميوزيم

جڏهن اسان پوليس ميوزيم ۾ داخل ٿيڻ وچون پيا تہ پهريائين اسان کي ڊاڪٽيون چڙهٽيون پيون. اتي سڀ کان وڌيڪ حيرت انگيز خصوصيت اها نظر آئي تہ ساڄي ۽ کاهي پاسي کان شينهن جو وڏو پٿر جو مجسمو نظر آيو جيڪو جڙ تہ عجائب گهر جي حفاظت جي لاءِ بيهاريو ويو هو.

پوليس ميوزيم جي پهرين گذر گاهہ ۾ وزراءِ داخلا جون ڪجهہ تصويرون ڏيکاريون ويون آهن، جيڪي مصر جي جديد دور ۾ آيا ۽ جيڪي ملڪ جي اندروني معاملات جا ذمہ دار هئا.

ان جي پهرئين هال ۾ ڪافي بيشمار هٿيار رهئا، جيڪي مصري تاريخ جي مختلف دور ۾ استعمال ڪيا ويا هئا. اتي هڪ وڏي چڙي بہ رکيل هئي جيڪا فرعوني دور ۾ ڍال جي طور تي استعمال ٿيندي هئي. هتي بندوق ۽ پستول بہ تمام گهٽي تعداد ۾ رهئا، جيڪي انگريزن جا تيار ڪيل هئا. جيڪي 20 صدي جي آغاز ۾ ان ملڪ تي قبضي جي دوران پنهنجيون ڪئي ٽاهيل شيون مصر کي درآمد ڪندا هئا. مصر پوليس، 1952ع ۾ مصر تي قابض برطانوي فوج سان ٿيڻ وارين جديد جهڙپن کان پوءِ ماڻهن کي انقلاب جي لاءِ متحرڪ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. جنهن مان ثابت ٿيو تہ پوليس جو ڪم صرف چورن ۽ لڱن جي ڏمڪين کان بچائڻ نہ هو. پوليس ميوزيم جو هيو هال انهن جنگين جو مثال پيش ڪري رهيو هو جيڪي 1951ع ۾ اسماعيليہ ۾

جهڙيون ٽيون هيون. ان جنگ ۾ حصو وٺڻ وارن آفيسرن جي تمام گهٽين اصلي تصويرن، مختلف قسمن جي مصوري ۽ جنگ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪجهه هٿيارن کي رکيو ويو هو. ان ڪانپوءِ اسان قاهره جي قلعي ۾ واقع پوليس ميوزيم جي انتهائي دلچسپ حصي ۾ داخل ٿياسين. جيڪو جرم ۽ مجرم جو هال هو. ان حصي ۾ مصر جي مختلف مشهور مجرمن جون تصويرون ۽ آڪاٽيون شامل هيون، مصر جون ٻه پيٽون وڏيون مجرم هونديون هيون جيڪي اسڪندريه ۾ رهائش پذير هيون ۽ طوائفن جي هڪ وڏي گروه جي سربراهه جي طور تي ڪم ڪنديون هيون. انهن جا نالا ريا ۽ سڪينه هئا. هو پنهنجي گهرن ۾ عورتن جو استقبال ڪنديون هيون. پنهنجي مڙسن جي مدد سان انهن جو قتل ڪنديون هيون، انهن کي پنهنجي اڳڻ ۾ دفن ڪنديون هيون ۽ انهن تقريباً 30 عورتن کي قتل ڪيو هو. مصري پوليس انهن ٻنهي پينرن جا راز دريافت ڪرڻ جي لاءِ هڪ طويل عرصو جاچ ۾ گذاريو ۽ آخر پوليس ڪامياب ٿي وئي. طويل تحقيقات جي دوران به جنرل اٽارني جي لاءِ اهو ثابت ڪرڻ تمام گهٽو مشڪل هو ته ٻئي پيٽون قتل جون ذميدار آهن.

جيتوڻيڪ هي ايترو وڏو ميوزيم نه هو پر ڏسڻ جي قابل هو. اتان پوءِ وري واپسي جو رستو ورتوسين ۽ جبل لهي هيٺ اچي وياسين. توهان کي ان ڳالهه جي ته خبر هوندي ته جبل چڙهڻ کيڏو نه مشڪل هوندو آهي. پر لهڻ تمام آسان هوندو آهي ۽ انهيءَ سان گڏ جيڪڏهن روڊ به ٿهيل هجي ته پوءِ آساني ئي آساني آهي ۽ اسان به جلدي هيٺ اچي پهتاسين.

اسان هيڏي هوڏي نهاريو ته ڊرائيور نظر ئي نه آيو. هن وبندي مهل اهو چيو هو ته مان پنهنجي ڀارن کي اسڪول مان وٺي گهر چڏي پوءِ اچي ويندس اتي ان جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. پوءِ پاسي ۾ ڪجهه ننڍا اسٽال نظر آيا اتي وڃي ٽورو وقت پاس ڪيوسين. چاڪاڻ ته اسان سوچيو ته رش جو وقت آهي ڪٽي قاسي پيو هوندو ۽ 15-20 منٽن ۾ اچي ويندو. پر هڪڙو ڪلاڪ گذري ويو. رفيع چيو ته باقي پنج منٽ ڏسون ٿا، اگر نه آيو ته ٻي ٽيڪسي ڪري ٻئي منزل ڏانهن روانا ٿي ويندا سين. چو ته ان روڊ تي رش به گهٽي هئي ۽ خالي ٽيڪسيون به نظر اچي رهيون هيون. ٿوري دير کان پوءِ هڪ ٽيڪسيءَ کي رفيع هٿ ڏنو ته اهو اسان جي طرف مڙيو ۽ اسان جي اڳيان اچي رڪيو. جڏهن ويجهو پهتو ته ڏٺوسين ته هيءَ ته اسان واري ٽيڪسي آهي، جنهن ۾ اسان هوٽل تان نڪتا هئاسين. پوءِ ته رفيع انهيءَ کي ڏاڍي ٻڌائي ۽ چيائينس ته اسان هتي ڪجهه ڏينهن لاءِ آيل آهيون. اسان جي لاءِ هتي هڪ هڪ منٽ قيمتي آهي، پر تو اسان جو هڪ ڪلاڪ خراب ڪري ڇڏيو. ان چيو ته مان ٽريفڪ ۾ قاسي پيو

هوس پر شڪل مان لڳي پيو تہ ڪوڙ ٿو ڳالهائي. بهرحال ٻئي ملڪ ۾ انسان ننڍي تنبيهه ئي ڪري سگهي ٿو. اسان وڏو مسئلو پيدا نہ ٿيا ڪرڻ گهرون.

الازهرا باغ

اتان کان الازهرا باغ ويا سين، جيڪو قلعي کان ٻہ نظر اچي رهيو هو ۽ ويجهو ٻہ هو. ان جي تعريف ٻہ ٻڌي هئي ۽ ماڻهن جو چوڻ هوتہ قاهره ۾ ننڍا ننڍا باغات ٻہ گهٽا آهن، پر هي، باغ سڀ کان پر لطف ۽ دلفريب آهي. اهڙي طرح ڊرئيور گاڏي هڪ ريسٽورينٽ جي ويجهو آڻي بيهاري ۽ اسان کي چيائين تہ هتي پارکنگ ناهي، اها الاهي پري آهي. جيڪڏهن مان اتي هلندس تہ توهان کي تمام گهٽو هلڻو پوندو. توهان هتي لهي پارک گهمي اچو. مون کي مس ڪال ڏجو تہ مان پنجن منٽن ۾ هتي پهچي ويندس. اسان ٻہ حامي پري، چو تہ منجهند جو کاڏو ڪونہ کاڏو هئوسين. سوچيوسين تہ پهريائين کاڏو کائي جان ٺاهيون تہ جيئن ايڏو وڏو پارک گهمي سگهون. ڊرائيور پهريائين هڪ گيٽ تي وٺي ويو. اتان پارک ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ، پر گيٽ تي جيڪو گارڊ هو. تنهن وڃڻ نہ ڏنو ۽ چيائين تہ هي، گيٽ قاهره جي ماڻهن جي لاءِ آهي ۽ غير ملڪن جو گيٽ ٻئي طرف آهي. هُنَ ڊرائيور کي رستو سمجهايو ۽ پوءِ ان هتي اچي ڇڏيو ۽ اهو ريسٽورينٽ مان گذري پوءِ پارک ۾ داخل ٿئي پيو. اندر داخل ٿياسين تہ ٿورو وراندو هو. جنهن ۾ هڪ ننڍي اسلامي طرز جي گيلري ٺهيل هئي ۽ هڪ ننڍو ڦوهارو ٻہ هو. ان جي چوڌاري ڊزائين ٺهيل هئي. اسان اتان نڪري، ڪليل آسمان جي هيٺان ريسٽورينٽ هو. اتي وڃي ويهي رهياسين. ان وقت هلڪي هلڪي سردي ۽ اس ٻہ هئي ۽ امبريلا ٻہ لڳيل هئي، پر اسان جي ميز تي ايتري سخت اُس ٻہ نہ هئي ان جي ڪري امبريلا جي ضرورت نہ پئي. ميز تي گلابي رنگ جا ميز پوش هٿا، جيڪي چئني طرفن کان هڪ ڪلپ سان گڏ بند ٽيل هٿا. تہ جيئن ميز پوش اڏامڻ کان بچي سگهن. اسان جتي وينا هئاسين اتي پارک ۽ ريسٽورينٽ جي وچ ۾ جهنگلو لڳل هو. جيڪو ايتري اوچائي تي نہ هو، پر ان جو قد اسان جي ميز کان ٻہ ننڍو هو. اتان کان باغ پوري ريت نظر پئي آيو. واقعي ٻہ دلفريب منظر هو. رفيع چيو تہ ڏس ڪيترو نہ سهڻو منظر آهي. تہ مون چيومانس تہ پهريائين ويٽر کي گهرائي مينو ڪارڊ جو منظر ڏس. چوتہ هاڻي پيٽ جو منظر بلڪل خالي آهي. اتي پاڻي، جو آبشار ٻہ نظر نہ پيو اچي. سبزيون ۽ ميوو نظر نہ پيا اچن. مادو خالي ٽانو وانگر ڪڙڪي رهيو آهي، آنڊن جي پائيپ لائين بلڪل خالي آهي. پتو تيل کي هضم ڪرڻ جي انتظار ۾ بيحال آهي ۽ بکين کي ٻہ مشروعات جي ضرورت آهي تہ جيئن اهي

بہ پنھنجي ڪم ۾ لڳي وڃن بلڪل ويرانو ٿي ويرانو آھي. پوءِ رفيع کي بہ ڪل اچي وڃي پر ھُنَ جون اکيون باغ جي طرف راغب ھيون. پر ويتر شايد اسان جي شڪل جي ويراني ڏٺي. ان کي لڳو تہ ھي ويچارا کي غريب آفريڪن آھن. انھن جي فوري خدمت ڪئي وڃي ۽ ڪلنڊي پاڻيءَ جو گلاس ۽ مينو ڪارڊ اسان جي سامھون اچي رکيائين. اسان ھُنَ کي چيو تہ ٽيپ واٽر نہ منرل واٽر جي بوتل آڻي ڏي. سمجھ ۾ نہ پيو اچي تہ ٽيپ واٽر صحيح ھوندو الائي نہ؟ اسان مينو ڪارڊ کوليو پھريائين تہ دھي ۾ ونگو ڏٺوسين تہ انھيءَ جو آرڊر ڏئي ڇڏيوسين. پوءِ مشروم ڪريم سوپ گھرايو سين. ھڪ ڪباب جي پليٽ جنھن ۾ سلاد ۽ فرينچ فرائيز بہ ھٿ تمام گھٽي تعداد ۾ ۽ ھڪ ڪلب سينڈ وچ گھرايو سين. ڪاڏو جلدي اچي ويو. ڪائڻ سان ٿورو اکيون کليون پوءِ تہ ڪاڏي جي مزي سان گڏ باغ جو مزو وٺندا رھياسين ۽ آخر ۾ ڪولڊرنڪ ۽ منٽ ۾ ليمونيٽ گھرايو سين. ھتان کان پارڪ مڪمل طور تي نظر اچي رھيو ھو ۽ پارڪ جتي ختم پيو ٿئي تہ انھيءَ کان پوءِ ڪافي تاريخي عمارتون بہ نظر اچي رھيون ھيون. جنھن ۾ قلعہ، ان ۾ ٽھيل محمد علي مسجد، مسجد سلطان حسن، مسجد الرافائي، جامع الازھرا ۽ ايوب وال Ayoubi wall، جيڪا پارڪ ۾ ھئي، اھا بہ نظر اچي پيئي. پورو نظارو ڏسي دل کي ڏاڍو سڪون پئي محسوس ٿيو ۽ تاريخ ذھن ۾ ڌھرائجي پئي. سڀ قديم دور جون ٽھيل ھيون.

ھي باغ قديم قاھرہ جي علائقي ۾ تعمير ڪيو ويو آھي. جنھن جي لاءِ اگر ھيءَ لفظ استعمال ڪيا وڃن تہ تاريخي قاھرہ جي دل ۾ تمام حسين منظر آھي تہ ان ۾ ڪو عار ڪونھي. ھيءَ پارڪ اڃان بہ ترقي ڪري رھيو آھي. ھتي پھريائين ھڪ گندگيءَ جو ڍير ھو. ھيءَ پارڪ قديم شھر جي آبادي کي صحيح ساھ کڻڻ ۾ مدد ڪري ٿو. درياھ نيل جي ڪري قاھرہ صدين کان باغات جو شھر چورائيندو ھو. پر 1980ع جي ڏھائي تائين شھر جا تقريباً سڀ باغ غائب ٿي ويا. پر آفريڪا جو سڀ کان وڏو شھر ھئڻ جي ڪري آبادي وڌندي وئي. ماڻھو ھجرت ڪري ھن شھر ۾ اچڻ لڳا. ۽ اھا صورتحال ٿي وئي جو پوري قوم جو چوٿون حصو آبادي ھن شھر ۾ اچي آباد ٿي. ان جي ڪري شھر ناقابل برداشت حالات جو ڪارڻ بنجي ويو. شھر ۾ پاڻيءَ جي ڪمي، صفائي جي ڪمي ۽ اتي ڪچي آبادي غير محفوظ ٿي وئي. جيئن اڇڪلھ ڪراچي جي صورتحال آھي، نہ صفائي جو ڪو نالو نشان ۽ نہ ئي پاڻيءَ جو ڪو بھتر نظام، ٽينڪر مافيہ جو زور، بجلي بہ نہ ھئڻ جي برابر، ڪاڏو پچائڻ جي لاءِ گيس موجود ناھي. جن ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ اسان جيڪي ڪجھ بہ ڪيون ٿا. ان ۾ تہ پوليوشن وڌيڪ وڌندي وڃي ٿي. ماڻھن جو ساھ کڻڻ مشڪل ٿي

ويو آهي ۽ هرشيءِ مهانگي کان مهنگي ٿيندي ٿي وڃي ٿي. ٽڪيس وڌندو ٿو وڃي. صرف اهو شڪر آهي الله تعاليٰ جو تہ آڪيسجن اسان کي ملي ٿي. ان تي ڪوبہ ٽيڪس نہ لڳايو ويو آهي، پر اسان جي حڪمرانن جو ڪنهن طرف بہ ڌيان ناهي.

پر مصر جي جيڪڏهن پراڻي دور جي ڳالهہ ڪئي وڃي تہ مصر ۾ باغ لڳائڻ جي قائدي جو ذڪر سفر نامہ امير خسرو ۽ هن طرح ڪيو ويو آهي.

"مصر ۾ عجيب ڳالهہ آهي تہ جنهن فصل ۾ ڪوئي بہ باغ لڳائڻ چاهي لڳائي سگهي ٿو. ڇو تہ جنهن قسم جي وڻ جي ضرورت آهي هر وقت (ذخيره مان) ملي سگهن ٿا ۽ شائق لڳائي سگهي ٿو. چاهي ميوي جو هجي ۽ ان ڪم جي لاءِ دلال مقرر آهن، جيڪي جلدي فرمائش جي تڪميل ڪن ٿا. انهن ذخيرن جي اها حالت آهي تہ وٽن ڪي ڪُوندين ۾ لڳائي، ڇتين تي رکن ٿا ۽ اڪثر گهرن جون ڇتيون باغ هوندیون آهن ۽ وڻ اڪثر ثمردار ٿيندا آهن مثلاً نارنگي، ڇڪون، صوف بہ ۽ گلن ۾ گلاب ۽ نازبو وغيره. جيڪڏهن ڪو خريدار هجي تہ مزدور ان ڪندين کي ڪائيءَ ۾ ٻڌي، جتي چاهن کڻي وڃن ٿا. جيڪڏهن چاهيو تہ انهن ڪندين کي زمين ۾ وجهي ڇڏيو ۽ جڏهن چاهيو زمين مان ڪڍي ڇڏيو. اهڙي طرح اڪثر ائين ٿيندوآهي ۽ وٽن تي انهن جو ڪوبہ اثر نٿو پوي هي طريقو مصر کان سواءِ پوري دنيا ۾ نہ مون ڏٺو ۽ نہ ٻڌو هو. ۽ انصاف اهو آهي تہ هيءَ هڪ وٽندڙ طرز عمل آهي.

بهرحال مصر جي ان حالت کي آغا خان چهارم جيڪو فاطميد امام خليفہ جو اولاد هو جي ڪري جنهن سال 969ع ۾ قاهره شهر جو بنياد رکيو هو. ان کي هڪ چيلينج جي طور تي قبول ڪيو. ۽ شهر جي لاءِ سبز ڦڙن کي ناهڻ لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. واضح ڪارڻ جي ڪري ڪافي جڳهہ تلاش ڪرڻ آسان نہ هو. پر آغا خان ٽرسٽ فار ڪلچر Trust of culture جي توسط سان هڪ موزون جڳهہ ملي وئي. جيڪا تقريباً 81 ايڪڙ تي مشتمل هئي. ۽ اها پراڻي شهر جي ويجهو هئي. پر دار الاحمر Darl al Ahmar جو ڳنڊيل گهٽ آمدني وارو علائقو، قاهره جو سڀ کان غريب ۽ پريشان حال علائقو هو . اهڙي طرح تاريخي اعتبار کان اهم عمارتن کي بي نقاب ڪيو ويو هو ۽ وڏي محنت سان بحال ڪيو ويو هو. تقريباً 20 سالن جي محنت مزدوري کان پوءِ هن پارڪ جو 2004ع ۾ ڪم مڪمل ٿي ويو. هڪ سال کان پوءِ ان جو افتتاح ٿيو. ان پارڪ کي ناهڻ ۾ 30 ملين ڊالر (25.2 ملين يورو) آغا جي طرف کان قاهره جي ماڻهن لاءِ ذاتي تحفو ڏنو ويو. اهڙي ريت مقامي ماڻهن کي روزگار بہ فراهم ڪيو ويو آهي. آخرڪار پارڪ ۽ ان جي سار سنيال جي لاءِ جامع نقطہ نظر، پاڻ کي

شهري تجديد ڪاري جو اپاربندڙ ثابت ڪيو. سڀ کان اهم ڳالهه هيءَ هئي ته پراڻن رهائشين کي بي گهر نه ڪيو ويو هو.

هاڻي اسان بہ مطمئن ۽ اسان جو پيٽ بہ مطمئن ٿي ويو ۽ اسان ۾ طاقت بہ اچي وئي ۽ پوءِ الازهرا باغ گهمڻ جو ارادو ڪيوسين. بل ادا ڪري ريسٽورينٽ مان هڪ دروازو باغ جي طرف وڃي رهيو هو اتان ٽڪيٽ حاصل ڪئي سين. هتي پارڪنگ جي ٽڪيٽ بہ خريد ڪرڻي پئي هئي. ماڻهو انهيءَ ڳالهه تي ڏاڍو اعتراض ڪندا آهن ته باغ ۾ اچڻ لاءِ ٽڪيٽ ونڊڻي ٿي پوي. يورپ يا ٻين ملڪن ۾ باغن جي لاءِ ٽڪيٽ خريد ڪرڻي پوندي آهي، پر منهنجي خيال ۾ باغ ڏاهڻ وارن رهنمائن جو صحيح فيصلو آهي. ڇو ته اهڙي طرح ماڻهو ٿورو قدر بہ ڪن ٿا. ۽ ننڍي داخلا في رکي اخراجات کي پورو ڪري سگهجي ٿو. پر اها بہ حقيقت پنهنجي جڳهه تي صحيح آهي ته ڪيئي ماڻهو باغ ۾ نٿا وڃي سگهن پر پوءِ بہ آس پاس جا گهر ۽ اسڪول وغيره ان باغ جو فائدو وٺندا هوندا چاڪاڻ ته انهن کي گهٽ ۾ گهٽ تازي هوا ته ملندي هوندي.

ريسٽورينٽ کان پوءِ هڪ ننڍڙو جبل هو، جنهن تي بہ لان هئي، پهريائين اسان اهو لهي باغ ۾ داخل ٿياسين. قاهره ۾ ٻيا بہ باغ آهن پر سيني ۾ مشهور باغ هيءَ ئي آهي. هيءَ هڪ خوبصورت باغ آهي، جنهن کي سهڻي نموني سان ترتيب ڏنو ويو آهي. هيءَ مختلف پرڪشش مقامات جي وچ ۾ لهواري رستن سان گڏ ڪيترين سطحن تي ٺاهيو ويو آهي. اتي ڪجين جي وڻن جون خوبصورت قطارون آهن، هيءَ غير معمولي طريقو جو نهيل آهي، جنهن ۾ خصوصاً اسلامي دور جي قاهره جي روح جو اظهار ٿي رهيو آهي ۽ ان وقت جي تاريخي اسلامي باغن جي ياد ڏياري رهيو هو. جيڪي اسان اسپين يا ٻين اسلامي ملڪن ۾ سياحت جي وقت ۾ ڏٺا هئا. هن ۾ زوردار چشمه بہ موجود آهن، چت وارو باغ آهي، جنهن ۾ مملوڪ رنگ جي مختلف پٽرن جو ڪم آهي. هڪ ٻئي سان گڏ آبي گذر گاهون بہ آهن، جيئن ڏنڊ وغيره بہ موجود آهي ۽ جرئت منداڻ اسلامي جاميٽري سيني کي هڪ ئي دور جي سائن ڊزائين ۾ ملايو ويو آهي. راند جي ميدان ۾ ڦرندڙن رستن سان گڏ قدرتي نظارا بہ نظر اچي رهيا هئا. اتي هلڪي ميوزڪ بہ هلي رهي هئي. اڇتي هلياسين ته هڪ ٽيٽر ۽ قلعي جو وڏو حصو بہ نظر اچي رهيو هو. هارن جي ڪيڏڻ جي انتظام سان گڏ هوا خوري جو انتظام بہ ڪيل هو.

جيڪڏهن توهان کي قاهره وڃڻ جو موقعو ملي ته هن باغ جي لاءِ ٿورو وقت ڪيڻ جي ضرور ڪوشش ڪجو. مان توهان کي يقين ڏياريان ٿي ته توهان کي ڏاڍو مزو ايندو ۽ اتي ريسٽورينٽ تي هڪ ڪوپ چانهن جو ضرور

پيٽجو. ڇو تہ اتي ڇانهن پيئڻ ۽ اتان باغ جو نظارو ڏسڻ جو مزو ئي پنهنجو آهي ۽ مون کي اميد آهي تہ توهان کي بہ پسند ايندو.

اسان جڏهن باغ گهمي ختم ڪيو تہ پوءِ وري ريسٽورينٽ تي اچي ويٺاسين. سردي ٿوري وڌي وئي هئي تنهنڪري لازمي طور تي ڪافي پيئڻ جي شدت محسوس ٿي رهي هئي. اتي ويٽر کي آرڊر ڏنوسين. اهو ڪافي ڪٽي آيو ۽ انهيءَ وقت بہ باغ سٿو پئي لڳو. پر جڏهن ڪافي پي بس ڪئي سين تہ سج لهڻ جو وقت بہ ٿي ويو. اسان اهو سوچيو تہ يقينن اهو منظر بہ حسين هوندو. چاڪاڻ تہ سياحت جي جڳهين تي انهيءَ ڳالهہ کي نظر ۾ رکي پروگرام ناهيو ويندو آهي. پر جڏهن بہ اسان حيدرآباد کان ڪراچيءَ جو سفر انهيءَ وقت ۾ ڪندا آهيون تہ اسان جي سامهون جبل هوندا آهن ۽ جبلن جي پويان جڏهن سج لهندو آهي تہ ان وقت جبلن جو رنگ ئي بدلجي ويندو آهي. ڪٽان ڪارا تہ ڪٽان سليٽي تہ ڪٽان وري سنهري نظر ايندا آهن. ان وقت سج تہ ڇا پر جبلن جو حسن ئي ڏسڻ وٽان هوندو آهي. انهيءَ کان علاوہ جڏهن اسان دنيا جي مختلف ملڪن ۾ گهمڻ ويندا آهيون تہ هر جڳهہ تي ٽوئر گائيڊ ان ڳالهہ جي تاڪيد ڪندا آهن تہ سج لهڻ جو منظر ضرور ڏسجو. اسان پاڻ جڏهن ڪراچيءَ ۾ سمنڊ جي ڪناري تي پڪنڪ لاءِ ويندا آهيون تہ آخر ۾ اهو منظر ضرور ڏسندا آهيون. پوءِ گهرن ڏانهن روانا ٿيندا آهيون. جڏهن اهرام مصر تي ويا هئاسين. اتي بہ اهو منظر ڏسڻ ۾ تمام سهڻو لڳو هو. اهڙي طرح هتي بہ ويٺا رهياسين ۽ واقعي بہ هيءَ منظر شاندار هو. جڏهن قلعي جي مسجد جي مينارن تي سج جو آخري ڪرٽو پيو ان مينار تي جيڪو رنگ ڪيل هو. ان حساب سان ان جو حسن جمال ئي بدلجي ويو. وري قلعي جي پٽين جو پنهنجو رنگ ۽ سج لهڻ وقت اهو رنگ هٿي پيو لڳڻ لڳو. اتان جڏهن ٻين مسجدن جي مينارن تي نظر پئي. تہ خود بہ خود زبان تي واهہ واهہ جا لفظ نڪرڻ لڳا ۽ رفيع چيو تہ سبحان الله ڇا تہ نظارو آهي." مون چيو تہ انهيءَ جي ڪري تہ سڄي دنيا انهيءَ وقت کي پسند ڪندي آهي. پوءِ وري مون رفيع کي چيو تہ تڏهن تہ مان چوندي آهيان تہ:

"خوب گذرے گی جب مل کے بیٹھیں دیوانے دو"

هيءَ انهيءَ جو بہ تہ اثر آهي. اڪيلا هجون ها تہ ڪنهن سان ذڪر ڪيون هان. جڏهن بہ هڪ ئي خيال جا گڏو ويهندا تہ وقت ڪهڙو بہ هجي وڌيڪ سٿو لڳندو آهي. اهڙي طرح سج پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿي ويو ۽ ان جي جاءِ هڪ ٻئي منظر جو آغاز ٿيڻ شروع ٿي ويو. اهو رات جو وقت هو بجلي جو يعني نقلي روشنيءَ جو جيئن جيئن اندير و ٿيندو ويو. تيئن تيئن بتيون هرندين ويون قلعي جي لائيٽ، مسجدن جي مينارن جي لائيٽ، شهر جي لائيٽ سڀ

روشن ٿيندين ويون. اهڙي طرح چراغ آسمان يا ائين ڪٿي چٿجي چراغ عالم افروز جي وسامڻ کان پوءِ ڪٿي رنگ برنگي چراغان روشن ٿيندا ويا تہ روشني تہ ايتري نہ رهي، جيتري سج جي روشن هڻي پر انهن ڏيئن جو هڪ ٻيو مزو هو. مٿي چنڊ ۽ ستارن جي جهر مر هيٺ بجليءَ جي جهرمر ڏسي ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ اسان بہ جهرمر جو هڪ حصو آهيون. پوءِ ٿوري دير ۾ اتان نڪتاسين، چو تہ ڪافي دير ٿي چڪي هئي ۽ پورو ڏينهن هلي هلي ماندا ٿي پيا هئاسين. پوءِ ٻاهر نڪرڻ کان اڳ ۾ ٽيڪسي واري کي مس ڪال ڏني سين. ٽيڪسي ۾ سوار ٿي قاهره جورات جو نظارو ڪري پنهنجي آرام گاهہ تي پهچي ويا سين.

شڪر اهو هو تہ هتي اسان کي موسم سٹي ملي هڪ سوئيٽر پائي رهيا هئاسين ۽ شال وانگر هڪ مفلر هو، اهو بہ گرم هو. جيڪو مٿي تي وجهندي هئيس ان سان فائدو اهو ٿي رهيو هو تہ سرديءَ کان بہ بچي پيا هئاسين ۽ چو تہ هتي اڪثر ماڻهن کي اسڪاف پاتل هو. مسلم ملڪ هئڻ جي ڪري منهنجو بہ مٿو ڍڪيل هو. هتي پاڪستان ۾ تہ اڪثر آبادي مٿي تي اسڪاف ئي نٿي پائي پر رئو بہ رڳو اخلاقن گلي جو سينگار هوندو آهي.

اڄ صبح جو اڪ ڪلڻ کان اڳ سوچي رهي هيس تہ "بورچيءَ کي ناشتي ۾ پچائڻ لاءِ چا چوان" وري سوچيم تہ اڄ بيدو ئي ٺهرائي ٿي ڇڏيان، پوري دنيا ۾ بيدن جو استعمال تمام گهٽو وٽندڙ سمجهيو وڃي ٿو ۽ هر ڪوئي انهي کي طرح طرح جي طريقن سان پچائي لطف حاصل ڪندو آهي. اهو سوچي ئي رهي هيس تہ منهنجي اڪ ڪلي وئي ۽ ڏٺم تہ مان تہ پنهنجي گهر جي ڪمري ۾ تہ نہ آهيان. مان تہ ڪٿي ٻاهر هوٽل جي آرام گاهہ ۾ آرام پئي فرمايان. اهڙي طرح شيخ چلي وانگر منهنجي بيدن جو خواب بہ چڪنا چور ٿي ويو پر پنهنجو پاڻ کي آٿت ڏئي شڪر ادا ڪيم تہ ريسٽورينٽ ۾ تہ طرح طرح جا بيدا ٺهيل هوندا آهن. جيڪي اسان اڪثر گهرن ۾ ڪائيندا آهيون، پر انهيءَ کان وڌيڪ بہ بہ موجود هوندا آهن مثلاً: چيز، مشروم وغيره پر انهيءَ سان گڏ مان توهان کي مشورو بہ ڏيڻ چاهيان ٿي تہ توهان ناشتي ۾ بيدا ضرور استعمال ڪندا ڪيو. بيدن جو سپ کان وڏو فائدو اهو آهي تہ ان مان مختلف قسم جا ناشتا ٺهي سگهن ٿا. توهان تنگ نہ ٿيندا پر جيڪڏهن اسان غذائيت جي لحاظ کان بہ سوچون تہ بيدو پروٽين جو بهترين ذريعو آهي ۽ اهو توهان کي پوري ڏينهن جي بلڊ شگر ليول کي نارمل سطح تي برقرار رکندو آهي ۽ هيءَ توهان جي هارمونز تي منفي اثرات نہ وجهندو. هي ڪولاجن پيدا ڪرڻ جي عمل ۾ بہ تيزي آڻي ٿو جيڪو چمڙي کي جوان رکڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. ان کان علاوه وٽامن ڊي جو بهترين ذريعو بہ آهي.

خير اهو سوچي ئي رهي هيس ته بانگ جو آواز ٻيو ڏهه پندرهه منٽ سستي ۾ ليٽي پئي هيس ۽ پوءِ اتي نماز ادا ڪرڻ لاءِ وضو ڪيو ۽ الله جي حضور ۾ حاضري ڀري. رفيع کي اٺاريم ۽ تيار ٿي ناشتي جي لاءِ ريسٽورينٽ روانا ٿياسين ۽ جيئن ئي اتي داخل ٿياسين ته اتي اهو ئي ڪارو بورڊ نظر آيو. جيڪو روز نظر ايندو هو. جنهن تي چاڪ سان لکيل هو ته ڪاڏو پليٽ ۾ ايترو وجهو جيتري جي ضرورت هوندي آهي حد کان وڌيڪ ڪاڏو نه وجهو. اهو وري ضايع ٿي وڃي ٿو ۽ ڪاڏو ضايع ڪرڻ گناهه آهي. پهريائين ته اسان کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هئي پر جڏهن ٻه ٽي ڏينهن هتي ناشتو ڪيو ته ماجرا سمجهه ۾ اچي وئي. چاڪاڻ ته عرب ماڻهو ايترو ڪاڏو پليٽ ۾ وجهندا هئا. جنهن جو ڏهون حصو مس کائيندا هئا. باقي آخر ۾ ميز تي ڇڏي ويندا هئا. اسان پاڻ ڏٺو ته هڪ زال مڙس 20 ڊبل روٽيءَ جا سلائيز کنيا. اسان ٻئي انهن کي ڏسي حيران پيا ٿيون ته ايتريون ناشتي ۾ شيون موجود آهن. پهريائين ٻه جن جو ذڪر ڪيو آهي مثلاً: سلاد، ملو، ڊبل روٽي، ميوا ۽ مين ڪورس جو ڪاڏو وغيره ملائي تقريباً 100 ڊش هئا ۽ اهڙي حالت ۾ 20 ڊبل روٽيءَ جا سلائيز انسان ڪيئن کائي سگهندو؟ ۽ انهن ائين ڪيو آخر ۾ ڇڏي هليا ويا. ان وقت پڪ ٿي ته عربن جي لاءِ اهو مشهور هوندو آهي ته هو ڪاڏي جا طعام ته گهٽا ٺهرائيندا آهن پر کائيندا ٿورا آهن. ان وقت مون اهو چيو ته مسلمانن جي تباهي جو سبب اهو ئي آهي، اسان عيش عشرت کي پسندا ڪندا آهيون. ان وقت مون کي يونيورسٽي جي زماني جي هڪ ڳالهه ياد اچي وئي ته هڪڙي دفعي اسان يونيورسٽي جي لان ۾ ويٺا هئاسين ته هڪ شاگردن جو گروپ هو، جيڪي پاڻ ۾ سياست ۽ تاريخ تي گفتگو ڪري رهيا هئا. ان گروپ ۾ عرب شاگرد به هئا. تمام زور شور سان مباحثو هلي پيو. اتي ويٺل هڪ پاڪستاني شاگرد چيو ته يار اهو به ڪهڙو زمانو هو ته اسان جا بهادر حڪمران ۽ سپه سالار تقريباً پوري دنيا تي قبضو ڪري ويا هئا. هر جڳهه تي مسلمانن جي حڪومت هئي، هاڻي خبر ناهي نه مسلمان حڪمرانن کي چا ٿي ويو آهي جو هر جڳهه انهن جو زوال شروع ٿي ويو آهي. پهريائين اسان چا هئاسين هاڻي چا ٿي ويا آهيون؟ ته ان وقت عرب شاگرد جيڪو پاڪستان ۾ زير تعليم هو سو غصي ۾ اچي ويو ۽ چوڻ لڳو ته توهان دنيا ٿورئي فتح ڪئي هئي، اهي ته عرب بهادر هئا ۽ اسان ئي بهادر هئاسين، توهان ته ڪجهه به نه ڪيو. اهڙي طرح جڳهڙي وارو بحث مباحثو شروع ٿي ويو. مون محسوس ڪيو ته اهوئي سبب اسان جي زوال جو آهي ته جڏهن اسان پاڻ ۾ ئي متحد نه آهيون ته پوءِ دنيا کي ڪيئن فتح ڪنداسين. پوءِ وري مون رفيع کي چيو ته هڪ دفعي منهنجا به وڏا پاٽر پاڻ ۾

وڃي ويا ۽ ٻئي شڪايت ڪئي بابا وٽ پهچي ويا ۽ بابا مون کي چيو ته ڪائي جا 10 ٽڪڑا ڪٽي اڇ. مان حيران ٿي ويس ته بابا ته انهن جي ڳالهه ٿي نٿو ٻڌي ۽ مون کي ٿو چوي ته ڪائيون ڪٽي اڇ جڏهن مان اهي ڪٽي آيس ته هڪ ڪائي ڪٽي منهنجي وڏي پاءُ کي ڏنائين ۽ ان کي چيائين ته هن کي ٽوڙ. انهيءَ وڏي غرور سان اها ڪائي ورتي ۽ ٽوڙي ڇڏيائين ۽ خوشيءَ مان بابا کي ٽوڙي ڏيکاريائين. هُو ڪلي بابا ڏي ڏسڻ لڳو ته مون هيءَ ڪارنامو انجام ڏئي ڇڏيو. مون کي ڳالهه ئي سمجهه ۾ نه پئي اچي مان حيران ٿي بابا کي ئي ڏسندي رهيس ته هيءَ فيصلو ته نٿو ڪري. هيءَ چا پيو ڪري وري سڀ ڪائيون ڪٽي انهيءَ پاءُ کي ڏنائين ته هاڻي هنن کي ٽوڙي ڏيکار. پوءِ پاءُ ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر انهن کي ٽوڙي نه سگهيو. پوءِ بابا انهن کي نصيحت ڪئي ته پٽ پاڻ ۾ وڙهندئو ته مضبوط نه ٿي سگهندئو. ۽ ڪائيءَ وانگر ٽٽي پوندو. پر جيڪڏهن پاڻ ۾ نه وڙهندو ته توهان کي ڪير ٽوڙڻ جي همت نه ڪندو. پوءِ ته پوري، ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي. ان وقت ته اها آڪاٿي مون کي سٺي لڳي پر جڏهن وڏا ٿياسين ته ڪتابن ۾ به اها آڪاٿي پڑهي. بهرحال اهڙي طرح اسان جا وڏا اسان کي نصيحتون ڪندا هٿا ۽ هارن جي ذهن ۾ وڏي حد تائين اها ڳالهه رهندي هٿي. پر جديد دور ۾ ٽيڪنالاجيءَ ايتري ترقي ڪئي آهي جو گهر وارن جا رابطا ئي ٽٽي ويا آهن. هر ڪو پنهنجي ڪمري ۾ موبائيل ۾ مصروف آهي. جڏهن اسان جو هڪ خاندان ئي متحد ناهي ته ملڪ جي مسلمانن يا دنيا جي مسلمانن جو ڀوءِ اهو حال نه ٿيندو ته چا ٿيندو؟ سو اسان عيش عشرت ۽ جهڳڑن کي نه ڇڏينداسين ته مسلمان ڪيئن ترقيءَ جون منزلون طئ ڪري سگهندا. اڄ اسان کي قاهره جي ڪجهه قديم ۽ مشهور مسجدن کي ڏسڻو هو. اڄ به اسان هوٽل وارن کي گاڏي لاءِ چيو ته اتي ئي ڪائونٽر تي هڪ ٽيڪسي وارو بيٺو هو. ان سان انهن ڳالهايو ته انهيءَ چيو ته انهن جڳهين تي گهمائڻ لاءِ مان 900 مصري پائونڊ ونندس. پر مينيجر جي چهري مان اندازو ٿيو ته اها ڳالهه ان کي پسند نه آئي ۽ سامهون رکيل ٽيليفون رسيور تي هٿ رکيائين ۽ هڪ ٻئي ڊرائيور سان مصري زبان ۾ڳالهائڻ لڳو ۽ پوءِ اسان کي چيائين ته هو 10 منٽن ۾ پهچي ويندو ۽ هيءَ 400 پائونڊ گهري ٿو. اهو اچي ويو گاڏيءَ تي سوار ٿي وياسين ۽ پهريائين سلطان مسجد جي گهمڻ جو ارادو ڪيوسين.

سلطان حسن مسجد

گاڏي کان لٿاسين. هڪ وڏي ايراضي جنهن ۾ وڏا وڏا وڻ هٿا. جنهن ۾ ڪجين جا وڻ به شامل هٿا. ٽورو اڳتي وڌياسين ته ٽي اهم دروازا نظر آيا.

جيڪي آرچ جي طرز تي ٺهيل هئا. مٿان اڌ گولائي هئن. وچ وارو دروازو وڏو هو ۽ پاسن کان هن طرفن کان ننڍا دروازا هئا. ۽ انهن دروازن جي ٻنهي طرف رستي ۾ ٿوري چڙهائي هئي. اسان وچ واري دروازي مان نه گذرياسين، چاڪاڻ ته اتان ڏاڪڻين چڙهيون پيون پون. اهي هيون ته ننڍيون. پر سفر تي جڏهن وڃبو آهي ته ايترو ٽڪجي پئبو آهي جو هڪ ڏاڪو به چڙهڻ ڏکيو ٿيندو آهي سو اسان سڌي پاسي واري ننڍي دروازي وٽان رستو ورتو. جيڪو ٿورو چڙهائي تي هو گهٽي گهري چڙهائي نه هئي. اهو پار ڪرڻ کان پوءِ سلطان مسجد پهچي وياسين ۽ ان جي مين گيٽ ۾ وڃڻ جي لاءِ به اسان کي تقريباً 15-20 ڏاڪا چڙهڻا پيا اهڙي طرح داخلي دروازي تي پهچي وياسين. جيڪو Al Qala Street تي آهي. مسجد جو داخلي دروازو نهايت ڪشادو آهي، جيڪو قاهره جي ڪنهن به مسجد ۾ نه آهي. داخلي حصي ۾ ئي ان مسجد جي تاريخ ۽ نقشو نظر آيو جيڪو انگريزي ۽ عربي ٻنهي زبانن ۾ تحرير هو. مان هن مسجد کي ڏسڻ لاءِ تمام گهٽي جوش ۾ هيس، چو ته هن مسجد جو ذڪر ڪافي ڪتابن ۾ پڙهي چڪي هيس. اصل ۾ هي، قاهره جي قديم ترين ۽ درحقيقت مملوڪ دور جي فن تعمير جو بهترين قديم نمونو سمجهي ويندي آهي ۽ اسلامي مسجدن ۾ هڪ اهم ترين مسجد سمجهي وڃي ٿي. جيتوڻيڪ هتي قديم ۽ جديد مسجدن جي ته ڪا انتها ناهي جيڪي هتي سون ۾ نه پر هزارن ۾ آهن. انهن ۾ سڀ کان قديم عمرو بن العاص جي مسجد آهي جيڪا حضرت عمر فاروق رضه جي دور خلافت جي يادگار آهي. حضرت حسين رضه جي هڪ مسجد آهي جنهن جو تفصيلي ذڪر پهريائين ٻه ڪري چڪي آهيان، پر سڀني کان وڌيڪ عجيب سلطان حسن جي مسجد آهي، جيڪا قلعي جي ويجهو آهي. ان مسجد جي تعمير ۾ تقريباً ڏهن ورهن تائين 20 لک درهم روز صرف ٿيا. 757 هجري ۾ ان جي تعمير شروع ٿي ۽ 760 هجري ۾ انجام کي پهتي.

داخلي دروازو مسجد جي وچ کان ٿورو هٽيل هو ۽ سامهون واري پت کان تقريباً 30 ڊگري ڪنڊ ۾ آهي. هي، شاندار داخلي دروازو خوبصورت طريقي سان ٺهيل آهي، لچيدار ڪٽنگ سان گڏ تراشيل آهي. ۽ چائينز ڪنول جي گلن سان اڪريل پٽرتي پينل لڳل آهن ۽ دروازي جي مٿان واري حصي ۾ هڪ ڏندو لڳل آهي جنهن ۾ زنجيرون هڏل آهن ۽ ان جي آخري حصي ۾ ننڍا شينگلريل ۾ وڏا وڏا بلب لڳل هئا ته جيئن روشني، جو صحيح انتظام ٿي سگهي. داخلي دروازي لاءِ چون پيا ٿا ته اصلي ناهي، چو ته اهو دروازو Al-Muayyad کٽي ويو ۽ پنهنجي تعمير ڪيل مسجد ۾ لڳايو هو. داخلي دروازي جي مٿان هڪ خوبصورت مقبره نما آرائش هئي. جيڪا بلڪل طلسم وانگر محسوس ٿي

رهي هئي. اندر وڃڻ لاءِ پهريائين هڪ راهداري هئي ۽ اتي هلڪي اونڌهه به هئي، گهٽي روشني نه هئي. اندر داخل ٿياسين تہ اڳڻ نظر آيو ۽ مٿي سوره فاتحہ لکيل هئي. ڪجهہ پٽيون پٿر جون تہ ڪجهہ سرن جون به ٺهيل هيون، جن ۾ پٿر جي نمائشي آرائش نظر آئي. اندر ميدان جي چوڌطرف وڏا هال هئا، جن کي ايوان چون پيا. ان ۾ قبلا ايوان باقي ٽنهي کان وڏو آهي. اتي اسان بيٺا هئاسين تہ قبلي طرف نظر وئي تہ احساس ٿيو تہ قبلو ۽ ان ۾ محراب نهايت خوبصورتي سان سينگاريو ويو آهي. Kufic رسم الخط ۾ قرآن شريف جي صورت لمبائي ۾ رکي وئي آهي، ان جي محراب ۾ پٿاڑهي، هلڪي ڪاري، اڇي واڱڻائي ۽ سليٽي وغيره رنگ ۾ ماربل به لڳل هئا. جاميٽري ڊزائين نهايت خوبصورت گولائي ۾ گهڙيل آهي. محراب جي اندر سنهري رنگ ۾ ايريل سج جي نموني جي طريقي سان الله جو لفظ لکيل هو. منبر کي خوبصورتيءَ جي لاءِ پتل جي نهايت خوبصورت ۽ عمدي ڪاريگري سان دروازن کي سجايو ويو آهي. باقي ٻن پٽين تي ماربل جا پينل آهن جيڪي لمبائي ۾ ايترا گهٽا نہ هئا. قبلا هال جي وچ ۾ پٿر جي ٺهيل نشست آهي، جتي قرآن خواني جو انتظام ٿيو هو. نماز وارو هال ۾ مختلف رنگن جي ماربل سان سينگاريو ويو هو. جيڪو ديوار جي هيٺين حصي ۾ قد آدم جي برابر هو. ان جي مٿان ڪائيءَ تي آيت الڪرسي اُڪريل آهي، اتي ڪائي سان ٺهيل هڪ جڳهہ آهي جتي قرآن شريف رکيل هئا.

هيءَ عظيم الشان مسجد ۽ مدرسہ سلطان حسن چوڙائي ٿو. وڏي باوقار عمارت، جيڪا اتي بيان ڪيل تاريخ جي مطابق 1360ع ۾ مڪمل ٿي هئي. هيءَ مسجد دنيا جي چند وڏين مسجدن مان هڪ آهي يا ائين چئون تہ هڪ معمار جو شاهڪار آهي، تہ عيب ڪونهي. ان ڪري هن مسجد کي مصر جو چوٽون اهرام ٿا چوندا آهن. عبدن ان جي تاريخ بيان ڪندي ٻڌايو آهي تہ بي تحاشہ تعميري نقصن جي ڪري هيءَ مسجد جان ليوا حادثن جي باوجود به ٺهندي رهي. ان جي چئني ڪنڊن تي 200 فٽ اونچا مينار تعمير ٿيا، جن مان اڄا ٻہ ئي مڪمل ٿيا هئا جو هڪ ڏينهن اوچتو ان جو مينار ڪري پيو ۽ پاڻ سان گڏ ٽي سو نمازين جي زندگي ٻہ ولي ڇڏيائين. ڳالهہ اتي ختم نہ ٿي بعد ۾ هڪ گنبد ٻہ جهڪي پيو ۽ ڪيترا ئي ماڻهو ان جي هيٺان اچي دٻجي ويا ۽ ڪافي جاني نقصان پهتو. انهيءَ ڪانپوءِ فوري طور تي مسجد جي ڪر کي روڪيو ويو. مسجد جو تعميراتي نقشو نئي سري سان ٺهرايو ويو ۽ اهڙي طرح ان جي تعمير مڪمل ٿي.

هن مسجد جو سڀ کان وڏو مقصد صوفي شاگردن جي لاءِ هڪ مدرسو ٺاهڻ هو. مدرسو حنفي، شافعي، مالڪي ۽ حنبلي مڪتب شرعيہ جي مطالعي

جي لاءِ وقف هو. يعني هتي چئني فرقن جو خيال رکيو ويو هو. هتي قرآن مجيد ۽ حديث جي تفسير سان گڏ ٻيا به علم پڙهايا ويندا هئا. هن مسجد جي شڪل جو تعين ڪرڻ مشڪل آهي پر انکي ڪثير مقصد چيو وڃي ٿو.

هن مسجد کي وڏي پيماني تي قديم ۽ جديد تعميراتي اجزاء جي ڪري قابل ذڪر سمجهيو ويندو آهي. ان جي تعمير تي 10 لک دينار خرچ ٿيا ۽ ائين جو قرون وسطي جي قاهره جي سڀ کان مهانگي مسجد ٺهي وئي. ايتري تائين چوندا آهن ته سلطان به ان مسجد جي لاڳت جي ڪري بعض اوقات حوصلہ شڪني جو شڪار ٿي ويندو هو. عمارت جي منصوبي جي اهميت ۽ پيماني ۾ اناطوليہ جي پري جي صوبن سميت پوري مملوڪ سلطنت جي ڪاريگرن کي به گهرايو ويو هو. جيڪي مسجد جي ڊزائين ۽ سجاوٽ ۽ مختلف قسمن ۽ جدت جي وضاحت ڪري سگهيا ٿي ۽ اهو به چيو وڃي ٿو ته گزا جي اهرامن مان چوني جي پٿرن کي مسجد جي تعمير ۾ استعمال ڪيو ويو هو.

اهو به چوڻ آهي ته مختلف وقتن ۾ رياست ۽ عوام جي وچ ۾ جهگڙا پيدا ٿيا، جنهن ۾ ڪئي امير ۽ ماڻهو مسجد جي چوٽيءَ تي چڙهي بمباري ۽ فائرنگ شروع ڪري ڇڏيندا هئا. چو ته قلعو بلڪل انهيءَ جي سامهون هوندو هو. ان جي ڪري ڪيئي دفعا حڪمرانن کي مسجد شهيد ڪرڻ جو مشورو به ڏنو ويو هو. پر اهي ڪامياب نه ٿي سگهيا. سلطان حسن کي تعمير مڪمل ٿيڻ کان پهريائين قتل ڪيو ويو هو. ان کي اتي دفن به نه ڪري سگهيا هئا. چو ته ان جو جسم نه ملي سگهيو هو. درحقيقت هيءَ واحد مسجد آهي جنهن سلطان حسن جي نالي کي زندهہ رکيو آهي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ جي نالي سان ڪوبہ ڪارنامو يا ڪنهن جنگ ۾ فتح به نه ٿي سگهي هئي.

هيءَ مسجد جنگ ۽ فسادن جي ڪري ڪيئي ساڻن تائين بند رهي، پر سليم آغا جي حڪم سان 1786ع ۾ وري کولي وئي. مسجد جي خوبصورتي ۽ وسعت جي بدولت هيءَ مسجد سياحن جي لاءِ وڏي ڪشش جو باعث بڻجي پئي آهي. تقريباً هر ڪنهن جي ڪوشش هوندي آهي ته ڪنهن نه ڪنهن طرح ٿورو وقت ڪڍي هن مسجد کي هڪ نظر ضرور ڏئو وڃي، انهيءَ جي ڪري هتي سياحن جي آمد و رفت جو سلسلو جاري آهي.

گيسٽن فيٽ چيو هو ته: "هيءَ قاهره جي سڀ کان وڌيڪ تخليقي ۽ جڙيل يادگار آهي."

مسجد هڪ قلعي وانگر آهي، هيءَ رفائي مسجد جي بلڪل برعڪس آهي ۽ قريبي علائقي الاخليفہ صلاح الدين چوڪ روميلا ۾ واقع آهي. اهڙي طرح هن مقبول عام مسجد جي زيارت ڪرڻ کان پوءِ اسان ٻاهر نڪتاسين ته

اسان جي بلڪل سامهون الرفائي مسجد هئي. اتي وڃڻ جي لاءِ صرف ٻن مسجدن جي وچ ۾ جيڪا راهداري هئي سا پار ڪرڻي هئي. گهٽو ڪري ماڻهو صرف سلطان مسجد ۽ مدرسي کي ڏسي هليا ويندا آهن، چو ته باهران مشاهدو ڪرڻ وقت اهي تقريباً هڪ جهڙيون لڳن ٿيون پر هڪ دفعو داخل ٿيڻ کانپوءِ اها بلڪل مختلف آهي. اگر تاريخي لحاظ کان سوچيو وڃي ته ان ۾ ڪابه حيرت جي ڳالهه ناهي ته هيءَ مسجد به ايتري اهميت رکي ٿي جيتري سلطان مسجد رکي ٿي.

جامع الرفائي

اسان اوڏانهن وڃڻ شروع ڪيو. ايا ۾ ٿي قدم کنياسين ته خارجي دروازي تي نظر پئي. هن دروازي جي ٻنهين طرفن کان ۾ مينار سجيل هئا. جيڪي مملوڪ طرز جا ٺهيل هئا. اهڙي طرح ڏاڪڻ چڙهي مٿي پهچي وياسين ۽ پوءِ هڪ ٽڏي ۽ آهستي آهستي روشن ٿيڻ واري اندروني حصي ۾ داخل ٿي وياسين. جتي ماحول بلڪل مختلف ۽ پُر سڪون هو ۽ ڏاڪڻ چڙهن مهل جيڪا گرمي لڳي اها ختم ٿي وئي. اندر هلندا وياسين ته خبر پئي ته هيءَ مسجد ٻن حصن تي مشتمل آهي، هڪ حصو نماز جي عبادت جي ادائيگي لاءِ وقف هو ۽ ٻئي حصي ۾ شاهي مقبرا هئا.

قبلا ايوان Basilican طرز ۾ تعمير ڪيو ويو هو. جنهن ۾ ٽي ڇت دار دروازا هئا جن کي چٽن ماربل جي پاون تي بيهاريو ويو هو. جيڪي نوڪدار ڇت کي سهارو ڏئي بيٺا هئا. ۽ ان جي وچ ۾ گنبد ٺهيل هو. جڏهن ته ڇت ڪاٻي جي رنگين سنهري سجاوٽ سان ٺهيل هئي. محراب قبلا پٽ جي وچ ۾ واقع آهي. ان تي رنگين ماربل لڳل هو ۽ انهيءَ ۾ سنهري ڪلنگي آهي. منبر به محراب جي ڪاٻي پاسي آهي. جيڪو ڪاٺ جو ٺهيل هو ۽ عاج ۽ آبنوس (هڪ مشهور وڻ جو نالو) سان سينگاريل هو. قرآن جي لاءِ هڪ ننڍي ميز به هئي جيڪا محراب سان لڳائي وئي هئي. ان جي به سجاوٽ عاج ۽ آبنوس سان ڪيل هئي. ان ڪانپوءِ اسان مسجد جي شاهي مقبري واري حصي ۾پهچي وياسين، جتي به اولياءَ علي ابوشيبڪ Ali-Abu-Shebak ۽ يحييٰ الانصاري جا مقبرا هئا. شاهي مقبرا ٽن گنبدن جي هيٺان رکيا ويا هئا. پهريون شمال جي پاسي واقع آهي، جنهن ۾ خديو اسماعيل جو پٽ ۽ ڏيئرن جا مقبرا آهن ٻيو پهلو مغرب جي پاسي آهي، جتي خضيار حنيم Khuziar Hanim ۽ ان جو پٽ خديو اسماعيل جي قبر آهي. ٽئين گنبد ۾ خديو اسماعيل جون زالون آهن. ان کان علاوه ڪجهه ٻيا شاهي خاندان جا ميمبر به اتي مقبري ۾ آهن جيڪي سلطان

حسن ڪامل جي قبر. ٽئين گنبد وٽ شاهه فواد، شاهه فاروق ۽ شهزادي فريال جا مقبرا اولهه جي طرف آهن. ۽ ان کان علاوه ٻيون به قبرون هيون، جتي ڪل پڙهي، انهن جي مغفرت لاءِ دعا گهري سين. اُتي شاهه ايران رضا پهلوي جو مقبرو به هو، جنهن جي مٽان واري حصي ۾ ايران جو جهنڊو به لڳل هو. الرفاعي مسجد جنهن جو نالو انگريزيءَ ۾ Royal Masque به رکيو ويو آهي. هيءَ هڪ ننڍي مسجد فاطمه حسن الرفاعي جي جڳهه تي ٺاهي وئي آهي. هن مسجد جو بنياد خليفه اسماعيل جي والده خوشي حنيم رکي هو. ان 1869ع ۾ مسجد جو بنياد رکيو پر اها تعمير 1880ع ۾ بند ڪري ڇڏي وئي. بعد ۾ 1905ع ۾ تعمير ٻيو دفعو شروع ڪئي وئي ۽ مسجد 1911ع ۾ ختم ٿي. الرفاعي مسجد قاهره مصر جي اهميت، مسجد جي اندر محمد علي خاندان جي فردن جي تدفين سان ٿي آهي. مسجد تقريباً مستطيل شڪل جي ٺهيل آهي. شاهي خاندان جي طرف کان سلطان حسن مملوڪ مسجد سان گڏ ئي تعمير ڪري مصر جي ماضي جي شان سان پنهنجو پاڻ کي جوڙڻ جي مهر جو حصو هئي. تعميراتي طور تي هن مسجد جو انداز مملوڪ دور کان ورتل آهي جيئن گنبد ۽ مينار ۾ محسوس ٿئي ٿو. هيءَ هڪ ڪوشش هئي. شهر کي ٻن وڏين عوامي چوڪن سان گڏ ۽ هڪ ئي وقت ۾ تعمير ڪرڻ وارن ڪيئي يورپي طرز جي بليوردن جي تعمير جي ڪري به ان کي جديد ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هتي هر سال مذهبي گروهه مسجد جي باهر ڌاهو وجهندا آهن ۽ قرآن پاڪ پڙهندا رهندا آهن ۽ ڪيترن ئي ڏينهن ۽ راتين تائين صوفي ذڪر ۽ ناچ گانا ٿيندا آهن.

ابن طولون

انهن ٻنهي مسجدن جو طويل دورو ڪرڻ کان پوءِ گاڏيءَ ۾ سوار ٿي ابن طولون مسجد کي ڏسڻ لاءِ روانا ٿياسين. ڊرائيور گاڏي گيٽ جي بلڪل پرسان اچي بيهاري، هتي به گيٽ جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان تقريباً 10-20 ڏاڪا هئا جن تي چڙهندي الله اڪبر چوندي، مسجد ۾ داخل ٿي وياسين. سامهون پوري مسجد نظر اچي رهي هئي. آهستي آهستي هلندي ان جي نماز هال ۾ پهچي وياسين. قبلي جي پٽ سان گڏوگڏ هلڻ وارين 5-6 راهدارين جو مستطيل هو. انهن گهٽين کي نوڪدار محرابن جي پنجن راهدارين ۾ تقسيم ڪيو ويو هو. هر ڪنهن کي سرن جي 16 گهاٽن تي رکيو ويو هو. ۽ پلاسٽر سان ڍڪيو ويو هو. قبلہ پٽ جي وچ ۾ مرڪزي محراب آهي، جيڪو ٻنهي مليل ڪالمن سان گڏ ٻنهي طرف نقطي جو طاق هو. وڏيڪ ٻيا ننڍا ننڍا محراب هئا. جيڪي مرڪزي محراب جي طرف هئا.

نماز هال جي جنوب ۾ هڪ چورس شڪل جو اڳڻ هو. ان جي چئني طرفن کان گهيريل ٽنهين تي قائم هئا. دالان (وڏن محرابي دروازن وارو صفو) هر هڪ گهاٽن تي کڻي کنڊن وارن محرابن جو سلسلو. جيڪو پٽ کي سهارو ڏيڻ جي لاءِ پويان پٽ ۾ ٺهيل هو. ٻن رستن تي مشتمل هو ۽ اتان مرڪز نظر اچي رهيو هو. جتي هڪ چشمو ۽ وضوءَ جي جڳهه ٺهيل هئي. ۽ ٻئي خاص حصا جنهن کي اضافي تعمير چئجي، جيڪا اتر، اوپر، ۽ اولهه طرفن کان گڏيل هئي ۽ اها مسجد کي ٽن طرفن کان گهيري ويٺي هئي. هي، هڪ قديم ڪم هو.

هن مسجد ۾ ڪل دروازن جو تعداد 42 هو جنهن ۾ تقريباً اڌ تعداد پراڻو هو. باقي نوان ٺاهيا ويا هئا. اتي گول شڪل ۾ مينار به ٺهيل هو. جنهن تي پهچڻ لاءِ گول ڏاڪڻ ٺهيل هئي. اهو مينار سامراجي Al-Malwiya جي شڪل ۾، قبلي جي سامهون واري پٽ جي ٻاهر تعمير ڪيل هو. جيڪو هاڻ ڏيڻ لاءِ ٺاهيو ويو هو.

ابن طولون مسجد مصر جي قديم ترين ۽ سڀ کان وڏيڪ مضبوط مسجد آهي ان جو نالو عمر احمد ابن طولون 11 جي نالي تي رکيو ويو آهي. جيڪو سامراجي فوجين ۾ هڪ سپاهي هو. جنهن کي 868ع کان 883ع اي ڊي جي وچ ۾ مصر تي حڪمرانيءَ جي لاءِ ترقي ڏني وئي هئي. مسلم خلفاء جي روايت کان پوءِ ابن طولون جو پهريون ڪم قاهره ۽ فوسٽيٽ جي وچ ۾ 869ع ۾ قتيه (Qatais) جي نالي سان دارالحڪومت قائم ڪرڻ هو. ان جي مرڪز ۾ ان هن محل جو ڪمپليڪس، هڪ هپ پوڊروم Hippodrome ۽ هڪ وڏي مسجد ٺهرائي، جيڪي انهيءَ جي نالي سان مشهور ٿيون. مسجد ۾ تحريري نقش جي مطابق هيءَ مئي 879ع ۾ مڪمل ٿي.

هن مسجد کي پنهنجي اصل حالت ۾ رکيو ويو آهي پر وري به ڪجهه تبديليون ڪيون ويون آهن، پر انهن جو سبب قدرتي موسم جا اثرات هوا ۽ ٻاهر لڳڻ جي ڪري نقصان کي بحال ڪرڻ به هو. تاريخي ذريعن مان خبر پوي ٿي ته مسجد ۾ اهي تبديليون ڏسڻ ۾ آيون. 980ع ٻاهر انهيءَ چشمي کي تباهه ڪري چڏيو هو. جيڪو مسجد جي وچ ۾ هو ۽ اهو جڏهن ساڳي طرح ٺهي نه سگهيو ته آخرڪار انهي کي وضوءَ جي جڳهه ٺاهڻي پئي.

1077ع ۾ المستنصر بالله Al-Mustansir Billah هڪ دروازو ٺهرايو. پلاسٽر سان ٺاهيل چار محراب مسجد ۾ شامل ڪيا ويا. ان مان سيني کان پهريائين 1094ع ۾ ٺهيو. ٻن جو تعلق فاطميد خاندان سان هو ۽ چوٿون 13 هين صدي ۾ ٺهرايو ويو هو.

1296ع ۾ سلطان لاگن sultan lagen مسجد کي بحال ڪيو ۽ فرش تي ٽائيل لڳرائي.

مغربي ذريعن المقريزي Al-Muqrezi جي حوالي سان دعويٰ ڪئي ٽ هن مسجد جو معمار هڪ مصري عيسائي هو. جنهن وڏي تعداد ۾ ڪالمن عيوض گهاٽ لڳائڻ جي تجويز پيش ڪئي هئي، ٽ جيئن ان مسجد جي ڊيگهه ويڪر کي ڇت جي مدت کي سهارو ڏئو وڃي. فڪري Fikri 1961ع ڪامياب مسلم ڪم کي عيسائي نسل سان جوڙڻ جي ڪوشش جي طور تي ان کي مسترد ڪري ڇڏيو. هُن جو دليل آهي ٽ پهريائين اها ڳالهه مشهور آهي ٽ ابن طولون پنهنجي تمام جواني Samarra سامرا ۾ گذاري ۽ هو خصوصاً المتوڪل Al-Mutawaqil مسجد جيڪا هڪ عظيم مسجد هئي تنهن کان 848ع ۾ متاثر ٿيو هو ۽ هنن ٻنهي مسجدن جي ڪيئي عام خصوصيتن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. ان ۾ سپ کان پهريائين آرڪيڊز Arcade محرابن ۽ ڇت کي ولي وڃڻ کان ڪالمن جي بجائي سرن سان ٺهيل ٿُلهن جو استعمال ڪيو آهي. ٽيون اهو ٽ مينار جي وٽائتي شڪل آهي ۽ مسجد جي دائري کان ٻاهر ان جي جڳهه آهي. هڪ مصري عيسائي معمار اتفاق سان سامرا کان انهن خصوصيتن کي مستقل طور تي استعمال نه ڪيو ۽ نه ئي ان مينار کي سامرا جي مسجد جي مينار جي هڪ ڪاپي بڻائي ڇڏي. هي، ڪالمن جي بدران محرابن ۽ ڇت تي ولي وڃڻ لاءِ ٿُلهن کي منظم طريقي سان اختيار ڪرڻ جو پهريون رڪارڊ تي آيل مثال آهي. مسجد ۾ تقريباً 2.5 ميٽر ڊگهائي ۽ تقريباً 1.25 ميٽر ويڪرائي مستطيل شڪل جا 160 گهاٽ لڳل آهن. اهي مسجد جي چوڌاري 5 ميٽر جي ڊگهائي تائين پهچن ٿا.

ڪالم جي استعمال ۾ اهڙي خصوصيت حاصل نه ٿي سگهي جو قد ۽ جسامت ۾ گهٽو مختلف هجي ۽ محراب کي انهيءَ تاج جي سطح تائين وڌائڻ ۾ بہ مشڪلات پيدا ڪري سگهي ٿيو. هي گهاٽن، سرن ۽ پلاسٽر سان ٺهيل ڪالمن ۾ ٺهيل ڪنڊن ۾ سينگاريل هئا. ان جي مٿان ۽ ان جي محرابن جي وچ ۾ زور دار ڏيءَ کي گهٽ ڪرڻ ۽ اضافي روشني ۽ هوا فراهم ڪرڻ جي لاءِ محرابي درين جوهڪ سيٽ ڪوليوويو. اهڙي طرح ابن طولون جي مسجد پهرين عمارت آهي، جتي نقطہ محراب جي تعميري ۽ منظم طريقي سان استعمال ڪيو ويو آهي. ان جي ڪري هن جي تاريخي اهميت کان علاوہ ابن طولون مسجد کي سرڪرده عمارتن مان هڪ سمجهيو وڃي ٿو.

جنهن مسلم حدن کان ٻاهر فن تعمير جي ترقي تي نمايان اثر وڌو.

ان جي تعميراتي فراوني قرون وسطيٰ جي معمارن، خاص طور تي يورپي

ماڻهن جي توقعات کان تمام وڌيڪ آهي. ان کان پوءِ ان جي تلقيد ۾ تعريف ڪرڻ جو شوڪيس ٺهي ويو.

مسجد جو داخلي آرائشي ڪم بنيادي طور ٻُلهن، محرابن ۾ درين جي فريمن ۾ تاجن ۾ نظر اچي رهيو هو. هيءَ هڪ بينڊ جي شڪل ۾ جيڪو سلسلو مڙيل لائينن، گلن جي ڪلين ۾ هيري جي شڪلين تي مشتمل آهي. محرابن ۾ درين جي معمار تي گلن ۾ هندسي نمونن جي هڪ نازي هم آهنگي نظر آئي. جو سامرا جي تيار ڪيل هڪ وڏي هڪجهڙائي کي ظاهر ڪري ٿو. اهي عربيه جي ابتدائي مثال جي نمائندگي ڪر رهيا آهن. هيءَ نمونو گهٽو ڪري مسلمان آرائشي فن جو هو. درين جي اندروني فريمن ۾ محراب جي مٿان واري علائقي کي به سجايو ويو آهي.

مسجد جي بيروني پتين جي چت جو دفاع ڪرڻ واري ننڍين انساني شخصيتن جي زنجير جي شڪل ۾ آرائشي جنگن جو تاج پاتل هو. جيڪو به تعريف جي لائق آهي.

بهرحال اها حقيقت آهي ته ابن طولون مسجد هڪ نادر مثال آهي، جنهن کي يورپي ماڻهن پنهنجي فن تعمير جي ڪيترن ئي خصوصيتن جي نشونما تي، ان جي اثر کي کلي دل سان تسليم ڪيو. انهن جا محراب، ٻُلهه ۾ پتين جا معاصر گوٿڪ فن تعمير جا لازمي حصا بڻجي ويا. هن تهذيب کي مسلم تهذيب جي تاريخي ۾ تعميراتي ڪاميابين جي فهرست ۾ اول مقام حاصل آهي.

قديم قاهره

هن مسجد جي فن تعميرات کي ڏسي ۾ تعريف ڪندي ٻئي ڇڙا ٻاهر اچي ويا سين. گاڏي ٻاهر موجود هئي پوءِ اسان Copic Cairo يعني قديم قاهره پهچي ويا سين، جتي گهمڻ جي لاءِ ڪيترائي مقامات هئا. مثلاً بابليون قلعا The Babylon Fortres، قبطي ميوزيم Coptic Museum، يوناني سينٽ جارج چرچ The Greek Church of St. George، ٽاسي چرچ The hanging Church ۾ انهيءَ کان علاوه ڪيترين تاريخي قديم جايون شامل آهن. هيءَ علائقو اسلامي دور تائين مصر ۾ عيسائين جو مضبوط گڙهه هو. جيتوڻيڪ هتي گرجا گهرن جون زياده تر عمارتون ستين صدي ۾ مسلم فتح کان پوءِ تعمير ٿيون. جيڪڏهن توهان تاريخ جو اهم ٽڪڙو ڏسڻ چاهيو ٿا ۾ مصر جي مذهبي اهميت جي باري ۾ مزيد معلومات حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا. ته قديم ڪوپٽڪ قاهره کي ڏسڻ ته وسارجو.

قاسي چرچ/معلق چرچ/ الكنيسة المحاقة The Hanging Church

جڏهن اسان ان علاقي ۾ پهتاسين ته ٿوري فاصلي تي ڊرائيور گاڏي روڪي ۽ اسان هڪ ويڪري رستي تي هلڻ شروع ڪيو، جنهن جي ٻنهين طرفن کان مختلف عمارتن جون ڏڳهيون ۽ مضبوط پٽيون هيون، جيئن اسان جي ڳوڻن ۾ حويلن جا ڪوٽ هوندا آهن. آخرڪار اسان داخلي دروازي تي پهچي وياسين جيڪو پٿر ۽ سيمنٽ جو ٺهيل هو. اهو هڪ نوڪدار پٿر جي محراب جي هيٺان لوهي دروازو هو. ان کان پوءِ هڪ ننڍڙو ورانڊو هو. جتي سختيءَ سان جاچ پڙتال ٿي رهي هئي. اسڪينگ مشين مان گذرڻ کان پهريائين بدن کي هٿ ۽ لاهي ڏسن پيا. منهنجي چيلهه ۾ بيلٽ هڏل هو، چو ته چيلهه ۾ سور هو. پوءِ ته ڏسڻ واري پريشان ٿي وئي ته شايد بم ته نه هڏل آهي. ان جلديءَ ۾ ٻين کي گهرايو. انهن کان پڇڻ لڳي ته مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ مون جلدي ۾ اهو بيلٽ لاهي اسڪرين مشين تي رکي ڇڏيو. پوءِ ويچاري معافي گهرڻ لڳي. مون ان کي چيو ته ڪا ڳالهه ناهي، هيءَ سڀ اسان سيني جي سلاميتيءَ لاءِ ضروري آهي. اتان نڪري اڳڻ ۾ پهچي وياسين، اڳڻ ڏڳهو ۽ سوڙهو هو. ٻن طرفن کان رستو چرچ ڏي وڃي رهيو هو. وچ ۾ جهنگلن جي اندر ساوڪ هئي ۽ بادام جا وڻ لڳل هئا، جن جو تعداد مشڪل سان تي چار هئو. انهن جهنگلن جي وچ ۾ ننڍو ڦوهارو به هو. جڏهن انهيءَ سوڙهي اڳڻ ۾ سامهون نظر پئي. ته به تاور نظر آيا، جن کي جديد فن بائيبل جي ڏڻائين سان سجايو ويو هو.

هن سينٽ ورجن مريم جو قبطي آرٿوڊڪس چرچ کان علاوه هينگنگ چرچ به چيو وڃي ٿو. هيءَ مصر جي قديم گرجا گهرن ۾ هڪ آهي. جنهن کي 3 صدين ۾ ٺاهيو ويو هو. ان جو تعلق اسڪندريه جي قبطي آرٿوڊڪس چرچ سان آهي.

ان کي هينگنگ چرچ انهيءَ لاءِ چيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته قبطي قاهره ۾ جيڪو رومن قلعو آهي ان جا مينار هن کي پڪڙي بيٺا آهن. هن جو ڪوبه بنياد نه آهي ۽ هيءَ 16 ميٽر ڏڳهو آهي، هيءَ Basilica طرز تي ٺاهيو ويو آهي. ان جي ٽنهي ۽ مٿي ٺهيل تاج مان ظاهر آهي ته چرچ جي ڇت به منفرد آهي اها ڪائي سان محرابي شڪل ۾ ٺهيل آهي، چو ته اها سيمنٽ ۽ ڪنڪر پٿر جو بار نه ڪٽي سگهندي. ان جي ڪاٺ جي شڪل حضرت نوح عليه السلام جي ٻيڙيءَ سان ملي ٿي. اهو مشهور آهي ته بزرگن جون تصويرون جيڪي پٽ تي لڳل آهن تقريباً 110 جي تعداد ۾ آهن، ان ۾ ڪجهه پراڻيون 8 صدي جون ٺهيل آهن. ۽ نڪ الباراتيءَ Nekha Al-Baraty به 8°18ع ۾، تحفي طور ڏنيون هيون، جڏهن هو نظرداري ڪندو هو. بزرگن جون تصويرون جيڪي پٽ تي لڳل

هيون، اهي مختلف صدين ۾ لڳايون ويون هيون. انهن ۾ سڀ کان مشهور بيبي مريم جي آهي، جنهن ۾ هُوءَ حضرت عيسيٰ کي ڪڇ ۾ کنيو بيٺي آهي. ۽ مذهب جي هڪڙي رسم مطابق، جنهن ۾ ٻار جي پيدا ٿيڻ مهل انهيءَ جي مٿي تي مقدس پاڻيءَ جا چنڊا لڳايا ويندا آهن ۽ ان کي عيسائي مجيو ويندو آهي. هن تصوير کي Virgin Mona Lisa چوندا آهن. ڇاڪاڻ ته هوءَ بلڪل مونا ليزا جهڙي لڳندي آهي. هيءَ تصوير مونالیزا کان تمام گهڻو اڳ جي آهي، پر محض اهو اتفاق آهي.

مرڪزي عبادت گاهه جي تصوير عاج سان گڏ آبنوس جي ٺهيل آهي ۽ انهيءَ جي مٿان ورجن ميري ۽ ابتدائي دور جا حواري آهن. مرڪزي قربان گاهه جي پويان وارو منظر به عاج جو ٺهيل آهي. جنهن ۾ 12-13 جي لڳ ڀڳ ڪاپڙ ڪراس ڊزائين ڏيکاري وئي آهي. قربان گاهه جي اسڪرين جي مٿان 7 وڏيون تصويرون ڊگهي قطار ۾ ڏيکاريون ويون آهن، جنهن مان هڪ ۾ مسيح عرش تي ويٺل آهي. هڪ طرف ورجن مريم، Archangel Gabriel ۽ St Peter جون تصويرون قطار ۾ بيٺل آهن. ٻئي طرف سينٽ جان، Archangel Michael ۽ St. Paul جون تصويرون آهن.

چرچ ۾ 12 پلرس لڳل آهن، جنهن ۾ هڪ پلر ڪارو آهي، جيڪو جوڊس Judas جي نمائندگي ڪري ٿو. چرچ جي مشرقي ڪناري تي ٽي پناهه گاهون آهن وچ ۾ هڪ ورجن مريم جي لاءِ وقف آهي ۽ ڪاهي پاسي جي طرف هڪ جو نالو سينٽ جارج St. George جي لاءِ آهي. چرچ مان نڪري هيٺ لهڻ مهل رفيع کي اهو ٻڌائيندي هلي رهي هيس ته چرچ ڪڏهن به مرمت جي لاءِ بند نه ڪيو ويو آهي. 16 سال پهريائين هن جي مرمت ٿي هئي، سياحن جي لاءِ چرچ بند ڪيو ويو هو پر عبادت ڪرڻ وارن جي لاءِ هميشه کليل رهيو آهي. جڏهن هن جي مرمت ختم ٿي هئي تڏهن ان کي يادگار جي طور تي ملهايو ويو هو. هن جو سڀ کان پهريائين ابتدائي ذڪر بزرگ جوزف اول جي سوانح حيات ۾ ملي ٿو. جڏهن مصر جي گورنر هن اداري جو دورو ڪيو هو. هن چرچ کي ابراهيم وسيع پيماني تي مرمت ڪري بحال ڪيو هو. جڏهن 2011ع ۾ هن کي مڪمل ڪيو ويو هو. هيءَ ذڪر ڪندي ڪندي ڊاڪٽيون به ختم ٿي ويون ۽ اسان واپس اڳڻ ۾ پهچي وياسين. پوءِ دروازي مان نڪري واپس انهيءَ روڊ تي نڪري آياسين جتان داخل ٿيا هئاسين. پوءِ هيگنگ چرچ جي پوئين واري حصي پهچي وياسين؛ جتي Ben Ezra synagogue جي عمارت هئي.

بن عزرا عبادات خانہ Ben Ezra synagogue

بن عزرا عبادت خانا جنهن کي مختلف وقتن ۾ جينيزا Geniza يا اسٽور روم چوندا آهن. 19 صدي ۾ هتي عبراني، ارامڪ Aramaic ۽ يهودي عربي مذهبن جي مقدس نسخن جو خزانو رکندا هئا. انسائيڪلو پيڊيا برٽانيڪا ۾ هن يهودي عبادت گاهه کي "يهودين جي لاءِ دعاگاهه" جي طور تي بہ بيان ڪيو ويو آهي. پراڻي يونان ۾ هن جو مطلب آهي.

"اها معمول جي جڳهه جتي يهودي مذهبي تعليمات حاصل ڪرڻ ۽ عبادت جي لاءِ جمع ٿيندا هئا."

ان مان ڪجهه مندرن کي پاڻي جي وسيلي جي قريب ٺاهيو ويو. جن جو مقصد وضو ڪرڻ ۽ پر حملہ آورن کان حفاظت جي لاءِ ٺاهيو ويو. هيءَ مجموعہ جينيزا جي نالي سان سڃاتو ويندو هو. هتان جو ذخيرو انگلينڊ جي ڪيمبرج يونيورسٽي ۾ سليمان شيچٽر Sulaman Schechter جي پڙڪائڻ تي آندو ويو. هاڻي ان کي ڪيترين لائبريرين ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. جنهن مان اڪثر ڪيمبرج يونيورسٽي لائبريري ۾ رکيو ويو آهي. بن عزرا هڪ قديم ادارو آهي، جيڪو قاهره ۾ واقع آهي. ان عبادت گاهه جو اصل نالو ال- شيمين El- Shamaien هو. جيڪو اڄ قاسي چرچ جي پويان آهي ان گهٽ ۾رگهٽ ٽن عمارتن تي قبضو ڪيو هو. جنهن جي آرائش ٿي چڪي هئي. موجوده عمارت 1890ع جي آهي.

بن عذرا عبادت گاهه جي تاريخ قائم ڪرڻ جي باري ۾ معلوم نہ آهي پر جينيزا ۾ جيڪي دستاويزات مليا ان مان ڪيئي سئين شهادتون مليون. اهو 882 ق.م جي وقت جو ٻڌايل آهي ۽ غالباً اسلام کان پهريون جو آهي. هيءَ اصل ۾ هڪ عيسائي چرچ هو. جنهن کي ان وقت جي مسلم حڪمرانن عائد ڪيل سالانہ ٽيڪس جي ادائيگي جي بدلي ۾ 882ع ۾ يهودين کي فروخت ڪيو ۽ انهيءَ کي ابراهيم بن عذرا، جيڪو يروشلم مان آيو هو، احمد بن طولون جي دور ۾ چرچ کان 20,000 دينار جي رقم ۾ خريد ڪيو.

اصل عمارت جي باري ۾ ڪافي گهٽ ڄاڻ آهي، تقريباً 1012ع ۾ فاطميد خليفي الحڪيم بي امر الله Al. Hakim bi- Amr allah يهودين ۽ عيسائين جي سڀ عبادت گاهن کي ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اصلي بن عزرا عبادت گاهه مسمار ڪئي وئي. "ان جون سرون ۽ ڪائيون ردي جي عوض وڪٽي ڇڏيون". ٻئي خليفي علي الظاهر Ali Al-Zahir عيسائن ۽ يهودين کي تعمير نو جي اجازت ڏني ۽ 1025ع-1040ع جي مدت ۾ هيءَ عبادت گاهه وري تعمير ڪيو ويو.

تاريخي طور تي يهودين خدا جي نالي تي مشتمل فرسوده دستاويزات جي

لاءِ جينيز Geniza يا ذخيره شامل ڪيو ويو آهي. جو ته يهودين جي تعليم اها آهي ته ان طرح جي ڪاغذات کي ۽ عقيدت سان گڏ ذخيرو ڪرڻو پوندو آهي ۽پوءِ آخرڪار قبرستان ۾ دفن ڪيو ويندو آهي. 11 وهين صدين جي عمارت ۾ هڪ غير معمولي طور تي وڏو جينيزا شامل ڪيو ويو آهي. جيڪو هن گودامن ۾ موجود آهي. ان ۾ شامل ڪجهه دستاويز پهرين عمارت ۾ محفوظ هئا ۽ سڀ کان قديم تاريخي دستاويز خود جينيزا کان 150 سال پراڻا هئا. تقريباً 850ع تائين اتي دستاويز جمع ٿيندا رهيا.

1186ع ۾ جاڻي ٻجهي ٻاهه لڳڻ جي ڪري فوسٽٽ Fustat شهر جو گهڻو حصو تباهه ٿي ويو. جتي ان وقت عبادت گاهه هو. فوسٽٽ هاڻي قاهره جو هڪ حصو آهي. اسلامي وزير شاور Wazir Shawer حملي آور عيسائي صليبي فوج جي هٽ ۾ اچڻ کان روڪڻ جي ڪري شهر کي ساڙڻ جو حڪم ڏنو هو. ان جي فوراً بعد مصر جي سلطان والي صلاح الدين فوسٽٽ جي وري اڏاوت جو حڪم ڏنو.

1186ع ۾ يهودي فلسفي معالج ۽ ماهر فلڪيات ميمونائيڊس Maimonides بين عذرا عبادت خاني ۾ مختصر عرصي جي لاءِ فوسٽٽ ۾ آباد ٿيو هو ۽ 1204ع ۾ پنهنجي موت تائين اتي مقيم رهيو. ميمونائيڈز 1171ع ۾ ناگيد Nagid يا مصري يهودي برادري جو رهنما ۽ بابل جي تلمود Babylanian Talmud جي حيثيت سان بن عزرا جو ممبر نه هو. تڏهن به جينيزا جون ڪيئي دستاويزات، جن مان ڪجهه ان جي پنهنجي تحرير ۾ شامل آهن ان جي زندگي ۽ ان جي ڪم جو جنهن ۾ ذڪر ڪيل آهي ۽ ان جي لاءِ سڀ کان اهم بنيادي سيرت ۽ وسائل آهن. تورات الماري جي دروازي تي ٽيل نقش نگاري جو اندازو فاطميد خلافت 1171ع-909ع سي اي سان مطابقت نڪو رکي ۽ خاص طور تي 15 هين صدي ۾ مملوڪ سلطاني (1250ع-1571ع) جي گهٽي نمائندگي ڪري ٿو. هڪ تمغو جيڪو دروازي تي سينگاريو ويو آهي سو ان مقصد لاءِ ڊزائين ڪيو ويو آهي جيڪو ان دور جي ڪتاب سازي جي لاءِ گڏيل آهي. هيءَ به هڪ حقيقت آهي ته 5 صدي ۾ يهودي عبادت گاهه ۾ ٻاهه لڳڻ جي ڪري منبر کي به نقصان پهتو هو.

هڪ قابل ذڪر نظريو اهو به آهي ته تورات الماريءَ جي لاءِ هڪ نئون دروازو ٺاهڻ جي لاءِ تباهه شده بيمه مان ڪاٺيءَ ڪٽي تيار ڪيو ويو. عبادت گاهه جي مرمت ۽ آرائش 1488ع ۾ وري ڪئي وئي.

جيڪب سيفير Jacob Saphir رومانيه جو پيدائشي يهودي هو. جنهن جو خاندان ننڊپڻ ۾ عثماني فلسطين ۾ آباد هو. اهو هڪ ربي Rabbi بڻجي ويو. هُن سن 1859ع ۾ يروشلم ۾ هو روا Hurvas عبادت گاهه جي تعمير نو جي لاءِ رقم جمع ڪرڻ جي لاءِ عالمي دوره ڪيا. جنهن کي مسلمان حاڪمن 1721ع ۾

تباهہ ڪري ڇڏيو هو. بن عذرا جي تاريخي اهميت کي تسليم ڪرڻ وارو پهريون سفير هو. ۽ جينيزا جنهن کي انهن 1874ع جي هڪ ڪتاب ۾ بيان ڪيو. يهودي ڪتاب جمع ڪرڻ وارو پهريون يورپي هو ۽ هُن تقريباً 25,000,000 دستاويز خريد ڪيا. جڏهن هيءَ عبادت گاهہ 1889ع کان 1892ع تائين وري تعمير ٿي رهيو هو. ان وقت دستاويزات هڪ ڪليل وڏي ڊير ۾ پيل هئا. مصريات جي ماهر ڪائونٽ ريمودي هلسٽ Count Raimodi Hulst انهن سالن ۾ ڪجهہ دستاويزن جي جاچ ڪئي. ڊسمبر 1876ع ۾ ڪيمبرج يونيورسٽي جي استاد سليمان شيٽر Suleman Sheter جيڪو پوءِ هڪ مشهور آمريڪي ربي بڻيو هو. تنهن جينيزا ۾ دستاويزات جي پهرين گهري علمي تحقيقات جو آغاز ڪيو ۽ باقي دستاويزات کي قاهره ۾ مختلف يونيورسٽين جي لائبريرين ۾ موڪلڻ جو اهتمام ڪيو.

خير اسان عبادت گاهہ ۾ داخل ٿياسين. ان جي پوري بلڊنگ مستطيل هئي. پهريون فلور مردن لاءِ ٺاهيو ويو هو ۽ ٻيو عورتن جي لاءِ ٺهيل هو. ان جي پهرئين منزل ۾ پهتاسين. جنهن جي ڊگهائي تقريباً 17 ميٽر ۽ ويڪرائي 11.3 ميٽر هئي ۽ اها ٽن حصن ۾ تقسيم هئي. سڀ کان وڏو وچ وارو حصو ويڪرائي ۾ 4.75 ميٽر آهي. ان جي حصن کي استيل جي شيخن ذريعي تقسيم ڪيو ويو هو. جيڪو ماربل جي رنگ ۾ رنگيل هو. عبادت خاني ۾ سڀ کان متبرڪ اندروني گوشي جو صدر چبوترو هو. جتي يهودين جو مذهبي پيشوا ٻيهي توريت پڙهندو هو. قاريءَ جو چبوترو اٺ ڪنڊن جي شڪل ۾ ماربل جو ٺهيل هو ۽ چبوتري جي اٽين ڪناري تي ٽامي جو جهنگلو لڳل هو. جتي هولي ڪتاب هئا. چبوتري جي سامهون هڪ يادگار ستارو هو. جنهن ۾ ٽن ٽنين تي مشتمل ٻہ اڌ گول محراب هئا. جن جي اوچائي 85 metter هئي. پهرين منزل تي توريت الماري جي پاسي ۾ ٻہ ڪمرا هئا.

هيءَ سجاوٽ ترڪ دور جي محسوس ٿئي پئي. ان جي ٻنهين طرف هال ۾ ستاره نمونا واضح طور تي نظر اچي رهيا هئا.

هند سي نمونا پس منظر جي طور تي استعمال ٿيڻ وارا. اهي ڇت جي وچ ۾ استار آف ڊيوڊ David جي آس پاس هتي ئي نظر اچي رهيا هئا. اهو Roman & Hatai سجاوٽ جو مرڪب هو. جيڪي گلن جي نمونن تي ٻڌل هئا. اهو عثماني عربي جو عڪس لڳي رهيو هو ۽ Palmetter ۽ ڪنول Lotus جا گل هئا.

توريت جي الماري جي چوٽيءَ جو ڏکڻ. اوپر رخ Stalactiter سان ٿيو هو. جنهن جي مٿان ڪرٽن جي سجاوٽ سان گڏ هڪ اڌ دائرو هو. ان جي ٻنهي پاسن کان ڪائيءَ جا ڪالم جاميٽريڪل نمونن ۾ سينگاريل هئا.

هن عبادت خاني جي هڪ نمايان خصوصيت هيءَ آهي تہ عمارت جي مشرقي ديوار جي وچ ۾ واقع جديد طرز جي الماري تورات جي ڪتابن تي مشتمل آهي. هي ان دور جي گرجا گهرن جي ڊزائين سان گهڻي مشابهت رکي ٿي ۽ ان کي اهڙي طرح سان پينٽ ڪيو ويو آهي جو ائين ٿولهي ڇڻ تہ هي رنگين اطالوي سنگ مَر مَر سان ٺهيل هجي. هيءَ حقيقت ۾ پوري طرح شاهہ بلوط سان ٺهيل آهي.

ست پينل ڪنديبرا هفتي جي ستن ڏينهن جي علامت آهي، جنهن ۾ سڀ کان وڏو عبادت خاني جي وچ ۾ لٽڪيل آهي. جيڪو يوم سبت Sabbat day جي نمائندگي ڪري ٿو. يعني عبادت ۽ آرام جو ڏينهن جنهن ۾ دنيوي ڪمن کارين کان پرهيز لازم آهي. وچ ۾ هڪ موم بتي هئي جيڪا اتي مسٽربم جي عظيم عبادت گاهہ جي برادريءَ عطيہ جي طور تي ڏني هئي. هتي اها ميڙ بتي شادين ۽ يهودين جي تهوار جي لاءِ اج بہ روشن ڪئي وڃي ٿي. سال جي باقي ڏينهن ۾ 1928ع ۾ شامل ڪيل برقي بتين سان روشني ڪئي ويندي آهي.

اسرائيل جي 12 قبائل جي علامت 12 ٽنيا خواتين جي گيلري جي ڪن ٿا ۽ اتي عبادت گاهہ جي پوئين حصي ۾ هڪ کوهہ بہ آهي، جنهن جي لاءِ اها روايت آهي تہ اهو تابوت جنهن ۾ موسيٰ جي والدہ ان کي رکيو هو. سو ان کوهہ ۾ پيل هئو. اسان ان عبادت گاهہ جو اصل ڊانچو نہ ڏسي سگهياسين، چو تہ صدين جي دوران ان ۾ مسلسل توسيع ۽ تجديد ڪئي وئي آهي. اسان صرف ان ڊانچي مان لطف اندوز ٿي سگهياسين، جيڪو آخري دفعو 1892ع ۾ مڪمل ٿيو هو.

اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ 20 صدي جي وچ ۾ مصر جي يهودين جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي وئي. وڌندڙ عرب قوم پرستي 1948ع جي عرب اسرائيل جنگ کان پوءِ يهودين ۽ عربن ۾ وڌيل چڪتاڻ ۽ ان کان پوءِ 1956ع ۾ سوئز جنگ جي نتيجي ۾ غير ملڪي معاشي سرگرمين تي حڪومتي پابنديون لڳيون، جنهن جو مصر جي يهودي برادري تي گهرو اثر پيو ۽ جنگ کان پوءِ هزارين يهودي ماڻهن کي ملڪ مان بي دخل ڪيو ويو ۽ هزارن مزيد خراب معاشرتي ۽ معاشي حالتن جي ڪري فرار ٿي ويا. مصر جي يهودي آبادي نيٽ 80,000 کان گهٽ ٿي 100 تائين اچي وئي ۽ قاهرہ ۾ رڳو 30 يهودي رهجي ويا. هي عبادت خانو بہ بند هو ۽ زير زمين پاڻي ۽ زلزن جي ڪري تقريباً اجڙي ويو. 1992ع ۾ عمارت جي ڇت ڪري پئي ۽ ملبو فرش تي اچي پيو. 2005ع تائين حالت وڌيڪ خراب ٿي وئي.

جون 2009ع ۾ مصري حڪومت هڪ سالا طويل بحالي جي منصوبي جو آغاز ڪيو. ان جو افتتاح آگسٽ 2009ع ۾ انهن نوادرات جي سربراهہ زاهي

هاوس Zahi Hawas کيو. مارچ 2010ع ۾ بحالي جو ڪم ختم ٿيو، پر وري به هي اڄ رڳو سياحن جي توجه جو مرڪز آهي ۽ هڪ ميوزيم جي حيثيت سان ڪليل آهي. هاڻي مذهبي خدمتن جي لاءِ استعمال نٿو ٿئي. اها به حقيقت آهي ته هي عبادت گاهه پاڻ تلاش ڪرڻ ته ڏاڍو مشڪل هو. چو ته اهو تمام سوڙهين گهٽين ۾ هو ڪٽان ته ڏاڪڻين تان به گذرڻو پيو. ۽ رهنمائي لاءِ تقريباً نشان نه هئڻ جي برابر هئا. جيڪڏهن اسان سان گڏ ڊرائيور نه هجي ها ته اسان اها تاريخي عمارت نه ڏسي سگهون ها.

خير پوءِ هن عبادت گاهه ڪان نڪري آياسين. مان ٿورو رڪجي ويس ته رفيع چيو ته هوا خوري برقرار رک، رڪجڻ جي ضرورت ناهي، چاڪاڻ ته ايان ٻين جڳهن تي به وڃڻو آهي صورتحال اها آهي ته وقت گهٽ آهي ۽ مقابلو سخت. پوءِ مون پنهنجي هوا خوري کي تيزي ۾ تبديل ڪيو ۽ اسان Coptic Museum جي طرف هلي پياسين. هلندي هلندي پري کان ميوزيم تي نظر پئي، انهيءَ جي اڇيان هڪ ڪاري رنگ جي وڏي گيٽ ٽهيل هئي، جيڪا ڪليل هئي ۽ سامهون ٿوري ساوڪ ۽ ميوزيم ٺاهڻ واري جو مجسمو ۽ شينهن نظر آيا. مان شينهن کي ڏسي بلڪل ڊڄي ويس، چو ته پري کان اصلي لڳي رهيو هو ۽ ان سان گڏ ڪير به نه هو. ان وقت مون کي ٽائيليند جي سياحت جو هڪ واقعو ياد آيو. هتي هڪ پارڪ گهمڻ وياسين ۽ جيئن ئي پارڪ ۾ داخل ٿياسين ته شينهن جو خطرناڪ آواز گونجيو مون سمجهيو ته شايد باغ ۾ لڳل اسپيڪرن مان آواز اچي رهيو آهي پر جيئن جيئن اندر داخل ٿيندا وياسين ته آواز جي طاقت وڌڻ لڳي ۽ ٿوري دير کان پوءِ اصلي شينهن اسان جي نظرن جي سامهون موجود هو، جيڪو زنجير سان ٻڌل هو. اتي قطار ۾ سياح بيٺا هئا ۽ سياح انهيءَ سان گڏ فوٽو جا منتظر هئا. شينهن جي منهن جي سامهون هڪ ماڻهو بندوق کنيو بيٺو هو ۽ ان جي هٿ ۾ ڏنڊي به هئي، جنهن جي ذريعي هو ڪوشش ڪري رهيو هو ته شينهن سياحن جي طرف نه ڏسي. ائين نه ٿئي ته هو انهن کي ڏسي ته منهنجي پرسان بيٺا آهن ته انهن کي مارڻ جي ڪوشش نه ڪري. شينهن جيڪڏهن ٿورو به پويان منهن ڦيرو ڪري ته هُو همراهه ان کي ڏنڊي جي ذريعي ڊيڄاري رهيو هو. ٻيا به گارڊ ٿوري فاصلي تي هئا ته جيئن ڪا گڙٻڙ نه ٿئي. ته هو شينهن تي گولي هلائي ڇڏين پوءِ مون کي به شوق ٿيو ۽ هڪ تصوير ڪڍائي ڇڏيم. اسان جڏهن واپس اچي رهيا هئاسين ته مون رفيع کان پڇيو ته توهان ڇو فوٽو نه ڪڍرايو. انهيءَ جواب ڏنو ته مون کي ڊپ لڳي رهيو هو. تو ته اڄ ڏاڍي همت ڏيکاري. تڏهن مون چيومانس ته پوءِ مون کي جهلي ڇڏين هان. توهان جو مقصد ته ڏاڍو خطرناڪ هو پر مان به چڏڻ واري ناهيان. هو ڪلي رهيو هو ۽ چوڻ

لڳو. تہ اڄ خبر پئي تہ تون بهادر سان گڏ عقلمند به آهين. تہ هيءَ ميوزيم وارو شينهن ڏسي ان کري ڏڃي ويس جو ان جي پرسان تہ ڪو گارڊ به نہ هو. سوچيم تہ اسان اندر ڪيئن وينداسين ۽ اهو سوچيندي ڪافي ويجهو اچي وياسين تڏهن معلوم ٿيو تہ هيءَ اصلي نہ پر نقلي شينهن آهي. رفيع جلدي ان وٽ بيهي رهيو ۽ ڪيمرا منهنجي حوالي ڪيائين ۽ چيائين تہ منهنجو فوٽو ڪڍ. پوءِ اهو ڪم اڪلائي ٽڪيٽ خريد ڪئي ۽ اندر طرف روانا ٿياسين.

قبطي ميوزيم

قاهره جو قبطي ميوزيم رومي قلعي بابل جي ڪنڊرات جي اندر واقع آهي ميوزيم قبطي قاهره جي ميسرال قديم Maser-El-Qadema جي پاڙي ۾ آهي. هي علائقو جيڪو قبطي چرچن سان ڀريل آهي ۽ مشهور قاسي واري چرچ ۽ چرچ آف سينٽ باربرا جهڙا گرجا گهر اتي موجود آهن.

ڪنهن کي يقين نہ ايندو تہ قبطي ميوزيم جو بنياد فارسين Persians جي دور ۾ پيو. ۽ ان کان پوءِ رومن شهنشاهن آگسٽ August ۽ ٽراجان Trajan جي ذريعي ڪافي شيون شامل ڪيون ويون. جديد ميوزيم جي قيام ۾ مشهور فرانسيسي سائنسدان ماسپيرو Masepero به اهم ڪردار ادا ڪيو. ڇو تہ هن مصر جي آس پاس مان قبطي يادگار جمع ڪرڻ ۽ انهن جي حفاظت ڪرڻ ۾ هڪ طويل عرصو گذاريو.

جديد دور ۾ ميوزيم جو باني Smeka Pasha آهي. جنهن درخواست ڪئي تہ هن ڪي ميوزيم ۾ موجود نوادرات ۽ فن کي محفوظ رکڻ واري مصري ڪميٽي ۾ شامل ڪيو وڃي. پاشا ميوزيم جي تعمير شروع ڪرڻ جي لاءِ تمام گهٽي ڪوشش ڪئي، جيڪا هن وقت موجود آهي. 1908ع ۾ پيٽرياڪ سيرل پنجم کان منظوري ۽ چاندي جا ڪيترا ئي نوادرات حاصل ۽ عوامي خريداري جي ذريعي فنڊ جمع ڪرڻ کان پوءِ، مارڪس سميڪا پاشا قبطي ميوزيم تعمير ڪيو. ۽ ان جو افتتاح 14 مارچ 1910ع ۾ ڪيو ويو. قبطي برادري ميوزيم جي حمايت ۾ فراخ دليءَ جو مظاهر ڪيو. جنهن ۾ انهن تمام گهڻيون پوشاڪون، پلاسٽر تي تصويرن جا عطيہ ڏنا. 1931ع ۾ قبطي ميوزيم رياستي ميوزيم بڻجي ويو هي نوادرات ڪاتي جي دائره ڪار ۾ هو ۽ 1939ع ۾ مصر جي ميوزيم ۾ موجود عيسائي نوادرات جو مجموعو اوڏانهن منتقل ڪري ڇڏيو. اِهي نئين ونگ ۾ رکيا ويا، جيڪا 1944ع ۾ مڪمل ٿيا. نقصان جي ڪري پراڻي ونگ 1966ع ۾ بند ڪري ڇڏي وئي ۽ 1983ع کان 1984ع جي وچ ۾ پوري ميوزيم جي آرائش ڪئي وئي. پر 1992ع ۾ اچڻ واري زلزلي کان به نہ بچي سگهيو ۽ وري

انهيءَ جي آرائش 06-2005ع ۾ ٿي.

قبطي ميوزيم جو ميدان هڪ پرامن ۽ پرسڪون مقام آهي. ان پرجوش عمارت ميوزڪ سان گڏ هموار ۽ مشيربيه (Mashrabiy) (باهر نڪتل دريون) اڳئ جي هيڏانهن هوڏانهن جي پتين ۾ سجايل آهن. ميوزيم ۾ عيسائي دور جي شين جو هڪ وسيع ذخيرو موجود آهي، جيڪو فرعوني ۽ اسلامي دورن کي جوڙي ٿو.

قبطي ميوزيم اڄ بنيادي طور تي ٻن وڏن حصن تي مشتمل آهي، جيڪو پاشا جي قائم پراڻي سيڪشن تي مشتمل آهي جيڪو 2006ع ۾ هڪ وڏي آرائش ۽ بحالي کان پوءِ عوام لاءِ کوليو ويو.

ميوزيم ۾ هاڻي مصر جي آس پاس وارن مختلف علائقن مان جمع ڪيل تقريباً 1600 شيون لٽڪايون ويون آهن ۽ مصر جي قبطي تاريخ هڪ مختلف صدي ۾ واپس اچي وئي آهي. قبطي ميوزيم کي مصر ۾ قبطي تاريخ جي باري ۾ ڄاڻڻ جي لاءِ هڪ بهترين جڳهه سمجهيو ويندو ٿو.

هن پراڻي ميوزيم جو پهريون حصو الناسيا Al nasiya نالي هڪڙو ڳوٺ آهي جيڪو قاهره جي ڏکڻ ۾ بيني سويف Beni Sweif جي ويجهو آهي. ان علائقي مان کجهه قبطي شيون دريافت ٿيون آهن، جيڪي ٽين ۽ چوٿين صديءَ جون آهن. ٻيو حصو سقاره آهي جتي سينٽ آرمينا St. Armenia جي خانقاه جا کنڊر آهن. فيوم Feyoum ۽ مصر جي مٿين علائقي جي خانقاهن مان جمع ٿيل واريون. ڪافي ٻيون شين موجود آهي. نيون ٻه منزلون ميوزيم جي مختلف حصن ۾ تقسيم هيون.

پٽ ۽ پورٽريٽ (تصويري) حصو

هن ۾ Tempra Style جي تصوير ڪشي ڪئي وئي آهي. جيڪي انهيءَ حصي ۾ خوبصورتيءَ سان سينگاريل هيون ان ۾ گهٽو مجموعا خانقاهن ۽ گرجا گرهن مان جمع ڪيو ويو آهي، هتي ڪافي تعداد ۾ تصويرون ٻه موجود آهن جيڪي قديم خانقاهن مان جمع ڪيل آهن.

پتين تي هر هڪ صليب جي اندر Jeremiah Monastery ٻه نظر آئي. اڳتي وياسين تہ انهيءَ حصي ۾ چاندي ۽ سون جي قبطي سڪن جو وڏي تعداد موجود هو جن ڪي ٻين قيمتي ڌاتن تي نصب ڪيو ويو هيو. تمام گهڻيون ڊزائينون هيون. جيئن: ورجن مريم جو هڪ چاندي جو اولڙو جنهن ۾ عيسيٰ کي پکڙيل آهي جيڪو گهري سائي رنگ ۾ هو.

10 صدي جي قبطي خطوط سان گڏ هڪ ڪانسيءَ جو ڊش ۽ ان کان علاوه

ڪيتريون شيون رکيل هيون.

پوءِ وري ان جي ڪائيءَ واري حصي ۾ پهچي وياسين. مصر ۾ هميشہ سڀي ڪائي ئي سڀ کان وڏي رڪاوٽ هئي. مصر ۾ ڪائيءَ جي دستڪارن کي سدائين ڏکيائي سان منهن ڏيڻو پوندو هو. پر وري به فيروز Pharos ۾ قبطي فنڪارن جي زماني ۾ مصري ٻاهر کان گهرائيندڙ ڪائي مثلاً: Lebbakh, Sycamore, Occacia & Tamsarisk وغيره استعمال ڪندا هئا. اتي هڪ ڪائي جي صندوق پيل هئي. جنهن ۾ هاٿي جي ڏندن ۾ هڏين جي ڪندهہ ڪاري ڪئي وئي هئي. هڪ ڪائيءَ جو دروازو هو جيڪو روستا کان مارڪس چرچ مان کڻيل هو. جنهن تي به مختلف قسم جي سجاوٽ هئي. ان کان علاوه هڪ ڪائيءَ جي آرٽ جو ٽڪڙو جيڪو گهٽو قديم يعني 5-6 صدي جو هو. جنهن ۾ ماٿهو ميوزڪ وڄائيندي ڏيکاريا ويا هئا. مملوڪ دور جو هڪ جاميٽريڪل دروازو. جنهن جي آرائش هڏين سان ڪيل هئي. 18 صدي جي ڪائيءَ جي ڪرسي جنهن تي عربي توشہ لکيل هو. ۽ اهڙي طرح ڪائيءَ مان ٺهيل ڪيئي شيون هيون. جنهن ۾ قديم ۽ جديد دور جون شيون به شامل هيون.

وري آئيوري Ivory حصي ۾ آياسين. مصري تاريخ جي يوناني دور ۾ اسڪندريہ پوري دنيا ۾ عاج جو هڪ اهم تجارتي مرڪز هو. تڏهن به مصر رومن حڪمراني جي وسيلي عاج جي تجارت جو سڀ کان اهم محور فارس ٻڌجي ويو. اهڙي طرح هتي به ڪيترن تعدادن ۾ هن هنر جون شيون موجود هيون.

تصنيف جي حصي ۾ جڏهن پهتاسين تہ ٻنهي جي منهن مان واهہ جو لفظ نڪتو. واقعي به هيءَ قبطي ميوزيم جو سڀ کان مختلف حصو هو. چو تہ انهيءَ ۾ بائيبل موجود هئا. جيڪي قبطي ۽ عربي زبانن ۾ هرڪ جي ڪل تي 11 ۽ 13 هين صدي جا لکيل هئا. هتي هڪ تمام ئي گهٽو محفوظ تهہ خانو به هو. جيڪو بائيبل جي حفاظت جي لاءِ استعمال ٿيندو هو. ۽ 11 هين صدي جي دستي تحرير St Mark, St John & St Mathew جي به موجود هئي. اتي پيپرس ڪاغذ جيڪو مصر جو قديم ۽ مشهور ڪاغذ آهي. 6 هين صدي جو به موجود هو. توريت جو باب ڪتاب المناجات جنهن ۾ ڪائيءَ جو احاطو 4 ۽ 5 صدي جو بيني سويف Beni Sweif مان مليو هو اهو به موجود هو.

هي مٽيءَ جي ٽانون ۽ شيشي جو حصو هو. جنهن طرح تاريخ جي ڪنهن به ٻئي ثقافت ٻنهنجي فن کي تيار ڪرڻ جي لاءِ مصر ۾ مٽي جي ٽانون ۽ شيشي جي سڀي معيار جو فائدو حاصل ڪيو آهي هتي هڪ شراب جي بوتل هئي جنهن تي ٻنهين طرفن کان اٽ ٺهيل هئا. اتي هڪ خوبصورت جار به هو. جنهن تي مختلف طريقن سان پکين ۽ بزرگن جون تصويرون چٽيل هيون

جيڪي مختلف لباسن ۾ ملبوس هيون. ۽ هڪ ٻيو ٻه جار هو جيڪو مون کي ڏاڍو سنو لڳو جنهن تي ٽٽيا ٿهيل هئا ۽ انسانن جي اڌ جسم جو مسجمو، جانور، پکي، ۽ گلن جي نقش نگاري محرابن جي اندر ڪيل هئي.

هاڻي لباس جيڪو انهن جي جسم کي ڍڪڻ لاءِ لازمي آهي ان حصي ۾ داخل ٿي وياسين. هتي بزرگن جي ڪپڙن جو تعداد گهٽو هو. جنهن تي صليب ۽ ورجن جي پينٽنگ ڪيل هئي. انهن ۾ هڪ اهم 7 صدي جي ڪپڙي جو ٽڪرو هو، جنهن ۾ ڪنواري ۽ عيسيٰ کي ڏيکاريو ويو هو. ۽ ڪيئي ڪپڙا هئا. پوءِ آخر ۾ آئيڪن Icons جي حصي ۾ قدم رکياسين جيڪو ميوزيم جو سڀ کان قابل ذڪر ۽ دلچسپ حصو هو. ان ۾ مختلف موضوعن ۽ سجاوٽ سان گڏ مختلف دور جي قبطي تصويرن جو هڪ وسيع ذخيرو موجود هو. ان تصويرن جي هڪ انداز کي فريسڪ Frisk چوندا آهن، جنهن کي قبطي فنڪار فرعوني مندرن جي ٿهيل ديوارن مان متاثر ٿي، انهن گرجا گهرن ۽ خانقاهن جي پٽين تي ڊرائينگ ڪرڻ شروع ڪئي. لفظ آئيڪون يوناني لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي هڪ تصوير ۽ ان ۾ بزرگ يا ٻيا مذهبي مناظر شامل ٿي سگهن ٿا. ان ۾ هڪ تصوير ۾ گهوڙي تي ويٺل بزرگ ميناس Manas کي ڏيکاريو ويو آهي جيڪو هڪ ڏگهي نيزي سان ان کي هڪلي رهيو آهي ۽ ان جي مٿي تي تاج آهي. ان کان علاوه خوبصورت تصويرون ٻيون هيون. ميوزيم جي آخر ۾ سڀ کان گهٽي دلچسپ شيءِ چئن فيٽن وارو هڪڙو چڪڙو آهي، جنهن کي هڪ گهوڙو چڪي ٿو جيڪو آبنوس Abanos جي ڪاٺيءَ جو ٺهيل آهي جنهن جي سجاوٽ عاج ۽ موتين سان ڪيل آهي، جيڪو استعمال ڪيو ويندو آهي. اهو چڪڙو امير عورتن کي خاص ڪري هڪ جڳهه کان ٻئي جڳهه خاص طور تي يروشلم منتقل ڪرڻ جي لاءِ استعمال ٿيندو هو. ان پراڻي دور کي ذهن ۾ ڌرائيندي اڳئين منزل جي طرف ڊوڙڻ لڳاسين. اسان جي ٻي منزل باربارا چرچ هو. انهيءَ طرح تنگ گهٽين مان گذرندي ۽ ڏاڪڻين لهندي چڙهندي ڪڏهن رڪجندي، چو ته گهٽي تنگ هئي، سياح گهٽا هئا. ڪو اڳي پيو ته ڪو وڃي پيو. جيڪڏهن ڪو گروپ اڳي رهيو هو ته انهن کي جڳهه ڏيڻ جي لاءِ پنهنجا قدم روڪڻا ٻه پون پيا. جڏهن چرچ جي ويجهو پهتاسين ته رفيع سمجهيو ته بيگم صاحبه شايد غائب ٿي وئي آهي پر مان ان جي پويان هيس ۽ فوراً آواز ڏنم، قدم وڌاؤ ساڻي هم تمهارے ساتھ ہیں ته هو ڪليو ۽ چيائين ته چرچ وٽ پهچي وياسين. اهڙي طرح اهو فاصلو هن منٽن جو هو پر پهچندي 15 منٽ لڳي ويا.

باربرا چرچ Saint Barbara Church

چرچ آف سينٽ باربرا قاهره جو قديم ترين ۽ سڀ کان گهٽو قابل ذڪر گرجا گهر آهي. هيءَ قلعي جي مشرقي حصي ۾ واقع آهي. هيءَ شهر جي قديم عمارتن مان هڪ آهي ۽ ايجان تائين قبطي فن تعمير جو هڪ بهترين مثال آهي. هيءَ ڪنهن زماني ۾ تمام گهٽي خزاني ۽ قيمتي مذهبي سامانن جو مرڪز هو. پر ان مان گهٽو سامان ڪوپٽڪ ميوزيم ۾ حفاظت جي لاءِ موڪليو ويو هو. اها حقيقت آهي ته هيءَ چرچ هاڻي به قديم قاهره جي دل آهي. هيءَ چرچ 5 صدي جو آهي ۽ تقريباً 11 صدي ۾ ٻيو دفعو تعمير ڪيو ويو. ان جو نالو سينٽ باربرا جي نالي سان رکيو ويو آهي، جيڪا نيڪوميڊيا Nicomedia ۾ ٽين صدي جي منڊ ۾ پيدا ٿي. ان عيسائيت اختيار ڪئي ۽ اسڪندريه ۾ ڪنهن به بزرگ يا نوجوان سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين ۽ پاڻ کي يسوع مسيح ۽ خدا جي خدمت ۾ مصروف ڪري ڇڏيائين. هُنَ جو والد هڪ منڪر ۽ ڪافر هو، جيڪو هن کي مسلسل تشدد جو نشانو بڻائيندو هو. ان رومي گورنر مارڪينس سان ان جي شڪايت ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ هُنَ وڌيڪ زيادتيءَ جو نشانو بڻايو ويو. پر وري به باربرا مزاحمت ڪئي ۽ عيسائيت ڇڏڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ آخرڪار هوءَ پنهنجي ساٿي جوايانه Juyiana سان گڏ هلاڪ ٿي وئي.

چرچ رومن Basilica جي شڪل جو ٺهيل هو. جنهن ۾ هڪ داخلي دروازو هڪ Narthex هڪ Nave ۽ ٻه گهٽيون aisles ۽ ٽي Sanctuar پناهگاهون شامل آهن، جيڪي چرچ جي مشرقي ونگ ۾ واقع آهن. وچ جو مقدس حصو باربرا جي لاءِ وقف آهي. ان ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ هتي پنج سنگ مَر مَر جا ڪالم آهن. وچين حرمت جي سامهون هڪ اڏ گول قربان گاهه آهي، جنهن کان اڳ ۾ ست ڏاڪا آهن. اسان چرچ جي ڏاکڻي پناهه گاهه ۾ هڪ مستطيل هال ۾ داخل ٿياسين، جنهن ۾ سينٽ باربرا جي لاءِ مخصوص هڪ نجي عبادت گاهه جو گوشو آهي. اتر حرمت کان هڪ اهڙو دروازو آهي، جيڪو ننڍي طرف وڃي ٿيو، جنهن سان سينٽ سائرس ۽ سينٽ جان کي پليراٿي ملي ٿي. ان چرچ جي اندر هڪ قيمتي دروازو آهي، جيڪو 5 صدي جو آهي جيڪو انجير جي ڪاٺ جو ٺهيل آهي. چرچ ۾ ڪافي تصويرون آهن، انهن مان سڀ کان گهٽي قابل ذڪر هڪ 13 صدي جي آهي. اهم تصويرن ۾ مسيح کي فرشتن ۾ گهيريل ڏيکاريو ويو آهي ۽ ٻين تصويرن ۾ ورجن مريم ۽ يسوع جي نمائندگي ڪندي ڏيکاريو ويو آهي، جڏهن هو ننڍو ۾ هو. يسوع يروشلم ۾ داخل ٿيو هو ۽ مسيح کي يوحنا ٻپٽسم ڏيڻ وارو هو. هيءَ چرچ به 750ع ۾ سڙي ويو هو ۽ آهستي

آهستي مختلف صدين ۾ وري هن کي بحال ڪيو ويو.

جڏهن مان چرچ جي اندر گهمي ڦري عيسائين جي مقدس مقام کي ڏسي رهي هئس تہ ان وقت رفيع سچي چرچ کي ڪيميرا جي اک ۾ بند ڪري رهيو هو. پوري چرچ جي ڪنهن ڪنڊ کي نہ ڇڏيائين. ڪيترائي ماڻهو عبادت ۾ مصروف هئا ۽ ڪجهہ سياحن جا گروپ پنهنجي گائيڊ سان گڏ ان جي پوري تاريخ غور سان ٻڌي رهيا هئا. ۽ منهنجي ڪنن ۾ بہ انهن جا آواز پهچي رهيا هيا، جنهن مان بہ لطف اندوز ٿي رهي هيس. ان کان علاوہ گروپ ۾ مختلف ملڪن مان آيل ماڻهن جي لباس جو بہ غور سان جائزو وٺي رهي هيس پر انهن ۾ گهٽو ڪري عرب هئا، جن جا پورو جسم ڍڪيل هئا. ۽ ٻيا يورپين بہ هئا تہ اڌي ۾ لوڙ جي برابر هئا. وري اتان نڪري بابليون قلعي ۾ پهچي وياسين پر ان جو گهٽو حصو تباهہ ٿي چڪو هو. صرف ٿورو حصو بچيل هئس. جتي صرف اها گنجائش هئي تہ روڊ تي بيهي اهو ٿورو ٽڪرو ۽ ان سان مليل قلعي جي پت ڏسي سگهجي ٿئي.

مصر جو دارالحڪومت قاهره ڪڏهن آباد ٿيو؟ اهو ٻڌائڻ مشڪل آهي پر ڪوپٽڪ قاهره ڏسي اهو ضرور معلوم ٿيو تہ هيءَ شهر ڪافي پراڻو آهي ۽ موجوده شهر گزا ۾ اڄ بہ اهرام، ابوالهول ۽ چوڌاري پکڙيل ڪنڊر انسان جي موجودگيءَ جو ثبوت پيش ڪن ٿا. يا جڏهن هي اهرام تعمير ٿيا هوندا، تڏهن اتي ڪم ڪرڻ وارا لکين محنت ڪش انسان هن زمين تي ضرور آباد هوندا جنهن جي ڪري ڳوٺ وسي ويا هوندا. فرعون پاڻ ۽ انهن جا امير موجوده شهر کان 15 ميل پري درياهہ نيل جي ڪناري ممفيس جي مقام تي پنهنجي دارالخلافہ ۾ رهندا هوندا.

اصل ۾ قاهره هڪ شهر جو نالو ناهي پر بستين ۽ شهرن جو مجموعو آهي. رومن حڪمرانن قاهره ۾ هن ئي جڳهہ تي، جنهن کي ڪوپٽڪ قاهره چيو وڃي ٿو هڪ قلعو ۽ شهر چوڌاري پت تعمير ڪرائي. هيءَ اهوئي قلعو هو، جتي اسان ٻيڙا هڻاسين جنهن کي بابليون قلعہ چيو وڃي ٿو. پوءِ چوندا آهن تہ حد ڪماليت آغاز زوالیت يعني رومين جي زوال کان پوءِ عيسائي هن تي قابض ٿي ويا ۽ ان قلعي جي اندر ڪيترائي چرچ تعمير ڪرايا ويا، انهن مان پنج اڄ بہ اتي موجود آهن، جن کي اسان ڏٺو.

عيسائي علمائن جي بہ اها دعويٰ آهي تہ حضرت عيسىٰ عليہ السلام ۽ حضرت بيبي مريم جڏهن بيت اللحم فلسطين مان مصر آيا تہ ان علاقي ۾ انهن قيام ڪيو ۽ اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ قاهره قديم ۾ واقع سينگاگ عبادتگاهہ واري جڳهہ حضرت موسىٰ عليہ السلام جي جاءِ پيدائش بہ آهي. حضرت عمرو

ابن عاص جڏهن 641ع ۾ مصر فتح ڪيو هو تہ هن انهيءَ علائقي ۾ پهرين مسجد جو بنياد رکيو هو. انهن ڳالهين مان اندازو لڳايو ويو ٿو تہ هيءَ شهر دنيا جي قديم ترين شهرن مان هڪ آهي. ڪجهہ ماهر مصريات جو خيال آهي تہ هيءَ شهر فرعون 6 صدي قبل مسيح ۾ آباد ڪيو هو. پر چرچ جي تاريخ مان هيءَ بہ اندازو ٿئي ٿو تہ هيءَ 3 صدي ۾ بہ موجود هو. اهڙي طرح ڏسو ويو تہ مصر جي تاريخ گهڻي پراڻي آهي. هن تي 3000 ق. م ڪان 341 ق. م تائين فرعونن جي حڪومت رهي. پر ان کان پوءِ يونان مان سڀهہ سالار عظيم اسڪندر جي اچڻ ۽ يونانين 302 سال تائين حڪومت ڪئي. وري ان جي آخري حڪمران قلوپطره کان پوءِ رومن آيا، جن 30 ق. م ڪان 638ع تائين حڪمراني ڪئي. رومن حڪمرانن کي مسلمان 640ع ۾ شڪست ڏئي مصر تي قابض رهيا. 1517ع ۾ عثماني سلطنت جو آغاز ٿيو ۽ انهن جو زوال 1882ع ۾ ٿيو. پوءِ 1797ع کان 1801ع جي دوران فرانس حڪومت ڪئي. 1882ع ۾ برطانيہ فرانس کان حڪومت کسي ورتي. برطانيہ راج جي دوران 1892ع کان 1992ع تائين عباس حلمي اقتدار ۾ شامل رهيو. عباس حلمي جي وفات کان پوءِ ان جو پٽ فهد اول برسراقتدار آيو. جنهن جي حڪومت 1936ع ۾ ختم ٿي. پوءِ بادشاهہ فاروق جي بادشاهي شروع ٿي، جنهن کي 1952ع ۾ ناصر معزول ڪري خود حڪومت تي قابض ٿيو. 1970ع ۾ ناصر فوت ٿيو تہ انور سادات حڪومت سنڀالي ۽ 1981ع ۾ انور سادات کي جڏهن گولي هڻي قتل ڪيو ويو تہ حسني مبارڪ جو وارو آيو ۽ هو 2011ع تائين رهيو. پوءِ سپريم ڪائونسل آرمي فورسز جو چيئرمين مارشل محمد حسين تنوائي آيو جو تہ انهيءَ وقت ملٽري جو راج هو. جيڪو 2012ع تائين رهيو. پوءِ محمد مورسي 2013ع تائين عدلي منصور 2014ع تائين هو ۽ عبدالفتاح ال سيسي 2014ع تائين رهيو. اهل مصر پنهنجي ملڪ کي "اُم دنيا" جي نالي سان پڪارينداآهن ۽ قاهره اُم دنيا جو صدر مقام آهي. لقب "اُم دنيا" جو مطلب اسان اهو وٺي سگهون ٿا تہ هيءَ شهر دنيا جي سڀ کان قديم تهذيب جو مرڪز آهي. جڏهن دنيا پٽر جي دور ۾ هئي ۽ اونداهي ۾ ٻڏل هئي، تڏهن مصري پٽر جي دور مان نڪري ڏاهات جي دنيا ۾ شامل ٿي چڪا هئا. درياهہ نيل جي چوڌاري ٻني ٻاري جو جديد نظام متعارف ٿي چڪو هو. ان وقت مصر جا ڪاريگر، سنگ تراش، معمار، بت تراشي جي فن ۾ ماهر ٿي چڪا هئا. ان لاءِ اسان بہ سوچيو تہ هن شهر جي قديم ۽ جديد بنهين علائقن کي ڏسون، جتي عربي، آفريڪي ۽ يورپي قومون آباد آهن. هيءَ قلعو بابليون نيل ڊيلٽا جو هڪ قديم قلعو هو. روايت مطابق پهريون قلعو فارسين تقريباً 6 هين صدي قبل مسيح ۾ تعمير ڪيو. پر ان وقت هيءَ درياهہ جي ويجهو جبلن تي

هو. جڏهن رومين مصر تي قبضو ڪيو تہ انهن ڪجهہ وقت لاءِ پراڻي قلعي جو استعمال ڪيو. نيل جي انهيءَ جڳهہ کي جنگي حالاتن جي اهميت جي مطابق سمجهندي. پر پاڻيءَ جي روانگي جي مسئلن جي ڪري رومن شهنشاهہ ٽراجان هن قلعي کي پنهنجي موجوده مقام تي منتقل ڪري ڇڏيو. درياهہ نيل جي تمام ويجهو هڪ مضبوط قلعو محل جي آس پاس وڏندو رهيو ۽ صدين تائين مصري رومن، آخرڪار مسلم حڪمراني ۾ رهيو. تڏهن قديم مصري شروع کان ئي سمجهندا هئا تہ هيءَ خطو مٽيون يا هيئيون مصر جي سرحدن تي واقع آهي. ۽ اهي اصل ۾ هہ آزاد رياستون هيون. جيڪا پوري ملڪ ۾ اسٽريٽجڪ Strategic سائٽ ہہ آهي. يقيناً قديم ميمفس جو جديد قاهره جي بلڪل ڏکڻ ۾ هو سو گهٽ ۾ گهٽ ٻن رياستن جي اتحاد جي آغاز کان ہہ موجود هو. ۽ انهي کي ٻن سرزمينن جو توازن سمجهيو ويندو هو. جيتوڻيڪ مختلف حڪمرانن مختلف وقتن ۾ مصر جي دارالحڪومت کي مختلف جڳهين تي منتقل ڪري ڇڏيو هو. هاڻي اسان جي هي منزل دنيا جي قديم ترين مسجد جامعہ الازهر هئي.

جامعہ الازهر

اسان تقريباً 12 وڳي جامعہ الازهر پهتاسين. ڊرائيور گهٽي ۾ داخل ٿي گيٽ تي گاڏي روڪي ۽ گيٽ ڏي اشارو ڪندي چيائين تہ هيءَ اندر وڃڻ جو رستو آهي. اسان اوڏانهن هلي پياسين. سامهون هڪ وڏو محراب وانگر ٺهيل دروازو هو. اتي هڪ چوڪري بيٺي هئي. جنهن جي سامهون اسڪاف ۽ گائون پيل هئا. مون کي پاڻ ڏي سڏڻ لاءِ اشارو ڪيائين. مون رفيع کي چيو تہ هوءَ سڏي ٿي، ان چيو تہ ڇڏي ڏيس، الائي ڪير آهي؟ اسان ساڃي طرف مڙي وياسين. اتان هوءَ عربيءَ ۾ ڳالهائيندي اسان جي پويان آئي ۽ اشاري سان چيائين تہ پينٽ ۽ شرٽ ۾ اسان اندر وڃڻ نہ ڏيندا آهيون. اسڪاف تہ تو پائي ڇڏيو آهي، پر هيءَ پڙو ہہ توکي پائڻو پوندو. اهو جيئن تہ تمام گهٽو ميرو هو ۽ ان مان پگهر جي بدبو اچي رهي هئي، انهيءَ ڪري مون انڪار ڪري ڇڏيو اسان پهريائين ہہ ان تجربي مان ڪيئي دفعا گذريا آهيون. روس، بحرين، ملائيشيا ۽ پيرس وغيره ڪيترن ئي ملڪن ۾ جڏهن اتي اهڙين عبادت گاهن تي ويندا هئاسين تہ صاف ستڙا گائون ڏيندا هئا. جيڪي مان خوشيءَ سان ونڊي پائيندي هيس. پر اهي صاف ستڙا ڊوپيءَ جا ڊوتل هوندا هئا. پر هيءَ ائين پئي محسوس ٿيو تہ هڪڙي فقير جي گاڏي تي رکيل لنبي ڪپڙي وانگر هو ۽ ڏسڻ ۾ ميرا ۽ انهي ۾ سخت بدبو هئي، جيڪو پاڻ جي لائق ئي نہ هو. پر ٿوري دير کان پوءِ اسان جي پويان مينيجمينٽ جي هڪ عورت آئي. اها ہہ عربي ۾ ڳالهہ

ڪري رهي هئي. ان ۾ چيو ته توهان کي هيءَ پائڻ جي بغير اندر نه وڃڻ ڏينداسين ۽ ان پنهنجي چولي تي لڳل بيج جي طرف اشارو ڪيو ته مان هتي جي انچارج آهيان، منهنجي اجازت جي بغير اندر نٿا وڃي سگهو. پوءِ مجبوراً مون کي واپس وڃي گندو گائون پائڻو پيو هو. اسان ۾ اصولن تي هلڻ جا عادي آهيون. ايترو خراب پائڻ لاءِ همت جي ضرورت هئي ۽ آخرڪار اها همت مجبورن ڪرٽي پئي. پوءِ اسان مسجد جي اڳڻ ۾ پهچي وياسين، جتي چئني طرفن کان سائي رنگ جو جاري جهڙو ڪپڙو لڳل هو. اڳڻ پڳو پيو هو ۽ مزدور وينا هئا. مرمت جو ڪم هلي رهيو هو. جنهن جي ڪري اسان صحيح طريقي سان زيارت نه ڪري سگهياسين. پوءِ وراندي مان گهمي مسجد جي هڪ وڏي هال ۾ پهچي وياسين، اتي ڪجهه ننڍا ننڍا گروپ ٺهيل هئا جن ۾ مشڪل سان 6 کن ماڻهو شامل هئا. انهن کي استاد پڙهائي رهيو هو ۽ هيءَ گروپ مختلف قسم جي تعليم حاصل ڪري رهيا هئا. جنهن ۾ استاد مرد ۽ هئا تہ عورتون ۽ جيڪي چوڪرين جي گروپ کي پڙهائي رهيون هيون جيڪي ۽ اسلامي ڊريس ۾ يعني پورو جسم انهن جو ڍڪيل هو ۽ ڪٽي ڪٽي ويهڻ جي لاءِ بينچون ۽ موجود هيون ۽ انهن سان گڏ استول ۽ پيا هئا. ڪجهه ماڻهو قرآن جي تلاوت ڪري رهيا هئا. اسان ڪجهه تصويرون وٺڻ کان پوءِ ٻاهر نڪرڻ شروع ڪيوسين.

الازهر مسجد جنهن کي عربي ۾ "الجامع الازهر" ۽ چوندا آهن ۽ هڪ روايت آهي تہ ان جو نالو عام طور تي نبي ڪريم صلي الله عليه واله والسلام جي ڌيءَ فاطمہ الزهره سان منسوب ڪيو ويو آهي. هيءَ قاهره ۾ قائم ٿيڻ واري پهرئين مسجد آهي، جيڪا هاڻي هڪ وڏي عظيم الشان يونيورسٽي بڻجي وئي آهي، جنهن جي ماتحت ڪليات ۽ مدرسہ قائم ڪري رهيا آهن، پر ان جو آغاز هن مسجد کان ٿيو جيڪا الازهره يونيورسٽي سان گڏ ئي واقع آهي ۽ جامع الازهر جي نالي سان مشهور آهي. هيءَ مسجد 361هـ ۾ تعمير ٿي هئي. ۽ اتي اها ۾ ڳالهہ ٻڌڻ ۾ آئي تہ تعمير جي وقت ڪو اهڙو طلسم رکيو ويو جنهن جي ڪري ڪوبہ پکي هتي پر ۾ نٿو هٿي سگهي. ان دور ۾ رواج هو تہ وڏين وڏين مسجدن ۾ درس ٿيندو هو ۽ اهي مسجدون باقاعده مدرسي جي شڪل اختيار ڪري ونديون هيون. بهرحال هيءَ مسجد ۾ صدين تائين عظيم ديني درسگاهہ جون خدمتون انجام ڏيندي رهي. جنهن ۾ وڏن وڏن علمائن علم حاصل ڪيو ۽ استادن جا فرائض سرانجام ڏنائون.

شروع ۾ الازهر جي حيثيت هڪ مدرسي جي هئي پر هتان جي تعليمي نصاب ۽ علمي سرگرمين جي جتي جتي خبر پهتي، اتان اتان طالب علمن ان درسگاهہ جو رخ ڪيو. شروع ۾ باقاعده ڪورس ۾ مقرر نہ هو ۽ امتحان ۾ نہ

ٿيندا هئا. مقرر مدت پوري ڪرڻ وارن کي سند ڏني ويندي هئي. پر هاڻي ائين نہ آهي هاڻي جديد مضمون بہ پڙهايا وڃن ٿا. اسان گهمي ڦري مسجد تہ ڏانهن پر ايترو مزو نہ آيو جو تہ اتي ان وقت مسجد جي مرمت هلي رهي هئي. جنهن جي ڪري صحيح طريقي سان ڏسي نہ سگهياسين. پوءِ ٻاهر نڪري امام حسين مسجد جيڪا ان سان گڏ هئي، اتي اچي وياسين. ان مسجد جي سامهون ننڍا ننڍا ريسٽورينٽ هئا. اسان بہ سوچيو تہ هتي ويهي رهون ٿا. امام حسين مسجد جي سامهون بہ ڪافي رونق هئي. اها بہ ڏسندا رهنداسين ۽ بک بہ شديد لڳي هئي. اتي آياسين تہ صفائي جو بلڪل انتظام نہ هو. صوفن جي سيٽن تي بہ مٽي پئي هئي پر ويهي رهياسين. ويٽر آيو عربي ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيائين. اسان ان کي مينو ڪارڊ آڻڻ لاءِ چيو تہ هو عربي ۾ ڪٽي آيو. اسان اشارو ڪيو تہ هيءُ تہ اسان کي سمجهہ ۾ نٿو اچي. انگريزيءَ ۾ ڪٽي اڇ تہ هن اهو آڻي ڏنو. اسان ان کي آرڊر ڏيڻ شروع ڪيو تہ ان چيوتہ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ رفيع چيو تہ پوءِ اٽ تہ ٻئي پاسي هلون. جڏهن اٽي رهبا هئاسين تہ چيائين تہ نہ ويهو مون کي سمجهہ ۾ اچي ويو آهي، مان کاڏو آڻي ٿو ڏيان. خير پوءِ اسان انتظار ڪندا رهياسين ۽ حضرت امام حسين عليه السلام جي مسجد جي سامهون ميلي جي سماع جو مزو بہ ونڊندا رهياسين. ڪافي ماڻهو مزار تي اچي رهيا هئا ۽ ڪجهہ ماڻهن کي بازار بہ ويندي ڏسي رهيا هئاسين. جيئن تہ اتي انهن جو مشهور بازار خان الخليل شروع ٿي رهيو هو. گهڻيون عورتون ابايون ۾ هيون پر ڪجهہ اسڪرٽ ۾ بہ پئي گهميون ۽ مسلمان ٿي لڳي رهيون هيون. چاڪاڻ تہ انهن سان جيڪي وڏيون عورتون هيون، اهي پردي ۾ هيون. جنهن مان اندازو ٿي رهيو هو. تہ اهو مصري خاندان ٿي آهي، انهن کي ڏسي رهيا هئاسين تہ مسجد جي سامهون هڪ ماڻهو تمام گهٽا نان پلاسٽڪ جي ٽيلهيءَ ۾ ڪٽي آيو ۽ اتي موجود ماڻهن ۾ ورهائي رهيو هو. اسان کان بہ پڇيائين تہ توهان کي ضرورت آهي. جيتوڻيڪ اسان ڪائڻ جي لاءِ ريسٽورينٽ تي ويٺا هئاسين. هو نان ورهائي رهيو هو تہ ٿوري دير ۾ بہ ٽي ٽهليون عورتون نمودار ٿيون. انهن کي بہ ابايا پاتل هئا. ان جي طرف وڌيون انهن جي ڪڇ ۾ ننڍا ننڍا ٻار بہ هئا ۽ ڪجهہ گڏ بيٺل هئا. ان ۾ ڪجهہ ٻارن جو منهن ڏاڍو گدلو لڳو پيو هو. ائين پيو لڳي تہ شايد ڪيترن ئي ڏينهن کان انهن جي منهن تي ڪنهن هٽ ئي نہ لاٿو هجي، نڪ مسلسل وهي رهيو هئن. جيڪو پنهنجي قميص جي ٻانهن سان ۽ ماءُ جي ابائي سان صاف ڪري رهيا هئا. ۽ ننڍا بسڪيٽ بہ انهن جي هٿ ۾ هئا، جيڪي نڪ مان نڪتل گندگيءَ سان گڏ ڪائي رهيا هئا. پوءِ انهن عورتن اهي نان جيڪي تقريباً تعداد ۾ 20 جي برابر هئا. جيڪي ورهائڻ مهل بچيا

هئا. ۽ ايان هو ورهائي پيوتہ اهي مايون نان ڏري اتان جلدي رفو چکر ٿي ويون ۽ اهو ماڻهو ڏسندي ئي رهجي ويو. ٿوري دير کان پوءِ ٻيو ماڻهو آيو. ان سان به تقريباً اها ئي ماجرا ٿي. اهو ڏسي پنهنجو وطن ياد اچڻ لڳو تہ اسان جي ملڪ ۾ مزارن تي به اهو ئي حال هوندو آهي پر جڏهن سياسي پارٽين جا جلسا ٿيندا آهن تہ اتي به اهڙي طرح جي لٽ مار شروع ٿي ويندي آهي ۽ ڏک جو احساس به ٿي رهيو هو. هتي امام حسين جي مزار تي بيٺا آهيون ذهن ۾ حضرت امام حسين عليه السلام جي آخري زندگي جي واقعن گردش ڪرڻ شروع ڪئي تہ انهن سان ڪهڙو ظلم هو جو نہ ڪيو ويو هو. ڪائڻ پيئڻ بند ڪري ڇڏيو ويو. چا پاڻ انهن ائين لوٽ مار ڪئي هئي؟ ڪيتري صبر سان وقت گذاريو هوندو ۽ آخرڪار شهيد ٿي ويا. هي گداگر جيڪي هتي بيٺا هئا. پيٽ پالڻ جي لاءِ امام حسين عليه السلام جي مزار جو سهارو تہ ونڊن ٿا. پر انهن جي تعليمات مان بلڪل ناآشنا آهن. جيڪڏهن هو انهيءَ جي تعليمات مان واقف هجن ها تہ لٽ مار ڪرڻ جي بجاءِ علم حاصل ڪري دنيا ۾ عزت جي زندگي گذارن ها. پوءِ اڏ ڪلاڪ ۾ اسان جو ڪاڏو اچي ويو. پر ڏسڻ ۾ ئي مزي جو نہ هو. نہ پليٽون صاف هيون پر ٽورو ڪاڏو. چو تہ پيٽ ڪي سخت گهرج هئي. ان جي طلب به پوري ڪرڻي هئي. ۽ وري چوندا آهن تہ سوني تي سهاڳو. اتي به فقير پهچي ويا. ماني گهرڻ لڳا. ڏاڍو تعجب لڳو تہ هيءَ ريسٽورينٽ جي اندر به اچي وڃن ٿا. منع ڪرڻ جي باوجود به بيٺا رهيا رفيع تہ انهن کي ڏاڍا دڙڪا به ڏنا، پر انهن جان نہ ڇڏي. اهڙي طرح اسان ڪاڏو صحيح نہ ڪائي سگهياسين. پر مڙئي پيٽ کي تسلي ڏنيسين. مون رفيع کي چيو تہ توهان کي ياد آهي تہ ڪراچي بار بي ڪيو ريسٽورينٽ اسان کي ڪيترو پسند هو پر اتي اسان وڃڻ ڇڏي ڏنو هو. جنهن جو سبب به اهو ئي هو. چاڪاڻ تہ اتي رش گهٽي ٽيندي هئي ۽ ماڻهو سيٽ خالي ٿيڻ جي انتظار ۾ سر تي سوار ٿي ويندا هئا. اهو به اسان پسند نہ ڪندا هئاسين پر هتي تہ فقير هئا. انهن کي جڏهن دڙڪا ڏئي پڇايو تہ پوءِ ڪاڏو سلو ڪنهن کي لڳندو؟ هزار قسم جا سوال ذهن ۾ اچن ٿا تہ هيءَ واقعي به ايترا مجبور هوندا يا ڪائڻ جي لاءِ ويچارن وٽ ڪجهہ به هوندو يا نہ؟ وغيره. ذهن سوچن ۾ گم ٿي ويو تہ ويٽر بل کڻي آيو. جيڪو ادا ڪيوسين ۽ هوٽل جي طرف روانا ٿي وياسين. سچ به لهي چڪو هو. هوٽل پهچي ان کي مصري پائونڊ 400 ادا ڪياسين جيڪي پاڪستان جي حساب سان 2500 روپيہ ٿين پيا ۽ ڊرائيور کي به 100 پائونڊ بخشش ڏني. چو تہ هيءَ ڊرائيور سلو هو هن عزت ۽ دل سان ان گهمايو. اسان جي به دل خوش ٿي وئي. پر هوءَ اسان اهو به سوچيندا آهيون تہ جيڪو اخلاق سان پيش اچي ۽ محنت به ڪري تہ اسان جي نظرن ۾

انهيءَ جي اهميت وڌي ويندي آهي.

درياهه نيل جو سير

اسان جڏهن ٽي چار ڏينهن قاهره ۾ سڀ اهم جڳهيون گهمي ورتيون سين ته محترم مشتاق علي شاهه سفير جي فون اچي وئي ۽ رفيع کي چيائين ته سائين کاڏي غائب ٿي ويا آهيو. اسان کي به ته ڪجهه وقت ڏيو ته ملاقات ڪيون. رفيع انهيءَ کي اڄ يعني جڏهن جامعة الزهره مان گهمي آياسين ته تائيم ڏنو هو. جڏهن هوٽل پهتاسين ۽ اڃا ٿورو فريش ٿياسين ته انهن جو ڊرائيور پهچي ويو. اسان سوار ٿي انهيءَ جي گهر جي طرف روانا ٿياسين. اتي انهن ۽ سندس بيگم صاحبه اسان کي پليڪار ڪيو ۽ ڊرائينگ روم ۾ ويناسين. ٿوري دير کان پوءِ انهن جا ٻارڙا به اچي ويا. انهن سان به ملاقات ڪئي پوءِ وري گالهيون ٻولهيون ٿيندیون رهيون ته انهن ٻڌايو ته اسان جا حيدرآباد مان به مهمان آيل آهن ۽ اسان ڪروز ۾ رات جي کاڏي جي بڪنگ ڪرائي آهي، جنهن جو وقت 8 وڳي جو آهي. پوءِ ٿوري دير ۾ انهن جا مهمان به تيار ٿي اچي ويا. اسان بن گاڏين ۾ سوار ٿي درياهه نيل جي طرف روانا ٿياسين. اهو گهٽو پري نه هو. تقريباً 10 منٽن ۾ اتي پهچي وياسين ته ٻيڙيءَ وارن اسان کي گهيري ورتو. اسان انهن کي ٻڌايو ته اسان جي بڪنگ ڪروز ۾ آهي ته پوءِ ويچارا ناااميد ٿي خاموش ٿي ويا. اسان ڪروز ڏي وڌياسين. ٿوري ڏاڪڻ چڙهڻي پئي ۽ پوءِ اندر داخل ٿي وياسين اسان کان اڳ ۾ به ڪجهه ماڻهو ويٺل هئا. اسان جي ويهڻ کان پوءِ ته ٻين ماڻهن جي لائين لڳي وئي. اڏ ڪلاڪ ۾ سڄو ڀرجي ويو. ڪروز هلڻ شروع ڪيو درياهه جي چوڌاري پري پري تائين بلند عمارتون روشني ۾ چمڪي رهيون هيون ۽ انهن جو عڪس نديءَ ۾ به نظر اچي پيو. جڏ ته نديءَ ۾ فائر ورڪ ٿي رهيو هو. يا ائين پيو لڳي جڏ ته ڪو نيل جي ٻنهي ڪنارن کان سون جا بال هڪ ٻئي ڏانهن اڇلي رهيو هجي. نديءَ جي ٻنهي ڪنارن کان روڍ ٽهيل هو. جنهن تي گاڏيون ڙڙاٽ ڪري پنهنجي منزل جي طرف روان دوان هيون.

سياح به دل وندرائي رهيا هئا. موسم خوشگوار هو. هلڪي هلڪي سردي ٿي رهي هئي، سوئيٽر پاتل هو. رفيع ۽ مون انهيءَ منظر کي ڪيميرا جي اک ۾ بند ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ مون به گروپ جا فوٽو ڪڍيا. رستي ۾ ڪيتريون ئي وڏيون عمارتون نظر آيون، جن ۾ سرڪاري عمارتون، هوٽل، قاهره ٽاور، اوپيرا هائوس، قومي اسيمبلي ۽ گڏ گارڊن سٽي ۽ شاپنگ سينٽر هو. هتي ماڻهن جي گهما گهمي هئي. ننڍيون ٻيڙيون، رنگ به رنگي بتيون جيڪي به چمڪي رهيون هيون. جنهن جي ڪري ماحول ۾ خوبصورتيءَ ۽

حسن وڌي رهيو هو. ٻيڙين ۾ نوجوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا ٻه سير ڪري رهيا هئا. اهي هل هنگامي ۾ مصروف هئا. ايتري ۾ ڪاڏو ٻه اڇڻ شروع ٿي ويو. اسان اهو شروع ڪيو ته اوچتو ڊانسر ٻه اڇي وئي. جنهن جي ڪپڙن جي جهرمر ٻه ندي جي جهرمر سان شامل ٿي وئي. سريلو آواز ٻه گونجڻ لڳو ۽ انهيءَ سان تاڙين جو آواز ٻه شامل ٿي ويو. ۽ ڪي ته ان سان گڏ ناچ ۾ ٻه شروع ٿي ويا. هيءَ ناچڻي عربن جي روايتي انداز ۾ ناچ ڪري رهي هئي. اها چيلهه جي هيلين حصي کي وڌي خوبصورتيءَ سان لوڏي رهي هئي ۽ گڏوگڏ وارن کي هٿ ۾ وجهي انهيءَ کي ٻه سنوارڻ واري طريقي سان لوڏي رهي هئي. ڪجهه جوان ڇوڪرا پنهنجي سيٽ تان اٿي اداڪاري ۽ ناچ جو مظاهرو ڪري ناچوٽيءَ جي حوصلہ افزائي ڪري رهيا هئا ۽ ويٽل ماٺهن تي ٻه سڪتو تاري ٿي ويو هو. ڪجهه ماٺهو پنهنجي انگ انگ کي نمايان ڪري، ڪجهه غلط قسمن جون حرڪتون ٻه ڪري رهيا هئا. جيڪي گهٽيون خراب ته نه هيون پر انهن کي سلو ٻه نه پيو چئي سگهجي. بهرحال پنهنجن ماٺهن سان ملي مزو ٻه گهٽو آيو ۽ آخر ۾ انهن جو شڪريو ادا ڪري واپس ٽياسين. رستي ۾ مون رفيع کي چيو ته هن نيل درياهه جون ڪتابن ۾ آيل ڪجهه خصوصيات ا هڙيون آهن جو هيءَ درياهه ٻين درياهن کان واضح طور تي مٿانهون آهي. مثلاً هيءَ پنهنجي پکيڙ جي لحاظ کان سيني کان وڏو درياهه آهي. ٻي ڳالهه اها ته گهٽو ڪري درياهه اتر کان ڏکڻ جي طرف وهندا آهن. پر هيءَ درياهه ڏکڻ کان اتر جي طرف وهي ٿو. ٽين ڳالهه اها آهي ته هزار سالن تائين محققين جي لاءِ هڪ ڳجهه هو ته هن جو 'مُنَبُع' ڪٿي آهي.

صبح اٿي نماز پڙهي سوچيندي رهيس ته ڪيترا ملڪ گهميا اٿئون، هر ملڪ ۾ سجده ڏنا ۽ خوشي ٿي رهي هئي. ته هيءَ زمين ٻه اسان جي گواهي ڏيندي ته هتي ٻه سجدو ڏنو هو. هونءَ ته الله تعالىٰ جي زمين ڏاڍي وڏي آهي، اسان پوري ته نٿا ڏسي سگهون. مون کان جڏهن ماٺهو سوال ڪندا آهن ته توهان پوري دنيا گهمي چڏي هوندي؟ پوءِ منهنجو جواب اهو هوندو آهي ته شڪر الحمد الله چئي. پوءِ چوندي آهيان ته الله تعالىٰ جي دنيا ته ڏاڍي وڏي آهي. پر اهم ملڪ تقريباً پورا ٿي ويا آهن. انهيءَ جي لاءِ اڌ زمين ته اها گواهي ڏئي سگهي ٿي. پوءِ نماز پڙهڻ کان پوءِ مون پنهنجي بيگ ناهڻ شروع ڪئي، چو ته اڄ اسان کي اسوان وڃڻو هو ۽ رات جو 30-9 وڳي اسان جي ريل گاڏي ۾ بکنگ هئي. پوءِ هر ڏينهن وانگر ناشتي جي سلامي پري، اتان واپس اچي هيٽ لابي ۾ ٿي اچي وياسين ۽ رسيپشن ڪائونٽر تي ٽيڪسيءَ لاءِ ڳالهه ڪئي. اڄ ٻه انهن 400 پائونڊ جي ڳالهه ڪئي. جيتوٽيڪ اڄ اسان کي صرف ٻن جڳهين تي

ويڙهو هو. هڪ Cairo Tower ۽ پيو خان الخليل بازار .Khan Al Khalil Bazar.

قاهر ٽاور/برج القاهرة

پوءِ انهن ڊرائيور کي گهرايو. فاصلو تقريباً 15 منٽن جو هو. جيڪو اڌ ڪلاڪ ۾ پورو ڪيائين. چاڪاڻ ته ان وقت آفيسن ۽ اسڪولن ڏانهن وڃڻ جو وقت هو ۽ ٽريفڪ گهٽي هئي. ڊرائيور بلڪل ٽاور جي ويجهو اچي گاڏي روڪي، اندر داخل ٿياسين ۽ اتي ئي ڪاهي پاسي ٽڪيٽ گهر هو. رفيع ٽڪيٽ خريدڻ ويو ته مون ٽاور جي طرف ڏٺو ته اٽين لڳو جيئن منهنجي سامهون هڪڙو ڪنول جو گل هجي. مون کي ننڍپڻ کان ڪنول جو گل ڏاڍو وڻندو آهي، هتي به ڏسي دل باغ بهار ٿي وئي ۽ گل ڏاڍو حسين ۽ شاندار لڳي پيو. سامهون ننڍڙو باغ ٻهيل هو، جنهن ۾ ودا گل به شامل هٿا ۽ انهيءَ کان پوءِ چوڪنڊي نموني جو گيٽ نظر آيو، جتي مصر جو مونوگرام به لڳل هو. اتي وياسين، ٽڪيٽ چيڪر ٽڪيٽ کي هٿ ۾ وٺي ان جو هڪ حصو ڪٽي پنهنجي هٿ ۾ رکيائين باقي رفيع کي واپس ڏنائين. پوءِ لفٽ تي سوار ٿياسين. قاهره ٽاور جو دورو ڪندڙ مصرين جي لاءِ 20 اي جي پي ۽ غير مصرين جي لاءِ 60 اي جي پي جي ٽڪيٽ هئي. اسان جڏهن روس ويا هٿاسين، تڏهن به اتي اهو نظام رکيل هو. اتي به پنهنجي ماڻهن کان 20 فيصد ۽ اسان لاءِ 100 فيصد ٽيڪٽ رکيل هئي. جنهن تي اسان کي سخت غصو ۽ تعجب لڳو، پر هتي به ساڳي صورت حال هئي. آخرڪار لفٽ جو دروازو کليو. اسان ٻاهر نڪتاسين تمام گهٽي اوچائي تي پهچي وياسين، اتان حيرت انگيز نظارو هو. جتان انهن جون اهي سڀ تاريخي عمارتون نظر اچن پيون. هتان جيڪي اهرام مصر ۽ عمارتون هيون سي بلڪل هڪ راندیڪو لڳي رهيون هيون. جيئن هر عمارت ۾ وٺي وڃڻ کان اڳ هڪ ماڊل ڊيڪاريو ويندو آهي، اهڙي طرح هتان هيءَ سڄي قاهره جو ماڊل هو. مون رفيع کي چيو ته هروپرو ايترا ڏينهن ڪي ڊوڙي ايتريون شيون ڏٺيوسين، پهريائين ئي هتي اچي وجون، ها ته ايتري محنت نه ڪرڻي پوي ها رفيع جواب ڏنو ته سامهون اسان ايڏيون وڏيون وڏيون عمارتون ڏٺيون، هتان ايتريون صاف ٿورئي نظر اچن ٿيون. مون جواب ڏنو مانس، انهيءَ جي لاءِ هيءَ دوربينيون جو آهن، جنهن جي ذريعي اسان صحيح طريقي سان به ڏسي سگهون ٿا. هنن ۾ سکي وجهڻ سان سڀ ڪجهه ڏسي سگهون پيا. پر جيئن ته اسان سامهون سڄيون شيون ڏسي آيا هٿاسين انهي ۾ پئسا ضايع نه پيا ڪرڻ چاهيون. پر اها به حقيقت آهي ته سامهون ڏسڻ جي ڳالهه ئي ٻي آهي. اهو سسٽم به هر ملڪ ۾ رکيل هوندو آهي. جتي ڪاب اونچي عمارت هوندي آهي دوربينيون ضرور

هوندیون آهن. ماڻهو ته سڪو وجهي ڏسندا آهن. اسان ۾ پهريائين ڏسندا هئاسين، پر هاڻي هروپرو پئسا ضايع نه ڪندا آهيون. جيتوڻيڪ هتان ڏسڻ جو به هڪڙو پنهنجو مزو هوندو آهي. پر اها به حقيقت آهي ته هتان نيل ندي پوري نظر اچي رهي هئي ته ڪهڙي طرح شهر ۾ وهي پئي ان تي خوبصورت پليون ٺهيل هيون ۽ ندي ۾ ڪافي تعداد ۾ ننڍيون وڏيون ٻيڙيون ۽ ايندڙ ويندڙ جهاز ۽ فلائي اوور هڪ جي مٿان ٻيو، ٻئي جي مٿان ٽيون ۽ ان تي هلندڙ ٽريفڪ. اهو منظر به وڏي اهميت رکي ٿيو. پرهتان ڏسڻ ۾ جيڪا خوشيءَ جي ڳالهه هئي ته مٿان گند بلڪل نظر نه پئي آيو. جيڪو اسان هيٺ ڏسون پيا ته هر طرف پاڪستان وانگر گند ئي گند هو هتان ڏسڻ ۾ صاف لڳي رهيو هو. اتي تقريباً هڪ ڪلاڪ گذاريوسين ڏاڪڻين لهي هڪ فلور هيٺ پهتاسين. ته اتي هڪ ريسٽورينٽ ٺهيل هو. اسان سوچيو ته ناشتو ته اسان ڪري آيا آهيون، ڪجهه ڪائڻ جي گنجائش نه هئي پر اتان جو مزو به ونڊو هو. اهو روالو نگ ريسٽورينٽ هو، ۽ ان جو هڪ چڪر 70 منٽ ۾ پورو ٿئي ٿيو. ٿوءِ اسان سوچيو ته جوس وغيره گهرائي، ان جو مزو به وٺي سگهون ٿا. اتي ويهي رهياسين ته خوبصورت چوڪري جيڪا ويٽر هئي، اها آئي. پهريائين ته 15 منٽ رفيع انهيءَ سان ڳالهايو ۽ حال احوال ونڊو رهيو. ان وقت رش به نه هئي. ته اها به ڪچهري ۾ بيهي رهي، ٿوءِ مينو ڪارڊ گهرايوسين ۽ جوس جو آرڊر ڏنو. چاڪاڻ ته اسان پهريائين هوٽل مان فل ناشتو ڪري آيا هئاسين، پر هتان جو مينو ڪارڊ ڏسي پڇتائي رهيا هئاسين ته اڄ اسان ناشتو هتي ئي ڪيون ها، پر هاڻي ڪجهه به نٿو ٿي سگهي. انهيءَ جي لاءِ رڳو جوس ئي بهتر آهي. ويٽر کي به ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي، ۽ ڪلي هلي وئي ۽ ٿوري دير ۾ جوس آڻي ڏنائين. اسان هتي به هڪ ڪلاڪ آرام سان ويهي رهياسين، چڪر پورو ڪري بل ادا ڪري اٿاسين. واپسي جو رستو پڪڙيوسين جڏهن اتي ويا هئاسين ته رش ڪونه هئي. پر واپسي ۾ ڪافي ماڻهو نظر آيا. هيٺ پهتاسين، دروازي کان ٻاهر نڪتاسين ته هڪ ريسٽورينٽ هيٺ به نظر آيو. اتان جي ماڻهن ٻڌايو ته هيءَ پوري رات ڪليل رهندو آهي ۽ هتي ميوزڪ ۽ بيلي ڊانس ٿيندو آهي. انهن رفيع کي چيو ته رات اڇجو. بس ان ها ڪئي، ٿوءِ ته پويان پئجي ويا ته توهان پنهنجي ٽيبل هينئر ئي بڪ ڪرائي وڃو. رات جو ٿوءِ توهان کي جاءِ نه ملندي. پر آڏو به رفيع هون انهن جي ڪابه ڳالهه نه ٻڌي ۽ آخرڪار ويچارا ناااميد ٿي خاموش ٿي ويا.

قاهره ٽاور کي معمارن جو معجزو سمجهيو ويندو آهي. هڪ ڪنول جي گل جو نقل آهي. هي گرينائيٽ سان ٺهيل آهي. اهوئي مواد اڪثر قديم مصري

استعمال ڪندا هئا. هي، ٽاور 1956ع کان 1961ع تائين 500 کان وڌيڪ مصري ڪارڪنن جي مدد سان تعمير ڪيو ويو. ان کي مصري انجنيئر نعيم شبيب ڊزائين ڪيو هو. هي، ڪنڪريٽ ۽ لوهه سان ٺاهيو ويو آهي. ٽاور جي ڊگهائي 187 ميٽر آهي، جيڪو عظيم اهرامن کان 43 ميٽر ڊگهو آهي. هي، قاهره جي وچ ۾ زما ليڪ Zamalek جزيري جي ڪناري تي آهي.

قاهره ٽاور صدر جمال عبدالناصر جي دور ۾ ٺاهيو ويو. 60 جي آخري ڏهائي ۾ تعمير ٿيو. جنهن جا فنڊ رياست هائي متحده آمريڪا جي طرف کان حاصل ٿيا ۽ اها رقم آمريڪا فرانس جي قبضي جي خلاف الجزائر جي بغاوت جي حمايت ڪرڻ کان روڪڻ جي لاءِ ڏني هئي. اهوئي سبب آهي ته ٽاور جا ٻه نالا آهن. آمريڪي نالو پٺ ۾ ڪانٽو The forkin the back ۽ مصري نالو Stopping Roose welt رکيو ويو آهي.

2004ع نومبر ۽ 17 مئي 2009ع جي وچ ۾ ان جي بحالي لاءِ هڪ FGP 35 ملين جو منصوبو شروع ڪيو ويو. جيڪو اپريل 2011ع تي پنهنجي 50 ويں سالگرهه جي موقعي تي مڪمل ٿيو.

هي، جديد ۽ قديم ضلعن سان گڏ عظيم شهر جو نظارو پيش ڪري ٿو. جديد دور ۾ قاهره جي هي، بلند عمارت آهي. اتان ٻه ڏسڻ جي لاءِ غروب آفتاب جو وقت، جڏهن لکين چمڪندڙ روشنيون زنده ٿي وڃن ٿيون، تمام گهٽو حسين ۽ غير يقيني طور تي قاهره جو سڀ کان ممتاز مقامن مان هڪ آهي ۽ يقينن ڏسڻ جي لائق آهي. توهان جيڪڏهن مصر جي تمام گهٽي قديم مقامات ۽ پرڪشش جڳهين جي ڪوج لاءِ سفر جو پروگرام ناهي رهيا هجو يا بحره احمر جي ذريعي توهان آرام سان موڪل ملهائڻ چاهيندا هجو يا ڪجهه ڏينهن توهان قاهره ۾ ٻه رهڻ جي منصوبابندي ڪرڻ چاهيندا هجو اهڙي طرح چوڏاري گهٽيون جڳهيون هڻڻ جي ڪري توهان جي لاءِ فيصلو ڪرڻ مشڪل ٿيندو هوندو. ته ڪهڙي جڳهه ڏسون ۽ ڪهڙي جڳهه ڇڏيون؟ پر قاهره ٽاور هڪ پرڪشش جڳهه آهي ۽ وڏي ڳالهه هي، ته شهر قاهره جي مرڪز جي بلڪل قريب آهي.

اڄ جي مطابق يقيني طور تي ٽاور جنهن جي بلندي 187 ميٽر آهي، سا رڪارڊ ٽوڙڻ واري نه آهي، پر اها ٻه هڪ حقيقت آهي ته 1971ع تائين هي، آفريقا جو ڊگهي عمارت سمجهي ويندي هئي. پر ايڏا تائين ٻه قاهره جو نامور يادگار آهي ۽ ڪيس گزا جي اهرامن کان پوءِ مصر جو ٻيو مشهور ۽ اعليٰ سنگ ميل سمجهيو وڃي ٿو. مان اهو سوچيندي آهيان ته ڪاش اسان جي ملڪ ۾ ٻه هڪ اهڙو ٽاور هجي ها. پهريائين اسان جي ڪراچي ۾ شاهين ڪمپليڪس

جي بلڪل مٿان هڪ روا لونگ ريسٽورينٽ هو. ان جو ڪاڏو تمام گھٽو ٽيستي هوندو هو. اسان اڪثر اتي ويندا هئاسين ۽ شهر قائد يا روشني جي شهر ڪراچيءَ جو نظارو ڪندا هئاسين. پر ٿوري عرصي کان پوءِ اهو بند ٿي ويو. ڪجھ عرصي کان پوءِ وري هڪ اهڙو ئي روا لونگ ريسٽورينٽ شاهراه فيصل تي ٺهيو. پر هن بلڊنگ ۾ باھ لڳڻ جي ڪري ماڻھو خوف زده ٿي ويا ۽ انهن وڃڻ ڇڏي ڏنو ۽ آهستي آهستي اهو به بند ٿي ويو. وري پنهنجي حسرت پوري ڪرڻ لاءِ يا مٿان کان نظاري جو مزو وٺڻ لاءِ P.C هوٽل جي ٽاپ تي چاندني ريسٽورينٽ ۾ ويندا هئاسين. اهو ڦرندو ته نه هو پر وري به اڃ شهر روشن نظر ايندو هو. پر ڪجھ وقت کان پوءِ ڪراچيءَ جو روشنين وارو شهر انڌيري ۾ غرق ٿي ويو.

بجليءَ جو حال اهو نه رهيو جو پنهنجي حسرت پوري ڪري سگھون هاڻي ته اسان جي حسرت صرف اها رهجي وئي آهي ته گذاري جي مطابق اسان جي ملڪ ۾ بجلي هجي ته جيئن اسان گرمي ۽ سردي ۾ آرام سان زندگي گذاري سگھون. پر اسان جنهن به ملڪ ۾ ويندا آهيون ته اهڙي قسم جا ٽاور مختلف شڪلين ۾ ضرور نظر ايندا آهن، جتان سڄي شهر جو نظارو ڪري سگھبو آهي.

دارالاوبرا المصرية/اوپيرا هائوس

هي، اوپيرا هائوس ٽاور جي بلڪل قريب هو. اسان جي پروگرام ۾ ته نه هو، پر اتي پهچي احساس ٿيو ته ان جو چڪر لڳائڻ به ضروري آهي. اندر تمام شاندار عمارت ٺهيل هئي. سامهون خوبصورت گارڊن ۽ وچ ۾ ڪجھ يادگار جيڪي مجسمن جي صورت ۾ هٿ ۽ وچ ۾ هڪڙو خوبصورت ٿوهارو. اسان اندر جو به دورو ڪيو. ٿيٽر ۽ هال ٺهيل هو. ان ڏينهن شام جو به ڪو فنڪشن هو، جنهن جي تياري هلي رهي هئي. قديم اوپيرا هائوس خديو اسماعيل سوئيز نهر کولڻ جو جشن ملهائڻ لاءِ ٺاهڻ جي هدايت ڪئي، ان کي رائل اوپيرا هائوس چوندا هئا. ان جو مطلب ڊراما ۽ موسيقي جي فنون جي هڪ پائيدار ۽ نمايان علامت هئي. اِهو اطالوي معمار ايووسانيAvoscani ۽ راسي جي ذريعي تيار ڪيو ويو. اوپيرا هائوس ڇهن (6) مهينن ۾ ازبڪيه Azbakey ضلع جي ويجھو قاهره جي وچ ۾ مڪمل ٿيو.

جديد اوپيرا هائوس جو افتتاح آڪٽوبر 1988ع تي ٿيو هو. صدر احمد حسني مبارڪ جي اپريل 1983ع ۾ جاپاني دوري جي نتيجي ۾ هن ڪمپليڪس جي لاءِ فنڊ جاپان قوم جي طرفان تحفو هو. تعميراتي ڪم 1985ع ۾ شروع ٿيو ۽ ٽن سالن تائين جاري رهيو.

آڪٽوبر 1988ع ۾ صدر مبارڪ ۽ جاپاني شهنشاهه جي ننڍي پاڻ مڪاسا Mikasa جي شهزادي ٽومو هيتو هن قومي ثقافتي مرڪز يعني قاهره اوپيرا هائوس جو افتتاح ڪيو.

خان الخيلي

هاڻي اسان خان الخيلي ۾ پهچي وياسين، ڊرائيور اسان کي امام حسين عليه السلام جي مقبري جي ويجهو لاٿو. جيئن ته اسان اتي به دفعا پهريائين اچي چڪا هئاسين. انهي ڪري ڪابه مشڪل نه ٿي. چو ته ان سان گڏ ئي بازار شروع ٿئي پئي، بازار ۾ جيئن ئي گهڙياسين ته دڪاندارن جا ايجنٽ حضرات پنهنجي شين جي طرف متوجه ڪرڻ خاطر اسان کي انهن ڏي چڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اسان کي چيائيون، نمستي. اسان کي خراب لڳو ۽ مون کاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته السلام عليڪم. پوءِ انهن وعليڪم السلام ۾ جواب ڏنو ته فوراً چيائون پاڪستاني. اسان ها ۾ ڪنڌ لوڏيو. پوءِ ته برادر برادر چوندا، اسان کي هاءِ جيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. اسان گهبرائجي وياسين ته اُهي پاڪستان ۽ ان جي رشتي کي ياد ڏياري اسان جو خوف گهٽ ڪرڻ لڳا. اسان به پاڪستاني فقيرن جا ستايل هئاسين، انهيءَ جي ڪري هتي ايتري پريشاني به نه پئي ٿي. پر هيءَ شيءَ اسان جي لاءِ ٿوري نئين هئي، جو اُهي تمام گهٽي زبردستي ڪري رهيا هئا. پاڪستان ۾ وڏ ۾ وڏ دڪانن جي آڏو لڳهندا آهيون ته رڳو چوندا آهن باجي ۽ ميڊم يا ادي وغيره سڏي چوندا آهن ته اچو ڏسو وغيره. پر هيءَ ته پيچو ئي نه پيا چڏن. هن بازار ۾ رستو ڪافي ويڪرو هو سامهون هڪ جوتن جي دڪان نظر آيو، جنهن جي آڏو ڪُسي جهڙا جوتا لٽڪيل هئا.

جوتا مختلف رنگن ۾ هئا. نظر انهن جي طرف ڪڇي وئي. رفيع کي روڪيم ته هن دڪان تي ٽورو چڪر لڳايون. دڪان ۾ داخل ٿياسين ته دڪاندار جوتا ڏيکارڻ شروع ڪيا. نرم به هئا ۽ قيمت اسان جي حساب سان هزار روپيا هئي. اسان جي پاڪستان ۾ به تقريباً اها ئي قيمت هوندي آهي، جڏهن پاڪ ٽاوريا ڊالمن مال ۾ ڪوئن جا ماٺهو نمائش لڳائيندا آهن ته انهن جو چمڙو سخت هوندو آهي، جيڪو اسان پائي نه سگهندا آهيون. هتي چمڙو به مناسب ۽ قيمت جي حساب سان به ڪو گهٽو مهانگو نه پئي لڳو. پر اسان جي پاڪستاني سفير جي زال مون کي خاص هدايت ڪئي هئي ته هتي دڪاندارن واتان گهريل قيمت نه ڏجان. اسان کي به خريداريءَ جي لاءِ سودي بازي ڪرڻي پوندي آهي ته ان ڪري اسان ان کي پاڪستاني حساب سان 200 جو چيو . ان

نہ مڃيو ۽ چوڻ لڳو تہ اڇڪلھ ھون بہ اسان جي فروخت گھٽ ٿيڻ لڳي آھي ڇو تہ مھانگائي جو زمانو آھي ۽ سياح بہ گھٽ اچن ٿا. پوءِ وري چيائين تہ توھان برادر آھيو ۽ 300 تي راضي ٿي ويو. پوءِ مون بہ ٻي جوڙا خريد ڪيا ھئا. جيڪي ڏاڍا سٺا ھٿا ۽ ٻيا بہ خريد ڪرڻ چاھيان پئي. پر وري اڳتي جي سفر جو سوچي خاموشي اختيار ڪيم ۽ سوچي رھي ھيس تہ پھريائين ٻيا ملڪ گھمي پوءِ ھتي اچون ھان تہ گھٽي خريداري ڪري وڃون ھا پر موسم جي ڪري پھريائين ھتي اچڻ جو پروگرام نٿيو. ڇاڪاڻ تہ پوءِ ايتري گرمي ٿي وڃي ھا جو گھمي ئي نہ سگھون ھا. پوءِ آھستي آھستي اڳتي ھلندا رھياسين ۽ اھڙي طرح رستو تنگ گھٽين ۾ تبديل ٿيڻ لڳو ۽ اتي جيب ڪترن جو خيال بہ رکڻو پوي پيو. ڇاڪاڻ تہ رش ۾ انھيءَ ڳالھ جو خطرو وڌندو رھندو آھي. اھا ڳالھ صرف اسان جي مسلم ملڪن ۾ نہ پر پوري دنيا ۾ آھي صرف جاپان ۾ امن ھو. پر ھونءَ بہ منھنجو خيال ھوندو آھي تہ پنھنجين شين جو خيال رکو ۽ ٻين تي الزام نہ لڳايو. اسان جيئن ئي اندر ويندا رھياسين تہ ھيءَ بازار تمام گھٽي غير معمولي ۽ عمدہ بازار لڳڻ لڳي ھتي ثقافتي تاريخي ڏانچي جو ھڪ تمام وڏو تعداد موجود ھو.

مارڪيٽ ۾ سير ڪندي دڪانن ۾ ڈيڪارٽ واري مال جي انوکن مرڪبن جي وچ ۾ پنھنجيون اکيون ڳلندي نظر آيون. چمڪندڙ چانديءَ جا ٽانو، سون جا نمونا، زيور، ھار سينگھار، ڪپڙا، غلم غاليچا، پراڻي زماني جو فرنيچر، ڳائڻ وڄائڻ جا ساز، قيمتي پٿرن جون ٺھيل شيون، تحفو ڈيڻ لاءِ منفرد شيون، نوادرات کان وٺي شيشي جا ليمپ، شيشي جا ٽانو، تامي جا ٽانو، چمڙي مان تيار ڪيل شيون، پرسون، بٽوَن، ڪتابن جا دڪان، قرآن شريف جا تحرير ڪيل مختلف نمونا ۽ آڊيو وڊيو مطلب تہ سڀ شيون ايتري قدر روايتي ھيون جو اسان ٻئي ڈسندي ئي رھجي وياسين. جنھن دڪان تي نظر وجھون پيا تہ اکيون ھٽڻ جو نالو ئي نہ پيون وٺن. ھر طرف رنگ ئي رنگ وکريل ھئا. اسان اڳ ۾ بہ رنگ بہ رنگي بازارين ڏٺيون آھن جن ۾ وينس جي مورانو بازار ۾ شيشي جون ٺھيل ڪيئي شيون، مختلف قسم جون شيون موجود ھيون. اھا بازار حسن واري بازار ھئي، انھن جي چوراھن تي عجيب ۽ غريب شيون لڳائي شھر کي بہ حسين بٽايو ويو ھو. ھن کان علاوہ ترڪي جي ڈڪيل بازار، بوسناجي ڪورڊ بازار ۽ مراڪش جي بازارن جو بہ ڪو مقابلو نٿو ڪري سگھي.

دڪانن کان علاوہ ريڙھيون، ھٽن ۾ شيون ڪنيل نوجوان، پوڙھا، عورتون ۽ مرد بہ ماٺھن کي گھيري شيون وڪڻڻ ۾ مصروف ھئا. ھن بازار ۾ اھو سڀ ڪجھ موجود ھو، جنھن جي انسان کي ضرورت ٿئي ٿي. عطر گلاب جو استعمال تہ مصرين ۾ فرعون جي زماني کان ھلندڙ آھي، پر چيو اھو وڃي ٿو تہ

ان کي قلوپطره ايجاد ڪيو هو ۽ شاهي ۽ ميتن تي استعمال ڪيو ويندو هو. خاص ڪري ڊرم پري اتي رکيا ويندا هئا. پر هاڻي ته مصر جي بازار ۾ عطر ۽ ٻيون خوشبوون ۽ ان سان گڏ شاندار ٺهيل بوتلون فروخت ٿي رهيون هيون. اسان کان ته اها ڳالهه وسري وئي ته پيرس خوشبوئن جو شهر آهي ۽ اتي پرفيوم ڏاڍا سٺا ملن ٿا. اسان جڏهن اتي ٻيٽا هئاسين ته تقريبن مخمور ٿي رهيا هئاسين. پوءِ رفيع کي چيم ته هاڻي هتان هلون ۽ هلي هلي ٽڪجي به پيا هئاسين. ان وقت جڏهن بازار گهمي رهيا هئاسين ته سپ ويجها مائٽ ياد اچڻ لڳا ته انهن جي لاءِ اسان هي۽ شيون خريد ڪري سگهون ٿا. چاڪاڻ ته اتي سوينيرس ۽ فرعوني زماني جا ڊيڪوريشن پيس به موجود هئا. پر اسان غمگين ٿي وياسين ته خريد ڪري نٿا سگهون. ايترو هلي هاڻي ٽڪي چڪا هئاسين پوءِ سوچيوسين ته ڪنهن ريسٽورينٽ ۾ وڃي کاڌي سان گڏ ڪافي به پي وٺون ته جسم تازو توانو ٿي ويندو. هي۽ هڪ اهڙو علائقو هو، جتي سپ ريسٽورينٽ، ڪيفي هائوس گهڻي تعداد ۾ موجود هئا. اتي اسان کاڌو به کائي سگهون پيا، پر ماٺهو شيشو به پي سرور به حاصل ڪري سگهي پيو. جيڪو ذائقو توهان پسند ڪيو. انهي۽ ذائقي جا شيشا تيار ڪري به ڏين پيا. هتي سياحن جي دل وندرائڻ لاءِ ناچ جا پروگرام ۾ ٿيندا آهن. خان الخليل بازار ۾ مصر جي جاڳيل تهذيب کي ويجهو ڏسڻ جو موقعو به ملي سگهي ٿو. هتي نون ڪيفن سان گڏ پراڻا ڪيفي ۽ ريسٽورينٽ به هئا. جيئن ڪافيه "نجيب محفوظ" (Najeeb Mahfoze) سحلاب (Sahlab) ۽ الفشاوي ريسٽورينٽ (Al Fishaway) وغيره. اسان الفشاوي ريسٽورينٽ جو رستو ماٺهن کان پڇندي اتي پهچي وياسين. کاڌي کان پوءِ قهوي جو آرڊر ڏنو. ان دوران انهن جي ڪلاسيڪل موسيقي وڄائڻ وارا موسيقار به موجود هئا. ڪلاسيڪل ميوزڪ ته رفيع کي مدهوش ڪري چڏيندي آهي، هو جهومڻ شروع ڪري چڏيندو آهي. اهڙي طرح اهو کاڌي سان گڏ موسيقي جو مزو به وٺي رهيو هو. هي۽ قديم ترين ريسٽورينٽ 1797ع ۾ قائم ڪيو ويو هو. اتان تازا توانا ٿي وري بازار کي وڌيڪ ڏسڻ شروع ڪيوسين.

انهن جي گهٽي ال موئز Al moez پهچي وياسين، جيڪا قديم قاهر جي وقت جي هئي. ان ۾ سير ڪرڻ سٺو لڳو ۽ اها الفاطميد جي وقت جي دوران 600 سال پهريائين تعمير ڪئي وئي هئي. هن ۾ حيرت انگيز فن تعمير نظر آيو.

بازار ۾ باقي شين کان علاوه مصالحن جي به ڪمي نه هئي ۽ ميندي لڳائڻ واريون عورتون به موجود هيون جيڪي سستي قيمت ۾ ميندي۽ جون خوشبوءِ ڦهلائي رهيون هيون ۽ اتي به ڪافي اهڙيون شيون به هيون ته توهان جڏهن خريد ڪيو ته ان تي پنهنجو نالو چپرائي سگهو پيا.

بازار کٽي چت سان ڍڪيل هئي، جيئن مون ذڪر ڪيو تہ اهڙيون بازارون اسان ٻين مسلم ملڪن ۾ ڏٺيون هيون. پوري بازار گهمڻ کان پوءِ اتان جي مشهور ڪيفي اللورڊ Al-lord تي آياسين. ٻنهي ڪافي پيتي، اتي اُم ڪلثوم جا جيڪي مشهور گانا هئا، اهي هلي رهي هئا. اها مشهور گيت نگار يعني شاعره ۽ گائڻ واريءَ سان گڏ اداڪارا به هئي. مغنيه عالم ام ڪلثوم عملي زندگي جو آغاز 1936ع ۾ فلمن جي اداڪاري سان ڪيو. پر ان جي لاثاني ملي سريلي آواز، ان کي فلمن مان ڪيڏي گلوڪاري جي طرف آندو. هُوءَ هڪ ڳوٺ تيمي الزهريه ۾ پيدا ٿي. هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي رڪارڊ نغمه ڳايا. اها ايتري قدر هر دل عزيز هئي جو عرب دنيا جون اهم شخصيات به ان جي پروگرام ۾ شرڪت ڪنديون هيون. ان جا گانا ٻڌندي ئي اتي ويٺل ماڻهو جهومڻ شروع ڪندا هئا. اتي ويٺي هيس تہ مون کي اوچتو ياد اچي ويو تہ هي، ڳائڻي 1974ع ۾ پاڪستان به آئي هئي، جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو جي دور حڪومت ۾ اسلامي سربراهي ڪانفرنس لاهور منعقد ٿي هئي. ان وقت نورجهان ۽ ان گڏجي علامه اقبال جو ڪلام پيش ڪيو هو. ۽ ان وقت مان .B.A هر هيس. مون امي، کي چيو هو تہ امي ڏس ٻنهي جو آواز ڪيترو نہ سريلو آهي ۽ ميڪپ جو طريقہ ڪار به هڪجهڙو. نورجهان ميڪپ گهٽو ڪري ٿي ۽ عرب ماڻهو به ميڪپ جي معاملي ۾ ڪنهن کان پنتي ناهن ۽ ڪپڙا به لاجواب پيل اٽن. انهيءَ طرح ٻنهي ملڪائن ترنم سان جڏهن گيت ڳايو تہ سانت برپا ٿي وئي. ان جي فوت ٿيڻ تي پوري مصر غمگين هئي. ان جي جنازي ۾ وڏن وڏن ماڻهن شرڪت ڪئي هئي. اهڙي طرح نورجهان جي فوت ٿيڻ تي به اها صورتحال هئي. نورجهان پهريائين گلوڪاره ۽ اداڪاره هئي، پر پوءِ صرف گلوڪارا رهجي وئي هئي. انهن ٻنهي جو هر گانو مشهور آهي ۽ اڄ به انهن جو آواز ٻڌي ماڻهو جهومندا آهن. ام ڪلثوم کي "بلبل نيل" جو لقب مليو هو. جهڙي طرح نور جهان کي "ملڪ ترنم" جو لقب مليو هو. ان جي نالي سان قاهره ۾ ميوزيم به آهي. هتي روايتي کهاڻين کان علاوه گيت به هلي رهيا هئا. جيڪي پراڻين يادن جو احساس ڏياري رهيون هيون.

فارغ ٿي وري ماڻهن جي هل چل ۾ شامل ٿي وياسين. هڪ دڪان تي سياحن جي ڏاڍي رش هئي جيڪي يورپ مان آيل هئا. اتان پيپرس تي ڪيل پينٽنگ خريد ڪري رهيا هئا. هيءَ ڪاغذ انهن جو پراڻو ڪاغذ آهي، جنهن تي حسين پينٽنگ ڪن ٿا. هو اهو به ٻڌائي رهيا هئا تہ جڏهن حضرت امام حسين جي پيدائش جو ڏينهن ايندو آهي تہ هتي صوفي جشن ملهائيندا آهن ۽ مختلف تقريبات ٿيندڙيون آهن، جنهن مان هر ماڻهو لطف حاصل ڪندو آهي

ٻين ملڪن مان ٻه سياح ايندا آهن. ان وقت ۾ ٻه هٽي ميلي وارو منظر هوندو آهي ۽ Tanoura تنورا هڪ مصري ناچ آهي، اهو ٻه ٽيندو آهي، جنهن ۾ اڇي رنگ جي قميص پائيندا آهن ۽ ان مان سياح صوفي روحاني سرگرميءَ جو مزو ماڻيندا آهن.

پوءِ اتان نڪري خريد ڪيل سامان هوٽل تي ڇڏيوسين. ٿورو فريش ٿي مصر جي تحرير چوڪ جي دوري لاءِ نڪتاسين. جيئن ته مان پهريائين ٻه ذڪر ڪري چڪي آهيان ته هيءَ چوراهو اسان جي هوٽل جي ويجهو آهي .

تحرير چوڪ Tahrir Square

تحرير چوڪ تي پنهنجي هوٽل کان پنڌ 15 منٽن ۾ پهچي ويا سين. مصر ۾ ڳالهائڻ واري عربي ۾ تحرير جي معنيٰ آهي "آزادي" يا "نجات".

19 صدي عيسوي ۾ نهر سئيز تعمير ڪرڻ واري حڪمران خديو مصر اسماعيل پاشا جي نالي جي مناسبت سان هيءَ چوڪ ميدان "اسماعيليه" چورائي ٿو. پر تڏهن ٻه انقلاب مصر 1919ع ۾ اهم مرڪز جي حيثيت حاصل ڪرڻ جي ڪري هن جو نالو "آزادي چوڪ يا تحرير چوڪ" رکي ڇڏيو. پر سرڪاري طور تي هيءَ نالو انقلاب مصر 1952ع کان پوءِ تجويز ڪيو ويو. جيڪو اڄان تائين استعمال ٿي رهيو آهي.

تحرير چوڪ جي پاسن کان مصر عجائب گهر، نيشنل ڊيمو ڪريٽڪ پارٽي جو صدر دفتر، عرب ليگ جو صدر دفتر، هوٽل هلٽن، انٽرڪانٽينينٽل هوٽل، آمريڪي، يونيورسٽي قاهره جو ڪيمپس، موگما گورنمينٽ بلڊنگ جيڪا 1950ع ۾ روس جي طرفان بطور تحفه ڏاهي وئي هئي. اها بلند بالا عمارت ٻه هٽي ٿي هئي. ان کان علاوه مصري پارليامينٽ، پيپلز اسيمبلي ٻه هٽي واقع آهي. انقلاب مصر 2011ع ۾ هيءَ چوڪ مصري صدر حسني مبارڪ جي طويل اقتدار جي خاتمي جو سبب ٻڌيو هو.

شمال مشرق ڏي هڪ پلازه آهي، جنهن جي سامهون قوم پرست هيرو عمر مڪرم Umer Makram جو وڏو مجسمو ٻه هو جيڪو نيپولين اول جي مصر تي حملي جي خلاف مزاحمت جي لاءِ ڏاهيو ويو هو. ۽ ان جي اڳيان عمر مڪرم مسجد ٻه آهي ۽ چوڪ جي مرڪز ۾ هڪ وڏو معروف ٽريفڪ جو دائرو ان چوڪ جي اتر جي طرف شارع القصر الحسيني هو. جيڪا سڙڪ طلعت حرب اسڪائر تائين وڃي پئي ۽ اولهه جي طرف طلعت حرب گهٽي وڃي رهي هئي ۽ قصر النيل گهٽيءَ جي ذريعي ان جي جنوبي حصي کي عبور ڪندي، قصر النيل پل تائين براه راست ان کان ويجهو درياهه نيل عبور ٿئي ٿو. اسان

انهيءَ گهٽي تي هلندي، ان پل تي پهچي وياسين. جيڪا نيل نديءَ جي پهرين پل هئي. اها پل مرڪز قاهره کي ملائيندي هئي. اسان اتي وياسين، جنهن جي ٻنهي پاسن کان تمام وڏا شينهن جن جو رنگ ڪانسيءَ جهڙو هو، انهن جا مسجما ٺهيل هئا. ان پل تي پنڌ هلڻ وارن لاءِ به رستو هو. ان جي مٿان کان بيهي هيٺ منظر جو مزو وٺندي ڇ فوٽوگرافي ڪندي جڏهن پل ڪراس ڪئي تہ اتي اهو ئي اوپيرا هائوس هو ڇ هوٽل واپس هلندي هڪ ڪيسينو به نظر آيو. رفيع چيو تہ اندر هلون؟ مون چيو تہ جڏهن اسان امريڪا جي لاس ويگاس جا ڪيسينو ڏٺا آهن تہ اسان کي هتي ڪيئن مزو ايندو؟ اتي تہ تمام وڏا ڪيسينو هوندا آهن ڇ ڪائڻ جو انتظام جنهن ۾ يورپين، ايشين، ڪانٽينينٽل آفريڪن سڀ کاڌا هوندا آهن، جيڪي تمام گهٽا سستا هوندا آهن. اتي اسان کي ڪائڻ لاءِ گهڻيون شيون ملي ويندیون هيون. ڇ سستو به انهيءَ جي ڪري هوندو هو انهن جو خيال هوندو هو تہ کاڌو سستو هڻڻ جي ڪري تمام گهٽا سياح هتي ايندا ڇ جڏهن ايندا تہ ٿوري راند به ضرور کيڏندا، هڪ ئي وقت ۾ ٻنهي شين جو مزو ماڻيندا ڇ اسان کي ڪمائي به ٿيندي. اهڙي طرح هلندي هلندي واپس هوٽل پهچي وياسين. اتي هڪ ڪلاڪ آرام ڪرڻ کان پوءِ لائونج ۾ آياسين، ويٽر کي سامان آڻڻ لاءِ چيوسين ڇ ٽيڪسي گهرائي اسٽيشن جي طرف روانا ٿياسين، چو تہ اڄ اسان جو اسوان وڃڻ جو پروگرام هو.

اسوان روانگي

هوٽل مان چيڪ آئوٽ ڪرائي، گزا اسٽيشن تي پهتاسين جيڪا اڌ ڪلاڪ جي فاصلي تي هئي. اسان ان جي مين اسٽيشن تان ٻه وڃي سگهون پيا پر اسان کي سيني مشورو ڏنو ته سڀ سياح هن اسٽيشن تان ويندا آهن ۽ جي توهان ٻه هن اسٽيشن تان ويندئو ته توهان کي آساني ٿيندي. پر جيڪڏهن مين لائين تان ويندئو ته توهان جي لاءِ مسئلو ٿيندو. اسان واري ريل گاڏيءَ جو نالو Egyptain Railways ERNST Sleeping Train هو ۽ انهيءَ اسٽيشن تي وياسين جتي هن جي اچڻ جو ٽائيم 9:30 هو. اسٽيشن تي پهچي ويٽنگ روم ۾ آياسين، اتي تقريباً اٺ (8) صوفا صحيح رکيل هئا ۽ باقي ٽٽل هئا. ڪرسيون ٻه هيون پر اهي ٻه صحيح حالت ۾ نه هيون. جيئن ته اسان ٽائيم کان اڳ پهچي ويا هئاسين انهيءَ جي ڪري صحيح صوفو ملي ويو. هڪ عورت کي برقعو پاتل هو. هُوءَ ويٽنگ روم جي دروازي تي اسٽول تي ويٺي هئي. ان سان گڏ پاڻي جي پراڻي منرل واٽر جي بوتل، ڪاڏي جي ٽيلهي ۽ ٽوري سامان جو ڳنڍيون ٻه پرسان پيل هيس. هُوءَ ويٽنگ روم جي سنڀال ڪري پئي جيڪڏهن ڪنهن کي ڪا پريشاني هئي ته ان جي پريشاني ٻه ختم ڪرڻ جي ڪوشش ٻه ڪري پئي. اسان جيئن ئي اندر داخل ٿياسين ته هوءَ جلدي اٿي هڪ انگريزي ڳالهائڻ واري ٽي ٽيءَ کي ولي آئي، جنهن اسان کي پوري صورتحال کان آگاهه ڪيو ۽ ٻڌايو ته 9.30 وڳي توهان جي گاڏي هن پليٽ فارم تي بيهندي ۽ هي نمبر ون (1) آهي ۽ توهان کي پليٽ فارم نمبر 7 تي بيهڻو پوندو. 7 نمبر ڪمپارٽمينٽ اهو هتي بيهندو، توهان ويٽنگ روم مان 9 وڳي ئي نڪري اڇجو ته رش گهٽي هوندي. اها عورت وڃڻ مهل ماٺهن کان پڇا گهري پئي ۽ فقيرن وانگر ماٺهو ڪجهه سڪا انهن جي هٿ تي رکن پيا. ان کي يونيفارم ٻه نه پاتل هو. جنهن مان اهو اندازو ٿي رهيو هو ته هيءَ ويچاري پنهنجي پيٽ پالڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڪري رهي آهي. پر ڪپڙن ۾ هوءَ فقيرن کان ڪجهه بهتر هئي يعني صاف ستري فقيرياڻي هئي. يا ائين چئجي ته محنت ڪندڙ عورت هئي. جڏهن اسان باهر نڪتاسين ۽ وقت ٻه ٿي ويو هو. ته ان چيو ته هاڻي جيڪا ريل گاڏي ايندي اها توهان جي ناهي. اسان سوچيو ته هن ويچاريءَ کي کڙي خبر پڙهيل لکيل ته آهي ڪونه. اسان پليٽ فارم تي 7 نمبر تي اچي بيٺاسين. اتي هڪ چائنيز

گروپ ۾ گڏ هو. جنهن جي تعداد تقريباً 50 ماڻهن جي برابر هو. پوءِ ان جو گائيڊ آيو ۽ انهن کي لائين ۾ بيهاريو. 9:30 وڳي هڪ ريل گاڏي آئي. پر ان ۾ Sleeping ڪمپارٽمينٽ نه هو. ان ۾ صرف ويهڻ جون ڪرسيون هيون. اسان پريشان ٿي وياسين ته ٽائيم ته اهو آهي. 7 نمبر تي اسان بيٺا آهيون. هتي ته سمهڻ جو گاڏو ئي ڪونهي. پوءِ رفيع چيو ته تون هت لائين ۾ ئي بيهي رهجان، مان معلوم ڪري اچان ٿو. معلوم ڪرڻ تي خبر پئي ته هيءَ اسان جي گاڏي ناهي. ماڻهو اسان جي مدد ۾ ڪرڻ گهرن پيا، پر زبان جو مسئلو هو. اسان مطمئن نه پيا ٿيون. آخرڪار هڪ ريل گاڏيءَ جو بندو نظر آيو.جيڪو گروپ کي ۾ گائيڊ ڪري رهيو هو، اهو اسان وٽ ۾ آيو. انهيءَ ۾ چيو ته هيءَ توهان جي گاڏي ناهي. وري ٻن منٽن کان پوءِ ٻي گاڏي آئي، پر اها ۾ اسان جي نه هئي. پوءِ سپاهي ٻڌائڻ اچي ويو ته هيءَ ۾ توهان جي لاءِ ناهي. وري اهو چوڪرو ۾ اچي ويو، جنهن کان پهرين واري گاڏيءَ لاءِ پڇيو هو. انهيءَ ۾ منع ڪيو ته توهان هن تي نه چڙهجو. ٻي جيڪا ايندي اها توهان جي گاڏي هوندي. انهن ان ڏينهن سليپر گاڏيون ٿي هلايون هيون ڇو ته رش گهٽي هئي.عموماً ۾ هلائيندا آهن. پاڪستان ۾ ائين هجي ته سيني کي چاڙهي ڇڏيندا آهن، پوءِ ڪنهن کي جڳهه ملي. يا نه ملي بهرحال پوءِ ٽئين گاڏي اچي وئي، اها تقريباً 10 وڳي پليٽ فارم تي پهتي يعني اڌ ڪلاڪ ليٽ ٿي وئي. ان ريل گاڏي ۾ هر ڏهي جي دروازي تي ريلوي عملي جو هڪ ماڻهو ڊيوٽي تي هو. جيڪو هر ڪنهن جي ٽڪيٽ ڏسي اندر وڃڻ جي اجازت ڏئي پيو. سامان ڪٽڻ ۾ ۽ مدد ڪري پيو. اسان جون بيگون ۽ انهيءَ ئي اندر رکيون. اسان کي انهيءَ وقت ڏاڍي خوشي ٿي، ڇو ته اهو ڪم اسان ٻنهي کي ڏکيو لڳندو آهي. ڪجهه منٽن کان پوءِ ريل گاڏيءَ جي ڇڪ ڇڪ جو آواز شروع ٿيو ۽ اسان قاهره شهر کان روانا ٿياسين. ٿوري دير کان پوءِ ويٽر آيو، ٻن ٽري ۾ رات جو کاڏو کڻي آيو، جنهن ۾ چڪن جو وائيٽ ساس هوڙ، بين، اچا چانور، سلاد ۽ هڪ سوئيٽ ڊش ۽ صوف هو، هڪ پاڻي جي بوتل ۽ ان ۾ شامل هئي کاڏو ڏاڍو گرم هو، جنهن جي ڪري مزو آيو. کاڏو کائي بس ڪيوسين ته ٽائون ڪٽڻ لاءِ اچي ويو. پوءِ ٿوري دير کان پوءِ آيو ۽ هيٺين سيٽ کي ٻاهر ڪڍيائين، مٿي واري سيٽ سان گڏ هڪڙي ڊاڪٽ لڳائي، چادر، وهاڻو ۽ ڪمبل رکي ويو. اسان هيٺ واري سيٽ تي ئي سمهي پياسين، مٿي ڊاڪٽ چڙهڻ اسان ٻنهي جي لاءِ مشڪل ڪم هو ۽ هيٺ واري سيٽ ۾ ڪافي ويڪري هئي. پوءِ تقريباً صبح ٽيڻ تائين سمهي پياسين يا هينءَ ڇٽون ته ليٽي رهياسين، ڇاڪاڻ ته گاڏيءَ جي آوازن جي ڪري گهري ننڊ اچڻ جو ته سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. پر مڙئي ڪنهن ڪنهن وقت ڏڪر اچي وڃي پيو. ۽ پوءِ

اسوان جي باري ۾ سوچيندي رهيس.

اسوان شهر

مصر ۾ گهٽائي شهر آهن پر صرف اسوان شهر ئي عظيم ورثي ۽ خالص مصري ثقافت جو عڪس پيش ڪري ٿو. انهيءَ جي ڪري هميشه هڪ اهم شهريت جو حامل شهر رهيو آهي. ان کي مرڪزي بازار سمجهيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ هي نيل جي ڪن سياحت وارن شهرن ۾ سڀ کان ننڍو آهي. هيءَ قديم مصر جي آفريڪا جو دروازو هو. پراڻي زماني ۾ هيءَ هڪ فوجي قلعو هو.هيءَ شهر مصر جي ڏکڻ ۾ واقع آهي، جيڪو قاهره کان 684 ڪلو ميٽر ڏکڻ ۾ واقع آهي. ڏنڊ ناصر ۽ اسوان ڊيم جي بلڪل هيٺان واقع آهي. ان جي مجموعي آبادي تقريباً 3 لکن جي ويجهو آهي، ان جي نوبيائي آبادي جي هڪ وڏي آبادي آهي. نيل اسوان کان 650 ميٽر بلندي تي آهي. هيءَ سوينٽ Swenett جو قديم شهر آهي هيءَ نالو هڪ قديم ديوي مان اخذ ڪيل آهي، جنهن کي يوءِ يونانين ايليٿيا Eileithyia جي نالي سان سڃاڻڻ شروع ڪيو.

سوينٽ مصر جو جنوبي علائقو هو. هيءَ هڪ فوجي اسٽيشن جي حيثيت جي ڪري به اهم هو. هر حڪمران خاندان جي دور ۾ هيءَ هڪ چوڪيءَ وارو شهر هو. ان جو مقام قديم جاگرافي جي لاءِ وڏي دلچسپي جو باعث هو. هيءَ انهيءَ ڪري به اهم هو چو ته ان نيل جا ڪاندايپي جا سڀ وسيلا قابو ۾ ڪيا هئا. هتي جا مقبره به وڏي اهميت رکن ٿا ڇو اهي پراڻن ۽ درمياني رياستن جي نمائندي ڪن ٿا. جيڪي اڄ ڪلهه جي سياحن جي لاءِ ڪولي ڇڏيا ويا آهن ته جيئن انهن کي قديم تهذيب جي اهميت جو اندازو ٿئي.

اسوان پنهنجي تخليق جي تاريخ کان پوءِ ئي مصر جي تاريخ ۾ هميشه اهم ڪردار ادا ڪيو. چو ته هي چوني جي پٿر، ڪوارٽزائن ۽ گرينائٽ جهڙي قيمتي تعميراتي سامان جو اهم مرڪز آهي. ان جي آسپاس واقع مختلف يادگارن جي ڪري هن علائقي کي خوبصورت ۽ هن شهر کي اهم شهرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. جيڪو تاريخ قديم کان اڳ جي باري ۾ تمام گهٽي عڪاسي ڪري ٿو هيءَ شهر لوڪ آرٽ ۽ ڪرافٽ واري زمري ۾ يونيسڪو. تخليقي شهرن جي نيٽ ورڪ ۾ شامل آهي. اسوان وادي نيل جي دامن ۾ واقع لگسور جي ڏکڻ ۾ 220 ڪلو ميٽر، 137 ميل ۽ قاهره جي ڏکڻ ۾ 890 ڪلو ميٽر تي واقع آهي. اسوان ۾ مصر جي ٻين حصن وانگر صحرائي آبهوا آهي. ٻين شهرن جي مقابلي ۾ هتان جي آب هوا سرد ترين ۽ تيز ترين آهي. گرميءَ جي موسم ۾ ان جو درجه حرارت 40 کان مٿي رهندو آهي. سال جو گهٽو حصو اس ۾

رهندو آهي ۽ صاف هوندو آهي. جيڪو سال جي سڀني موسمن ۾ انهيءَ کي دلڪش ۽ منفرد بڻائيندو آهي. اسوان جي چوڌاري ڪيترائي اهم مقامات آهن، مثلاً نوبين ڳوٺ، ايڊومندر، فاطميد قبرستان، فريال گارڊن، آغا خان جو مقبرو، ابو سمبل ۽ پهيلي مندر Temple Philae وغيره. اسوان ڊيم جي تعمير جي ڪري ابو سمبل ۽ پهيلي مندر جهڙن ڪيترن ئي شاهي مندرن کي بچايو ويو آهي ۽ انهن کي منتقل ڪيو ويو آهي. فن تعمير جي تاريخ ۾ سڀ کان مشڪل اعتراض جو مقابلو ڪيو. تنهنڪري جديد دور ۾ ڪو هيءَ شهر معجزاتي طورتي ماڻهن جي توجه پنهنجي طرف راغب ڪرڻ جي قابل آهي.

ٿوري دير کانپوءِ جڏهن صبح ٿيڻ واري هئي، اٽيس ۽ ٿورو فريش ٿي دريءَ مان ٻاهر جو سير ڪرڻ شروع ڪيم. اهڙيءَ طرح نظرون دريءَ مان ٻاهر ڏسڻ ۾ مصروف هيون. مان ان ملڪ جي چپي چپي کي ڏسڻ چاهيان پئي جتي هر قسم جا مذهبي ۽ سياسي قصا ۽ آکاڻيون هيون ۽ قديم فن تعمير جا نمونا هٿا. تهذيب ۽ تمدن جا اهڙا مثال موجود هيا، جيڪي پوري دنيا ۾ نظر نه ٿا اچن. ريلوي جي پٽڑي ۽ پڪو رستو پئي درياهه نيل سان گڏ اسوان تائين هليا. مصر اصل ۾ هڪ صحرائي علائقو آهي ۽ 90 فيصد خطو صحرا تي مشتمل آهي. ان ڪري ان کي "سرخ زمين" به چوندا آهن. درياهه نيل هن ملڪ کي ٻن حصن اوپر ۽ اولهه صحرا ۾ تقسيم ڪري ٿو. مصر کي درياهه نيل جو "تحفو" به چيو وڃي ٿو. چوته جيڪڏهن هيءَ درياهه نه هجي هان ته مصرين جو پلجڻ ناممڪن هو. ۽ قديم مصر جي عظيم سلطنت انهيءَ درياهه نيل جي ٿورائتي آهي. نيل جو پاڻي مصرين جي لاءِ آب حيات کان گهٽ ناهي، چوته هتي بارش نٿي ٿئي ۽ ماڻهن جي زندگيءَ جو دارومدار نيل نديءَ تي آهي. اهي اهڙي درياهه جو پاڻي پيئن ٿا. هيءَ ئي درياهه انهن جي زمينن کي زرخيز ڪري ٿو. ان کان علاوه انهن جي نقل و حمل جي لاءِ سڀ کان آسان ذريعو به آهي. جيڪڏهن هيءَ درياهه سڪي وڃي ته مصرين جي لاءِ جيئڻ مشڪل ٿي وڃي پر جيڪڏهن هيءَ درياهه نه هجي ها ته مصر به نه ٿهي ها. هيءَ مصر جو واحد درياهه آهي. ٻين ملڪن ۾ ته ڪيترين ئي ندين ۽ درياهه هوندا آهن ۽ اها به هڪ حقيقت آهي ته دنيا جي عظيم تهذيبن جو زوال درياهه جي ڪناري تي ٿيو. جيئن سڀ کان قديم تهذيب ميسوپوٽيميا جي وادي دجله ۽ فرات هئي. ان کان پوءِ مصر جي تهذيب سامهون آئي، جنهن کي تاريخدان "وادي نيل" جي نالي سان ياد ڪن ٿا.

اهڙي طرح پاڪ ۽ هند جي تهذيب "وادي سنڌ" جي تهذيب چورائي ٿي، جيڪا درياهه سنڌ جي ويجهو وڌي ۽ ترقي ڪئي. درياهه سنڌ جا پراڻا تهذيب

جا کنڊر جيڪي اڄ ب موجود آهن، ان جي طرف توجهه نه ڏني وئي. نيل وڏو شائسته، قابل اعتبار ۽ نرم درياهه آهي. آگسٽ جي مهيني ۾ جڏهن وچ آفريڪا جي پهاڙن تي برسات ٿئي ٿي ته درياهه آهستي آهستي چڙهڻ لڳندو آهي. برسات جو اهو پاڻي پهرين ستمبر تي اسوان پهچندو آهي ۽ پهرين آڪٽوبر تائين قاهره پهچندو آهي ۽ ڪڏهن ب ان ۾ فرق نه ايندو آهي ۽ جيڪڏهن فرق اچي ويندو آ ته قحط پئجي ويندو آهي. جهڙي طرح حضرت يوسف عليه السلام جي دور ۾ ٿيو. حضرت عمر فاروق رضه جي دور حڪومت ۾ ب درياهه خشڪ ٿيو ته ماڻهن چيوته فرعون پاڻيءَ جي خاطر هر سال هڪ جوان ڪنواري چوڪري کي درياهه جي نالي تي قربان ڪري، لاش درياهه ۾ اڇلايندا هٿا، ان رسم تي هزارن سالن کان عمل ٿيندو رهيو آهي. جڏهن هن خطي ۾ اسلام جي شمع روشن ٿي ته فاتح مصر عمروبن عاص جي زماني ۾ قرباني ڏيڻ جو ڏينهن ويجهو اچي ويو. ته پاڻ پريشانيءَ جي عالم ۾ خليفه وقت حضرت عمر بن خطاب کي خط لکيو ته هن ملڪ ۾ هيءَ رسم آهي ان جي باري ۾ ڇا حڪم آهي؟ حضرت عمر رضه خطاب عمرو بن عاص کي جوابي خط لکڻ جي بجاءِ درياهه نيل جي نالي تي هڪ تاريخي خط لکيو.

"اي درياهه نيل!

تو ۾ وهندڙ پاڻي جو جيڪڏهن تون مالڪ آهين ۽ ان جي بدلي ۾ تون هر سال هڪ جوان ڪنواري چوڪريءَ جي قرباني گهرين ٿو ته اسان کي تنهنجي پاڻيءَ جي ضرورت ناهي ۽ جيڪڏهن هيءَ پاڻي الله تعاليٰ جي طرف کان هن مخلوق لاءِ هڪ نعمت آهي ته هن تي تنهنجو اختيار ناهي ۽ ان جو مالڪ الله تعاليٰ جي ذات آهي." هيءَ قانون قدرت آهي ته جڏهن ب درياهه ۾ سيلاب ايندو آهي ته درياهه جي ڪافي زمين پاڻي ۾ ڍڪجي ويندي آهي جڏهن ڪجهه وقت کان پوءِ درياهه لهي ٿو ته زمين پويان مٽي جي نهايت زرخيز هڪ تهه چڏي ڏيندو آهي. مزدور ان زمين ۾ بج وجهي فصل پوکيندا آهن، جنهن جو فصل ڏاڍو سٺو ٿيندو آهي، ان جي ڪري مصر جا ماڻهو نيل جي پوڄا ب ڪندا هٿا ۽ درياهه جي وهڪري ڏي منهن ڪري عبادت ڪندا هٿا چو ته هيءَ درياهه انهن جي رزق جو وسيلو هو. اهڙي طرح درياهه نيل جي ساڃي ڪاپي ڏهه هارنهن ميلن جي پٽيءَ مصر کي زراعت، ساوڪ، ۽ خوشحالي ڏني، جنهن ان کي اولين تهذيب جي عظمت ۾ بدلي ڇڏيو. ۽ ان تهذيب جا نشان اڄ ب دنيا ۾ موجود آهن.

هاڻي سج ب جهاتي پائڻ شروع ڪئي ته نيل جون ڪئي ٿهندڙ ڏهندڙ هلڪين لهرن آفتاب جي چمڪندڙ سنهري ڪرڻن تي ٽمٽمائڻ شروع ڪيو ۽ ائين محسوس ٿي رهيو هو ته نيل هڪ تراشيل هيرو آهي. هر طرف کان

مختلف رنگ جون شعاعون نڪري دل اکين کي سرور ڏئي رهيون هيون. درياهه جون لهرون ايتريون تيز سمنڊ وانگر نه هيون، پوءِ به درياهه جي ڪناري سان ٽڪرائي چپ چپ جي آوازن سان پيار وچان ٽپڙ هٽي رهيون هيون ۽ پنهنجو وطن ۽ ياد ڏياري رهيون هيون، جڏهن اسان نندپڻ ۾ درياهه جي ڪناري تي ويندا هئاسين. دل ان حيات بخش نظاري جي نشي ۾ سرمست ۽ سرشار هئي، ان وقت پکي پکڙ ۽ پنهنجي آکيرن مان نڪري رهيا هئا ۽ آسمان جي وسعتن ۾ اڏامي رهيا هئا. درياهه نيل جي جهرمر سان گڏ پکين جي ۽ جهرمر شروع ٿي وئي ۽ گڏوگڏ انهن جي سريلين آوازن جو هي، پورو شاندار منظر منهنجي اکين جي سامهون هو، جنهن دل تي جادو ڪري ڇڏيو. هن حسن کي مون مڪمل طرح ڏسي ورتو، هي، خواب لڳي رهيو هو.ائين آهستي آهستي اهو منظر اکين کان گم ٿيڻ لڳو، چو ته هاڻي سج مڪمل طرح نڪري چڪو هو. گاڏي تيزي، سان هلي رهي هئي. اسان ساڄي کاپي مصر جي زندگي کي غور سان ڏسي رهيا هئاسين پري پري تائين ڪڙمي ۽ زمينن تي اڇي چڪا هئا ۽ پنهنجي ڪم ۾ مصروف هئا، ڪو کوٽائي ڪري رهيو هو ته ڪو فصل لٽي رهيو هو. ۽ ڪو وري هر هلائي رهيو هو، جنهن کي ۽ ڏاند چڪي رهيا هئا ۽ ڪٽي جديد ٽيڪنالاجي يعني ٽريڪٽر ۽ هلندا نظر اچي رهيا هئا ۽ اهو ئي حال نظر اچي رهيو هو، جيڪو اسان جي ملڪ جي ڳوٺن زمينن جو هوندو آهي. نندا ٻار گڏهن تي سوار هئا، ڪٽي ياڇيون هيون، اتي عورتون ۽ ڪم ڪري رهيون هيون ۽ نندا ٻار متي، تي ويهي کيڏي رهيا هئا. هر طرف متي، اڏائن پيا. هتي پري پري تائين زمينون ئي زمينون هيون، جنهن تي فصل پوکيل هئا. رستي ۾ کيترا ئي ڳوٺ ۽ شهر آيا، ترقي يافته ۽ گهٽ ترقي يافته ۽. اتي دڪان ۽ هئا جن ۾ غير مصري شيون نه هيون، دست کارين ۽ مصر جا اعليٰ ترين نمونا پري کان ڏسڻ ۾ پئي آيا. رستو نهايت ئي سرسبز ۽ شاداب هو. ايترا ڪلوميٽر طئي ڪرڻ کان پوءِ ۽ ڪٽي کو ٽکرو خشڪ يا بنجر نه هو.ڪجهين جا وڻ ۽ هئا. ريل گاڏي سفر جي دوران ڪنهن ۽ نندي اسٽيشن تي نه رڪي پر اتان گذرندي اسٽيشن ضرور نظر آيا، جتي ماڻهن جي گهما گهمي ۽ هئي، مصري ۽ غير مصري ۽ نظر اچي رهيا هئا. هي گاڏي صرف قاهره کان شروع ٿي هئي ۽ لگسر اسٽيشن تي ٿوري دير رڪي ۽ اسوان تي اچي اختتام ڪيائين. صبح جو تقريباً 9 وڳي ويٽر اسان کي ناشتو ۽ ڏئي ويو. جنهن ۾ ڪروسينٽ، هڪ بن ۽ ڊبل روٽي، جا ۽ سلائيز ۽ هئا. مکڻ، ماکي ۽ چيز جا قسم ۽ شامل هئا. اولوز ۽ چانهن ۽ هئي. ناشتي کان فارغ ٿي اتي ئي هٽ ڏوتا، چاکاڻ ته واش بيسن اتي ئي لڳل هئي. جنهن سان گڏ صابڻ ۽ ٽوال ۽ هئا. يورپ وانگر ٽشو پيپر،

شيمپو، باڊي لوشن وغيره موجود نه هئا. باهران کيلن ۾ انبن جا وڻ نظر اچي رهيا هئا. ۾ پنهنجي ملڪ وانگر اسکوٽر جي پويان سامان کڻڻ وارا چڪڙا به لڳل هئا. جيڪي سامان کڻي هلي رهيا هئا. ٿوري دير ۾ مسافر سامان کڻي گهٽيءَ ۾ جمع ٿيڻ لڳا. 14-15 ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ گاڏي اسوان اسٽيشن تي اچي بيٺي ۽ ڏسندي خالي ٿي وئي. اسان به پنهنجو سامان کنيو، اسٽيشن تي قدم رکيو. گاڏي اسوان اسٽيشن تي پوري وقت تي پهتي هئي. يعني 30-12 تي، اسان جي گاڏي پليٽ فارم نمبر 2 تي بيٺي. اسان هيٺ لٿاسين، سامهون ڏاڪڻيون هيون، پوءِ انهن جي ٻئي پليٽ فارم تي پهتاسين. اتان ئي باهر وڃڻ جو رستو هو. باهر اچي ٽيڪسي ڪئي سين، چاڪاڻ ته هتي هوٽل وارن کان ٽيڪسي نه گهرائي ڇو ته اها مهنگي هئي ۽ هوٽل تائين پنڌ رستو صرف 10 منٽن جو هو. پهريائين جواڻي ۾ ته اهو پنڌ ڪري ويندا هئاسين، پر هاڻي اسان ٽيڪسي ڪئي. هتي ٽيڪسي ڊرائيور 30 پائونڊ گهريا. اسان ان کي 20 پائونڊ ڇيو. ڏڏل سبق ياد هو ته هتي سودي بازي ڪرڻ ضروري آهي. هون به ائين ڇيو ويندو آهي ته "جنهن سبق ياد ڪيو، ان کي موڪل نه ملي." ان جي لاءِ ماڻهو سبق ياد نه ڪندا آهن، پر هتي جيستائين سبق جي ڳالهه هئي ته ياد ڪرڻو هو. چاڪاڻ ته نه ڪبو ته پاڻ ئي کي نقصان ٿيندو. پر ڊرائيور 25 تي راضي ٿيو ۽ اسان به حامي ڀري ۽ ٽيڪسي ۾ ويهي رهياسين ۽ هن منٽن ۾ هوٽل پهچي وياسين. هوٽل ڏاڍي وڏي هئي ڇو ته اها اڄان هاڻي نئي ٺهي هئي. فائيو اسٽار شاندار هوٽل ويٽر اسان کي ڏسي فوراً ڊروڙندو آيو ۽ اسان کان سامان ورتائين. اسان ڪائونٽر تي وياسين، ڪمري جي چاهي ورتي ۽ سامان سيٽ ڪرڻ کان پوءِ منجهند جي مانيءَ جي تلاش ۾ هيٺ لهي آياسين. ان وقت منجهند ٻه (2) وڄي رهيا هئا. خبر پئي ته هوٽل ۾ ريسٽورينٽ آهي، اتي وياسين پر رش تمام گهڻ هئي ماڻهو اتي وينا هئا پر باهر گيلري ۾ ڏاڍي وڏي هئي، اتي به ڪرسيون لڳل هيون. رفيع ڇيو ته باهر ويهي نظارو به ڪيون ۽ ماني به کائي وٺون، پر باهر ويهڻ جي ڪري ايترو مزو نه پئي آيو. ڇو ته هوا ڏاڍي تيز هلي رهي هئي. ايتري قدر جو ٽيبل تي رکيل شيون به اڏامن پيون ۽ پوءِ اسان سوچيو ته هتي کاڏو کائڻ به مشڪل ٿي پوندو. ڪٽلري سنڀالينداسين يا ماني سنڀالينداسين، اها به اڏي سگهي پئي پوءِ واپس اندر ريسٽورينٽ ۾ اچي ماني کاڌيسين ڪمري ۾ واپس آرام جي نيت سان وياسين. چاڪاڻ ته ٿوري رات جي سفر جي ڪري ٿڪيل هئاسين.

شام جو هوٽل جي آڏو نيل ندي جي ڪناري هڪ ريسٽورينٽ هو. جتي لائيٽنگ به سٺي هئي، اتي اچي ويناسين ۽ اتي چپس ۽ ڪافي گهرائي سين. ڏاڍي سڪون واري جڳهه هئي. ندیءَ جي ڪناري ڪروز به اچن پيا. جتان

ماڻهو لهي هوٽل جي طرف وڃي رهيا هئا. ڇو ته نيل ندي ۾ مختلف شهرن مان ڪروز هلندا آهن جيڪي گهمائيندا ٻين ڪنارن تي ڪٽي ويندا آهن. انهن ۾ الڳ ڪمرا هوندا آهن. ڪجهه ماڻهو گهمي ڦري انهن ڪروزن ۾ اچي سمهندا آهن ۽ ڪجهه هوٽلن جي طرف روانا ٿي ويندا آهن. اهڙي طرح هي ڪروز مختلف شهرن ۾ منڊرن ۾ بيهندا ۽ اڳتي وڌندا آهن. اسان جتي ويٺا هئاسين ته انهيءَ پاسي به ڪروزن جون اسٽيشنون هيون. اتي نيل نديءَ جي ويجهو بنگلا به ٺهيل هئا. ڪافي پري باهر نڪري آياسين. اتان ڪافي فاصلي تائين نيل ندي جي ڪناري ڪارنيش ٺهيل هو. جتي هڪ به ڪلاڪ هوا خوري ڪري انهيءَ ريلوي اسٽيشن تي وياسين، جتي اسان لٽا هئاسين. ان سان گڏ بازار به هئي ڪجهه اتان جو چڪر لڳائي پوءِ رات جو کاڌو انهيءَ ريسٽورينٽ تي کاڌوسين جتي ڪافي پيتي هئي. اتي گلوڪار به ويٺا هئا. انهن جي موسيقي مان مزو وٺي هوٽل تي وڃڻ لاءِ اٿياسين ته رفيع چيو ته ٿورو پوري ريسٽورينٽ جو چڪر لڳائي ڏسون ته ڇا آهي؟ هلندي هلندي روڊ جي هيٺان هڪ رستو هوٽل جي طرف ويندي نظر آيو. ان رستي تان گذرياسين ته اهو ڏاڍو خوبصورت ٺهيل هو. پٽين تي فنڪارن جو فن به نظر اچي رهيو هو ۽ پوءِ ٻئي طرف اسان ڏٺو ته حيران ٿي وياسين ته اڙي هيءَ اسان هوٽل ۾ اچي وياسين. هوٽل مان جڏهن نڪتا هئاسين ته روڊ ڪراس ڪري ويا هئاسين هيءَ رستو ته ڏاڍو سولو هو. پوءِ اسان روزانو هن ئي رستي کان ايندا ويندا رهياسين.

صبح جو اٺيس ته ٿوري سستي سوار ٿي شيطان، ويجهو اچڻ جي ڪوشش ڪئي ته انهيءَ وقت نندڙ ۾ ئي علامہ اقبال جو شعر ياد اچي ويو:

کس قدر تم پہ گراں صبح کی بیداری ہے!
ہم سے کب پیار ہے، ہاں نیند تمہیں پیاری ہے۔

جنهن جو مقصد آهي ته

اي مسلمان، تون هاڻي صبح جي نماز پڙهڻ جي لاءِ صبح جي بيداري کي پنهنجي لاءِ هوجهه خيال ڪرين ٿو. توکي هاڻي اسان سان اهو پيار ناهي، جيڪو پهريائين هوندو هو. جيڪڏهن توکي واقعي به محبت هجي هان ته اسان جي عبادت تي صبح جي ملي ملي نندڙ کي ترجيح نه ڏين ها.

اهو سوچيندي جلدي اٿي پيس، فرض پورو ڪيو ۽ ناشتو ڪري پوءِ Helnan Palestine Hotel جنهن ۾ اسان رهيل هئاسين، هيٺ اچي وياسين. اتي Solo Back Pacher جي ڪمپنيءَ پاران گاڏي ڊرائيور گائيڊ ۽ ڪمپنيءَ جو مينيجر به گڏ هو. اسان جي ان سان ڳالهه ٿي هئي ته هو US 55 ڊالر وٺندو ۽ شهر جون سڀ اهم جڳهون گهمائيندو. مينيجر پلي ڪار ڪيو ۽ پورو سمجهائي

واپس هليو ويو. اسان 30-9 تي هوٽل مان نڪتاسين رستي تي گائيڊ پوري وضاحت ڪندو رهيو ته ڪهڙيون جڳهون آهن ۽ ان جي هسٽري چا آهي؟ رستي تي ريل گاڏيءَ جي اسٽيشن جي هسٽري ٻڌائيندو هليو. اهڙي طرح هلندي اچي پهريائين ڊيم تي پهتاسين.

اسوان ڊيم

اسوان ڊيم مصر جي شهر اسوان جي ويجهو درياهه نيل تي قائم هڪ عظيم ڊيم آهي. دراصل هي ٻه بند آهن جنهن ۾ هڪ جديد ۽ هڪ قديم. جديد بند کي عربي ۾ السد العالي، جڏهن ته انگريزي ۾ Aswan High Dam چوندا آهن قديم بند کي Aswan Low Dam چيو ويڳو ٿو. جديد ڊيم جي تعمير جو آغاز 1960ع ۾ ٿيو ۽ افتتاح 1970ع ۾ ٿيو.

قديم اسوان بند جي تعمير برطانوي دور ۾ ٿي، جيڪو 1899ع ۾ شروع ٿي 1902ع ۾ مڪمل ٿيو. هيءَ 1900 ميٽر طويل ۽ 54 ميٽر بلند هو. 1907ع کان 1912ع ورهي 1929ع کان 1933ع جي وچ ۾ ٻن مرحلن ۾ بند جي بلنديءَ ۾ اضافو ٿيو.

1946ع ۾ جڏهن هڪ دفعو ورهي بند ۾ پاڻي گهڙو ٿي ويو ته انهيءَ دفعي ٽيون پيرو بند کي بلند ڪرڻ جي بدلي ۾ نئين بند جي تعمير جو منصوبو ٺاهيو ويو. جنهن کي قديم بند کان 6 ڪلو ميٽر پري تعمير ڪيو ويو 1952ع ۾ جمال عبدالناصر جي دور حڪومت ۾ چيڪو سلوويڪيه سان خفيه عسڪري معاهدي ۽ عوامي جمهوريه چين کي تسليم ڪرڻ تي، آمريڪا ۽ برطانيا بند جي تعمير جي لاءِ 270 ملين ڊالر جو قرض ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جنهن تي جمال عبدالناصر نهر سوئيز کي قومي ملڪيت ۾ ورندي ان مان ٿيڻ واري آمدني مان بند جي تعمير جو اعلان ڪيو. ان فيصلي يورپ ۾ تڙٿلو مچائي ڇڏيو ۽ برطانيه ۽ فرانس جي مدد سان اسرائيل مصر تي حملو ڪري نهر سوئيز تي قبضو ڪري ورتو. هيءَ واقعو سوئيز بحران چورائي ٿو. اقوام متحده، روس ۽ آمريڪا مداخلت ڪندي قابض فوج کان مصر مان ٻاهر نڪرڻ جو مطالبو ڪيو، جنهن کي تسليم ڪيو ويو. سرد جنگ جي انهن ڏينهن ۾ سوويت يونين آفريڪا ۾ پنهنجي اثرات وڌائڻ جي لاءِ 1958ع ۾ مصر کي اسوان ڊيم جي تعمير ۾ تعاون جي پيشڪش ڪئي ۽ بطور تحفه ٽيون حصو لاڳت ۾ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ان کان علاوه ٽيڪنيڪل ماهر ۽ وزني مشنري به حاضر ڪئي 1960ع ۾ بند جي تعمير جو آغاز ڪيو ويو. بند 21 جولاءِ 1970ع ۾ مڪمل ٿيو.

هيءَ ڊيم صدر ناصر جي هدايت تي تعمير ڪيو ويو هو. جنهن جو مقصد

نيل جي پاڻيءَ تي آبپاشي جي لاءِ ڪنٽرول ۽ پن بجلي پيدا ڪرڻ هو. وڏندڙ آبادي سان گڏ نيل جي پاڻيءَ تي قابو پائڻ جي خواهش قابل فهم هئي. ان ۾ يقينن خرابيون هيون، هزارن ماڻهن کي اتان منتقل ڪرڻو پيو ۽ قديم يادگارن جي بهترين عمارتن کي ختم ڪري ڪين مٽاهين زمين تي وري پيو دفعو بيهاريو ويو.

ڊيم جي تعمير جو ڪم وسيع پيماني تي ڪيو ويو. هن کي ڪيئي دفعا "ناصر جو اهرام" ٻڌايو ويو هو. ۽ ان وقت بين الاقوامي مدد جي ضرورت هئي، جيڪا سوويت حڪومت حاضر ڪئي.

اتان پوءِ اسان ان خوبصورت ۽ ڊرامائي انداز واري عرب سوويت دوستي جي يادگار تي پهچي وياسين. هي هاڻي ڊيم جي بلڪل ويجهو هو ۽ هيءَ روس سان دوستيءَ جي اشاري طور تعمير ڪيو ويو هو. جنهن ڊيم جي منصوبي جي مالي مدد ڪئي هئي، هن تاور جي اونچائي 230 فٽ هئي ۽ اهو ڪنول جي گل وانگر ٺهيل هو جنهن ۾ 5 پنکڙيون آهن. هڪ رصدگاهه آهي، جيڪا اونچي ڊيم ۽ ڊنڊ ناصر جو عمدو نظارو پيش ڪري ٿي، اتي پهچڻ ۾ تقريباً 10 منٽ لڳي ويا ۽ اتي سهڻو منظر هو. ان منظر کي پنهنجي ڪيميرا ۾ بند ڪرڻ کان پوءِ لٽاسين ۽ ان يادگار جي اندرين نزاڪتن جو ويجهو کان ٻه جائزو ورتو. عربن ٻه دنيا کي ياد ڏيارڻ چاهيو ته جيڪڏهن ڪوئي دوست توهان کي مسترد ڪري ته توهان پاڻ مدد جي لاءِ نئين دوست کي راغب ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو ۽ اهڙي طرح اهو ٽيندو آهي ته ڪيترن ئي ڏاهڪن جا تعلقات ٻه بدلجي وڃن. پوءِ هيٺ اچي ٿوري دير بيهي رهياسين ته اتي ڪجهه چوڪريون نظر آيون جيڪي دف ڪٽي آيون هيون ۽ عربي زبان ۾ ڳائي رهيون، هيون سمجهه ۾ ته نه پيو اچي، پر وري ٻه ميوزڪ جي هڪ ئي زبان ٽيندي آهي، جنهن مان هر فرد سرور حاصل ڪندو آهي.

ايزيس جو مندر Temple of Isis at Philae

گاڏيءَ تقريباً 20 منٽ ڊيم کان فلائي مندر تائين اچڻ ۾ لڳايا. اسان اتي پهچي وياسين ۽ جيئن ئي اتي پهتاسين ته اتي ٻه ننڍا ننڍا دڪان موجود هئا ۽ ڪجهه ماڻهن فرش تي چادر وڇائي ان تي سامان سجايو هو ۽ هتي ٻه دڪاندارن جي حملو ڪندڙ ماڻهن، هوڪو ڏيڻ وارن ۽ غلط گائيڊز جي گهيري کان اسان نه بچي سگهياسين اهي اسان جي پويان پئجي ويا. پر اهي صرف اتي ئي هئا، مندر جي اندر اسان کي نه ملايا. اسان جو گائيڊ اسان کي ولي ٻيڙيءَ جي ويجهو آيو، جو ته اتي ٻيڙيءَ تي 4-5 منٽ جي سفر کان پوءِ اسان کي پهچائو ويو. ٻيڙيءَ جو ڪرايو گائيڊ ئي ڏنو. پوءِ ٻيڙيءَ مان لٽاسين ته اهو مندر اسان جي بلڪل

سامهون هو. پر پيڙيءَ ۾ وينا هئاسين تہ هڪ رعبدار مندر محسوس ٿيو.

يوناني زبان ۾ Philae يا قديم مصر ۾ Pilak جنهن جو مطلب آهي "اختتام". مطلب تہ مصر جي جنوبي حد جي تعريف ڪئي وئي آهي. هن جو آغاز Ptolemy 11 ڪيو هو. جيڪو اصل ۾ يوناني هو. سڪندر جي هڪ جرنيل جي اولاد مان هو. پوءِ رومن شهنشاهن ان کي مڪمل ڪيو. پٽيلمي ٻيو هيءَ مندر آئيسس ISIS ، اوزيرس ۽ هورس جي لاءِ وقف ڪيو هو.

هي مندر اوزيرس جي زال ۽ هورس جي والده ايزيس ديويءَ کي ڏنو ويو. هي ٿئي ڪردار قديم مصري ثقافت تي حاوي آهن. ايزيس ابتدا ۾ هڪ غير واضح ديوي هئي. جنهن وٽ پنهنجي وقف ڪيل مندرن جي گهٽتائي هئي پر آهستي آهستي ان جي حيثيت وڌندي وئي ۽ هيءَ قديم سلطنت مصر جي اهم ديوتائن ۾ شامل ٿيڻ لڳي. ان کان پوءِ هوءَ رومي سلطنت ۾ بہ مشهور ٿي وئي هُنَ جادوئي طبيب جي حيثيت سان بيمارن جو علاج ڪيو ۽ مُئن کي زندهہ ڪيو ۽ ماءُ جي حيثيت سان اها سڀني خواتين جي لاءِ هڪ رول ماڊل هئي. هيءَ زمين جي ديوتا ۽ آسماني نٽ جي ڌيءَ هئي ۽ اوزيرس سيت ۽ نفتيس ديوتائن جي پيڙ هئي. هيءَ هڪ سٺي ملڪ بہ هئي. جنهن پنهنجي مڙس جي هميشہ حمايت ڪئي.

انهن ديوتائن جو قصو ائين بيان ڪيو ويندو آهي تہ را (Ra) کي ماٺهو سج جو ديوتا ۽ زمين جو پهريون حڪمران مڃيندا هئا. را جي پيشن گوئي جي مطابق ديوي نٽ (Nut) سان گڏ ان جو پٽ ان جو جانشين ٿيندو. پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪندي را بد دعا ڪئي تہ نٽ سال جي ڪنهن بہ ڏينهن ٻار کي جنم ڏيڻ جي قابل نہ رهي. پڳل دل سان گڏ نٽ مدد جي لاءِ حڪمت جي ديوتا ٿوٿ (Thoth) وٽ وئي. ان نٽ ديويءَ کي يقين ڏياريو ۽ چيائين تہ تو کي فڪر ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت ناهي ٿوٿ ديوتا چاند ديوتا خنسو (Khansu) چيڪرس کي مقابلي جي لاءِ للڪاريو ڪينسو ديوتا ان چيلينج کي قبول ڪيو ۽ مقابلو شروع ڪري ڇڏيائون جيڪو ٿوٿ کٽي ويو ۽ چاند ديوتا آهستي آهستي پنهنجي روشني وڃائيندو رهيو. ٿوٿ ديوتا سال جي آغاز ۽ اختتام جي وچ ۾ پنج ڏينهن جي روشني کٽي ويو ۽ انهن ڏينهن ۾ ديوي اوزيرس (Osiris) کي جنم ڏنو. آکاٿيءَ جي مطابق را ديوتا پوڙهو ٿي ويو ۽ زمين کي ڇڏي آسمانن جو حڪمران بڻجي ويو. را ديوتا جي پيشن گوئي جي مطابق اوزيرس را ديوتا جو جانشين بنجي ويو. حڪمراني جي ابتدائي مرحلن جي دوران هُنَ ماٺهن کي وحشي رويي ۾ مبتلا ڏٺو. مسلسل جهگڙن ۾ مصروف ۽ آدم خوري تي مائل ڏٺو جنهن ڪري هو ڏاڍو پريشان ٿيو. هُنَ ماٺهن کي مهذب بنائڻ جي ڪوشش

ڪئي. هُنَ ماڻهن کي ڪٽڪ ۾ جون جي ڪاشتڪاري جي تعليم ڏني ۽ ماڻهن کي اناج پيهڻ ۽ ماني پچائڻ سيکاريائين. تهذيب جا بنيادي قوانين، شاعري ۽ موسيقي جي فن کان به واقف ڪرايو. اوزيرس جي مقبوليت جي ڪري ان جو ڀاءُ سيت (Seth) ان کان سڙڻ لڳو. هو برائي جو ديوتا هو. اوزيرس پنهنجي قوم کي مهذب بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. جنهن کان پوءِ هو سڄي دنيا ۾ پنهنجي حڪومت ۽ دانائي ڦهلائڻ جي غرض سان ڊگهي سفر تي روانو ٿي ويو. اوزيرس ديوتا دنيا جي سفر مان واپسي تي ازيس (Isis) سان گڏ محبت ۾ گرفتار ٿي ويو. ست به ايزيس کي پسند ڪندو هو. پر ازيس اوزيرس سان محبت ڪندي هئي. ست اوزيرس کي هلاڪ ڪرڻ جي منصوبه بندي ڪئي. هوشياري ڪري سِت پٽر مان ٺهيل هڪ وڏو تابوت آندو ۽ پنهنجي ياءُ کي چيو ته ان ۾ ليٽي ڏاءُ ته هي، فٽ ٿئي ٿو يا نه؟ جيئن ئي اوزيرس تابوت ۾ ليٽيو ته ان پٽر جو وزني ڍڪ بند ڪرائي ڇڏيو. ان کان پوءِ پنهنجي ماڻهن جي مدد سان سِت اهو تابوت دريا نيل ۾ اڇلائي ڇڏيو. ازيس اوزيرس کي ڳاڏو تلاش ڪرايو. پر اهو نه ملي سگهيو آخرڪار پنهنجي جادو جو استعمال ڪيائين ۽ اوزيرس جو تابوت موجوده دور جي ملڪ لبنان ۾ دريافت ڪيو. ماڻهو اوزيرس جو تابوت واپس کڻي آيا ۽ ان کي کولي ڇڏيو. سڀ حيران هئا ته اوزيرس اڃا به زنده هو. اهو ڏسي ازيس جذبات ۾ اچي روئڻ لڳي. اوزيرس ازيس کي شاديءَ جي درخواست ڪئي ۽ ان اها قبول ڪئي پوءِ ٻنهي شادي ڪري ڇڏي. ٻئي ڏينهن ست کي پتو پيو اوزيرس زنده آهي ۽ ان ازيس سان شادي ٻه ڪري ڇڏي . اهڙي طرح ست ان کي ماري 14 حصن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو. هڪ هڪ ٽڪڙو سلطنت جي 13 شهرن ۾ ۽ هڪ ٽڪڙو درياهه نيل ۾ اڇلائي ڇڏيو. نون مهينن کان پوءِ ازيس هڪ خوبصورت چوڪري هورس (Horus) کي جنم ڏنو. ڪجهه مهينن کان پوءِ ازيس هورس کي ديوتا ڪوبرا جي نگراني ۾ ڇڏي، پنهنجي مڙس جا سڀ ٽڪرا تلاش ڪرڻ لاءِ نڪتي، آهستي آهستي سڀ ٽڪرا ملي ويا. پر هڪ ٽڪڙو جيڪو درياهه نيل ۾ اڇليو ويو، اهو نه مليو ان ٽڪري کي مڇيون کائي ويون. ازيرس پنهنجي جادو جي مدد سان اوزيرس کي ٻيو دفعو زندهه ڪيو پر هڪ ٽڪڙي جي غير موجودگي جي ڪري هو ٻيو دفعو پيءُ بڻجڻ جي لائق نه رهيو. چيو وڃي ٿو ته ان هورس پنهنجي ننڍپڻ ۾ پنهنجي ماءُ کان پوري آڪاڻي ٻڌي هئي جڏهن هورس جوان ٿيو ته پنهنجي پيءُ جو بدلو وٺڻ جي نيت سان ڪيترن جڳهين تي پنهنجي چاچا سان جنگ ڪئي ان کي ماري ڇڏيائين بدقسمتي سان اهو ان جنگ جي دوران هڪ اک کان محروم ٿي ويو توهان پوري مصر ۾ هر مندر ۾ انهيءَ کي ڏسي سگهو ٿا ان جي تصويرن ۾

توهان کي هڪ اک ٿي نظر ايندي. ان اک کي تحفظ جي اک ۽ تصور ڪيو ويندو آهي. هورس سج، جنگ ۽ تحفظ جو ديوتا پڻجي ويو. اڄ جي دور ۾ مصر ۾ جڏهن هڪ مڙس سلو نه هجي يا ان جي زال ناراض ٿئي تہ هو ان کي ست چئي سڏيندي آهي. ازيس قديم دنيا جي تمام گهٽي اهر شخصيت هئي. هو آخري رسمن سان جڙيل هئي. پر ازيس جي حيثيت سان جنهن اوزيرس کي زندهہ ڪيو ۽ جادوگرني کي جنم ڏنو. اها ۽ زندگي ڏيڻ واري بادشاهن جي شفا بخش ۽ محافظ پڻجي وئي اها "خدا جي ماءُ" جي نالي سان مشهور آهي.

پوري مصر ۾ هڪ حسين ترين مندر اسوان ڊيم جي بلڪل ڏکڻ ۾ اگليڪا (Aglika) جزيري تي واقع آهي. جنهن کي هيرو گليفڪ (Apo-Hieroglyphic) چيو وڃي ٿو. جنهن جو مطلب آهي هاڻي جا ڏند. هي جزيرو اسوان کان 2 ڪلو ميٽر ڏکڻ ۾ واقع آهي. هيءَ اصل ۾ مٿانهين مصر ۾ نيل جي وسيع پيماني تي اڳ ۾ موتيا جي ويجهو واقع هو پوءِ بعد ۾ اگليڪا جزيري ۾ منتقل ڪيو ويو. ڇو تہ اسوان ۾ وڏندڙ پاڻي جي ڪري ان کي خطرو هو. جنهن جي ڪري حڪومت ان کي منتقل ڪيو. هن مندر جي تعمير تقريباً 690ع ۾ مڪمل ٿي هئي. تنهن ڪري هيءَ قديم مندرن ۾ آخري سمجهيو وڃي ٿو. جيڪو مصري طرز جي ڪلاسيڪل انداز ۾ تعمير ڪيو ويو هو.

مصري ۽ نوبيائي باشندا هن کي تمام گهٽو مقدس هيڪل سمجهندا هئا ۽ اها ۽ روايت آهي تہ هتي خدا اوزيرس کي دفن ڪيو ويو هو. جتي هيءَ هيڪل بيٺل آهي اتي صرف پادرين کي رهڻ جي اجازت هئي. ايستائين مڇي ۽ ٻيا آبي جانور ۽ جزيري جي ڪناري ڪڏهن ۽ نہ پهچندا هئا. ازيس جو مذهب هتي گهٽ ۾ گهٽ 550ع تائين جاري رهيو. هيءَ حيرت انگيز مندر 1980ع ۾ ٻيو دفعو کوليو ويو. هيءَ فلائي جزيرو صرف پرجوش ٽڪاڻو نہ هو. پر ميري Meroe ممفس Memphis جي درميان تجارت جو مرڪز ۽ هو.

اسان پهريائين قديم آرائشي هيڪل مندر ۾ هڪ دروازي کان داخل ٿياسين. هڪ بند اگڻ هو. ان جي مغرب ۾ هڪ برٽ هائوس جي نالي سان عمارت هئي. جيڪا پنهنجي پٽ هورس جي پيدائش جي اعزاز ۾ هاٿورا ۽ ايزيس جي لاءِ مخصوص ڪئي وئي هئي.

ٻئي حصي ۾ هڪ عمدو دروازو هو. جيڪو 32 ميٽر ويڪرو ۽ 19 ميٽر بلند هو. جنهن ۾ داخل ٿياسين تہ اهو هڪ هائپو استائل Hypostyle هال هو. جنهن ۾ شاندار ڪالم ٺهيل هئا. اتي هڪ ننڍو عيسائي گرجا گهر ۽ هو. جنهن ۾ صدين پراڻي تصويري تحرير Hierogtyph ۾ مڪمل ڪئي وئي هئي ۽ مصري ديوتائن جون تصويرون تقريباً خراب ٿي چڪيون هيون. هتان اندروني حصي ۾

وڃڻ جو رستو هو. جتي قبطي (Crosses) ۽ يوناني تحريرون هيون. جيڪي بشپ ٿيوڊور (Theodore) ۽ بازنطيني دور ۾ هيڪل کي عيسائي مذهب ۾ تبديل ڪرڻ جو انڪشاف ڪن ٿيون. دروازي جي مٿان تحريري سند آهي جيڪا آثار قديمه جي يادگار آهي، جيڪو دروازو 1841ع ۾ فلائي کي موڪليو ويو هو.

دروازي کان مٿي ڏکڻ واري پٽ تي مٿيون رليف (Releif) ڏيکاريو ويو آهي ته هورس وڃ ۾ ويٺو آهي جنهن ۾ نفٿس ۽ ازيس هيئين ۽ مٿاهين مصر جو تاج پيش ڪري رهيو آهي.

دروازي جي ساڃي پاسي اڌ اوبلسڪز Obelisks موجود آهي، جنهن ۾ بادشاهه کي (مالي مدد) ڏيندي ڏيکاريو ويو آهي. اهڙي طرح هڪ پٽ تي ايزيس، هورس ۽ Ptolemy ii جا بت ٺاهيا ويا آهن. هي جڳهه تي صرف هورس جو بت آهي، هڪ جڳهه تي صرف ايزيس جو بت هو. لهذا جڏهن توهان مصر جي ڪنهن به مندر ۾ وڃون ٿا ته ان ۾ ٽن شين کي ظاهر ڪرڻو هوندو آهي ديوتا، چتيون، ٽنيا ۽ آخر ۾ هائرو گليفڪس Hieroglyphics جي پينٽنگزجي ذريعي ڪهاڻيون جيڪي نقش ۽ نگار جي ذريعي ديوتائن ۽ بادشاهن جون ٻڌايون ويون آهن. آڪاڻيون هيون پر افسوس ٿي رهيو هو جو گهٽو ڪري پينٽنگز هاڻي صحيح حالت ۾ موجود نه هيون. ٽراجن ڪاڪيوسڪ Kakiosk of Traijan اتي هڪ مسلط عمارت آهي اها رومن شهنشاهن تعمير ڪرائي هئي، هيءَ ان جي آخري ڄانچي مان هڪ هو. جيڪو مصري طرز ۾ تعمير ڪيو ويو آهي. جيڪو قديم ديوتائن اوزيرس، هورس ۽ ازيس جي تعظيم ڪرڻ جي لاءِ ٺهرائي ويو هو. ان جي پويان وڃي ڏٺو ته نديءَ جو شاندار مندر هو.

نيل ميوزيم اسوان

هيءَ ميوزيم هن مندر جي ڪاڦي ويجهو هو. پهريائين ڊرائيور گاڏيءَ ۾ ويٺي ئي اسوان يونيورسٽيءَ جو سير ڪرايو ۽ پوءِ انهيءَ ميوزيم وٽ آيو. گاڏي روڪيائين اتي بين الاقوامي جهنڊا ڪافي تعداد ۾ لهرائي رهيا هئا. آهستي آهستي مٿي وڃڻ شروع ڪيوسين، چو ته هيءَ ميوزيم هڪ جبل تي ٺاهيو ويوهو. ان عمارت جي چٽني طرفن کان قدرتي نباتاتي باغ هو جنهن ۾ مصري ٻوٽن جو هڪڙو وڏي تعداد موجود هئو. هيءَ هڪ آثار قديمه جو ميوزيم هو. جيڪو ايوان بالائي مصر ۾ واقع آهي ان کي معمار معموالحڪيم تعمير ڪرايو هو. جنهن جي تخمينه لاڳت تقريباً 22 ملين هئي. هي نيوبن ثقافت ۽ تهذيب جي لاءِ وقف آهي. ان جو افتتاح 23 نومبر 1979ع تي وزيراعظم شريف اسماعيل ڪيو هو. هن تقريب ۾ وزير آبپاشي کان پوءِ عرب، آفريڪي ۽ يورپي

سفيرن بہ شرڪت ڪئي هئي.

هيءَ ميوزيم 50,000 مربع ميٽر زمين مٿان ٺهي منزلہ عمارت تي مشتمل آهي، جنهن مان 7,000 هزار ميٽر عمارت سان وابستا آهي جڏهن تہ باقي باغن ۽ پيا عوامي مقامن جي لاءِ وقف آهي. ان ۾ نوادرات جي نمائش ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ درياهہ نيل جي تاريخ ۽ عثماني حڪمرانن کان پوءِ درياهہ جي منصوبن جي تاريخ ۽ آبپاشي ٽيڪنڪ جي نشاندهي ڪندڙ تصويرن سان ۾ ٻڌايو ويو آهي. عمارت ۾ لائبريري ۽ انفارميشن سينٽر کان علاوه نمائش ۽ رهائش جي لاءِ بہ بندوبست ڪيو ويو آهي. ميوزيم جي سڀ کان وڏي حصي تي يادگار ٽڪرن جو قبضو آهي جيڪي نوبيا جي ثقافت ۽ تهذيب جي ترقي جي مرحلن جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪي مختلف دورن جي نمائندگي ڪن ٿا. جنهن ۾ فرعون، قبطي، اسلامي ۽ نوبيا ن دور اسوان جي تاريخ جي عڪاسي ڪن ٿا.

هيءَ هڪ دلچسپ تجربو هو. هيءَ نئون ميوزيم هو، جنهن ۾ نيل ۽ ان جي ڊيمن جون متعلق شيون ۽ سامان ڊيڪاريو ويو هو. ان ۾ هڪ زنده ميوزيم سان گڏ اڪيورم بہ موجود هو. ان جو بنيادي مقصد بہ درياهہ نيل عام طور تي ۽ خاص طور تي مصر سان وابستا شين، صنعتن ۽ ان سان متعلق عمارتن جو ذڪر آهي. ان جي چئني طرفن کان مناظر جا ميدان هئا. ميوزيم 2001ع فن تعمير جي ڪري ۾ آغا خان ايوارڊ ڪٽڻ وارن ۾ شامل آهي.

هن ۾ پراڻي پٽر جي دور کان وٺي موجود دور تائين نيوبين تهذيب جي تاريخ کي عمده نمائش سان گڏ بيان ڪيو ويو آهي. هڪ ننڍي ميوزيم کي نهايت اهتمام سان سينگاريو ويو آهي. دروازي تي پاڻيءَ جا چشما، جن کي D-3 ۾ ڊيڪاريو ويو آهي، جنهن ۾ اهي سڀ ملڪ ڊيڪاريا ويا آهن جنهن ۾ نيل وهندو آهي.

اسان گائيڊ کان پڇيو تہ هتي هنن جي ڪا ثقافتي مشهور شيءَ آهي تہ اها بہ ڊيڪاري ڇڏ. اسان ان کي چيو تہ جينز ڊريسز، جولري، يا ڊيڪوريشن پيسز وغيره. انهيءَ اچي مارڪيٽ ۾ هڪ جولريءَ جي دڪان تي ٻيهاريو، پر اها ڪا خاص نہ هئي اسان کي نہ وٽي. چاڪاڻ تہ اها 14 ۽ 18 ڪريٽن واري هئي جيڪا اسان جي پاڪستان جي لحاظ کان صحيح نہ هئي. چو تہ گرميءَ جي ڪري جڏهن پگهر نڪري ٿو تہ اهو ان کي جلدي ئي ڪارو ڪري ڇڏيندي آهي. پوءِ آغا خان جي مقبري وٽ وئي آيو، پر اتي اندر وڃڻ نہ ٻيا ڏين ڇو تہ اتي فوجي چوڪي هئي، اسان ڊرائيور کان پڇيو تہ هتان اسان فوٽوگرافي ڪري سگهون ٿا. تہ ان گاڏي روڪي پر جينز ئي اسان فوٽو ڪڍيو تہ سپاهي اچي ويو ۽ پنهنجي زبان ۾ ڊرائيور ڏڪا ڏيڻ شروع ڪيائين. ان کي چڏي ئي

نہ پيو پوءِ رفيع انهيءَ جي ويجهو ويو ۽ چيو تہ ٺيڪ آهي. مان هن تصوير کي توهان جي سامهون ڊليٽ ڪيان ٿو. پوءِ جڏهن فوٽو ڊليٽ ڪيائين تہ پوءِ انهيءَ کي ڇڏيائين. اتي شايد فوٽوڪيڊ جي اجازت نہ هئي.

نامڪمل ٽنبي

اتان جان ڇڏائڻ کان پوءِ اسان نامڪمل ستون جي طرف آياسين. هيءَ به هڪ جبل تي هو ۽ ڪافي اونچائي تي هو. جڏهن اسان ڏاڪڻيون چڙهي مٿي پهتاسين تہ هر طرف پٿر ئي پٿر پيا هئا. هيءَ هڪ قديم تاريخي مقام آهي، جنهن جي باقاعدگيءَ سان حفاظت ڪن ٿا. اتي هڪ ڏگهو سنهو Obelisk پيل هو. جيڪو هتي يادگار جي طور بيان ڪيو ويو آهي. جنهن جي چئني طرف مٿيان وارا مني اهرام جي شڪل ۾ تبديل ٿين ٿا. جيتوڻيڪ هيءَ ٽيڪنڪي طور تي يوناني نوعيت جو فن تعمير آهي پر اسوان ۾ هن نامڪمل ٽنبي جي تمام گهڻي اهميت آهي. هن جي تعمير ٿٽموز Thutmose پئي جي ملڪ هت شي پشت Hatshipsuit ڪرائي، جنهن 1478 کان 1458 قبل مسيح تائين مصر تي هڪ فرعون جي حيثيت سان حڪمراني ڪئي هئي ۽ اها ٿٽموز سوم Thutmose سان گڏ مشترڪ طور تي هئي، جيڪو ان وقت هڪ ٻار هو. هيءَ ٽنبي ليٽرن اوبليڪ جي مٿان کان پوءِ تعمير ڪيو ويو هو. جيڪو ابتدا ۾ مصر ۾ ڪرناڪ مندر جي ڪمپليڪس ۾ تعمير ڪيو ويو هو ۽ پوءِ ان کي رومي سلطنت جي اختتام جي ويجهو روم جي ايٽران چوڪ ۾ منتقل ڪيو ويو هو.

هيءَ نامڪمل ٽنبي ائين لڳي پيو جيئن ڪو هڪ ننڍو ديو سنگ خارا (نيرو پٿر) جي هنڌ تي ليٽيو پيو آهي. اهو ڏاڍو حيرت انگيز نظر اچي رهيو هو. ان جي پيمائش تقريباً 137 فٽ (42 ميٽر) ٿئي ها. جيڪڏهن هيءَ مڪمل ٿئي هان. ان جو تخمينو اندازن 1,200 ٽن ٿئي ها. جو آفريڪي 200 هاٿين جي برابر هجي ها قديم مصري ان چار رخيا ٿلهي ۽ سنهڙي پچ واري يادگار کي ٽيکهنو (Tekhneu) چوندا هئا. پر هاڻي ان کي Obelisk جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

هيءَ لفظ يوناني لفظ Obeliskas مان ورتل آهي، عام طور تي مندرن جي داخلي رستن تي رکڻ وارو هيءَ قديم مصري هنرمندي ۽ انجنيئرنگ جي خاصيتن مان آهي.

اوبليسڪ جي تخليق ڪارن ان کي براهہ راست بيڊ روڪ Bed rock سان گهڙڻ شروع ڪيو هو. پر گرينائٽ ۾ شگاف نمودار ٿي ويا ۽ اهڙي طرح اهو منصوبو اڌورو رهجي ويو. نامڪمل ٽنبي قديم مصري پٿر جي ڪم ڪرڻ جي

ٽيڪنڪ جي باري ۾ غير معمولي دانائي پيش ڪري ٿو. جنهن ۾ ڪارڪنن جي چيٽي جا نشان ايڏا تائين به واضح طور تي نظر اچي رهيا هئا. هلڪي بادامي رنگ جون لڪيرون جتي هو ڪم ڪندا هئا ۽ جيڪي نشان لڳائيندا هئا، اهي به ڏسڻ ۾ آيا.

2005ع ۾ جڏهن اسوان جي کوٽائي ڪئي وئي هئي ته ٽنب مليا هئا. ان کان علاوه ڪجهه وڏن ۽ ويڪرن پٿرن جي نقاشي ۽ باقيات به دريافت ٿيون هيون، جيڪي هن جڳهه سان مشابهت رکن ٿيون، جتي گهٽو ڪري مشهور ٽنبن جو ڪم ڪيو ويو هو. هي هڪ آزاد ميوزيم وانگر آهي، جنهن کي مصري حڪومت ان آثار قديمه جي حيثيت سان سرڪاري طور تي محفوظ ڪيو ويو آهي.

جيئن ته اسوان قديم مصر جي بهترين گرينائٽ جو ذريعو هو، جنهن مان مجسما، مندر، اهرام، ۽ ٽنبا ٺاهيا ويندا هئا. هي ٽنب به نهي وڃي ها ته مصر جو واحد وڏو ٽنب هجي ها. هن جڳهه تي ان کان علاوه ٻيا به پٿر پيا هئا. ڪنهن جي ڪٽائي گول ٽيل هئي ڪي ڍڳهائي ۾ ڪٽيل هئا. گهٽا سياح اتي موجود هئا. ان وقت منجهند جو وقت هو ۽ گرمي به هئي. اسان پوءِ اتان واپس هيٽ لٽاسين. اتي ماڻهو هن ميوزيم کي ڏسي ايترو مطمئن نظر نه پيا اچن، پر مان تاريخ کي گهٽو پسند ڪندي آهيان ان جي ڪري مون کي ته ڏاڍو مزو آيو. زندهه قومون به پنهنجي تاريخ جي حفاظت ڪنديون آهن. ان ۾ بلاشبه عظمت جو راز لڪيل آهي ته هڪ قوم پنهنجي ماضيءَ کي پنهنجي حال سان ڳنڊيل رکي ۽ تاريخي زنجير جي هر ڪڙي رشتي کي هر دور ۾ جوڙيندي وڃي. مون ان جو مظاهرو مصر جي قومي ڏينهن ۾ هيءَ به حقيقت هئي ته ڏاڪڻيون گهٽيون هٿ جي ڪري ٽڪائڻ وارو سفر هو. پر هيءَ ميوزيم به دلچسپي کان خالي نه هو. ان طرح تقريباً 3 وڳي واپسي ٿي، ٽڪاوٽ جي ڪري ٻاهر ڪنهن ريسٽورينٽ تي نه وياسين ۽ منجهند جي ماني پنهنجي هوٽل تي ئي کائي ڇڏي.

اسوان بازار

شام جو وري هوا خوري جو شوق ٿيو. هوٽل مان نڪري انهيءَ ريسٽورينٽ تي وياسين، جتي اسان پهرئين ڏينهن ويهي کائي پيتي هئي. اهو ئي رستو ورتو جيڪو هوٽل مان اندران رود جي هيلنان انهيءَ جڳهه تي وڃي پيو. پوءِ اتي کائي پي پنهنجي پروگرام جي تحت رستي تي نڪتاسين ۽ اتان نيل نديءَ جي ڪناري تي هلندا رهياسين. اهڙي طرح هلندي هلندي اسان بازار جي ويجهو پهچي وياسين. بازار کان پهريائين اهائي ريلوي اسٽيشن هئي، جنهن جو

ذکر مان اڳ ۾ بہ ڪري چڪي آهيان اسٽيشن کان پوءِ هڪدم بازار شروع ٿي وئي. اتي اسان کي اهو ئي ٽيڪسي ڊرائيور مليو جنهن اسان کي پهرئين ڏينهن اسٽيشن تان هوٽل پهچايو هو. ڊوڙندو ائين اچي اسان سان مليو. جڏ تہ اسان جو پراڻو واقف يا مائٽ هجي. پوءِ اسان کي چيائين تہ توهان کي ڪاڏي هلڻو هجي تہ وٺي هلان. اسان ان کي جواب ڏنو تہ اسان کي بازار جو چڪر لڳائڻو آهي. هيءَ بازار خان الخليل وانگر وڏي نہ هئي. پر اتي بہ ڪافي رونق هئي. سياح ايترا نہ هئا پر اتان جا مقامي ماڻهو ڪوڙ هئا. جيڪي خريداري ڪرڻ ۾ ريسٽورينٽ تي ڪاڏي ڪائڻ لاءِ اچي رهيا هئا. هتان جي دڪاندارن اسان کي پريشان نہ ڪيو. پر هو وڌيڪ نرم مزاج هئا. پر وري هتي بہ بارگيننگ هلي رهي هئي. هتي اصل مصرين لاءِ گهٽيون شيون هيون. خاص طور تي مسالن ۾ جڙي ٻوٽين جا وڏيون دڪان هيا. هتي ڪجهہ مقامي ماڻهن جي ذائقي جي مطابق ننڍيون وڏيون ريسٽورينٽ بہ هيون ۾ مڇي فراءِ بہ ٿي رهي هئي. ڪافي آواراگرديءَ کان لطف اندوز ٿيڻ کان پوءِ پيزا جي ريسٽورينٽ تي نظر پئي ان ۾ گهڙي پياسين. هتي پيزا ڪائڻ ۾ بہ ڪا پريشاني نہ هئي ڇو تہ مسلم ملڪ هڻڻ جي ڪري حرام گوشت جو ڪوئي خطرو نہ هو. اسان ميڊيم پيزا جو آرڊر ڏنو ۾ مينگو شيڪ گهرائي. اسان گهٽو ڪري انهيءَ موسم ۾ پاڪستان کي چڏي ايندا آهيون. جڏهن انبن جي موسم زورن تي هوندي آهي ۽ ٻين ملڪن ۾ حسرت پوري ڪرڻ لاءِ انبن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. ٿوري دير ۾ پيزا اچي ويو. اسان پيزا ڏسي سوچيو تہ اسان آرڊر تہ ميڊيم پيزا جو ڏنو هو ۽ هيءَ فل سائيز جو پيزا ڪٿان اچي ويو؟ پر پوءِ ٻين جا آرڊر ايندا ويا تہ خبر پئي اڙي اسان تہ عربن جي ملڪ ۾ آهيون. هتي شايد ميڊيم پيزا ايترو ئي ٿئي ٿو. اسان مشڪل سان اڌ پيزا کائي سگهياسين. پوءِ ٿوري دير ۾ ملڪ شيڪ بہ اچي ويو ان کي ڏسي اسان وڏي سوچ ۾ پئجي وياسين تہ ان کي پيٽ گهرجي يا نہ؟ ڇو تہ ان جي ڊزائينگ ايتري خوبصورت هئي جو ان کي خراب ڪرڻ تي دل ئي نہ پئي ٿي. پر اُڄ بہ ڏاڍي لڳي هئي ڇو تہ ايترو پنڌ جو ڪري آيا هئاسين. پوءِ ان کي پيٽ ٿي پيو. اهو پي پوءِ بل ادا ڪيو ۽ پوءِ جڏهن واپس ٽياسين تہ انهيءَ وقت شهر جون بتيون بہ فل روشن ٿي ويون هيون ۽ اهو ٿي واپسيءَ جو رستو نيل ندي جي ڪناري، جنهن ۾ Nubian جي مقبرن جو عڪس ايترو حسين لڳي رهيو هو. جيڪي نيل جي ٻئي پاسي واري ڪناري تي هئا سي ڏسندا، جيئن هلندا رهياسين تہ نيل نديءَ ۾ ڪٿي ميني فيريون بہ اسان سان گڏ آهستي آهستي هلي رهيون هيون. انهن جي لائيٽ ۾ گهرن، بلڊنگن جي هرندڙ لائيٽ، انهن سيني جي جهرمر نديءَ ۾ نظر اچي رهي

هئي. جيڪو گھٽو دل کي موھڻ وارو منظر ھو. پوءِ چنڊ جي روشنيءَ جو اولڙو ب پاڻيءَ ۾ نظر اچي ٿيو. ان وقت نندپڻ جو مضمون جيڪي 9 & 10 جي سنڈيءَ جي پيپر ۾ ايندو ھو. "چانڊوڪي رات ۾ درياھ جو سير،" دل چوي پئي ت جيڪڏھن ھاڻي اسان ننڍيا ھجون ھان ت ھي مضمون کيڏو سٺو لکي سگھون ھا. اھڙي طرح جيڪڏھن نندپڻ جي ھڪ ب ڳالھ ياد اچي وڃي ٿي ت پوءِ نندپڻ جون سيڻي حرڪتون ھڪ زنجير وانگر اکين جي سامھون گردش ڪرڻ لڳنديون آھن. اھو زمانو ب ياد آيو جڏھن اسان جو چاچو اسان کي عيد تي ڳوٺ ۾ گھرائيندو ھو ۽ اسان اگڻ ۾ ڪٽ تي سھمندا ھئاسين رات جو صرف آسمان ۾ پيا تڪيندا رھندا ھئاسين ۽ چنڊ ۽ تارن جي روشنيءَ جي جھرمر کي. وري چاچا صبح جو جلدي اٺارينديو ھو. ھلو توھان کي مان زمينن تي وٺي ھلان ۽ اسان سپ سوڻ وڃڻ تي راضي ٿي ويندا ھئاسين ۽ جيئن ئي زمين تي پھچندا ھئاسين ت سپ ٻار ڏکڻ شروع ڪندا ھئاسين. ڇو ت اتي واٽر ڪورس جي مٽان جھولا لڳل ھوندا ھئا. جن لاءِ ھر ڪنھن جي ڪوشش ھوندي ھئي ت اسان وڃي ويھون. پوءِ ڪنھن جھولي تي ڪو اڪيلو ويھڻ پسند ڪندو ھو ت ڪنھن جھولي تي ب ٽي ڇڪا ملي ويھندا ھئاسين. سامھون ھلندڙ ڇيڇڙو ب ڏسندا رھندا ھئاسين جنھن ۾ جانور ھڏل ھوندو ھو ۽ ان جي اکين تي پٽي ھڏل ھوندي ھئي، جيڪو گول گول ڦرندو ھو. ھڪ ڪڙمي ھڪ طرف ان ۾ ڪمند وجھندو ھو ۽ ٻئي پاسي ڳني جي رس نڪرندي ھئي، جنھن کي اسان گلاس ۾ وجھي پيئندا ھئاسين. رس کي پچايو ويندو ھو، جنھن مان ڳڙ ٺھندو ھو ۽ پوءِ ديسي ڪنڊ ناھي ويندي ھئي. ڪنھن وقت پينگھي مان ٽپو ڏئي زمين ۾ لڳل گجر، موري، ۽ گوگڙو ڪيڏي واٽر ڪورس ۾ ڏوڻي ڏنڊن ۽ ھٿن سان چلي تازا تازا ڪائيندا ھئاسين. جن جو ذائقو اڄان تائين نٿو وسري. بابا ۽ چاچا جو ساٿ ھو ۽ امان ۽ چاچي ب زنده ھوندين ھيون. ڏوري غمگين ب ٽي ويس ۽ پائرن جي ياد ب اچي رھي ھئي ۽ سوچي رھي ھيس ت ڪيترو نہ سٺو زمانو ھوندو ھو. اسان سپ گڏ ھوندا ھئاسين. ڪاش ھو اڄ ب اسان سان گڏ ھجن ھا. پر الله تعالیٰ جو ناھيل ھڪ نظام آھي، جنھن ۾ اسان ڦير ڦار ڪرڻ جي طاقت نٿا رکي سگھون. پوءِ سوچيم ت اھا ب ڪيتري نعمت جي ڳالھ آھي ت پورو ڏينھن سڄ پنھنجي روشنيءَ سان، ھر شيءِ کي سٺي طريقي سان ڏسڻ جو موقعو ڏنو ۽ ھينئر چنڊ ۽ تارن ماحول کي ڪيترو نہ سھڻو ناھيو آھي. ھن رات اسان کي چار چنڊ ڏيکاري ڇڏيا آھن. پوءِ سوچڻ لڳس ت اسان نندپڻ کان اھو ئي ٻڌندا رھيا آھيون ت ڪا شيءِ جيڪڏھن تمام سٺي لڳي ت اسان اھا ڳالھ ڏھرائيندا آھيون "چار چنڊ لڳي ويا". پر منھنجي ذھن ۾ آيو اڪثر چار چنڊ ڇو چوندا آھن. اٺ ب ت ٽي

سگھن ٿا. پر شايد طرف چار آهن، ان جي ڪري چئن چنبن جو ذڪر گھٽو ٿيندو آهي. اهڙي طرح هلندا رهياسين ۽ چنڊ جو سير ڪندا وياسين. نيل نديءَ ۾ اسان جي هوٽل جو عڪس نظر اچي پيو. پوءِ اکيون کلي ويون ته اسان ته پنهنجي منزل ماڻي چڪا آهيون ۽ خبر ئي ڪانه پئي، پر مان اهو سوچي رهي هيس ته ڪاش هيءَ سفر ايڏا به گھٽو ٿئي ها ۽ پنهنجي ساڻيءَ سان اهڙي طرح هلندي رهان ها ۽ مزا ماڻيندي رهان ها. پر الله تعالىٰ جو شڪر ادا ڪيم ته ايترين نعمتن سان ان اسان کي نوازيو آهي، نه ته اسان گنهگار ۽ ايتريون نعمتون پوءِ سورة الرحمٰن ياد اچي وئي، جنهن جو ترجمو آهي:

"پوءِ (اي جنوَ ۽ ماڻهوئو!) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو".

ته اوچتو رفيع جو آواز ڪنن سان ٽڪرايو ته سڏي ئي سڏي ڪاڏي هلندي پئي وڃين؟ هيءَ ڏاڪڻيون اچي ويون، جتان لهي اسان کي هيٺين رستي تان هلڻو آهي، جيڪو اسان کي هوٽل جي لائونج ۾ پهچائيندو. اهڙي طرح انهيءَ لائونج ۾ پهچي وياسين. اتي به وڏا وڏا ٽنيا نظر آيو جيڪي هوٽل جي چت جو سهارو بڻيل هئا. غور ڪيوسين ته محسوس ٿيو ته هيءَ ته اها ئي قديم تهذيب جا آثار آهن جيڪي هاڻي اسان کي جديد محسوس ٿين ٿا ۽ اسان سمجهون ٿا ته هيءَ هن دور جو هوٽل ٺهيل آهي.

شام جو جڏهن اسان گھمڻ لاءِ نڪرون پيا ته ان وقت موسم سٺو هو. هلڪي هلڪي سردي هئي انهيءَ جي ڪري ايترو هلڻ جي باوجود به گرميءَ جو احساس گھٽ ٿيو. اتي سڀ پيا چون ته توهان خوش قسمت آهيو جو هتي ايڏا گرمي شروع نه ٿي آهي، نه ته هتن ڏينهن ۾ ايتري سٺي موسم نه هوندي آهي. هو چون پيا ته اسان وٽ گرمي پهرئين مئي کان شروع ٿيندي آهي ۽ آڪٽوبر تائين هلندي رهندي آهي ۽ گرمي ايتري شديد ٿيندي آهي، جو هار اسڪول نه وڃي سگھندا آهن. ان ڪري هتي گرمين جون موڪلون به 6 مهينا ٿيندڙيون آهن، انهن جو چوڻ هو ته درجا حرارت 50 سينٽي گريڊ ٿيندي آهي. اڄ ڪلهه اسان جي ملڪ جي ڪجهه علائقن ۾ ايتري ئي گرمي ٿيندي آهي پر جيئن ته مصر ريگستان جو علائقو آهي ان جي ڪري گرميءَ جو احساس وڌيڪ ٿيندو آهي اهو به ضروري ناهي ته جيڪڏهن هڪ ئي درجا حرارت هجي ته هر ملڪ ۾ ايتري ئي گرمي لڳندي. جئين اسان هڪ سال جولاءِ جي مهيني ۾ آمريڪا جي رياست هوائي ۾ ويا هئاسين، اتي 45 سينٽي گريڊ درجا حرارت هو پر اتي هلڪي سوئيٽر جي ضرورت پوي پئي ۽ وري هڪ دفعي چائنا ۾ به انهيءَ موسم ۾ جولاءِ جي مهيني ۾ وياسين، بلڪل اهو ئي درجا حرارت هو پر ايتري گرمي

هئي جو چند ڦٽ ٻه هلڻ ۾ مشڪل پئي لڳو. هٽ ۾ برف جميل بوتل هئي، اها اسان استعمال ڪري رهيا هئاسين. پر پنج منٽن ۾ اُهو ئي پاڻي ايترو گرم ٿي پئي ويو. جو پيئڻ جي لائق نه پئي رهيو. اسان اڳ ۾ هوٽل کان ٻاهر نڪتاسون ته فرج جي رکيل بوتل پاڻي سان گڏ ڪنئي، پر جڏهن ٻين کي ڏٺوسين ته برف جميل بوتلون انهن جي هٽ ۾ مليون. اسان حيران هئاسين چو ته اسان ته اهو ٻڌو هو ته چائنيز گرم پاڻي پيئن ٿا پر هتي ته الٽو برف جي بوتل پيا استعمال ڪن. پر ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن اسان جي پاڻيءَ جي بوتل جو پاڻي گرم ٿي ويو ۽ پيئڻ جي لائق رهيو ته پوءِ پوري ماجرا سمجهه ۾ اچي وئي. پوءِ رستي تي ويٽل ماڻهو برف جي بوتل وکڻ پيا. اسان اها وئي استعمال ڪئي. سو ضروري ناهي ته درجي حرارت جيڪڏهن هڪڙي آهي ته موسم ۽ ماحول جو احساس به ساڳيو ئي ٿئي.

سو پاڪستان ۾ به جيڪڏهن درجا حرارت گهٽو هوندو آ ته ايتري گرمي محسوس نه ٿيندي آهي، جيتري دبئي ۾ ٿيندي آهي جو رات جو 10 وڳي به ٻاهر نڪربو آهي ته 5 منٽ هلڻ به محال ٿي پوندو آهي.

ابو سمبل جا مندر

رات سمهڻ وقت الحمدالله آرام سان ننڊ اچي وئي. صبح جو جلدي اک کلي وئي، پروگرام جي مطابق اڄ اسان کي ابو سمبل مندر تي وڃڻو هو. هتي به ناشتي جي لاءِ هنن وڏو ڪمرو مخصوص ڪيو هو ۽ ڪاڏو به شاهي هو. پر هتي سياحن جي گهٽي رش نه هئي. اسان کي آرام سان ٽيبل ملي وئي، فارغ ٿي وري هيٽ لائونج ۾ آياسين، جتي ڊرائيور ۽ ان سان گڏ گائيڊ به اتي وينو هو. اڄ گاڏي هوٽل وارن کان بڪ ڪرائي هئي، ڊرائيور USA 90 ڊالر ۾ راضي ٿيو. پهريائين 130 گهري رهيو هو، پر پوءِ ايترو ئي طئي ڪيوسين. 8 وڳي روانا ٿياسين. پوليس کان اجازت به ونڊي هئي. چاڪاڻ ته ٽوئر آپريٽر چيو ته ابو سمبل وڃڻ لاءِ اجازت ونڊ ضروري آهي، چاڪاڻ ته اڄ ڪلهه اتي داعش جا تخريب ڪار پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکارن پيا. ان پاس جو بندوبست هوٽل وارن پاڻ ڪيو هو. اسان کان صرف پاسپورٽ ۽ شناختي ڪارڊ گهريو هو. گاڏي پهريائين شهر ۾ هلندي رهي، پوءِ ٽورو شهر کان ٻاهر نڪتاسين ته رستي ۾ هڪ رنگ به رنگي اسٽيڊيم به نظر آيو. گائيڊ ٻڌايو ته فٽ بال جو اسٽيڊيم آهي. پوءِ اتان نڪري روڊ تي اچي وياسين ۽ 15-20 منٽ اڳتي هلياسين، ته اتي چوڪي اچي وئي، جتي اسان جي چڱيءَ طرح چيڪنگ ڪئي وئي. پاس پورٽ، پوليس ليٽر ۽ ان سان گڏ گاڏيءَ جي ڊگي وغيره جو به چڱيءَ طرح جائزو

ورتائون ۾ پوءِ اسان کي اڳتي وڌڻ جي اجازت ملي. چيڪنگ انهيءَ لاءِ ضروري هئي، ڇو ته اڳتي سوڊان جو باردر ۽ هو. پوءِ ڪجهه فاصلي کان پوءِ انهن جي هڪ پراڻي پل ۽ هئي جيڪا تمام گهٽي ڏگهي هئي. اها جيئن ختم ٿي ته پوءِ ابو سمبل جو رستو شروع ٿي ويو. اسوان کان ابو سمبل جو فاصلو تقريباً 265 ڪلو ميٽر هو. جيڪو اسان تقريباً ٽن ڪلاڪن ۾ طئي ڪيو. روڊ تمام گهٽو ويڪرو ۽ سلو ٿيل هو، پر ٽريفڪ نه هڻڻ جي برابر هئي. زمين ۾ ساوڪ نه هئي، ڪوبه فصل وغيره نه هو. چئني طرفن کان جاڏي ۽ نظر وڃي پئي ته رڳو برپٽ صحرا هو. واري جون ٽڪرون هيون. ائين محسوس ٿي رهيو هو ته اسان واريءَ جي سمنڊ ۾ داخل ٿي ويا آهيون، جنهن جو ڪوبه ڪنارو ئي ناهي. صرف وچ ۾ هڪ پڪو روڊ هو. جنهن تي ٽرڪ ڪندي اسان جي گاڏي ئي هلي رهي هئي. پري پري تائين جاڏي ۽ نظر پهچي رهي هئي، يعني پري کان ته ائين محسوس ٿي رهيو هو. ته زمين تي پاڻي ئي پاڻي آهي، پر جڏهن اسان جي گاڏي اتي پهچي پئي ته ويجهو واري ئي واري نظر اچي پئي. ڪوبه پاڻيءَ جو نالو نشان ئي نه هو. هيءَ منهنجي زندگيءَ جو پهريون تجربو هو. ننڍپڻ ۾ آڪاڻيون ٻڌاندا هئاسين ته هڪ شهزادو ريگستان ۾ هليو ويو ۽ رستو وسري ويس، ته بلڪل ائين ئي محسوس ٿي رهيو هو ۽ مان اهو سوچي رهي هيس ته ڪٿي اسان ۽ هن ريگستان ۾ پلجي نه وڃون پر روڊ کي ڏسي ٿوري آڳت ملي ته هتي ته بوربن تي سڀ ڪجهه لکيل آهي، ڊڄڻ جي ته ڪا ڳالهه ناهي. اسان جي گاڏي ڪو ريگستان ۾ ته نه پئي هلي. خير اتفاق سان وري رفيع ٻڌايو ته هتان داعش سياحن کي اغوا ڪري ۽ ڪٽي ويندا آهن. مون رفيع کي چيو ته ڊيڄار ته نه، انهيءَ ڳالهه جو ذڪر تو پهريائين ته نه ڪيو هو. ته ورندي ڏنائين ته جيڪڏهن توکي ٻڌايان هان ته تون اچين ئي نه ها ۽ ايترو پري کان آيا آهيون ته ڏسٽو ته هو، سفر ۾ بهادر ته ٿيڻو پوندو آهي. اهڙي طرح واريءَ جو سمنڊ هلندو رهيو. اڳتي هلي سامهون هڪ ڪارخانو نظر آيو. ٿوري دل کي آڳت ٿي ته هل ڪٽي ٿورا ماڻهو نظر ته آيا. پوءِ مون سوچيو ته ٿي سگهي ٿو ته اڳتي ۽ اهڙي طرح ڪٽي ٿوري ٿوري آبادي، عمارتون جهوپڙيون ملنديون پر اهڙو ڪجهه ۽ نه هو. ڪا ٻي گاڏي ۽ نظر نه پئي آئي. شايد اسان جلدي نڪري آيا هئاسين. خير سفر هلندو رهيو. ريگستان جو نئون رخ ڏٺو. هوا ۾ واڇوڙا اڏندا نظر آيا. پري اس ۾ واري چمڪندي رهي، وري هوا لڳندي رهي، لهرون ٺهڻيون رهيون. هڪ نظر ۾ اهو ڏڪندڙ درياهه نظر اچي رهيو هو. پر پوءِ احساس ٿيو ته اهو ته نظر جو ڏوڪو آهي پر هيءَ پاڻي نه چمڪندڙ واري آهي. زندگي ۾ ڪيتريون شيون پري کان حسين لڳنديون آهن پر جڏهن ويجهو وڃبو آهي ته ايتريون سهڻيون نه

لڳنديون آهن. ويجهو پهچون پيا تہ واريءَ جي ڊير کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هو. زندگيءَ جا حسين خواب، ڪنڊڙ خواهشون ، ريگستان جي پاسا بدلائيندڙ واري ياد ڏياري ٿي تہ زندگي ۾ ڇا ڇا نٿو ٿئي. هيءَ صحرا ريگستان جيڪو ڪيترن ئي ملڪن مان ٽيندو هتي پهتو هوندو. واري اڏائيندو آيو هوندو. ڪٿي واري اڏائيندو ويندو هوندو. واريءَ جا ڪٿي پهاڙ هٿا. واريءَ اڏي رهي هئي تہ ڪٿي سسي رهي هئي. هيءَ ڪهڙو منظر آ؟ هوائون ڇا آهن، چوٽيون هلن، ڪير هلائي ٿو. هڪ جڳهہ کان ٻئي جڳهہ تي واري هوا جي ذريعي ڪيئن هيڏي هوڏي ٿئي ٿي؟ پر روڊ تي ايتري واري نہ هئي ۽ اسان حفاظت سان پنهنجي منزل جي طرف هلي رهيا هٿاسين. جيتوٽيڪ اهي متيءَ جا ڊڳا روڊ تي بہ ڏهي سگهيا پئي. ان جي ساڄي کاپي واري ٿي واري تہ آهي، ڇا ماجرا آهي؟ بيشڪ زمين جو بادشاهہ آسمان جو مالڪ منهنجو الله آهي. سڀ تعريفون ان جي لاءِ آهن. اهو سوچيندي بہ ڪلاڪ گذري ويا تہ سامهون پري کان هڪ شهر نظر آيو. ويجهو آياسين تہ بورڊ تي لکيل شهر جو نالو نظر آيو "مدينة توشكي الجديدة" يعني توشكي Toshka شهر ۾ پهچي وياسين. ٿورو اڳتي وڌياسين تہ "وادي حلفا" (Wadi Halfa) آئي. ان کان پوءِ 70 ڪلوميٽر جي فاصلي تي مشهورجڳهہ ابو سمبل هئي. اهڙي طرح جڏهن ابو سمبل تائين باقي جڏهن 10 ڪلوميٽر جو فاصلو هو تہ لائيٽ سولر سسٽم شروع ٿي ويوءِ اتي هڪ ڇوٽ بہ رستي ۾ آيو. ۽ خوف ختم ٿي ويو خوشي بہ محسوس ٿي تہ هاڻي اسان پنهنجي منزل جي ڪافي ويجهو آهيون. اسان ابو سمبل تي پهچي وياسين، ڊرائيور گاڏي روڪي، اسان اندر گهڙياسين تہ ٿورو رستو سمجهہ ۾ نہ پئي آيو. اتي هڪڙو ماڻهو بيٺو هو. ان کان پڇيوسين تہ رستو ڪٿان کان ويندو تہ هو شايد دڪاندار جو ايجنٽ هو ان چيو تہ ان شرط تي رستو ٻڌائيندو سانو تہ واپسي ۾ توهان اسان جي دڪان تان خريداري ضرور ڪندئو. پوءِ انهيءَ رستي تي اسان کي ولي ويو. جيڪو پري نہ هو. پهريائين بلڪل ننڍڙي بازار هئي جيڪا تقريباً 15-20 دڪانن تي مشتمل هئي. انهيءَ کان پوءِ هڪڙو ڪمرو آيو. جتي ڪجهہ فريم لڳل هٿا. جنهن ۾ ابو سمبل جي تاريخ لکيل هئي ۽ انهيءَ سان گڏ تصويرون بہ هيون. پوءِ هڪ دروازو اسان پار ڪيو تہ باهر نڪري آياسين ۽ اتان پنڌ هلڻ وارن ماڻهن لاءِ پڪين سرن جو رستو ٺهيل هو. ان تي اسان تيز تيز هلندا رهياسين. پر تڏهين بہ مندر تائي پهچڻ ۾ اسان کي 15 منٽ لڳي ويا. اتي سياحن جي رش هئي، سڀ فوٽو گرافي ۾ مصروف هٿا. اسان پهچندي ئي بورڊ پڙهڻ شروع ڪيا. اتي هڪ فرانسيسي پوڙهو ڪاوڙ ۾ هو ۽ اسان جي ويجهو اچي چوڻ لڳو تہ هن جڳهہ جو تعلق ڪيتري قديم ثقافت ۽ علم سان آهي ۽

هي ماڻهو صرف فوٽوگرافي ۾ مصروف آهن ۽ اشارا ڪري ڏيکاري رهيو هو ته هو ڏسو ماڻهو رڳو پوز ٺاهي ۽ فوٽو پيا ڪيرائن، انهن کي هن جڳهه جي اهميت جو بلڪل احساس ڪونهي. اسان به انهيءَ جي غصي کي ٽڏو ڪرڻ لاءِ ڪتاب جيڪو اسان جي هٿ ۾ هو سو پڙهڻ شروع ڪيوسين. پوءِ اسان کان پڇيائين ته توهان ڪٿان کان آيا آهيون، ته اسان ان کي ٻڌايو پاڪستان ڪراچي شهر کان آيا آهيون. پوءِ انهيءَ ٻڌايو ته مان به ڪجهه سال ڪراچيءَ ۾ رهيل هيس ۽ ڪراچي جي تعريف ڪري رهيو هو. هن ابو سمبل جي پوري تاريخ ۽ قصو ٻڌائڻ شروع ڪيو. ويچاري جو ساهه به چڙهي پئي پيو پر پوءِ به ڳالهائيندو پيو وڃي ۽ پوءِ اڳتي هليو ويو اسان به اهو ڪم شروع ڪري ڇڏيو جيڪو ڪم ٻين سياحن پئي ڪيو. يعني فوٽو گرافي. آخرڪار اهو به ته زندگيءَ جو لازمي حصو آهي، جيڪڏهن اهو نه ڪجي ته اسان جون يادون ئي ختم ٿي ويندیون ته اسان ڇا ڇا ڏٺو.

ان مندر جي ٽڪيٽ به رکيل هئي، جيڪا 120 مصري پائونڊ هئي ۽ اسان جيئن ته ٻه ڇٽا هئاسين تنهنڪري 240 پائونڊ ڏيڻا پيا. ابو سمبل جا ٻه مندر وڏي پيماني تي ابو سمبل ۾ واقع آهن. جيڪي سوڊان جي سرحد جي قريب اعليٰ مصر جي شهر اسوان گورنريٽ ۾ واقع آهن. هيءَ اسوان جي ڏکڻ اولهه ۾ تقريباً 300 ڪلو ميٽر رستي جي ذريعي ڍنڊ ناصر جي مغربي ڪناري تي واقع آهن. هيءَ تقريباً 1264 ق. م ۾ شروع ٿيا ۽ 1244 ق. م تائين تقريباً 20 سالن تائين جاري رهيا. هيءَ لهرن واري جبل کي گهڙي ٺاهيا ويا آهن. پنهنجي دور ۾ ريمسس دوم پوري مصر نوبيه ۾ هڪ وسيع عمارت جو پروگرام شروع ڪيائين. نوبيا مصرين جي لاءِ ڏاڍو اهم هو. ڇو ته هيءَ سون ۽ ٻئي تمام گهڻي قيمتي تجارتي سامان جو ذريعو هو. لهذا انهن نوبيا کي مصر جي طاقت کان متاثر ڪرڻ ۽ نوبيا جي عوام کي مصري ٻڌائڻ جي لاءِ اتي ڪيترائي عظيم الشان مندر تعمير ڪيا هئا، جيڪي بادشاهه ريمسس ۽ ان جي ملڪه نيفرتاري جي ديرپا يادگار جي طور تي سڃاتا وڃن ٿا.

وقت گذرڻ سان گڏوگڏ انهن مندرن کي ناڪاره ٺاهي ڇڏيو. ڇهين (6) صدي ق. م ۾ مرڪزي هيڪل جا مجسما گوڏن تائين واري ۾ لٿجي ويا هئا. آخرڪار واريءَ انهي کي ڍڪي ڇڏيو. هن مندر کي 1812ع تائين بلڪل وساريو ويو هو. پوءِ انهيءَ سال ان کي سوئيزرلينڈ جي هڪ سياح لوئس برڪ هارٽ دريافت ڪيو .ان پنهنجي دريافت جي باري ۾ اطالوي ڳولينڊرَ سان ذڪر ڪيو. جنهن ان جڳهه جو سفر ڪيو پر هيڪل جي داخلي دروازي جي خبر نه پٽجي سگهي. پوءِ هو 1817ع ۾ هن ڪمپليڪس ۾ داخل ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

1959ع ۾ نوبيا جي يادگارن کي بچائڻ لاءِ هڪ بين الاقوامي امدادي مهم جو آغاز ٿيو. ان قديم انساني تهذيب جي ڊاکٽي حصن کي نيل مان وڏندڙ پاڻيءَ جي ڪري خطرو هو. جيڪو اسوان هائي ڊيم جي تعمير جي نتيجي ۾ ٽيڙ وارو هو. ابو سمبل جي عبادت گاهن کي بچائڻ جو آغاز 1964ع ۾ آثار قديمه جي ماهرن انجنيئرن ۽ هنرمندن وزني آپريٽرز جي هڪ ملٽي نيشنل ٽيم ڪيو. جيڪي يونيسڪو جي ٻيٽر هيٺ گڏجي ڪم ڪري رهيا هئا. 1964ع ۽ 1968ع جي وچ ۾ پوري سائيٽ کي احتياط سان وڏن بلاڪس (30 ٽن تائين) ۾ 20 ٽنن جي قريب ۾ ڪٽيو ويو ۽ اتان کڻي هڪ نئين جڳهه تي ٻي ندي کان 65 ميٽر ڊگهائي ۽ 200 ميٽر پويان هڪ دفعو وري جوڙيو ويو. تاريخ ۾ هڪ عظيم ترين جڳهه کي آثار قديمه جي انجنيئرنگ جي لاءِ للڪار سمجهي ڪم ڪيو ويو. ايستائين جو ناصر ڍنڍ جي پاڻي هيٺيان کان ڪجهه ڊانچي کي بچايو ويو هو.

هيءَ هيڪل امون، راهو رختي ۽ پٽ ديوتائن سان گڏ خود معزز ريمسس جي لاءِ پيش ڪيو ويو هو. هيءَ عام طور تي ريمسس دوم جي دور ۾ هلڻ وارن مندرن مان سڀ کان پراڻو ۽ خوبصورت مندر سمجهيو ويندو هو.

نئين ڊيم سجي هيٺائين نوبيا کي سيلاب ۾ ٻوڙي ڇڏيو هو. ماڻهو بي گهر ٿي ويا هئا. گهٽو ڪري اسوان ۽ قوم اومبو جي علاقن ۾ آباد ٿي ويا هئا. صرف ابو سمبل هڪ ڇوٽ هو جيڪو هڪ هوٽل ۽ هوائي اڈي سان گڏ تيار ٿيو هو ۽ سياح هتي بس ۽ ڪار کان سواءِ هوائي جهاز جي ذريعي به اچن ٿا.

هيءَ ٻئي مندر جيئن ته مون ذڪر ڪيو آهي ته فرعون ريمسس دوم درياهه نيل تي اسوان جي ڏکڻ ۾، نوبيا علاقي ۾ ٽوس جبل جي اندر کوٽائي ڪرائي ٺهرايا هئا. هيءَ مندر سج جي ديوتا آمون را جي نالي کيا ويا هئا. جيئن ته هيءَ مندر ڏکڻ مصر ۽ سوڊان جي سرحد جي ويجهو ۽ ڏوراهين جڳهه تي واقع هيا. ان جي ڪري ان جي خبر پوڻ ۾ ڪافي دير لڳي وئي. هيءَ جابلو زمين دريا نيل جي ڪناري تي هئي، درياهه کان ڊاڪٽيون مٽي ويندين هيون ۽ ڊاڪٽين جي ٻنهي پاسي بازن ۽ ريمسس دوم جي مندر کان ٻاهر جبل جي اندر ڪٽيل ان جا چار مجسما جنهن ۾ هر هڪ ريمسس جي نمائندگي ڪري ٿو. جن ۾ ان کي ويٺل ڏيکاريو ويو آهي. هيءَ اڳڻ تقريباً 40 ميٽر ويڪرو ۽ 31 ميٽر ڊگهو آهي. مجسمن جي بلندي 21 ميٽر آهي ۽ انهن جي پيرن ۾ ريمسس دوم جي پسنديده ٻارن جا مجسما آهن. داخلي دروازي جي بلڪل مٿان جبل ۾ کوٽيل ٻبون جي هڪ قطار آهي. وڏي بندر جا سج جي نمودار هڻڻ تي هٽ مٽي ڪنيل آهن. ان زماني جا مصري ماڻهو هيءَ يقين رکندا هئا ته ٻبون سج جي ديوتا کي رات جي اونڌائي کي شڪست ڏيڻ جي لاءِ مدد ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. انهيءَ

جي ڪري اپرنڊ سج جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. مندر جي اندر ريمسس دوم جا مجسما اٽن ٽنين سان گڏ ڳنڍيل آهن. خاص طور تي چت کي سهارو ڏئي بيٺا آهن ۽ پٽين تي ريمسس دوئم جي جنگ جي عظمت جا منظر به ڏيکاريا ويا آهن خاص طور تي ڪادش جنگ ۾ فتح تي فخر هيو. مندر جو اصلي مُنهن پٽر کي ڪٽي هڪ غار جي شڪل ۾ ٺاهيو ويو آهي، جبل جي اندر 60 ميٽرن تائين هال ۽ ڪيترا ڪمرا آهن. پهريون ڊگهو حال 18 ميٽر ويڪرو ۽ 15 ميٽر ڊگهو آهي ۽ هتي 9 ميٽر بلند ريمسس دوم جي مجسمن جون به قطارون آهن. ڏکڻ جي قطار ۾ ريمسس دوم کي هيٺائين مصر جو ڊبل تاج پاتل آهي ۽ اترئين قطار ۾ مٿاهين مصر جو اڇو ڊبل تاج پاتل ڏيکاريو ويو آهي. مرڪزي هال جي اولهه جي آخر ۾ ٽي دروازا آهن، پهريون دروازو پوءِ ان جي اندر ٻيو دروازو پوءِ انهيءَ جي اندر ٽيون دروازو آهي. سڀ کان اندروني ڪمري ۾ آمن Amun، ريمسس دوم پتاهه (Ptah) ۽ راهو راختي (Ra-Horakhty) جا ويڙهل مجسما آهن. هن جڳهه جي سڀ کان وڌيڪ قابل ذڪر خصوصيت اها آهي ته به دفعا يعني هر سال 22 فيبروري ۽ 22 آڪٽوبر جي صبح سويري سج جو پهريون ڪرڻو مندر جي پوئين حصي کي روشن ڪندو آهي. اهي ٻئي ڏينهن ريمسس دوم جي سالگره ۽ تاج پوشي جا ڏينهن هئا. ان کان علاوه 22 فيبروري تي زراعت ۽ ڪيتي جي موسم به ملهائيندا آهن ۽ ٻيو 22 آڪٽوبر ۾ سيلاب جي موسم ۾ جشن به ملهايو ويندو هو. هن مندر ۾ ريمسس دوئم کي به پنهنجي لاڏلن ٻارن سان گڏ ڏيکاريو ويو آهي ۽ هڪ روايت ان وقت ۾ اها به هوندي هئي ته ٻار جي پيدائش تي ٽي نالا منتخب ڪيا ويندا هئا ۽ انهن نالن جي حساب سان ميڙ ٻتيون ٻارين ويندين هيون، پوءِ جيڪا ميڙ ٻتي آخر ۾ وسامندي هئي، ان ميڙ ٻتيءَ جي حساب سان ان ٻار جو نالو رکيو ويندو هو. ته جيئن ان جي عمر وڌي ٽئي.

نيفرتري مندر ريمسس دوم جي مندر جي اتر اوپر ۾ تقريباً 100 ميٽرن جي بلندي تي تعمير ڪيو ويو هو، جنهن کي ننڍو هيڪل به چيو وڃي ٿو. هتي به عظيم مندر جبل کي ڪٽي ٺاهيو ويو آهي. ان جي منصوبه بندي به ريمسس دوئم جي مندر وانگر ڪئي وئي آهي. هيءَ مندر ان جي لاڏلي زال نيفرتري جي اعزاز ۾ تعمير ڪيو ويو آهي. هيءَ ننڍو يادگار هاٿور Hathor ديوي لاءِ وقف ڪيو ويو آهي. مندر جي اڳڻ ۾ ريمسس دوئم جا به وڏا ڏهه ميٽر ڊگها مجسما آهن ۽ نيفرتري ان سان گڏ بيٺل آهي. جڏهن ته شاهي ٻار انهن جي پيرن ۾ ويٺا آهن، پوري مصر ۾ صرف هيءَ به مجسما ملڻا آهن، جن ۾ ڪوئي فرعون پنهنجي زال سان گڏ برابر بيٺل ڏيکاريو ويو آهي. ٻاهران ڏسي جڏهن اندر وڃي رهيا هئاسين ته رفيع مون کان ٽورو اڳتي هو. مان اڃا به بتن کي غور سان ڏسي

رهي هيس. پوءِ جڏهن مان اندر وڃي رهي هيس تہ ڏٺم تہ رفيع جي هٿ ۾ ڪا لوهہ جي شيءِ آهي. مان ٿوري حيران ٿيس، تنهن تي ان ڇيو تہ هيءُ وڻ نيفرتري جي خزاني جي چابي. پوءِ ڪلي ڇيائين تہ هن چاهيءِ سان تصوير ڪيراءِ هن دروازي تي بيٺل گارڊ ڏني آهي. پوءِ اها چابي اسان جي هٿ ۾ هئي تہ ان ڇيو تہ ڪيميرا مون کي ڏيو. مان ٻنهي جي تصوير ٿو ڪيان. مون رفيع کي ڇيو تہ ان جو تاج ڏين ها تہ ڪا ڳالهہ بہ هئي، چاهيءِ جو ڇا فائدو؟ هاڻي تہ خزانو خالي آهي. پوءِ مندر جي اندرين حصي ۾ وياسين، جيڪو سادو هو. اندروني هال جي ڀت تي نيفرتري کي پنهنجي مڙس سان گڏ مذهبي رسمن ۾ حصو ونڊندي ڏيکاريو ويو آهي. هتي ريمس دوئم جا روايتي منظر بہ آهن جنهن ۾ ان کي قيدين کي قتل ڪندي بہ ڏيکاريو ويو آهي. هتي 6 مربع ٽنيا ۾ن قطارن ۾ موجود آهن، جنهن ۾ نيفرتري کي ڏاڍو ئي نرم ۽ نسواني انداز ۾ تاج پاتل ڏيکاريو ويو آهي. مندر جي پويان هاڏور کي هڪ مورتي ۾ مقدس ڳئون ديوي جي طور ڏيکاريو ويو آهي. ان عبادت گاهہ جي ديوار تي ديوتائن کان دعا گهرندڙ ريمس ۽ نيفرتري جون تصويرون ڏيکاريون ويون آهن. اهڙيءَ طرح سڀ پتيون نقش نگار سان آراستہ آهن. پوءِ اتان يادگار تصويرن جو رکارڊ جمع ڪري ٻاهر نڪري آياسين. هاڻي ڪافي ٺڪجي پيا هئاسين، سو واپس پنڌ وري 15 منٽ وڃڻ جي همت نہ رهي هئي. ان جي ڪري اتي ناصر ڊنڊ جي سامهون ڪجهہ پٽر رکيل هئا. انهن تي ويهي رهياسين. ٿوري دير کان پوءِ اسان کي انهن جي ڪلب ڪار پري کان نظر آئي ۽ تيز هلي ان جي ويجهو اچي وياسين ۽ ان تي سوار ٿي وياسين. جنهن ڏهہ مصري پائونڊ هڪ هڪ جا ورتا. اهڙي طرح 20 مصري پائونڊ ڏئي ان تي سوار ٿي وياسين، جنهن پنجن منٽن ۾ اچي واپس چڏيو. جتان پنڌ ويا هئاسين. اتان پوءِ انهيءَ بازار جي وچ مان گذرڻو پيو. اتي اهو ئي ايجنٽ مليو. جنهن ڇيو هو تہ مان رستو ٻڌائيندس پر انهيءَ شرط تي تہ واپسيءَ ۾ منهنجي دڪان تان خريداري ڪندئو. پوءِ تہ انهيءَ زبردستي ڪرڻ شروع ڪئي. اسان ڇيو تہ اسان کي ڪجهہ بہ ناهي ونڊو. هو باقاعدي پاڪستاني فقيرن وانگر اسان جي پويان پئجي ويو ۽ وڑهڻ شروع ڪيائين ۽ ڇيائين تہ ڪهڙي بہ حالت ۾ توهان کي سامان خريد ڪرڻو آهي. پوءِ تہ رفيع کي بہ غصو اچي ويو ان بہ انهيءَ کي دڙڪا ڏيڻ شروع ڪيا. مان تہ ڊڄي ويس پر ٻين ماڻهن اچي ان کي سمجهايو تہ سياحن سان ايتروضد نہ ڪر. مون کي ڏاڍي تڪليف ٿي تہ مصر جي دڪاندارن جو اهڙو حال آهي جو هو بي ايماني، جهيڙو ۽ بارگينگ بہ گهٽي ٿا ڪن ۽ وري پويان بہ پئجي ٿا وڃن. مون جڏهن سفرنامو ناصر خسرو جو پڙهيو هو. تہ ان ۾ هُنَ مصري تاجرن جي

ايمانداري جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ:

"مصر جا دڪاندار مال جي صحيح قيمت بيان ڪندا آهن جيڪڏهن ڪو دڪاندار خريدار سان ڪوڙ ڳالهائي ٿو تہ ان کي اٺ تي ويهاري هڪ گهنڊ هٽ ۾ ڏين ٿا. ۽ ان کي شهر ۾ گشت ڪرايو ويندو آهي ۽ اهڙي طرح هيءَ شخص گهنڊ وڃائي بلند آواز ۾ چوندو ويندو آهي تہ "مون غلط اڳهہ ٻڌايو هو جنهن جي ملامت ملي رهي آهي. جيڪو ڪوڙ ڳالهائيندو، ان جي سزا اهائي هوندي."

پر هاڻي تہ مصر جا حالات ان جي بلڪل خلاف هئا. خير ان وقت ڪجهہ ڪائڙ جي ضرورت محسوس ٿي رهي هئي ۽ اتي هڪ ريسٽوريٽ هو. اتي ڪجهہ سينڈوچ ۽ چانهن پي پوءِ واپسيءَ جي سفر لاءِ سوار ٿياسين. ان وقت ڪجهہ گاڏيون رستي ۾ نظر اچي رهيون هيون، جيڪي اچن ۽ وڃن پيون، چو تہ ابوسمبل ۾ سياحن جي رهڻ لاءِ هڪ هوٽل بہ هئي. ڪجهہ سياح تہ اتي آرام سان وڃي رهندا آهن ۽ ڪوٺ جو مزو بہ ماڻيندا آهن. اسان جي گاڏي بہ واپسي جي سفر لاءِ هلي پئي. اچڻ مهل تہ سڀ ڪجهہ ڏسي ڇڏيو هئوسين. هاڻي ڪجهہ ڏسڻ جي خواهش بہ نہ هئي. ان لاءِ رفيع گائيڊ کي چيو تہ هاڻي اسان کي مصري موسيقي ٻڌائي آهي تہ ڪوئي ٽيپ يا ريڊيو هلائي ڇڏ. هُنَ ڪيسيٽ لڳائي ڇڏي پوءِ تہ رفيع موسيقي جو مزو ولڻ لڳو. ڪاڏي وئي ان جي ٽڪاوٽ ڪاڏي غائب ٿي وئي ان جي ننڊ؟ چاڪاڻ تہ هو جڏهن ٽڪجي پوندو آهي، تہ پوءِ سفر جي دوران هن کي ڏاڍي سڪون جي ننڊ اچي ويندي آهي. هاڻي تہ هن جهومڻ شروع ڪيو. ان جي هٽ جون آڱريون بہ لُڏڻ شروع ٿي ويون ۽ پير بہ ڪنٽرول کان نڪري ويا. مون کي ياد آيو تہ قلوپطرا يا ٻين فرعونن جي محلن ۾ موسيقي جون محفلون ٿيندڙيون هيون، پراڻي مصر ۾ موسيقيءَ ڏاڍي ترقي ڪئي هئي. ان فن جي ڏاڍي عزت هوندي هئي.

وڏا وڏا ڪاهن ۽ شهزادا بہ ان فن ۾ ماهر هوندا هئا. موسيقي جو مصرين ۾ ايتري قدر اهتمام ٿيندو هو جو فرعون اخناتون پاڻ پنهنجي محل جي آس پاس پنهنجي گوين جي لاءِ هڪ بہ ماڙ گهر ٺهرايو هو. جنهن ۾ پنج ڪمرا ۽ هڪ وڏو هال هو. هال ۾ موسيقي جي مشق بہ ڪئي ويندي هئي ۽ ڪمرن ۾ موسيقي جا استاد شاهي خرچ سان بادشاهن جي دور ۾ برصغير ۾ گوين کي باقاعده پگهار ڏيندا هئا ۽ انهن جي محلاتن ۾ بہ هڪ ٻئي کان وڌ محفلون جمنديون هيون انهن گوين ۾ تانسين گهڻو مشهور هوندو هو. جو انهيءَ جي لاءِ چيو ويندو هو تہ ان جي آواز ۾ ايترو سوز ۽ جادوگري هئي جو جڏهن هو گائيندو هو تہ ڪڏهن ڪڏهن بارش ٿي ويندي هئي تہ ڪڏهن باهہ ٻري ويندي هئي. اهڙيءَ ريت

مصر ۾ به موسيقي جو گهڻو قدر ڪيو ويندو هئو.

موسيقي جي باقاعده تعليم ڏني ويندي هئي ممفس ۾ ٻين شهرن ۾ ان جي لاءِ وڏا وڏا مدرسا قائم ٿيل هئا. اهو انهيءَ جي ڪري جو موسيقي مصرين جي تمدني زندگي جو لازمي حصو بڻجي وئي هئي. جڏهن به امير ماڻهو کا دعوت ڪندا هئا تہ ڳائڻ وڄائڻ ضرور ٿيندو هو. شاهي محل ۾ به ڳائڻ ۽ نچڻ وارن جي جماعت ضرور هوندي هئي. مصر جي پراڻي دور ۾ انڊن کي گهڻو ڪامل سمجهيو ويندو هو. اهڙي طرح قديم تصويرن ۾ انڊا ٽي ڳائيندي ڏيکاريا ويا آهن، پر جڏهن تهذيب ترقي ڪئي تہ اهو رواج ختم ٿي ويو. ۽ پوءِ انهن کي نڪمو چوڻ لڳا. انهن جو ذڪر به ڪيترن ئي ڪتابن ۾ ڪيو ويو آهي. ڳائڻ وڄائڻ جا وقت به مقرر هوندا هئا. ڪائڻ جي وقت ان ڳالهه جي ترغيب ڏني ويندي هئي تہ موت کان پهريائين ماڻهوءَ کي گهڻو عيش ڪرڻ کپي يا جڏهن مندر جي اڳيان تي ديوتائن جي لاءِ جانور قربان ڪندا هئا تڏهن به موسيقي ضروري هوندي هئي. ٻوڏ ايندي هئي تہ اهو عمل زور شور سان شروع ٿيندو هو. محنت ۽ مشقت ڪرڻ وقت به تہ جيئن ٽڪاوٽ محسوس نہ ٿئي، مصرين جي اها خصوصيت هوندي هئي تہ جڏهن به ڳائيندا هئا تہ پنهنجي ڪن جي هيڻان يا هٿ جي هيڻان هٿ ضرور رکندا هئا جيئن اسان جي ملڪ ۾ ڳائڻا ڪندا آهن.

اسان جي ملڪ ۾ به اهي حالتون هاڻي به آهن تہ جڏهن شادي يا ڪابه دعوت ٿيندي آهي تہ موسيقي جو اهتمام ڪيو ويندو آهي. پر هر ڪو پنهنجي حيثيت جي مطابق ڪندو آهي. پيرن فقيرن جي مزارن تي به جڏهن خير خيرات ڪندا آهن تہ موسيقي وارا گڏ هوندا آهن. جڏهن زمينن تي ٻڌي ٿيندي آهي تہ ان وقت به دهل ۽ طعام جو بندوبست ڪيو ويندو آهي تہ جيئن ڪڙمين کي ٽڪ محسوس نہ ٿئي ۽ ميوزڪ سان گڏ انهن جي رفتار تي به اثر پوندو آهي، انهن جي ڪم ۾ تيزي اچي ويندي آهي ۽ اسان جي ڳوٺ ۾ به اهو رواج آهي تہ جڏهن فنڪار ڳائيندا آهن تہ ڪن جي هيڻان يا مٿ تي هٿ رکندا آهن. بهرحال ڪڙمين وانگر اسان جو ٽڪ به موسيقي سان گڏ ختم ٿي ويو هو. آهستي آهستي ڏينهن لهڻ لڳو. سج پري ريگستان ۾ هڪ وڏي ٽڪري جي پاسي لهي رهيو هو. ان جي چمڪ تقريباً نہ هئڻ جي برابر هئي. مون رفيع کي چيو تہ سج به اسان وانگر سڄي ڏينهن جو سفر ڪري ٽڪجي پيو آهي ۽ آرام ڪرڻ لاءِ مغرب جي طرف لهي رهيو آهي. پر اها به هڪ حقيقت آهي سج تہ وري ڏرتيءَ جي ٻئي پاسي اپريل هوندو آهي، پر جيئن هو اسان وٽان غروب ٿي رهيو هو تہ واري مختلف رنگن ۾ چمڪندي نظر آئي. هڪ ڏينهن ختم ٿي رهيو هو. آسمان ڳاڙهو ٿيڻ لڳو ۽ واريءَ جو به تقريباً رنگ ڳاڙهو ۽ گلابي ٿيڻ

لڳو. اهڙي طرح اهو منظر اکين جي البم ۾ اچي سجي ويو. صحرا جي شام لهڻ لڳي. صحرا ۾ رات ٿيڻ لڳي، موسيقي ۽ منظر اسان دل ۽ دماغ تي ڏاڍو جادوئي اثر ڪيو. هتي اوندهه ٿيڻ لڳي پر مان سوچيندي رهيس ته سج ته هتان غائب ٿي ويو، پر پڪ سان هاڻي هو روس، آئرلينڊ، ناروي وغيره ۾ پنهنجي روشني وکيريندو هوندو. چو ته اتي هن مهيني ۾ سج غروب ئي نه ٿيندو آهي، ان جي لاءِ اتان جا ماڻهو سفيد راتيون ملهائيندا آهن ۽ انهن جي چوراهن تي تمام وڏا اجتماع ٿيندا آهن، مختلف محفلون ٿيندڙون آهن. اهو سوچيندي وقت جي خبر ئي نه پئي ۽ اسان اسوان شهر ۾ پهچي وياسين. ڊرائيور اسان کي هوٽل تي ڇڏيو ٿورو آرام ڪرڻ کان پوءِ وري ڪافي پيئڻ لاءِ انهيءَ ريسٽورينٽ تي پهتاسين، جتي پهرئين ڏينهن کان ايندا رهيا هئاسين. تازو توانو ٿيڻ کان پوءِ وري نيل نديءَ جي ڪناري هلڻ شروع ڪيوسين. مصر جي نقشي ۾ ڏسو ته درياهه نيل ملڪ جي وچ مان هڪ ليڪ چڪيندو گذري ٿو. جهڙي طرح انساني جسم ۾ شه رڳ حيثيت رکي ٿي، انهيءَ جي ڪري چوندا آهن ته مصر جي ماڻهن جي زندگي انهيءَ جي بدولت آهي. درياهه نيل آفريڪا جي ملڪ روندا مان نڪري وڪٽوريه ڍنڍ ۾ اچي ملي ٿو. جنهن کان پوءِ ٻيو دفعو پنهنجو سفر جاري رکندي آفريڪي ملڪن مان گذرندي، سوڊان جي وچان سفر ڪندو ايٿوپيا ۾ داخل ٿئي ٿو. ٻئي طرف ايٿوپيا جي جبلن تي مئي کان سيپٽمبر جي وچ ۾ مون سون بارشو جو شفاف پاڻي جيڪو، نيري درياهه جي شڪل ۾ سوڊان جي دارالحڪومت خرطوم جي جڳهه تي روندا مان اچڻ واري سفيد درياهه ۾ ملي وڃي ٿو. ائين ٻئي درياهه ملي هڪ وڏي درياهه جي صورت ۾ مصر ۾ پهچندا آهن. مصر ۾ درياهه نيل نديءَ ۾ شامل ٿي ٿوري آرام کان پوءِ سفر وري شروع ڪري ٿو. ائين هلندي هلندي الاقصر وٽان گذرندو وچ ۾ آبي لڪيرون چڪيندو قاهره پهچي ٿو. جتي ان کي پنهنجي حسن جي جهلڪ ڏيکاريندو، مصر جي علائقي ڊيلتا ۾ 4331 ميل جا فاصلا طئي ڪندو بحر اوقيا نوس ۾ ڪري ٿو.

نيل درياهه جي ڪناري هلندي دل کي عجيب امن، سڪون، راحت ۽ لطف جو احساس ٿئي پيو. جڏ ته آسمان ۽ خلا کان توت، زندگي ۽ محبت جا آبشار ڦهليل هڪ ڊگهي چادر وانگر ڪري رهيا هجن ۽ ندي جبل تان نيئن وانگر لهي آب نيل ۾ شامل ٿي رهي آهي.

هلندي هلندي هڪ گهوڙي بگيءَ وارو اسان کي مليو ۽ چوڻ لڳو ته مان توهان کي چڪر ڏياري شهر جو نظارو ڪرائيندس، توهان منهنجي بگيءَ ۾ ويهو. اسان منع ڪندا رهياسين پر هو اسان سان گڏ هلندو رهيو ۽ مسلسل

چوندو رهيو. پوءِ وري غگمين داستان ٻڌائڻ شروع ڪيائين تہ اسان کي سواري نٿي ملي ۽ اسان جو گذر سفر مشڪل سان ٿئي ٿو. ٻارن کي ڪارائڻ لاءِ ڪجھ ٻہ ناهي. پوءِ اسانکي ٻہ رحم اچي ويو ۽ پچيوسين تہ ڪيستائين وڃي هلندي ۽ ڪيترا وڃندين تہ ان چيو تہ نيل ندي‌ءَ جي ڪناري هڪ اچي رنگ جو چرچ آهي ۽ اهو ڏاڍو خوبصورت آهي. اتان گهمائي واپس هوٽل پهچائيندس. ڪافي پري تائين هليو. شهر جو ديدار ٻہ ڪندا رهياسين ۽ واقعي ٻر چرچ ڏسڻ جي لائق هو. اهو ڏسي واپس آياسين ۽ پوءِ هن سان ڳالهايو تہ 50 پائونڊ هو پر ان کي 70 پائونڊ ڏئي ڇڏياسين. ماڻهو پلو هو. پوڙهو ٻہ هو پوءِ هو ڏاڍو خوش ٿي ويو.

رات جو اچي جڏهن هنڌ تي ليٽياسين تہ اهڙي طرح ريگستان جو نظارو اکين جي سامهون ڦرندو رهيو. جهڙي طرح ڪراچي‌ءَ ٻر سمنڊ جي ڪناري تي ويندا آهيون ۽ پورو ڏينهن لهرن ٻر گذارينداآهيون ۽ جڏهن گهر ٻر رات جو اڪ بند ڪندا آهيون تہ سمنڊ جو لهرون اکين اڳيان ڦرنديون رهنديون آهن. اهڙي طرح ريگستان ٻر پيل واري ياد اچي رهي هئي ۽ ذهن ٻر ڪيترائي سوال اپرڻ لڳا تہ واري ظاهري طور تي هڪ غير اهم شيءِ لڳندي آهي. پر حقيقت ٻر واري اسان جي زندگي جو اهم جز آهي. هيءَ اسان جي جديد شهرن جو خام مال آهي. شاپنگ مال، آفيسون، اپارٽمينٽ، بلاڪس ۽ ڊامر سميت جيڪو مٽيريل روڊن جي اڏاوت ٻر استعمال ڪندا آهيون. اهو ٻہ وڏي پيماني تي واري ۽ بجري جي پاڻ ٻر ملائي استعمال ڪيو ويندو آهي. درين جا شيشا، گاڏين جا ونڊ شيلڊن ۽ سمارٽ فون جي اسڪرين اهي ٻہ پگهاريل واري‌ءَ جا ٺاهيل آهن. ايتري قدر جو اسان جون فونون ۽ ڪمپيوٽر ٻر موجود سليڪان چپس ۽ اسان جي گهر ٻر موجود هر بجلي جي آلي ۽ اوزار وغيره ٻر ٻہ واري‌ءَ جو استعمال ٿئي ٿو. پر توهان يقين ڪيو يا نہ ڪيو تہ جديد دور ٻر واري‌ءَ جي ڏاڍي گهٽتائي آهي. ان بحران جو بنيادي سبب خطرناڪ حد تائين شهرن جي آبادين جو وڌڻ آهي. هر سال گهٽي کان گهٽا ماڻهو شهرن ٻر منتقل ٿيندا رهن ٿا ۽ اهو حال پوري دنيا جو آهي انهن ماڻهن جي رهڻ جي لاءِ عمارتن، روڊن ۽ رستن جي لاءِ واري جي گهٽي مقدار ٻر ضرورت آهي. صرف چائنہ هلندڙ ڏاهڪي ٻر ايتري واري استعمال ڪري چڪو آهي، جيتري آمريڪا رياستن پوري 20 صدي ٻر استعمال ڪئي هئي دبئي ٻر ٻہ واري‌ءَ جي طلب تمام گهٽي آهي. جيڪو وڏي صحرا جي ڪناري تي واقع ملڪ ٻہ آسٽريليا کان وڏي تعداد ٻر واري گهرائي ٿو. تہ واري رڳو عمارتن، روڊ رستن ڪارخانن ۽ بنيادي ڍانچن ٻر ڪم نٿي اچي، پر ان جي استعمال سان سمنڊ ڪنارن کي پري زمين ٻہ ٺاهي وڃي ٿي ۽ وڏا وڏا سمنڊ ڪنارن کي پري ماڻهن جي رهڻ لاءِ زمين ٺاهن ٿا. جيئن دبئي ٻر پام

ٽري ٻيٽ دنيا جو مصنوعي ٻيٽ آهي. چائنا آبادي جي حساب سان وڏو ملڪ آهي، ان ۾ سمنڊ ۾ هزارن ميلن تائين واري وجهي اتي وڏا سير گاهه ٺهرايا آهن.

پر مان سوچي رهي هيس ته اڄ اسان کيترو وڏو ريگستان ڏسي آيا آهيون، اتي کيتري نه واري هئي!! اهڙي طرح دنيا ۾ وڏا وڏا ريگستان آهن. پوري دنيا ۾ ساحلي ڪنارن تي واري پکڙيل آهي. پوءِ واري جي گهٽتائي جو مسئلو نه هئڻ گهرجي، مان بي قرار هيس، آخر مون کان رهيو نه ٿيو. رفيع کان پڇيم، رفيع چيو ته مسئلو واري جي قسم جو آهي. ريگستان جي واري اسان جي ڪم جي ناهي، اسان کي ڪنڪريٽ ٺاهڻ لاءِ جنهن واريءَ جي ضرورت آهي، ريگستان جي واريءَ ۾ اها خوبي ناهي. هيءَ واري ايتري لسي ۽ گول آهي، جيڪا ڪنڪريٽ تي جوڙڻ ۽ چنبڙڻ واري خوبي نٿي رکي. اسان کي واري کپي جيڪا کهري هجي، جيڪا درياهه جي ڪنارن، سيلابي ميدانن، سمنڊ جي ڪنارن يا ڏنڊن مان ملي سگهي ٿي. ان واريءَ جي ضرورت تمام گهٽي آهي ان ڪري درياهن جي ايڏي کوٽائي جاري آهي جو فارمن ۽ زمينن کي نقصان ٿي رهيو آهي ۽ ان جي ڪمي جي ڪري ان ڪاروبار تي مجرم ٽولا قابض ٿي ويا آهن ۽ بليڪ مارڪيٽ ۾ پهچائن ٿا.

پر ڪيترائي سائنسدان ان ڪوشش ۾ آهن ته واريءَ جو متبادل ڳوليو وڃي، جيئن ڪوٽلي جي بجلي گهرن جي رک، ڪنيل پلاسٽڪ ايتري حد تائين آئل پام جون ڪلون ۽ چانورن جي ڪل وغيره به استعمال ڪرڻ ٿا ۽ انهي ڪنڪريٽ جي تحقيق ڪري رهيا آهن، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ واريءَ جي ضرورت هجي.

اسوان کان واپسي

اڄ اسوان کان روانگيءَ جو پروگرام هو. گاڏي جي ڪمپني سان ايگريمينٽ ٿي چڪي هئي تہ رستي ۾ جيڪي بہ مندر ايندا تہ اهي اسان کي گھمائيندا ويندا ۽ پوءِ لگزر (Luxor) ۾ ڇڏي ڏيندا. پر ڊرائيور چيو تہ لگزر وڃڻ لاءِ بہ رستا آهن. هڪ مين هاءِ وي ۽ ٻيو ڳوٺن مان لگزر وڃي ٿو. ڳوٺن واري پاسي ٽريفڪ ۽ جانورن جو اچڻ وڃڻ ٿيندو آهي، جيڪي سفر ۾ رڪاوٽ وجهندا آهن ۽ اتان وڃڻ ۾ وقت ضايع ٿيندو آهي. اسان مين رستي کان هلون هن کي تہ جلدي پهچي وينداسين. اسان ان کان پڇيو تہ ان رستي ۾ مندر ايندا تہ ان جواب ڏنو تہ نہ. پوءِ اسان هن کي ڳوٺ واري رستي تان هلڻ لاءِ چيو ۽ ان کي ٻڌايوسين تہ توهان جي ڪمپنيءَ سان اها ڳالهہ ٿي چڪي آهي تہ توهان اسان کي رستي ۾جيڪي بہ مندر ايندا اهي ضرور گھمائيندئو.

اهڙي طرح رستي ۾ پهريائين کوم امبو مندر اچي پيو. اسان انهيءَ طرف روانا ٿياسين. رستي ۾ ڳوٺ ئي ڳوٺ هئا. بلڪل اسان وانگر گڏهہ گاڏيون ۽ ننڍيون ننڍيون رڪشائون هلي رهيون هيون. مردن کي عربن وانگر ڊگهي قميص ۽ مٿي تي گلابي رنگ وارو چيڪ وانگر ٿهيل رومال پاتل هو ۽ عورتن کي بہ ڊگها ڪپڙا ۽ گھٽو ڪري اباين هئا. روڊ سان گڏ ريل گاڏيءَ جي پٽڑي بہ هلي رهي هئي ۽ روڊ جي ٻنهي پاسي ڪنڊ ، ڪڪ ۽ ڪيلن جا وڻ هئا. ڪالهہ واري سفر ۾ ريگستان ئي ريگستان هو، پر هتي محسوس ٿي رهيو هو تہ مصر جي زرخيزي دنيا ۾ بہ ضرب المثل آهي. سال ۾ چار فصل ٿيندا آهن. ڳوٺ ۾ ڪچا پڪا گھر ۽ فليتون بہ نظر آيون پئي. پراڻي زماني ۾ فن تعمير جا بہ بنيادو استوار ٿي ويا هيا چو تہ مصر کي هميشہ بدوؤن کان خطرو رهندو هو.

گھٽي کان گھٽي عظيم الشان، مستحڪم ۽ آراستہ عمارتن جي مضبوطيءَ جو خيال ريگستاني ماحول جي ڪري پيدا ٿيو ۽ آراستگيءَ جو خيال خود مصري زرخيزي ۽ فطري خوشحالي جو نتيجو هو. انهن غريبن جي گھرن ۾ دريون گھٽ نظر اچي رهيون هيون چاڪاڻ تہ مصرين جي گھرن ۾ گھٽين درين جي ضرورت نہ هوندي آهي. مصر ۾ اس تيز ٿيندي آهي. هميشہ آسمان صاف ۽ سج تيز هوندو آهي ۽ برسات تقريباً نہ هڻڻ جي برابر هوندي آهي. اهڙي موسم ۾ درين جي ضرورت ئي نہ ٿيندي آهي ۽ ريگستان هڻڻ جي ڪري مٿي

گھٹي اڏامندي آهي، دروازن کان ٻي ايتري روشني اچي ويندي آهي جو گهر جي هر شيءِ نظر ايندي آهي. اها ڳالهه ناهي ته مصري هوا ۾ روشنيءَ کان ناواقف هئا. هو پنهنجي گهر جي انهن ڪمرن ۾ جيڪي دروازي کان پري هوندا هئا، اتي روشنيءَ جو خيال ڪندا هئا. جنهن مان هوا ۽ روشني اندر اچي ويندي هئي ۽ اهو ئي سبب آهي جو هو پنهنجي پٽين کي تصويرن سان سجائيندا هئا. جنهن کي ڏسي سياح خوش ٿيندا آهن.

رستي ۾ ننڍيون ننڍيون مسجدون ۽ هيون، جن ۾ هڪ مينار ۽ لڳل هو. رستي تي هاري گڏهه گاڏي تي ڪمند ڳنا ۽ ڪيلا هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه تي کڻي وڃي رهيا هئا. ڳوٺن ۾ ننڍا ننڍا ريسٽورينٽ ۽ هئا، جتي ماڻهو ويٺا هئا. جيئن اسان جي ڳوٺن ۾ ريسٽورينٽ هوندا آهن ۽ ماڻهو چانهه پيئندي نظر ايندا آهن جڏهن ڪو ڳوٺ ويجهو اچي پيو ته اسپيڊ بريڪرن جو تعداد وڌندو پيو وڃي ته جيئن روڊ هلڻ وارن ماڻهن۾ روڊ تي هلڻ وارن جانورن کي تحفظ ملي سگهي ۽ ٽريفڪ جي تيز رفتاري ۾ گهٽتائي اچي سگهي. اهڙي طرح ڪوم امبو پهچي وياسين. هيءَ انهن جي ڳوٺ جو نالو هو ۽ انهيءَ نالي جي مطابقت سان مندر جو به نالو رکيل هو. رستي ۾ ننڍيون ننڍيون ٽڪريون ۽ هيون. گاڏيءَ مان لهي هلڻ شروع ڪيوسين. هيءَ مندر ۽ پهاڙ تي هو. هڪ طرف ريسٽورينٽ هو ۽ ان کان پوءِ مندر جي چوڌاري ديوار هئي، ان جي گيٽ ۾ داخل ٿي وياسين. تقريباً 30-40 ڏاڪڻيون طئي ڪيوسين ته مندر ۾ داخل ٿي وياسين.

کوم اومبو مندر

کوم اومبو جنهن جو مطلب "اومبو جو پهاڙ" آهي، سو هڪ قديم مصري ڳوٺ آهي، جيڪو اڄ مٿاهين مصر جي اسوان گورنري ۾ واقع آهي. جيڪو اسوان جي اتر ۾ 50 ڪلو ميٽر جي فاصلي تي آهي ۽ قاهره جي ڏکڻ ۾ تقريباً 800 ڪلو ميٽر جي فاصلي تي آهي. ڪوم اومبو بنيادي طور عبادت گاهه جي ڪري قابل ذڪر آهي، جنهن کي صرف ڪوم اومبو جي هيڪل جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

ڪوم اومبو جي تاريخ فرعونن جي زماني تائين ڦهليل آهي، جڏهن انهن مصر جي ڏاکڻي سرحد جي ويجهو هڪ نوجي حفاظتي شهر جي حيثيت سان اهو ڪم ڪيو هو. ڳوٺ اصل ۾ نوبت (Nubt) جي نالي سان سڃاتو ويندو هو. جنهن جو مطلب آهي "سون جو شهر" پٽولميڪ ۽ رومن دورن ۾ هن شهر پنهنجو نالو برقرار رکيو، جيتوڻيڪ ان جو نالو تبديل ڪيو ويو هو. يونانين هن شهر جو نالو اومبوئي (ombοi) رکيو جڏهن ته رومين ان کي امبو جي نالي سان موسوم ڪيو. ڪوم اومبو پنهنجي شاندار هيڪل جي لاءِ سڀ کان گهٽو مشهور آهي، جيڪو هاڻي به باقي آهي. هن مندر کي 100 سالن ۾ تعمير ڪيو ويو هو. مرڪزي مندر پٽوليمي Ptoloemy VI فلوميٽر Philometor (بطليموس اسڪندريه جي مشهور هيئت دان جيڪو پي صدي عيسوي ۾ گذريو آهي) جي زماني ۾ تعمير ڪيو ويو هو. ان ڏانچي جي گهڻو ڪري سڃاڻ پٽوليمي XII نيوس ڊيانيوس Ptolemy XII Neas Dionysos جي دور ۾ ممڪن ٿي جنهن پهرين صدي قبل مسيح ۾ حڪومت ڪئي. رومن دور جي ۾ به هيڪل ۾ ڪجهه اضافو به ڪيو ويو.

ڪوم امبو مڪئي جي ٻنين جي درميان هڪ شهر آهي. درياهه نيل تي ناصر ڍنڍ ۽ اسوان ڊيم جي تعمير کان پوءِ هيءَ ماڻهو بي گهر ٿي ويا. هن علائقي ۾ سون جي کاڻين جي کوٽائي ڪئي ويندي هئي. هيءَ شهر اقتصادي حوالي کان قديم مصرين جي لاءِ ڏاڍو اهم هو. هيءَ مندر درياهه نيل جي ڪناري هڪ ٽڪري تي مستطيل شڪل ۾ چوني جي پٿر سان تعمير ڪيو ويو. هيءَ غير معمولي مندر آهي يا اهو چئجي ته اهو هڪ نرالو مندر آهي، چو ته حقيقت ۾ هيءَ هڪ ٻٽو مندر آهي، جيڪو واڳون جي ديوتا سوبيڪ ۽ فالڪن (باز) جي

مٿي واري ديوتا هورس جي لاءِ وقف آهي. ترتيب ۾ هڪ سان گڏ ٻن مندرن کي جوڙيو ويو آهي جنهن ۾ هر طرف گيٽ ۽ چيپل آهن سوبيڪ جو تعلق شيطان خدا سان آهي ۽ اهو هورس جو دشمن هو. هورس جي انساني ۾ سيت جا اتحادي پنهنجي پاڻ کي واڳن ۾ تبديل ڪري فرار ٿي ويا هٿا. سوبيڪ جي مرڪزي پناه گاهه هتي ٿي هئي. هتي واڳون وڏي تعداد ۾ موجود هوندا هٿا. جيڪي جانورن ۽ انسانن کي کائي ويندا هٿا. جنهن جي ڪري مقامي ماڻهو خوف ۾ مبتلا ٿي ويا هٿا. انهن جو خيال هو ته جيڪڏهن اسان انهن جي عبادت ڪنداسين ته اهي اسان تي حملو نه ڪندا. قيدي واڳون کي مندر ۾ اندر ئي رکيو ويندو هو. واڳن جا قبرستان به مليا آهن، جن مان ڪجهه هيڪل جي عبادت گاهه ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

مندر جي ٻنهي پاسن کان هڪجهڙا داخلي رستا آهن. مندر جو اڳڻ هڪ وڏي هال کان شروع ٿئي ٿو. ان کان پوءِ ئي اندروني هال ۾ به عبادت گاهون آهن جنهن ۾ هڪ سويڪ ديوتا ۽ ٻي هورس ديوتا لاءِ وقف آهن. اندروني هال ۾ ست چيمبرس آهن. ٻي مندر جي مشرقي حصي ۾ ۽ باقي مغربي حصي ۾ واقع آهن. پوءِ ڪافي ننڍا ڪمرا آهن، جيڪي مختلف رسمن ۽ مختلف مقصدن جي لاءِ استعمال ڪيا ويڻ ٿا. ڪنهن زماني ۾ هيءَ علائقو هاٿين کي جنگي تربيت ڏيڻ جي لاءِ استعمال ٿيو آهي. ٻاهرين پٽ جي هڪ حصي کي 30 ق. م ڪان پوءِ آگسٽس تعمير ڪرايو هو. پوءِ هيءَ جڳهه ان جو دارالحڪومت ۽ صوبي جو هيءَ نظام، انتظامي مرڪز بڻجي ويو ۽ ان مدت دوران مندر جي هڪ وڏي حصي کي تعمير ڪيو ويو ۽ تمام وڏي اڳڻ کي بحال ڪيو ويو هو. هيڪل جو گهڻو حصو نيل زلزلن ۽ بلڊوزرن به ان کي تباهه ڪيو جن پين منصوبن جي لاءِ هن جا پٿر استعمال ڪيا. مندر جي اندر تصويرن جي ڪافي شڪلين کي عيسائين پنهنجي دور حڪومت ۾ بگاڙي چڏيو پوءِ هيءَ مندر آهستي آهستي واري ۾ دهڻ شروع ٿيو.

1893ع ۾ هيءَ عمارتون ڪن ڪچري ۽ واريءَ مان ڪڍيون ويون ۽ پوءِ هيءَ بحال ٿي ويون. جو ته هيءَ پٿر ايتري وڏي عرصي لاءِ واري ۾ دهيل رهيا. شايد ان جي ڪري انهن پٿرن جو رنگ پين منظر کان مختلف آهي. هيءَ قديم مصري ثقافت جي خوبصورت منظرن سان پريل آهي. مندر جي ٻي پٽ جي پويان اندروني منظر خاص طور تي دلچسپي جو باعث آهن. هن ۾ سرجيڪل آلات کي مجموعي طور تي بيان ڪيو ويو آهي جيڪي به هزار سال اڳ واري ٽيڪنالاجي جي عڪاسي ڪن ٿا. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ هيڪل يقيني طور تي شفايابي جي هڪ جڳهه هئي، جيڪا قديم اسپتال جي قريب

ترين شيءِ آهي. ڪمپليڪس جي ڏکڻ، اوپر ڪنڊ تي پٽوليمڪ جي اچڻ وڃڻ لاءِ حال واري رستي جي ويجهو هاٿور جو هڪ ننڍو مقبرو به هو. جڏهن ته ڏکڻ، اولهه ڪنڊ ۾ هڪ ننڍو پيدائش گهر به آهي. اتان کان اتر ۾ هڪ گهرو کوهه به نظر آيو. جنهن مان هيڪل کي پاڻي پهچايو ويندو هو. ۽ ويجهو هڪڙو ننڍڙو تالاب به آهي، جنهن ۾ سوبيڪ جي مقدس جانورن يعني واڳن جي پرورش ٿيندي هئي.

پراڻا مصري واڳونءَ جي عبادت ڪندا هئا هيءَ انهن جو هڪ ديوتا هو جنهن جو نالو سُبڪ هو. مصرين جي دورانن تي سڪيل واڳون لڙڪيل هوندا هئا. هيءَ شيءِ به فروعي زماني جي يادگار آهي. هيءَ ديوتا جو هڪ مشڪل ۽ رواني نوعيت جو هو. اهي نيل جي واڳون يا مغربي آفريڪي واڳون سان گڏ وابسته آهي ۽ ان جي شڪل يا مگرمڇ جي مٿي سان گڏ هڪ انسان جي حيثيت سان ان جي نمائندگي ڪئي وئي هوندي. سوبيڪ جو تعلق فرعوني طاقت، زرخيزي ۽ فوجي صلاحيت سان به هو. پر ان کان علاوه انهن نيل جي خطرن کان بچاءَ جي لاءِ خاص طور تي خصوصيات سان گڏ هڪ محافظ ديوتا جي طور تي به ڪم ڪيو. جيتوڻيڪ سوبيڪ جي پوڄا پراڻي بادشاهي ۾ ڪئي ويندي هئي، پر ان جائي به مشرقي مملڪت ۾ اهميت حاصل ڪئي خاص طور تي ٻارهين خاندان جي فرعون آمنيمهات Amenemhat جي فرعونن جي دور ۾ آمنيمهات سوم جنهن مصر جي فيم Faiyum ۾ خاص دلچسپي ورتي هئي. هيءَ علائقو سوبيڪ سان تمام گهڻو وابسته هو. آمنيمهات ۽ ان جا ڪيئي هم عصر سوبيڪ تعميراتي منصوبن ۾ مصروف هئا ڇو ته گهڻو ڪري فيم عمل ۾ آندا ويندا هئا. ان عرصي ۾ سوبيڪ تبديلي آڻيندي اڪثر آسماني بادشاهت جي باطني سربراهه ديوتا هورس سان گڏ ملي ويندو هو. ٻئي طرف سوبيڪ مصر جي بادشاهن سان گڏ ايڏا به ويجهو ٿي ويو. اهڙي طرح ان گهڻو اهم مقام حاصل ڪري ورتو هو. خيال ڪيو وڃي ٿو ته سوبيڪ جون طاقتون دنيا جي تخليق تائين وڪريل آهن ۽ ان جو تعلق سج ديوتا سان هو. سوبيڪ کي عام طور واڳونءَ جي روپ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. يا هڪ واڳونءَ جي مٿي واري فرد طور تي اڪثر هيميم Hemhem تاج پاتل هوندو آهي. هيءَ تاج دنبي جي سڱن مان ٺاهيو ويندو آهي، سج جي گولائي سان گڏ ٻنهي پاسي کان ڪاريهر نانگ ٺهيل هوندو آهي، جنهن کي شتر مرغ ۽ ٻين پکين جي پرن سان گڏ تخليق ڪيو ويو آهي.

مصري تهذيب پنهنجي وجود ۾ ڪئي مختلف تاج استعمال ڪيا. ڪجهه تاجن کي اختيار ظاهر ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. جڏهن ته

کن کي مذهبي تقريبن جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. پر تاج مختلف فرعونن يا ديوتائن کي پاتل هوندو هو. ۽ هر تاج جي پنهنجي هڪ الڳ الڳ اهميت ۽ علامتي معنيٰ هئي. تاجن ۾ عاطف Atif، ديشريٽ Deshret، هيجٽ Hedjet ڪيپريش Khepresh، پشنيٽ Pushnet ۽ هيميم شامل آهن.

هن مندر سان گڏ هڪ واڳن جو ميوزيم به آهي. هي، هڪ ننڍو ميوزيم آهي، پر غير معمولي ۽ دلچسپ گهٽو آهي. ان ۾ واڳن جي ممون جي قديم نمائش ڏيکاري وئي آهي، جيڪي اتي ئي ڪنارن تي رهندا هئا. قديم مصري ڪنارن تي انهن جانورن جي اهميت نمايان ڪئي وئي آهي ۽ پراڻي دور جون جيڪي باقيات هيون، اهي به ڏيکاريون ويون آهن. ڪجهه ممين جا باقي اجزا به رکيا ويا آهن. هي، ميوزيم واڳن جي لاءِ وقف ڪيو ويو آهي.

هن ميوزيم ۾ جڏهن اسان داخل ٿياسين تہ ان وقت هڪ چائنيز گروپ نڪري رهيو هو. اسان ميوزيم ڏسڻ لاءِ ڪيميرا به پاڻ سان گڏ هٽ ۾ ڪنئي تہ هڪ گارڊ آيو ۽ ان منع ڪئي تہ فوٽو ناهي ڪيڻو. رفيع چيو تہ پر هاڻي جيڪو گروپ واپس وڃي رهيو هو، اهي تہ ڪيڊي رهيا هئا. رفيع ڏسي ورتو تہ هنن فوٽا ڪڍيا ۽ پوءِ وڃڻ مهل ان کي پيسا به ڏيندا ويا. ان کي پوري ڀالهه سمجهه ۾ اچي وئي. ان جي منع ڪرڻ تي اسان فوٽو نہ ڪڍيو. پر ٿوري دير کان پوءِ اهو گارڊ وري اسان جي طرف آيو ۽ پڇيو تہ ڪٿان کان آيا آهيو؟ اسان ٻڌايو تہ پاڪستان کان تہ پوءِ انهيءَ چيو تہ پلي فوٽو ڪڍو پر ٿورو لڪائي. اسان فوٽو ڪڍيو. ميوزيم گهٽو وڏو نہ هو. پر اسان ٿوري دير اتي رکجي وياسين چو تہ انهيءَ ميوزيم ۾ ايئرڪنڊيشن لڳل هو. جڏهن تہ ٻاهر گرميءَ مان اسان اندر آياسين تہ مزو اچي ويو. ان کري اتي ڏسڻ ۾ ٿورو گهٽو وقت لڳايو. اتي اونڌاهي به هئي. پوءِ جڏهن اسان ٻاهر نڪتاسين تہ رفيع به اهو ڪم ڪيو. جيڪو چائنيز ڪيو. اهو گارڊ ڏاڍو خوش ٿي ويو ۽ ڪلڻ لڳو. ان به شايد اهو سوچيو هوندو تہ عقل مند جي لاءِ اشارو ئي ڪافي آهي.

پوءِ ڏاڪڻين لهي هيٺ آياسين تہ اتي هڪ ريسٽورينٽ ٺهيل هو. جيڪو بلڪل پراڻي طريقي جو هو. ٻاهر اڳڻ ۾ ساوڪ سان گڏ مختلف قسمن جا گل لڳل هئا. اندر ڪجهه ڪمرا هئا. جيڪي باقاعده قديمي طرز جا هئا. ان ۾ ڳاڙهي رنگ جو ڪارپيٽ وڇايل هو ۽ پٽ سان گڏ فرش تي رنگ برنگي ڪشن رکيل هئا. هڪ فرش تي تہ ٻيو پنيءَ واري طرف تہ جيئن ماڻهو ٽيڪ لڳائي ويهي سگهن. پٽ تي خوبصورت پينٽنگ هئي ۽ ڊيڪوريشن جي لاءِ پٽين جي ڪجهه حصي تي قديم مصيءَ جا ٽانو، جن تي به پينٽنگ ڪيل هئي، هنن پٽرن تي سينگاري رکيا ويا هئا. جيئن اسان پنهنجي لان ۾ ننڍا پٽر

سجائي رکندا آهيون ۽ ڪشن جي سامهون ننڍيون گول ميزون ۽ رکيل هيون ته جيئڪڏهن ڪوئي ڪائڻ پيئڻ چاهي ته ميز جو استعمال ڪري ۽ انهن ڪمرن جون چٽون جهوپڙيءَ واري طريقي سان ٺهيل هيون. جيئن مصر ۾ جهوپڙي عام طور تي اٽن کان ڏهن فٽن تائين ويڪري ۽ سورنهن (16) کان ارڙهن (18) تائين ڊگهي ٿيندي هئي. جهوپڙيءَ جي پٽ تي شاخن جا پتا مٿئين حصي ۾ رکيا ويندا آهن ته جيئن جهوپڙي جي سجاوٽ جو ڪم ڏين. مصري جڏهن مهذب ٿيا ته انهن ان آرائش جو نقل پنهنجو وڏي وڏين عمارتن ۾ ڪيو جيئن سندن تصويرن مان ظاهر آهي. ڪجور جون اهي شاخون ائين ئي رهڻ نه ڏنيون ويندیون هيون، پر انهن تي مٽيءَ جو ليپو ڏنو ويندو هو. ۽ پٽيون چار انچ کان هڪ فٽ ٿي ويندیون هيون. جهوپڙي جي چٽ ۽ ڪجور جي شاخن سان ٺاهيندا هئا ۽ ان جي لپائي ڪندا هئا پر ڪجهه جهوپڙين ۾ چٽ تي هڪ سوراخ ڇڏي ڏيندا هئا ته جيئن دونهون باهر نڪري وڃي. ڪجهه جهوپڙيون ڪجور جي شاخن سان نه پر بروي وڻ جي ٽڙ سان ٺاهيون ويندیون هيون. ۽ بروي جي مٿاهين حصن ۾ گهاٽا ريشه هوندا هئا. ۽ هر سري جي ريشي کي هڪ خاص بناوٽ سان ٻڌي ڇڏي ڏنا ويندا هئا. ان جي هيٺان چٽ هوندي هئي. هيءَ ڪارروائي ۽ آرائش جي خيال سان ڪئي ويندي هئي.

اهڙي طرح هيءَ ريسٽورينٽ ۽ ٺاهيو ويو هو. اندر ويٺاسين ته ڏاڍو ٽڏڪار هو، پر جڏهن باهر آياسين ته هڪ طرف گول دائري جي شڪل ۾ تمام گهٽا شيشا پيا هئا، جنهن کي اسان حقو چوندا آهيون چو ته عرب ماڻهو ان جا گهٽا شوقين آهن، پر هاڻي ته اسان جي ملڪ ۾ ۽ هيءَ رواج عام ٿي ويو آهي. ننڍا وڏا حقي جو مزو وٺن ٿا، پر افسوس ته اهو صحت لاءِ تمام گهٽو نقصانده آهي. انهن جو باهر ڪليل ريسٽورينٽ ۽ هو جتي ڪين جا صوفا رکيل هئا. پر ان جي چٽ سڌي هئي اسان اتي ويهي چانهن پيتي، پوءِ اڳتي لاءِ روانا ٿياسين. هن رستي تي ۽ ڪجين جا باغ هئا ۽ انهيءَ طريقي سان ريل جي پٽڑي ۽ اسان جو ساٿ ڏئي رهي هئي. ٻنهي طرفن کان ننڍيون ٽڪريون هيون جن تقريباً اڌ ڪلاڪ تائين اسان جو ساٿ ڏنو. رستو ۽ ٽورو مڙيل هو. جيئن سنڌ ۾ سيوهڻ کان پوءِ جون ٽڪريون ايندیون آهن. ريل گاڏي مڙندي ئي هلندي آهي اهڙي طرح هتي ۽ ٽڪريون ائين هيون. پوءِ وري ساڳي صورتحال هئي يعني ساوڪ ۽ زمينون هيون.

ٻنهي طرفن کان شهرن ۽ ڳوٺن جي آبادي هئي. گهر ۽ ڪچا ۽ پڪا ٺهيل هئا، يعني پڪين سرن جا. فرعونن جي زماني ۾ ڪارخانن جي سرن تي شاهي نشان هوندو هو. وڏا وڏا نجي ڪارخانا ۽ هر سر تي پنهنجي نالي جي مهر

لڳائيندا هئا. پڪين سرن جو رواج پراڻي مصر ۾ نه هو. مصر جي زمين ۾ ٻوڏ جي ڪري آلاڻ ڏاڍي هوندي آهي. ان جي ڪري گهر ٺهرائڻ لاءِ زمين گهٽي گهري نه ڪوئي سگهبي آهي. بنياد گهٽي کان گهٽو (4) صرف چار فٽن تائين هوندو آهي جنهن تي ٻه گهر مضبوط رهن ٿا. چو ته اتي برسات نٿي ٿئي ۽ ٻيو سبب اهو ته نيل جي آندل مٽي مان ٺهيل سر گهٽي پائيدار ٿئي ٿي. هاڻي هڪ ڪلاڪ گذري چڪو هو ۽ اسان ٻئي مندر پهچي وياسين.

ادفو مندر

هن مندر ۾ پهتاسين، اهو به شهر جي وچ ۾ هو. گهٽيون ئي بسون، ڪارون پارڪنگ ۾ بيٺيون هيون ۽ سياح به ڪافي هئا. اسان جي گاڏي به اڇي پارڪنگ ۾ بيٺي ۽ ڪافي هلڻو پيو. رستي ۾ گهوڙا بگي جي لاءِ به اصطبل هئا. اتان گذري مندر جي طرف هلي پياسين. ادفو مندر لڪزر کان تقريباً 100 ڪلو ميٽر ڏکڻ ۾ درياهه نيل جي ڏکڻ ۾ واقع آهي، ادفو مصر ۽ نوبيا سرحد تي واقع هو. هتان جي زمين زرخيز هئي، انهيءَ جي ڪري ادفو مٿاهين مصر جو دارالحڪومت ۽ هڪ اهم علاقائي مرڪز هو. ان مندر جي پنهنجي پٽ ننڍا ڪمرا ۽ ورڪشاپ، اناج ذخيرو ڪرڻ جا ڪمرا، رهڻ جا ڪمرا، مقدس ڏنڊ ۽ مصباح خانه (شراب خانه) هوندا هئا. انهن مان هاڻي ته گهٽو ڪري تباهه ٿي چڪا آهن يا موجوده شهر جي گهرن جي هيٺيان دٻيل آهن.

ادفو مندر سڀ کان گهٽو متاثر ڪرڻ وارو آهي. هيءَ ادفو شهر ۾ واقع آهي هيءَ 237 ۽ 57 ق. م جي وچ ۾ پٽولیمڪ رياست جي دوران قائم ڪيو ويو هو. هيءَ مندر ديوتائن جي هڪ ٿي رخي فرقي جو مرڪز هو. ادفو شهر يوناني دستاويزات ۾ اپولو پولس ميگنا Apollo Polis Magna جي نالي سان سڃاتو ويندو هو. ان جي پٺيان سبب هيءَ هو ته هورس جي شناخت يونانين پنهنجي خدا اپولو Apollo سان ڪئي، پراڻي زماني ۾ ادفو ڏاڍي ترقي ڪئي ۽ انهن ۾ سڀ کان اهم سياحتي نشان ادفو هيڪل آهي. هيءَ پيٽولیمڪ جي زماني جو آهي.

ادفو هيڪل جي تعمير جو ڪم تقريباً B-C 237 ۾ پٽولیمي سوم جي دور ۾ شروع ٿيو هو ۽ هيءَ BC-57 ۾ پٽولیمي چوٽين جي دور ۾ ختم ٿيو هو. هيڪل جي تعمير ۾ ان جي اضافي ۾ تقريباً 180 سال لڳا. ۽ هڪ روايت اها به آهي ته هيءَ عبادت گاهه ان جڳهه تي ٺاهي وئي، جتي هورس پنهنجي والد جو بدلو وٺڻ لاءِ پنهنجي چاچا سان جنگ ڪئي هئي. رومي سلطنت جي خاتمي ۽ عيسائيت جي رواج ۽ 391ع ۾ ڪافر مذهب جي خاتمي کان پوءِ رومي سلطنت ۾ غير مسيحي عبادت تي پابندي عائد ڪرڻ جي حڪم کان پوءِ ٿيڊوس اول جي طرف کان ادفو مندر غير معزول ڪري ۽ مصر تي قبضو ڪري ڇڏيو. هائپو استائل هال جي ڪاري ڇت اڄ به نظر اچي ٿي. خيال ڪيو ويڃي ٿو ته باهه ڏيڻ جو نتيجو مذهبي منظر ڪشي کي ختم ڪرڻ هو. رومي مصر تي قبضو ڪرڻ

کان پوءِ 300 سال ائين رهيا ۽ انهيءَ دوران انهن پتين جي ڪجهه منظرن کي به رهڙي ڌاهي چڏيو. صدين دوران هيڪل وهندڙ صحرائي واري جي هينان 12 ميٽر جي گهرائي ۾ درياهه نيل جي ڏريعي جمع ٿيڻ واري گندگيءَ جي تهن مندر کي دفن ڪري چڏيو. مقامي ماڻهن مندر جي اڀين ميدانن ۾ براه راست گهر تعمير ڪيا هٿا. 1798ع ۾ جڏهن مندر جي سياڻپ فرانسيسي مهم جي ڏريعي ٿي ۽ مندر جي وڏي دروازي جي مٿاهين منزل ٿي ڏسڻ ۾ ايندي هئي. 1860ع ۾ هڪ فرانسيسي مصري ماهر آگسٽ ماريٽ ادفو جي مندر کي واريءَ کان آزاد ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو.

ادفو مندر هورس ۽ هاٿور ڊينڊيرا Dendera جي لاءِ وقف سڀ کان وڏو مندر آهي. هيءَ هورس جي ڪيترين ئي مقدس مذهبي تقريبن جي ڏينهن جو مرڪز هو. هاٿور ڊينڊيرا جي پنهنجي مندر کان ڏکڻ ۾ ادفو جي مقام تي هورس جي زيارت جي لاءِ ويندو هو. هورس، اوزيرس ۽ ازيس جو پٽ هو ۽ شرير خدا ست جو دشمن هو. هو آسمان جو ديوتا ۽ بادشاهن جو خدائي محافظ هو. هورس جي پوري مصر ۾ پوجا ڪئي ويندي هئي ۽ خاص طور تي اهو قديم شهر ميس جي جڳهه ادفو سان گڏ مليل هو، جتي هاٿي ان جو هيڪل آهي.

پنهنجي چاچي ست جي خلاف ان جي جنگين جا گهٽا داستان آهن جنهن ان جي والد کي قتل ڪري تخت تي قبضو ڪيو هو. آخرڪار هورس ست کي شڪست ڏئي مصر جو بادشاهه بڻيو. جنهن جو ذڪر مان پهريائين ۾ ڪري چڪي آهيان. غالباً اهو مصر جي حاڪم جي محافظ جي طور تي سڀ کان وڌ مشهور آهي، جنهن کي عام طور تي عقاب جي طور تي ڏيکاريو ويو آهي. ان جي ڪاهي اک سج ديوتا "را" سان گڏ وابسته هئي. اها هورس جي اک گهٽو ڪري قرباني، شفا، بحالي ۽ تحفظ جي علامت لاءِ استعمال ڪئي ويندي آهي. پٽوليميڪ سلطنت ۽ رومي مصر تائين ان جي پوجا ڪئي ويندي هئي. هو باطني سربراهي وارو شخص هو. جنهن کي پوري طرح سان مصر جي بادشاهي جي علامت جي طور تي سرخ ۽ سفيد تاج پاتل آهي.

دفن ڪرڻ وارا تعويذ گهٽو ڪري هورس جي اکين جي شڪل ۾ ٺاهيا ويندا هٿا. ان علامت جو مقصد فرعون جي پوءِ جي زندگي ۾ حفاظت ڪرڻ ۽ برائي کي روڪڻ هو. قديم مصري ۽ مشرق وسطي جا ملاح سلامتي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ پنهنجن ٽانون تي ان جي علامت کي گهٽو ڪري پينٽ ڪندا هٿا.

اسان روڊ تي هلندي جيڪو مندر جي وڏي اهم دروازي تائين وڃي رهيو هو. ان جڳهه تي پهتاسين ته مندر جي دروازي تي مندر جي حفاظت جي لاءِ هڪ ڪوبرا فرعون آئيسس سان گڏ اتر کان ڏکڻ تائين پکڙيل هو. جنهن جي ٻنهي

طرفن هورس جا بت ٺهيل هئا. ۽ اهو احساس ٿي رهيو هو جڏ ته هورس پنهنجي مندر جي حفاظت ڪرڻ جي لاءِ اتي بيٺل آهي ۽ مندر جو پتيون ٽوليمي بادشاهه نيوس ڊيانيوس جون تعريفون بيان ڪن ٿيون. اتان کان اندر داخل ٿياسين ته هڪ تمام وڏو بند اڳڻ نظر آيو. جنهن جي چٽني پاسن کان تقريباً 32 ٽنيا هئا. جيڪي چت کي سهارو ڏئي بيٺا هئا ۽ اڳڻ جي وچ ۾ هڪ قربان گاهه به هئي. جتي ماٿهو ادفو جي ديوتائن جي لاءِ نذرانه پيش ڪندا هئا. سنهري رنگ برنگي هورس ۽ هاٿور جي تصويرن سان پتيون به سينگاريون ويون آهن. اتي هورس جي زندهه بچي وڃڻ واري ڪاري گرينائٽ جو مجسمو مصر جو به پڙو تاج پاتل نظر آيو. ٽنين جي پويان هڪ پت تي ٽي وڏيون قطارون جن ۾ فرعون کي ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو ديوتائن سان گڏ يا فتح يافته هورس سان گڏ ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو آهي. وڏي دروازي جي طرف فرعون کي ڏيکاريو ويو آهي. جنهن ۾ مغربي ڪناري ۾ هيٺائين مصر جو تاج ۽ مشرق جي طرف مٿاهين مصر ۾ جو تاج آهي. هورس ۽ ٿوٿ Thoth جي ذريعي فرعون جي مٿان مقدس پاڻي وجهندي ڏيکاريو ويو آهي عظيم، شاندار اڳڻ مان گذڻ کان پوءِ اسان هڪ ٻئي هال ۾ پهتاسين، جتي 12 ڪالم هئا. جيڪي چت کي سهارو ڏئي رهيا هئا. اهي به گلن سان سينگاريل هئا. هي ڪمرو عام ماٿهو پنهنجن ديوتائن کي خوش ڪرڻ جي لاءِ آندل نذرانن جي لاءِ استعمال ڪندا هئا. هتي عورتون پنهنجي ديوتائن جي لاءِ نذرانا پيش ڪرڻ جي لاءِ هڪ لائين ۾ بيٺل آهن. اندروني هال ۾ تمام گهٽا مذهبي منظر پتين تي هئا. ديوتائن جي لاءِ آندل نذرانن ۾ شراب، مانيون ۽ ڪيئي شيون ڏيکاريون ويون آهن. جيئن ئي اسان اتي داخل ٿياسين ته به ننڍا ڪمرا به گڏ ٺهيل هئا. اولهه جي طرف وارا ڪمرا مذهبي رسمن جي استعمال لاءِ ها ۽ اوپر واري ڪمري ۾ هيڪل جي لائبريري هئي، جنهن ۾ ڪتابن جي هڪ فهرست به هئي ۽ اتي لکڻ واري ديوتا سشهت Seshat جي تصوير به پٽ تي هئي.

هائپو ستائيل هال سان گڏ ٻاهر جي طرف ڪمرو هو. ان کان اڳ ۾ اينٽي چيمبر ۾ هڪ قربان گاهه آهي. جتي روزانا ميوا، گل، شراب، کير ۽ ٻين کائڻ پيئڻ جي شين جي قرباني ڏني ويندي هئي. اتان کان مٿي هڪ چت به هئي، جيڪا زيارت ڪرڻ وارن جي لاءِ بند ڪئي وئي هئي. اتان چون پيا ته نيل ۽ ان جي پاسي وارن فصلن جوحسين منظر نظر ايندو آهي.

ٻيو اينٽي چيمبر هورس جي حرم خاني تائين رسائي فراهم ڪندو آهي جنهن ۾ پالش گرينائٽ مندر آهي. هتي هورس جو سون جي فرقي جو مجسمو رکيل هو. جيڪو 343-360 ق.م جي دور ۾ ٺاهيو ويو هو. هن مندر کي يا ديوتا

جي گهر کي پٽوليمز پنهنجي مندر ۾ پيو دفعو استعمال ڪيو هو.

هن مندر جو سڀ کان دلچسپ ڪمرو هيڪل ليبارٽري آهي. هتي تمام ضروري بخور ۽ خوشبوءِ واريون شيون احتياط سان تيار ۽ ذخيره ڪيون ويندیون هيون. انهن جا جزا به پٿرن تي درج آهن. هتي ڪاهن جي رسمن جي تياري لاءِ بخور ۽ خوشبو ملائيندا هئا.

اتي مندر جي هڪڑي ڪمري ۾ غلامن کي پيڙي تي فرعونن جي خزاني کي کٽندي ڏيکاريو ويو آهي. انهن جي عقيدي مطابق فرعون هيءَ خزانو پنهنجي موت کان پوءِ جي زندگي ۾ استعمال ڪندو. پيڙيءَ جي سامهون حفاظت جي لاءِ هورس جي مٽي تي هڪ نانگ ۽ سج ديوتا ڏيکاريو ويو آهي. مندر جي آخر ۾ هورس جو عبادت خانو آهي، جيڪو مندر جو مقدس ترين حصو آهي. هيءَ هورس جي پيڙي آهي. هيءَ رسمي پنڌيرو جلوسن جي دوران هورس جي مجسمي کي کٽي وڃڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. هن مقدس پيڙي تي هڪ سون جي مورتي سالانہ مذهبي تقريبن جي ڏينهن دوران ان جي زال هيٿورس سان ملائڻ واسطي ونڊي وڃڻ جي لاءِ استعمال ڪئي ويندي هئي. هيءَ پيڙي نقلي آهي. اصلي پيڙي پيرس ميوزيم ۾ رکيل آهي. اولهه واري حصي ۾ ننڍو ڪمرو بادشاهہ جي مذهبي پوڄاريءَ جي دفن جي لاءِ وقف هو. هيءَ مندر شاندار انداز جو آهي ۽ سلي شڪل ۾ موجود آهي. هن مندر جا منظر تاريخي آڪاڏيون شاندار طور تي ٻڌائي رهيون آهن. مثال جي طور تي فرعونن جو معبودن سان ڪهڙي طرح جو تعلق هو؟ هڪ ديوتا ڪهڙي طرح پيدا ٿيو هو؟ مرڻ کان پوءِ زندگيءَ ۾ ڇا ٿيندو آهي؟ ڪنهن فرعون ڪهڙي جنگ جي دوران ڇا ڪردار ادا ڪيو؟ هتي نذراني جا 100 جانور، سوني جا پنج ڏير، چاندي جا ڏير، خوشبوءِ، تيل جون بوتلون وغيره ڏيکاريون ويون آهن. 12 ٽنين واري هال کان ان جي پوئين حصي ۾ وياسين، جنهن کي هو فتح جو گذر ڇڻي رهيا هئا.

ان جي پٺ کي به تاريخي ڪهاڻين سان سجايو ويو آهي، جنهن ۾ هورس ۽ ست کي دريائي گهوڙي وانگر ڏيکاريو ويو آهي، جنهن ۾ بادشاهہ ۽ هورس شڪار ڪري رهيا آهن. اتي هڪ نيلو ميٽر Nilometer آهي، جيڪو هيڪل جو سڀ کان اهم عنصر سمجهيو وڃي ٿو. ڇوته اهو نيل جي پاڻي جي سطح ۽ هڪ چيپل جي پيمائش جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو، جيڪو ديوي نٽ جي لاءِ وقف ڪيو ويو آهي. مندر جي پٿرن جي مٿان جنگ جا منظر ڏيکاريا ويا آهن.

ادفو مندر جو فن تعمير بلڪل نرالو آهي، ڇوته ان ۾ يوناني ۽ مصري ثقافت پڻهي جا عنصر شامل آهن. هورس جي هيڪل جي داخلي دروازي جي مغرب ۾ 36 ميٽر جي اونچائي تي هڪ يوناني پيدائش گهر به آهي، جنهن کي

پٽوليمي ستين ۽ ايورجيٽس پٽي ٺهرايو هو.

ادفو مندر پنهنجي پراڻي اهميت جي ڪري مصري مندرن جو عمدو مثال آهي. هيءَ مندر ٽن اهم مرحلن ۾ تعمير ڪيو ويو هو. پهرئين فيز ۾ اصل عمارت شامل هئي، جيڪو مندر جو مرڪز سمجهيو ويندو هو. جڏهن ملڪ پٽوليمي ستين جي اقتدار جي پنجين سال ۾ مستحڪم هو. تڏهن هيڪل جا دروازا مضبوط ڪرايا ويا هئا. ٻئي مرحلي ۾ هيڪل جي سجاوٽ ۽ ان ۾ لکٽيون شامل آهن. ٽئين مرحلي ۾ ڪالم هال جي تعمير شامل آهي. ادفو جي آثار قديمه جي اهميت ۽ اعليٰ رياست جي تحفظ واري مندر جي حيثيت ان کي مصر ۾ سياحت جو مرڪز ٺاهيو هو. 2005ع ۾ هڪ وزيٽر سينٽر ۽ هموار ڪار پارڪنگ جي اضافي سان گڏ ئي هيڪل تائين رسائي جي اصلاح ڪئي وئي ۽ هڪ لائيٽ ۽ ساؤنڊ شو جو جديد ترين نظام به قائم ڪيو ويو.

مندر ڏسي هي رهيا هئاسين ته هڪ مرد جو آواز آيو Hello How are you? اسان حيران ٿي وياسين، هيڏي هوڏي ڏسڻ لڳاسين ته هتي ته صرف اسان آهيون پوءِ مڙي ڏٺوسين ته هيءَ اهو ئي خاندان هو. جيڪو اسان کي قاهره جي اسٽيشن تي مليو هو. زال مڙس ۽ ڏيئرون ۽ هڪ پٽ گڏ هئا. هيءَ بي فڪر ٿي قاهره جي ويٽنگ روم ۾ جڳهه نه ملڻ جي ڪري فرش تي وينا هئا ۽ ٿوري دير ۾ تاش جا پتا ڪيڏي کيڏڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا. اسان کي پريشاني ٿئي پئي ته گاڏي نه اچي وڃي. نڪري نه وڃي ۽ وري وري وقت ڏسي رهيا هئاسين ۽ ماٿهن کان پڇي رهيا هئاسين پر هيءَ پرسڪون هئا ۽ آرام سان کيڏي رهيا هئا. مون رفيع کي چيو ته هنن کي ڏس، کيڏو اطمينان سان وينا آهن. انهن جي گاڏي شايد دير سان آهي، پر جڏهن اسان جي ريل گاڏي آئي ته انهيءَ ۾ ئي سوار ٿيا هئا. اتي مندر ۾ انهن سان ٿوري گهٽي ڳالهه ٻولهه ٿي، چئي رهيا هئا ته ريل گاڏيءَ جو عملو چوي پيوته ريل گاڏي 15 منٽن ۾ اچي ويندي. جڏهن وقت پورو ٿي رهيو هو ته وري به اهو جملو ورجائن پيا ته بس 15 منٽ کان پوءِ گاڏي اچي ويندي. اهڙي طرح اسان جو پورو ڪلاڪ خراب ٿي ويو. پوءِ انهن کي خدا حافظ ڪري فوٽوگرافي ڪئي ۽ واپس ورياسين.

ادفو جو جديد شهر هن علائقي جي لاءِ هڪ اهم مارڪيٽ آهي، هتي چيني جي صنعت ۽ ٽانون جي پراڻي صنعت آهي. هتي ڏسڻ جي لاءِ مزيد ٻي ڪا به شيءِ نه هئي، انهيءَ جي ڪري گهٽو ڪري مسافر صرف هڪ ڏينهن جي سفر لاءِ هتي ايندا آهن يا لگزور ۽ اسوان جي وچ ۾ ويندي هتي ترسي پوندا آهن اسان به اهڙو ئي پروگرام ٺاهيو هو.

مندر جي ڏکڻ ۾ قديم شهر جي جڳهه تي ملبي جا اونچا مٽيءَ جي ڏڙن جا

نشان هئا . هتان جي ڪيئي آثار قديمہ جي ڪوٽائي بازنطيني ۽ عرب سلطنت جي دور جا مقامات جي هيڻان گريڪو رومن عمارتن کي بازياب ڪيو آهي.


اسان پوءِ مندر گهمي پارڪنگ جي طرف وياسين ۽ لگزر ڊانهن روانا ٿياسين. ٻاهر روڊ تي اڃا بہ اهو ئي منظر هو. جيڪو اسوان مان ادفو تائين هو. پر هتي جيڪي ڳوٺ رستي ۾ آيا، اتي ڳاڙهين سرن کان علاوه اڇي رنگ جي سرن جو بہ استعمال ٿيل هو ۽ ريل گاڏيءَ جو سفر بہ اسان سان گڏ جاري هو. ڪجهہ سفر کان پوءِ لگزور صوبي ۾ پهچي وياسين. اتي هڪڙي طرف نيل ندي هئي تہ ٻئي طرف ڪينال بہ هو. ان روڊ تي گلن جا وڻ ٻنهي طرفن کان هئا. جن جو رنگ ڳاڙهو، پيلو، گلابي ۽ نارنگي هو. جيئن ئي لگزور ۾ داخل ٿياسين تہ هر طرف گل ئي گل نظر آيا. هڪ تہ ٻنهي طرفن کان پاڻي، ان سان گڏ هلندڙ گاڏيءَ جي پٽڑي، وڻ، گل ۽ ندي ۾ وڏا وڏا ڪروز، ۽ ننڍيون ٻيڙيون، رستي تي سياحن جون گاڏيون ڊوڙندي نظر اچي رهيون هيون ۽ ٻار ڪينال ۾ تري رهيا هئا. جيئن اسان جي پاڪستان ۾ ندين، ڪينال ۽ واٽر ڪورسن ۾ ٻار وهنجندي نظر ايندا آهن. ٻارن جون مشڪريون مزاق ۽ انهن جي چهرن تي ايڏي خوشي هئي جو تہ انهن کي جنت ملي وئي هجي. شهر ڏاڍو صاف ۽ خوبصورت هو. ان کي ڏسندي اسان ڪينال جي هڪ پل ڪراس ڪئي ۽ جهڙي طرح اسان فارم هائوسن جي طرف سفر ڪندا آهيون، تقريباً اهو ئي ماحول هو. پر هتي وڻ ، ٻوٽا باقائدگيءَ سان ڪٽيل هئا. چند منٽن جي فاصلي کان پوءِ اسان پنهنجي تفريح گاهہ جي گيٽ وٽ پهچي وياسين. گيٽ کان پوءِ رسيپشن جي مين گيٽ تي اسان جي گاڏي بيٺي ۽ جئين ئي گاڏي بيٺي تہ ويٽر مسڪرائيندڙ چهري سان گڏ دروازو کوليو ۽ ان وقت ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ جيڪر هنن جو وس هلي تہ ڪچ ۾ ڪٽي هيٺ لاهن. مون رفيع کي چيو تہ اسان فرعوني خاندان مان تہ نہ آهيون. منهنجو شجرو تہ حضرت ايوب انصاري سان ملي ٿو. توهان جو شجرو ڪنهن سان ٿو ملي جو ويچارا ايتري عزت ڏئي رهيا آهن. خير پوءِ هنن اسان جو سامان لاٿو ۽ اسان کي چيو تہ توهان هلو اسان سامان پاڻهي اندر ڪٽي اينداسين. اسان اندر وياسين رسيپشن تي رش ڪانہ هئي. جلدي ڪمري جي چابي ملي وئي ۽ پوءِ ڪمري ۾ پهچي وياسين. ان وقت ٻن پهرن جي ڪاڏي جو وقت بہ ٿي ويو هو. سامان بہ ڪمري ۾ پهچي ويو، اسان جو ڪمرو رسيپشن کان ٿورو پري هو. ڳاڙهين سرن جي ٽهيل رستي تان هلي ڪمري ۾ پهتا هئاسين ڪمرو ڪافي وڏو هو. پويان باٿروم ۽ هڪ اسٽور روم هو. ڪمري جي سامهون واري حصي ۾ تمام وڏي دري هئي، جيڪا ڇت کان شروع ٿي زمين تائين هئي يا اهو چئجي تہ سامهون واري حصي ۾ صرف



لگزور، ڪرناڪ مندر جي ماڻ وٽ



لگزور، ڪرناڪ مندر جي پاهران



لگزور، ڪرناڪ مندر جي سامهون



لگزور، ڪرناڪ مندر جي اندر



لگزور، ڪرناڪ مندر جي اندر



لگزور، ڪرناڪ مندر جي اندر



لگزور، ڪرناڪ مندر جي اندر



لگزور، ڪرناڪ مندر جي اندر



لگزور مندر جي اندر




لگزور مندر جو پاهريون منظر



لگزور مندر جو پاهريون منظر



لگزور شهر جو هڪ هوٽل



لگزور شهر جي بازار



شرم الشيخ، جنينہ سٽي شاپنگ مال ناما بيچ



شرم الشيخ، جنينہ سٽي شاپنگ مال ناما بيچ



شرم الشيخ، ناما بيج ماركيت




شرم الشيخ، ناما بيج ماركيت



شرم الشيخ، ناما بيج وث هك ريستورينث



شرم الشيخ، ناما بيج وت هك ريستوريتت



شرم الشيخ، ناما بيج




شرم الشيخ، الف ليلى وليلى شو



شرم الشيخ، رائل سي اسكوب سنميرائن



شرم الشيخ، رائل سي اسكوب سنميرائن جي أندر سمندر جو سير




شرم الشيخ، رائل سي اسكوب سنميرائن تي



شرم الشيخ، رائل سي اسكوب سنمير ائن



شرم الشيخ، مسجد الصحابة جوڤيك



شرم الشيخ، قديم بازار جو منظر



شرم الشیخ، قدیم بازار جو آیک



شرم الشیخ، قدیم بازار وت مسجد الصحابہ جو آیک



شرم الشیخ، سوھو اسکائر رات جو منظر




شرم الشیخ، سوهو اسکائر - رات جو منظر



شرم الشیخ، سوهو اسکائر - رات جو منظر



شرم الشیخ، میدان ان السلام جو یادگار



قاهرہ، مسجد ءِ مقبرة بيبي زينب رضہ الله تعالیٰ عنه جو باهريون ڈيک



قاهرہ، مسجد ءِ مقبرة بيبي زينب رضہ الله تعالیٰ عنه جو باهريون ڈيک



قاهره، مسجد ع مقبره السيدة بيبي زينب رضـ الله تعالى عنه




قاهره، ابن طولون مسجد جي اگ تي




قاهره، ابن طولون مسجد جي اگ تي


EGYPTIAN NUMBERS

1	
2	
3	
4	
5	
10	
20	
30	
40	
50	
100	
1000	
10,000	
46,206	



Egyptian Alphabet





دروازو هو ۽ باقي دري هئي جيئن اکثر سمنڊ جي ڪناري وارين هوٽلن ۾ هوندو آهي تہ جيئن سمنڊ جو نظارو آرام سان ڪيو وڃي ۽ انهيءَ جي آڏو گيلري ۽ هوندي آهي، جتي ۽ ڪرسيون ۽ وچ ۾ هڪ ننڍي ٽيبل هوندي آهي. هتي ۽ ڪمري سان گڏ گيلري وانگر ٺهيل هو، جتي ۽ پڻ ۽ ڪرسيون ۽ هڪ ميز هئي ۽ سامهون جو نظارو جيڪو سمنڊ جو تہ نہ هو. پر ايتري سڻي لان ۽ گل لڳل هئا ۽ وڏا وڏا حسين گملا ۽ لان جي ۾ ڳاڙهي سرن سان ٺهيل رستا ۽ انهيءَ جي مٿان ڇت، جيڪا گلن ۽ ساون وٽن ۽ بيلن سان ڍاهي وئي هئي. ان جو حسن ۽ سمنڊ جي حسن کان گهٽ نہ هو. اسان سامان سيٽ ڪيو، پوءِ ۽ باهر سير گاهہ Resort جو سير ڪرڻ ۽ منجهند جي ماني کائڻ جي لاءِ نڪتاسين. ان سيرگاهہ جو نالو جولي ولي ڪنگز آئلينڊ لگسور Jolie ville kings island luxor هو. جيڪو عيش سان ۾ريل هڪ سيرگاهہ هو ۽ جيڪو نجي ٻيٽ تي واقع هو. 165 ايڪڙ زمين تي آرائش سان ۾ريل باغن جي چئن طرفن کان اهو نيل ندي کي نظر انداز ڪري رهيو هو. ان ۾ ٽي ترڻ وارا تلاءَ Swimming pools آهن. هر ڪمري ۾ سرسبز باغن ڏسڻ جي لاءِ نجي گيلري آهي. ايئرڪنڊيشن ڪمرا سيٽلائيٽ ٽي وي ۽ چانهن وغيره ڍاهڻ جو سهولتون هيون. رسيپشن کان معلومات حاصل ڪئي تہ ريسٽورينٽ ڪٿي آهي؟ تہ انهن کيترن ئي ريسٽورينٽ جو ذڪر ڪيو جن ۾ مصري، فرانسيسي ۽ اٽلين وغيره هئا. جن ۾ ڪٿي بوڻي هلي رهيو هو تہ ڪٿي الاڪاٽي هو. توهان پنهنجي پسند جي ريسٽورينٽ تي وڃي سگهو ٿيا. پوءِ اسان کاڌي جي تلاش ۾ باهر نڪتاسين، ڏاڍو وڏو سيرگاهہ هو. هر طرف گل ئي گل، لان، انهن جي وچ ۾ هلڻ جا رستا. هلي هلي آخرڪار پري کان هڪڙو ترڻ وارو تلاءَ نظر آيو. اتي حد کان گهٽي رش ۽ رونق لڳي پئي هئي ۽ اتي ريسٽورينٽ ۾ بوفي هو. اندر ڪمري ۾ ۽ ويهڻ جي گنجائش هئي ۽ باهر تلاءَ جي چڻني پاسن کان کاڌي جون ميزون ۽ ڪرسيون لڳل هيون. اسان باهر ٽي ويهڻ پسند ڪيو. چو تہ تلاءَ ۾ ماڻهو تري رهيا هئا. انهن جو مزو ۽ ونڊو هو. پاڻي ۽ ساوڪ گڏ هجن تہ وڌيڪ مزو ايندو آهي. هن شهر ۾ تہ صفائيءَ جو انتظام ۽ گهڻو هو. اتي ويهي آخرڪار هن پهرن جو کاڌو کاڌوسين. هتي ۽ قسمن قسمن شيون کاڌي ۾ موجود هيون، سلاد ۽ بار. بي. ڪيو جو ۽ تازو تازو انتظام هو. کاڌي مان فارغ ٿياسين تہ رفيع چيو تہ پورو سير گاهہ گهمي ٿا ڏسون تہ هتي چا چا آهي. اتان تلاءَ کان هٽياسين تہ اتي هڪ Zoo ۽ ٺهيل هو، جتي پکين ۽ جانورن جا ڪيترئي قسم هيا.

اتي ٻار ڏاڍو خوش نظر اچي رهيا هئا ۽ والدين کي رڙيون ڪري ڏيکارن پيا تہ هو ڏسو جانور چا پيو ڪري ۽ پکي ڪئين ٿا اڏن؟ ٿوري دير لاءِ اسان ۽

Zoo ۾ پکين جي آکيرن کي ڏسڻ ۾ گم ٿي ويا سين. هڪڙو ته انهن کي ڏسي مزو اچي رهيو هو ۽ ٻيو ٻار جهڙي طرح خوش هوا ۽ ٽپا ڏين پيا ۽ کيڏي مهل کنهن جانور جي پويان ٻ پڄن پيا اهو اسان ٻ ڏسي خوش ٿيون پيا. کافي دير اتي بيٺا هٿاسين پوءِ اڳتي وڌياسين. ٽينس کورٽ ۽ جم ٻ انهيءَ ۾ شامل هٿا ۽ پوءِ گهمندي گهمندي بار لائونج سامهون نديءَ جو نظارو هو. ڏاڍو مزو آيو. جيئن ته اهو اسان جي زندگيءَ جو پهريون تجربو هو ته اسان سير گاهه ۾ رهڻ جو فيصلو کيو. اڳ ۾ اسان هميشه هوٽلن ۾ رهندا هٿاسين پر ان جو مزو ٻ پنهنجو هو. ان سير گاهه جو کرايو گهٽو ٻ نه هو. هڪ رات جو صرف USA 50 ڊالر هو پوءِ واپس کمري ۾ پهچي ويا سين ۽ جيترا ڏينهن اتي رهڻ جو پروگرام هو. ته ان حساب سان کپڙا ڪڍيا ۽ استري کيا ۽ پوءِ الماري ۾ هينگر ۾ لڳائي ڇڏيا. ڇو ته اها اسان جي عادت هوندي آهي ته پهريائين پوري سيٽنگ کري ڇڏيندا آهيون ته جيئن باقي ڏينهن اسان جا آرام سان گذرن. باقي ڏينهن پوءِ صرف گهمڻ ۽ آرام لاءِ وقف کري ڇڏيندا آهيون. اهڙي طرح ٽورو آرام کيوسين پوءِ شام جي چانهن جو آرڊر ڏنوسين باهر گيلري ۾ اچي ويهي رهياسين. سامهون ماٿهن جي چهچٽي مان لطف اندوز ٿيندا رهياسين ۽ چانهن ٻ پيئندا رهياسين. ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ رات جي کاڌي جو ٽائيم ٿي ويو ۽ ڊائينگ هال جو جائزو وٺڻ لاءِ اتي ويا سين. جيڪو اسان جي کمري کان گهٽو پري نه هو. اتي بوفي هو جنهن ۾ سلاد ۾ تقريباً 20 ڊش هٿا. مين کورس ۾ ٻ تقريباً ايترا ئي ڊش هٿا ۽ ان سان ملي ۽ ميون جي ڊشن جي کمي نه هئي. هڪ ٽيبل تي تازو سلاد ٺاهڻ وارو بيٺو هو. ان جي سامهون مينو کارڊ رکيل هو. جنهن ۾ سلاد جا قسم درج هٿا. اتان ڏسي توهان کوٻ تازو سلاد ٺهرائي سگهو پيا. اسان بالادي سلاد جو آڊر ڏنو ان چيو ته توهان ميز تي ويهو مان ٺاهي پاڻ ئي توهان کي ميز تي ڏئي ويندس. اسان ميز تي ويٺاسين. هن سلاد ٺاهي ويٽر جي هٿان موکلي ڇڏيو. اسان پهريائين اهو کاڌو ان اسان کي ايترو مزو ڏنو جو گهٽو کري پوءِ منجهند جي مانيءَ تي کمري ۾ ضرور گهرائيندا هٿاسين. رات جو ڊنر هال ۾ کيتريون ئي شيون هيون. جن ۾ مصري، چائنيز، ايشين ته کجهه کانٽينينٽل وغيره هيون. پنهنجي پسند جون کيتريون ئي شيون هيون جيڪي کائڻ کان پوءِ کمري ۾ وري ٻئي ڏينهن جي پروگرام کي ڏنوسين ۽ پوءِ خواب جي دنيا ۾ گم ٿي ويا سين.

هت شي پشت/ديرالبحري مندر

صبح جو روز وانگر فرض پورو ڪري تيار ٿي ناشتي جي هال ۾ پهتاسين ۽ هي؛ اهو ئي ريسٽورينٽ هو، جنهن ۾ اسان رات جو ماني کاڌي هئي. اتفاق سان ساڳي رات واري ميز تي ويٺاسين، اتي سياحن جو ميلو لڳل هو ۽ کاڌا به هڪ طرف کان ٻئي طرف وکريل هئا. درجن قسم جيڪو سلاد جنهن ۾ سائو، ڪارو، ڳاڙهو، نارنگي، واڱڻائي رنگن ۾ موجود هو. نئين قسمن جون ڏهيون، ڊبل روٽي جا ڪيئي قسم، ڪجهه ٽلها ڍگهي ڏنڊي وانگر جنهن جي مٿان نپڪن رکيل هئا ته جيئن ڪنهن جو هٿ ڊبل روٽيءَ کي نه لڳي ۽ ڪنهن ٻئي کي گندگيءَ جو احساس نه ٿئي ۽ انهيءَ سان گڏ وڏي چري رکيل هئي ته جيئن جنهن کي جيترو کپي ته ڪٽي کائي سگهي. اهڙي به ڊبل روٽي رکيل هئي جنهن ۾ هڪ نارمل ۽ هڪ ڊائيٽ ڊبل روٽي سلائيز ۾ ڪٽيل رکيل هئي. ان کان علاوه ننڍي وڏي بنن جا قسم، وڏي ڊبل روٽي فرانس جي هئي. فرانس ڪجهه وقت لاءِ هتي حڪومت ڪئي هئي ته ويندي ويندي پنهنجي ڊبل روٽي شايد هتي ڇڏي ويا هئا. جيڪا ماٺهو پاڻ ڪٽي گڏ رکيل ٽوسٽر ۾ گرم ڪري کائي رهيا هئا. ان کان علاوه مکڻ ۽جيم وغيره جا ڪيئي قسم هئا. ان جي آڏو ٻيدن جو ڪائونٽر هو، جتي بورچي بيٺو هو. ان سان گڏ پاڇيون، چيز ۽ گوشت جا ٻٽائل ڪيل ٽڪڑا پيا هئا ۽ ماٺهو ان کي پنهنجي پسند جي مطابق آرڊر ڏئي رهيا هئا، جو اتي تازه ٺاهي پيا ڏين. وري مين ڪورس ۾ به ڪيترين ئي شيون هيون پر عربن جي ڪاڌي ۾ سفيد بين جي بغير گذارو نه هوندو آهي، اهي به موجود هئا. ان کان علاوه پين ڪيڪ مڇيءَ جا مختلف قسم ۽ گوشت جا ڪيئي ڊشز جيڪي ننڍيءَ کان وٺي وڏي گوشت جا هيا، وري پٽائن جا ڪباب، جن کي به هنن معاف نه ڪيو. مٽائي، مٺا ڊشز ۽ فروٽ وغيره به هئا ۽ هڪ ڪائونٽر جوسن، ڪير گرم ۽ ٺڏو، ۽ وچ ٿر، ٺئي موجود هئا ۽ هڪ جڳهه تي چانهن ۽ ڪافي به. بهرحال اسان ته اهو ئي ٻيدو ڊبل روٽي ۽ جيم ڪنيو ۽ پنهنجي ميز تي پهچي ويٺاسين. جيئن ئي ويٺاسين ته هڪ ڪٽڪ رنگو ويٽر اسان تي مهربان ٿيو. ان اچي پڇيو ته چانهن يا ڪافي توهان کي ڇا کپي؟ اسان ان کي جواب ڏنو ته في الحال ڪجهه به نه. اسان ناشتي کان پوءِ پيٽندا آهيون، ڇاڪاڻ ته اڪثر ماٺهو پهريائين چانهن وٺي، پنهنجي جسم کي سرگرم ڪندا

آهن تہ جيئن کاڏي جو باقاعدہ مقابلو ڪري سگھن. کاڏي کان پوءِ اسان ويٽر ڪي چيو تہ انگلش چانھن، گرم ڪير سان گڏ ڪپي. چو تہ گھٽو ڪري دنيا ۾ ٻين قسمن جي چانھن ملندي آھي. عرب ملڪن ۾ تہ ڪھوي جو استعمال گھٽو ٿئي ٿو. اسان ٻہ چانھن پي بس ڪئي تہ ڏنو تہ سڄو ھال خالي ٿي چڪو ھو. اسان ٻہ ھال مان نڪري ٻاھر ڪائونٽر تي وڃي پڇيو تہ اسان جي گائيڊ تہ نہ آئي آھي؟ انھن اتي بيٺل چوڪريءَ ڏي اشارو ڪيو. جنھن ڪي سليٽي رنگ جو پرنٽيڊ ٽائوزر ۽ فيروزي رنگ جي شرٽ پاتل ھيس ۽ سليٽي ۽ اڇي رنگ جو اسڪاف پاتل ھو. جيڪا مسڪرائيندي اسان جي طرف ڏسندي اچي رھي ھئي. شايد ھُوءَ ٻہ اشاري سان سمجھي وئي تہ ھيءَ سياح آھن جن سان مون کي ويڙھو آھي، ٻوءِ اڇي اسان کي سلام ڪيائين. پنھنجو تعارف ڪرائڻ کان پوءِ گيٽ جي طرف ھلڻ لاءِ چيائين، چو تہ اتي ڊرائيور گاڏيءَ ۾ اسان جو انتظار ڪري رھيو ھو. اسان لائونج ۾ وقت کان 15 منٽ پھريائين پھچي ويا ھئاسين. ھو شايد اڌ ڪلاڪ پھريائين پھچي چڪي ھئي. اسان پوري 9 وڳي گاڏيءَ ۾ سوار ٿياسين اسان ٻئي پويان ويٺاسين گائيڊ اڳئين سيٽ تي ويٺي. جيئن سير گاھ مان نڪتاسين تہ گائيڊ پنھنجي تقرير شروع ڪري ڇڏي. اھڙي طرح ننڍي شھر جون گھٽيون، مسجدون، ريسٽورينٽ ۽ گھرن سان گڏ زمينن جا فصل، رستي جا نظارا ڪندا آخرڪار نيل جي ھڪ پل تي چڙھياسين ۽ اھا پارڪنگ سين تہ ٿوري دير کان پوءِ ھڪ پارڪنگ نظر آئي. اتي ڪيتريون ئي بسون ۽ گاڏيون بيٺيون ھيون، اتي اسان جي گاڏيءَ ٻہ رڪجي وئي. ھيءَ دير البحري جي پارڪنگ ھئي، اتان ان مندر جي طرف روانا ٿياسين. ڪافي پنڌ ھلڻ پيو. اسان ٻہ ڪافي تيز تيز ھلندا آھيون، پر گائيڊ تہ اڃان ٻہ تيزيءَ سان ھلي رھي ھئي چوتہ منھنجو ساھ چڙھڻ لڳو ھو. ڪافي دير تائين مون انھن جو ساٿ ڏنو پر ڏاڍي ٽڪجي پيس، پوءِ ٿوري دير جي لاءِ بيھي رھيس، ڪجھ منٽن کان پوءِ گائيڊ مڑي ڏنو تہ مان تہ انھيءَ کان ڪافي پري ھيس. شايد ان کي ٿورو رحم آيو ۽ اھا ٻہ بيھي رھي. پوءِ ڪجھ منٽن کان پوءِ ھلڻ شروع ڪيو، مون سمجھيو تہ مان جڏھن انھيءَ جي ويجھو پھچندس تہ ھُوءَ پوءِ ھلڻ شروع ڪندي. پر ان ٻہ انھيءَ وقت ھلڻ شروع ڪيو ۽ فاصلو اوترو جو اوتري رھجي ويو. پوءِ تہ مان پنھنجي حساب سان ھلندي رھيس جيڪو رستو مندر ڏي وڃي پيو ۽ آخرڪار پھچي ويس.

ويلي آف ڪنگ ۽ ڪوئين جي انھيءَ علائقي دير البحري جي وڏي اھميت آھي، پر اھا ٻہ حقيقت آھي تہ الاقصر ۾ جن عبادتگاھن کي گھٽو ڏسڻ لاءِ سياح ايندا آھن، اُھوِاھوئي مندر دير البحري آھي. سرخي مائل، پوريءَ

جي ٽڪرين جي دامن ۾ هڪ ڊگهي ۽ ويڪري چبوترو نما عمارت آهي جيڪا گهٽو ڪري ميڊيا تي به ڏيکاري ويندي آهي، هيءَ درياهه نيل کان سادا ٽي ميل پري آهي. ان کي توت موس اول جي ڏيءَ ملڪ Hatshepsut تعمير ڪرايو هو. مصر ۾ مذاق ۾ ان کي هاٽ چڪن سوپ چوندا آهن. هت شي پشت سن هڪ هزار ٽي سو (1300) ق. م کان سن 1482 ق. م جي دوران 18 خاندان جي پنجين فرعون هئي. هوءَ ڪنهن به خاتون فرعون جي مقابلي ۾ سڀ کان گهٽي ڪامياب حڪمران هئي. اها زال ضرور هئي پر هن پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي مڙس کي نه ايرڻ ڏنو نه حڪومت ۾ حصيدار ڪرڻ منظور ڪيائين مصر جي تاريخ ۾ هن ملڪ جو شان وڏو عجيب هٿو مصر ۾ ڪنهن به عورت جو فرعون ٽيڻ بلڪل نئي ۽ نرالي ڳالهه هئي، پهريائين ڪڏهن به ائين نه ٽيو هو. فرعون هميشه مرد هوندا هئا. فرعون جي نالي سان گڏ عورت جو خيال به نه ڪيو ويندو هو. مرد فرعون جو خيال ايتريقدر دلين ۾ ويٺل هو جو خود هت شي پشت جي يادگارن ۽ مجسمن ۾ ان کي مصنوعي ڏاڙهي سان گڏ ڏيکاريو ويو آهي.

هت شي پشت 23 سال حڪومت ڪئي . ان جي زماني ۾ ڪابه جنگ نه ٽي هئي، چو ته مصر جون سڀ سرحدون محفوظ هيون ۽ پري پري تائين مصر جو رعب ويٺل هو. ملڪ جي حڪومت رعايه کي امن ۽ چين ڏنو. اتي دولت جي فراوني هئي. ملڪ ۾ خوشحالي جو دور هو. ملڪ جو هڪ ڪارنامو هيءَ به هو ته ان ايريٽيريا ۽ سمالي لينڊ ۾ به مهمون موڪليون، هڪ خشڪي رستي ٻي سمنڊ رستي. هيءَ ٻئي مهمون سراسر دوستانه ۽ تاجرانه هيون، اهڙي طرح ملڪ جون ٻئي مهمون ڪامياب رهيون ۽ گهٽو قيمتي مال پاڻ سان گڏ آندائون ملڪ انهن مهمن جون تصويرون ٽيبس جي سامهون البحري ۾ پنهنجي شاندار مندر جي پٽين تي ٺهرايون، جيڪي اڄ ڏينهن تائين به موجود هيون. ان مصر جي مٿاهين ۽ هينائين ٻنهين علائقن ۾ ڪيترين ئي تعميرات ڪرايون.

ملڪ غالباً 1479 ق. م دنيا مان رخصت ٿي وئي ۽ ان جو مڙس ٿوٿموسس ٽيون فرعون بڻيو ۽ ان کي نيپولين به چيو ويندو هو چو ته ان جا ڪارنامه نيپولين سان گهڻا ملندا جلندا هئا. ان جي عظمت مان ئي ثابت ٿئي ٿو ته ملڪ کهڙي پائي جي عورت هئي. پر هُوءَ پنهنجي وڏي همت ۽ حوصلي واري مڙس کان به وڏي شخصيت جي مالڪ هئي نه ته ان کي 20 سال پنهنجي قيد ۾ نه رکي سگهي ها. اها ڳالهه ناهي ته ٿوٿموسس سوم پنهنجي زال جو عاشق هو ۽ محبت ۾ ان جو غلام بڻجي ويو. پر هو پنهنجي زال کان سخت نفرت ڪندو هو. ان جو ثبوت اهو هو ته ان جي مرڻ کان پوءِ ان انهيءَ جون يادگارون مٽائڻ شروع ڪري ڏنيون. ٿوٿموسس چاهيندو هو ته ملڪ جو نالو سيني جي دلين

مان اهڙي طرح متايو وڃي جو جڙ تہ ملڪ ڪڏهن هئي ئي نہ.

بهرحال ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ فرعون مصر جي تمام فرعونن کان زبردست، مدبر ۽ معزز هو. هي، جيترو عقل جو مالڪ هو. اوتري ئي عمل جي طاقت بہ رکندو هو. هو پنهنجن ارادن ۽ فيصلن ۾ اٽل هو ۽ ان مصر کي بلندين تي پهچايو هو. ملڪ جي مرڻ کان پوءِ ٿوٿموسس جون فوجون مصر جي سرحد تي پهچي ويون ۽ ان کان پوءِ فلسطين جي شهر غزه تي قبضو ڪري ڇڏيو.

دراصل شام ۾ رهڻ وارن شامي قومن هڪ وڏو اتحاد ناهي ڇڏيو هو ۽ اهي مصر تي حملو ڪرڻ چاهن پيا. پر فرعون وڏي عقل مندي سان جنگ کٽي ۽ فتح حاصل ڪئي. ٿوٿموسس کي بي شمار مال غنيمت مليو ۽ پري پري جي سردارن اطاعت قبول ڪئي. ٿوٿموسس کل 54 سال حڪومت ڪئي. 20 سالن تائين اهو نالي ماتر فرعون هو. ڇو تہ سندس ملڪ هت شي پشت حڪومت تي قابض هئي. فرعون جي اصلي حڪومت 33 برس رهي. گائيڊ ٻڌايو تہ ان سوئت جي اڳڙ جنهن ۾ وڏا دروازا لڳل هئا جي ٻنهي طرف کان درياهہ نيل کان مندر تائين ان جي اردگرد فضا ۾ خوشبوءِ وکيڙڻ وارا مرر وڻ هوندا هئا. سبز باغن ۽ چشمن جي ڪري ٺڪار هوندو هو. ملڪ پاڻ وٽن جي سرزمين جا مشهور سفر، وٽن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيا. جيئن مشرق جي ڇت جي نوآبادیات ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

راڻيءَ کي خود هتان جي مشرقي حصي ۾ ڪالم جي پينٽنگ ۾ مشهور سفر جي دوران هيءَ وڻ حاصل ڪندي ڏيکاريو ويو آهي.

هن مندر کي عظيم ملڪ هت شي پشت جي ڪارنامن جي ياد ڏيارڻ جي لاءِ تعمير ڪيو ويو هو. اهو هڪ تفريحي هيڪل سان گڏ گڏ ديوتا آمون را جي پناهہ گاهہ جي طور تي ناهيو ويو. اڄ ان کي دير البحري جي عبادت گاهہ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

سڀ کان گهٽو مقدس پناهہ گاهہ مصر جي ديوتا آمون را جي لاءِ وقف ڪيو ويو آهي.

مصري بت پرست هئا، گهڻن ديوتائن جي پوڄا ڪندا هئا. هر شهر تہ ڳوٺ جو ديوتا الگ هو ۽ اتي صرف انهيءَ کي پوڄيو ويندو هو. اهو ئي بچائڻ وارو سمجهيو ويندو هو. جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ڳوٺ يا شهر کان هليو ويندو هو تہ پنهنجي ديوتا کي بہ ڇڏي ويندو هو ۽ نئين جڳهہ جي ديوتا جي پوڄا ڪندو هو. ڇو تہ هو سمجهندو هو تہ هاڻي ٻئي ديوتا جي عملداري ۾ اچي ويو آهيان ۽ هيءَ ئي ديوتا ڪم اچي سگهي ٿو. اهڙي طرح ممفس جو ديوتا فتاح هو. هيلو پوليس (عين شمس) جو اتوم هو. ٿوتحد جو خنوم هو ۽ ٿيبس جو

آمن هو.

ٽيبس جي ديوتا آمن کي جنگي فتحن سبب کان گھٽو مشهور ۽ مقبول ڪري ڇڏيو. مصرين جي اها ذهنيت تمدن جي ترقي سان گڏ مضبوط ٿيندي وئي ۽ هو آهستي آهستي وحدانيت جي طرف چڪجڻ لڳا.

مصري مذهب جي تاريخ کي غور سان پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته مان وارا ماڻهو عام طور تي را يعني سج کي پوڄيندا هئا. ٽيبس مصر جي دارالحڪومت ۽ تهذيب جو مرڪز هو پر ان شهر جو ديوتا را نه پر آمن هو. آمن هڪ فرضي ۽ بناوٽي ديوتا هو ۽ را پرحال زبردست مادي وجود رکندو هو.

سج به خدا اجي هڪ مخلوق رهي آهي، پر وڏي شاندار آهي ۽ خدا اسان جي زمين جي زندگي جو ذريعو سورج کي ٺاهيو آهي. ان جي ڪري گھٽا قديم مصري ماڻهو سج جي پوڄا ڪرڻ لڳا. اهڙي طرح مصرين جو به اهو ئي حال آهي ۽ ان جا امير امراً آمن ۽ ٻين سڀني ديوتائن تي را يعني سج ديوتا کي فوقيت ڏيندا هئا. ٽيبس وارن سوچيو ته ائين نه ٿئي جو آمن سان گڏ ٽيبس جي اهميت به ختم نه ٿي وڃي. ان جي ڪري انهن عقل جو مظاهرو ڪندي آمن سان گڏ را کي به ملائي ڇڏيو. اهڙي طرح آمن را جي نالي سان پنهنجي شهرت پکيڙي ڇڏي ۽ آمن را کي هڪ مستقل ديوتا قرار ڏنو ويو ۽ مصر جي اميرن پر را (سج) جي (وحدانيت) جو خيال پکيڙجي ويو. ان کي "آمن را" سان ملايو ويو.

هيءَ مندر دير البحري جي زبردست گرينائٽ ٽڪرين جي بنياد تي بيٺل آهي. اهڙي طرح هاٿي انجي لهرن واري حصي تائين پهچي سگهجي ٿو.

ان جي پهرئين چيمبر ۾ هڪ تمام وڏو شاندار ڪمرو هو. اتي گنبند وانگر ٺهيل ڇت هئي، جتي هاٿي به پت، مٽ جي آسماني بادشاهي جي نمائندگي ڪرڻ وارا پينٽ ٿيل ستارا ۽ طاق هر ديوار تي ٺهيل هئا. هتي ڪافي اهم تقريبات ڪيون ويندیون هيون، جيڪي سج ديوتا جي نذراني جي طور تي ڪيو ويندیون هيون. آمون را آسماني سج، پيڙي، جيڪا نيل ندي جي مشرقي ڪناري تي ڪرناڪ جي مندر مان پجارين جي ڪنڌن تي سوار هئي، جلوسن جون تصويرون ۽ سج ۽ پيڙي جون امدادي شيون بستين جي ديوارن تي نمودار هيون. جتي هت شي پشت جي مندرن ۾ باقي شاهي خاندان جون تصويرون به ڏسڻ ۾ آيون.

ملڪ جيتوڻيڪ خواتين جي لباس ۾ ملبوس پنهنجي والد ۽ سوٽيلي پاءُ ۽ مڙس، ڏيءُ ۽ ان جي پائيٽو وغيره سان گڏ بيٺل آهي، پر هو هڪ فرعون جي رسمي ڏاڙهي سان گڏ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

اتان نڪري ٻئي ڪالم جي چيمبر ۾ داخل ٿياسين. جيڪو پهرئين کان

نندیو هو. هيءَ آمون را جي لاءِ وقف ڪيو ويو آهي ۽ آثارن جي ماهرين جي مطابق هتي خدا جو احترام ڪرڻ واريون تمام گهٽيون مقدس رسمون ٿيندڙيون هيون. اهل مصر سج کي وڏي اهميت ڏيندا هئا، جنهن کي سيني ديوتائن جو ولي سمجهيو ويندو هو. انهن جي خيال جي مطابق جيڪڏهن سج نه هجي ته دنيا ۾ ڪجهه به پيدا نه ٿئي ها. دنيا جي تخليق ڪرڻ وارو سج آهي. اڄ جي جديد سائنس ان ڳالهه سان اتفاق ڪري ٿي ته زندگيءَ جو رشتو، پاڻيءَ سان جڙيل آهي جتي پاڻي ناهي اتي زندگي ناهي پر جيڪڏهن سج نه هجي ته دنيا سرد خانو بڻجي ويندي، سمنڊ جمي ويندا زمين بنجر ٿي ويندي، ڪائنڊ پيئڻ جون شيون ختم ٿي ويندين ته ائين انسان به ختم ٿي ويندو. سج جي تپش سان زمين پنهنجي سيني مان خوراڪ ۽ الله جون ٻيون نعمتون ٻاهر ڪڍي ٿي. ٿي سگهي ٿو ته فرعون به انهيءَ ڳالهه کان آگاهه ٿي چڪا هجن، انهيءَ ڪري سج کي اهم سمجهي ان جي پوجا ڪندا هئا.

درمياني حصي ۾ چت تي شينهن جي جوڙي ڏاڪڻين تي سيڙ کان مٿي ۽ هيڪ جڙيل هئا. چت جي ڪاٻي پاسي هت شي پشت جي پيدائش جو ڪالم آهي جنهن تي ان جي والد Thuthmosis I اول ۽ والده Ahmasis پنهنجي گوڏن تي جهڪيل ڏيکاريا ويا آهن. جيڪي ديوتا آموس کي توليد جي طرف ڪمري ۾ وٺي وڃي رهيا آهن ۽ بيس ۽ هيقت اهو منظر ڏسي رهيا آهن. ٿيوٽا انهن تاريخي واقعات جو اندراج ڪندي ڏيکاريا ويا آهن. ان جي هيٺان ڪجهه رنگا رنگ ڪالم سان گڏ عبادت خانه ڏيکاريا ويا آهن. بيس Bes ۽ هيقت Heqet (هڪ ڏيڏر ديوتا) جا منظر ڏسي رهيا آهن ۽ ٿوٽا ان تاريخي واقعات جو اندراج ڪري ٿو. ڪجهه هيٺ رنگا رنگ ڪالم ۽ تصويرن سان گڏ عبادت خانه آهن. ڪاٻي پاسي ٿٽموسس سوئم جو سج ديوتا ۽ باز مٿي وارو آهي سوڪارس Sokaris ديوتا کي شراب پيش ڪري رهيو آهي. سامهون واري پت تي هاٿور ۽ ٿوٽموسس Thutmosis کي ڪتي جي مٿي واري ديوتا انويس Anubis کي نذرانا ڏيندي ڏيکاريو ويو آهي. ساڄي پاسي هت شي پشت کي بند جي سرزمين جيڪا آمن Amun جي پيدائش جي هئي. هن مندر جي لاءِ مرر وٽن کي واپس آڻيندي ڏيکاريو ويو آهي. تصويرن ۾ آمون جو مصري ٻيڙين سان گڏ بحره احمر کان سفر شروع ڪرڻ، پنٽ Punt جي بادشاهه جي طرف کان ان جو ۽ ان جي زال جو خير مقدم ڪرڻ ۽ مصرين جون ڏاتي شيون ميرا Mirrah وڻ، آمونس هاٿي ڏند، دالچيني ۽ پينٽر جي ڪلن جا نذرانه چاڙهيندي ڏيکاريا ويا آهن.

آخري ڪنڊ تي هاٿور مندر آهي، جنهن ۾ ديوي جي منهن تي هٿر سيڙ نانگ جي شڪل ۾ ڏيکاريل آهن. پهرئين ڪمري ۾ ڪاٻي پت تي هاٿور کي

انساني شڪل ۾ ۽ ساڄي پاسي هت شي پشت ڪي ڪير پيئندي ڏيکاريو ويو آهي. ان کان پوءِ واري ڪمري ۾ مذهبي تقريبن جا جلوس ڏيکاريا ويا آهن، جن جي تصويرن جو رنگ قابل ديد آهي. اتي هاٿور کي ساڄي پاسي ۽ سينن مت Senenmut کي کاهي پاسي عبادت ڪندي ڏيکاريو ويو آهي.

سينين مت کي کاهي پاسي عبادت ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. Senenmut سينين مت ملڪ جو پسنديده درباري هو. گائيڊ ٻڌايو ته جڏهن هي، جڳهه دريافت ٿي هئي تڏهن ان ۾ ڪائي، جو عضو تناسل سان پريل ٿوڪري جا ڊير موجود هئا. جيڪي شايد زرخيزي جي رسمن ۾ استعمال ٿيندا هوندا. سڀ کان مٿي ڊيزر-ڊيجيرو جنهن جو مطلب "پاڪن جو پاڪ" آهي. "The Holy of Holies" "هتي هت شي پشت مندر جو مردا خانو آهي. جيڪو هڪ نوآبادي ڊانچو آهي جيڪو هڪ ٽڪري، تي ٺاهيو ويو آهي. جيڪو ان جي مٿان تيزي، سان مٿي اٿي ٿو. ان جي چت تي ڏاڪڻين جي ذريعي پهچي سگهي ٿو. اتي گڏهن جا مٿا لڳل آهن هت شي پشت جو مندر ساڄي پاسي آهي جتي پوڄا ڪرڻ وارن ۽ نذرانہ پيش ڪرڻ وارن جون تصويرون آهن. ٻئي طرف سج ديوتا جو مندر هڪ مرڪزي قربان گاهه ۽ هڪ ڪليل اگڻ آهي، پويان مندر ۾ آمون جو مندر آهي.

مصر ۾ هي، واحد چت وارو مندر، صحرا جي ميدان ۾ ٽڪرين ۾ بلند ٽيو ۽ قدرتي تماشگاهه ٿيٽر ۾ قائم آهي. ان وڏي مندر ۾ وڏيون وڏيون ڏاڪڻيون ۽ اگڻ نمايان آهن ۽ ان جي اندروني پتين ۽ چيپل تي ايان بہ خوبصورت راحتون آهن ان کي وڏي پيماني تي "قديم مصر جي انمول يادگارن" مان هڪ سمجهيو ويندو آهي. هن جي ڊيگهه 97 فٽ آهي. هي، بادشاهن جي وادي، جي ويجهو، نيل جي ڏکڻ ڪناري تي دير البحري جي ٽڪرين جي هيٺان واقع آهي.

هن مندر مان نڪرڻ کان پوءِ ڏاڪڻيون لهي هيٺ آياسين. جيتريون ڏاڪڻيون چڙهڻ مشڪل هيون ان کان ٿوري گهٽ تڪليف لهڻ ۾ بہ ٿي. هيٺ آياسين ته هيٺ ڪجهه قبرون بہ هيون، انهن ۾ هڪ قبر نيبهپيٽري ميٽ هاٽپ Nebhepetree Metuhotep ٻئي جي آهي. هي، يارهين (11) خاندان جو پنجون فرعون هو. هي، 91 سالن تائين حڪومت ڪندو رهيو. ان جو هڪ پٽ Mentuhotep آهي، جيڪو هن جي ڇهين (6) زال سان گڏ هو. پنهنجي پي، جي وفات کان پوءِ فرعون ٿهيو ان جون پنج زالون اتي دفن ڪيون ويون هيون. اتي ٻيون بہ ڪيتريون ئي قبرون هيون.

جڏهن اسان اتي ٻيٺا هئاسين، ان مهل ڏينهن جا يارهن (11) ٽيا هئا. ان وقت اُس پنهنجي جوپن تي هئي، ٻيا سياح بہ چانو ڳولڻ لاءِ ڪوشش ۾ هيڏي هوڏي ڏسي رهيا هئا. پري پري تائين ڪٽي چانو نہ هئي، هي، مندر ٽڪري، جي

دامن ۾ هو. پري پري تائين ٻنيون ٻارا نظر اچي رهيا هئا. اتان کان مندر جو نظارو وڌيڪ سهڻو پيو لڳي. گائيڊ ٻڌايو ته شاهي ميت کي مقبري ۾ پهچائڻ کان پهريائين. انهن جون آخري رسمون هتي ادا ڪيون ويندیون هيون. فرعون جي دور جا مذهبي ماڻهو هتي ديرالبحري ۾ رهندا هئا. جيڪي فرعون جي ميتين کي محفوظ رکڻ جا حمايتي هئا. جڏهن چورن لٽيرن شاهي مقبرا لٽڻ شروع ڪيا ته انهن جي پادرين شاهي مقبرن مان تقريباً 40 شاهي ميتن کي ڪڍي هن ديرالبحري سان گڏ هڪ گهري غار کوٽي ان ۾ لڪائي ڇڏيون هيون. جيڪي آثار قديمہ سان گڏ دريافت ٿيون. انهن شاهي ميتن ۾ سيتي اول جي پٽ رميسس ثاني جهڙن بادشاهن جون ميتون بہ هيون ۽ وڌيڪ گائيڊ ٻڌايو ته جڏهن هتان کان اهي قاهره درياهہ نيل جي ذريعي ڪٽي وڃڻ لڳا ته ماڻهو نيل نديءَ جي ٻنهي طرفن جي ڪنارن تي بيهي رهيا. عورتن جو لباس ماتمي هو ۽ وارا کليل هئا. چوته قديم مصر ۾ ميت کي اهڙي طرح رخصت ڪيو ويندو هو. ان ۾ مرد ۽ عورتون ٻئي شامل هئا. اهڙي طرح انهن ماڻهن فرعونن کي آبائي علائقي مان وڏي اعزاز سان گڏ رخصت ڪيو هو.

بدلجندڙ زماني سان گڏوگڏ هن دير البحري جا آثار بہ نظرن کان اوجهل ٿي ويا. ۽ 1891ع ۾ آثار قديمہ اُهي آثار ڏٺا ۽ کوٽائي ڪئي ته هيءَ ڪنڊرات ملي ويا جن کي اصل حالت ۾ بحال ڪيو ويو آهي.

وادي المالڪ/ بادشاهن جي وادي

اهڙي طرح هتان واپس ٿياسين ۽ گاڏيءَ ۾ سوار ٿياسين. اسان وادي المالڪ جي طرف رخ ڪيو. گاڏيءَ ۾ گائيڊ اسان کي اهو بہ ٻڌايو ته جڏهن فرعونن جو دور ختم ٿيو ۽ عيسائيت مصر ۾ قدم جمائڻ شروع ڪيا. تڏهن مندر جي جڳهہ تي عيسائين قبضو ڪري ڇڏيو ۽ ان جو نالو دير البحري رکيو ۽ ان کي عيسائيت جو اترين علائقي جو مرڪز قرار ڏنو. دير البحري جو مطلب آهي "شمالي چرچ جو مرڪز" آهي.

جڏهن گاڏي رستي تي هلي رهي هئي ته اتي ڪابہ آبادي نہ هئي ۽ هر طرف ويراني ئي ويراني هئي. ذهن ۾ خيال آيو ته هزارين سال اڳ هتان مرڻ وارن ڪيترن ئي بادشاهن جا سوگوار جلوس گذريا هوندا ۽ ان سان گڏ ڪيترا ئي ماڻهو شامل هوندا. هر طرف ماڻهو ئي ماڻهو هوندا. پر هاڻي هن طرف ويراني ئي ويراني آهي. اهڙي طرح گاڏي ساڃي پاسي مڙي ته عالم هنگام کان پري، بلند، پورا ۽ سليٽي رنگ جا پهاڙ نظر آيا ۽ جڏهن ويجهو پهتاسين ته ان جي دامن ۾ تنگ رستا هئا. مردا شهر جي انهيءَ رستي تي ساڃي ڪاهي تر وارو رستو

۾ مقبرن جا دروازه هڻا. گاڏي ٽڪرين جي پارڪنگ جي وچ ۾ بيهي رهي اهو ويلي آف ڪنگ جو آغاز هو. ان کان اڳتي ڪنهن به گاڏيءَ کي وڃڻ جي اجازت نه ملي. اتي ڪيترا استال به هڻا جن ۾ مصر جي پراڻي تهذيب جي مطابق شيون هيون، جيڪي اهي وڪڻي رهيا هڻا. اسان لٽاسين ته گائيڊ تيزيءَ سان هلڻ شروع ڪيو ۽ ٽڪيٽ گهر وٺ اچي رڪجي وئي. رفيع کي چيائين ٽڪيٽ وٺ، چو ته هاڻي رش گهٽ آهي پوءِ رش گهڻي ٿيندي ته ڏگهي لائين ۾ بيهڻو پوندو. رفيع ٽڪيٽ وٺي آيو، پوءِ اتي ئي هن پنهنجي تقرير شروع ڪري ڇڏي. ٻڌايائين ته:

18 صدي کان 20 شاهي خاندان جي فرمانروائن پنهنجي آخريءَ آرام گاهه جي طور تي تعمير ڪرايو هو ۽ انهن کي هتي ئي دفن ڪيو ويندو هو. ارڙهين خاندان جو هر مصري بادشاهه تخت نشين ٿيندي ئي پنهنجي قبر جي تياري شروع ڪري ڇڏيندو هو. اهي جبل جي هيٺان زمين کڻي پنهنجو مقبرو ٺهرائيندا هڻا. گائيڊ وري وڌيڪ ٻڌايو ته قديم مصري دنياوي زندگي گذارڻ جو ايترو فڪر نه ڪندا هڻا، جيترو آخرت جي زندگي جي خوشي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هڻا. هو اهو به مڃيندا هڻا ته ديوتائن، خاص ڪري، زيرس جي خوشنودي کان بغير انهن جي آخرت سڌي نٿي سگهي. انهن جو اهو عقيدو به هو ته ديوتا "نيڪين سان خوش ٿيندا آهن ۽ بدين کان ناخوش". فرعون پنهنجي لاءِ تمام وڏا مقبرا ٺهرائيندا هڻا. اهڙي طرح ان سان نقصان اهو ٿيو ته ملڪ جي دولت جو تمام گهڻو حصو مردن تي ضايع ٿي ويندو هو ۽ زنده ماڻهو غربت ۾ پيسجندا رهيا. حالت اها هئي جو فرعون جو سڀ کان وڏو انعام ۽ اعزاز اهو سمجهيو ويندو هو ته ان کي ڪهڙي طرح خوش رکيو وڃي ۽ ان جي لاءِ پائيدار مقبرو ٺاهڻ ۾ ماڻهو پنهنجو سرمايو استعمال ڪري ڇڏيندا هڻا.

گائيڊ ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي ٻڌايو ته مصرين جو عقيدو هوندو هو ته انسان ۾ شين مان ٻيو آهي، اهي به شيون جسم ۽ روح آهن. پر اهي جسم کي به روح وانگر فاني نه مڃيندا هڻا، هو روح جو مختلف صورتن ۾ خيال ڪندا هڻا. ۽ انهن جو شڪليون ٺاهيندا هڻا. ڪڏهن باز ته ڪڏهن آڙي ته ڪڏهن روشن اک جي صورت ۾ ٺاهيندا هڻا. مصرين جو عقيدو هوندو هو ته جيڪو ڪجهه روح تي گذري ٿو. اهو ئي لاش تي به گذري ٿو. جسم جي جيڪا حالت هوندي آهي اها روح جي به هوندي آهي، اهي هڪ ٻئي کان ڪڏهن به الڳ نه ٿي سگهندا هڻا. ان جي لاءِ هو سمجهندا هڻا ته موت اچڻ تي جسم جيڪڏهن فنا ٿي وڃي ته روح به فنا ٿي ويندو. ان جي لاءِ ٻنهي جي حفاظت ضروري آهي. انهيءَ سوچ انهن کي مجبور ڪيو ته لاش کي محفوظ رکڻ جو طريقو ايجاد ڪيو

وڃي، اهڙي طرح انهن ممين جو طريقو استعمال ڪيو. قديم مصري پنهنجن مردن کي حنوط ڪندا هئا. جڏهن ڪنهن خاندان جو ڪو ماڻهو مري ويندو هو ته ان خاندان جون سڀ عورتون پنهنجن منڊن ۽ منهن کي گپ هٿي ۽ مرڙ واري کي گهر ۾ ٿي ڇڏي، شهر ۾ نڪري ويندیون هيون. اُهي پنهنجو مٿو پٽيندیون هيون ۽ سينو اگهاڙو ڪري ڇڏيندیون هيون، ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيندیون هيون، باقي مائٽ انهن جي پويان هلندا هئا. انهين کان پوءِ مرد به ائين ڪندا هئا. جڏهن اهو ماتم ٿي ويندو هو ته پوءِ لاش کي حنوط ڪرڻ لاءِ آندو ويندو هو. شهر ۾ مخصوص ماڻهو هوندا هئا، جيڪي اهو ڪم ڪندا هئا. جڏهن ان وٽ لاش کي کڻي ايندا هئا ته اهي ماڻهو ڪائي جا پينٽ ڪيل تابوتن جا نمونا ڏيکاريندا هئا. پوءِ هو انهن کي ٻڌائيندا هئا ته هن انداز ۾ لاش کي حنوط ڪرائڻ ۾ ڪيترو خرچ ايندو. پوءِ هو ان کي گهٽ قيمت وارا تابوت ڏيکاريندا هئا ۽ آخر ۾ بلڪل سستن تابوتن جي واري ايندي ٿي ٿئي قسم جا تابوت ۽ حنوط جا طريقا ٻڌائي فيصلو انهن تي ڇڏيندا هئا ته جيئن هو چاهن حنوط ڪرائن. ماڻهو پنهنجو فيصلو ٻڌائڻ کان پوءِ لاش ان وٽ ڇڏي ويندا هئا ۽ پوءِ حنوط جا ماهر پنهنجي ورڪ شاپ ۾ ان تي پنهنجو ڪم شروع ڪري ڇڏيندا هئا.

سڀ کان پهريائين هي ماڻهو لوهہ جي هڪ ڪنديءَ کي نڪ جي ذريعي مردي جي مٿي ۾ وجهي ان جو مغز ڪڍي ڇڏيندا هئا. ڪجهہ حصو ائين ڪڍي ان خالي جڳهہ ۾ ڪجهہ دوائون وجهي ڇڏيندا هئا پوءِ هڪ تيز نوڪيلي پٿر سان ان جي پيٽ ۾ چيرو لڳائي، آندا ۽ اوجهري ڪڍي، معدي کي کجور جي شراب سان ڌوئي، پيٽ ۾ خوشبوءِ وجهند اهئا. پوءِ معدي ۾ مختلف قسم جي خوشبوءِ پري، پيٽ کي سبي ڇڏيندا هئا. هي سڀ ڪجهہ ڪرڻ ڪانپوءِ اهي لاش کي نيٽرم ۾ جي محلول سان پريل ٽب ۾ هوڙي رکندا هئا ۽ ستر ڏينهن تائين ان جي اندر رهڻ ڏيندا هئا. پوءِ ان کي ڪڍي خوب سڻي طريقي سان ڌوئي ڇڏيندا هئا ۽ پوءِ لچڪدار ڪپڙي جي پٽين ۾ ويڙهي ان کي ڪنئور سان چنبڙائيندا هئا ۽ لاش مائٽن جي حوالي ڪيو ويندوهو. جيڪو انساني جسم وانگر گهڙيل ڪاٺ جي تابوت ۾ بند ڪري ان کي ٿهہ خاني جي پٽ سان گڏ بيهاري ڇڏيندا هئا. ايتري خرچ ۽ وقت کان پوءِ لاش حنوط شده صورت اختيار ڪري ڇڏيندو هئو. اهي ماڻهو جيڪي گهٽا پئسا خرچ نہ ڪري سگهندا هئا، اهي درمياني طريقو اختيار ڪندا هئا. ان طريقي سان نہ لاش جو پيٽ چيريو ويندو هو نہ آندا وغيره ڪڍيا ويندا هئا. رڳو سرنج جي ذريعي سفيد ڏيودار جو تيل معدي ۾ پري ڇڏيندا هئا. پوءِ جسم کي مقرر عرصي تائين نيٽرم جي محلول ۾ هوڙي ڇڏيندا هئا.

آخري ڏينهن تي لاش کي کڏي انجيڪشن جي ذريعي پيٽ ۾ پريل تيل کڏي ڇڏيندا هئا. هي تيل ايتري قدر طاقتور هوندو هو جو اندر آنڊن ۽ ٻين شين کي ڳاري ڇڏيندو هو. ۽ گوشت کي به ڪٽي ڇڏيندو هو. پوءِ اهو لاش مائٽن جي حوالي ڪيو ويندو هو. ٽيون طريقو غريبن جي لاءِ مخصوص هوندو هو. هن طريقي ۾ لاش کي پهريائين سائرمي جي پاڻياڻ ۾ ڏوئيندا هئا، پوءِ 70 ڏينهن تائين نيٽرم ۾ رکي وارثن جي حوالي ڪيو ويندو هو. مصري مسودات مان خبر پوي ٿي ته مصرين ۾ مرڻ ۽ دفنائڻ جي عرصي ۾ وڏو اختلاف هو هڪ حالت ۾ حنوط ۾ 16 ڏينهن لڳندا هئا. ٻيون پنجٽيهه (35) ڏينهن ۾ ٻڌيون ويندیون هيون ۽ دفن 70 ڏينهن کان پوءِ ڪيو ويندو هو. اهڙي طرح کل هڪ سو ايڪويهه ڏينهن لڳندا هئا. هي حالت ۾ 60 سٽ ڏينهن لڳندا هئا. دفنائڻ جي تياري ۾ 10 ڏينهن حنوط ۽ ٻيون ٻڌڻ ۾ چويهه (26) ڏينهن لڳند اهئا. اهڙي طرح پورا ڇهانوي (96) ڏينهن لڳندا هئا. هڪ هي جڳهه تي ٻڌايو ويو آهي ته حنوط ۾ ستر يا اسي (70/80) ڏينهن لڳندا هئا ۽ دفن ڪرڻ ۾ ڏهه مهينا لڳندا هئا. ڪجهه يوناني مصنفين لاش مان ڪڍيل آندي جي باري ۾ هڪ عجيب نظريو پيش ڪيو آهي. پلوٽارڪ هن جڳهين تي لکيو آهي ته مصري جڏهن ڪنهن لاش مان آنڊا ڪڍي ڇڏيندا هئا ته پوءِ ان کي اس ۾رکي ڇڏيندا هئا ته جيئن مڙدي جيڪي غلطيون ۽ گناهه ڪيا آهن اهي هن مان پاڪ ٿي وڃن ۽ پوءِ هو انهن آنڊن کي درياهه ۾ ٻوڙي ڇڏيندا هئا. باقي جسم کي حنوط ڪري محفوظ ڪندا هئا.

پوري فري Porphery به اهائي ڳالهه بيان ڪئي آهي. ان ته اها فارمولا به ٻڌايو جيڪو حنوطي آنڊن کي اس ۾ رکڻ وقت استعمال ڪندا هئا. اهو چوي ٿو ته ان نسخي کي ايڪفنٽوس پنهنجي زبان مان جيڪا يقينن مصري هئي، يوناني زبان ۾ ترجمه به ڪيو هو. ان وقت اهي ماڻهو سج ۽ ٻين ديوتائن جيڪي جو انسانن کي زندگي عطا ڪندا هئا، مخاطب ڪرڻ وقت ان کي درخواست ڪندا هئا ته مرڻ وارن کي سدا زنده رهڻ وارن ديوتائن جو ساٿ عطا ٿئي.

مردي جي طرف کان انهيءَ ڳالهه جو اقرار ڪيو وڃي ٿو ته: ان زندگي ۾ سڀني ديوتائن جي دل سان پوڄا ڪئي ۽ پنهنجن وڏن ديوتائن جو احترام ڪيو. ان ڪنهن به ماڻهوءَ کي نقصان نه پهچايو. هيءَ سڄيون ڳالهيون مردي جي طرف کان لکي ممي‌ءَ سان گڏ رکي ڇڏيندا هئا. يونانين جي لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو آنڊن تي عمل ڪرڻ وقت نه ڪنهن قسم جو اخراج ڪندا هئا نه ئي ان کي درياهه ۾ وجهندا هئا پر هو آنڊن کي به حنوط ڪري مردي جي ٽنگن يا ٻانهن جي وچ ۾ رکي ان تي به ٻيون ٻڌي ڇڏيندا هئا ته جيئن مستقبل ۾ جڏهن ان کي

پي دنيا ۾ ٻيو دفعو زنده ڪيو ويڻ ته ان جو جسم ڪنهن عضوي کان بغير نه رهجي ويڻ.

مصري پنهنجي مردي کي ماکيءَ ۾ به محفوظ ڪري ڇڏيندا هئا. سڪندر اعظم جو جسم به "اچي ماکيءَ، جيڪا ڳاري نڪي سگهي" ۾ محفوظ ڪيو ويو هو. سڪندراعظم جي مصر فتح ڪرڻ وقت ممين کي سجائڻ جو فن ۾ عروج تي پهتل هو ۾ دهن تي نقش نگار ۾ سجاوٽ مان خبر پوي پئي ته مصري ان فن ۾ يوناني کان متاثر هئا. ممي جو مٿو هڪ ماسڪ ۾ ويڙهيو ويندو هو ۾ ماسڪ تي شوخ رنگن سان نقش نگار ٺاهيا ويندا هئا. تابوت جو ڏهو بس ايترو ئي وڏو ٺاهيو ويندو هو ته جيئن جسم ان ۾ پورو اچي ويڻ. ان جي ٻنگن تي هڪ چادر ويڙهي ڇڏيندا هئا. ديوتائن جون تصويرون، بي شمار تعويذ ۾ اهي سڀ شيون جيڪي زندگي ۾ ان جي استعمال ۾ رهيون هيون، ان سان گڏ ئي رکيون ويندين هيون.

مصري پنهنجن مردن کي ان لاءِ حنوط ڪرائيندا هئا جو انهن جي عقيدي مطابق موت کان پوءِ ڪنهن وقت جسم ۾ روح واپس اچن ٿا ۾ هڪ دفعو وري مردو ڦهريائين وانگر زنده ٿي ويندو. اهڙي طرح اهي ماڻهو پوري ڪوشش ڪندا هئا ته قبر ۾ انهن جي مردن جي جسمن کي ڪوبه نقصان نه پهچي.

انهن جو اهو به عقيدو هوندو هو ته روح به انهن سڀني شين ۾ کاڌن جو محتاج آهي، جنهن جي ضرورت زنده جسم کي ٿيندي آهي. جيڪڏهن روح جي لاءِ اهو سڀ سامان نه رکيو ويو ته اهو مري ويندو. ان مشڪل جو حل ڪڍڻ جي لاءِ زندهه ماڻهن کي روحن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ضروري آهي.

پر انديشو هو ته زنده ماڻهو ڪٿي مردن کان لاپرواه نه ٿي وڃن ان جي لاءِ اهو عقيدو پکيڙي ڇڏيو ويو ته ان جڳهه تي روحن جي هجوم رهي ٿو جيڪڏهن ماڻهو انهن جون ضرورتون پوريون نٿا ڪن ته رات جو هو انهن جي گهرن ۾ گهڙي انهن جي جسمن ۾ گهڙي ويندا ۾ انهن کي تنگ ڪندا ۾ بيماري ۾ مبتلا ڪري آخرڪار ان کي ختم ڪري ڇڏيندا. ان لاءِ ماڻهو ڏڃي ويا ۾ پنهنجي مردن جي لاءِ قبر ٺاهڻ ۾ قبر سان گڏ هر قسم جو کاڌو، مانيءَ، ميوو، گوشت، اناج، ٽانو، ڪپڙا ۾ پاڃيون وغيره مطلب ته اهي سڀ شيون رکرائي ڇڏيندا هئا، جنهن جي ضرورت زنده ماڻهوءَ کي ٿئي ٿي.

مذهبي ڏينهن تي مردن جي قبرن ۾ شيون پهچائيندا هئا. مثلاً صاف پاڻي، مانيءَ، مقدس گوشت يعني ڳئون جو گوشت، هرڻ جو گوشت، سوئر جو گوشت وغيره ان جي پويان ڏاڍو خرچ ڪندا هئا. ڪيترن ئي سالن تائين ان دستور کي هلايو ويو. ۾ اهي سمجهندا هئا ته مردن کي انهن شين مان فائدو

ٽيندو، پر ڪجھ عرصي کان پوءِ دستور ۾ تبديلي اچي وئي. پٽين ۾ تابوتن تي ٻه شين جو تصويرون ٺاهيون ويون ۽ انهن کي ڪافي نہ سمجهيو ويو پر مردي جا پورا نالا ۽ لقب سان گڏ لکيا ويا، چو ته انهن جي خيال ۾ ماڻهوءَ جو نالو ان جي وجود ۾ هستيءَ جو لازمي حصو هو. جنهن جو نالو مٽجي ويندو ان جو وجود ٻه مٽيل سمجهندا هوندا. ان سان گڏ جادوءَ واريون دعائون ٻه لکي ڇڏيندا هئا ۽ يقين ڪيو ويندو هو ته جڏهن ڪو ماڻهو هيءَ سڀ تحريرون پڙهندو ته جادو جي اثر سان اهي سڀ شيون روح کي ملي ويندیون، جن شين جون تصويرون ٺاهيون ويون آهن.

گائيڊ جي تقرير ختم ٿيڻ جو نالو ئي نہ پئي وٺي پوءِ بيزار ٿي مون هيڏي هوڏي ڏسڻ شروع ڪيو. اسان سان گڏ هڪ ٻئي گائيڊ جو گروپ ٻه بيئل هو. جنهن ۾ تقريباً 28 ماڻهو شامل هئا. اها ٻه مسلسل ڳالهائي رهي هئي، ماڻهو ٻڌي ٻه رهيا هئا ۽ سوال ٻه ڪن پيا. پر هڪ نوجوان جوڙو انهن کان پري پنهنجو پاڻ ۾ مصروف هو. شايد دوست يا زال مڙس هوندا. انهن يورپين جي ته خبر ئي نہ پوندي آهي. انهن جي منهن ۾ بيزاريءَ جو عنصر ڏاڍو هو ڪنهن وقت ڳالهائي رهيا هئا ته ڪنهن وقت فوٽوگرافي هلي رهي هئي. منهنجو ڌيان جڏهن انهن جي طرف ٿي ويو ته گائيڊ ٻه سمجهي وئي، پوءِ ان اشارو ڪيو ته هاٿي هلون ٿا ۽ هو اسان کي رستي تان وٺي گيٽ وٽ پهتي جنهن جي دروازي تي بورڊ لڳل هو. جنهن تي لکيل هو K-V-2. هتي بادشاهن جون قبرون نمبرن سان سڃاتيون وڃن ٿيون، مثال جي طور تي K-B-I قبر جو مطلب آهي شهنشاهه وادي جو مقبرو نمبر هڪ. هتي تقريباً 64 مقبرن جي دريافت ٿي چڪي آهي ان کي وادي الملڪ چيو وڃي ٿو. هيءَ مصر جي هڪ وادي آهي، جتي يارهين (11) صدي ق.م ڪان سورهين (16) صدي ق. م تائين جي فرعونن ۽ طاقتور اشرافيا جي لاءِ مقبرا تعمير ڪيا ويا هئا. هيءَ درياهه نيل جي اولاهين ڪناري تي واقع آهن ٽيبس (جديد لگزور) جي برخلاف ٽيبن نيڪرو پوليس جي مرڪز ۾ آهن هيءَ وادي ٻن وادين تي مشتمل آهي، هڪ اترين وادي جتي شاهي مقبرن جي اڪثريت آهي ۽ مغربي وادي هيءَ وڏي شاهي شخصيات سان گڏ رعايت يافته اميرن جي تدفين جو مرڪزي مقام هو. انهن مقبرن کي مصري افسانن جي منظرن سان سجايو ويو آهي. جنهن مان ان دور جي عقيدن ۽ تفريحي رسمن جو اشارو ملي ٿو. هيءَ علائقو ارڙهين (18) صدي جي آخر ۾ ئي آثار قديمه ۽ مصر جي تحقيقات جو محور بڻيل آهي ۽ ان جا مقبره ۽ تدفين تحقيق ۽ دلچسپي کي اپارين ٿا.

مان ۾ رفيع گيٽ جي اندر داخل ٿياسين، اتي تڪيٽ ڏسي اسان کي اندر وڃڻ جي اجازت ملي وئي. اسان ان داخلي جي جڳهه يعني گذرگاهه تي پهچي وياسين. هتي ڏاڪڻين سان گڏ لاهيندي هئي. هلندي هلندي انهن جي پهرين راهه داري ۾ پهچي وياسين، جتي پٽين ۾ چٽ تي ديوتا هورس، را ۽ عيسائين جون دعائون ۽ مغفرت جي تحريرن جا منظر نظر آيا. پوءِ محراب وانگر ٺهيل هڪڙي ٻي راهه داري ۾ داخل ٿي وياسين. جتي به ڪيتريون دعائون پٽ تي لکيل هيون. ٽين گذرگاهه غار وانگر اندر محراب دار دروازي تي نظر پئي، جنهن تي ڪتاب ڪيورنس (Caverens) جا منظر هٿا. هيءَ ڪتاب ٽئين سلطنت جي هڪ قديم مصري عالم برزخ جو ڪتاب آهي. هيءَ ڪتاب مردن جي فائدي جي لاءِ بادشاهن جي مقبرن تي سچ هٿ جي تائيد ڪندو آهي. ان ۾ سچ ديوتا را جو عالم برزخ جي ڇهن گهاٽن جي سفر کي بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ سچ ديوتا ۽ عالم برزخ جي ماڻهن جي درميان ڳالهه ٻولهه تي توجهه ڏني وئي آهي، جنهن ۾ صالح کي اجر ملڻ ۽ دنياوي نظام جي دشمنن کي سزا به شامل آهي. جيڪي انصاف نه ڪري سگهندا هٿا ۽ هيءَ ڪتاب جهنم جي مصري تصور جي باري ۾ معلومات جو هڪ بهترين ذريعو آهي. ان ڪتاب جو آغاز 13 صدي ق. م ۾ ٿيو هو. ان ڪتاب جو قديم ترين نسخو ريمسس چوٿين جي مقبري ۾ ملي ٿو. هيءَ هڪ خوبصورت ڪتاب هو. ان کان پوءِ جهڪيل رستي تي هيٺ لهندي، هڪ وڏي ڪمري سان گڏ ننڍو ڪمرو هو. جنهن ۾ ڪتاب الاموات يا ڪتاب اموات Book of the dead هڪ قديم مصري دستاويزن جي مجموعي جا منظر هٿا. ان ڪتاب ۾ منتر، عاجزي ۽ التجا واريون دعائون ۽ حمد وغيره شامل آهن. هيءَ عام ماڻهو پنهنجي قبر يا تابوت ۾ رکڻ جي لاءِ خريد ڪندا هٿا. انهن جو عقيدو هو ته مرڻ کان پوءِ انهن کي پڙهي اهي ڪجهه فائدا ۽ خصوصي سهولتون حاصل ڪري سگهندا. هي مصري ڪتاب مردار منترن جو هڪ مجموعو آهي، جيڪو مرڻ وارن کي روح کان پوءِ جي زندگي تي وڃڻ جي قابل بڻائي ٿو. Osiris مردا ماڻهن جو ديوتا پي دنيا جو حڪمران هو. مرڻ وارن جو ديوتا هٿ سان گڏ اوزيرس قيامت ۽ زرخيزي جو ديوتا به هو. ان ڪتاب جو هڪ ڏاڍو مشهور ۽ دلچسپ صفحو جيڪو با تصوير آهي ان ۾ هڪ مردي جو حساب آخرت ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي. ان تصوير ۾ مرڻ وارن جي دل ديوتا اوزيرس جي زير صدارت ديوتائن جي مجلس ۾ عدل جي ترازو ۾ تورينديِ ڏيکاري وئي آهي. ان جي لاءِ هو پنهنجي تاريخ ۾ ان کي انتهائي مقدس خيال ڪندا آهن ۽ حد درجه احترام بجا آڻيندا آهن.

ان کان پوءِ تدفين خانو جنهن ۾ تمام وڏو تابوت پيل هو. اتي پهتاسين، جتي به امدوات Amadwat ڪتاب جو منظر موجود هو. ان ڪتاب ۾ مرده فرعون پنهنجي شمسي ٻيڙي ۾ ڏيکاريو ويو آهي. اهو هڪ قديم مصري تفريحي متن آهي گهٽ تفريحي تحريرن وانگر هيءَ به فرعون جي مقبرن ۾ لکيل هو. هيءَ صرف فرعون جي لاءِ مخصوص هو.

ان ۾ را جي آڪاڻي ٻڌائي وئي آهي، جيڪو مصري سج ديوتا آهي، جيڪو پوئين پهر جو سفر ڪري ٿو انهيءَ وقت کان جڏهن سج مغرب ۾ غروب ٿئي ٿو ۽ مشرق ۾ ٻيو دفعو اپري ٿو. چيو وڃي ٿو ته مردا فرعون اهو ئي سفر ڪري رهيو آهي بالا آخر را سان گڏ هڪ ٿي هميشه زندهه رهي.

عالم برزخ کي رات جي ٻارنهن (12) ڪلاڪن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. هر هڪ فرد سج ديوتا جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ مختلف اتحادين ۽ دشمنن جي نمائندگي ڪري ٿو. اهو امدوات انهن سڀني ديوتائن ۽ شيطاني قوتن واري روح جا نالا ونڊندو آهي. امدوات جو بنيادي مقصد انهن خدائن ۽ پوتن جا نالا مرده فرعون جي روح کي ٻڌائڻ آهي. لهذا اهو انهن کي مدد جي لاءِ پڪاري سگهي ٿو يا انهن کي شڪست ڏيڻ جي لاءِ انهن جو نالو استعمال ڪري سگهي ٿو.

سڀ ۽ خراب ٻنهي ماڻهن جو نالو وٺڻ ۽ انهن جي نالن سان گڏ ڪم سندن جي عڪاسي عالم برزخ جي نمائش جي واضح طور تي ظاهر ڪري ٿي.

ان جي ويجهو ٿي ڪمرا هئا، جنهن ۾ بادشاهه جون تصويرون ۽ تفريحي شين جون تصويرون هيون. بادشاهن جي وادي ۾ K-V-2 مقبرو ريمسس چوٿون ريمسس ٽئين جو جانشين هو. جيڪو ماريو ويو هو. ريمسس چوٿين ان جو تخت سنڀاليو. ان وقت مصر کي معاشي زوال کي منهن ڏيڻو هو ۽ هو پنهنجي تاريخ جي هڪ انتهائي ڏکئي مرحلي مان گذري رهيو هو. K-V-2 ان علائقي ۾ گهٽو ڪري ٻين مقبرن کان مختلف آهي. هيءَ آساني سان تيار ڪيو ويو هو. پر وري به ڪيئي طريقن سان نرالو آهي. 1829ع ۾ هن قبر کي هڪ هوٽل جي طور تي استعمال ڪيو ويو هو. جتي ابتدائي جستجو جيئن چيمپولين، رابرٽ هي، روز سليني، ٽيوڊور ڊيوس، فرسٽ پلڪر جن ڪئي هئي. ان قبر جي اهميت آهي ان کي قديمي دور ۾ ڏاڍو استعمال ڪيو ويندو هو. مقبري جي ٻتين جي قبطي ۽ يوناني گرافٽي جي هڪ وڏي مقدار به ڏيکاري ٿي.

چيو وڃي ٿو ته گهربل ڊيزائين کي محدود وقت جي دستيابي جي ڪري مختصر ڪيو ويو آهي ۽ اهو به چيو وڃي ٿو ته هن مقبري جا به خاڪيدار منصوبه آهن، جنهن مان گهٽو مشهور پاپائرس تي مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي اهو ٽيورن Turin ميوزيم ۾ موجود آهي. ان مقبري جي سجاوٽ ايجان به

برقرار آهي ۽ ڪاميابي سان گڏ ڪٿي عنصرن جي استعمال کي ظاهر ڪري ٿو. تابوت جو ڍڪڻ هڪ سري کان ٽنل هو. بادشاهه جي ممي اتان منتقل ڪئي وئي ۽ چون ٿا ته هن مقبري مان تفريحي مواد بہ ڪافي مليو هو. تدفين خانو ايترو وڏو نہ آهي، پر تابوت غير معمولي طور تي وڏو هو. راهه داري جي ڏيگهه ۽ ويڪر غير معمولي آهي. هن مقبري مان فارغ ٿي ٻاهر نڪتاسين ته گيٽ تي اسان جي گائيڊ اسان جو انتظار ڪري رهي هئي. اتان روانا ٿي وياسين.

KV8

KV8 پر وياسين. هن مقبري جو منصوبو ڪافي سنوت پر آهي. هن پر بہ ٽي راهداريون هيون، جيڪي هڪ ٽنپ جي طرف وڃي رهيون هيون. اتان هڪ ڏاکڻ آئي. پهرين راهداري پر هورس، جيڪو آسمان جو خدا چورائي ٿو ۽ را جيڪو سج جو ديوتا آهي، انهن سان گڏ بادشاهه کي بہ سجاوٽ پر ڏيکاريو ويو آهي. ٻي ۽ ٽئين راهداريءَ پر ڪتاب اموات جي متعلق تصويرين هيون. انهن ڪتابن جو ذڪر مان پهريائين ئي ڪري چڪي آهيان.

ان کان پوءِ هڪ ٽنين واري هال پر داخل ٿياسين، جيڪو هن ٽنين سان گڏ هو. هي سينگاريل ڪمرو ان جي والد ريمسس جي لاءِ وقف ڪيو ويو هو. بادشاهه جو تابوت جيڪو انهيءَ ڪمري پر آهي. ٽنين واري هال جي سجاوٽ "ڏرن جي ڪتاب" Books of Gates سان ڪئي وئي هئي. هيءَ ڪتاب هڪ قديمي مصري تفريحي متن آهي.

جيڪو نئين سلطنت مان ملي ٿو. ان پر رات جي وقت پر سج جي عالم برزخ جي سفر سان گڏ هڪ نئين مرده روح کي اڳئين دنيا پر منتقل ٿيڻ جو بيان آهي. روح کي سفر جي مختلف جڳهن تي دروازن جي هڪ سيريز مان گذرڻو پوندو آهي. هر دروازو هڪ مختلف ديويءَ سان لاڳاپيل هوندو آهي ۽ ان جي لاءِ ضروري آهي تہ فوتي ان ديوتا جي خاص ڪردار کي سڃاڻي. هن ڪتاب جي عبارت مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪجهه ماڻهو بغير ڪنهن نقصان جي گذري ويندا پر ٻين کي هڪ باهه جي تلاءَ پر عذاب ڀوڳڻو پوندو.

ٽيين کان پوءِ هڪ هال چوٽين راهداري پر آهي، جيڪو تدفين جي خيمي کان پهريائين، هڪ داخلي رستي کان پوءِ پنجين راهداري جي طرف وڃي رهيو هو. ان داخلا واري لابي يا ڪمري کي "مردن جي ڪتاب" سان سينگاريو ويو آهي. ڪفن دفن وارو ڪمرو چئن حصن تي مشتمل آهي، جن مان بہ ساڄي پاسي آهن. هن جي پٽيان لاڳاپيل ڪمرن جي هڪ قطار موجود آهي. ڪفن دفن واري ڪمري جي ڪنبد دار ڇت الن ٽنين تي ٻيئل

آهي، جيڪي ٽنيا ہن قطارن ۾ موجود آهن. هنن ڪمرن جي آرائش قديم مصر جي تدفيني ڪتاب "بڪ آف گيٽس" جي مطابق آهي، جڏهن ته ساڄي پاسي واري ديوار هڪ ٻئي تدفيني ڪتاب "بڪ آف ڪيورنس" مطابق ڪيل آهي. ڪفن دفن واري ڪمري جو وچون حصو بادشاهه جي، گلابي گرينائيٽ پٿر سان ٺهيل آرائشي بوتي نما تابوت تي مشتمل آهي. اهو آرائشي تابوت چٽن تهن تي مشتمل آهي جن منجهان ٽي تهه گلابي گرينائيٽ جا ٺهيل، جڏهن ته چوٽون اندروني تهه هلڪي پيلي ڪيلسائيٽ پٿر جو جڙيل آهي. سڀ کان باهرين پاس واري تهه جي ڊيگهه ساڌا تيرهن فٽ آهي. هيءَ مرينپٽه Merneptah جو مقبرو آهي. جيڪو قديم مصر ۾ 19هين خاندان جو چوٽون حڪمران هو. ان 1213 ق.م کان 1203 ق. م تائين تقريباً هڪ ڏهاڪ تائين حڪومت ڪئي. اهو ريمسس ٻئين جو تيرهون (13) پٽ هو. هو پنهنجي سيني پائرن جي مرڻ کان پوءِ حڪمران ٿيو. مرينپٽه جي تخت کي BC-Encremery Netyeru جي نالي سان ياد ڪيو ويو. جنهن جو مطلب آهي.

"The Soul of Ra beloved of the God" خدا جي محبوب را جو روح.

مقبرو KV8 به بادشاهن جي وادي۽ ۾ آهي. هيءَ اٽويهين (19) صدي ۽ ويهين (20) صدي جي خاندانن جي آخري شاهي مقبرن جو نمونو آهي هيءَ مقبرو سائيز ۾ وڏو آهي، پران جو ڊزائين مرينپٽه جي ڏاڏا ۽ والد جي مقبرن کان سادو آهي. جيتوٽيڪ راهداري کي سجائڻ واريون تصويرون ٻوڏ ۾ خراب ٿي ويون، پر جيڪي بچيل آهن اهي ڏاڍيون سهڻيون لڳن ٿيون.

هيءَ مقبرو مرڪزي علاقي جي ڪاهي پاسي هڪ ننڍي پس منظر جي وادي۽ ۾ واقع آهي ۽ هيءَ مقبرو ان جي والد جي قبر KV7 جي ويجهو آهي. ان کي هاورڊ ڪارٽر 1903ع ۾ دريافت ڪيو.

سيٽي اول

سيٽي اول (Seti-1) جي مقبري ۾ پهتاسين، جنهن جو نمبر 17 هو. هيءَ مقبرو بيلزوني جو مقبرو Belzonis Tomb، آپس جو مقبرو The Tomb of Apis ۽ نسيموس جي پٽ سهو سيس جو مقبرو The Tomb of Prammis Necho جي نالي به سڃاتو وڃي ٿو. هيءَ اٽويهين (19) صدي جو فرعون هو. هيءَ وادي جي بهترين مقبرن مان هڪ آهي. هيءَ پهريون دفعو 16 آڪٽوبر 1817ع Giovanni Battista دريافت ڪيو هو. جڏهن هو پهريون دفعو هتي داخل ٿيو ته ان پٽ جي تصويرن کي عمدي حالت ۾ ڏٺو. جنهن جي پٽين تي پينٽ به تازه نظر اچي رهي هئي. اسان به آهستي آهستي سرنگ ۾ هيٺ لٿاسين، ان جي پٽ ۽ چٽين تي اهو ئي

رنگ ۾ اهي ئي تصويرون نظر آيون، جيئن ٻين مقبرن ۾ هيون. آخري حصي کي افتتاحي رسمن سان گڏ سينگاريو ويو آهي. ان کان پوءِ ان جڳهه جي هيڻان ڏکڻي سرنگهه وڃي رهي هئي. جتي آخر ۾ دفن جي جڳهه تي پهچي ويا سين. ان جو تابوت اڄ کالهه لندن ميوزيم ۾ رکيو ويو آهي ۽ چون ٿا ان ۾ ممي اتان نه ملي هئي.

هيءَ قبر آپس جو مقبرو به چورائڻ لڳي هئي، چو ته جڏهن هن قبر کي دريافت کيو ويو ته ڏاند جي ممي تدفين واري هال جي ويجهو واري ڪمري ۾ ملي هئي. قديم مصر جو سڀ کان اهم ۽ انتهائي معزز ڏاند ديوتا آپس هو. چو ته قديم دور ۾ مصري ڏاندن ۽ انهن جا نورن جي پوڄا ڪندا هئا. جيڪي زرخيزيءَ جي نمائندگي ڪندا هئا. انهيءَ جي سڳ کي قديم فرعونن جي ڪجهه مقبرن جي زينت به ٺاهيو ويو هو ۽ آپس کي گهٽو ڪري نجي تابوتن تي طاقتور محافظ جي طور تي پيش کيو ويو هو. انڊر ورلڊ جي حاڪم اوزيرس جي هڪ شڪل جي لاءِ هيءَ خيال کيو وڃي ٿو ته آپس جي تحفظ ۾رهڻ وارن انسانن کي بعد جي زندگيءَ ۾ چٽن هوائن تي غلبو حاصل ٿي ويندو.

KV_18

KV-18 کي ريمسس ڏهين جي لاءِ تيار کيو ويو، جيڪو مصر جي ويهين (20) صدي جي خاندان جو آخري حڪمران هو. هيءَ ڏکڻ، اولهه علائقي ۾ واقع آهي. هيءَ ايترو عمدو مقبرو ناهي. هن ۾ هڪ معياري داخلي رستو ۽ ٻه راهداريون آهن. هن جو مقبرو سج جي شبيهه سان سينگاريل آهي ۽ بادشاهه سج جي ٻنهي طرف گوڏن ڀر ويٺل نظر اچي ٿو. راهداري ۾ ريمسس ڏهين جون ڪيتريون ئي تصويرون آهن، جن ۾ گهٽن ئي ديوتائن جي پوڄا ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. ٻي راهداري سينگاريل نه آهي. گائيڊ ٻڌايو هو ته اهو اڃان تائين يقيني نه آهي ته هيءَ واقعي ۾ ريمسس جي دفن جي جڳهه آهي تڏهن به هن جي ممي ڪڏهن به ڪٿي ٻئي هنڌ نه ملي آهي. لڳاتار ٻوڏن جي ڪري هن مقبري جي ڇانڇي کي وڏي پيماني تي نقصان پهتو. 1904ع ۾ هاورڊ ڪارٽر ٻيهر آرائش جو ڪم شروع کيو. پٽين کي اڇو ڪيو ويو ڪيو ويو ۽ اصلوڪي ڊزائين مطابق تعمير کيو ويو. آرائش جي ٻين ڪمن ۾ پٽ جي پختائي ۽ چيمبر جي تعمير به شامل آهن. ان کان علاوه اضافي چٽ به شامل ڪئي وئي آهي. راهداريءَ کي وري به سينگاريو ويو آهي.

مقبرا زير زمين هٽ جي ڪري اندر کان ٺڏا هئا ۽ ٻاهر واديءَ ۾ يا مقبري جي شروع واري رستي ۾ گرمي هئي، اندر ائين محسوس ٿي رهيو هو جڙ ته اي

سي لڳل هجي. مقبري جي اندر سيني جي بناوٽ هڪ جهڙي هئي، صرف ٿورو ٿورو فرق هو. ڪٿي راهداري ويڪري ۽ ڏگهي هئي ڪٿي ٿوري تنگ هئي ۽ نقش نگار به ڪنهن ۾ گهٽا ته ڪنهن ۾ گهٽ هو. ڪٿي هوڏ جي ڪري منجي ويا آهن. پتين تي بادشاهن جي تاريخ ۽ انهن جي فتحن جو ذڪر تفصيل سان بيان ڪيو ويو هو. فتح کان پوءِ رعايا جي طرفان ڏنل تحفا ڏيکاريا ويا آهن. اهڙي طرح ڪيترين ئي خوبصورت منظر ڪشيون پٽ تي موجود هيون. جنهن ڪمري ۾ تابوت يا جيڪڏهن ڪٿي ميت هوندي هئي، ان جي اردگرد خفيه ڪمرا هئا، جنهن ۾ سون، چاندي ۽ ٻيون قيمتي شيون رکيو ويندیون هيون. ان کي خفيه رکڻ جو مقصد هي؛ هو ته چور چڪارن کان اهي شيون محفوظ رهن، پر اهي چورن ۽ لٽيرن کان محفوظ نه رهي سگهنديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن ته اڳتي اچڻ وارا فرعون ان کي ڪڍي ڪاروبار سلطنت ۾ ملڪ کي هلائڻ ۾ استعمال ڪندا هئا. پوءِ ائين به ٿيو ته پادري هتان لاش ڪڍي ٻڪرين جي ٻئي طرف واقع مندر ديرالبحري ۾ رکي ويا.

ويلي آف ڪوئين ـ مقبرو ملڪ نفرتري

اتي ويلي آف ڪوئين به آهي جتي مصري شهزادين ۽ شاهي بيگمات جا مقبرا به آهن. ويلي آف ڪوئين ۾ سپ کا سلو ۽ ڏسڻ جي قابل مقبرو ملڪ نفرتري جو هو. ملڪ نفرتري ريمسس ٻئي جي لاڏلي زال هئي جو ته اها اعلیٰ تعليم يافته هئي. تنهنڪري ريمسس ٻئي جي دور حڪومت ۾ ان سفارتڪاري ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو. فرعون جي لاءِ ان جي اهميت کي گهٽ نٿو ڪري سگهجي. جيتوڻيڪ ان جون ڪيترين ئي زالون هيون ۽ ڪيترائي ٻار هئا. پر هي؛ بيگم اول جي نالي سان ياد ڪئي ويندي هئي. جڏهن فرعون نوبيا جي خلاف جنگ ڪئي ته هوءَ ان سان گڏ هئي. اهو ئي سبب آهي ته هُنَ ابو سمبل ۾ پنهنجي ۽ ديوي هاٿور جي لاءِ هيڪل ناهي پنهنجي ملڪ کي خراج تحسين پيش ڪيو، جتي نفرتري کي انهيءَ قد جي مجسمن ۾ پيش ڪيو ويو، جيئن فرعون هو. ريمسس جو ان سان بين زالن جي مقابلي ۾ پيار به گهٽو هو. ان جو ثبوت ريمسس جي پنهنجي مرده زال جي باري ۾ لکيل شاعري جيڪا دفن خاني جي پٽ تي نمايان آهي، جنهن ۾ لکيل آهي ته: "منهنجو پيار نرالو آهي. ڪوبه ان جو مقابلو نٿو ڪري سگهي. جو ته اها زندهه رهڻ واري سپ کان خوبصورت عورت آهي. بس گذاري وڃڻ کانپوءِ ان منهنجي دل چورائي ڇڏي."

نفرتري کي "ميرٽمٽ" (Meritmut)، جي نالي سان به ياد ڪيو ويندو آهي. نفرتري جو مطلب خوبصورت ساٿي ۽ مير ٽمٽ جو مطلب ديوي آهي. جيئن

مون ذکر کیو آهي ته اها اعليٰ تعليم يافته هئي پر هو هائروگليفس Hieroglyphst يعني تصويري تحرير جي لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ مهارت ۾ رکندي هئي. پر ان جي عمده سينگاريل قبر QV-66 کوئينز جي وادي جو سڀ کان وڏو ۽ سڀ کان گهٽو حيرت انگيز مقام آهي، جتي نفرتري جو مقبرو آهي.

هن مقبري جي پت تي جيڪي تصويرون آهن، ان ۾ ٻه هُنَ جي ڪردار جون خصوصيات بيان ڪيون ويون آهن. ان جي منهن تي، ان جي خوبصورتي تي زور ڏيڻ جي لاءِ تمام گهڻي توجهه ڏني وئي آهي. خاص طور تي انهيءَ جي اکين ۽ رخسارن تي ڪجهه تصويرن ۾ ڳاڙهي، نيري، پيلي ۽ سائي رنگ جون لائينون ۽ رنگ پريل هئا. ڪجهه تصويرن ۾ بعد جي زندگي ۾ جنت ۾ داخل ٿيڻ جو خوبصورت انداز پيش ڪيل آهي، ان کان علاوه داخل ٿيڻ وقت ان جون ڪجهه تصويرون اڇي رنگ ۾ ٻه موجود آهن. چيلهه تي ڪپڙن جي مٿان هڪڙي سهڻي ڏور ٻڌل هئي ۽ مٿي تي تاج جنهن تي هڪ نانگ موجود هو ۽ تاج جي هيٺان ڪاري رنگ جو رٿو. جنهن جي جهالر ڪلهن تي لٽڪي رهي هئي، ڳچيءَ ۾ تمام وڏا هار، جيئن اسان جي چترال ۾ عورتون پائيندڙيون آهن. ڪنن ۾ ايرينگ، جنهن تي نانگ ٺهيل هو ۽ هٿن ۾ شراب. جيڪو ديوتائن کي خوش رکڻ جي لاءِ شايد پيش ڪري رهي هئي. ان جا ڪپڙا اڇي سان گڏ ٻين رنگن جي ملاوٽ سان ٺهيل هئا ۽ ٻانهن ۾ ڪنگڻ پاتل هئا. نفرتري جي تصويرن مان اهو احساس ٿي رهيو هو ته هو مذهبي خاتون هئي ۽ پنهنجي عقيدي مطابق ديوتا کي مڃيندي هئي. ڪجهه تصويرن ۾ ديوتائن کي پوڄيندي ڏيکاري وئي آهي. ڪٿي پت تي ڳئون ۽ ڏاند ٻه ڏيکاريا ويا آهن. چوته هو ڳئون ۽ ڏاند کي مقدس جانور سمجهندا هئا، جيڪي ٻي زندگي ۾ خوراڪ ڏيڻ جي اميد ڏيارينداهئا. پر جيڪي ٻه تصويرون هيون انهن جو رنگ بلڪل صحيح طريقي سان برقرار هو. ڪٿي ٻه هلڪو نظر نه پئي آيو.

نفرتري قديم مصر جي زماني ۾ زمين جي سڀ کان وڌيڪ خوبصورت ملڪ جي طور تي سڃاتي ويندي هئي، ان سان گڏ نيڪ دل جي مالڪ ٻه هئي ۽ لباس ٻه هميشه سڀ منتخب ڪندي هئي. جڏهن ملڪ جو خاوند فرعون ريمسس ٻيو بني اسرائيل جي ٻارن کي قتل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ته حضرت موسيٰ عليه السلام جي ماءُ حضرت موسيٰ کي فرعون جي خوف کان درياهه ۾ وهائي ڇڏيو هو. درياهه جي ويجهو اها ملڪ نفرتري هئي جنهن حضرت موسيٰ عليه السلام کي ڪڇ ۾ ورتو، جيڪو انهيءَ شاهي محل ۾ جوان ٿيو. فرعون ريمسس جو دارالحڪومت الاقصر ۾ هو پر شاهي محل اتر ۾ ٻيلٽا جي مقام تي هو، جتي حضرت موسيٰ عليه السلام جو واقعو پيش آيو.

نفرتري جو مقبرو ويلي آف ڪئين ۾ سڀ کان آخر ۾ هو هي، اٺ فٽ زير زمين ۾ وڃي شروع پئي ٿيو. 1904ع ۾ ماهر آثار قديمہ جڏهن اندر داخل ٿيو تہ ان وقت نفرتري جو لاش مڪمل نہ هئو صرف هڏين جو ڍانچو موجود هو ۽ اتي قيمتي شيون بہ موجود نہ هيون. جنهن مان اندازو لڳايو ويو تہ مقبرو چورن ۽ لٽيرن کان نہ بچي سگهيو آهي.

توت عنخ آمون

ويلي آف ڪنگ جي مقبرن ۾ اڄ ڪلهہ ڪجهہ بہ ناهي، پر ڪنهن زماني ۾ هي، محلاتن وانگر سينگاريل هوندا هئا. جن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ بعد ۾ فرعونن، پادرين ۽ لٽيرن هنن کي لٽي ڇڏيو. صرف هڪ مقبرو توت عنخ آمون جو هو. اهو لٽجڻ کان بچي ويو. هي، صرف هن ننڍڙن ڪمرن سان گڏ هڪ سادو ۽ ننڍو مقبرو هو. هو اچانڪ مري ويو. ان جي قبر ڪنهن شاهي خاندان جي فرد لاءِ ٺاهي پئي وئي، بهرحال توت عنخ آمون جي تدفين ايتري سون سان ڪئي وئي جو مصر ۾ ڪنهن جي نہ ٿي. مقبرن کي سيل ڪيو ويو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ماڻهو ان کي وساري ويٺا ۽ ان جي مٽان وري ٻيو مقبرو ٺاهيو ويو. هن جي قبر ويهين (2) صدي تائين نہ ملي سگهي. پر 1922ع ۾ انگريز آثار قديمہ ڪارٽر ڏڪڻ مصر ۾ الاقصر جي مقام تي درياهہ نيل جي اولهہ واري ڪناري تي وادي المالڪ ۾ توتن عنخ آمون بادشاهہ جي سيل مهر مقبري کي دريافت ڪري دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. اڄ بہ سياح ان حيرت انگيز مقبري کي ڏسڻ ۽ بادشاهہ جو درشن ڪرڻ ويندا آهن جنهن ۾ اسان بہ شامل ٿي وياسين.

ان جو تفصيل ائين آهي تہ برطانوي نوجوان هاورڊ ڪارٽر جنهن کي مصر سان عشق هو ۽ ان وادئ المالڪ جي پويان پنهنجي زندگي گذاري ڇڏي. تحقيق ۽ جستجو جي سلسلي ۾ صبح کان شام تائين حقيقت ۾ واري چاٽيندو رهيو ۽ ان هي، ڪم سالن تائين جاري رکيو. هي، ڪم بہ اهي ئي ڪري سگهن ٿا، جن کي واقعي بہ آثار قديمہ سان عشق هجي. ۽ هن جي عشق کي پوري دنيا ياد ڪري ٿي. هو جڏهن وادي الملڪ جي کوٽائي ۾ مصروف هو. تہ اتي هن هڪ بوتل ڏٺي، جنهن تي توت عنخ آمون جي مهر لڳل هئي. ان وقت کان هن جي ذهن ۾ اها ڳالهہ ويهي رهي تہ هن بادشاهہ جو مقبرو بہ هن وادئ ۾ آهي، پوءِ اتفاق اهو ٿيو تہ برطانوي لارڊ ڪارنرون هڪ موسم الاقصر ۾ گذاريو تہ ان کي بہ آثار قديمہ سان عشق ٿي ويو ۽ ان ڪارٽر جي محنت ۽ ايمانداري کي ڏسندي ان کي کوٽائي جي ڪم تي مامور ڪيو. ان کيترائي سال محنت ڪئي، پر ناڪام رهيو. آخرڪار 1922ع جي گرمئ جي موسم ۾ لارڊ ان کي لنڊن گهرايو

۾ چيو تہ هو وڌيڪ خرچ برداشت نٿو ڪري سگهي پر ڪارٽر کي يقين هو تہ هيءَ مقبرو ضرور آهي ۾ هيءَ بادشاهہ ارڙهين (18) صدي جو هو. گهٽ عمر وارو هو. ان ٿوري عرصي جي لاءِ حڪومت ڪئي ۾ ننڍي عمر ۾ ئي مري ويو ۾ ان لاءِ کي اهو به چيو تہ مان پنهنجي خرچ تي کوٽائي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، توهان صرف سرڪاري اجازت نامو ڏيو. ان هن جي عشق کي محسوس ڪيو تہ ڪارٽر ان کي چيو تہ مان هاڻي صرف آخري دفعي لاءِ قسمت آزمائي ڪرڻ ٿو چاهيان. اهڙي طرح واپس مصر پهتو ۾ هڪ هفتي جي اندر اهو مقبرو ڳولي لڌو. اسان جيئن ئي ان مقبري ڏانهن وڌياسين تہ سامهون ان دروازي جي اڳيان لاهي هئي. اتي مصر ۾ فرعون جي عجائبات جي ڪتاب مان پڙهيل هڪ داستان ياد اچي ويو. جنهن جو تعلق ممين جي خوف ناڪ انتقام جي داستان سان هو. غير معمولي واقعو 1916ع ۾ شاهن جي وادي ۾ واقع توت عنخ آمون جي ۾ مقبري ۾ پيش آيو. قصو هيئن هو تہ ماهر آثار قديمہ هاورڊ ڪارٽر ہن پهرن جو ڪاڏو ڪائي ٿوري دير آرام جي لاءِ ليٽيو ئي هو تہ انساني ڪنجهڪارن سندس گهر جي خاموش پرسڪون ماحول کي منتشر ڪري ڇڏيو. ڪارٽر ان وقت اهڙن مهم جوئين جي ٽيم ۾ شريڪ هو. جنهن کي اميد هئي تہ هو ڪنهن قديم فرعون جو زير زمين مدفن تلاش ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو. ڪنجهڪارون ٻڌي هن جون اکيون ڪلي ويون تہ اوچتو هڪ پوڙهو عرب جنهن جي منهن ۾ ڳهنج هئا، روايتي جهول واري چوغي ۾ ملبوس ان ڪمري ۾ گهڙي آيو. هو ڏاڍو سهڪي رهيو هو. آفندي"! مان هر ممڪن تيزيءَ سان ڊڪندو آيو آهيان. قبرن جا لٽيرا وري ڦرلٽ ڪرڻ جي ڪوشش پيا ڪن. انهن بدبخت چورن جي هن گروهن ۾ پراڻين قبرن مان نڪرڻ واري سامان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ جنگ هلي رهي آهي. ڪوٽڙ وارو گروهہ زمين کوٽي مقبري ۾ گهڙي ويندو ۾ سڄو سامان کڻي ويندو. ان ڏينهن جي واقعن کي هاورڊ ڪارٽر پوءِ لکندي چيو تہ: "ٻہ پهر ٿي چڪا هئا، مون جلدي جلدي پنهنجي ڪارندن کي جيڪي آرمي ليبر ليويز جا مغرور سپاهي هئا گڏ ڪنيو ۾ ضروري سامان ۾ هٿيار کڻي انهيءَ جي جڳهہ تي پهچي ويس. هن مهم جي لاءِ اسان کي 18 سئو فٽ بلند ڪرنا پهاڙن تي پهچڻو هو. جڏهن اسان اتي پهتاسين تہ اڌ رات گذري چڪي هئي. چند جي روشنيءَ ۾ گائيڊ هڪ رسي جي طرف اشارو ڪيو. جيڪو چوٽيءَ سان ٻڌل هو. هيٺ لٽڪي رهيو هو. غور ڪرڻ تي اهڙا آوازٻڌڻ ۾ آيا جيئن واقعي ب لٽيرا زمين کوٽڻ ۾ مصروف هجن. سڀ کان پهريائين تہ مون ان جو اهو رسو ڪٽي ڇڏيو. جيڪو هنن پنهنجي واپسيءَ لاءِ لٽڪايو هو. پوءِ مون پنهنجو مضبوط رسو ٻڌي هيٺ لٽڪائي ڇڏيو. ان رسيءَ جي ذريعي

مان چوڻيءَ کان هيٺ لٿس. چانڊوڪي رات ۾ مقبرن جي کوٽائي ڪري، ان ۾ دفن مال لٽڻ اتان جي لٽيرن جو عام شغل هو. مان جڏهن اتي پهتس تہ اٺ ماڻهو سخت کوٽائي ۾ مصروف هئا. مون کي ڏسي ماڻ ٿي ويا. مون انهن جي سامهون تجويز پيش ڪئي تہ جيڪڏهن هو چاهن تہ منهنجي رسي جي ذريعي واپس ويجي سگهن ٿا جي نہ تہ مان هليو ٿو وڃان ۽ هو اتي پيا هجن چو تہ انهن جي فرار جو رستو مون اڳ ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي. ڪجهہ دير سوچ کان پوءِ انهن اتان خاموشيءَ سان ويڙهہ کي ترجيح ڏني انهن جي ويڙهہ کان پوءِ مون باقي رات اتي گذاري. انهن بدقسمت لٽيرن کي فرار ٿيڻ وقت مصري پوليس گرفتار ڪري ڇڏيو ۽ فوري انصاف جي تحت انهن کي ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويو. هڪ انگريز اخبار لکيو تہ: "اهي بادشاهہ توت عنخ آمون جي بددعا جي پهريان شڪار هئا."

شاهن جي وادي جو هي جادوئي رستو سڏو توت عنخ آمون جي مقبري تي ويندو هو. فرعون جي دفن واري دروازي تائين پهچڻ جي لاءِ پٽرن، ٽڪرين ۽ بين ڪندرات ۽ رڪاوٽن کي هٽائڻ ۾ مزدورن کي ورهہ لڳي ويا. پوءِ وڏي احتياط سان دروازو کوليو ويو ۽ مهر جي بين سائين سان گڏ هاورڊ ڪارٽر هڪ سرنگ مان گذرندو، مقبري ۾ پهتو. هتي ڪجهہ آهي؟ لارڊ ڪارناوان پڇيو. هاورڊ ڪارٽر پنهنجي ٽارچ جي روشني چٽي طرفن ڏانهن وڏي. هيءَ جڳهہ تہ نوادرات سان پريل آهي. ان ڌڏايو تہ ڪارٽر جي ٽارچ جي روشني ۾ ڪيترائي سنهري ديوان ڏسڻ ۾ آيا هڪ هيرن جواهران سان جڙيل تخت هو. سون جا بي شمار بت هئا ۽ سون جا متبرڪ ظروف هئا. جن جو شڪليون نانگن وانگر هيون. ان کان علاوه مقبري جي پتين تي ڪيتريون ئي بد دعائون تحرير هيون. جيڪو فرعون جي آرام ۾ خلل وجهندو تہ موت پنهنجي پرن کي تيزيءَ سان ڦڙ ڦڙائيندو ان کي قابوءَ ۾ ڪندو."

هڪ پت تي هيءَ تحرير سوني جي لفظن ۾ لکيل هئي. ائين ئي بددعائون چمڙي جي ٽڪري تي سوني جي ٽڪين تي لکيل پت تي چنبڙيل هيون. ان سان گڏ پتيون سون جي مقدس پڙنر ۽ قديم مصري مقدس علامتن سان سينگاريل هيون. ان عظيم اثري دريافتن جي داستانن جي باري ۾ لکيل خبرن جي روشنا ئي ختم نہ ٿي هئي تہ اخباري نمائندن ۽ خبرن جي لکين ايڊيٽرن "ممي جي بد دعا" ۽ "فرعونن جي قهر" جي نالي سان پلندن جا پلندا شايع ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا. فرعونن جي مقبري جي کوٽائيءَ جي خوفناڪ نتيجن جي باري ۾ خوفناڪ پيشنگوئي قارئين جي وسيع حلقي ۾ جوش پيدا ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن 6 اپريل تي لارڊ ڪارناروان صرف ٿي هفتا بيمار رهي

مري ويو ته فرعونن جي قهر جو داستان هر زبان تي عام ٿي ويو. لارڊ ڪي هڪ ڪيڙي کاڌو هو، هو پنهنجي جان بچائي نه سگهيو.

بيس جا گهٽا فرد جيڪي ڪنهن نه ڪنهن طرح هن مشهور مقبري جي کوٽائي سان تعلق رکن پيا، هڪ ٻئي جي پويان پر اسرار موت جو شڪار ٿي ويا هڪ انگريز جيڪو هاورڊ ڪارٽر جو سيڪريٽري هو، جڏهن خوش باش صحت مند هڪ رات پنهنجي بستري تي ستو ته صبح جو ان جو لاش مليو. ڪارٽر جي بيان جي مطابق ان جي موت جو ڪو به سبب سمجهه ۾ نه اچي سگهيو. لارڊ ويسٽ بري به ان مهم سان ڳنڍيل هو. جيڪو انگلينڊ جي هڪ ممتاز شخصيت هو. هڪ ڏينهن پنهنجي گهر جي ستين منزل جي دريءَ مان ٽپو ڏئي، خودڪشي ڪري چڏي. جيڪي هن مهم ۾ شامل هٿا اهي ته ڇا ان جي گهر وارن تي به اثرات پيا. ليڊي الزبٿ ڪارناروان هڪ ڪيڙي جي چڪ پائڻ جي ڪري عجيب بيماري ۾ متبلا ٿي مري وئي، ان جي موت جي خبر سان ڳڏ مصر جي مقدس پوٿر جي تصوير به شايع ڪئي وئي هئي. ان جي مقبري ۾ داخلي جي دروازي تي پهتاسين ته ڏاڪڻيون هيون. اهي لهي هڪ راهداري ۾ پهتاسين. ان راهداريءَ کان ٻئي دروازي تي پهتاسين اتي هڪ ڪمرو هو، جنهن جي دروازي تي پهتاسين. اتي هڪ ڪمرو هو. جنهن جي دروازي تي مهر لڳل هئي ان جي پٽ تي توت عنخ آمون جون آخري رسمون ۽ پوءِ سفر جو آڪاڻيون پينٽ ٿيل هيون. ان ڪمري ۾ ان جي سفر جي لاءِ مختلف نمونا به هٿا. تيل، خوشبوءِ، ننڊپٽ جا راندڪا،قيمتي زيورات، سون ۽ آبنوس جا مجسما به رکيل هٿا. ان کان پوءِ ٽئين دروازي کان تدفين جي حصي ۾ پهچي وياسين، جتي هين مقبرن وانگر پتين تي مذهبي ڪتابن جي پينٽنگ ڪري نقش نگار ڪيا ويا هٿا. بادشاهه جي نمائندگي سان گڏ ديوتا انوبيس آئيسس، هاٿي وغيره، اترين پٽ تي ڏيکاريا ويا آهن ته شاهي توت سان گڏ اوزيرس جي ذريعي هي دنيا ۾ ان کي خوش آمديد چوي ٿو. پوءِ ان کان اندر هڪ خزاني جو ڪمرو هو، جتي دفن ڪرڻ کان پوءِ هو قيمتي شيون رکندا هٿا. هيءَ صرف هن ڪمرن سان گڏ ننڍو سادو مقبرو هو.

قبرن مان مليل خزانو قاهره جي ميوزيم ۾ ڏسي سگهجي ٿو. فرعون جون تصويرون معمولي پر اهڙيون لڳن پيون، جيئن ڪالهه ئي ڪنهن پينٽ ڪيون هجن. ان جو سبب اهو آهي ته مقبرو ٽن هزارن سالن گهٽي عرصي کان سيل رهيو.

توت عنخ آمون کي بادشاهه توت جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. هُو تقريباً 1332 کان 1323 بي سي اي تائين اقتدار ۾ رهڻ وارو ارڙهين (18) مصر جي سلطنت جو ٻارهون (129 فرعون هو. ان پنهنجي دور حڪومت ۾ تمام گهٽ

ڪر ڪيو. ان جي طاقتور مشيرن روايتي مصري مذهب کي بحال ڪيو. جنهن کي ان جي والد اخناتن Akhenaten الڳ ڪري ڇڏيو هو. جيڪو امرنا Amarna انقلاب جي نمائندگي ڪري ٿو.

19 سالن جي عمر ۾ هُنَ جو موت ٿيو. ان جي موت کان پوءِ شاهه توت 1922ع ۾ پنهنجي مقبري جي دريافت تائين تاريخ مان غائب رهيو. ان جي مقبري ۾ باقيات جي مطالعي سان هُنَ جي زندگي ۾ اوقات جي باري ۾ گهٽي معلومات سامهون اچي چڪي آهي. جنهن سان هي‌ءَ هڪ مشهور قديم مصري بادشاهه بڻجي ويو. اهڙي طرح اچانڪ موت جي ڪري هُنَ کي ڪنهن ننڍي قبر ۾ دفن ڪرڻ جي ضرورت پئي.

ان جي موت کان پوءِ شاهه توت کي ستن ڏينهن کان پوءِ سپرد خاڪ ڪيو ويو ۽ قبر کي سيل ڪيو ويو. انهيءَ جي باري ۾ ڪوئي معروف رڪارڊ موجود نه هو. انهيءَ جي ڪري هُو صدين تائين عملي طور تي نامعلوم رهيو. بادشاهه توت جي قبر ۾ ملڻ وارين سڀ کان دلڪش شين ۾ پٿر جو تابوت هو جنهن ۾ ٽي تابوت هٿا جيڪي هڪ ٻئي جي اندر رکيل هٿا. آخري تابوت سون مان ٺهيل هو. جڏهن ٽئين تابوت جو ڍڪڻ کنيو ويو ته شاهه توت جي شاهي ممي‌ءَ جو انڪشاف ٿيو. جيڪو 3000 سالن کان وڌيڪ عرصي تائين محفوظ رهيو. آثار قديمه ممي‌ءَ جي جاچ ڪئي، ته انهن کي هيا ۽ نمونا مليا جن ۾ ڪڙو، منڊي ۽ ڪالر شامل آهي.

شاهه توت جو ماسڪ جيڪو هڪ وسيع سنهري موت جو نقاب آهي، هي‌ءَ 22 پائونڊ سون ۽ قيمتي پٿرن مان ٺهيل آهي ۽ تاريخ جي سڀ کان مشهور فن پارن ۾ شامل آهي. مقبرن کي ڏسڻ سان واقعي ۽ اهو احساس ٿيو ته هي‌ءَ دراصل ڪنهن نجي فرد لاءِ ٺهرايو ويو هو. شاهي خاندان جي لاءِ نه. ان حقيقت جي تائيد ٿي سگهي ٿي ته شاهي مقبرن جي برخلاف صرف تدفين خانه جي پٽ ئي سينگاري وئي آهي، جنهن ۾ تقريباً سڄي پٽ تي ٻي زندگي وارين ڪتابن جا منظر پينٽ ڪيا ويا آهن.

جڏهن مان اهي مقبرا گهمي رهي هئس ۽ گائيڊ جون ڳالهيون ٻڌي رهي هئس ته فرعون پنهنجن مقبرن ۾ سون، چاندي، هيرن، جواهران، ڪاڌي پيتي ۽ عيش جي هر شيءِ پنهنجي مقبرن ۾ رکرائيندا هٿا، ڇو ته انهن جو چوڻ هو ته مرڻ کان پوءِ به انسان کي انهن شين جي ضرورت پوندي آهي ۽ انهن جي سکون جي لاءِ انهن شين جو هجڻ ضروري هوندو هو. يعني هو پنهنجي زندگيءَ ۾ ۽ مرڻ کان پوءِ به دولت جو وڏو حصو پنهنجي قبضي ۾ رکندا هٿا. پوءِ انهن حالتن ۾ عام غريب ماڻهن جو ڇا ٿيندو هوندو؟ اها به ڳالهه ثابت ٿي

چڪي هئي تہ انهن کان پوءِ وارا فرعون اها دولت پنهنجي لاءِ ڪيرائي ڇڏيندا هئا. يا پادري يا ڪاهن اهو ڪم ڪرائي ونڊندا هئا يا چور يا سرنگون ٽاهي سامان چورائي ونڊندا هئا. انهن ڳالهين مان ثابت ٿئي ٿو. تہ انهن ماڻهن ۾ حرص ۽ هوس ڪيڏي هئي؟ جيتوڻيڪ اسان کي اهو سيکاريو ويو ٿو تہ حرص ۽ هوس جي آفت کي تارڻ جي لاءِ وات ۽ زبان تي قبضو ڪرڻ گهرجي. جيئن رومي جو شعر هو تہ:

"ائين دهان بر بند تابيني عيان
چشم بند آن جهان حلق و دهان."

اي انسان پنهنجي منهن کي جيستائين ٽي سگهي طعام ۽ ڪلام کان بند رکو تہ جيئن خدا شناسي جي پويان لڪيل ڪم تائين پهچي سگهجي. حقيقت هي آهي تہ منهن ۽ گلي جو چسڪو عالم ارواح جي طرف کان اهڙي طرح "بي صبر" ڪري ٿو. جو اکين تي پٽي ٻڌجي ويجي ٽي. طعام ۽ ڪلام انساني زندگي جا بہ ضروري ڪم آهن. جنهن جو مرڪز منهن آهي، منهن بند رکڻ مان مراد اها ناهي تہ کاڌو ۽ ڳالهائڻ بلڪل بند ڪري ڇڏجي پر منهن بند رکڻ جو مقصد ٿورو کائڻ ۽ ٿورو ڳالهائڻ آهي، يعني بي معنيٰ گفتگو نہ ڪري ۽ گهٽ کائي. دنيا ۾ اطاعت، عبادت ۽ نيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي انسان بهشت جو مستحق ٽاهي سگهي ٿو پر غلط ڪم ڪرڻ سان دوزخ جي لائق بہ ٻڌائي سگهي ٿو. اهڙي طرح دنيا آهي برزخ، جنهن ۾ طعام ۽ ڪلام فقط ضرورت جي مطابق ڪم ۾ آڻڻ گهرجي، پر فرعونن جي آڪاڻي ۽ قصا ٻڌي تہ اهو احساس ٿئي ٿو تہ اهي حرص ۽ هوس جا پجاري هئا. زندگيءَ ۾ بہ تہ مرڻ کان پوءِ بہ انهن کي دولت جي ضرورت هئي.

اتان نڪتاسين تہ گائيڊ واپسي سفر جي رٽ لڳائي پر رفيع چيو تہ اسان اڳ ۾ ريسٽورينٽ ۾ ڪولڊرنڪ پيئنداسين، پوءِ اڳتي هلنداسين. گائيڊ منهنجي منهن ڏي ڏسڻ شروع ڪيو ۽ اندازو لڳايو تہ هي جان ڪونہ ڇڏيندا. پوءِ تہ اتي ريسٽورينٽ ۾ ويناسين ۽ مشروبات جو مزو ورتوسين اتي اسپيشل مشروبات بہ هيون. پر انهن جي مزي ونڊ جو سوال ئي پيدا نہ ٿئي، پر غير مسلم سياح تہ گهٽو ڪري ان جو آرڊر ڏئي رهيا هئا. اهڙي طرح ٿورو آرام بہ مليو ۽ جسم ۾ تازگي بہ اچي وئي، جيڪا اس ۽ جبلن ۾ هلي ختم ٿي چڪي هئي ۽ اسان ٽڪجي چڪا هئاسين.

اتي گائيڊ کان بہ سندس جي باري ۾ معلومات ملي تہ هو پنهنجي ٻارن کي ڇڏي سياحن سان گڏ هلندي رهندي آهي ۽ پوءِ هتان فارغ ٿي ٻارن کي اسڪول مان ڪڍندي گهر ويندي آهي. ان جو مڙس تہ ڏاڍي دير سان ايندو آهي. پوءِ اسان

کي ب ان تي رحم اچي ويو ۽ جلدي اٿي گاڏيءَ ۾ سوار ٿياسين ۽ پنهنجي رزورٽ جي طرف روانا ٿياسين ۽ تقريباً ٻ وڳي گيٽ ۾ داخل ٿياسين. چيڪنگ جي لاءِ بيٺاسين ته گارڊ اسان کي چيو ته ڪا ضرورت ناهي توهان اٿين ئي اندر داخل ٿي وڃو. اندر وياسين ته سوچيوسين، ريسٽورينٽ ۾ وڃي ٻن ڦهرن جي کاڌي مان فارغ ٿي پوءِ ڪمري ۾ وڃي ٿورو آرام ڪيو وڃي. پوءِ انهيءَ تي عمل ڪيو. آرام ڪرڻ وقت منهنجي ذهن ۾ اهو خيال گردش ڪرڻ لڳو ته مصر واقعي ب قديم تهذيب جو گهوارو آهي ۽ وادي المالک ان جو وسيع حيرت ۾ وجهڻ وارو ڪليل ميوزيم آهي، جنهن جو ڏسڻ سياحن جي لاءِ بيحد ضروري آهي. ڇو ته انهيءَ جي ڏسڻ کانسواءِ قديم تهذيب جو اندازو اسان ڪري ئي نٿا سگهون ۽ توت عنخ آمون جو مقبرو هن واديءَ جي منڊيءَ جو هيرو آهي، جنهن کي پوري دنيا جو نادر هيرو چئون ته غلط نه ٿيندو. پوءِ ٿوري دير کان پوءِ هنڊ ڪي چڏيو رفيع چيو ته اڄ شام ڇانهن هتي گيلري ۾ نٿا پيئون. ڪافيءَ جي ريسٽورينٽ ب ڏسي ٿا اچون ۽ اتي ڪافي ب پي ٿا ڏسون ۽ پوءِ بيگم صاحب ب راضي ٿي وئي. اهو ريسٽورينٽ اسان جي ڪمري جي ويجهو هو. اتي پهچي رفـ ڪافيءَ جو آرڊر ڏنو ۽ مون مينگو شيڪ آڏر لاءِ چيو. ڇو ته اتي گرمي ڪافي هئي. مون کي ڪجهه ٿڏو استعمال ڪرڻ جو خيال آيو.

ڪرناڪ مندر لائيٽ سائونڈ شو

هوٽل وارن کي ٽيڪسيءَ لاءِ چيوسين ۽ پروگرام اهو ٺاهيوسين ته شام ۽ رات جي وقت ڪرناڪ مندر وڃون ۽ اتي ٿورو گهمي ڦري رات جو انهن جو لائيٽ ۽ سائونڈ شو ڏسي، پوءِ واپس اچون. اهڙي طرح گاڏيءَ واري سان اهو ب ڳالهايوسين ته جڏهن شو ختم ٿيندو ته واپس ب هتي پهچائي ويندو ان تي سوار ٿي نڪتاسين، لگزور شهر ۾ داخل ٿياسين. ننڍو شهر هو. سڌي رستي جي هڪ طرف شهر هو ۽ ٻئي پاسي نيل ندي جو حسن ڏسڻ جي قابل هو. آخر ڪجهه منٽن کان پوءِ مند رجي پارڪنگ ۾ پهچي وياسين، اتي لٿاسين ته ڊرائيور چيو ته مان هتي ئي توهان جو انتظار ڪندس ۽ پنهنجو ڪارڊ ب ڏئي چڏيائين ته وري جڏهن ب توهان کي ٽيڪسيءَ جي ضرورت پوي ته فون ڪري گهرائي سگهو ٿا. اتان ٽڪيٽ آفيس ڏي وڌياسين ته اها بند هئي. اتي هڪ گارڊ بيٺو هو. انهيءَ ڏڏايو ته آفيس ستين وڳي کان پندرهن منٽ پهريائين کلندي. توهان کي ان لاءِ انتظار ڪرڻو پوندو. اتي هڪ بينچ هئي. اتي ويهي رهياسين اسان جي سامهون ڪيترائي گروپ آيا ۽ اسان وري گارڊ کان پڇا ڪئي ته اسان کي ته اندر نٿا وڃڻ ڏيو. هيءَ گروپ ڪيئن ٿا وڃن؟ ته انهيءَ جواب ڏنو ته هنن پهريائين

ٽڪيٽ خريد ڪري چڙي هوندي ۽ حقيقت ۾ اها ئي هئي. پوءِ انهيءَ وقت تي آفيس کلي جنهن وقت تي گارڊ اسان کي ٻڌايو. اسان پهريائين لائين ۾ لڳل هئاسين. ٽڪيٽ ونڊي اندر هليا وياسين. سامهون دروازي تي رسي ٻڌل هئي اها کولي چڏيائون. پهريائين رستو ڪائي جو ٽهيل هو. پوءِ وري لاهي هئي. ان مان اندر وياسين ته دروازي تي هڪ طرف ستن شينهن جا مجسما هئا. اتان گذري ٻاهر نڪتاسين ته رستي جي ٻنهي طرفن تي ڪجهه ۽ نه هو. وري ڪجهه قدمن کان پوءِ وري ٻنهي طرفن کان يارهن (11) يارهن شينهن جا مجسما هئا. يعني ٻنهي طرفن کي ملائي 22 شينهن هئا. انهن کي لائيٽنگ ڏنل هئي. ان کان پوءِ مندر جو وڏو دروازو اچي ويو. جنهن جي ٻنهي پاسن کان پٿرين ۾ دروازي تي لائيٽنگ ڪيل هئي. اتي بيٺا هئاسين ته گائيڊ اچي ويو ۽ ان سڀني ماڻهن کي جمع ٽيڙ لاءِ چيو ۽ ٽوري تاريخ جي وضاحت ۽ ڪئي. پوءِ ٽارچ جي روشنيءَ سان اسان کي مندر ۾ داخل ڪيائين ۽ مختصر تاريخ کان آگاهه ڪندي آخر ڪار مندر جي آخر ۾ پهچايائين. اتي ڪافي لائيٽنگ هئي. اسٽيڊيم ٽهيل هو ۽ اتي هڪ ڊنڊ ۽ نظر اچي پئي. سڀني ماڻهن کي اشارو ڪيائين ته اسٽيڊيم ۾ ويهي رهو. اسان ۽ پنهنجي پسند وارين سيٽن تي ويهي رهياسين. سامهون ندي ۽ نظر اچي رهي هئي. اهڙي طرح ٽوري دير ۾ انهن شو شروع ڪري چڏيو. اسان انهن جي پراسرار آوازن ۾ عظيم فرعونن جي سڀني مجسمن کي آسماني روشني جي ذريعي زندهه ڪندي ڏسي. لطف اندوز ٽيندا رهياسين. هن شو ۾ پوري ڪرناڪ هيڪل جي خزانن جا شاعرانه داستان ٻڌايا ويا ۽ پراسرار طريقي سان ميوزڪ سان گڏ اهي آڪاٽيون ٻڌايون ويون ته ڪرناڪ مندر ڪيئن ٺهيو ۽ فرعونن ۽ آمون جي ڏکين مهم جوئيءَ جا داستان ۽ ٻڌائيندا ويا. اسان جي لاءِ سڀ کان گهٽو جادوئي تجربو هو. سائونڊ ۽ لائيٽ شو ۽ دفعا ٽيندو هو. جنهن ۾ پهريون شو انگريزي ۾ ٽيندو آهي ۽ ٻيو جرمن، اطالوي، فرانسيسي يا هسپانوي مان هڪ ڏيکاريو ويندو آهي. منهنجي خيال ۾ فوٽوگرافي لاءِ 5 وڳي جو وقت بهتر آهي، چو ته شام جي آخر ۾ سج جي روشني ۽ پٿرين تي مجسمن جا پاڇا اهري طرف پئي پيا. جو ان وقت مندر ايان ۽ حسين نظر پئي آيو. لگزور ۾ گهوڙن ۽ گاڏين جو وڏو تعداد آهي، جيڪي شهر ۾ ٽرانسپورٽ طور استعمال ٽين ٽيون. هيءَ ۽ توهان کي ڪرناڪ ونڊي وڃي سگهن ٽيون.

ڪرناڪ مندر سج جي روشنيءَ ۾

ڪرناڪ مندر اسان رات جو ڏسي چڪا هئاسين، پر انهيءَ وقت تفصيل سان نه گهمي سگهياسين. چو ته هڪ گروپ سان گڏ هئاسين ۽ گائيڊ جو

مقصد ان وقت صرف شو جي لاءِ وڃڻو هو. پوري رستي ۾ هلڪيون بتيون ٻري رهيون هيون. جنهن سان صرف رستي جي آگهي ٿئي پئي، باقي مندر تي ايتري روشني نه هئي ان جي لاءِ اسان ٻئي ڏينهن صبح جو پروگرام ٺاهيو ته هڪ اهم ۽ وڏو مندر آهي ان کي گائيڊ سان گڏ تفصيل سان ڏٺو وڃي. 30-2 تي گائيڊ ۽ گاڏي اچي وئي. اها ئي گائيڊ هئي جيڪا انهيءَ کان پهرين ڏينهن اسان سان گڏ هئي انهيءَ سان گڏ ڪرناڪ مندر پهچي وياسين. سڀ کان پهريائين گائيڊ اسان کي ڪافي وڏي هال ۾ وٺي وئي، اتي اڇي رنگ جي مندر جو وڏو ماڊل رکيل هو. جتي ڪيئي گروپ جمع هئا. جن کي گائيڊ تاريخ جو حوالو ڏئي تفصيل سان ٻڌائي رهيو هو ته هيءَ ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح ۽ ڪنهن ٺاهيو؟ اتي پهچي اسان جي گائيڊ به اهو ئي ڪم شروع ڪيو. اتان کان پوءِ مندر جي طرف اڳتي وڌياسين. ڪافي وڏو پڪو رستو طئي ڪرڻ کان پوءِ هيڪل جي ويجهو پهتاسين. جتي پهريائين ٽوريون ڏاڪڻيون آيون ۽ پوءِ وڏي مٽي وارا Sphinix (شهر ٽيبس جي هڪ ديوي جنهن جو مٿو عورت جو ۽ بدن شينهن جو هو). هر هڪ پنهنجن چنبن جي وچ ۾ هڪ ننڍي شڪل، جنهن مان فرعون جو مطلب آهي. جيڪو ديوتا آمون جي نمائندگي ڪري رهيو هو. عام طور تي انهن مجسمن جي شناخت ريمسس ٻئي جي دور جي تاريخ جي طور تي ڪئي ويندي هئي. پر چيو وڃي ٿو ته ممڪن آهي ته ان جي تاريخ Amenaphis-III امينوفس 3 سان به هجي. اهڙي طرح اسان گائيڊ جي پويان هلندا هلندا، پهريائين مندر جي ڏڳهي وڏي دروازي کان اندر هڪ وڏي اڱڻ ۾ داخل ٿي وياسين. جيڪو ڪرناڪ مندر جو پهريون وڏو دروازو هو ۽ آخري وقت تي ڪرناڪ ۾ تعمير ڪيو ويو ۽ اڄ هيءَ هيڪل ۾ داخل ٿيڻ وارو مرڪزي دروازو آهي. هيءَ ڪڏهن به مڪمل نه ٿيو. ناڪاره هو. ايستائين جو مٽيءَ جي ڏيرن جي باقيات به جيڪي تعمير دوران بچي پئي هئي، انهن کي اڄ به عظيم مندر ۾ عدالت جي اندر ڏسي سگهو ٿا.

اتريون ٽاور تقريباً 71 فٽ (21.70 ميٽر) ۽ ڏاڪڻو ٽاور 103 فٽ (31.65 ميٽر) آهي. جيڪڏهن هيءَ ڏانچو مڪمل ٿي وڃي ها ته شايد هي 124 فٽن (88 ميٽر) کان 131 فٽن (40 ميٽر) جي هن کي بلندي تائين پهچي وڃي ها.

هن کي نيڪتا نوبو اول 308-362 ق. م تعمير ڪرايو هو. جنهن ڪرناڪ جي آس پاس هڪ وڏي پٽ به ٺاهي هئي. اسفنڪس جو هڪ رستو پٽ جي طرف وڃي ٿو. اتي جا اسفنڪس را مٽي وارا آهن. جيڪي خدا آمون جي علامت آهن ۽ ريمسس ٻئي جو هڪ ننڍو مجسمو اوزيرس جي شڪل ۾ انهن جي اڳئين چنبن جي وچ ۾ بيلو آهي. جيڪو آمون جي مندر جو حصو آهي

ڪرناڪ مندر جو ڪمپليڪس تقريباً 800 ميٽر ويڪرو ۽ 15 سئو ميٽر ڊگهو آهي ۽ تقريباً 200 ايڪڙن تي مشتمل آهي. صرف فرعون آمون جو علاڪو 61 ايڪڙ آهي. ان اگڻ جي اتر ۾ هڪ اوپن ايئر ميوزيم به آهي. انهيءَ اگڻ کان پوءِ هڪ ٻيو وڏو دروازو هو، جيڪو ڪرناڪ مندر جي داڻري جو سڀ کان وڏو مشهور حصو، ناقابل يقين هائپو استائيل يعني ٿنڀن واري هال جي طرف وڃي ٿو. ان هال کي عظيم هال به چوندا آهن، هيءَ 134 ڪالمن سان گڏ 6 هزار چورس ميٽرن جو ڪمرو اڄ به دنيا ۾ ڪنهن مذهبي عمارت جو سڀ کان وڏو ڪمرو آهي. 16 قطارن تي مشتمل ان جا 22 ڪالم 10-10 ميٽر ڊگها آهن ۽ باقي 12 ڪالم 21 ميٽر ڊگها آهن، جن جي گولائي ٽن ميٽرن کان وڌيڪ آهي. انهن ڪالمن جي مٿان سليب جو وزن 70 ٽن جو آهي. انهن سليبن کي ليور جو استعمال ڪندي ايتري بلنديءَ تي پهچايو ويو هوندو. اهو ڪيئن پهچايون ويون هونديون اسان دنيا جي ڪيترن ئي محلن جا هال ڏٺا آهن پر اهڙو ٿنڀن وارو هال، جيڪو ايترو پراڻي دور جو هو، ايترو مضبوط ۽ خوبصورت ٺهيل هو جو يقين ئي نه پيو اچي ته هيءَ ان دور ۾ انسانن جو ٺاهيل هال آهي. هن ۾ پينٽنگ به ڪيل هڻي ۽ هيا فن به نظر اچي رهيا هئا. پر ڏٺل به ڏاڍا هئا. ڪالمن ۽ چڻني طرفن جي پٽين جي سجاوٽ گهٽو ڪري ريمسس ٻئي جي دور جي تاريخ مطابق آهي. اتر طرف سيٽي اول جي دور جون به ڪجهه شيون موجود هيون. ٽئين ۽ چوٽين دروازي جي وچ ۾، آمون واري حصي جي سامهون جيڪو علاڪو آهي، ان کي اوبلسڪ ڪورٽ يا Amenhotop-iii جي عدالت به چوندا آهن ٽئين دروازي جي اتر ونگ ۾ آمون ۽ بادشاهه جون به ٻيڙيون ڏيکاريون ويون آهن. چوٽون ۽ پنجون، هي ٻئي دروازا ٽٽوموسس اول تعمير ڪرايا هئا. انهن ٻنهي جي وچ ۾ تنگ، پارهن (12) ٿنڀن کي ملائي ان جو قديم حصو ٺاهيو ويو. هيڪل جيڪو اڄان تائين باقي آهي ان ۾ اضافو به ڪيو ويو. جنهن ۾ هت شي پست جا به اوبليس به شامل آهن. جنهن مان هڪ بيلل هو ۽ ٻيو وکريل، ڏاکڻ جي طرف ميدان ۾ پيل هو. جيڪو زلزلي ۾ تباهه ٿيو هو.

ڇهين دروازي جي اندر ٽٽوموسس ٽئين جي نالي جو هڪ ڪمرو هو، جتي مذهبي ڏينهن تي تقريبون ملهايون ويندیون هيون. ان دروازي سان گڏ هڪ اهڙي عدالت آهي، جنهن ۾ به ڏکڻ طرفن ۾ مٿاهين ۽ هينائين مصر جي گلن جا نشان آهن. عدالتن جي اُتر ۾ آمون ۽ امونيٽ جا به وڏا مجسما آهن، هيءَ ننڍيو دروازو ٽٽوموسس تعمير ڪرايو هو.

آمون جي عبادت جي ساڄي طرف وياسين ته اتي Sacred lake مقدس ڍنڍ آهي. ڍنڍ جي چٽني طرفن کان ڪيترائي ڏانچا پيا هئا. ان جي اتر، ڏکڻ ڪنڊ

ھڪ ننڍي عمارت به شامل هئي جيڪا آسرين هيڪل ٽريڪا جي نالي سان مشهور آهي. جيتوڻيڪ هي، ڏانچو خاص طور تي مرڪزي هيڪل ڪمپليڪس سان گڏ ڳنڍيل نه آهي. پر هي، مرڪزي محور سان گڏ سڌو آهي ۽ ان مقدس ڏنڊ سان ملیل آهي ۽ ان کي شايد آمون جي هيڪل جو حصو سمجهڻ گهرجي. جيڪو زميني پاڻي، سان پريل آهي. ان ۾ ڪاهن جي وضو سان گڏوگڏ هيڪل جي هي ڏنڊ جي ضرورتن جي ڪري به پاڻي فراهم ڪيو ويندو هو. ان جي سڌي هٽ تي ريمسس ٻئي جو مندر هو ۽ اتان کان ٽورو سچي هٽ تي ننڍو مندر Osirshek-Djet هو. ڪرناڪ مندر ۾ جيئن ئي داخل ٿيا سين ته ان جي سچي هٽ تي هڪ دروازو آهي. جيڪو ريمسس ٽئين هيڪل جي طرف آهي. هي، دراصل هڪڙو وسيع پارڪ مزار آهي. جيڪا مدنيت حبو ۾ بادشاهه جي مردهه خانه مند رجي ننڍي شڪل جي طور تي ڊزائين ڪيو ويو هو. ان ڏانچي جي پهرين عدالت ۾ ريمسس ٽيون اوزيرس خدا جي مجسمن سان گڏ بيلو آهي. جڏهن ته پٽين کي مذهبي ڏينهن جي مختلف منظرن ۽ حڪم نامن سان سينگاريو ويو آهي. ان جي پويان ايوان ۽ ننڍا ٽئيندار هال ۽ ڪرناڪ ٽرائيڊ جي ميمبرن لاءِ اندروني علائقو آهي. ريمسس مندر جي پويان خونسو جو جو مندر آهي. جيڪو نئي سلطنت جي فن تعمير جو هڪ نمايان مثال آهي. هي، مندر ريمسس تعمير ڪرايو هو. پر وري وڌيڪ ڪم ان جي جانشين مڪمل ڪيو هو. خونسو آمون ۽ مٽ جو پٽ هو. ان ٽيبس ٽرائيڊ تشڪيل ڏني هئي. اهو چنڊ جو ديوتا هو. جيڪو باز جي مٿي وارو شخص هو. جنهن کي هڪ ٽئين چنڊ جو مٿو پاتل هو. خيال اهو ڪيو وڃي ٿو ته خونسو ۾ بد روحن کي ڪڍڻ جي صلاحيت هئي.

خونسو جي مندر جي پويان اوپيٽ ننڍو مندر آهي. هي، ٽي ميٽر ڊگهي اڏي تي بيٺل آهي. جنهن جي چوٽي، تي ڏکڻ جي طرف مرڪزي دروازو آهي. دروازي جي بلندين تي بادشاهه کي اوزيرس ۽ ٻين ديوتائن جي سامهون ڏيکاريو ويو آهي. داخلي دروازي جي ڏکڻ جي طرف هڪ مستطيل هال آهي. ڏکڻ جي ديوار تي بلند چوٽين ۾ جاري، جون دريون آهن. کاڀي پاسي تهه خاني سان گڏ ٽي ڪمرا آهن. پوءِ هڪ پيو هال آهي. جنهن ۾ پٽين تي بادشاهه کي مختلف ديوتائن جي موجودگي، ۾ پيش ڪيو ويو آهي ۽ ان کان علاوه ٻيا به ڪمرا هئا.

ستين ۽ اٺين دروازي جي وچ ۾ آمون جي هيڪل ۾ اڳڻ کان پري هي عدالت آهي. ستين دروازي مان هلندي سامهون ست مجسما نظر آيا. جن مان به کاڀي هٽ تي هئا. هتي به جيڪي سيني کان وڌا هيا اهي ٿوٿموسس جا آهن ٽن ننڍين شخصيتن ۾ آهن اهي هوتب پهرين جا مجسما آهن. ان کان علاوه

ڪيترين ئي شين هيون.

قديم ٿيبس ڪي جديد لگزور چيو وڃي ٿو. ڪرناڪ ۾ آمون جي هيڪل جي اتر ڏکڻ ۾ ثانوي محور چئن اڳڻن تي مشتمل آهي. جن جي وچ ۾ وڏا دروازا آهن، جن ۾ چئن اڳڻن ڪي تقسيم ڪيو ويو آهي. انهن چئني اڳڻن ۾ ڪيترائي ئي يادگار موجود آهن. جن ۾ ڪجهه ٽٽل هال، مجسما، عدالتون ۽ ٽنيا شامل آهن، جن تي بادشاهن ۽ خدائن جي پينٽنگ ڪيل آهي. آخر ۾ ڏهون دروازو آهي، جيڪو حور مهيب تعمير ڪرايو هو. جيڪو بلڪل ٻاهرين طرف ڪلي ٿو. ان گيٽ تي حور مهيب جا منظر آهن. انهن منظرن ۾ آمون را کي شراب ۽ ٻين شين کي پيش ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. ان کان مٿين واري حصي ۾ مٽ ۽ خونسو جي پوڄا کي چار دفعا ڏهرايو ويو آهي. اهڙي طرح ڪرناڪ مندر ۾ 10 دروازا آهن، جيڪي مختلف دور ۾ مختلف بادشاهن تعمير ڪرايا هٿا.

ڪرناڪ مندر ڪمپليڪس جنهن کي عام طور تي ڪرناڪ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، جنهن جو مطلب عربي ۾ "خنڪ" آهي ۽ جنهن جو مطلب "قلعي وارو ڳوٺ" آهي، جنهن ۾ مصر ۾ لگزور جي ويجهو پراڻن مندرن ۽ وڏن بلند دروازن ۽ ٻين عمارتن جو هڪ وسيع ڇار شامل آهي. ان ڪرناڪ مندر جي مشڪل عمارت جي تعمير جو آغاز اوپر مملڪت ۾ سينسريٽ اول Sensuret کان وچ واري بادشاهت تائين ٿيو ۽ تقريباً (2000-1700 ق.م) پٽوليمڪ Ptolemic دور تائين جاري رهيو. (30-305 ق.م) اهڙي طرح باقي ٻين عمارتن جي تاريخ نئين بادشاهت جي دور کان ٿئي ٿي. ڪرناڪ جو علائقو قديم مصر جو سڀ کان گهڻو اهم حصو هو ۽ ارڙهين خاندان ٿيبن ٽرائيڊ (Theban Triad) جي عبادت گاهه جو مرڪزي مقام هو.

ڪرناڪ مندر درياهه نيل جي ڪناري واقع آهي، ٿوري فاصلي تي توهان بندر گاهه ڏسي سگهو ٿا. درياهه جو ڪنارو ايترو ويجهو هئڻ جي ڪري ڪرناڪ ۾ هر سال هوڙ جي موسم ۾ مٽي مندر جي اڳڻ ۾ اچي ويندي هئي. پوئين هڪ هزار سالن جي طويل عرصي دوران هي مندر ڪافي حد تائين واري ۾ دفن ٿي ويو هو. ان کان علاوه 27 ق.م جي زلزلي جي دوران تقريباً سڄو مندر زمين دوز ٿي ويو. عام شهرين ان مندر جي چوڌاري ۽ مٽان گهر تعمير ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا. جڏهن حڪومت وري هن مندر کي بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ماڻهن کي گهر ڇڏڻا پيا.

هي مندر دنيا جي وڏي قديم مذهبي جڳهه آهي. هن مندر کي ٺاهڻ ۾ تقريباً ڏيڍ سئو سال لڳي ويا هٿا. پر ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ هي ڪاب اهڙي

جڳهه ناهي جنهن تي تقريباً 30 فرعونن مندر جي تعمير ۾ حصو ورتو هجي. هن مندر جون ڪيتريون ئي خصوصيتون آهن. هن مندر ۾ ديوتائن کان وڌي قديم ترين فرعونن تائين جي عبادت ڪئي وئي. هتي توهان مصري ثقافت جي تاريخ جو سڀ نموني مطالعو ڪري سگهو ٿا. ايمن هيٽپ چوٿون (Amenhetap) جو مندر جيڪو هاڻي تباهه ٿي چڪو آهي، ڪنهن زماني ۾ هتي هوندو هو. ان پنهنجي دور ۾ وحداني خدا جو مذهب متعارف ڪرايو هو. پوءِ هتان کان پنهنجو مذهب مرڪز ۾ منتقل ڪرايو هو. هتي پوءِ جي تهذيبن پنهنجي مقصدن جي لاءِ اهڙي طرح جو مذهب پيش ڪيو، جن جي شڪل هتان جي ڪندرات مان ظاهر ٿئي ٿي.

قديم زماني ۾ جنگيون ملڪن ۾ نه وڙهيون ويندیون هيون، ۽ ديوتائن جي درميان مقابلا ٿيندا هئا. جنگ جي دوران جيڪي ديوتا فاتح ٿي ويندا هئا ۽ ان جي طاقت ۾ اضافو ٿي ويندو هو. اهڙي طرح جنگي فتحن پايه تخت ٿيبس جي ديوتا آمون کي سڀ کان گهٽو مشهور ۽ مقبول بڻائي ڇڏيو. ان جي ڪري هيءَ مندر ان جي زال مت ۽ ان جي پٽ خونس جي پوڄا جو مرڪز رهيو. ان جي ڪري آمون جي مندر جي حصو وڌو آهي. گهٽو ڪري سياح ان جو ئي حصو ڏسي ڇڏيندا آهن، جيتوڻيڪ هيءَ پورو مندر ڏسڻ جي لائق آهي.

بهرحال دروازو، دالان، هال، مجسما، ٿنيا، شڪليون ۽ اسفنڪس جون طويل قطارون ايتري وڏي تعداد ۾ ڪرناڪ ۾ موجود آهن جو جديد دور جو انسان ان جو تصور به نه ٿو ڪري سگهي. هن مندر کي ڏسي اڪيون ڪليل ٿي رهجي ويون ۽ ايتري انساني ڪاريگري تي يقين ئي نٿو اچي.

فرانسيسي سياح ڊينن (Denon) لکي ٿو ته: "ڏسڻ کان پوءِ هن ڳالهه تي يقين ڪرڻ تمام گهٽو مشڪل لڳي ٿو ته هڪ جڳهه تي ايتريون وڏيون عاليشان عمارتون موجود آهن، انهن تي الائي ڪيترو خرچ آيو هوندو ۽ جنهن جي تعمير ۾ انسانن کي خبر ناهي ڪيتري محنت ۽ استقلال جي ڪيئي مشڪل آزمائشن مان گذرڻو پيو هوندو؟ انهن عمارتن جا تفصيل پڙهندي قاريءَ تي خواب جي ڪيفيت طاري ٿي وڃي ٿي. جڏهن ته اهي ماڻهو جيڪي پنهنجين اکين سان ان کي ڏسي رهندا هوندا، اهي به پنهنجي بيداري تي شڪ ۾ مبتلا ٿي ويندا هوندا. اهي ايترا حيران ٿي وڃن ٿا ۽ سوچن ٿا ته ڇا هو اهو سڄو طلسم جاڳندڙ اکين سان ڏسي رهيا آهن!؟ انهن پناهه گاهن يا مقدس جڳهين جي چوڌاري ڊنڊون آهن، جبل آهن. بس انهن بن شين مان ئي سمجهو ته اتي ڇا نه هوندو. پوري وادي ۽ درياهه نيل جو ڊيلٽا آبشار کان سمنڊ تائين، مندرن، محلن، مقبرن، اهرامن مذهبي مدرسن ۽ چئني پاسن کان ٽنين سان

ڏکيل آهي. مجسمن جي حسين تراش جي تعريف کان لفظ لاچار آهن فنڪارن، سنگ سماق، سنگ سياهه، برش ۽ ڏاري دار پٽرن جي تراش خراش ۾ جيڪو ڪمال ڏيکاريو آهي، اهو تمام حيرت انگيز آهي. سڀ ماهر ان ڳالهه تي متفق آهن ته جانور يا هوتا بلڪل اصل جهڙا لڳن ٿا ۽ مصنوعي شين جي وڏي خوبصورتيءَ سان نقاشي ڪئي وئي آهي. بحري ۽ بري جنگين ۽ گهريلو مصروفيتن جا منظر به پلا کوٽيل آهن.

شيمپولين (Champolion) جنهن جو تعلق ئي کنڊرات سان هوندو هو. ان کرناڪ جي باري ۾ راءِ ڏيندي چيو آهي ته:

"ان عمارت جي باقيات، جنهن قلعه جي زمين کي گهيريو آهي، اهو چورس آهي ۽ ان جي هر پاسي جي ڊگهائي ارڙهن سئو فٽ آهي. انهن رعب دار کنڊرات کي ڏسي ماڻهوءَ جو عقل چڪرائجي ٽو وڃي. هر مقام تي ڪاريگري ۽ هنر جا اعليٰ درجي جا آثار موجود آهن. قديم ۽ جديد زماني جا ماڻهو فن تعمير جي ان ڪمال جو تصور به نٿا ڪري سگهن، جيڪو قديم مصرين جو طره امتياز هو. يورپ وارن جڏهن نوٽري ڊيم گرجا گهر تعمير ڪيو ته انهن اهو سوچيو ته هنن هڪ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي، پر جيڪڏهن ان چرچ جو مقابلو کرناڪ مندر سان ڪيو وڃي ته اها چرچ کرناڪ مندر جي سامهون معمولي ہاراٿي راندڪي جي مثل نظر ايندو.

معبد القصر Luxor Temple

آخرڪار پورو کرناڪ گهمي ورتوسين ۽ اسان سان گڏ گائيڊ به ٽڏو ساهه ڪنيو. پوءِ اتان جي مندر مان نڪري گاڏيءَ ۾ سوار ٿياسين ۽ لگزور مندر جي طرف ڇيٽن هلڻ شروع ڪيو ۽ تقريباً ڪجهه منٽن کان پوءِ لگزور مندر پهچي وياسين. لگزور هيڪل جنهن کي عربيءَ ۾ معبد القصر چيو وڃي ٿو، هڪ قديم مصري عبادت گاهه ۾ واقع مندر آهي. جيڪو هڪ شهر ۾ درياهه نيل جي اوپر ڪناري تي واقع آهي، جنهن کي اڄ لگزور (قديم ٿيبس) چيو وڃي ٿو ۽ ان جي تعمير تقريباً 1400 ق.م ۾ ڪئي وئي.

مصري زبان ۾ ان کي آئي پيٽ ريسٽي (I Pet Resyt) (ڏکڻ مقدس جڳهه) جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي. ٿيبس جي بين عبادت گاهن جي مقابلي ۾ لگزور مندر ڪنهن فرعي جي خدا يا موت ۾ فرعون جي ڪنهن مجذوب جي لاءِ وقف ناهي. هن هيڪل ۾ آمن هوتپ ۽ سڪندر جي دور جا تعمير ڪيل چيپل آهن. هيڪل جا بيا حصا ته توت عنخ آمن ۽ هور مهيب مڪمل ڪرايا هٿا پوءِ ريمسس ان ۾ اضافو ڪيو. رومن دور ۾ هيڪل ۽ ان جي ويجهو هڪ قلعو هو ۽

ان علائقي ۾ رومن حڪومت جو گاديءَ جو هنڌ هو.

هتان ئي ٿوٿموسس ٽئين پنهنجين مهمن جي منصوبہ بندي ڪئي. اختاتون پهريائين خدا جي نوعيت تي غور ڪيو ۽ ريمسس ٻئين پنهنجي بلند نظري سان عمارتن جو پروگرام ترتيب ڏنو. جيتوڻيڪ منّيءَ جي سرن وارا گهر ۽ ٽيبس جا محلات غائب ٿي چڪا هئا، پر انهن جي پٽرن جا منڊر باقي آهن. هيءَ نيل نديءَ جي ڪناري تي پکڙيل آهي. لگزور منڊر تي پهتاسين تہ ان جي اڳيان بہ گهٽا اسفنڪس موجود هئا. خيال اهو هو تہ اهي اسفنڪس بادشاهہ نيڪ تينبو پهرئين جي منّي سان گڏ شينهن جي جسم کي جوڙيو ويو هو ۽ اهو بہ چون پيا تہ هيءَ ڪرناڪ منڊر ۽ لگزور منڊر کي ملائيندا هئا. يعني هنهي منڊرن جي وچ ۾ ڪيتري ئي تعداد ۾ لڳل هئا. انهن منڊرن جي وچ ۾ تقريباً 3 ڪلو ميٽر جو فاصلو هو. اها حقيقت آهي تہ ان علائقي ۾ پرڪشش جڳهين جي ڪابہ کوٽ نہ هئي، پر هيءَ نظارو ڏسڻ بغير واپس اچڻ تمام گهٽي غلطي ٿيندي. هيءَ ابتدا ۾ فرعون سيسو سٽريس پنهنجي بادشاهت جي دور ۾ شروع ڪيو هو. پر ان ۾ پوري طرح پيٽوليمڪ دور ۾ بهتري آندي وئي. هيءَ بہ خيال ڪيو وڃي ٿو تہ هت شي پشت جي دور ۾ اسفنڪس جو ڪم شروع ٿيو هو ۽ ان سان گڏ چيپل بہ تعمير ڪيو ويو هو. بدقسمتيءَ سان اڄ ان مان ڪوبہ چيپل موجود نہ آهي. هيءَ رستو بادشاهن جي لاءِ ٺهرايو ويو هو. بادشاهہ انهن هنهي منڊرن جي وچ ۾ ان رستي تي هواخوري ڪندا هئا. اهو ڊيڪارڊ جي لاءِ تہ بادشاهہ ڪيترا عظيم آهن ۽ پنهنجي بادشاهن جو احترام ڪيئن ڪجي؟مذهبي ڏينهن تي بہ ان رستي کي ڪوليو ويندو هو. هيءَ فوٽو گرافيءَ لاءِ زبردست موقعو هو. اتي هلندي اها خوشي ٿي رهي هئي تہ ڪڏهن هيءَ رستا بادشاهن لاءِ ڪلندا هئا. اڄ اسان اتي هواخوري ڪري رهيا آهيون.

اڳتي وڌياسين تہ سامهون هڪ گلابي گرينائيٽ اوبليسڪ مينارِ نما نظر آيو. هڪڙو ئي هو. گائيڊ ٻڌايو تہ باقي پيرس منتقل ڪيا ويا هئا. هيءَ بہ ڏکڻ مصر ۾ سوينٽ اسوان جي ويجهو کوٽيو ويو هو.

داخلي دروازي کان اندر وياسين تہ اتر ڏکڻ جي ڪنڊ تي هڪ ننڍو ٽيمپل نظر آيو. جيڪو هي صدي عيسوي جي شروع ۾ هيڊرين (Hadrian) تعمير ڪرايو هو. اهو سراپيس (Serapis) جي لاءِ وقف ڪيو ويو هو ۽ ان جي تعمير نو گيوس جوليس انٽو ننس ڪئي هئي. جيڪو ان وقت سپاهي ۽ ٽيمپل جو خدمتگار هو. سرپيس اصل ۾ يوناني مصري ديوتا هو. جنهن جي ذات کي ٽين صدي قبل مسيح جي دوران رياست جي فرعون پٽوليمي پهرين سوٽر جي حڪم تي انهن يونانين ۽ مصرين کي پنهنجي دائري ۾ متحد ڪرڻ جي ذريعي

متعارف ڪرايو ويو هو.

باهرين مندر جي پٽين ۾ مجسمن جي لاءِ ڪيئي محراب ٺاهيا ويا هئا، جيڪي هاڻي ڪونہ هئا. صرف هڪ ٻچيل مجسمو هو، جنهن کي اندروني حرم خاني جي پوئين حصي ۾ تقريباً هڪ ميٽر بلندي تي سرن جي وچ ۾ رکيو ويو آهي.

انهيءَ اگٽ ۾ نيڪتينبو جي عدالت هئي، اتي هڪ وڏو دروازو آهي جيڪو ريمس جو تعمير ڪيل آهي. ان دورازي تي ان جا ديو قامت مجسما بہ بيٺا آهن، اهو دروازو هن ٺاورن تي مشتمل آهي.

مصر ۾ ٽي موسمون ٽيندیون هيون. سيلاب جي موسم، زرعي شين پوکڻ جي موسم ۽ فصل ڪٽڻ جي موسم. هوڏ جي موسم جي دوران پاڻي مندر جي اندر اچي ويندو هو ۽ ماڻهو پري منتقل ٿي ويندا هئا ۽ جيئن ٿي سيلاب جي موسم جي چار مهينا مدت ختم ٽيندي هئي تہ ماڻهو واپس اچي ويندا هئا ۽ تعميري ڪم جاري ڪري ڇڏيندا هئا. ان طرح وقت سان گڏ هيءَ ٺاور واريءَ ۾ دهجي ويا هئا. جنهن کي بعد ۾ ڪڍيو ويو هو. هڪ ٺاور تي ريمس ٻڌي تي قاديش جي جنگ جي عڪاسي ڪئي وئي آهي، هن واقعي جون شاهديون ڪيترن ئي مندر ۾ ملن ٿيون. بدقسمتيءَ سان ان جو اڳيون حصو بلڪل ڍهي چڪو آهي. ڪاپي ٺاور تي بادشاهہ کي شهزادن ۽ مشيرن سان ملي، حڪمت عملي تي گفتگو ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. ان جي ويجهو ئي پنهنجي جنگي رٿ کي جنگ ۾ شامل ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. ساڄي واري ٺاور تي جنگ ڏيکاري وئي آهي ۽ دشمنن جا مردا ميدان ۾ پکڙيل آهن. ان کان پوءِ جي بادشاهن خاص طور تي نوبيائي خاندان جي بادشاهن بہ انهن پٽين تي پنهنجون فوجي فتحون رکارڊ ڪيون آهن. ان دروازي جي اندر ويجهو ئي ٽوٿموس ٽئين جي عبادت گاهہ آهي ۽ سامهون عظيم ڪورٽ ريمس ٻڌي جي آهي. ان عدالت جو نالو "دعوت عدالت" چيو وڃي ٿو. هيءَ ٽنهن واري عدالت، جنهن ۾ انهيءَ جي چٽني پاسن کان ويلڻ جي شڪل ۾ ڏنڊي وانگر ٽنيا هئا، جيڪي ڇت کي سهارو ڏئي بيٺا هئا. ٻيٽي قطار ۾ موجود انهن ٽنهن جي بلندي 50.9 ميٽر آهي، ان قطار جي ڊيگهہ 57 ميٽر آهي. عدالت مربع ناهي پر برابر مستطيل جي شڪل ۾ آهي. ريمس ٻڌي جا وڏي قدوارا مجسما ۽ ملڪ نيفرتري جا مجسما ٽنهن واري اگٽ ۾ بيٺل آهن.

ريمس ٻڌي جي دروازي جي ڪاپي پاسي انهيءَ ڪورٽ جي حصي ۾ هڪ چورس ميدان هو، جنهن کي ڪوٽيو نہ ويو هو. هتي هڪ عيسائي چرچ جي باقيات سان گڏ ڊنل جاءِ جو ڊير آهي. جيڪو اڄان بہ صوفي شيخ يوسف

ابوالحجاج مسجد ۽ مقبري جي هيٺان دفن آهي. ان مسجد جو مينار 13 هين صدي عيسوي ۾ تعمير ڪيو ويو ۽ هي، مسجد پاڻ ۾ هڪ اهم يادگار آهي. هتي موجوده سطح کان تقريباً اٺ ميٽر بلنديءَ تي مسجد جو اصلي داخلي دروازو نظر اچي ٿو.

دربار جي آس پاس پٽين تي ريمسس ٻڌي جون تصويرون سينگاريل آهن، جتي هن کي پوڄارين سان گڏ نذرانو پيش ڪندي ڏيکاريو آهي ۽ ٻي پٽ تي خوبصورت مالائون پاتل ڏاندن جو هڪ ڏڻ آهي، جيڪو قرباني جي لاءِ هيڪل جي طرف وڃي رهيو آهي. ان جلوس جي قيادت بادشاهه جي 17 پٽن سان گڏ ٿاهي وئي آهي.

عدالت جي ڪنڌ ۾ ريمسس ٻڌي ۽ ملڪ نيفرتري جو هڪ عظيم مجسمو آهي. هي، طاقت جو مظاهرو ڪري ٿو. جنهن ۾ بادشاهه کي اعتماد سان گڏ اڳتي وڌندي ڏيکاريو ويو آهي.

ڪاهي ڪنڌ ۾ ٽيبن ٽرائيڊ جو ننڍي درگاهه. اصل ۾ هت شي پشت پنهنجي موجوده مقام کان مرڪزي مقام تي ٿاهي آهي پر ان جي فوت ٽيڻ کان پوءِ ٽوٿموسس، جيڪو هن جو ويڙهو پاءُ هو. ان يادگار کي پنهنجو ظاهر ڪيو. انهيءَ کان پوءِ ريمسس ان کي پنهنجو سمجهيو. پوءِ ان مندر جي وسيع ڪمپليڪس جي باقيات جي زبردست ڪالونيڊ هال ۾ داخل ٿياسين، جيڪو لگزور مندر جي يادگار جو سڀ کان گهٽو متاثر ڪرڻ وارو عنصر آهي. هي، هن مندر جو قديم ترين حصو آهي. آمن هوتپ جي دور ۾ هن قطار ۾ بيٺل هي، عظيم ٿنيا ان جي وفات کان پوءِ مڪمل ٿيا هٿا. هتي آمن هوتپ ٽئين ۽ ان جي زال جو هڪ زبردست مجسمو به هو.

بهرحال مندر جي پٽين کي به سينگاريو ويو آهي، جنهن ۾ اوپيٽ فيسٽيول جي تصويرن جي نقش نگاري ڪئي وئي آهي. اتان پوءِ گائيڊ اسان واپس ريزورٽ تي ڇڏي ڏنو. جنهن جو نالو (Jolie Villet King Island Luxor) هو. ان جي داخلي دروازي جي سامهون ٿوهارا هٿا ۽ وڻن کي سهڻي نموني سينگاريو ويو هو. جنهن جو مزو به اسان انهي ڏينهن موڻڻ کان پوءِ ورتو. پوءِ لائونج ۾ پهتاسين جتي انهن جي انتظامي جماعت جا نوٽو نالي سان لڳل هٿا. ان جي مالڪ جو نالو حسين خالد حسين سالم هو. جنهن جون تصويرون پوري رزورٽ ۾ لڳل هيون. لائونج ۾ هڪ هال سوبڪ (Sobek) به هو ۽ باهر انهيءَ هال جي دروازي وٽ هڪ بار به هئي.

شرم الشيخ روانگي

اهڙي طرح پوءِ صبح جو 30-5 وڳي هنڌ ڇڏيوسين چاڪاڻ ته اڄ اسان کي شرم الشيخ ويڄڻو هو ۽ اسان جي فلائيٽ 35-9 تي هئي. ڪمپني جي ٽيڪسي اسان کي وٺڻ لاءِ 30-7 جو وقت ڏنو هو. پوءِ جلدي تيار ٿي ناشتي تي هليا وياسين، اتي ماٺهو ڏاڍا گهٽ هئا. شايد جن جي روانگي هوندي اهي جلدي اٿيا هوندا. ناشتي جو ٽائيم هتي 5 کان 11 وڳي تائين هو. بين هوٽلن ۾ گهٽو ڪري 6 يا 30-6 کان 10 وڳي تائين هوندو آهي. پر هتي ٿي سگهي ٿو ته فلائيٽ جي وقت جو به خيال رکيو ويو هوندو. اسان 15-7 وڳي تائين ناشتو ڪري واپس ڪمري ۾ آياسين ۽ پنهنجو سامان کڻي رسيپشن هال ۾ چيڪ آئوٽ جي لاءِ پهچي وياسين. اسان اتي ئي بيٺا هئاسين ته ڊرائيور به اچي ويو. ويٽر سامان کڻي گاڏي ۾ رکيو ۽ اسان سير گاهه کي ڇڏي، ويٽر کي ٽپ ڏئي، گاڏيءَ تي سوار ٿي شهر جي روڊ تي اچي وياسين ۽ تقريباً پنجويهن (25) منٽن ۾ ايئرپورٽ پهچي وياسين. چيڪنگ گهٽي هئي. بورڊنگ ڪارڊ حاصل ڪري لائونج ۾ پهچي وياسين. ان وقت گهٽو ڪري ماٺهو چائينز هئا. جيتوٽيڪ اهي ڪنهن ٻئي ملڪ جا سمجهي سگهون ها. پر اهي ڳالهه ٻولهه ۽ تهذيب جي لحاظ سان چائينز ئي هئا. لڳزور مان اسان جي فلائيٽ وقت تي يعني 35-9 وڳي رواني ٿي. 30-10 وڳي اسان قاهره پهچي وياسين. هي فلائيٽ شرم الشيخ جي لاءِ شام جو 30-6 تي روانا ٿيڻي هئي. اسان نمبر ٻه (2) ڊپارچر تي لٿاسين ۽ اسان جي هي فلائيٽ نمبر پهرئين (1) تان وڃي پئي. پوءِ سامان کڻي اتي روانا ٿياسين، اهو پري نه هو. پيدل ئي منٽن ۾ پهچي وياسين. اتي پهچي رفيع چيو ته ائين ٿا ڪيون ته آٺ (8) ڪلاڪ اسان وٽ آهن. ٽيڪسي ڪري پوءِ قاهره جي ڇڏيل جڳهن تان ٿي اچون ٿا. وقت به آساني سان پاس ٿي ويندو پر مون کي اها ڳالهه مناسب نه لڳي جو ته خوف ٿيو ته ٽيڪسي وارو سامان کڻي غائب نه ٿي وڃي، جو ته اتي هر ويڙهو ايمانداري نظر نه پئي آئي. لائونج ۾ لوهه جون ڪرسيون پيل هيون، جن تي ويهڻ اسان جي لاءِ مشڪل هو. مان ٿوري ٿوري دير کان پوءِ گهمڻ شروع پئي ڪيان. ۽ ٽي ڪلاڪ اهڙي طرح گذري ويا. اتي ۽ ريسٽورينٽ به هئا. منجهند جي مانيءَ جو وقت به ٿي ويو. اتي صحيح طرح جا صوفا هئا. اسان کاڏو گهرايو ۽ ڪوشش ڪئي سين ته هڪ ٻه ڪلاڪ اتي ويهي ڪجهه وقت

هتي گذاريو وڃي. ڪاڏو ڪائڻ ڪان پوءِ وري لائونج جي ڪرسين تي اڇي وياسين. چاڪاڻ تہ اسان وارو گيٽ 4.30 تي کلڻو هو. تيستائين هتي ئي گذارو ڪرڻو هو. وري ٿوري دير کان پوءِ هڪ ريسٽورينٽ تي وڃي ويٺاسين. اتي ڪافيءَ جو آرڊر ڏنوسين ۽ ڪافي پي ختم ئي ڪئي سين تہ انهيءَ وقت 15-4 وڳي جو وقت ٿي ويو. پوءِ اتان اٿي گيٽ تي لائين ۾ بيهي رهياسين ۽ گيٽ کلي وئي. اسان بيلٽ تي سامان رکيو ۽ باقي فارملٽيز پوريون ڪري لائونج ۾ داخل ٿي وياسين. 45-4 وڳي جهاز ۾ سوار ٿي وياسين. پر جهاز 15 منٽ ليٽ ٿي ويو. هيءَ جهاز Nile Air جو Air buz 321-200 هو. ان جهاز ۾ هنن ۾ سينڊوچز، هڪ جوس ۽ پاڻيءَ جي بوتل ڏني، چو تہ جهاز جو فلائيٽنگ وقت 40 منٽن جو هو. ٺيڪ 7-20 وڳي جهاز شرم الشيخ ايئرپورٽ تي لينڊ ڪري چڏيو. سامان کڻي ٻاهر نڪتاسين تہ سامهون هوٽل جوٽيڪسيءَ وارو اسان جي نالي جو ڪارڊ کڻي بيٺو هو.

شرم الشيخ

اسان ٽيڪسي ۾ ويهي رهياسين ۽ ڊرائيور شرم الشيخ شهر ڏي سفر جاري رکيو. اتي جئين رستي تي گاڏي هلي رهي هئي، جلدي احساس ٿيو ته اسان آفريڪا ۾ نه پر جپان ۾ داخل ٿي ويا آهيون ڇو ته هر طرف ماحولياتي آلودگيءَ کان پاڪ هو. رستا ڪشاده ۽ تمام گهٽا، خوبصورت وڻيون وڏيون شاهراهون، ۽ طرفا ٽريفڪ جي مطابق ٺاهيون ويون هيون. عمارتون ۽ منزلا هيون ڇو ته انهن عمارتن جي بلندين کي انهيءَ لاءِ محدود ڪري رکيو ويو هو ته جئين اردگرد جي قدرتي کي خوبصورتي ڏنڊلو نه ڪري ڇڏي. پوري شهر ۾ هڪجهڙائي ۽ انتهائي نفاست هئي. رستن جي ٻنهي طرف خوبصورت وڻن جا دستا، جڙ هر وقت تيار ڪامران جوان ٻيٽا هجن ۽ ٻنهي رستن جي جڳهه تي رنگ برنگي گل سياحن جي دل وندرائڻ جو سامان مهيا ڪري رهيا هجن.

شرم الشيخ بحيره احمر سان گڏ ساحلي پٽيءَ تي واقع ڏکڻي سينا گورنري ۾ واقع، جزيره نما سينا جي ڏکڻ ۾ هڪ مصري شهر آهي. شرم الشيخ (جنهن جو مطلب (شيخ آف خليفه) "امن جو شهر" آهي مصري عربي ۾ "مدينت السلام" جي نالي سان به سڃاتو وڃي ٿو. هيءَ شهر مصر جو سڀ کان نئون ۽ جديد شهر آهي. ايڪاڪالهه جي ڳالهه آهي جڏهن صحرائي سينا جي آخري ڪنڊ تي واقع هن علاقي ۾ مير بحرن جو قبضو هو. دنيا جي نقشي تي صحرائي سينا ڳولڻ جي لاءِ، توهان بحره احمر جي درميان انگريزي V جي شڪل جو هڪ خطو ڏسندا آهيو. لفظ V جي هيٺيان واري ڪنڊ تي شرم الشيخ آهي، جنهن جي ٽنهين طرفن کان بحره احمر آهي. ان جي اهميت ان سبب جي ڪري به آهي ته ان کي هڪ مير بحر جي ڳوٽ کان اهم بندرگاهه ۽ مصري بحريه جي اهم اڈي ۾ تبديل ڪيو ويو. ان تي اسرائيل سوئز بحران دوران 1956ع ۾ قبضو ڪيو هو ۽ 1957ع ۾ ان کي مصر ۾ بحال ڪيو ويو. ان کان پوءِ 1967ع ۾ ڇهه (6) ڏينهن جي جنگ تائين اقوام متحده جي هڪ امن فوج اتي موجود هئي. جڏهن ان تي اسرائيل ٻيو دفعو قبضو ڪري ڇڏيو هو. اسرائيل امن معاهدي کان پوءِ سن 1982ع ۾ سينا جزيره نما کي مصر جي حوالي ڪرڻ تائين شرم الشيخ اسرائيل جي قبضي ۾ رهيو. 1982ع ۾ سينا جي بحالي کان پوءِ مصر حڪومت هن شهر جي مستقل ترقي جي حوصلا افزائي لاءِ هڪ

شروعات ڪئي هئي، جيڪو هاڻي سياحت جو هڪ بين القوامي مقام آهي. شرم الشيخ ۾ جيڪي مٿئين حصي طرف ويجهو بلند جبل به آهن جو ڪوهه طور يا جبل موسيٰ جي نالي سان مشهور آهن ۽ جيڪڏهن توهان شرم الشيخ کان کاپي طرف ساحل سمندر سان گڏ سفر ڪندا ويجو ته بحره احمر جي مشهور بندرگاهه عقبه تائين پهچي ويندئو. عقبه جي بندرگاهه وٽ مصر جي علاقي سينا، سعودي عرب ۽ اردن جون سرحدون ملن ٿيون. عقبه کان کاپي پاسي سعودي عرب جي طرف بحره احمر جي ڪناري مدين جو علاقو آهي، جتي حضرت موسيٰ تقريباً ڏهه سال نبي الله حضرت شعيب جون ڪريون چاريندو هو.

پوءِ تقريباً 25 منٽن ۾ هوٽل تي پهچي وياسين. هوٽل بلڪل صحيح جڳهه تي هو. اتان Pedestrian اسٽريٽ شروع ٿي رهي هئي. لهندي ئي اتان جي رونق ڏسڻ ۾ آئي، ائين محسوس ٿيو ته صرف گذريل فرعونن جا مندر ۽ مختلف جڳهيون ڏسي اسان به انهن مردن سان ملي ويا هئاسين. هتي هيءَ احساس ضرور ٿيو ته زنده ماڻهن جي شهر ۾ پهچي ويا آهيون. هوٽل جي لائونج ۾ به عربن جي تعداد گهٽي هئي عورتون فل ميڪپ ۾ هيون ۽ هر هڪ جي ڊريس ڏسڻ جي لائق هئي. ڪجهه اباڻين ۾ ملبوس هيون. پر اهي به ڏسڻ جي لائق هئا چو ته جيڪي عرب عورتون پردو ڪنديون آهن ته انهن جو پورو توجهه اباڻين ڏي هوندو آهي. ڪائونٽر تي وياسين ڪمري جي چابي وصول ڪئي سين. لائونج ۾ گول ڊاڪڙ هئي، جيڪا سهڻي طريقي سان ٺهيل ۽ سينگاريل هئي. اها چڙهي پهرئين فلور تي پهتاسين، پوءِ ان جي پويان هڪ رستو گيلريءَ وانگر هو. اهو پار ڪري لفٽ وٽ پهچي وياسين. پنهنجي ڪمري جو دروازو کوليوسين ته سامهون گيلري نظر آئي. ٻئي انهيءَ طرف ڊوڙندا وياسين، چو ته ميوزڪ جو آواز اچي رهيو هو. گيلري ۾ وياسين ته پوري واڪنگ اسٽريٽ اسان جي سامهون هئي. ان وقت سج به لهي ويو هو. لائيٽنگ به تمام گهٽي هئي ۽ هر طرف گهما گهمي، هل چل لڳي پئي هئي. ڪجهه دير جي لاءِ ته اتي ئي بيهي رهياسين، پوءِ رفيع کي چيم ته ته هاڻي ٿورو آرام ٿا ڪيون ۽ پوءِ هيٺ هلي رات جو کاڌو به کائي ٿا اچون. اهڙي طرح ڪپڙن جي سيٽنگ ڪري هڪ ڪلاڪ آرام ڪيوسين، پوءِ تيار ٿي باهر نڪتاسين. هر طرف رنگ برنگي بتيون نظر پئي آيون، هڪ طرف بازار هئي ۽ ٻئي طرف قطار ۾ ريسٽورينٽ هئا. بازار تقريباً ڏيڍ يا ٻه ڪلو ميٽرن تي مشتمل هئي. بازار ۽ ريسٽورينٽ جي وچ ۾ پڪو رستو ٺهيل هو. جيڪو سياحن جي هواخوريءَ لاءِ ناهيو ويو هو. اتي ٽريفڪ هلڻ جي اجازت ڪانه هئي. اسان ڪجهه قدم هلياسين ته ريسٽورينٽ اچي ويا. ٻه ٽي ريسٽورينٽ چڏي وڌياسين ته هڪ اندين ريسٽورينٽ نظر آيو.

اسان اتي وڃي ويناسين. انڊين ريسٽورينٽ جو مطلب اهو ناهي ته اتي حرام شيون ناهيل هونديون يا خدا ناخواسته هندن مطابق ڪجهه ناپاڪ شيون استعمال ڪندا هوندا. پر مسلم ملڪن ۾ ائين نه هوندو آهي اهو به ممڪن هوندو آهي، ته اهي انهيءَ طريقي جا نالا رکي انڊين ۽ ٻين ايشين ملڪن جي سياحن کي ٻڌائڻ چاهيندا آهن ته توهان جي مرضيءَ جو کاڏو هتي ملي سگهي ٿو. پوءِ انهن جو مالڪ پلي مصري هجي، پر هندستاني ۽ پاڪستاني يا بنگلا ديشي ويٽر رکندا آهن ته انهن ملڪن مان جيڪو به اچي ته هن کي پنهنجو کاڏي وارو ريسٽورينٽ سمجهي، هتي اچي ڪائن ۽ اسان جا گراڪ وڌن. خير اتي ڪڙهائي ۽ پاڇين جو آرڊر ڏنوسين پوءِ مينيجر اچي اسان سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. اردو ۾ ڳالهائي رهيو هو. اتي به ڪم ڪرڻ وارا انڊين ۽ پاڪستاني هئا. کاڏو ڏاڍو ٽيسٽي هو. بلڪل پنهنجي وطن جهڙو. نان ته پاڪستان کان سٺا ٺهيل هئا. آخر ۾ لسيءَ جو آرڊر ڏنوسين. اهو پنجابين جو جيڪو پتل جو گلاس هوندو آهي، اهو پري کٽي آيا. انهيءَ کان پوءِ پڳل سٺونف ۽ سوپارين وغيره کٽي آيا. اسان ته اهي نه کائيندا آهيون. چاکاڻ ته خبر نه پوندي آهي ته تازيون وجهي کٽي آيا آهن يا هي ٽيبل تان ماٺهو اٽيا هوندا ته اهو کٽي آيا. انهن جي کائڻ ۾ اهو خوف ٿيندو آهي ته ماٺهو انهيءَ چمچي کي پنهنجي وات ۾ وجهي واپس پياليءَ ۾ رکندا آهن. بهرحال بل ڏئي، ويٽر کي بخشش ڏئي واپس نڪتاسين. سوچيو ته هتي ٿورو چکر ڏئي ٿا اچون. سو هر ريسٽورينٽ تي پنهنجي حساب سان لائيٽنگ ٽيل هئي. سيٽنگ به پنهنجي حساب سان ڪيل هئن. اڌ حصي ۾ ميز ۽ ڪرسيون هيون ۽ اڌ حصي ۾ هيٺ ويهڻ جو سسٽم رکيل هو ۽ وچ ۾ ڊانسنگ بورڊ. هر ريسٽورينٽ ۾ ضرور هو. ان سان گڏ شيشا جنهن کي اسان جي زبان ۾ حقا چوندا آهن، اهي به گهٽي تعداد ۾ هئا. جيڪي مختلف رنگن ۾ هئا ۽ تماڪ جا ڪيئي فليور هئن. جيڪو پنهنجي مرضيءَ سان وجهرائڻ چاهي وجهرائي سگهي پيو. سهڻا ۽ گورا ماٺهو اتي کائي پي رهيا هئا. ميوزڪ هر جڳهه تي مختلف هلي رهي هئي. جيڪي ماٺهو اتي هئا کي ڊانس ب ڪن پيا. پر انهن جي طرفان هڪ بيلي ڊانس ڪرڻ واري ضرور هئي. پوءِ پين گراهڪن جي مرضي هئي ته ان جو ڊانس ۾ساٿ ڏين يا پاڻ ان کي ڏسي لطف پيا ماڻن. سڀ سياح موڪلون ملهائڻ آيا هئا. مزو به ڀرپور ونڻ جي ڪوشش ڪن پيا ۽ اسان به انهن کي ڏسي مزو ماڻي رهيا هئاسين. تمام گهٽي رونق هئي. انهيءَ روڊ تي مختلف قسم جا جادوگر، ڊانسر سياحن کي وندرائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هئا ته جيترو ٿي سگهي ته انهن کي خوش رکي سگهون. پوءِ سياح انهن کي ويندي ويندي ڪجهه پئسا به

ڏينندا وڃن پيا. بهرحال اها گهٽي پوري ته نه گهمي سگهياسين، ڇو ته سفر جي ٽڪاوٽ گهٽي هئي. ان جي ڪري واپس هوٽل جي طرف وڃڻ شروع ڪيوسين. ڪمري ۾ پهچي وياسين، پر آوازن مان اهو پيو محسوس ٿيندو رهيو ته سياحن جي ڏاڪوڪڙي تقريباً رات جو چئين وڳي تائين هلي رهي هئي. ۽ ميوزڪ ۽ گوڙ جو آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيو. اسان به ڪيڏي مهل ننڊ ۾ هئاسين ته ڪيڏي مهل اکيون کلي پئي ويو.

صبح جو تيار ٿي ناشتي جي ڪمري ۾ اچي وياسين. هتي به ڪاڏي جو اهو ئي حال هو. جيڪو ٻين شهرن ۾ هو. يعني تمام گهٽي مينو جو اهتمام ٿيل هو. اتان پوءِ لائونج ۾ اچي ويناسين، لائونج جي سامهون هڪ وڏو شيشو. جي پوريءَ جڳهه تي لڳل هو. ۽ ان جي ٻئي طرف سئيمنگ پول هو. جتي گورا ۽ گوريون، ننڍنجن ٻارن سميت وهنجڻ جو مزو وٺي رهيا هئا. ۽ اندر ويٺل ماڻهو ننڍنجيون اکيون ٽڏيون ڪري رهيا هئا. اهي گورا ته آفريڪا کي به يورپ سمجهيو ويٺا هئا ۽ هتي به جهنگل ۾ منگل وارو حال آهي. اڄ اسان جو پروگرام شرم الشيخ جي شاپنگ هالن ۾ گهمڻ جو هو. رات 11 وڳي جي الف ليلىٰ شو جي بڪنگ ڪرايل هئي. اتي لائونج ۾ ڪافي دير ويهڻ کان پوءِ رفيع کي چيم ته هلو هاڻي ٻاهر نڪرون. پوءِ اسان نڪتاسين ته ٻاهر ڪافي گرمي هئي، پر اهو سوچيوسين ته شاپنگ مال ۾ اي سي هوندو، اتي گهمڻ ۾ مزو ايندو، رستو ڪجهه چڙهائي تي هو. پندَ اسان جي هوٽل کان صرف پنجن منٽن جو هو.

جنينه سٽي شاپنگ مال

هي شاپنگ مال Genena City Shoping Mall جي نالي سان مشهور هو. اصل ۾ هي هڪ وڏي هوٽل هئي، جنهن ۾ مال ٺهيل هو. اتي پهتاسين ته ڪافي ڏاڪڻيون هيون، جيڪي چڙهي مٿي پهچي وياسين. هي مال جو پويون حصو هو. اتي به اسٽيج به ٺهيل هيون ۽ انهيءَ جي آڏو تمام وڏو اڳڻ هو. پڇڻ تي خبر پئي ته رات جو هتي اوپن ايئر ريسٽورينٽ هوندا آهن ۽ انهن اسٽيجن تي بيلي ڊانس به ٿيندي آهي، پر ان وقت ڪجهه به نه هو. اندر مال جي طرف وياسين سڀ دڪان بند هيا اتان گذري ان جي اڳئين، حصي ۾ پهچي وياسين، جتي باقاعده اوپن ايئر ميوزيم ٺهيل هو. جيڪو بادشاهه توت ميوزيم چورائي ٿو. اتي فوٽو گرافي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ، گارڊ ٻيٽو هو. تنهن کان پڇيوسين ته ڇا اڄ ڪو موڪل جو ڏينهن آهي. پورو شاپنگ مال بند آهي؟ ان ٻڌايو ته نه، هتي شاپنگ مال هجي يا دڪان هجن، سڀ پنجين وڳي کلندا آهن، ڇو ته ڏينهن جو هتي گرمي گهٽي ٿيندي آهي. ماڻهو گهٽو ڪري سمنڊ جي ڪناري تي

گذاريندا آهن. هتي پنجين وڳي کان پوءِ رونق هوندي آهي. پوءِ اسان واپس پنهنجي هوٽل جي طرف اچي وياسين. منجهند جي مانيءَ جو وقت ٻه ٽي ويو هو. انهن جي K.F.C ۾ وياسين. اتي کاڌو کائي هوٽل ۾ واپس اچي وياسين.

نامہ سمنڊ جو کنارو

شام جو پنجين وڳي ٻاهر نڪتاسين ۽ سوچيوسين تہ Naama Bay جي طرف هلون ٿا. اهو اسان جي هوٽل کان گهٽو پري نہ هو. پنڌ جو رستو هو. وچ ۾ بازار هئي. اتان گذري سمنڊ جي کناري تي پهچي وياسين. جڏهن مون سمنڊ ڏٺو تہ اکين تي يقين نہ پئي آيو چو تہ ايترو صاف ستڙو ۽ شفاف سمنڊ گهٽ جڳهين تي ڏٺو آهي. ڪراچي جي سمنڊ جي کناري جي مقابلي ۾ تہ ڪيترا دفعا وڌيڪ سهڻو هو. ۽ مون فرانس ۾ ڪينس کان علاوه ڪيترائي کنارا ڏٺا آهن. جيئن برطانيہ جي سمنڊ جا کنارا. بلڪ تقريباً 50 جي ويجهو سمنڊ جا کنارا ڏٺا آهن، پر انهن سڀني کان شاندار هو. ۽ اهڙو خوبصورت کنارو اسان ڪٽي ٻہ نہ ڏٺو. پاڻي ايتري قدر شفاف هو جو سمنڊ جي تري ۾ اهو سڀ ڪجهہ نظر اچي پيو. جيڪو گهٽو ڪري سمنڊن ۾ هوندو آهي مثلاً: واري، پاڻيءَ ترندڙ رنگ برنگي مڇيون. رفيع تہ پنهنجي ڪيمرا ۾ ٻہ انهن مڇين کي بند ڪيو. اتي اهڙيون ٻيڙيون ٻہ بيلل هيون. جن ۾ پيرن جي هيليان شيشو لڳل هوندو آهي. جنهن ۾ سفر ڪرڻ سان سمنڊ جي اندر جيڪي ٿوٿا، مڇيون، ٻيون آبي مخلوقات ۽ پهاڙ جيڪي ٻہ هوندا آهن. اهي صاف نظر ايندا آهن. پر اسان ان وقت سوار نہ ٿياسين. ڇاڪاڻ تہ اهڙو سفر اسان اردن جي شهر عقبہ ۾ ڪيو هو. جنهن جو ڪنارو هتان کان گهٽو پري نہ آهي. ڇو تہ مصر ۽ اردن جو سرحدون ملن ٿيون. جڏهن اسان عقبہ جي کناري تي ويا هئاسين تہ ٻيڙيءَ واري ڏيکاريو هو تہ اسان جي سامهون اسرائيل آهي. کاڀي پاسي مصر آهي ۽ اتان انهن جا روڊ رستا انهن تي هلندڙ گاڏيون. ماڻهو ۽ گهر ٻہ نظر اچي رهيا هئا.

اتي سمنڊ جي کناري تي پري پري تائين واري سان پريل کنارا هئا. جتي سياح ننڍي لباس ۾ ڪجهہ اس جو مزو وٺي رهيا هئا تہ ڪجهہ وهنجڻ جو لطف ماڻي رهيا هئا ڪجهہ تہ پنهنجن گورين سان گڏ ستا پيا هئا. اتي ماحول بلڪل يورپين هو. اهو احساس نہ ٿي رهيو هو تہ اسان ڪنهن مسلم ملڪ ۾ آهيون. اتي کناري تي مختلف هوٽلون هيون ۽ اهي انهن جا ئي بيچز هئا. اتي هر هوٽل جي سامهون پنهنجو ڪائونٽر هو. جتان ڪرائي تي بيچ لاؤنج چيئر، ٽاول ۽ ٻارن جي ترڻ جي لاءِ جن ٻہ شين جي ضرورت پوندي آهي. اهي سڀ ملي رهيون هيون. اسان کان ٻہ انهن پچيو پر رفيع نهڪر ۾ ڪنڈ ڏوٽيو ۽

پنهنجي زبان ۾ صرف چيائين ته اسان هتي رڳو اکيون ٽڏيون ڪرڻ آيا آهيون. اتي ڪافي دير تائين ڪناري تي هواخوري ڪندا رهياسين. ان وقت ڪافي ماڻهو واپس وڃي رهيا هئا، پوءِ اسان جون اکيون ٻ ڪافي ٽڏيون ٽيون. تڏهن اسان اتان نڪري نامه بي مارڪيٽ Naama Bay Market جو رخ ڪيو، جيڪو ان جي ويجهو هو. پر اسان جي ايريا جو نالو ٻ ساڃيو هو. هاڻي شام ختم ٿي رهي هئي، بازار لڳي چڪي هئي ۽ ريسٽورينٽ ٻ ڪلي چڪا هئا. انهن جي سامهون ڪرسيون ۽ صوفا سيٽ لڳل هئا، جيڪي مختلف رنگن ۽ مختلف پرنٽن جا هئا. صوفا جي ڪپڙن جو انتخاب تمام بهترين هو. ڪي هلڪي رنگ جا ته ڪي گهري رنگ جا ته ڪي گلن واري پرنٽ جا. ڪن تي ننڍا گل ته ڪن تي وڏا گل هئا. بهرحال سڄي بازار جو احساس ٿي رهيو هو. ڪجهه ريسٽورينٽ جي سامهون پاڻيءَ جي ڇنڪار ٻ ڪري رهيا هئا. جيئن اسان جي گرم علائقن ۾ شام جو زمين کي ٽڏي ڪرڻ لاءِ زمين تي پاڻي وڏو ويندو آهي ته جيئن گرمي ختم ٿي وڃي. ڪجهه ريسٽورينٽ تي پکا ٻ هلي رهيا هئا ۽ اهڙا پکا ٻ هئا جن مان پاڻيءَ جي بلڪل سنهي ڦوهار ٻ نڪري رهي هئي. اسان اهڙي قسم جا پکا اڳ ۾ آسٽريليا جي شهر گولڊ ڪوسٽ ۾ ڏٺا هئا. اهو اسان جي زندگيءَ جو پهريون تجربو هو. پوءِ هر گرم ملڪ ۾ نظر ايندا هئا. ۽ هتي ٻ ساڃي شيءِ هئي. اهي گرميءَ جي شدت کي گهٽ ڪرڻ لاءِ هلايا ويندا آهن. ڪجهه ريسٽورينٽ ۾ اهو ڪم مڪمل ٿي چڪو ته ڪجهه ريسٽورينٽ جا ويٽر انهيءَ ڪم ۾ مصروف ڏٺاسين. اسان اتي گهمندا گهمندا مٽيءَ جي خوشبوءِ مان لطف حاصل ڪندا رهياسين. بلڪل ننڍپڻ ياد اچي ويو. جڏهن اسان عيد تي ڳوٺ ويندا هئاسين ۽ اتي ٻ اهو ئي حال هوندو هو. هن روڊ تي ٻ ٽريفڪ کي اچڻ جي اجازت نه هئي، ان جي ڪري ماڻهو بي فڪر ٿي گهمي رهيا هئا ۽ باقاعدگيءَ سان سير جو مزو وٺي رهيا هئا. ڪجهه جوڙا هٿ ملائي ۽ ڪجهه ٻانهن ۾ ٻانهون وجهي، هوا خوري ڪري رهيا هئا. هيءَ يورپين جو طريقه ڪار هوندو آهي، جيڪو مون کي ڏاڍو پسند هوندو آهي. ته هر طرف گهمندا رهو ڏسندا رهو ۽ گڏ ٻ آهيو. نه ته ائين ٻ ٿي سگهي ٿو ته هڪ ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن شيءِ کي ڏسي ٿو ته ٻيو ڏسندي ڏسندي الائي ڪٿي وڃي پهچندو آهي پوءِ رش ۾ ان کي ڳولیندا وتو ته سائي ڪاڏي غائب ٿي ويو. هاڻي عربن جڏهن يورپ وڃڻ شروع ڪيو آهي ته انهن جي نوجوان طبقي جي ٻ اها عادت ٿي وئي آهي. پر جيستائين اسان جي ڳالهه آهي ته چوندا آهن ته جنهن کي ڪچيءَ ڪنا نه پيا ته پڪيءَ پوندا ڪين، اسان ٻ هڪ هوٽل جي سامهون ريسٽورينٽ تي چانهن پيئڻ لاءِ ويهي رهياسين ۽ رستي ۾هلندڙ ماڻهن کي ڏسي رهيا

هتاسين جن مان ڪجھ موج مستين ۾ مصروف هئا ۽ ڪجھ سنجيدگيءَ سان هلي رهيا هئا تہ ڪجھ بازار جو جائزو ونڊي خريداري پيا ڪن. اسان سمنڊ جي ڪناري تي وڃڻ مھل بہ هتان گذريا هتاسين پر ان وقت هيءَ رستو بلڪل سنسان هو. هر طرف خاموشي ئي خاموشي هئي، پر هڪ پن ڪلاڪن کان پوءِ واپس ٽياسين تہ تيزيءَ سان هلندڙ ماڻهو، دڪان ماڻهن سان ڀريل ۽ ڏکندڙ ويٽر، ڏکندڙ ٻار سڄي علائقي ۾ جڙ تہ ساھ پٽجي ويو هو. هوٽلن جي سامهون جيڪي ريسٽورينٽ هئا، انهن جا صوفا ۽ ڪرسيون سڀ ڀريل هيون. ماڻهو ڪجھ کائي رهيا هئا تہ ڪجھ مشروبات جو مزو وٺي رهيا هئا ۽ ڪجھ شيشا پي دونهين سان هڪ ٻئي کي تنگ ڪري رهيا هئا. ڪٽي گديون وھاٽا زمين تي پيل ڪارپيٽن تي رکيل هئا.

هوٽل جا خدمت گار حرڪت ۾ هئا. ۽ ڏکي ڏکي گراڪن جي خدمت ۾ مصروف هئا. اسان بہ دڪانن جو چڪر لڳايو. پر خريداري نہ ڪئي چوتہ سفر کاڌي ڏگھو هو. ۽ ائين بہ اھڙي سياحتي هنڌ تان خريداري ڪرڻ بہ وڏي بي وقوفي هوندي آهي. اهو دانشمندانہ فيصلو ناهي هوندو جو تہ اتي شيون تمام گھٽيون مهانگيون ملنديون آهن. شام جي وقت ٿوري ٺار واري هوا هلي رهي هئي جيئن سمنڊ جي علائقن ۾ ٺيندو آهي. جيئن اسان ڪراچيءَ ۾ سمنڊ جي ويجھو وارن ريسٽورينٽ تي يا ڪلبن ۾ ويندا آهيون، بلڪل اوئين موسم هئي. بهرحال پوري شام ائين ئي گھمندا رهياسين، مزو وٺندا رهياسين. دنيا جي مختلف سياحن سان ملاقات ڪندا رهياسين، انهن سان ڳالھ ٻولھ ٿي. ميوزڪ ۽ ڊانسن جو مزو بہ وٺندا رهياسين، پوءِ آهستي آهستي پنهنجي هوٽل ڏي هلڻ شروع ڪيوسين.

ڪوھ طور/ جبل طور

ان کان پوءِ رفيع چيو تہ مان سوچي رهيو آهيان تہ ڪنهن ٽريول ايجنٽ کان بہ ڪوھ طور تي وڃڻ لاءِ پروگرام طئي ڪري اچون. پھريائين اسان کي باھر جي سفر کي اهميت ڏيڻ گھرجي تہ اتان فارغ ٿيڻ کان پوءِ ويجھيون جڳھيون آرام سان ڏسندا رهنداسين. اهي ايجنسيون بہ انهيءَ گھٽيءَ ۾ هيون. ھن ٽن کان قيمت معلوم ڪئي تہ هي اتي وڃڻ جي لاءِ تقريباً 50 هزار ٻڌائي رهيا هئا. ڇاڪاڻ تہ اتي بسون ۽ ويگنون وغيرہ بہ وڃي رهيون هيون. پر اسان جدا ٽيڪسي تي وڃڻ چاهيون پيا. ڇو تہ ان ۾ هيءَ سهولت هوندي آهي تہ پنهنجي مرضيءَ سان ڪٽي بيھڻ چاهيون تہ بيهي سگھون يا ٽڪجي پٽون تہ ٿورو آرام ڪري وٺون. بس ۽ ويگن ۾ تہ انهن جي طريقي سان هلڻو پوي ٿو ۽

اسان جي صحت ان ڳالهه جي اجازت نه پئي ڏئي. انهن سان جڏهن ڳالهه ٿي ته انهن چيو ته ڪوهه طور تي ته توهان کي جانورن تي چڙهڻو يا پنڌ جو سفر ڪرڻو پوندو، چوته اها وڏي چڙهائي آهي، جنهن ۾ 6 کان 8 ڪلاڪ لڳي سگهن ٿا. اهو سفر ته اسان جي لاءِ بلڪل ناممڪن هو. هتان جا ماڻهو جبل طور کي ڪوهه موسيٰ به چئي رهيا هئا. جيڪو ڪيترين صدين کان زائرين جي توجهه جو مرڪز بڻيل آهي. عيسائين ۽ مسلمانن جي لاءِ هيءُ پهاڙ طويل عرصي کان مقدس سمجهيو وڃي ٿو. يهودي روايت جي مطابق به هيءُ پهاڙ اهميت وارو آهي. ابتدائي عيسائي دور ۾ صرف مقدس ماڻهن کي ئي ڪوهه طور تي چڙهڻ جي اجازت هئي ۽ اهي به پيرين اگهاڙا هجن. پر اڄ ڪلهه ڪوبه ماڻهو هن جبل تي چڙهي سگهي ٿو. عيسائي، يهودي ۽ مسلمانن جي عقيدي ۾ هيءُ جڳهه هڪ مشترڪ جوڙ جي نمائندگي ڪري ٿي. ڪوهه طور سطح سمنڊ کان 5700 فٽ بلند آهي ان تي چڙهڻ لاءِ پيچرو هارون جبل کان شروع ٿئي ٿو. ان ننڍي جبل کان مٿي الله جي نبي حضرت هارون عليه السلام جي ياد ۾ هڪ سفيد عيسائي گرجا ۽ هڪ اسلامي مزار ٺهيل آهي. ان جڳهه کي وادي مقدس به چيو وڃي ٿو. چون ٿا ته جڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام جبل تي عبادت ۾ مصروف هو ته ان جڳهه تي سامري سنهري گابڙو ٺاهيو هو ۽ ان جي چوڌ تي يهودين ان گابي جي عبادت ڪرڻ شروع ڪئي هئي. جبل جي هيٺيان سينٽ ڪيٿرائن آرٿو ڊڪس عيسائي خانقاه ۽ ڪجهه هوٽلون به اتي ٺاهيون ويون آهن. خانقاهه 550 ق.م جي دوران تعمير ڪيو ويو آهي. هتي حضرت موسيٰ عليه السلام جبل کي باهه لڳندي جبل کي ڏٺو هو. ماڻهن جو چوڌ هو ته اڄ ڪلهه اها پهاڙي موجود آهي. حضرت موسيٰ عليه السلام هن علائقي ۾ قيام پذير ٿيو هو. ۽ انهيءَ جڳهه تي حضرت شعيب عليه السلام پنهنجي ڏيئرن سان گڏ رهندو هو. اتي هڪ مسجد به موجود هئي. هڪ روايت مطابق هتي هڪ مصري آفيسر هڪ مزدور کي ماريو هو. جنهن ڪري حضرت موسيٰ عليه السلام ان آفيسر کي ماريو نتيجي ۾ اهو مصري مري ويو. جنهن کان پوءِ حضرت موسيٰ عليه السلام کي موت جي سزا ٻڌائي وئي ۽ هو سينا جي جبلن ۾ روپوش ٿي ويو ۽ اتي ئي ان جي ملاقات حضرت شعيب عليه السلام سان ٿي ۽ اتي انهن جي ستن ڏيئرن مان هڪ سان شادي ڪئي هئائين. هتي حضرت موسيٰ عليه السلام پنهنجي سهري سان 40 سال گذاريا. هاڻي ايتريون مقدس جايون، ڪنهن جو دل نه چوندي ته اتان گهمي نه اچون. پر ايجنسي وارن چيو ته توهان جيڪڏهن ويگن تي وڃو ته ٺيڪ رهندو. انهن جي ڳالهائڻ جي انداز مان لڳي پيو ته اڄ ڪالهه حالتون اهڙيون ناهن جو توهان الڳ وڃو. پر توهان

چئو ٿا تہ ٹيڪ آهي. پر توهان کي هتان صبح جو پنجين وڳي وڃڻو پوندو. شايد ڪانوي جي صورت ۾. باقي جيڪڏهن توهان ديرسان وڃڻ چاهيو ٿا تہ اهو ممڪن ناهي. ڇو تہ گرمي ۾ وڏي ويندي ۽ ديرسان وڃڻ حالتن جي مطابق صحيح نہ آهي. ان وقت مصري ڏاڍا ڏنل هئا. ڇو تہ مان پهريائين ۾ ذڪر ڪري چڪي آهيان تہ جڏهن ڪان روس جي سياحن جو جهاز جيڪي مصر گهمڻ آيا هئا، اهو ڪيرايو ويو آهي تہ سياح ۾ اڇڻ گهٽ ٿي ويا آهن. خاص طور تي شرم الشيخ کي دهشت گردن بمن جو نشانو ۾ بڻايو هو. پوءِ اسان ۾ ٽورو ڏڇي وياسين ۽ وڃڻ جو پروگرام ختم ڪري ڇڏيوسين. اسان جڏهن ابو سمبل ۾ ويا هئاسين تہ اتي وڃي ۾ احساس ٿيو هو. تہ هتي ۾ اڇڻ خطري کان خالي نہ هو. انهيءَ لاءِ هيءَ ماڻهو ۾ منع نہ ڪري رهيا هئا. پر انهن جو طريقو حوصلا افزائي وارو نہ هو.

اسان کي ٽورو افسوس ۾ ٿيو تہ اهڙي جڳهہ، جتي وڃڻ لازمي هو اتي اسان نہ وڃي سگهياسين. مون تہ اتي وڃڻ لاءِ الله تعاليٰ کان دعائون ۾ گهريون هيون پر قبول نہ ٿيون. پر پنهنجي دل کي تسلي ڏني ڇو تہ انهيءَ وقت مثنوي رومي جي پڙهيل هڪ ڳالهہ ياد اچي وئي، جنهن ۾ هڪ آکاڻي ٻڌائي وئي هئي تہ:

"هڪ چور ڪنهن جوگيءَ جو نانگ چورائي کڻي ويو ۽ سمجهئين تہ هيءَ ڪم مون انصاف سان ڪيو آهي. نانگ ڏاڍو زهريلو هو. جوگي خاموشي جي ڪري نانگ جي ڏنگڻ کان بچي ويو. پر نانگ چور کي ڏنگي ماري وڌو ۽ ريگستان جو رستو وٺي راهي ٿيو. چور جي مرڻ کان پوءِ ان جي منهن مان گجي ۽ رت ۾ وهي رهيو هو، جسم سڄي ويس ۽ ڦاٽي پيس. جوگي جيڪو پنهنجي نانگ جي چور جي تلاش ۾ هو. ان جڏهن چور کي مٿل ڏٺو ۽ لاش مان اندازو لڳائين تہ هيءَ نانگ جو چور آهي، پوءِ ماڻهن کي سڏي چوڻ لڳو تہ هيءَ ماڻهو منهنجي چورايل نانگ جي ڏنگڻ سان مئو آهي. مان الله تعاليٰ کان سوال ڪري رهيو هيس، تہ مون کي چور ملي وڃي تہ انهيءَ کان پنهنجو نانگ واپس ورڻ ۾ هينئر الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيان ٿو جو ان منهنجو اهو سوال قبول نہ ڪيو. مون کي زهريلو نانگ نہ مليو. نانگ گم ٿيڻ تي پنهنجو نقصان سمجهان پيو. پر ان نانگ کي چوري ٿيڻ جي سبب مون کي مرڳو فائدو پهتو. جو مان ان جي ڏنگڻ کان بچي ويس." اهڙي طرح دعا قبول نہ ٿيڻ ۾ ب ڪا پلائي هوندي آهي.

بس دعا ها گان زيان سست و هلاک
وزکرم مي نشنود يزدان پاک

(ڪيترين ئي دعائون جيڪي دعا گهرڻ وارن جي حق ۾ در حقيقت نقصانده هونديون آهن پر هو پنهنجي حق ۾ فائديمند سمجهي گهري ٿو. اهي

دعائون خداوند ڪريم پنهنجي رحم ڪرم سان قبول نه ٿو ڪري.)

الله جيڪي دعائون پوريون نه ٿو ڪري ته ان جو مطلب اهو نه آهي ته هو دعا گهرندڙ جي حق ۾ بي پرواهي ڏيکاريڻ جي خيال سان ائين ڪري ٿو. صرف انهيءَ جي لاءِ ته نوازش سان اهو اٽڪاڻ بندو نقصان کان بچيو رهي. بيشڪ الله تعاليٰ پلائي ڪرڻ وارو آهي. جيڪڏهن ڪنهن پلائي جي لحاظ کان دعا قبول نٿو ڪري ته اهڙين حالتن ۾ گهرڻ وارو شڪي ۽ بي ويساهو ٿي وڃي ٿو. پر پروردگار جي پاڪ ذات جي رحم و ڪرم ۾ ڪڏهن به شڪ يا بي ويساهي نه ڪرڻ گهرجي. پر پڪ سان سمجهڻ گهرجي ته اسان جي ڪنهن پلائي جي خاطر اها دعا قبول نه ٿي. قادر ڪريم فرمائي ٿو ته: مون کي پڪاريو ته مان توهان جي پڪار ٻڌان ٿو الله تعاليٰ جي نوازش ۽ مهرباني مان ڪڏهن به ناااميد نه ٿيڻ گهرجي. ائين ڪريم، ڪارساز جي رحم ڪرم ۾ بي ويسائي شيطان جو نالو آهي."

اي اخـي دسـت از دعـا کـردن مـدار
بـا اجـابـت يـا رد اويـت چـه کـار؟

(اي ياءِ ڪڏهن به دعا گهرڻ کان هٿ نه هٽايو ان جي قبوليت يا رد ٿيڻ سان تنهنجو ڪهڙو واسطو.)

جڏهن اسان انهيءَ ريسٽورينٽ کان گذرياسين، جتي رات ماني کاڏي هئي سين ته اتي ڪائونٽر تي بينل مينيجر رفيع الدين جو نالو ولي سڏڻ شروع ڪيو. اسان ٻئي حيران ٿي وياسين ته هن کي اسان جو نالو ۽ شڪل به ياد آهي. پوءِ اسان ان کي اشارو ڪيو ته اسان ٿوري دير ۾ اچو ٿا پوءِ ته هر روز جو اهو معمول بڻجي ويو ته جڏهن به هن ريسٽورينٽ جي پرسان گذرنداسين ته هو سلام به ڪندا هٿا ۽ نالو ولي سڏڻ جي ڪوشش به ڪندا هٿا. پوءِ اڳتي وڌي هوٽل تي وياسين چاڪاڻ ته سمنڊ جي واريءَ کي صاف ڪرڻو هو ۽ تيار ٿي ڊانس شو ۾ به ويڙهو هو. ڪپڙا بدلائي ٿورو ميڪ‌ڀ جي طرف به توجهه ڏنو. ڇو ته هتي عرب عورتين فل ميڪ‌ڀ ڪندين هيون. شايد سڀ قلوپطره بڻجڻ پيون چاهن. مون به سوچيو جهڙو ديس اهڙو ئي ويس هئڻ گهرجي ۽ تيار ٿي هيٺ لٿاسين.

الف ليلىٰ شو

رات جي ماني‌ءَ کان فارغ ٿي هوٽل واپس آياسين. گاڏي اچي وئي ان ۾ ڪجهه سياح ٻيا به ويٺل هٿا. جيڪي مختلف هوٽلن مان کڻندا آيا هٿا. وين رواني ٿي ۽ ڪار پارڪنگ ۾ اچي بيهارئين ۽ اسان کي هدايت ڪيائين ته شو

ختم ٿيڻ کان پوءِ توهان سڀ هتي ئي اچي جمع ٿجو. جيڪي اسان سان گڏ سياح هئا اهي ته اندر هليا ويا پر رفيع چيو ته هاڻي ايجان شو شروع ٿيڻ ۾ چند منٽ آهن، اسان پهريائين فوٽوگرافي ڪيون، پوءِ اندر هلون ٿا. مون به هاڪار پري. اتي باهر گهوڙن جا اسٽيچو ٺهيل هئا. انهن کان علاوه ڪيترائي يادگار ٺهيل هئا. انهن جي فوٽوگرافي ڪري پوءِ اندر داخل ٿياسين. گيٽ کان پهريائين هڪ سڏو ٽائيل جو ٺهيل رستو هو ۽ ٻنهي طرفن کان پل وانگر پٽ ٺهيل هئي ۽ ان جي هيٺان ميوزڪ جي سسٽم سان گڏ پاڻي وهي رهيو هو ۽ انهيءَ سان گڏ لائيٽنگ به هئي. اتي پاڻي جي آواز، لائيٽ ۽ ميوزڪ جي ڪري دل کي سڪون محسوس پيو ٿئي. ڪجهه دير لاءِ اتي بيهي رهياسين، اندر داخل ٿيڻ مهل اسان جي ٽڪيٽ ڏسي اسان کي اندر ڇڏيو ويو.

تفريحي رات جو لطف حاصل ڪرڻ لاءِ اسان "الف ليلىٰ شو"، جنهن کي "عرب نائيٽس يا 1001 نائيٽس شو" جي نالي سان پڪاريو وڃي ٿو، ان کي ڏسڻ جو فيصلو ڪيو. اندر اوپن ايئر ٿيٽر هو، وچ ۾ اسٽيج ٺهيل هئي. چئني پاسن ۾ گول دائري ۾ صوفا ۽ ڪرسيون رکيل هيون. اسان کي اڳئين واري صوفي تي ويهاريو ويو ۽ ٿوري دير جي اندر Welcome Drin سامهون ميز تي رکي وئي پوءِ اسٽارٽر سان گڏ شو به شروع ٿي ويو. پهريائين شو ۾ گهوڙن جي شو سان گڏ روايتي عربي قصا پڌائيندا رهيا. جنهن سان گڏ موسيقي ۽ رقاصن جي به گهٽتائي نه هئي. گهوڙن جي شو کان پوءِ انهن جي بيلي ڊانس شروع ٿي وئي، مصرين کي ناچ جو گهڻو شوق هوندو هو. شروع کان اڄ تائين ان طرف ڏاڍو ڌيان ڏنو هئن ۽ سڀ ترقي ڪئي هون. ناچ جا ته ڪيترائي قسم هلندا آهن پر انهن ۾ هڪ ناچ تمام گهڻو شرم لائق آهي جنهن ۾ عورتون وڏي بي حيائي سان رڳو پنهنجي پيٽ ۽ انهيءَ جي هيٺئي حصي کي عجيب انداز سان لوڏيندیون آهن. ڏسڻ وارن کي لطف ايندو آهي، بدقسمتي سان هيءَ ناچ اڄ ڏينهن تائين رائج آهي ۽ گهڻو مقبول آهي. سڀ عرب ملڪن ۾ تقريباً انهيءَ ناچ کي پسند ڪيو وڃي ٿو، جنهن کي هو بيلي ناچ چون ٿا.

ناچ جو لباس خاص هوندو آهي، ان ۾عورتون تمام گهڻو سنهو ڪپڙو پائي ناچ ڪنديون آهن، جنهن ۾ هو عريان ۽ اگهاڙيون نظر ايندیون آهن. اڄ به مصر ۾ هيءَ دستور آهي پر صرف پيشه ور نچڻ وارين ۾.

مصري عبادتن ۾ به ناچ شامل هوندو هو. مندرن ۾ نچڻ واريون رهنديون هيون، خاص خاص مذهبي تقريبن ۾ ناچ ڪنديون هيون. هر تقريب ۾ ناچ ضرور ٿيندو هو. چاهي خوشيءَ جو هجي يا غم جو، ان کان علاوه جڏهن ڪو ماڻهو سفر تان واپس ايندو هو ته گهر جون عورتون هٿن ۾ سائي رنگ جي ٽاري

کٹي دهل وڄائيندين ۽ ناچ ڪندي پنهنجي ماڻهن جو استقبال ڪندين هيون. مطلب اهو ته مختلف موقعن تي نچڻ جو رواج هو.

پر اسلام ڪنهن به طرح جي جنسي سلوڪ ۽ جنسي جذبات پيدا ڪرڻ ۽ ڪشش کي شامل ڪرڻ کان منع ڪري ٿو. مردن کي اهو به حڪم ڏنل آهي ته هو پنهنجون نگاهون هيٺ رکن. جڏهن هو اهڙين عورتن کي ڏسن جن جو جسم ڍڪيل نه آهي. ان بنياد تي رقص اسلام ۾ حرام سمجهيو وڃي ٿو. ان جي لاءِ مصر جي باقي شهرن ۾ ان شو جي ڪجهه منع ڪئي وئي آهي، پر چو ته هتي يهودي به حصيدار آهن، ان ڪري صرف هن شهر ۾ هي؛ ناچ جاري آهي.

بيلي ناچ ختم ٿيو ته پوءِ نانگ جو شو ڏيکاريو ويو. نانگ قديم دور ۾ صحرا جي واري سميت، پراڻين پتين ۾، زمينن ۾، نيل جي ڪناري ۽ انهن جي دلدلن ۾، گهر ۽ مويشين جي وٽاڻن ۽ چراگاهن ۾ هوندا هئا. مصرين جو نانگن سان ڪنهن حد تائين محبت جو رشتو آهي ۽ زهريلا نانگ جيڪي انسانن لاءِ خطرو هوندا آهن انهن سان نفرت جو رشتو به اٿن. بروڪلين ميوزيم Broklyn Museum ۾ پاپائر جنهن ۾ نانگ جي ڏنگڻ جو علاج ڪرڻ وارن ڊاڪٽر جي دستور جي طور تي ڪم ڪيو آهي، ان مان خبر پوي ٿي ته مصرين کي نانگن جو گهرو علم آهي. اهي نانگن کي ديوتا طور تي به پوڄيندا هئا ۽ نانگ جي ڏنگن جي علاج لاءِ بصر کي استعمال ڪندا هئا ۽ اڄ به اسان جي صحرا جي علاقي ۾ نانگ کي پڃاڻڻو هجي يا ان جي ڏنگڻ جو علاج ڪرڻو هجي ته بصر جو استعمال عام آهي.

ڪجهه وقت کان پوءِ تنورا رقص شروع ٿيو هي؛ رقص صوفيانه ۽ لوڪ رقص چوندرائيندو آهي. هي؛ نمائش قصبه قاهره ۾ هڪ صوفيانه ۽ تاريخي مقام تي ٿئي ٿو. جنهن کي وڪالت الغوري چوندا آهن (Wikalat Al Ghory) جيڪو سورهين صدي جي سلطان قنوسوه غوري Al guri Sultan Qunsuwah تعمير ڪيو هو. ۽ ارڙهين صدي ۾ فنڪارانه ڪمن ۽ معاشري جي لاءِ استعمال ٿيو هو.

تنهنڪري مستند طور تي گهري ۽ پرپور ترتيب صوفي تماشي جي مجموعي مقصد ۽ معني جي عڪاسي ڪري ٿي ۽ ان تي زور ڏئي ٿي. جيتوڻيڪ هن ڪارگذاري؛ جو مقصد خدا جي خوبصورتي جي تعريف ڪرڻ ۽ ان جي برڪت ۽ مغفرت جي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هڪ ورد يا وظيفو ڪرڻو آهي. ان ۾ مختلف قسم جي سازن جو استعمال ڪيو ويندو آهي. جنهن ۾ مصري دُرم يا طبلا وغيره آهن، هن شو جو بنيادي موضوع: "هڪ واحد خدا جيڪو غير ورهايل، طاقتور، خوبصورت ۽ طاقتور آهي". شو جي آخر هڪ ئي

لفظ وري وري ورجايو ويندو آهي. "الله".

موجوده دور ۾ هيءَ شو مختلف جڳهين تي ڪيو ويندو آهي. ان رقص ۾ ماڻهو پرڪشش رنگن جي پوشاڪن سان ليس هوندو آهي. مٽين حصي ۾ چولي هوندي اٽس ۾ هيلين ۾ گهاگهري جا چار تهه هوندا آهن. پهريائين رقص ڪندي دف وڄائيو آهي. پوءِ هر تهه ڪي آهستي آهستي مٽي ڪٽيو وڃيو آهي. ان ۾ بلب (L.E.V) به لڳل هوندا آهن. جيڪي باقي سيارن ۽ ستارن جي نشاندهي ڪندا آهن ۽ رقص جي سربراهي ڪرڻ وارجو سج جي نمائندگي ڪندو آهي. پسمنظر ۾ نچڻ وارا سيارن جي حيثيت سان ڪم ڪندا آهن. چيو وڃي ٿو ته رقص ڪرڻ وارن هيءَ رقص پيش ڪرڻ وقت ٽرانس جهڙي حالت حاصل ڪئي هئي. يعني (خدا سان گڏ هڪ هئڻ) هُنَ جي سوچ اها هوندي آهي ته انسان محبت سان گڏ پيدا ڪيو ويو آهي. مولانا جلال الدين رومي چوي ٿو ته: "تمام محبتون الاهي پيار جي پل آهن، ان جي باوجود جن کي ان جو ذائقو نه مليو سي نٿا ڄاڻن.

هيءَ هڪ روايتي مراقبي جي مشق آهي. جيڪا عبادت جي تقريب ۾ انجام ڏني وڃي ٿي.

هونءَ هيءَ شو ته سڄو هو پر اسان کي ايترو پسند نه آيو. پر اتي ويٺل ماڻهو مزو وٺي رهيا هئا. اسان اهڙا رقص ڪافي عرب ملڪن ۾ ڏسي چڪا آهيون، پوءِ جڏهن وري وري ڏسبو آهي ته اهو مزو نه ايندو آهي. انهيءَ جي ڪري شاهه ٻڌائي چيو اهي ته: "ڳوليان ڳوليان مَ لهان، شال مَ ملان هوت، من اندر جا لوچ، ملڻ سان مائي ٿئي." پر جتي هيءَ شو هلي رهيو هو، اها عمارت عاليشان نهيل هئي. باقي جيڪڏهن توهان کي وقت گهٽو آهي ته اهو پاس ڪرڻ جي لحاظ کان شو بهتر هو.

پورو شو ختم ٿيو، باهر اچي وين جي پاسي ۾ بيهي رهياسين، پر ٻيا سياح ايجان غائب هئا. ڏهن، پندرهن منٽن کان پوءِ باهر فوٽو گرافي ڪندي نظر آيا. پوءِ واپس اچي وياسين، هونءَ به جنهن سواريءَ ۾ اچبو آهي ته اهي ڏمڪي ضرور ڏيندا آهن ته جيڪڏهن توهان وقت تي نه ايندئو ته اسان هليا ويندا سين، پر هو اڃا ڪلاڪ انتظار ڪندا آهن ۽ جيستائين اسان جو تجربو آهي ته سڀ اچي ويندا آهن، پر انهن کي ڪڏهن ڪڏهن ڳولڻ به ويندا آهن. اسان ڪڏهن به نه ڏٺو ته سياحن کي چڏي هو هلي پون. سياحن سان انهن جو رويو تمام گهٽو سڄو هوندو آهي، چو ته جيڪڏهن پوري دنيا ان ڳالهه جو خيال نه ڪندي سياح نه ايندا ۽ انهن ۾ هنن جوئي نقصان آهي.

رائل سي اسڪوپ سبميرائن Rayal Seacope Submarine

رات جو اسان جي ذهن ۾ اهو خيال آيو ته سياڻي آبدوز جي ذريعي سمنڊ جو سفر ڪيو وڃي. ان خيال کي عملي جامو پارائڻ لاءِ صبح جو ٽوئر بڪ ڪرايوسين. هون ته هر وقت مصري پائونڊ وٺي بڪنگ ڪندا هئا. پر هتي ڊالر جو حساب هو. ۽ اسان کان هن سفر جا ويهه (20) يو ايس ڊالر ورتائون. صبح جو ڏهين وڳي اسان کي گاڏي وٺڻ آئي ۽ اسان سان گڏ هڪڙي ٻي به فيملي هئي. تقريباً اڌ ڪلاڪ ۾ سمنڊ تي پهچي وياسين. جنهن اسان کي هڪ ريسٽورينٽ تي اچي لاٿو ۽ وقفي وقفي کان پوءِ ٻيا به ماڻهو اچڻ لڳا. جن مختلف ڪمپنين جي ذريعي بڪنگ ڪرائي هئي. اتي اسان کي هڪ ڪلاڪ ويهارڻ کان پوءِ هڪ گائيڊ اسان جي ڪمپنيءَ جو جهنڊو ڦڙڪائي پنهنجي گروپ کي هڪ جڳهه تي جمع ڪري. ٻين سبميرائن تي ويهارڻ شروع ڪيو پوءِ هلڻ شروع ڪيو. مٿي جتي ويهاريو ويو. سو بلڪل ٻيڙي وانگر هو. اسان جو پهريون تجربو هو. اسان سمجهيو ته ٿوري فاصلي کان پوءِ شايد سبميرائن تي ويهارينڊا پر 5 منٽن کان پوءِ انهن ڏاڪڻ جي طرف اشارو ڪيو ۽ چيائون ته توهان هيٺ لهي وڃو. اسان اندر وياسين ته معلوم ٿيو ته هيءَ ئي اصل شيءِ آهي. اهڙي طرح رائل سي اسڪوپس هر ڪنهن کي سطح کان پنج ميٽر هيٺ آرامده ۽ پرسڪون ڊيسڪ تي وڌين وڌين پينورامڪ درين جي ذريعي قدرت جي حيرت انگيز نظاري ڏسڻ جو موقعو مليو. جتي پري پري ۽ هيٺيان تائين مڇيون، هوتا، ننڍيون ننڍيون ٽڪريون ۽ غوط خور به نظر اچي رهيا هئا. اهو ئي منظر جيڪو اسان گهٽو ڪري نيشنل جاگرافڪ چينل تي سمنڊ جو هيٺيون نظارو ڏسندا آهيون. بلڪل اهو ئي نظارو هو. پورو ڪلاڪ ان ۾ گهمايائون. اهڙي طرح خوبصورت رائل سي اسڪوپ سبميرائن تي بحره الاحمر ۾ زبردست ۽ حيرت انگيز ڏينهن گذاريوسين. عملو ڏاڍو دوستاڻو هو. اسان پاڻيءَ جي شاندار دنيا ڏسي ورتي. "خوشگوار سفر پاڻيءَ جي اندر، پاڻي ۾ آلي ٽيڻ کان بغير"

بيدوين ڪيمپ

شام جو ڇهين وڳي اتان جي بيدوين ڪيمپ شو جي بڪنگ ڪرائي هئي، جيڪا سورهن يو ايس ڊالرن ۾ ٿي هئي. ان جي لاءِ هاڻي ٻاهر وڃڻ جو سوچيو به نه، پوءِ تقريباً 5 وڳي هيٺ لٿاسين. رسيپشن جي ٻئي طرف هڪ بار به هئي. ۽ ان سان گڏ دڪان به هو. اتي وڃي ٿورو جائزو ورتوسين. اتان نڪري رسيپشن وارن کان معلوم ڪيو ته گاڏيءَ جو ڇا پروگرام آهي. انهن ٻڌايو ته

اسان جو هڪ گيٽ پوئين طرف آهي گاڏي اتي ڇهين وڳي پهچي ويندي. رفيع چيو ته هلو هينئر ئي انهيءَ طرف هلون. هيءَ گيٽ خبر ناهي ته ڪٿي آهي. پوئين طرف هڪ گهٽي وڃي رهي هئي. ان گهٽي کان ٻاهر نڪتاسين ته اتي ماحول ئي ٻيو هو. وڏي لان ۾ وڏا وڏا بنگلا ۽ فليٽن وانگر اپارٽمينٽ به هئا. جتي هر اپارٽمينٽ لاءِ ڪار پارڪنگ به هئي. پويان به مين گيٽ هئي. جتي گارڊ به بيٺا هئا. انهيءَ کان پڇيوسين ته انهيءَ ورندي ڏني ته ها گاڏي هتي ايندي پر انهيءَ ۾ ايڏا وقت آهي. هُنَ پنهنجي هڪ ڪرسي اسان جي حوالي ڪئي ۽ هڪ ٻي به ڪٽي آيو. اتي ويهي رهياسين ۽ گارڊ کان معلومات به حاصل ڪندا رهياسين. ان ٻڌايو ته پوري خاندان جي لاءِ هتي بنگلا ۽ فليٽون به آهن جيڪڏهن هو چاهن ته انهن کي بورچي به ملي ويندو آهي. جيڪو انهن جي مرضيءَ جو کاڌو پچائيندو آهي. هيءَ ته پورو ريزورٽ هو. هتي ائين ئي هر هوٽل سان گڏ سير گاهه به هئا. ٿوري دير ۾ گاڏي اچي وئي. اسان جي ويهڻ کان پوءِ به هن ڪجهه سياح مختلف هوٽلن تان کنيا ۽ پوءِ شهر کان ٻاهر نڪري تقريباً اڌ ڪلاڪ ۾ اتي پهچي وياسين. اتي ٽن طرفن کان جبل ئي جبل هئا ۽ وچ ۾ اسٽيج ٺهيل هئي، ان جي چئني پاسن کان ويهڻ جو انتظام هو. وچ ۾ رستو هو. ان کان پوءِ خيما لڳل هئا. خيما مختلف رنگن جا ٺهيل هئا. ان جي اندر ننڍيون وڏيون گديون پيل هيون. اسان کي خيمن جي طرف وٺي آيا. اسان اتي به ٽي گديون ملائي زمين تي رکيون ۽ به ٽي پويان رکي ڪرسي ٻاهي ويهي رهياسين، چو ته فرش تي ويهڻ اسان لاءِ مشڪل هو. هر جڳهه تي هيٽ ويهڻ جو بندوبست هو.

هڪ طرف رڳو ٽورو حصو اسٽيڊيم وانگر ٺهيل هو. جيڪو پٽر جو ٺهيل هو. خيمن ۽ اسٽيج جي وچ ۾ جيڪو رستو هو. اتي ماڻهن کي اڻ تي ويهاري سير ڪرائي رهيا هئا، جنهن ۾ گهٽو ڪري ٻار هئا. پر ٻاهر اسڪوٽر ۽ گاڏيون به هيون ته جيڪڏهن کو چڪر لڳائڻ چاهي ته ريگستان ۾ گاڏي ڪٽي وڃي سگهي ٿو. انهن جو به الڳ ڪرايو ڏيڻو پوي پيو. اهڙو سفاريءَ جو ٽوئر ڏيڻي ۾ ڪرائيندا آهن پر اتي انهن جا پنهنجا ڊرائيور هوندا آهن. جيڪي گهمائيندا آهن پر ڪي ماڻهو پاڻ به نڪري ويندا آهن. اسان ڏيڻي ۾ اهو سفر به ٽي دفعا ڪري چڪا آهيون، پر جيڪو دل جو ڪمزور هوندو آهي، اهو انهيءَ سفر کان ڊڄي ويندو آهي چو ته گاڏي واريءَ جي ائين جبلن تي هيٽ کان مٿي ٽيندي آهي ۽ محسوس ائين ٽيندو آهي ته بس هينئر اسان جي گاڏي ڪٽيون کائي وڃي هيٺ ڪرندي.

هتي جيئن ئي خيمي ۾ ويناسين ته چانهن ۽ ڪولڊ ڊرنڪ جي وڏي بوتل ۽ ڇهه (6) گلاس ڪٽي آيا. اسان ته نه پيتي چو ته چانهن ۾ ڪنڊ پيل هئي. الڳ

سان هنن کنڊ نہ ڏني هئي ۽ ڪولڊ ڊرنڪ تہ اسان اڪثر ڪونہ پيئندا آهيون، چو جو اها صحت لاءِ خراب آهي. اسان جڏهن آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ ويا هئاسين تہ اتي ماڻهن اسان کي ٻڌايو هو تہ هتي اسڪولن ۾ اهو قانون آهي تہ جيڪڏهن ڪو ٻار لنچ باڪس ۾ ڪولڊ ڊرنڪ يا چاڪليٽ ڪٽي ايندو آهي تہ انهن جي مائٽن کي ٻہ دفعا وارننگ ملندي آهي پر جيڪڏهن ٽيون دفعو ڪو شاگرد اهو جرم ڪري ٿو تہ ان جي ايڊميشن ئي ختم ڪري ڇڏيندا آهن. چاڪاڻ تہ اهي ٻئي شيون انسان جي هڏن ۽ جسم کي نقصان پهچائن ٿيون. انهيءَ کان پوءِ اسان ٻہ انهيءَ ڳالهہ تي عمل ڪندا آهيون، پر ڪڏهن ڪڏهن اڌ گلاس پي ٻہ ونڊندا آهيون. هتي آيل سياح گهٽو ڪري عرب هئا، مثلاً اردن، شام، ڪويت، لبنان، فلسطين، شام، دبئي ۽ سعودي عرب وغيره جا ماڻهو هئا. سڀ پاڻ ۾ عربيءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئا. مان سوچيان پئي تہ جڏهن اسان وٽ اسلام آيو هو تہ تڏهن کان عربي کمپلسري ٿي وڃي هان تہ اڄ اسان ٻہ گهٽ ۾ گهٽ عربي ڳالهائي سگهون ها. جڏهن ٻين ملڪن ۾ ٻہ ويندا آهيون تہ هر جڳهہ تي عربي ڳائيڊ تہ ضرور هوندا آهن، جيڪي گروپن جي رهنمائي ڪندا آهن پر ان کان علاوه اسان ڪيترن عربي ملڪن جي ماڻهن سان آساني سان رابطو رکي سگهون ها. پر هونءَ ٻہ جڏهن اسان مختلف ملڪن جي سياحت ڪرڻ شروع ڪئي تہ اهو احساس ضرور ٿيو تہ ڪاش اسان کي گهٽ ۾ گهٽ 20 زبانون اچڻ گهرجن ها ۽ اسان جي لاءِ ڪيڏي نہ آساني ٿي وڃي ها. ڪافي ملڪ تہ انگريزي زبان کان نفرت ڪن ٿا، جن ۾ ڪافي يورپين ملڪ ٻہ شامل آهن. انهن جي عام ماڻهن کان جيڪڏهن انگريزيءَ ۾ ڪجهہ پڇبو آهي تہ منهن خراب ڪري پنهنجيءَ زبان ۾ جواب ڏيندا آهن. چائنيز تہ پوري دنيا ۾ پکڙيل آهن انهيءَ جي ڪري انهن کي تہ پنهنجي زبان ڳالهائڻ وارو گائيڊ آساني سان ملي ويندو آهي. يا تہ اسان جو ٻہ ڪو هر ملڪ ۾ اهڙو سسٽم هجي ها تہ اسان جي لاءِ ڪيڏي نہ آساني ٿي پوي ها. پنهنجي زبان تہ پنهنجي زبان آهي. اڳئين زماني جا عالم ۽ صوفي جڏهن سفر ڪندا هئا تہ هر ملڪ ۾ 6 مهينا رهي انهن ملڪن جون زبانون سکندا هئا ۽ اتي ڪم ٻہ ڪندا هئا پوءِ وري ٻئي ملڪ جو رخ ڪندا هئا. چاڪاڻ تہ انهن ڏينهن ۾ اهي فاصلا سالن ۾ طئي ڪري سگهبا هئا. اهڙي طرح انهن کي ڪيترين ئي زبانون ايندين هيون، پر اڄ ڪلهہ تہ اهي سفر چند ڪلاڪن ۾ پورا ٿي وڃن ٿا.

اتي فوٽوگرافر ٻہ هئا جيڪي اتي ئي فوٽو ڪڍي ٿوري دير ۾ ڏئي ڇڏن پيا ۽ اهو سسٽم ٻہ پوري دنيا ۾ هوندو آهي. ۽ ڪي تہ اهڙي چالاڪيءَ سان فوٽو ڪڍيندا آهن جو اهي ڏسي مهانگي قيمت ڏئي ٻہ ونڊو پوندو آهي. چاڪاڻ تہ

هڪ يادگار لمحو محسوس ٿيندو آهي ۽ حسين ۽ ڏاڍو لڳندو آهي. اڄ کان 30 سال پهريون جو مان توهان کي واقعو ٻڌايان ٿي ته اسان سانفرانسسکو آمريڪا ۾ ويا هئاسين، اتي اسان هڪ Irland Queen جو ٽوئر بڪ ڪرايو. ڇو ته اتي سمنڊ ۾ هڪ قلعو گهمڻو هو. بس وارن هوٽل تان کنيو ۽ سمنڊ جي ڪناري تي وٺي آيا. اسان بس مان لٿاسين، گائيڊ اڳيان هليو ۽ اسان ٻئي بلڪل انهي جي پويان هئاسين ۽ ٻيا سياح اسان جي پويان هئا. جڏهن فيري ڏي هلڻ شروع ڪيوسين ته هڪ شخص فٽ پاٽ تي هڪڙو سيٽ رکيو، جنهن ۾ پراڻي بحري جهاز جا ٽڪيل ۽ استئرنگ هئا، انهيءَ جي ٻاهران ٽاير جنهن کي ڳاڙهي پلاسٽڪ سان ڍڪيو ويو هو. جنهن تي آئيلينڊ جو نالو لکيل هو ۽ ان جي هيٺيان بحري جهاز جا موٽا رسا ٻڌل هئا ۽ان ۾ ڪجهه گل ۽ لڳل هئا. اسان جڏهن اتي پهتاسين ته فوٽوگرافر چيو ته هتي بيهو، اسان سمجهيو ته اهو ۽ شايد ٽوئر جو ڪو حصو آهي، اسان بيهي رهياسين ان فوٽو ڪڍيو ۽ اسان اڳتي وڌي وياسين ۽ اها ساڳي ڳالهه هر سياح سان ٿي. اسان جڏهن ٽوئر ڪري واپس اچي رهيا هئاسين ته ڏٺوسين ته انهيءَ جي آڏو جتي اسان فوٽو ڪيرايو هو، هڪ ماڊرڻ وانگر دڪان آهي ۽ اتي ڏاڍي رش آهي ۽ اسان جي گروپ وارن ۽ اوڏهين ڇڪ شروع ڪيو. پوءِ اسان ۽ سوچيو ته هتي ايڏي رش ڇو آهي. اسان ۽ اوڏانهن رخ ڪيو ته سامهون اسان جو فوٽو لڳل هو. باقاعده خوبصورت فريم ۾ ۽ اهڙائي ننڍا فوٽو جا فريم ۽ ٺهيل هئا. فريم جا ۽ اسٽيڪر ۽ ٽوٽل پنج فريم هئا، جنهن جي قيمت 20 يو ايس ڊالر رکيل هئي. پوءِ ماجرا سمجهه ۾ اچي وئي، اسان اهي خريد ڪيا. اهڙي طرح هاڻي پوري دنيا ۾ جيڪي ۽ سياحن جون جڳهيون هونديون آهن، اتي فوٽا گرافر بيٺا هوندا آهن.

فوٽوگرافر اسان جي خيمي ۾ ۽ آيو پر اسان انهيءَ کي جهلي ڇڏيو ته اسان کي فوٽو ڪيائٽو نه آهي، هتي يورپين ۽ هئا ۽ عربي عورتن ۽ يورپين ڊريس پاتي هئي جيئن مصر جي ٻين شهرن ۾ پردو گهٽو هو. هتي ان معاملي ۾ آزادي هئي. ڪپڙي جي بچت جو هتي گهٽو خيال رکيو وڃي ٿو. هتي اچڻ مهل روڊ ۽ ڏاڍو سٺو ٺهيل هو. ائين لڳو ته باقاعده ترتيب سان ٺاهيو ويو آهي ۽ لائيٽنگ ۽ سٺي طريقي سان لڳل هئي. انهيءَ رستي تي هوٽلون يا گهر ٺهيل نظر نه آيا، ايتري قدر جو ڪچا گهر يا جهوپڙيون ۽ نه هيون.

شو شروع ڪرڻ مهل انگريزي ۾ وضاحت ڪئي وئي. پوءِ شو جي شروع ۾ هڪ شخص باهه کٽي ناچ ڪندو آيو ۽ چئني طرفن کان ٻار. بي. ڪيو. جا چلها ٺهيل هئا، انهن کي باهه ڏيندو ويو ۽ پوءِ ان آفريڪن ناچ شروع ڪري ڏنو. بَدُويا بَدَوِي تاريخي طور تي صحرائي علاقن ۾ آباد رهڻ وارن خانه بدوش

عرب ماڻهن جي هڪ جماعت آهي. انگريزي لفظ Bedouin عربي لفظ Badawt مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ (Desert Dweller) "صحرا ۾ رهڻ وارو" آهي. بيدوين جو علائقو شمالي آفريڪا جي وسيع صحرائن کان وٺي مشرق وسط جي پٽيلي وارين تائين پکڙيل آهي. اهي روايتي طور تي قبيلن ۾ تقسيم ٿيل آهن ۽ تاريخي طور تي اٺ ۽ بکرين کي چارڻ واري گڏيل ثقافت رکندا آهن.

هيءَ گهٽو ڪري اسلام جي پاسداري ڪندا آهن. جيتوڻيڪ زرخيز هلال احمر ۾ عرب عيسائي بيدوين جي ڪجهه تعداد پڻ موجود آهي. انهن کي تاريخ ۾ ڪيترن ئي نالن سان سڃاتو وڃي ٿو. ۽ قرآن مجيد ۾ انهن کي "اَعراب" چيو ويو وڃي ٿو. هيءَ خانه بدوشي واري زندگي گذارينڊا هئا ۽ قبائلي روايات تي هلندا هئا. پر پوءِ انهن قبائلي روايات کي ترڪ ڪري ڇڏيو. وري به انهن تمام گهٽي روايتي ثقافت کي برقرار رکيو آهي، جيئن روايتي قبيلي جو ڊانچو، روايتي موسيقي، شاعري ۽ رقص ۽ ٻين ڪيترن ثقافتي طريقن ۽ تصورن کي برقرار رکيو آهي. اهڙي ريت گهٽو ڪري ثقافتي ڏينهن جو اهتمام ڪندا آهن. روايتي تلوار جي ناچ کان وٺي روايتي خيمو ناهڻ، صحرائن ۾ اٺ جي سواري ۽ ڪيمنگ جهڙيون روايتون، هاڻي به شهري بيدوين جي لاءِ تفريحي سرگرميون آهن ۽ هيءَ ڪيمپ به انهيءَ سلسلي جي ڪڙي آهي.

اهو شخص آفريڪن ناچ ڪري رهيو هو ته اوچتو ڪاري رنگ جي ڪپڙن ۾ هڪ عورت اسٽيج تي ظاهر ٿي ۽ ان بيلي ناچ ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ۽ جيئن ئي اسٽيج تي آئي ته مردن به ان سان گڏ ناچ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. جڏهن اسٽيج تي ناچ شروع ٿيو ته باهريون بتيون بند ڪري ڇڏيائون صرف اسٽيج تي لائيٽ هئي، خيمي ۾ صرف هڪ ننڍو بلب ٻريل هو. ان کان پوءِ رات جي مانيءَ جي لاءِ وقفو ڪيو ويو ۽ شو بند ڪري ڇڏيائون. اسان ماني کاڌي پر انهيءَ ۾ به ايترو مزو نه هو، جيترو دبئي ۾ سڀ انتظام هوندو آهي. باقاعده بوفي ۾ سٽيون شيون رکيون ويندیون آهن، هتي بوفي به لڳل هو ۽ خيمن ۾ به ڏئي ويا هئا. وري وري پڇڻ به اڇن پيا ته توهان کي ڪا تڪليف ته ناهي. ڪجهه کپي ته نه؟ پر وري به اها ڳالهه دبئي واري نه هئي. ان کان پوءِ تنورا ناچ شروع ٿيو جيڪو نوين (9) وڳي تائين هليو. شو ختم ٿي ويو. واپس وري Genea City Shopping Mall جي طرف روانا ٿياسين. انهيءَ جي پلٽين دروازي کان وياسين، جو ته اهو اسان کي ويجهو پئي پيو. ڏاڪڻين چڙهي اڳڻ ۾ پهچي وياسين ته ڏٺوسين ته هتي چار ريسٽورينٽ هلن پيا ۽ سامهون اسٽيج تي بيلي ناچ هلي رهيو هو. پر هن بيلي ناچ جو ڪلاس ئي پنهنجو هو. اسان ان کان پهريائين، جيڪي الف ليليٰ يا ڪيمپ ۾ ڏٺا ان کان ڪيترائي دفعا بهتر هو.

اسان اتي هڪ ريسٽورينٽ تي ويهي مينگو جوس گهرايو. ظاهر هو ته جيڪڏهن شو ڏسڻو آهي ۽ ڪرسين تي ويهڻو آهي ته ڪجهه جوس وغيره ته آرڊر ڏيڻو هو. پر مينگو جوس ته ڏاڍو ٽيسٽي هو. اسان جي ملڪ ۾ ته شيڪ ناهي چڏيندا آهن، جنهن ۾ ڪريم وغيره به وجهي چڏيندا آهن، جنهن کي هضم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو آهي ۽ انب جو ٽيسٽ به دهجي ويندو آهي. پوءِ ته اسان جيترا ڏينهن به مصر ۾ رهياسين ته ڏينهن ۾ هڪ يا به دفعا ضرور پيئندا هئاسين.

پراڻي بازار ۽ الصحابہ مسجد

اڄ اسان سمنڊ جي ڪناري گهمڻ وياسين، چو ته ان جي ڪارنيش تي وڏا وڏا سير گاهه ۽ هوٽلون هيون، جيڪي خوبصورت ٺهيل هيون. اتان چڪر لڳائيندي آخرڪار هلٽن هوٽل تي پهچي وياسين. اوستائين هلي ٿڪجي پيا هئاسين. ٿوري دير اتي ويهي مشروبات جو مزو ورتوسين ۽ پوءِ اتان ٽيڪسي ۾ ويهي ان کي پراڻي مارڪيٽ هلڻ لاءِ چيوسين. ان 30 مصري پائونڊ گهريا. ان اسان کي بلڪل مارڪيٽ جي وچ ۾ لاٿو، جتي انهن جي مشهور مسجد آهي. هيءَ پراڻي بازار جي مرڪز ۾ آهي. مسجد کي مصري معمار فواد توفيق حفيظ ڊزائين ڪيو آهي. وڏي ڳالهه آهي ته بغير ڪنهن اجرت جي. هن مسجد تي تقريباً 30 ملين مصري پائونڊ خرچ ڪيا ويا آهن، جنهن مان ڏهه ملين مصري پائونڊ ڊونيشن مليو ۽ ٻيا ڏهه ملين اتان جي گورنمينٽ ۽ باقي خرچ فوج برداشت ڪيو. مسجد ٽي هزار مربع ميٽر جي رقبي تي ناهي وئي آهي، جنهن ۾ ٻه (2) 76 ميٽر ڊگها مينار ۽ ڪيترن ئي گنبدن سان گڏ ڇت جيڪا 36 ميٽر بلند ٺهيل آهي. ان مسجد ۾ 3000 هزار جماعتي هڪ ئي وقت نماز ادا ڪري سگهن ٿا. نئين صحابہ مسجد ۾ هڪ عالمي اسلامي ثقافتي مرڪز ۽ مختلف زبانن ۾ هڪ ثقافتي مذهبي ليبرري شامل آهن. نئي صحابہ مسجد ۾ به امام آهن جيڪي انگريزي ۽ فرانسيسي زبان جا آهن ۽ اهي ڪلچرل سينٽر جا انچارج به آهن. هيءَ شرم الشيخ جي وڏي مسجد آهي، جڏهن ته پهرئين وڏي مسجد المصطفيٰ مسجد آهي. هن مسجد جو افتتاح اتان جي وڏي مفتي Shawky Allama ۽ سائوڊ سينا جي گورنر جنرل خالد فوده جمعي جي ڏينهن 24 مارچ تي ڪيو. هيءَ هال فن تعمير جو هڪ عمدو نمونو آهي. ان ۾ داخلہ مفت ۾ هو. ڪابہ ٽڪيٽ نہ لڳل هئي. پر گهٽ ڪٽيل لباس جي منع هئي. جيڪڏهن ضرورت هجي ته هو به ڪجهه گائون ڏئي رهيا هٿا ته جيئن جسم جي عضون کي ڍڪي سگهجي. ان جي هڪ طرف سينا صحرا جا

سخت، پٽرن وارا جبل ۽ ٻئي طرف بحره احمر هيا، جيڪي ان جي تعميراتي عنصرن سان گڏ ملي وڃن ٿا ۽ انهن ئي خصوصيتن ان کي نرالو ناهي ڇڏيو آهي. ۽ مان توهان کي اهو ضرور چوندس ته جڏهن توهان اتي وڃو ته ان کي ڏسڻ کان سواءِ واپس نه اچجو. ان کي ڏسڻ لاءِ ڪوڙ سياح ايندا آهن. ڏينهن جي روشنيءَ سان گڏ يا غروب آفتاب کان پهريائين به زيارت ڪندئو ته توهان ان ڏانچي جي خوبصورتي جي گهٽي تعريف ڪري سگهو ٿا. پر غروب آفتاب کان پوءِ لائيٽ جي روشنيءَ سان گڏ ته اها ايجان به خوبصورت ٿي وڃي ٿي. ڏينهن جو جيڪڏهن توهان وڃو ته اندر وڃڻ جو موقعو به هٿن مان نه وڃائجو. چو ته اها جيتري باهران خوبصورت آهي ايترو ئي سندس فن تعمير جو اندروني نمونو به گهڻ تعريف جي لائق نه آهي. هن مسجد جي فن تعمير ۾ فاطميد، مملوڪ ۽ عثماني طرز جا عنصر شامل آهن، پر انهيءَ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته هيءَ مسجد شرم الشيخ جو وڏو عمدو فن تعمير آهي. اسلامڪ فن تعمير جو اعليٰ مثال ان جو رنگ سنهري آهي جيڪو پري کان ڏسي سگهجي ٿو. سياحن ته هن مسجد کي هڪ نرالو مقام سمجهيو آهي ۽ فوٽوگرافي جي لاءِ ان جي چوڌاري سياح ٻيٽا هٿا ۽ هو چاهن پيا ته سيني طرفن جا فوٽا ڪڍون ۽ هڪ طرف به ڇڏڻ جهڙو نه هو.

ان جي چوڌاري پراڻي بازار آهي. اها به وڏي، ڪليل ۽ حسين نظر اچي ٿي، ان جي پويان پوري رنگ جا جبل آهن، جيڪي هن جي خوبصورتي کي وڌائي رهيا هٿا. هي پوري بازار اسان پيدل ئي گهمي ورتي، هتي شيون ٻين جي مقابلي ۾ سستون ملي رهيون هيون. پر گڏوگڏ بارگينگ به هئي. هتان مون هڪ وڳو خريد ڪيو، جيڪو پاڪستاني روپين جي مطابق 500 ۾ مليو. هتي هر عمر جي ماڻهن جون شيون موجود هيون. تمام گهڻا ڪيفي، ريسٽورينٽ ۽ ان سان گڏ موسيقي جي به گهٽتائي نه هئي. چاڪاڻ ته مصري پراڻي دور ۾ به موسيقي جا عاشق هٿا. انهن ڳائڻ وڄائڻ جا ڪجهه وقت به مقرر ڪري رکيا هٿا. مثلاً جڏهن ڪو وڏو ماڻهو ديوتا کي نذرانو پيش ڪندو هو ته ان موقعي تي ڳائڻ وارا قرباني جي جانورن جي تعريفون ڳائيندا هٿا. لاش دفن ڪرڻ وقت موسيقي جا ساز استعمال نه ٿيندا هٿا. پر غمناڪ گانو ضرور ڳايو ويندو هو. نيل ۾ جڏهن طغياني ايندي هئي ته ملڪ ۾ ڳائڻ وڄائڻ جو زور هوندو هو. محنت مشقت ڪرڻ وقت موسيقي وڄائي ويندي هئي ته جيئن ٿڪ محسوس نه ٿئي. اهڙي طرح پراڻي دور ۾ دهل، تبلي ، جهانجر، بجري، ستار، سارنگي، بين ۽ بانسري وغيره جو رواج عام هوندو هو.

مون رفيع کي چيو ته هاڻي اسان ٽڪجي پيا آهيون، چو نه اسان به

منجهند جي مانيءَ سان گڏ موسيقيءَ جو مزو به وٺون ٿا رفيع چيو ٿا اڄ ٿا تو منهنجو گهٽ خرچو ڪرايو آهي، رڳو پنج سو خرچ ڪرايا اٿئي. هاڻي ٿا تنهنجو چوڻ وٺڻو پوندو، چڱو هل ٿا هنهي سين جو مزو به چکون ٿا خوشيءَ ۾ ٿا موسيقي ٻڌبي آهي. پوءِ مختلف ريسٽورينٽ ڏسندا رهياسين ٿا ٻاهر جو مينو ڪارڊ جيڪو دروازي تي رکيل هو، اهي ڏسندا ڏسندا، آخرڪار هڪ ريسٽورينٽ جو مينو پسند اچي ويو ٿا اندر داخل ٿي وياسين. مان جڏهن مينو پڙهندي آهيان ٿا هڪ ڳالهه ياد اچي ويندي آهي ٿا هڪ دفعو اسان فرانس جي شهر ڪينس ۾ وياسين. مينو ڪارڊ پڙهندي پڙهندي هڪ ريسٽورينٽ جي دروازي تي پهتاسين ٿا ان مينو ڪارڊ ۾ لکيل هو، پنجابي نان، بلوچي نان، سرحدي نان ٿا سنڌي نان. باقي نانن جي ڳالهه ٿا سمجهه ۾ اچي وئي پر سنڌي نان جي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. اها ڳالهه ضرور سمجهه ۾ آئي ٿا هيءَ ريسٽورينٽ ڪنهن پاڪستاني جو آهي. اسان اندر وياسين، مينو ڪارڊ گهرايو سين ٿا جڏهن هو ڪٿي آيو ٿا ان کان پڇيوسين ٿا توهان پاڪستاني آهيو؟ ٿا ان چيو ٿا نه. شايد انهيءَ جي لاءِ ٿا هندو هوندا خير، اسان آرڊر ڏنو ٿا ٿوري دير ۾ Welcome Drink اچي وئي. اهو وائين هو. اسان انڪار ڪيو ٿا اسان مسلمان آهيون، اهو نه پيئندا آهيون، ٿوري دير کان پوءِ مُنڊيَ ۾ پڪوڙن جي پليٽ ڪٿي آيو. اسان ان کي چيو ٿا اسان پڪوڙن جوآرڊر ٿا نه ڏنو هو، ٿا ان چيو هي ڪمپليمينٽري آهي. ان جا پئسا نه ٿيندا وري جڏهن ماني آئي ٿا ٻوڙ به گهٽو هو ۽ يورپ ۾ ايڏو ٻوڙ؟ ٿورو تعجب لڳو. ڪاڏو سٺو هٽ جي ڪري ٻئي ڏينهن به اتي ئي وياسين، اسان جي هوٽل جي ويجهو به هو.پوءِ ٻئي ڏينهن به ان ڪجهه شيون وڌيڪ ڪارايون رفيع اٿڻ مهل چيو ٿا ان جو شڪريو ڪري پوءِ ٿا هلون ٿا جڏهن ان کي چيوسين ٿا توهان جي مهرباني ٿا فوراً دل تي هٿ رکيو ۽ چيائين ٿا سائين جڏهن به ڪنهن وطن واري کي ڏسندا آهيون ٿا دل وڏي ٿي ويندي آهي. پوءِ ٿا اسان کي به پڪ ٿي ٿا هيءَ اسان جو ئي سائي آهي، پر ڪجهه مجبورين جي ڪري حامي نٿو پري.

مصر جي هن ريسٽورينٽ، جنهن تي اسان ويهي ماني کاڌي، اهو به انڊين ريسٽورينٽ هو ۽ نالو مها راجا هيس. ماني کائڻ کان پوءِ ڪولڊ ڊرنڪ پي پوءِ ٽيڪسي ڪري واپس اچي وياسين ٿا هينئر ٽيڪسي واري 60 پائونڊ جو مطالبو ڪيو ۽ اسان به جهڪ جهڪ کان بچڻ لاءِ ڏئي ڇڏيو. هتي ٻيون بازارون ٿا بند هونديون آهن، پر هيءَ پراڻي بازار کليل هئي. پر باقي بازارون شام جو پنجين وڳي کلن ٿيون ۽ سياح به پراڻي بازار ۾ گهٽ اچن ٿا. بهرحال پراڻي بازار جو علائقو، چاهي سج جي روشني ۾ ڏسجي يعني اصلي قدرتي روشني ۾

يا رات جو نقلي روشني ۾ ٻنهين جو پنهنجو مزو آهي.

سوهو اسڪائر/چوڪ

سوهو اسڪائر وڃڻ جي لاءِ اسان کي ٽيڪسي ونڻي هئي. اها پنڌ هلڻ واري گهٽي (Pedestrain street) جي آخر ۾ آسانيءَ سان ملي وڃي پئي، ان لاءِ اسان هوٽل مان نڪتاسين ته سوچيوسين ته هن گهٽيءَ جي ساڄي پاسي جيڪا بازار آهي اها ۽ ڏسندا هلون. سڌي رستي تي هلون يا بازار کان وڃون، ٻئي رستا مين روڊ تي ئي ختم ٿين پيا. پوءِ اسان بازار ڏسندي اڳتي وڌياسين. هي بازار ۽ نالو بيچ ئي چورائي پئي، اصل ۾ پاڻيءَ جو اهو حصو جنهن جي ٽن پاسن کان خشڪي هجي ۽ هڪ طرف سمنڊ سان مليل هجي ته ان کي Bay چون ٿا. چوته هيءَ بازار نالو بيچ جي ويجهو هئي. ان ڪري هن پوري ايراضيءَ کي جتي اسان جي هوٽل ۽ هئي، انهن سيني جڳهين کي انهيءَ نالي سان ياد پيو ڪيو وڃي. بهرحال اها بازار ختم ٿي ته مين روڊ تي ٽيڪسيءَ لاءِ انتظار ڪيو. ۽ ٽيڪسي ڪري سوهو چوراهي طرف وياسين ۽ تقريباً اڌ ڪلاڪ جو فاصلو هو. اتي پهچي وياسين، اندر وياسين ته اسان جي سامهون پڪو رستو هو. ان جي ٻنهي طرفن ۽ مٿان کان ايل ڊي لائيٽ لڳل هيون. ۽ ٽن منٽن پنڌ هلڻ کان پوءِ اسان چوراهي جي مرڪز تي پهچي وياسين، جتي هڪ وڏو ڦوهارو لڳل هو. ان وقت اتي لائيٽون ڪوند ٻريل هيون پر ٿوري دير ۾ فائوٽين جون لائيٽيس هلڪي سائي رنگ جون ٻاريون ويون، انهن جي چوڌاري ڪرسيون لڳل هيون ته جيئن ماڻهو اتي ويهي پاڻ کي صحيح طريقي سان وندرائي سگهن. هن فائوٽين تي ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ هڪ ڪلاڪ پورو لائيٽ ۽ سائونڊ شو هلائن پيا جنهن ۾ تمام گهڻن رنگن ۽ لائيٽ ساڻ گڏ فائوٽين ميوزڪ جي مطابق ڊانس ۽ ٿي رهيا هئا. اهوبه ڏسڻ جي لائق آهي هوندءِ ته اسان اهڙا شو مختلف ملڪن ۾ ڏسي چڪا آهيون. مثلاً چائنه، روس، آمريڪا، جپان ۽ يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ان کان علاوه ڊبئي جو دنيا جو سڀ کان وڏو فائوٽين چورائيندو آهي، ان کي هو سنگنگ ۽ ڊانسنگ فائوٽين چئي رهيا هئا. هيءَ سوهو اسڪائر جي وچ ۾ نچڻ وارو ڦوهارو ماڻهن کي پنهنجي طرف متوجه ڪري رهيو هو ۽ هر ڪلاڪ ۾ واقعي هڪ منفرد نمائش جي لاءِ روشن ڪري رهيا هئا. اتان اسي ان جي ڪابي پاسي وياسين ۽ هڪ ڪلٽوراما هو. شرم الشيخ ۽ دنيا جو پهريون سڀ کان وڏو پينورامڪ سينيما گهر ۽ ملٽي اسڪرين آمهون سامهون شو Multi Screen interact live show جيڪو اسان کي 4500 سال جي پوئتي واري ناقابل يقين جي سفر تي وٺي ويو. جنهن ۾ 300 ق .م ۾

مصر جي پوري تاريخ کي اجاگر ڪيو ويو. اهڙي طرح قاهره اسڪندريه جي قديم شهرن جو سفر، ڪري مصر جي سڀ کان مشهور مندرن، قبطي يادگارن، اعليٰ فلمي شاهڪارن ۽ اسلامي مقامات جو سير ڪرايو ويو. قديم تاريخ ڏسي ڪافي لطف آيو. اهو شو به مختلف زبانن ۾ هو. اسان انگريزي شو ڏٺو ان جي ٽڪيٽ جدا رکيل هئي. هتان فلم ڏسي نڪتاسين تہ آهستي آهستي هلندا رهياسين. اڳيان پارن جي زون تي نظر پئي، اهڙي طرح هر به عمر جي پارن جو به بندوبست ٿيل هو. جنهن عمر جي مناسبت سان پارن جون وڊيون گيم، شافٽ پلي زون، هڪ محفوظ راند جو ميدان، سلائيڊز، خوبصورت سواريون، گهمڻ وارا جهولا وغيره سڀ موجود هئا. هار اتي ڏاڍو خوش نظر اچي رهيا هئا. پارن جون حرڪتون ڏسندا وري ٽورو اڳتي وڌياسين. خريداري واري بازار تائين پهتاسين، اتي ڪيترن ئي هٿن سان تيار ڪيل دستڪاري، مقامي طور تي تيار ڪيل سامان موجود هو. ۽ اتي به قاهره جي مشهور بازار خان الخيلي به هئي جنهن ۾ عمده قسم جو سامان موجود هو. هتي پنهنجي نوعيت جون سڀ کان نراليون شيون موجود هيون.

توهان هتي بولنگ ايلي Bowling Alley جو مزو به وٺي سگهو ٿا ۽ هڪ لمبو تنگ رستو جيڪو بال اڇلڻ لاءِ هوندو آهي. اتي بال اڇلي توهان پنهنجي طاقت ۽ مهارت جو اندازو ڪري سگهو ٿا. جنهن ۾ ڏهہ پن لين ، خود جانچ ڪرڻ واري اسڪورنگ مشين ۽ جتي خانداني دوستانہ ماحول ملي ٿو. هر هڪ نوجوان راندين‌گرن جي لاءِ ريمپ Ramps ۽ بمپر Bumper پوري طرح تيار ٿيندا آهن.

آئيس اسيڪٽنگ (Ice Skating) جي کوٽ به نہ هئي. هن مرڪز تي برف جا رنگ صحرا جي گرمي کي مات ڪرڻ جو بهترين طريقو آهن جڏهن هار آئيس اسڪيٽنگ مان لطف وٺي رهيا هئا تہ وڏا وري اتي ڪيفي جي مشروبات مان مزو ماڻي رهيا هئا.

ٽينس ۽ اسڪوائش سينٽر جيڪو عالمي سطح جي بين الاقوامي ٽينس فيڊريشن ٽورنامينٽ جي ميزباني جي لاءِ ڊيزائين ڪيو ويو آهي. اهو به عوام لاءِ کليل هو. اهڙي طرح هتي اسڪوائش ۽ ٽينس جون بهترين سهولتون موجود آهن ۽ هر عمر جي پارن لاءِ تربيت ۽ ڪوچنگ پروگرام جون سهولتون به مليل آهن.

بليئرڊ Billiards ۽ سنوڪر Snocker راند به هتي کيڏي وڃي ٿي. ان کي ڏسڻ به نہ وسارجو. اتي گفٽ شاپ The Queen vic british Pub به بليئرڊ ڪمري سان گڏ آهي، جتي مختلف قسم جا بيئر، شراب، غير الڪوهل، مشروبات پيش ڪري رهيا هئا. ان جي ڇت ڪائي جي ٺهيل هئي. Saffran ريسٽورينٽ، Mat

thai ريسٽورينٽ، فائونين بار جتي مختلف قسم جا ناچ اسٽيج تي هلي رهيا هئا. Zen, Cafe Chino, L.Etrecote Steak house , Ice Bar, Oxygen Bar, Mandarin Bar, Pangaca wight club وغيره به موجود هيون. سڀ سياحن سان پريل هيون، جيئن جيئن شام لڙندي وڃي پئي ۽ رات ٿيندي پئي وڃي تہ ماڻهن جي رش وڌندي پئي وڃي. توهان وٽ جيڪڏهن وقت گهٽ آهي تہ به هڪ دفعو سوهو مرڪز تي ضرور وڃجو پر جيڪڏهن وڏي موڪل اتي گذارڻ چاهيو ٿا تہ ڪيتراڻي ڏينهن اڇي هتي مزو وٺي سگهو ٿا. هن مرڪز تي جيئن ئي اسان داخل ٿياسين تہ ٿوري ٿوري فاصلي تي ننڍا ننڍا مجسما ٺهيل هئا ۽ آخر تائين جڏهن اسان گهمي پوروڪيو تہ هر ڊاڪٽ سان گڏ وچ واري روڊ تي دڪانن جي سامهون ڪتابن جي دڪان جي آڏو ننڍن هارن کي ليٽيل، ويٺل يا مختلف طريقن سان ڪتاب پڙهندي ڏيکاريو ويو آهي. اهڙي طرح جهڙي به قسم جو دڪان ريسٽورينٽ يا جن جڳهين جو ذڪر مون ڪيو آهي، ان جي مطابق مجسما ٺهيل هئا. جيڪڏهن توهان انهن کي به غور سان ڏسو. سمجهو ۽ فوٽو گرافي ڪيو تہ ان جي لاءِ به توهان کي تمام گهٽي وقت جي ضرورت آهي. اسان تہ سرسري انهن کي ڏٺو ۽ فوٽوگرافي ڪئي. پوءِ اسان اتان تقريباً 10 وڳي واپس ٿياسين.

پر ماڻهن جي تہ ايڏا ان وقت رش ٿيڻ شروع ٿي هئي، سياحن سان پريل بسون به ان وقت اڇي رهيون هيون. پر وري جڏهن پنهنجي علائقي ۾ پهتاسين تہ اتي به رش جي ڪمي نہ هئي اتان وري جيئن "ملي جي ڊوڙ مسجد تائين" وانگر اسان جي ڊوڙ انهيءَ ساڳي Genena City Shoping Mall جي طرف هوندي هئي، ڇاڪاڻ تہ اهو به فڪر نہ هوندو هو تہ سواري جو ڇا ٿيندو؟ اتي هڪ وڏي تائين ريسٽورينٽ ۽ بازار ڪليل هوندي هئي. وري "سون تي سهاڳو" تہ بيلي ڊانس ڪليل آسمان هيٺ ريسٽورينٽ تي مشروبات جو مزو، سڀ ڪجهہ سڪون جو سامان موجود هو. اتان مون به قميصون ورتيون. پوءِ ريسٽورينٽ تي ويهي رهياسين، اتي رفيع ويٽر کان پڇيو تہ هتي ڪهڙي موسم ۾ گهٽي رش ٿئي ٿي تہ ان ٻڌايو تہ هڪ ڊسمبر ۾ ڪرسمس جي ڏينهن ۾ ۽ هيو اپريل جي مهيني ۾. پر هاڻي رش تمام گهٽ آهي، چو تہ جڏهن کان رشين جهاز ڪريو آهي تہ ماڻهو ڊجي ويا آهن، جنهن کان به پڇ تہ انهيءَ ڳالهہ جو ذڪر ضرور ڪن پيا.

هتي Welcome جو لفظ گهڻو استعمال ٿي رهيو هو. پهريائين اهو لفظ چئي پاڻ ڏي توجهہ ڇڪائن پيا ۽ پوءِ پنهنجن جڳهين جي باري ۾ ٻڌائڻ شروع ڪن پيا. تہ جيئن انهن کي ٻڌائي پنهنجي ٽيڪسي، بگي يا هي سواري ۾ ويهاري گهمائڻ لاءِ وٺي وڃن. ڪنهن جو شڪار ڪرڻ لاءِ هيءَ انهن جي

پھرئين گولي هوندي هئي، اسان بہ انهن جي ڳالهہ نہ ٻڌندا هئاسين پر ڪڏهن ڪڏهن شڪاري ڏاڍو چالاڪ هوندو هو ۽ اسان ان جي ڄار جو شڪار بہ ٿي ويندا هئاسين.

الف ليلىٰ مارڪيٽ

شرم الشيخ جون تقريباً سڀ جڳهيون ڏسڻ کان پوءِ آخري ڏينهن اسان الف ليلىٰ جو رخ ڪيو. جڏهن الف ليلىٰ شو ڏسڻ آيا هئاسين تہ خبر پئي هئي تہ هتي هي، پراڻي تهذيب جي طريقي جو نهيل مارڪيٽ آهي. باقي شيون ۽ ريسٽورينٽ جو تقريباً اهوئي طريقي ڪار هو، جيڪو پراڻي مارڪيٽ جو هو. ان جي فوٽو گرافي ڪري آياسين، ڇاڪاڻ تہ ان بازار کي ڪيمرا ۾ قيد ڪرڻ ضروري هو، پراڻي دور جي هئي ۽ فن تعمير ڏاڍو سٺو هيس.

ميدان السلام

شام جو ميدان السلام وياسين، اتي هڪ سهڻو يادگار نهيل هو. اتي جيڪا "امن ڪانفرنس" ٿي هئي ۽ هونءَ بہ مختلف وقتن ۾ ٿي جيڪي چڪيون آهن، انهيءَ جو يادگار هو. اهو بہ هڪ ڪنول جي گل وانگر نهيل هو. ان جي چوڌاري ڦوهارا لڳل هئا. جن کي بہ مختلف رنگن جي لائيٽ ڏني وئي هئي. وڏو حسين نظارو هو. ان کي بہ ويجهو کان هڪ دفعو ڏسڻ ضروري آهي، جڏهن اسان هن جي طرف اچي رهيا هئاسين تہ اتي هوٽل ۾ هڪ سياح ڪمپني جو گائيڊ بيٺو هو. ان سان جڏهن ڳالهہ ٿي تہ هينئر اسان امن اسڪائر وڃي رهيا آهيون ۽ ڪائونٽر تي ٽيڪسي جي چوڻ لاءِ وڃي رهيا هئاسين تہ ان چيو تہ ٽيڪسي ۾ چوٽا وڃو، هتان کان باهر نڪرو تہ توهان کي هڪ ويگن بلورنگ جي ملندي اها توهان کان 3 مصري پائونڊ ونندي ۽ اتي ڇڏي ڏيندي. اسان ان جو چوڻ نہ مڃيو ۽ ٽيڪسي ۾ ٽي اتي پهچي وياسين، پر جڏهن اتان نڪري رهيا هئاسين تہ باهر گيٽ تي بيهي رهيا سين پر جيڪا بہ ٽيڪسي اتان گذري رهي هئي اها پريل هئي پوءِ اوچتو اتي اها ٽي ويگن بيٺي ۽ رفيع چيو تہ هل، Holly wood هتان کان پري ناهي. انهيءَ ويگن ۾ هلون ٿا ٻن منٽن جو فاصلو آهي، پوءِ اسان ان تي سوار ٿي وياسين. ڪرايو تہ انهن 3 پائونڊ گهريو، پر اسان وٽ پئسا ڪليل نہ هئا. انهيءَ جي ڪري ڊرائيور کي 10 مصري پائونڊ ڏئي هالي وڊ جي گيٽ تي لٿاسين.

هالي ووڊ

ٽڪيٽ حاصل ڪري اندر داخل ٿياسين هيءَ به شرم الشيخ جي اهم جڳهه ٻڌائي وڃي ٿي. اندر هڪ وڏو حرڪت ڪندڙ ڊائناسور ڏٺوسون، اهو ڏسڻ ۾ تہ سڀ لڳي رهيو هو پر هار هتي وڌيڪ خوش نظر اچن پيا. ان کان علاوه 7-D سينيما، ميوزيڪل ٽوهارا ۽ بين الاقوامي مشهور شخصيات جا مجسما پوري هالي ووڊ ۾ پکيڙيل هئا. اسٽيج به ٺهيل هئا جن تي بيلي ناچ، لوڪ موسيقي اهي ئي تنورا ناچ هلي رهيا هئا، پر هتي نچڻ وارا گهٽا ماهر نظر نہ پيا اچن. لڳي پيو تہ نئون نئون سکڻ وارا ماڻهو آهن، ايترو مزو نہ هو. اتي ڪجهه ريسٽورينٽ به هئا.

اڌ ان جو عملو به ايترو فعال نظر پئي آيو. ان لاءِ اسان سوچيو تہ کاڌو هتي نہ پنهنجي هوٽل واري پاسي تي کائينداسين. اتي ڪجهه دڪان به هئا، جتي سامان سڀ رکيل هو. دڪاندارن آرام سان شيون ڏيکاريون ۽ سمجهايو تہ هيءَ چا جون شيون آهن. هتي جيڪا سڀي ڳالهه لڳي. اها هيءَ هئي تہ هتي شڪاري گهٽ هئا. جيڪي اسان جي پويان پون تہ توهان کي هتان شيون ضرور خريد ڪرڻيون آهن. انهيءَ جي ڪري کاڌ بدمغزي نہ ٿي. هتي دڪاندار انگريزي به سمجهن پيا. اسان جڏهن ٻاهر کان اندر اچي رهيا هئاسين تہ ٻاهران لائيٽنگ ڏسي، اهو محسوس ٿيو تہ هيءَ به ڏاڍي سڀي جڳهه آهي، پر بعد ۾ هتان جو دورو ٽورومايوس کن ثابت رهيو. ان جو سبب اهو ٿي سگهي ٿو، وري وري اهي شيون ڏسڻ سان ان لاءِ ايترو سڀ نہ لڳو. پر بظاهر هتي گهٽي رونق به نہ هئي. جيتري سوهو مرڪز تي هئي، پر وري به يادگار قائم رکڻ لاءِ فوٽوگرافي تہ ضروري هئي. اسان اتي فوٽوگرافي ڪندا وياسين ۽ پنهنجي مائٽن ڏي موڪلينداوياسين، پوءِ تہ سڀ حيران ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا تہ توهان کي تہ آمريڪا نہ وڃڻو هو. اتي ڪيئن پهچي ويو ۽ جيڪي مائٽ آمريڪا ۾ هئا. انهن جا ناراضگيءَ جا فون اچڻ لڳا تہ توهان آمريڪا ۾ پهچي ويا آهيو ۽ اسان کي خبر تائين ناهي ٿي. ياد رهي تہ آمريڪا ۾ هالي ووڊ جي نالي سان هڪ اهڙو علائقو آهي جتي اداڪارن جو مجموعو هوندو آهي.

شرم الشيخ کان واپسي

اڄ اسان ناشتي کان پوءِ واپس ڪمري ۾ آياسين چو تہ اڄ اسان جي هتان واپسي هئي. هاڻهن ۾ بدل ڪرائي واري پٽي Wrist Band به ڪٽي اڇلائي ڇڏيو سين. چو تہ اسان جڏهن هن هوٽل ۾ داخل ٿيا هئاسين تہ پهرئين ئي ڏينهن اهو ٻڌايو ويو هو تہ توهان جيستائين هن هوٽل ۾ آهيو تہ هيءَ پٽو انهيءَ ڳالهه جي

نشاندهي ڪندو ته توهان کي ناشتو هن هوٽل ۾ ڪرڻو آهي. پوءِ هيءَ ڏسي توهان کي ناشتو ڪرڻ ڏيندا جيتوڻيڪ اسان هر ملڪ ۾ ناشتو هوٽل ۾ ئي بڪ ڪرائيندا آهيون ته اهو مهنگو ته پوندو آهي پر صبح جو ڪير اٿي رستن جا ڏکا ڪائي ناشتي ڪرڻ لاءِ، سو اسان هميشہ هوٽل ۾ ناشتو ڪندا آهيون پر ڪنهن ٻ ملڪ ۾ اسان اهو نہ ڏٺو هو. ها ڪجهہ ملڪن ۾ رات جو ٽوڪن ڏئي ويندا هٿا ته صبح جو ناشتي لاءِ ويجو ته رسيپشن تي ڏئي ناشتو ڪائي سگهو ٿا يا گهٽو ڪري هوٽلن ۾ اٽين ٽيندو آهي ته رسيپشن تي لسٽ ۾ نالو ۽ روم نمبر لکيل هوندا آهن. انهن کي ٻڌائيو آهي اهي نالي جي آڏو ٽڪ ڪري پوءِ وڃڻ ڏيندا آهن. ها جيڪڏهن ڪنهن شو ۾ مثلاً: فن لينڊ، ڊزني لينڊ، ڊزني ورلڊ اهم پارڪ وغيره يا اهڙيون ڪي ٻيون اهم شيون هوندڙيون آهن ته اتي اهو بيلٽ ضرور پارائيندا آهن. ۽ ڪنهن هوٽل ۾ ناشتي جي لاءِ ٻڌايو وڃي اهو پهريون دفعو ٿيو. ها ڪجهہ اشتراڪي ملڪن ۾ اٽين ٽيو هو جو پاسپورٽ پاڻ وٽ رکندا هٿا ۽ پنهنجي هوٽل جو بينڊ ٻڌي ڇڏيندا هٿا ته هيءَ اسان وٽ رهيل آهن.

بهرحال اسان پنهنجو سامان تيار ڪيو، پوءِ 30-12 وڳي اسان جي گاڏي اچي وئي، جنهن کي اسان کي ايئرپورٽ تي وئي وڃڻو هو. اڃ ڪلاڪ اندر ايئرپورٽ تي پهچي وياسين. اسان جي فلائيٽ جو وقت 15-3 وڳي مقرر هو جيڪا پوري وقت تي نڪتي ۽ اسان چئين وڳي قاهره ايئرپورٽ تي پهچي وياسين. سامان اچڻ ۾ ڏاڍي دير ڪري ڇڏي. ٽورو ٽورو سامان اچي پيو، وري بيلٽ بند پيو ٿي وڃي، اهڙي طرح هنن ڪيئي دفعا اٽين ڪيو. اسان جي هڪڙي بيگ ته اچي وئي، باقي اچڻ ۾ دير لڳي وئي. پريشاني ٿي رهي هئي چاڪاڻ ته اسان کي اڳتي ب وڃڻو هو، مون پريشانيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ رفيع کي چيو ته ڪٽي ڪنهن فرعون جو بد روح اسان جي بيگ ته نہ ڪٽي ويو ۽ بيگ ب تنهنجي آهي. پڪ ڪنهن فرعون کي ڪپڙن جي ضرورت هوندي اها مستي مذاق ڪري ئي رهيا هٿاسين ته الله الله ڪري بيگ اچي وئي ۽ پوءِ اسان کي ٽرمينل 3 کان 2 ٽرمينل تي اچڻو هو. اهو فاصلو پنڌ 10 منٽن جو هو، پوءِ بورڊنگ ڪارڊ وٺي چيڪنگ ڪرائيندا اندر اچي وياسين ۽ پوءِ وري هنن جي اسپيشل V.I.P لائونج ۾ هليا وياسين. هتي سين جو سوپ ٺهيل هو، جيڪو اسان پهريائين ڪڍهن ب نہ ڏٺو هو. مون ته نہ پيتو پر رفيع ۾ اها خاصيت هوندي آهي ته هو هر نئين شيءِ ضرور آزمائيندو آهي، ته ڏسان ته ڪيئن آهي؟ ان کي ڏاڍو پسند آيو ته ان چمچو پري مون کي ب ڏنو ۽ چيائين ته ڪائي ڏس ڪيترو نہ ٽيسٽي آهي. پوءِ ته مون کي ب سڻو لڳو ۽ مان ب ڪٽي آيس ۽ جڏهن فارغ ٿياسين ته فلائيٽ جو ب وقت ٿي ويو، پوءِ اتان اٿي EO7 لائونج ۾ آياسين. انهيءَ وقت

بورڊنگ جو اعلان ٿي ويو. ماڻهو لائين ۾ بہ بيٺا هئا. اسان بہ لائين ۾ بيهي رهياسين جهاز ۾ ويهي مون پنهنجي ڊائري تي لکڻ شروع ڪيو. جهاز پنهنجي پوري وقت تي يعني 15-7 وڳي روانو ٿيو. پوءِ ايئرهوسٽريس اچي وئي. ان مينو کارڊ ڏنو تہ توهان چا کائڻ پسند ڪندئو؟ مون تہ چڪن جو آرڊر ڏنو. پر رفيع ٻکري جي گوشت کائڻ کي ترجيح ڏني. جڏهن آيو تہ اهي ٻکريءَ جي گوشت جا ڪوفتا ٿهيل هئا، پر کائڻ ۾ ٽيسٽي ضرور هئا ۽ هونءَ بہ عرب ڪوفتا ۽ ڪباب ٺاهڻ جا ماهر تہ هوندا آهن. جڏهن بہ کاڏو ايندو آهي، اسان هڪ ٻئي جي کاڏي مان چکندا ضرور آهيون. هن فلائيٽ جو فلائيٽنگ ٽائيم 35-2 بہ ڪلاڪ ۽ 35 منٽ هو ۽ پوءِ جهاز دوها ايئرپورٽ تي لينڈ ڪيو. ان وقت رات جا 11 ٽيا هئا ۽ پوءِ صبح جو 15-7 تي اسان جي فلائيٽ سائپرس Cypers وڃڻ لاءِ رواني ٽيٽي هئي. اسان کي ڪافي وقت ايئرپورٽ تي گذارڻو هو. ان لاءِ اسان فيصلو ڪيو تہ هوٽل ۾ ڪمرو وٺي ڪجهہ ڪلاڪ سمهي پئون پر جڏهن هوٽل جي رسيپشن تي پهتاسين. انهن ٻڌايو تہ ڪمرا سڀ بک آهن صرف هڪ سوئيٽ خالي آهي. جيڪڏهن توهان چاهيو تہ اهو اسان توهان کي ڏئي سگهون ٿا. اسان ان جي قيمت معلوم ڪئي تہ انهن چيو U.S. 527 Doller ڊالر آهي، اسان ارادو ڇڏي ڏنو. چوتہ صرف ڇهن (6) ڪلاڪن لاءِ (50 يا 60) هزار ڪير پري.

اسان هميشہ سفر ۾ ايئرپورٽ تي ڪمرو وٺندا آهيون، جيڪو 8-6 ڪلاڪن جي حساب سان گهٽي کان گهٽو 20 هزارن ۾ پوندو آهي. اهڙي طرح آرام ڪندا آهيون ۽ جيڪڏهن توهان ڪجهہ کائڻ چاهيو تہ سنيڪس، چانهن وغيره شامل هوندي آهي، پر اسان اهي ڪڏهن بہ استعمال نہ ڪندا آهيون. چوتہ اسان کي گهٽو فکر آرام جو هوندو آهي. ايتري ٿوري عرصي ۾ جيڪڏهن شيون گهرايون ۽ کائون تہ پوءِ آرام جو موقعو تہ گهٽ ملندو. پر هتي هو ڪمري جي ڳالهہ نہ پيا ڪن. سوئيٽ، اهو بہ ايترو مهانگو تہ پوءِ اسان کي هٿيار اڇلائڻا پيا. پوءِ اسان انهن جي وي آئي پي لائونج ۾ وياسين اها بہ پوري پريل هئي پر اتي هڪ ننڍو ڪمرو بہ هو جنهن تي بہ سيٽر صوفہ رکيل هئا. اتي وڃي اسان سمهي پياسين. رفيع چيو تہ ٿوري چيلهہ سڌي ڪري ٿا وٺون جيڪڏهن ڪير آيو تہ اٿي انهن کي جڳهہ ڏيڻداسين. پر اها اسان جي خوش قسمتي هئي تہ ڪير بہ نہ آيو ۽ اسان ليٽيا ئي رهياسين. ننڊ تہ نہ پئي اچي چوتہ اسان کي ڪٽڪو هو تہ ڪو ئي ايندو ۽ اسان اٿي انهن کي جڳهہ ڏيڻداسين. ان فکر ۾ ننڊ نہ ڪري سگهياسين. پوءِ آخري ڪلاڪ ۾ اٿي پاڻ کي ٺ. و فريش ڪيوسين، چوتہ اتي باٿ روم جو سسٽم سڀ هوندو آهي . ٽوال بہ صاف سٽرا

پيا هوندا آهن جيڪڏهن ڪو وهنجڻ ۾ چاهي ته شيمپو، صابڻ ۽ وڏا ٽوال، جيڪو ماڻهو استعمال ڪري وري دستڪ بن ۾ اچلي ڇڏي، پيا هوندا آهن ۽ آخر ۾ اتي رڪيل پرفيوم ۾ لڳائي سگهجي ٿو. سو اسان اتي هٽ منهن ڏوئي فريش ٿي پوءِ برگر سينڊ وچ يا ٻيون ۾ ڪيترون شيون هيون، اهي کائي چانهه پي ختم ڪري، 6 ڪلاڪ پورا ڪري پنهنجي گيٽ نمبر E29 تي پهتاسين ۽ اتان Larnaka ايئرپورٽ لاءِ روانا ٿياسين. سائپرس جو سفر نامو مان پوءِ لکندس. اسان هميشه نڪرندا آهيون ته گهٽو ڪري 3-4 يا 8 ملڪن جو پروگرام ناهيندا آهيون. انهيءَ جي ڪري مون بار بار ان ڳالهه جو ذڪر ۾ ڪيو آهي، چو ته اسان کي ٻين ملڪن ۾ ويڙهو آهي. ان جي ڪري مصر مان صرف ڪجهه شين کان علاوه گهٽو خريد ڪري نه سگهياسين. هن دفعي اسان جو ارادو صرف ٽن ملڪن جي گهمڻ جو هو. مصر، سائپرس ۽ آذر بائي جان. چو ته مصر ۾ تقريباً تمام اهم شهر گهمڻا هئا. جنهن جي ڪري گهٽ ملڪن ۾ پروگرام رکي سگهياسين.

مصر جو تمدن تمام گهٽو پراڻو آهي، تمام شاندار ۽ آهي ان جي عظمت انهي جي عمارتن مان ظاهر آهي، جيڪي مصر جون پراڻيون سلطنتون پنهنجي يادگارن ۾ ڇڏي ويون آهن ۽ بي شمار شين مان ۽ ثبوت ملي ٿو جيڪي هزارن سالن کان زمين ۾ دفن رهڻ جي باوجود ۽ موجوده زماني ۾ نڪتيون آهن ۽ برابر کڏيون وجن ٿيون. جيئن ته 28-11-2019 جي وقت جي ڳالهه آهي ته مصري حاڪمن الاقصر ۾ هزار سال پراڻن آثار قديمه جي دريافت ٿيڻ جي تصديق ڪئي آهي، حاڪمن جي مطابق جيڪي تابوت دريافت ٿيا آهن، انهن تي ۽ قديمي مصري تصويري تحريرون اکريل آهن.

مصر جي قديم نوادرات جي سپريم ڪونسل جي سربراهه مصطفيٰ وزير ٻڌايو ته ٿئي تابوت فرعون جي ارڙهين حڪمراني سان تعلق رکن ٿا ۽ تقريباً ساڍا ٽي هزار سال پراڻا آهن. وزير مطابق انهن فرعونن جو دور سن 1550 ق.م کان 1295 ق. م جو آهي. انهن تابوتن جي محفوظ حالتن ۾ هٿ جي ۽ تصديق ڪئي وئي آهي.

انهن تابوتن جي دريافت تي الاقصر شهر جي مقامي اخبار خصوصي رپورٽ شايع ڪئي آهي. ان رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ٽنهي تابوتن تي رنگ ۽ رنگي تصويرن سان گڏ قديمي مصري مورتين واري تحرير ۽ درج آهي. اخبار جي مطابق تابوتن جا حتمي تفصيل قديم مصري زبان جا ماهر ئي جاري ڪري سگهندا.

انهن تابوتن جي دريافت هڪ فرانسيسي ٽيم جي ڪوشش جو نتيجو

آهي. ان ٽيم اهي تابوت الاقصر جي مضافات ۾ واقع قديمي قبرستان الحساسيف ۾ کوٽائي جي دوران دريافت کيا. الحساسيف جو قبرستان درياهه نيل جي اولهه جي ڪناري تي واقع آهي.

هڪ ٻئي مصري اهلڪار فتحي يٰسين ٽنهين تابوتن جي حوالي سان ٻڌايو ته انهن جو تعلق هڪ خاتون "تي آبو" سان آهي. ان تابوت جي ڊيگهه ڇهه (6) فٽ پنج انچ (190 سينٽي ميٽر) آهي، يٰسين جي مطابق ان وڏي تابوت تي خوبصورت تصويرن سان گڏ قديمي زبان ۾ درج آهي. انهن ٻڌايو ته ٻئي تابوت جي ڊيگهه ۾ (190) سينٽر ميٽر آهي.

ٽيون تابوت 180 سينٽي ميٽر ڊگهو آهي جو بقيه ٻين تابوتن کان ننڍو آهي. ٽئين تابوت تي ڪنهن قسم جي تحرير موجود نه آهي ۽ نه ئي ان جي اندر پيل حنوط شده لاش جو تعين ڪيو ويندو ته اها ڪنهن مرد جي آهي يا عورت جي. مصري حڪام انهن ٽنهي تابوتن کي حيران ڪن قرار ڏنو.

ان کان علاوه 19-9-12 تي مصر ۾ فرعونن جي دور جا درجن تابوت جي سنسني خيز دريافت ملي آهي جيڪي اڄ ۾ تمام سٺي حالت ۾ آهن. ڏکڻ مصر ۾ ٽن هزار سالن کان ۾ پراڻا اهي حنوط شده لاشن پريل ٽيهه تابوت الاقصر ۾ڪوٽائي دوران مليا آهن.

ماهرين انهن قديم نوادرات جي دريافت کي جديد آرڪيالاجي جي لاءِ انتهائي سنسني خيز واقعن مان هڪ قرار ڏئي رهيا آهن. هيءَ سڀ تابوت ڪائيءَ جا ٺهيل آهن ۽ انهن تي مختلف روغنن سان رنگ ۾ رنگي گلن ۽ ٻوٽن جو تصويرون ۾ ٺهيل آهن. هيءَ تابوت ڏکڻ مصر ۾ آثار قديمه جي خزانن جو عظيم مدفن سمجهيو ويندڙ علائقي الاقصر ۾ العساسيف نالي قديمي قبرستان مان مليا آهن.

ماهرين آثار قديمه جي مطابق ان ۾ پهريون تابوت زمين مان صرف هڪ ميٽر جي گهرائي ۾ دريافت ٿيو ۽ ان کان پوءِ جڏهن مزيد کوٽائي ڪئي وئي ته ويجهو ئي هڪ قطار جي صورت ۾ اتي وڌيڪ اٺنيهه (29) ٻيا تابوت ۾ ملي ويا.

قديم مصر ۾ هن قبرستان ۾ اهم سماجي ۽ مذهبي شخصيات کي دفن ڪيو ويو هو. هيءَ 38 تابوت اتي ٽن هزار سالن کان ۾ وڌيڪ عرصو اڳ دفن ڪيا ويا هئا ۽ انهن جي حالت اڄ ۾ غير معمولي حد تائين سٺي ٻڌائي پئي وڃي. مصر ۾ آثار قديمه سان لاڳاپيل مامرن جي ملکي وزير ڊاڪٽر خالد العناني صحافين کي ٻڌايو: "مصر ۾ اٽويهين صدي عيسوي جي اختتام کان پوءِ هيءَ پهريون موقعو آهي ته اسان کي قديم وقت جا ۽ انساني جسمن جي باقيات وارا ايترا گهٽا تابوت گڏ مليا آهن. جيڪي اڄ ۾ حيران ڪن حد تائين سٺي

حالت ۾ آهن."

مصري حڪمرانن مطابق ابتدائي جائزي مان خبر پوي ٿي ته هزارين سال اڳ اهي تابوت تڏهن انتقال ڪرڻ وارن هارن ۽ سماجي طور تي مذهبي رهنمائن يا ڪاهنن جو ڪردار ادا ڪرڻ وارن مردن ۽ عورتن جي لاءِ تيار ڪيا ويا هئا. انهن تابوتن ۾ رکيل حنوط ٿيل انساني لاشن جو تعلق فرعونن جي دور جي هاويهين حڪمران خاندانن سان آهي، جن جو اقتدار ٽي هزار سال کان به اڳ شروع ٿي ويو هو. حيران ڪن ڳالهه اها آهي ته ايترو گهڻو عرصو گذرڻ جي باوجود ڪائيءَ جي انهن تابوتن تي ڪاري، ڳاڙهي، ۽ ڪڪي رنگ سان ٺهيل ازدها پکي ۽ طرح طرح جي گلن وارن ٻوٽن کي اڄ به واضح طور تي سجاڻي سگهجي ٿو. انهن تابوتن جي دريافت کان پوءِ فوري طور تي انهن جي تمام هلڪي مرمت ڪرڻي پئي.

آثار قديمه جي جاچ جوچ ۽ هرمت جي مصري ماهر صالح عبدالجليل نيوز ايجنسي ڊي. پي. اي کي ٻڌايو ته اهڙي انتهائي قيمتي دريافت مصري تاريخ ۽ قديم تهذيب جي خزانن جي طور تي مصر ۽ سڄي دنيا جي لاءِ ناقابل بيان اهميت رکندڙ آهي. مصر ۾ درياهه نيل جي ڪناري بادشاهن جي وادي چورائن واري علائقي ۾ انهن نوادرات جي موجودگي جو علم هڻڻ کان پوءِ انهن کي زمين مان ڪڍڻ جو ڪم تقريباً ٻه مهينا اڳ ۾ شروع ڪيو ويو هو.



ISBN = 978-969-7914-87-6

Rs. 800/-

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.